


(ڪلام حضرت پير محي الدين اعجاز شاھ)

ڪمپوزنگ : استاد امجد ڪيمٿيو

ترتيب ۽ اينڊرائيڊ اپليڪيشن:

راجا ساند



سائين سيد محي الدين شاهہ "اعجاز" راشدي

فهرست

بسم الله الرحمن الرحيم

حق موجود سدا موجود

مهاڳ

مرڻا اڳي جي مئا سي مري ٿين نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا.

مرشدنا بابا سائين محي الدين شاه راشدي تخلص اَعجاز ۽ بهلول جن جو ڪلام مطالع بعد معلوم ٿيو تہ سائين جن جو ڪلام معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان تمام مٿاهون ۽ اعليٰ آهي. هن ۾ حقيقت، فنا في الهادي، ثنا، سوز گداز، سڪ، حب وحدانيت، همہ اوست، مجاز هر لحاظ کان بهتر طريقي سان سمايل آهي. تصوف جي جهلڪ تمام نمايان آهي. مذهبي ۽ دينوي وحدانيت جو درس پڻ ڏنل آهي.

سائين جن جي ڪلام ۾ بحر وزن ۽ ڪافيا هڪ الڳ انداز ۽ منفرد طريقي سان بيان ڪيل آهن جيڪي شايد ئي ڪنهن جي حصي ۾ آيا هجن. اَعجاز سائين جي ٻولي ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن جي دلين ۾ سحر انگيزيءَ سان آستانو ڪري ٿي.

خدا جي ذات بابرڪات هر دور ۾ انسان ذات جي لاءِ انبياءِ عليهم السلام ۽ اولياءُ ڪرام پئي موڪليا، تہ جيئن اڻ ڄاڻ انسان کي الله جہ جي عرفان کان واقف ڪن ۽ پتڪيل انسانن کي قرب الاهي حاصل ڪرائي سگهن جهڙي طرح قرآن شريف ۾ آهي تہ:

يايهاالذين آمنوا اتقوا الله وتبغوا اليہ وسيلتہ و جاهدو في سبيلہ لعلكم تفلحون.
يعني اي ايمان وارو! الله ڏي ڏيان ڏيو ۽ ڏانهس وسيلو ڳوليو ۽ سندس راهہ ۾
ڪوشش ڪريو تہ جيئن افلاح يعني منزل مقصود کي پهچي وڃو. (پ 6
سوره مائده ع 6)

اهڙي طرح سان حضرت سيد محي الدين شاهہ اَعجاز رحہ بہ انهن عاشقن منجهان هڪ اهل الله آهي جيڪي پاڻ تصوف جي سلسلہ جا وسيلا ۽ امام آهن جنهن پنهنجي شاعري ۽ نظم ذريعي تبليغ ڪئي آهي جيئن پاڻ فرمايو اٿن تہ:

وٺ واٽ بصيرت وارن جي
حق ساڻ هڪا، هڪ پارن جي

هن ڪلام جو مواد اسان کي سندن ئي حياتيءَ ۾ محفوظ ۽ اکر بہ اکر درست ٿي مليو آهي. اسان جي وڏي خوشنصيبي ۽ سندن ڪرم آهي جو سندن بياض سهيڙيل ۽ اصلاح ٿيل صورت ۾ مليو. اسان شڪر گذار آهيون استاد محمد صاحب ڏنہ (خاڪي) ۽ استاد محمد عالم لغاري جن جا جن ڪتاب جي ترتيب مقدمو، سوانح عمري، راشدي خاندان جو شجرو ۽ سائين جي زندگيءَ جي باري ۾ ذڪر فڪر لکيو آهي. جن ڪتاب جي ڇپائي کان بہ اڍائي سال اڳ بياض گڏ ڪري اسان کي ڪتاب جو مواد فراهم ڪيو.

سائين جن جي اعليٰ فڪر کي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهو ڀهراڙي، جهر جهنگ، شهر تو ڙي مختلف مذهبي خيال سان واڳيل روحانيت ۾ محويت سان ٻڌن ۽ سمجهن ٿا. سائين جن جو ڪلام شايع ٿيڻ کان اڳ سندن عقيدتمندن وٽ وڏي

تعداد ۾ قلمي نسخي طور موجود آهي ۽ انهن شائقن ٻين قرب وارن تائين رسائي ڪتاب جي ڇپائيءَ کي ضروري بنائي ڇڏيو.

آئون ٿورائتو آهيان نانا نظير احمد ميمڻ جو جنهن استاد صابن خاڪي ۽ محمد عالم جي وفات کان پوءَ رسالي کي شايع ڪرائڻ، پروف چيڪنگ، مطلب هر لحاظ کان فرض نڀايو. سائين جن جي شائقن، محبت وارن جو مشڪور آهيان جن ڪتاب کي منظر عام تي رسائڻ لاءِ مالي اصلاحي سهڪار ڪيو.

حقيقت ۾ سائين جهڙن عظيم صوفي رهنمائن جي نياپي کي رسالي جي صورت ۾ سندن حياتي ۾ پيش ڪجي ها. ان لاءِ اسان وٽ تنظيمون ۽ وسائل موجود آهن پر افسوس عمل ناهي.

هي ڇاپو "سخن اعجاز" کي تخليق ڪندڙ ڏانهن، هن کي سمجهڻ وارن عقيدتمندن ۽ راڳي فنڪارن ڏانهن منسوب ڪجي ٿو.

راقم الحروف

سيد سجاد رسول شاه

2003_9_18

خميس 20 رجب المرجب 1424

مؤلف جي گذارش

نحمده و نصلي علي رسوله الڪريم

گذارش آھي تہ آئون عاجز مولف 1957ع کان اڳ حضرت بابرڪت ماھ منير سيد محي الدين شاھ عرف اعجاز علي شاھ راشدي، پير جهنڊي واري جي سوانح حيات ۽ سندن شعر و سخن جو شيدائي ٿي رهيو آهيان. سندن سغيرائي کان وٺي وصال تائين گڏ رهيو آهيان. هي خادم مولف، سائين اعجاز علي شاھ سان سفر، حضر، زندگي جي هر لمحات توڙي ڏک سک ۾ گڏ رهيو آهي. گڏ رهڻ سبب سندن چيل ڪلام 1945ع سال کان وٺي پڙهندو ۽ چوندو هيس، سندن ڪلام انڊيا جي گانن جي ڏن تي فقيرن کان پڙهندو بہ رهيس چوندو بہ رهيس. ڪاليج جي ٽريننگ واري عرصي ۾ شعر جي بحر وزن، ڪافيہ، رديف ۽ علم عروض جي ڄاڻ هئڻ سبب اعجاز علي شاھ جي شعر کي، پنهنجي ڄاڻ سارو پرکي پروڙي سگهيس. سندن سمورو ڪلام جيڪو 1945ع کان وٺي چيائون، اهو سمورو ڪلام، سندن هٿ اکرن جي صورت ۾ گنج جي صورت ۾ مون وٽ موجود آهي. ۽ ان شعر ۽ ڪلام کي سائين اعجاز علي شاھ جي رهبري ۽ پنهنجي ڄاڻ مطابق 1967ع کان وٺي 1982ع تائين سندن هٿ اکر لکيل ڪلام کي هڪ هڪ ڪلام جي اصلاح ڪرائي رجسٽرن جي صورت ۾ ڪين لکي ڏنم. جيڪو 6/7 وڏن رجسٽرن تي مشتمل آهي، سو منهنجي هٿ اکرن سان لکيل، سائين اعجاز علي شاھ جن وٽ

محفوظ آهي. جنهن ۾ حمد باري تعاليٰ، حضور جن جي شان ۾ نعت، پنجتن پاڪ جي ثنا، تصوف حقيقت، ساقي مزاج، رومانوي آڪاڻين جهڙوڪ سسئي پنهون، سهڻي ميهار، نوري ڄام تماچي، ليلان چنيسر، عمر مارئي، مومل راڻو وغيره جي ڪردارن جي صورت ۾ حقيقي رنگ پريو اٿن. ان ڪان سواءِ ناصحانہ ۽ زماني جي موجوده حالتن جو پڻ پرچار ڪيو اٿن. اهو سمورو ڪلام سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ هندي ٻولين ۾ چيو اٿن. ان بعد 1982ع ڪان وٺي اڄ تائين 1998ع جيڪو ڪلام چيائون اهو بہ مون ڪي روبرو وهاري، پنهنجي دهن مبارڪ سان ٻڌائي لِکيائون اهو بہ منهنجي هٿ اکرن سان لکيل وٽن موجود آهي. پاڻ جڏهن جُون 98ع ۾ بيمار ٿيا ۽ انهي بيماري ۾ وصال ڪيائون. ان بيماريءَ جي حالت ۾ وصال ڪان 3(ٽي) ڏينهن اڳ نسيم سينٽر حيدرآباد جي وي آ پي روم ۾ رات جو 2 بجي ۽ ٻيو ڪلام 15 جون 98ع لياقت ميڊيڪل اسپتال حيدرآباد ۾، گردن واري وارڊ ڪمره نمبر 1 ۾ سومر جي رات 2 بجي ڪلام لکيائون (هڪ 13 جون ۽ ٻيو 15 جون) اهو سندن آخري ڪلام ۽ آخري پيغام هو. جنهن ۾ پاڻ وصيت ڪري لَڏ ۽ لڄ الله پاڪ جي حوالي ڪري، هن فاني جهان جو سفر پورو ڪيائون. سندن روح 16 جون 98ع ساڍا ٽي بجي شام جو حيدرآباد مان موٽنڊي چئنل واهہ ۽ باءِ پاس روڊ جي ڀر ايڏي ايمبولنس ۾ پرواز ڪري رب العزت جي درگاه ۾ حاضر ٿيو.

انا لله و انا اليہ راجعون

آئون سندن زندگي جو ساٿي، مريد، خادم، نيازمند ٿي رهيس، سندن راز محبت ۽ قرب جوشرف حاصل اٿم.دنيائي ڪمن ڪارين ۾ سندن زمين جي سنڀال يا

مخفي صلاح مشورن ۾ مطلب تہ هر حال خيال جو مجمع آهيان. منهنجي جيءَ ڪي پاڻ جياريائون. اهو قلبي ڏيئو روشن آهي ۽ باقي زندگي تائين روشن رهندو. انشاءَ الله تعاليٰ. آئون سندن ئي دم سان جيئان ۽ هلان پيو. انشاءَ الله باقي زندگي جا ڏينهن سندن ٻڌايل ۽ ڏيکاريل شمع جي روشني ۾ بسر ڪندس.

سائين اعجاز علي شاه جي خاندان سان تمام گهڻو تعلق رهيو آهي. سندن وڏو ڀاءُ حضرت بابرڪت ماه منير، روشن ضمير سائين الحاج حافظ محب الله شاه جن جو پڻ قرب ۽ محبت ۽ صحبت حاصل اٿم ۽ سندن فرزند ياسين شاه مون وٽ سنڌي تعليم پڙهيا آهن، ان سان گڏ وڏن جي عقيدت مندي جي باعث وڏي نوازش سان ڏسن ۽ ملن ٿا.

آئون مولف حقير محمد صابر (صاحبڏنو) ذات ميمڻ وينل پنجمورو، تعلقہ هالا، ضلع حيدرآباد جو ساڪن آهيان. 33 سال پرائمري استاد ٿي رهيو آهيان،

شعروشاعري ۽ سخن منهنجو من گهريو مشغلو آهي. حقيقت ۽ حال ۾ مرشد سائين اعجاز علي شاه جن جي نظر شفقت جو نوازيل آهيان. منهنجو تخلص خاڪي بہ 1958 ع ۾ سندن ئي رکيل آهي.

ناظرين حضرات! مٿي ذڪر ڪيل احوال مان بخوبي معلوم ٿيو تہ سائين اعجاز علي شاه جن جو جملہ ڪلام (ڪافيون ۽ بيت) استاد محمد صابر (خاڪي) 6/7 رجسٽرن تي قلم بند ڪيو آهي.خاڪي صاحب سان منهنجي ڏيٺ 1951ع ۾ سندن ڳوٺ پنجمورو ۾ ٿي. ان وقت کان وٺي ڪانئس سائين اعجاز علي شاه جا

ڪلام ٻڌڻ جا موقعا ملندا رهيا. سائين اعجاز علي شاھ جن جي زيارت جو پهرئين پيري 1962ع ۾ ذوالحج مهيني جي 11 تاريخ ڳوٺ ڇن لڳ بابو اسٽيشن نواز ڏاهري ۾ شرف حاصل ٿيو. ان ڪان اڳ ساڻن ڏيٺ ويٺ ڪانہ هئي. ان پهرئين ملاقات ۾ ئي قرب جو ڪمند اهڙو وجهي ڇڏيائون. جو دير سوير سندن قدم بوسي لاءِ اچڻ وڃڻ ٿيندو رهيو. پاڻ سدائين مهر شفقت سان ملندا رهيا. ان سان گڏ سندن فرزندن ۽ فقراء جو قرب محبت تاحيات نہ وسرندو...!!!

المقصد 1993ع ۾ هڪ ڏينهن آئون سعيد آباد ۾ سائين اعجاز علي شاھ جي مئيخاني تي ويس، جتي سائين اعجاز علي شاھ ۽ سندن وڏو فرزند ارجمند سائين امان الله شاھ ويٺا هئا، سائين امان الله، سائين وڏي کي چيو تہ ڪتاب جيڪي استاد محمد صابن لکيا آهن. انهن جي صرف هڪ ڪاپي آهي. اجازت ڏيو تہ انهن رجسٽرن جون ٻيون ڪاپيون لکائي ڇڏيون. ڪن رجسٽرن جا پنا ضعيف ٿي پيا آهن. اهي نوان ٿي پون تہ بهتر ٿيندو!! گهڻي اسرار ڪان پوءِ اجازت ملي، ان بعد سائين امان الله شاھ اهو ڪم سر انجام ڏيڻ لاءِ مون کي چيو. مون وڏي شوق سان اها ڳالھ قبول ڪئي. لهذا رجسٽر منهنجي حوالي ٿيا. مون سڀني رجسٽرن جو مواد هڪ ڪلام هڪ پني تي لکي پورو ڪيو ۽ فوٽو ڪاپي ڪرائي سائين جن جي حوالي ڪيم. 550 (پنج سو پنجاھ) ڪلام ٽن جلدن ۾ ٿيا، ۽ 775 بيت بہ فوٽو ڪاپي ڪرائي، سائين جن جي خدمت ۾ پيش ڪيم. انهن جي هڪ ڪاپي يادگار لاءِ مون پاڻ وٽ رکي.

نياز محمد عالم لغاري

ساڪن سعيد خان لغاري

هالا

1998_9_8

مقدمو ۽ ان بابت فرمان هدايت

سال 59_1960 ۾ هر روز شام جو اعجاز سائين ۽ آئون سعيد آباد سيد احمد شاه جي آستانه اسپتال تي ايندا هئاسون. پاڻ ڳوٺ مهر علي شاه درگاه جا رهاڪو هئا، اتي سيد نور محمد شاه ڳوٺ وڏيرو پيرو ڳاهو لڳ پليڊنو ڪاڪو وارا پڻ ايندا هئا. ڪيترا ڏينهن راتيون عشق محبت، شعر و شاعري جون رهاڻيون رچنديون رهيون ۽ سعيد آباد ۾ ٻيا ڪيترا دوست فقير پڻ ايندا رهندا هئا.

هڪ دفعي حضرت پير سائين موجوده سائين سڪندر علي شاه جن جي دعوت سيد غوث علي شاه جن ڪرڻ فرمائي. شهر لڳ سندن باغ ۾ انتظام رکيل هو. اتي قناط ۽ طنبو ٻاهران اسان سيني سڄي رات پير سائين جن جي خدمت ۾ بنا سازن جي ڪلام ڳايا. سيد احمد شاه سائين ۽ سيد نور محمد شاه سائين پڻ گڏ هئا. اهو وقت محبت جو وسرڻ جو نه آهي. ان کان سواءِ شهر نيو سعيد آباد ۾ رئيس اميد علي خان ذات دَل پڻ شاعر ۽ سنو صحبتي هو. جيڪي هن وقت وصال فرمائي ويا آهن. ان جي پڻ اعجاز سائين جن سان دلي محبت هوندي هئي ۽ 1959ع ۾ ٻه ٽي مشاعره ڪرايائين، جن ۾ سائين اعجاز سميت اسين شامل هئاسون ۽ استاد محمد عالم لغاري توڙي ان جا عزيز پڻ ۽ ٻيا ڪيترا مشاعرن ۾ شامل ٿيندا هئا. هڪ طرح مصرع ياد آهي تہ:

جا عمر باقي اٿئي سا آه و زاري ۾ گذار.

ان طرح تي سيني شعر چيا.

زماني جي عجيب حالتن ڦيرو ڪاڏو. سڀ دوست احباب پنھنجي رمزن رنگن ۾ وڃي محو ٿيا. وري اھڙو پيار پريو ۽ نہ وسارڻ جھڙو موقعو اَج تائين ميسر نہ ٿيو آھي.

افسوس ھاءِ ڙي ظالم زمانا! تو ڪري پوريون چڏيون
نيڻ رئاڙيئي نت نيرانا تو ڪري پوريون چڏيون
(1) ياد ڪريو اج بہ لرزن ٿا زمين و آسمان
ڪربلا وارا فسانا تو ڪري پوريون چڏيون
(2) چوٽ جن کي ڏني دَرِ دَرِ سٹائي ويا
اھي درد وارا داستانا تو ڪري پوريون چڏيون
(3) ھر گھڙي ھر جاءِ تنھنجا ظلم، ضد ۽ زنگ ڏسي
ٿو پري اعجاز جانا تو ڪري پوريون چڏيون.

جهنڊي واري راشدي خاندان جو شجرو

جيئن تہ هتي آئون حضرت سيد محي الدين شاھ عرف اعجاز علي شاھ راشدي جهنڊي واري جو بيان ۽ زندگيءَ جو احوال لکندس. ان ڪري سندن خاندان جو شجرو ۽ راشدي جهنڊي وارا ڪيئن سڏيا. ان جي وضاحت ڪندس.

شجره

حضرت ماه منير روشن ضمير حضرت سيد محي الدين شاھ عرف اعجاز علي شاھ بن حضرت ماه منير سيد احسان اللّہ شاھ (سنت ڏٺي) بن حضرت روشن ضمير سيد رُشد اللّہ شاھ (خلافت ڏٺي) بن حضرت ماه منير سيد رشيدالدين شاھ(بيعت ڏٺي) بن حضرت روشن ضمير بابرڪت سيد محمد ياسين شاھ (جاين وارا) بن حضرت فيض مآب محلي الالقاب، روشن ضمير سيد محمد راشد شاھ (روضي ڏٺي) رحمة الله عليہ

راشدي (جهنڊي وارا ڪيئن سڏيا)

معلوم هجي تہ هن خاندان جو موءسس (بنياد يا پايو وجهندڙ) مٿيون حضرت پير سيد محمد راشد شاھ (روضي ڏٺي) رحمة الله عليہ آهن. ان ڪري سندن اسم مبارڪ (نالي مبارڪ) راشد جي ڪري ئي هي خاندان راشدي سڏجڻ ۾ آيو. سندن جيڪو بہ اڄ تائين اولاد آهي، اهي سڀ راشدي پير سڏيا وڃن ٿا.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد شاه جن ڪل چار شاديون ڪيون، انهن مان هڪ شاديءَ مان وڏو فرزند حضرت پير سيد صبغة الله شاه جن هئا. جن کي پڳ عنايت ٿي. انهن جو اولاد اڄ تائين پير پاڳارا خاندان جي لقب (خطاب) سان سڏيا وڃن ٿا. جن جو هن وقت اڄ حضرت پير سائين سيد سڪندر علي شاه (شاه مردان شاه) ثاني پاڳارا آهن، ۽ ٻئي شادي مان ٻيو نمبر وڏو فرزند حضرت پير سيد محمد ياسين شاه (جاين وارا) جن هئا. جن کي خلعت ۾ جهنڊو عنايت ٿيو، ان ڪري سندن جيڪو به اولاد آهي، اهي جهنڊي وارا راشدي خاندان جي نالي سان مشهور آهن.

هن ڪان پوءِ آئون راشدي جهنڊي وارن يا پير جهنڊي وارن پيرن جو احوال ۽ سندن بزرگي، علم ۽ درسگاهن جو احوال عرض ڪندس. جنهن خاندان جو چشم و چراغ حضرت سيد محي الدين شاه عرف اعجاز علي شاه جن جي زندگي آهي.

جھنڊي واري راشدي خاندان جو پھريون سجاده نشين

(پڳدار) حضرت پير محمد ياسين شاھ رحہ

جڏھن ڪين درگاھ شريف روضي ڌڻي رح تان ورھاست ۾ جھنڊو عنايت ٿيو تہ پاڻ اتان ھجرت ڪري ڳوٺ فريد آباد ۾ ويٺا. جتان پاڻ شاھ جي ڳوٺ آيا. اتان ھجرت ڪري اچي ڳوٺ وڳڻ تعلقہ رتي ديره ۾ ضلع لاڙڪاڻي ۾ ويٺا. ڪجھ وقت بعد ڪين اتان لڏڻو پيو ۽ اچي باقراڻي لڳ ٺلاھ شريف جي ڳوٺ ۾ ويٺا. سندن مزار شريف پڻ ٺلاھ شريف ۾ آھي. ۽ اتي جايون ٺھرايائون منشا ايزديءَ ڪين اتي بہ ويھڻ نہ ڏنو. پاڻ عيال سميت اتان روانا ٿيا موجوده ڳوٺ پير جھنڊي جي ڳوٺ ۾ رھڻ جو ارادو ڪيائون. جيئن تہ اھا زمين ھالا وارن مخدوم صاحبن جي ھئي جن کان اجازت وٺي اتي جايون ٺھراياءون ۽ ڳوٺ بڌي اچ تائين سڪونت پذير آھن. ان ڪري ڪين (پير سائين جاين وارا) خطاب سان سڏيو وڃي ٿو. سندن ملفوظات مڪمل طرح مون وٽ موجود آھن. جيڪا پير سائين حاجي ھدايت الله شاھ راشدي گڏ ڪئي. جيڪا ناشر محمد حسن ترڪ سيڪريٽري شاھ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد طرفان شايع ڪرائي وئي. ھن ۾ شريعت بابت مسئلا، ھدايتون ۽ ناصحانہ اقوال سھيڙيل آھن. پاڻ علماء سان گڏ اھل الله روحاني رھبر پڻ ھئا ۽ وقت جا روحاني شاعر پڻ ھئا. سندن ٿيھن ڏينھن تي ٿيھ بيت ٺھيل آھن. جن جو مثال ھڪ بيت پھريون ۽ ٻيو بيت ٿيھون عرض رکان ٿو. ملاحضہ ڪيو:

پهرئين ڏينهن. (1)

پهرئين ڏينهن پرين ري هئي ساهه گهڻي سختي،
دم دم در دانهون ڪري روح اها رختي،
جي بخت ڏئي بختي، ته ملان محبوبن کي.

ٽيهين ڏينهن (2)

ٽيهين ٽڪاٽا، آيم ياد عجيب جا،
سي ڪڏهن وسرن ڪينڪي، هي جي حبيبن هاٽان،
ي۔ا۔س ۔ي۔ن چوي يار لاءِ ٽيا نجهر نماٽان،
صاحب سياٽان، ميڙ ته ماندائي لهي.
ان کان سواءِ به بيت ۽ 14 ڪافيون ملفوظات ۾ مڪمل آهن.

الراقم الحروف

فقير صوفي صابن "خاڪي" ميمڻ

پنج مورو

باب پنڌرهون

فصل پهريون

منجھ عشق ۽ محبت بي قراري مالڪ جي

نقل ڪندڙ محمد جعفر وينل ڳوٺ ڪرم جو پاڻ فرمايائون تہ مجني ڪان پڇائون تہ قرآن پڙهيو آهين، تنهن چيو تہ هائو جي پڙهہ تڏهن پڙهيائين. سبحان الذي اسري بعبده ليلا چي اڳتي پڙهہ چي بس قرآن ليلا تي پورو ٿيو تڏهن چوندا هوا تہ ادا يارو ظاهري عاشق کي ايتري سچائي آهي تڏهن الله تعاليٰ جي عاشق کي تہ وڏيڪ سچائي رکڻ گهرجي.

نقل ڪندڙ فقير مٿيون تہ قيامت جي ڏينهن الله مجني کي دوزخ جي هڪ پاسي وهاريندو ۽ ٻي پاسي ليلا کي پوءِ جڏهن مجني جي اک پوندي ليلا تي تڏهن ڪاهي پوندو دوزخ ۾ پوءِ دوزخ چوندو تہ ڪيڏو هن کي جو مون کي ٿو ساڙي تڏهن الله تعاليٰ چوندو پنهنجن عاشقن کي ڏسو ظاهر جو عاشق مخلوق جو تنهن ڪان دوزخ ٿو دانهون ڪري ۽ اوهين ٿا دوزخ ڪان ڊڄوائين چئي فرمائيندا هئا تہ ادا يارو دعوي ٿا رکو الله تعاليٰ جي عشق جي پر جيسين تائين ٻانهون ٿو بهشت طلبي ۽ الله تعاليٰ جي مرضي دوزخ ڏي هن جي مرضي آهي وصال ڏي الله تعاليٰ جي مرضي هئي فراق ڏي تيسين تائين دائمي مرضي جي عاشق کي گهرجي تہ الله تعاليٰ جي مرضي جو طالب هجي اهڙو حال آهي اهو جيڪو معشوق جي مرضي ۾ فراق ۾

دوزخ اھو آھي جيڪا ھن جي مرضي آھي يعني معشوق مرضي وارو دوزخ ۾ بھشت آھي.

نقل ناقل ساڳيو تہ پاڻ فرمائيندا ھئا تہ پتنگ کي ڇا مجال آھي جو مچ کان پاڻ جھلي پر ڪا ساعت مچ پنھنجا شعلا ڍرا ڪيا ھوا ھن تنھن ڪري ايترو جھليو جنھن مھل الا اڏاٽا تنھن مھل پتنگ ائين مچ ۾.

نقل ناقل فقير ساڳيو تہ پاڻ فرمائيندا ھئا تہ:

جان جان مالھڙي ڇڄي ڇمڪو نہ ٿئي تان تان ڳالھڙين پرين پنھنجو نہ ٿئي

فصل ٽيون

منجهه وصال ڪرڻ انهين حضرت قدس الله سره جي

نقل ڪندڙهي مسڪين تہ پاڻ سڳورن وفات فرمائي تاريخ پندرهين مهينو رجب سنہ 75ھ ٻارنهن سو پنجهتر هجري ڏينهن ڇنڇر جو وقت اشراق جي انهين وقت منجه تي فرزند ساڻ هوا. هڪ پير رشيد الدين شاه ٻيو هي مسڪين حاجي هدايت الله شاه ٽيون پير ميان

صديق رسول شاه ۽ سندن خواهر زادو پير ميان عبدالرسول شاه بہ ساڻ هو ۽ خليفا گهڻا صحبت ۾ هوا خليفو مراد علي نظاماڻي ان وقت وڏو هو انهن مڙني جي مشاورت سان اتر ڏي موٽڻ ٽيو راجي خاناڻي جي شهر ۾ ڪين غسل ڏيڻ ٽيو ۽ راجي نظاماڻي جي ڳوٺ ۾ ڪين اچي مدفون ڪيائون اصل سندن مرضي بہ ائين هئي جو فقيرن نقل ڪيا تہ پاڻ اها جاءِ ڏسي چيو هوائون تہ ڪي ڏينهن اچي هت وهنداسين. پوءِ ٻارنهن مهينا اتي رهڻ هو پوءِ سندن وڏو فرزند پير فضل الله شاه سندن جسم مبارڪ کي ڪڍائي اچي جاءِ ڪرائي تلاه مبارڪ تي جاتي اجان سوڏو روضو مبارڪ آهي. پاڻ سفر ۾ هوا مريدن خدا جا اسم وجهي چاڙهيا هوا ربيع الاول ۾ پاڻ جاءِ تئون چڙهيا هوا ساڍا چار مهينا سفر ڪيو هوائون جو وفات فرمايائون.

انا لله و انا اليہ راجعون

فقط مورخہ 5 جمادي الاول 46ھ 13

ڪافي نمبر تيرهون

رک پنهنجي منجه پناه غرضن وو غير جي کان

1_من شر ما خلق جي شر کي منهنجا سائين مان ڏهون, ڪر منعاه.

2_بخشيو ۽ بخشيائيو منهنجا سائين هن گولي جا تہ گناھ.

3_پرتي اٿو وو سپين پرئين منهنجا سائين هن ٻانهي سندي ٻانهن.

4_ اهل ۽اولاد کي منهنجا سائين سئين سمجهايو راه.

5_سيني ساڻ ووسيد کي منهنجا سائين دين ڏيو داناه.

جهنڊي واري راشدي خاندان جو ٻيو پڳدار

حضرت پير سيد محمد ياسين شاھ (جاين وارا) رحمتہ الله عليہ جن جي رحلت بعد سندن وڏو فرزند حضرت پير سيد فضل الله شاھ جن ٻيو نمبر پڳدار ٿيا. ٿوريئي وقت ۾ ڪين حرن پاٻوڙي لڳ شھيدن جي پٽ تي شھيد ڪيو سندن مزار ڳوٺ پير جهنڊو ۾ آھي. ان بعد سندن شھادت بعد پڳ ٽئي نمبر وڏي ڀاءُ حضرت پير صديق الرسول شاھ (رح) جن کي ٻڌائي ويئي. پڳ ٻڌڻ بعد پنھنجي مٿي مان پڳ لاھي، حضرت پير سيد رشيد الدين شاھ (بيعت ڌڻي) جن جي مٿي ۾ وڏي ۾ پڻ فرمايائون تہ اسان ھيءَ پڳ ڪين ڏيون ٿا، ڪين سونھي ٿي. ۽ پاڻ ان جا لائق آھن.

حضرت پير رشيد الدين شاھ (بيعت ڌڻي) رحمتہ الله عليہ جن حضرت پير سيد فضل الله شاھ جن جا سڳا ڀائر ھئا.

پڳدار نمبر ٽيون جهنڊي واري راشدي خاندان جا

حضرت پير رشيد الدين (بيعت ڌڻي) رحمتہ الله عليہ پير سائين جاين وارن جو ٽيون نمبر وڏا فرزند هئا ۽ ٽيون نمبر پڳدار ٿيا. پاڻ وڏي مرتبي ۽ روحانيت جي فيض سان نوازيل هئا. جيتوڻيڪ عالم نہ هئا تہ بہ وڏا وڏا علماءَ سڳورا ڪائنن مسئلا حل ڪرائيندا هئا بيعت ڌڻي ان ڪري سڏيا جو جيڪو بہ سندن مريد ٿيندو هو. ان کي ذڪر ڏيڻ وقت (هٿ تي واعدو) بيعت وٺندا هئا تہ شريعت جي پيروي ڪندين سندن روحاني ڪافين جو مجموعو جيڪو ليٿو جي ڇاپي ۾ آهي، جنهن ۾ منڍ ۾ 11 بيت چار لوليون ۽ هڪ چلو شريف آهي ۽ جملہ 209 اکرين بہ سو نو نورِ هدايت ڪافيون آهن. ان کان سواءِ سندن ملفوظات مبارڪ پير سائين بيعت ڌڻي پير رشيد الدين شاه رحمتہ الله عليہ (ثالث جهنڊي وارو) ناشر الحاج پير سيد وهب الله شاه راشدي پير جهنڊي واري نشر ڪري عام فيض لاءِ جماعت ۾ ورهائي آهي. سندن جنم 1254هجري مطابق 1838ع ۾ ٿيو ۽ ٽيهٺ ورهن جي ڄمار ۾ 1317هجري مطابق 1899ع ۾ هن جهان مان رحلت ڪيائون. انا لله وانا اليہ راجعون.

سندن ڪلام جو مجموعو هن کان اڳ حيدرآباد جي سيٺ حاجي احمد پاٽوليءَ رهندڙ فقير جي پڙ واري 1911ع ۾ شايع ڪرايو هو. سندن مزار شريف ڳوٺ پير جهنڊو ۾ آهي، سندن نقل ۾ ڪجه ڪافيون ڦوٽو اسٽيٽ صورت ۾ عرض رکان ٿو:

چلي جو بيان

سڻ چلي دي ڳالھ چلا اج نهين ڪالھ

1۔ سڻ چلي دا بيان نہ ها ملڪ مڪان
نہ ڪو رب رحمان نہ ڪو آدم انسان
تڏاهن ٻڌيا دلال

2۔ ڪنز مخفي آها چلي آ جاڳايا
تڏاهن پيس رايا رايا ٿيا سجايا
بات ٿيس برحال

3۔ وچون عدم ٿيا اظهار نور سپو نروار
سهڻي ڪيتا سينگار جُڙ بڻ جنسار
جلوي دا جمال

4۔ زلف وليل سياه جبين والشمس واضحيٰ
ابرو سجده گاه مزگان سوره سپاه
ڪوثر عين ڪمال

5۔ انف تيغ عريان رزمگاه رخدانُ
لب ياقوت مرجان لولو هن دندان
ذنخ حبس خيال

6۔ حسن ڪيتا حڪام ٿيا عشق امام
ان اعرف سرجام ڪرو جلد تمام

ري فرصت في الحال

7_ حسن ماريا دم چايا عشق عَلم

پردا ڦاڙ عدم ايجها ڪرڪي عذم

ٿيا ذوالجلال

8_ هستي تخت ٻڌيا موتي خلقت جڙيا

قدرت نال ڪڙيا شاهنشاه چڙهيا

ناز ڪر نونهال

9_ سر تاج وحدت احد الله حشمت

لم يلد صفت صاحب صمديت

بيحد بي مثال

10_ ڪيتس ڪن فرمان فيڪون يڪ زمان

سارا جملہ جهان ڪُل دارين دوران

خواهش خالق دي نال

11_ بڻ وچون بيحد ٿي هويدا حد

سڀ ازل ابد جڙيا جان جسد

ٿيا شڪل شمال

12_ ڪثرت وچون ٿي قسم ڪل قسم ٿيِ اِسم

شش جهات جسم رشيد الدين ريت رَسم

بڻ ٿي بر حال

ٺله :اُڪنڊي آهيان ، واٽون نهاريان، موٽ مران ٿي محرم يار ڪين وساريان.

1_ محبت ماري ڪئي دل موڳي، جان جسو منهنجو تو لئہ جوڳي،
دم جدا توکان دلبر ڏار.

2_ محب ملڻ لاءِ ماندي دل موري، راتو ڏينهان جيءُ ۾ جهوري،
تن ۾ تنهنجي تانگه تنوار.

3_ ساهه سهڻل سائين توکي ساري، پلپل پسڻ لئہ پورهيت پڪاري،
لهج سڪائين جي ڪا سنڀار.

4_ رشيدالدين تي ٿيو اوهين راضي، معاف ڪريو سڀ مديون ماضي،
ڪيو ڪا وصل جي گويا گفتار.

(3)

ٺله: ڪيهو بي رنگي رنگ بنايو آ. بي مثل، مثل ۾ مايو آ.

ظاهر باطن هر مظهر ۾، لعلڻ پاڻ لڪايو آ.

يعسني قلب المومن، سارو سر سمايو آ.

الانسان سري سمجه اشارو، فائق اي فرمايو آ.

رشيدالدين چوي رمز انهيءَ جي، هِنيون حيرت ۾ آيو آ.

شجرو شريف پيران راشديه (اصحاب العلم)

عبد مناف 4_ حضرت امام باقر رضہ

هاشم 5_ حضرت امام جعفر صادق رضہ

عبدالمطلب حضرت امام موسيٰ ڪاظم رضہ

ابو طالب حضرت امام علي رضا رضہ

1_ حضرت علي ڪرم الله وجه سيد شاهه حسين رح

2_ حضرت امام حسين رضہ سيد شاهه عبدالله رح

3_ حضرت امام زين العابدين رضہ سيد شاهه هارون رح

سيد شاهه حمزه رح سيد شاهه ناصر الدين رح

سيد شاهه عمر رح سيد شاهه مير علي رح

سيد شاهه اسد الله رح سيد شاهه حسين رح

سيد شاهه زيد رح سيد بولڙ شاهه رح

سيد شاهه عباس رح سيد سنجر شاهه رح

سيد شاهه علي مڪي رح لڪياري (وارد سنڌ) سيد ڪنڙ شاهه رح

سيد شاهه چڪڙ رح سيد عثمان شاهه رح

سيد شاهه حسين رح سيد شڪر الله رح

سيد شاھ محمد رح سيد فتح محمد رح

سيد شاھ محمود رح سيد محمد امام رح

سيد شاھ بهاءُ الدين رح سيد محمد بقا شهيد رح

سيد شاھ شهاب الدين رح سيد محمد راشد رح (روضي ڌڻي

سيد شاھ فضل الله رح سيد محمد ياسين رح (سائين جاين وارا) صاحب العلم الاول

سيد شاھ عباس رح سيد فضل الله شاھ شهيد رح (صاحب العلم الثاني)

سيد رشيد الدين شاھ (صاحب العلم ثالث)

سيد رشد الله شاھ رح (صاحب العلم الرابع) خلافت ڌڻي

سيد ضياءُالدين شاھ رح (صاحب العلم الخامس)

سيد وهب الله شاھ مدظلہ (صاحب العلم السادس) موجوده

سيد رشد الله شاھ رح صاحب العلم الرابع کان پوءِ جهنڊي وارا راشدي خاندان جي پڳ ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي.

حضرت پير احسان الله شاھ (سنت ڌڻي) صاحب العلم الخامس

حضرت الحاج حافظ محب الله شاھ (صاحب العلم السادس)

سيد محمد ياسين شاھ (صاحب العلم سبعت) موجوده

چوٿون پڳدار جهنڊي واري راشدي خاندان جا

حضرت پير سيد روشن ضمير رُشد الله شاھ (خلافت ڏٽي) رحمت الله عليہ جن ٿيا. جيڪي ثالث پڳدارحضرت پير سائين سيد رشيد الدين شاھ بيعت ڌڻي جن جا وڏا فرزند هئا.

حضرت پير سيد رُشد الله شاھ جن وقتن فوقتن ڪل پنج شاديون ڪيون. اولاد صرف ٽن شادين مان ٿيو. پهرين شادي ٻاهران مريدن مان ڪيل هين جن مان جملہ ڇه پٽ ۽ چار نياڻيون (معصوم) ڄاوا. جن مان هن وقت ڪوبہ زنده نہ آهي.

ٻاهران مريدن مان شاديءَ مان وڏو فرزند حضرت پير سيد ضياءُ الدين شاھ جن هئا ۽ ٻي شادي پنهنجي چاچي حضرت پير فضل الله شاھ شهيد جن جي نياڻيءَ سان ڪيائون. جنهن مان صرف هڪ فرزند حضرت پير احسان الله شاھ جن تولد ٿيا، جيڪي حضرت قبلہ سائين محي الدين شاھ عرف اعجاز علي شاھ جن جا والد محترم هئا ۽ پيير سيد حضرت رشد الله شاھ جن اعجاز سائين جا ڏاڏا هئا. پاڻ پنهنجي والد محترم صاحب جن سان سفرِ زندگي ۾ چاليه سال

گڏ رهيا ۽ روحاني فيض حاصل ڪيائون. بلند درجي جا مفڪر، عالم، اهل الله هئا.

انگريزن سال 1338 هجري ۾ مسلمان حڪومتن

جي زور پيچڻ لاءِ ترڪ ۾ شريف حسين جي خلافت لاءِ هندستان جي ڪن ويڪائو عالمن کان لالچ ڏئي صحيحون ورتيون. پر خلافت جو ترڪ ۾ حقدار وحيد الدين هو. ان لاءَ پاڻ تحريڪ شروع ڪيائون. جيڪا هندستان ۾ زور پڪڙي ويئي ۽ هندستان توڙي سنڌ ۾ جلسا ڪري تحريڪ کي عالمن کان رايا وٺي زور وٺارايائون. پاڻ ان تحريڪ جا اڳواڻ هئا ۽ کين خلافت تحريڪ جو اڳواڻ ڪيائون ان ڪري "خلافت ڌڻي" جي خطاب سان مشهور ٿيا.

سندن ڪرامتن، ڪافين، غزلن توڙي سي حرفي روحاني رمزن ۽ راه هدايت سان محفوظ آهي ۽ پڻ سندن ملفوظات هٿ اکرن ۾ درگاھ شريف پير جهنڊي ۾ موجود آهي.

پير سائين (خلافت ڌڻي) 1277 هجري ۾ تولد ٿيا ۽ ماه رمضان 1340 هجري 63 ورهن جي عمر ۾ وفات فرمايائون. سندن مزار شريف پير جهنڊو ۾ آهي (انا لله و انا اليہ راجعون)

ملفوظات مان هڪ نقل: پاڻ خلافت ڌڻي جهنڊو چانديءَ جو ڪٽي هلندا هئا، فرمايائون تہ هي جهنڊو امام صاحب حضرت مهدي عليہ السلام جن جو آهي. اوهان مان جيڪو بہ ان وقت (سندن ظهور) کي پهچي تہ هي جهنڊو ان جي حوالي ڪجو ان جي امانت آهي.

ناقل جمع فقير تہ تاريخ 20 ربيع الثاني 1333هجري، رپ جي پرسان محمد فقير ٻبر جي دعوت تي هئا.اتي مسجد ۾ فجر نماز پڙهي وينا هئا. حاجي الله بخش (الله

بخش) ڪافي پئي چئي. جاڻ مسلماني ڪير ٿو ڄاڻي – ري ۽ شرڪ رب ڪير سڃاڻي – پوءِ مٿئين فقير ان جي معنيٰ پڇي پاڻ فرمايائون تہ الله جل شانہ جا ٻانها ڪن ڪمن ۾ سندس امر موجب ساڻس گڏ آهن. پوءِ جي گڏ ٿيا تہ اهو بہ شرڪ ٿيو جهڙو نبي ولي هدايت ڪندا آهن ۽ هادي الله تعاليٰ آهي. پوءِ جڏهن نبين کي هادي ڪري سمجهي، تڏهن مسلمان ٿئي. سو اهو شرڪ جڏهن ڪري تڏهن پورو مسلمان ٿئي ۽ فرمايائون تہ الله تعاليٰ جي امر سان شرڪ ڪيو ويو تہ اهو ڏوھ نہ آهي. فرمايائون تہ اڄ اسان کي بہ ڳالهين ڪرڻ جي موڪل مليل آهي، جيڪي الله تعاليٰ ٿو ٻڌائي، فرمايائون تہ جيڪي فقير وچن ٿا، سي ائين آهن جيئن پراڻا ڪپڙا لاهجن ٿا تہ وري اڇا سنا پائجن.

ولادت ۽ پائر :

سيد محمد ياسين شاھ جي وفات بعد ، سندن وڏو فرزند سيد فضل الله شاھ سجاده نشين ٿيو.سيد فضل الله شاھ جن جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ سندن ٽيون نمبر پاءُ سيد رشيد الدين صاحب العلم الثالث سجاده نشين ٿيو. چاڪاڻ تہ پير شهيد رح کي ڪوبہ نرينو اولاد ڪونہ هو. سال 1277 هجريءَ ۾ کين هڪ فرزند ڄائو جنهن جو نالو رشد الله رکيائون. جيئن پاڻ هڪ هنڌ ۾ پنهنجي والد مرشد کي دعا گهرندي چيو اٿن :

رشد الله رکيو اوهان نالو عجب ابي،
اسم مسمي کي ڪيو موافق اي محبي.

سيد رشد الله جن ڪان سواءِ ٻيا ٻہ چار پٽ رشيد الدين شاه رح کي ٿيا: 1_ سيد امام الدين شاه 2_ سيد محمد حسين شاه 3_ سيد محبوب شاه 4_ سيد اسماعيل شاه.

سندن ڪلام:

پير سائين سيد رشد الله شاه جن سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ۾ شعر چيو آهي. سندن ڪلام سندن زندگيءَ ۾ ئي گڏ ڪيو ويو ۽ مون وٽ جيڪو نسخو آهي سو پير سائين بديع الدين شاه صاحب جن ڏنو.

هي نسخو سندن استاد قاضي فتح محمد مرحوم جو لکيل آهي جنهن جا ڪي صفحا ڦاٽي ويا آهن تنهن ڪري فارسي غزل ۽ ڪجھ ڪافيون گم آهن. ٻيو بياض سندن خاص خادم حافظ محمد امين صاحب متياري واري وٽ آهي. حافظ صاحب جو چوڻ آهي تہ اهو بياض مڪمل آهي راقم جي سامهون جيڪو بياض آهي ان ۾ هيٺين طرح سندن شعر لکيل آهي . ڪافين جي مٿان سر ۽ راڳڻيون بہ لکيل آهن.

فارسي غزل ٻارهن، سنڌي غزل ٻاويه، سنڌي بيت ست، هڪ ٿيه اکري، هڪ لولي، مولود چار، هڪ سهرو، سنڌي ڪافيون ٻہ سو ٻارهن ۽ سرائڪي زبان ۾ ڪافيون چوڏهن. سندن ڪلام جو انتخاب هيٺ ڏجي ٿو:

ابيات

1_ مهر ميهر جي ڪندي مڪڙي منجھ مهراڻ،

سڪان سونهپي ساهڙ ڪي ونجه ونندي پاڻ،
اهڙي پر اچاڻ، لڙ لنگهندي لهرين جا.

2_ چڙي، چري چت چريو ٿيو ڪڙي ڪئي خيال،
ساهيو نئي سائنر ڏي ساهڙ جي سنڀال،
چيٽو هيڏيءَ چر جو چڪن ليکي چال،
ويجهو ڏسيو وصال ، ڪڏيو پوي ڪنن ۾.

3_ سرسٽي سانپارن جو سهٽي سنبري اٿي،
گهڙي چڙهي گهرجي، گهيڙئون ڪين گٿي،
وجي ات الٿي، جتي پاڻ پتار جا.

ٿيه اکري

1_ ت . تي توڪل ترهو ٻڌائون ساهي،
قصدا قابل ڏي هليا ڪانوٽيا ڪاهي،
لا يخافون لومت لائم ڊپ ڇڏيائون ڊاهي،
لاڳاپا لاهي ، پيير وڌائون پڙ ۾.

2_ د دال دل ۾ دوست جو دم دم دور پڙهن،
يذڪرون الله قياما وقعودا ڪيڏهن ڪين لڙن،

ڪار انهيءَ ۾ ڪڙهن ، راتو ڏينهان ڪاپڙي.

3_س سين سدائين سافروساميئڙا آهين،

قوموا لله قانتين خيال نہ لاهين،

ڪاهيو پيا ڪاهين، مهيسي ان ماڳ ڏي.

4_ ي يبتغون فضلا من ربهم سيد چئي سامي،

لا الہ الاالله محمد رسول الله تنين تمامي،

آڳي سين انجامي، قالوا چئي ڪنچير ٿيا.

پنجون جھنڊي وارا:

راشدي خاندان جھنڊي واري جن جو پنجون پڳدار حضرت پير سائين احسان الله شاھ جن 1356 هجري ۾ ڳوٺ پير جھنڊي واري تان هجرت ڪري نئين ڳوٺ درگاھ شريف تي اچي ويٺا. سندن ولادت 1313 هجري 27 رجب المرجب آھي. پاڻ پنھنجي والد صاحب حضرت پيرسائين رشد الله شاھ (خلافت ڌڻي) جن جي زير هدايت 27 سال رهيا. ظاهري روحاني فيض سان سرشار ٿيا ۽ والد صاحب جن جي ملفوظات شريف تنوير القلوب وصراط المطلوب ۾ ڪانئس روايت ڪيل 43 نقل سندن والد صاحب جن جا بيان ڪيل آهن. اها سڄي ملفوظات شريف هٿ اڪرن ۾ محمد قاسم ڪلوئي بلوچ جن جي 25 رمضان المبارڪ 1371 هجري ۾ لکي پوري ڪيل آهي. جنهن ۾ باقي نقل مريدن ۽ حضرت پير ضياءُ الدين شاھ سائين جن ڪان بيان فرمايل آهي. حضرت پير سائين احسان الله شاھ جن شريعت ۽ حقيقت سان مالامال هئا. جيئن تہ پاڻ ڪل 3 ٽي شاديون ڪيائون. 1_ شادي ٺلاھ شريف مان پير ميان سائين مٺن شاھ جن جي نياڻي سان ڪيائون. جنهن مان بہ فرزند الحاج حافظ محب الله شاھ رحمة الله عليہ (علم ڌڻي) ۽ فرزند حضرت ابو محمد بديع الدين شاھ رحمةالله عليہ جن تولد ٿيا.

ڇهون جھنڊي وارا

راشدي خاندان جا پڳدار الحاج حافظ پير سائين محب الله شاھ جن ٿيا. ھن وقت سندن وڏو فرزند پڳدار پير سائين سيد محمد ياسين شاھ جن حال حيات آھن. 2۔ ٻين شادي پنھنجي خاندان مان استيشن ڪٽياڻ وٽان پير سيد امير الحسن شاھ جي نياڻي سان ڪيائون جنھن مان صرف ھڪ فرزند حضرت سيد محي الدين عرف اعجازعلي شاھ سائين جن تولد ٿيا جن جي ذڪر بابت اڳتي بيان ڪيو ويندو. 3۔ ٽين شادي پنھنجي چاچي محبوب شاھ جن وٽان ڪيائون جنھن مان اولاد ٿيو پر ننڍي ھوندي وصال ڪري ويا.

پاڻ شريعت ۽ سنت جا ايترا پابند ھئا جو پنھنجي چاچي محبوب شاھ کين چيو تہ اوھين رفع الدين ٿا ڪريو. ان ڪري اوھان کي پنھنجي نياڻي جو سڱ نہ ڏيندس پاڻ فرمايائون اوھين سڱ ڏيو يا نہ ڏيو پر آئون حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي سنت جي پيروي ڪندو رھندس ۽ موٽي آيا. ان بعد ڪجھ وقت کان پوءِ سندن چاچو حضرت محبوب شاھ وٽن ھلي آيو ۽ پنھنجي نياڻي جو سڱ ڏئي ويا. ان بعد شادي ڪيائون ۽ پاڻ حضرت احسان الله شاھ جن (سنت ڏٽي) سڏيا ۽ اج تائين (سنت ڏٽي) جي خطاب سان مشھور آھن.

پير سائين حضرت احسان الله شاھ (سنت ڏٽي) رحمة الله عليہ جن وڏن کان وٺي قادري طريقي جا قائل ٿيا. سندن ذڪر جون چار تسبيحون لا الہ الاالله_ الاالله _الله _ھو. آھن . اج تائين سندن خاندان ۾ ذڪر جو ورد دل جي آواز سان ھلندو رھي ٿو. پاڻ علماء تہ ھئا پر اھل الله ۽ فقير صفت درجي جا محسن ۽ منور پڻ ھئا. ان ڪانسواءِ روحاني توڙي آفاقي ۽ موروثي شاعر پنھنجي وڏن وانگر سنڌي توڙي فارسي شعر

چيل آهن. سندن سمورو شعر محمد عثمان خاصخيلي نوڙهن واري وٽ آهي، پر پاڻ وصال ڪري ويا آهن. آخر پاڻ 15 شعبان 1358 هجري ۾ درگاه شريف پيير جهنڊو ۾ وصال فرمايائون انا لله وانا اليہ راجعون.

سندن مزار شريف پڻ درگاهہ شريف تي آهي. سندن وصال بعد سندن وڏو فرزند الحاج حافظ محب الله شاه (علم ڏٽي) جن پڳ تي ويٺا.

سندن ڪتب خانو ۽ مدرسہ اڄ پڻ اوج ۽ اقبال سان مشهور آهي جتي ڪيترا ئي ٻاهران طالب ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

سندن جهنڊو مبارڪ جنهن جي مٿان محمد ۽ هيٺان ياالله چانديءَ سان ٺهرايل بيرڪ سميت اڄ پڻ موجود آهي ۽ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي مهر مندڙي مبارڪ سان حضرت علي عليہ سلام جن جو لکيل خط مبارڪ هرڪل جي بادشاه ڏانهن ڦوٽو اسٽيٽ ڪاپي سان پڻ موجود آهي.

پيير سيد حضرت احسان الله جن جماعت سان ڪبڙ جي وڻ جي هيٺان ويٺا هئا تہ هڪ مريد ڪبڙ مان پن ڪريل ڪنيو جنهن تي ڪلمو پاڪ (لا الہ الاالله محمّد رسول الله صلي الله عليہ وسلم) لکيل آهي،جيڪو اڄ تائين لوه جي دٻليءَ ۾ ڪپهہ تي رکيل محفوظ آهي،جنهن جي مٿان ڪائو آهي. ان مان پوري طرح پڙهي سگهجي ٿو. حضرت پيير سائين الحاج محب الله شاه جن سان هن ناچيز جون ڪيترا پيرا روح رهاڻيون ۽ دعوتون ٿيون. پاڻ نهايت حليم طبع ڪلمڪ ۽ فياض هئا ۽ عاشق رسول ۽ روحاني شاعر پڻ هئا. سندن شعر في الحال مون وٽ نہ آهي. اميد تہ هٿ ڪري مثال عرض رکندس. سندن شعر ۾ تخلص "محب" آهي جو خود پاڻ مون

ڪي ٻڌايائون. ديني مسائل بابت وڏي ڄاڻ رکندا هئا. سندن تصنيف ڪيل ڪيترا ئي ديني ڪتاب سندن ڪتب خاني ۾ اڄ پڻ موجود آهن. پاڻ ٻاهرين ملڪن جي دعوت تي ترڪي، عربستان وغيره ملڪن ۾ جلسن ۾ ديني تبليغ تي ويا ۽ عربي تعليم ڪان سواءِ ايم اي انگريزي ۾ پڻ ڪيائون پاڻ آخري وقت ۾ دل جي دوري سبب ناخوش رهيا. پاڻ 1921 مطابق 19 محرم الحرام 1340 هجري آچر رات 2 بجي ڳوٺ جهنڊي ۾ ولادت فرمايائون. ديوان مشتاق اسپتال حيدرآباد ۾ دل جي وارڊ ۾ 19 شعبان 1415 هجري مطابق 21 جنوري 1995ع ڇنڇر جي رات 4 بجي عيسوي سن موجب 73 ورھ 3 مهينا 19 ڏينهن ۽ هجري سن جي مطابق 75 ورهيہ چار مهينا 20 ڏينهن جي عمر ۾ وفات ڪيائون. انا لله و انا اليہ راجعون.

پٽيان 3 پٽ هرهڪ 1۔ وڏو فرزند محمد ياسين شاھ 2۔ محمد راشد شاھ 3۔ محمد قاسم شاھ جيڪو وڏو عالم ، لائبرري ۽ مدرسہ جو مهتمم پڻ آهي.

سوانح حيات

نحمده و نصلي عليٰ رسوله الڪريم

بسم الله الرحمن الرحيم

زندگي جو احوال، اسم شريف، ولديت

(1)اسم شريف

سيد پير ماه منير حضرت محي الدين شاه رحمة الله عليه عرف اعجاز علي شاه بن حضرت پير سيد احسان الله شاه راشدي رحمة الله عليه (سنت ڏٽي) جن جا ٻيءَ شاديءَ مان اڪيلا فرزند هئا. حضرت سيد احسان الله شاه راشدي جهنڊي واري اها شادي جيڪا اسٽيشن ڪنياڻ لڳ ڳوٺ ڪانٽڙي مان سيد امير الحسن شاه جن جي نياڻيءَ سان ڪيائون.

(2) ولادت:

پاڻ اصل ڳوٺ پير جهنڊي واري ۾ تاريخ 12 ربيع الاول 1348 هجري سومر جي رات 4 بجي مطابق 1929ع ۾ تولد ٿيا.

(3) تعليم ۽ تربيت:

پاڻ تقريبا 6 ورهن جي عمر جا ٿيا ته ڪين ڳوٺ پير جهنڊو ۾ مسجد شريف ۾ مولوي شفيع محمد مگريه ڳوٺ چٽن شاه تعلقه سڪرنڊ جو رهاڪو هو. ان وٽ قرآن

شريف ناظران پڙهڻ لاءِ وهاريو ويو. جنهن وٽ ڳوٺ جا ٻهراڙي جا ٻار پڙهندا هئا. 8 سالن جا ٿيا تہ 29 سيپارا پورا ڪيائون. پاڻ ننڍي هوندي مستانہ خيال ۾ هوندا هئا. ان ڪري والد صاحب کين بهلول جي نالي سان سڏيندا هئا. جيڪو نالو پنهنجي شعرن ۾ ڪٿي ڪٿي آندو اٿن.

ان وقت پڳ جو تڪرار زور وٺي ويو هو. ان ڪري سندن والد صاحب حضرت پير سيد احسان الله شاه (سنت ڏٽي) رحمةالله عليہ جن هجرت ڪري 1356 هجري جي پڇاڙيءَ واري مهيني ذوالحج ۾ ڳوٺ پير جهنڊو کان اتر طرف اڌ ميل فاصلي تي درگاه شريف جي نالي نئون ڳوٺ ٻڌائي اتي سڪونت اختيار ڪيائون.

حضرت پير سيد محي الدين شاه جن ٻڌايو تہ باقي 30 ٽيهون پارو درگاه شريف تي پڙهي پورو ڪيم. ان وقت مولوي صاحب جمال الدين جيڪو ذات جو مُٽُورڻ ڪڇ جو رهاڪو هو. ان وٽ سنڌي ٻاراڻو ڪتاب ۽ پهرئين ڪتاب جا ڪجهہ سبق پڙهيم. فرمايائون تہ اسان جي والد صاحب حضرت پير احسان الله شاه جن تاريخ 15 شعبان 1358 هجري تي هن فاني دنيا مان رحلت فرمائي ويا. (انا لله و ان اليہ راجعون). اسان جي ان وقت عمر ڏهہ يارهن سال مس هُئي. ان کان پوءِ ڪابہ تعليم پرائي نہ سگهياسون.

مرشد وٺڻ:

مون کانئن پڇيو قبلا مرشد بابت يا ذڪر جي باري ۾ ٻڌايو. پاڻ فرمايائون اسان ذڪر يا تلقين پنهنجي والد صاحب حضرت پير احسان الله شاه جن کان ورتي.

انھن جي صورت ۾ سندن جھنڊي مبارڪ جي جھلڪ اجان تائين ياد آھي. سندن صورت ۾ جھنڊي جي اظھاري پنھنجي ھڪ ڪلام ۾ پڻ ڪئي اٿن.

ٿلھ: ھوت پرين ھڪ واري ۔ ڏي دلداري ۔ پاروچا پانھيءَ ڪي.

1۔ ياد اجان تائين اٿم دل تي ۔ تنھنجي جھنڊي جي جھلڪاري.

2۔ پنھنجي پسايئي پاڻ پيارا ۔ سا صورت مون نہ وساري.

3۔ سيد سائين صاحب سنت جا ۔ سڄڻ ڪر سرداري.

4۔ بي راھيءَ لاءِ بھلول چئي ۔ موٽ منا منھنداري.

سندن فرمان موجب تہ والد صاحب ننڍي ھوندي بھلول لقب سان سڏيو ھو. ھن شعر ۾ اھو تخلص طور ڪم آيل آھي.

سلسلہ طريقت:

جيئن تہ حضرت پير سيد غوث زمان محمد راشد شاھ روضي ڌڻي رحمة الله عليہ جن کان سندن مسلڪ قادري طريقي جو رھندو آيو آھي. ان ڪري پاڻ فرمايائون تہ اسان جو پڻ اھو ئي (مسلڪ) رستو آھي. ان کان سواءِ(ان وقت موجوده) پير سائين پاڳارا سيد سڪندر علي شاھ, شاھ مردان شاھ اسان جا وڏا پڳ وارا آھن. جن کي اسين پنھنجو رھبر مرشد تسليم ڪريون ٿا. انھن لاءِ پڻ پنھنجي شعر ۾ اظھاري ڪئي اٿن جيئن تہ :

مرشد ساڏي نال ملا قي ۔ ھر دم شاھ سڪندر ساقي,

حجڙا اعجازا دا اھوئي ياقي ۔ ڪيھي ڪاڻ حرم دي يار.

باغ بهاريان بن وي سرتيون – آئي سڪندر شاهه جي

اها ئي اسان جي بزرگن کان رهبري حاصل آهي. باقي ٻئي ڪنهن به پير فقير کان نه ذڪر ۽ نه دعا يا هيءُ امانت مليل آهي.

مشغولي ۽ مطالع:

ننڍپڻ ۾ ئي ديني ڪتاب ۽ قرآن پاڪ پڙهڻ جو ذوق شوق هوندو هُوَن ۽ اڪثر مريدن ۾ گهمڻ ڦرڻ لاءِ وڃڻ ٿيندو هو. هڪ دفعي باغ علي رند سان مريدن وٽ دڙيلي شهر ۾ وڃڻ ٿيو. اتي پٽ تي هڪ شعر لکيائون پاڻ فرمايائون اهو ڪهڙو شعر هو سو ياد نه آهي.

پاڻ فرمايائون 15_16 سالن جي عمر ۾ شعر و سخن جي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي چڱي طرح پروڙ هئي. ان وقت احمد ڏاهري (متوفي) وينل ڳوٺ پنجل ڏاهري جيڪو مريد به هو ۽ راڳ پڻ ڳائيندو هو. ان سان گڏجي سندن ڳوٺ مريدن ۾ ويس. منهنجو ٻڌي اتي جا سيد جيڪي ڪچهري ڪرڻ ايندا هئا. انهن ۾ سيد لونگ شاهه يڪتارو ڪٽي ايندو هو. جنهن جي تنبي گهاگهر جيڏي ۽ ڳني ننڍي هوندي هئي. اهو روحاني ۽ رندي ڪلام ٻڌائيندو هو. سچل سائين جو هي ڪلام گهڻو چوندو هو:

ٿلهه: جنهن دل پيتا عشق دا جام – سا دل مستو مست مُدام.

اهو ڪلام وٽيو انهيءَ طرز تي اسان هي ڪلام ناهيو.

ٿلهه: توڙي لک ڏيو ته بيان – هيءَ دل ڪانه ڦرندي ڪا نه

هن ڪلام بعد شعر و شاعري جو شوق پيدا ٿيو.

شعر و شاعري جي ابتدا:

جيئن تہ قبلہ پير سائين اعجاز علي شاھ شاعري شروع ڪئي ان وقت ئي ڪين مجاز جي چوٽ آيل هئي ۽ انديا جي گانن جي ڏنن تي شعر چيائون مثال:

ٿلہ: سهڻا سامهون آ، سهڻي صورت پساء، منهنجا سجدا ٿين بجاء،

ٿلہ: اڪيون رت رت رنيون زاروزار۔ آيو نہ اڄ يار

ٿلہ: جن يار نہ ڪيو تن جي ڇا ڪيو.

ٿلہ: جيسين جانب يار نہ ايندو ۔ تيسين دل کي قرار نہ ايندو.

وغيره وغيره اهڙا مجازي ڪلام اظهار ٿيا. جيڪي ان وقت جا حال حيات فقير (1) مجاهد شيدي (متوفي) ڳوٺ پير جهنڊو (2) عبدالفتاح شيدي (متوفي) ڳوٺ پير جهنڊو (3) احمد فقير ڏاهري ڳوٺ پنجل فقير ڏاهري متوفي (4) مور فقير ڪيريہ ويٺل وڏيرو لونگ ڪيريہ ۽ ٻيا حاجي لعل بخش خاصخيلي جي ڳوٺ جا: سليمان نانگو خاصخيلي ، ڪارو خاصخيلي امير بخش ۽ مير خاصخيلي وغيره دعوت ڏئي سائين کي ڳوٺ وٺي ويندا هئا. ۽ رات جي محفل مچائيندا هئا.

شاديون ۽ اولاد:

حضرت پير سيد محي الدين عرف اعجاز علي شاھ جن جون ٻہ شاديون ٿيل آهن:

(1) پهرين شادي ڳوٺ پير شاھ لڳ گاجراواھ مان نواب شاھ کان ڏکڻ طرف 4 ميل

مفاصلي تي پير سيد علي اڪبر شاه راشدي جن وٽان سال 1952ع ۾ ڪيائون ان شادي مان ڪين پنج فرزند تولد ٿيا، جن مان ٻن وڏن فرزندن جو وصال سندن حياتي ۾ ٿيو.

(1) سيد امان الله شاه جنم: 1959-9-5ع درگاه شريف تي، وصال: ڇنڇر جي رات اپريل 1995ع

(2) سيد ابو تراب شاه جنم: 1970-8-1ع، وصال: 26 مارچ 1996ع.

(3) سيد سجاد الرسول شاه

(4) سيد محمد اشرف شاه

(5) سيد شاه فريد شاه

اڪرام الله شاه ولد سيد امان الله شاه.

ٻي شادي:

پنهنجي راشدي خاندان مان ڳوٺ بابو ڇن سيد نورالدين شاه جن وٽان ڪيائون. سال 1982ع جي مئي مهيني ۾ ان شادي مان ڪين پنج فرزند حال حيات آهن: (1) ظهور احمد شاه (2) محمد سليم شاه (3) سيد ضمير احمد شاه (4) قائم علي شاه (5) سيد ڪليم الله شاه

گذر اوقات:

اعجاز علي شاهه سائين جن ڪي پنهنجي والد صاحب جن جي زمين مان 194 ايڪڙ زمين مليي. جيڪا نواب شاهه کان اوڀر طرف ڳوٺ سرهوڙي خاصخيلي لڳ ديهه گوجرو ۾ هئي. اها پاڻ آباد نه ڪرائي سگهندا هئا ۽ هميشه مقاطع تي ڏيندا هئا، اهڙي طرح ان مان گذر سفر ٿيندو هو. پاڻ سال 1962ع جي وچ ڌاري هجرت ڪري ضلع سانگهڙ جي ڳوٺ پير سيد معين مهدي شاهه لڳ نواز ڏاهري اسٽيشن سڪونت اختيار ڪيائون. 11 سال اتي رهيا ۽ 1973ع ۾ وري هجرت ڪري نيو سعيد آباد تعلقه هالا ۾ اچي ويٺا ۽ گوجري واري زمين ڪپائي پنهنجي همشيرن کي حصو ڏئي باقي پئسن مان پراڻي سعيد آباد لڳ ڳوٺ ڪڏ وارا حاجاڻه
نيو سعيد آباد ۾ پنهنجي پلاٽ ۽ جاءِ نه هئڻ باعث زمين مقاطع ڏيندي ٻن سالن جا پئسه اڳواٽ وٺي پلاٽ به ورتائون ۽ جڳهه نهرائڻ لاءِ ڪم شروع ڪيائون هڪ سال اندر جڳه تيار ٿي ۽ پاڻ اڳ ويٺل حاجي نبي بخش خاصخيلي جي جاءِ خالي ڪري پنهنجي حويليءَ جي ڪوٺ ۾ رهڻ لڳا. جتي اڄ تائين سندن اولاد رهندو اچي. اها زمين آهستي آهستي وڪرو ڪندا گذر سفر ڪندا رهيا.

سندن مزاج ۽ رواداري:

پاڻ تمام خوش خلق ۽ حليم طبع سان خاموش رهندا هئا. سدائين صبر ۾ رهندا هئا. ڪنهن سان به ڏاڍي وڏي وات ڳالهاءُ نه هوندو هو سڀ سان سٺي سلوڪ سان ملڻ ٿيندو هو. زماني جي ناسازين توڙي ڏکن غمن ۾ ڪو به اثر معلوم نه ڏسڻ ۾ ايندو

هو انسان سان تہ محبت رکندا هئا پر جانور، ڪتا توڙي پکي، جيت بلا وغيره سان پڻ پيار ڪندا هئا. ڪنهن کي بہ ڏکوئيندا نہ هئا، ان لاءِ شعر ۾ چيو اٿن تہ:

ٿله: پرينءَ جي پار جا ماڻهو اڃا ڪارا بہ مون پيارا،
انهن جا ناز ۾ ماڻا انگل آرا بہ مون پيارا

(1) جڏهن ٿو آئون ڏسان جوئي ـ ڪڙو ناهي منجهن ڪوئي
پيان هٿ پير سندن ڌوئي ـ مٺا ڪارا بہ مون پيارا

(2) سين سان دل منهنجي گهري ـ هجن مسلم توڙي دهري
قياسي يا صفا ڦهري ـ ظلم وارا بہ مون پيارا.

(3) چوي "اعجاز" ملي هيڪر ـ دوئي ڪيم دور جڏهن دلبر،
لڳا مون کي تڏهن هر هر ـ منهنجا مارا بہ مون پيارا.

پاڻ هر ڪنهن سان همدردي ۽ اخلاص سان ملندا کلندا هئا. هڪ ڪلام ۾ چيو اٿن:

کلمک هجڻ "اعجازا" منهنجي طبع ۾ آ شامل،
ڪٿي ڪنهن سان منهن گهنجائڻ ـ اهو لچڻ هت لَتيل آ
سوين زخم پيا چڪن پر ـ هر زخم جڻ چٽل آ.

سخا ۽ مهمان نوازي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. سائل کي هڪ دفعي گهوڙو ۽ ٻئي کي مينهن پڻ ڏنائون. اجرڪ، ڪپڙن جا وڳا ڪيترن کي ڏنائون، پر ايترو ضرور چوندس تہ ماڻهن کان لڪائي،اڪيلائي ۾ ڏيندا هئا.جيئن ڪنهن کي خبر بہ نہ پوي.

مهمان نوازي ۾ اڄ تائين سندن مڪان تي ننگر جاري آهي، تمام خلوص ۽ محبت سان ماني کارائيندا هئا، جيڪڏهن ڪو وڏو ماڻهو آيو تہ ان لاءِ پنهنجي عزت وقار سارو ڪابہ گهٽتائي نہ ڪندا هئا.

ڳوٺ محمد خان مگسي جو فقير نظر محمد مگسي وٽ اعجاز سائين جون بہ مينهون آهن جن جو ڪارائڻ پيارڻ مٿس آهي ۽ هر روز 8 ميل ڪڏهن پنڌ ڪڏهن لاري (بس) ۾ کير ڪٽي پهچائيندو آهي. پوءِ ڪٽي مينهن برساتيون، طوفان هجن. هڪ دفعي زبردست مينهن وسي رهيو هو تہ نظر محمد فقير مگسي کير ڪٽي مڪان وٽ پهتو تہ سائين اعجاز جن اشارو ڪري چيو تہ اڄ هو نظر محمد فقير بهشتي کير ڪٽي پيو اچي ۽ اڄ تائين هُن جي اها ڊيوٽي آهي ۽ مينهن جا ڦر تاتي چاري وڏا ڪري سائين جن جي حڪم موجب کپائي پيسا حاضر رکندو آهي.

سندن حُليئہ مبارڪ ۽ پوشاڪ:

اعجاز سائين جن رنگ جا سانورا، قد جا پورا پنا درميانہ هوندا هئا، سياري ۾ سلوار خميس، گرم سيٽر ، جرسي لوئي يا اجرڪ، پيرن ۾ گهٽو ڪري زنجيرن سان بند بوٽ ۽ مٿي ۾ سنڌي ٽوپي. ڪڏهن ڪڏهن مفلر پڻ اوڍيندا هئا. اونهاري ۾ سلوار

خميس ۾ هٿ ۾ هڪ سادو رومال ڪڻندا هئا. ٻچپن ۾ ٿورو وقت شهپر رکيائون ۽ پوءِ سدائين ڪِلين شيو رهيا. سندن رخ مبارڪ ۾ خوش خلقي ۽ صبر گهڻو هوندو هو. جيڪڏهن ڪا ڳالهه ڪندا هئا يا ڪو ڪم چوندا هئا ته تمام آهستي ڳالهائيندا هئا. ڪا ڳالهه پڇبي ته ان جو صرف جواب ڏيندا هئا نه ته خاموشي اختيار ڪندا هئا. ڪلام ڪافي جو دل تي خيال ايندو هونِ ته چئي ڏيندا هئا ته ماستر ڪجهه ڪلام ٻول نهي ويا آهن. ڪٽي ٿوا چان ته اهي رجسٽر تي لکي ڇڏ. اهڙي طرح اهي ڪلام لکائيندا هئا آئون سندن روبرو لکندو هوس. انهن ڪلامن جي لکڻ بعد ڪانئن معنيٰ مفهوم بابت پڇ رهاڻ ٿيندي هئي ۽ سنجيده نموني وضاحت ڪندا هئا. سندن جيڪو به ڪلام آهي اهو مون 1967ع کان 1982ع تائين سندن اصلاح سان گڏ ڪري رجسٽرن تي پنهنجي هٿ اکرن سان جمع ڪيم جيڪو اڄ تائين وٽن موجود آهي.
سدائين فڪر ۾ رهندا هئا. عارفن ۽ عاشقن، توڙي سالڪن جي ڪلام ٻڌڻ جا شائق هئا، صبر ۾ رهڻ ڪري سندن خيال حقيقت ۽ حق ڏانهن مائل هوندو هو.

مجلس جا آداب:

قبلہ اعجازعلي شاه سائين جن جيتري قدر صابرين هئا، اوتري قدر سخن شناس ۽ سخندان پڻ هئا، جيڪو سخن ڪلام چيو اٿن ان تي پاڻ باعمل هئا، ان ۾ صداقت سچائي، يقين جي بوءِ ايندي آهي. ان جي طفيل محبت سان ملڻ ۽ خلق سان مرحبا ڪرڻ ڪري هر ڪنهن طرف سڪون صبر ۽ خاموشي ڇانيل رهندي آهي،

هرڪو با ادب، اخلاق سان جتي جاءِ هوندي اتي وهندو آهي ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن پنهنجي طرفان شڪايت نہ ڪئي تہ مونکي تڪليف ملي، سندن نظر جي شفقت اها هوندي هئي جو عزيزن خويشن توڙي معزز مهمانن کي اٿي ملندا هئا ۽ پنهنجي پر ۾ وهاريندا هئا. ان مجلس جي آداب جو مون نقش هيئن چٽيو:

ٿلهہ: منهنجي اعجاز جي محفل ۔ ٻڌڻ گهرجي ڏسڻ گهرجي
رَهي خاموش خوش دل ٿي ۔ اچڻ گهرجي وڃڻ گهرجي
(1)ڪِڏي ڪيني ۽ ڪلڪل کي ۔ مَحوُ ٿي ٻُڌ تون محفل کي
هتي حاضر ڪري دل کي ۔ ڏِيڻ گهرجي وٺڻ گهرجي
(2)اَمر ۾ آشڪارو ٿي ۔ حقيقت حال وارو ٿي
سراپا صاف سارو ٿي ۔ اٿڻ گهرجي وهڻ گهرجي
(3)چِڏي دارالفنا جو در ۔ ڪري اثبات سارو سر
مُوتو قبلل مري هر هر ۔ مرڻ گهرجي جِيڻ گهرجي
(4)ادا "خاڪي" نہ وجهہ گهاري ۔ اَٿئي هيءَ مهل موچاري
ڪري سِرُ گهور لک واري ۔ سٺڻ گهرجي ڪٺڻ گهرجي

سندن محفل جي رونق، سونهن، محبت ۽ صبر سان لبريز هئڻ ڪري مون کي حضوري نقش ۽ حال خيال ميسر ٿيندو هو ۽ هميشہ سندن مهر نظر ۽ توجہ جي

نوازش ٿيندي رهندي هئي. محبت ۽ ادب، توڙي سچائي وفائي سندن صورت توڙي سيرت مان ظاهر هوندي هئي.

ٿلهہ: سچڻ سک يار سچ ٻولڻ ـ دنيا جا خوف ڊپ لاهي
اوتاري منصفن جي اچ ـ ڏيا سپ ڪوڙ جا ڍاهي
(1)اصل چانديءَ جي رُپئي جيئن ـ چِٽو چنگ ڪان ٻہ ٿي وڃ تون
ٻاڙو ٻوڙو منو ٿئين ڇو ـ مِنا تو ۾ تہ مَٺ ناهي
(2)قلب آ ڪسو ٿي تنهنجو ـ پرک تنهن سان تون حق باطل
سواءِ دل جي نہ سڌ پونديئي ـ تہ حق ڇاهي باطل ڇاهي

سندن ڪيفيت ۽ ڪردار جا اهڙا ڪيئي مثال سندن شعرن مان ملندا.

المجاز:

آئون راقم الحروف جيئن تہ 1958ع جي اپريل مهيني ۾ سندن ڳوٺ درگاهه شريف تي هيڊ ماستر طور بدلي ٿي آيس. هن کان اڳ اعجاز سائين سان ملاقات تہ ٿيل هئي، پر سندن مجازي ۽ حقيقي توڙي روحاني حال ۽ شعر کان متاثر هوس ۽ پاڻ پڻ منهنجي اسڪول ۾ بدلي ٿي اچڻ ڪري تمام گهڻا خوش ٿيا. سندن اوطاق درگاهه شريف تي حويلي جي اوپر طرف هئي، اتي ڳهراياڻون تمام وڏي خلق ۽ محبت سان پيار ڏنائون. سندن شعر و سخن بابت پڻ رهاڻيون ٿيون، ڏاڍو دل کي

قرار آيو. ان هڪ ملاقات ۾ ئي سندن مون حقير تي نوازش ٿي ويئي. اسڪول مدرسي اندر هڪ ڪمري ۾ هوءِ صبح شام بہ ٽائيم پڙهائي هوندي هئي. اسڪول جو بيل موڪل جي وڄڻ وقت پاڻ حويلي مان ايندا هئا ۽ آئون اسڪول مان سندن مڪان (اوطاق) تي ٻن پهرن جي بہ گلاڪ موڪل ساڻن روح رهاڻ ۾ گذاريندو هوس. ان رهاڻ ۾ مجاز بابت عرض ڪيم تہ هي توهان جو شعر مجازي رمزن غمزن سان پرپور آهي، جنهن ۾ حسن جي منظر نگاري دل جي آه و زاري سان اظهار ڪيل آهي. ڇا اهڙي مجازي چوٽ بابت ٻڌڻ لاءِ عرض ڪيان ٿو قبول پوي. پاڻ فرمايائون انهي مجازي حسن تہ موهت ڪري اظهار ڪيو آهي، صورت تي ئي شعر ۽ خيال جو حال پيدا ٿيو. اها صورت نقش ٿي دل تي تصوير ٺهي ويئي آهي.

ٿله : يار جو تصور ڪندي _ تصوير وئي دل تي ٺهي
سا سدا سامهون اکين جي _ راهبر ٿي آ رهي

بس پوءِ تہ ڪئين پيرا اهڙيون رهاڻيون ٿيون. انهن رهاڻين ۾ بار بار با ادب محبت سان عرض ڪندو رهيس پڇندو رهيس تہ انهي مجازي محبوب جي ڪجھ آگاهي ڪرايو. پر پاڻ اڄ تائين ڪابہ ڄاڻ نہ ڏنائون. ڪنهن کي معلومات آهي، پر ايترو چيائون:

ٿلهہ: اکين واري ناتي _ ڏاڍي چوٽ چاڙهي

اھو درد لاشڪ ـ ڪندو نيئي پچاڙي

سندن قول مطابق انھي فراق ۾ درد ۾ آخري وصال تائين مُحَڪم رھيا. سندن پاڪ محبت ۾ پاڪ عشق اھڙو رنگ لاتو جو ڪيترا ئي راڳ ڳائيندڙ فقير بنا ڪنھن چوڻ جي ڪري سندن رنگ ۾ ۽ عشق ۾ از خود ايندا رھيا.

مون کي ياد آھي تہ ھڪ ڏينھن سائين اعجاز علي شاھ ھڪ بيت ٺاھيو ۽ سيد حسن شاھ کي ڏيکاريائون. تنھن چيو تہ بيت سٺو آھي. اھو ٻڌي سائين اعجاز علي شاھ ھڪ مزاحيہ بيت ٺاھيو:

حسن شاھ حَدَ ڪَيئي، صلاح نہ ڏين ڪا سئين،
ويجھو ڪريو وِھاٽي کي، پاسي پر پئين،
رڳو چپن سان پيو چئين، تہ وھوا بيت پلو ٿيو!!

ٿيئي چٽا ڏاڍا ڪلياسون، ڪھڙو نہ محبت ڀريو عجيب وقت ھو.

انھي سال جي وچ ڌاري ھجرت (نقل مڪاني) ڪري، ڳوٺ معين مھدي شاھ ضلع سانگھڙ ۾ سيد زين العابدين شاھ سان پر ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. اتي بہ ذڪر ڪيل عيدن جي ڏھاڙن تي محفل سماع جا وڏا اجتماع ٿيندا رھيا.

1967ع ۾ رئيس دوست علي خان ڪتياڻ جي دعوت تي، محمد فقير ڪتياڻ جي ميلي تي فقراءَ ۽ سنگ سميت وڃڻ ٿيو اتي بہ راتيون رھڻ بعد درگاھ فقير ولي

محمد لغاري جي گادي نشين نواب اميد علي خان لغاري دعوت ڏيئي تاجپور وٺي هليو. اتي پنج راتيون ترسائي سائين اعجاز علي شاھ سان روح رچنديون رهاڻيون ڪيائون. اتان موڪلائي هڪ رات نصرپور ۾ مصري شاھ جي درگاھ تي پڻ حاضري ٿي. اتان واپس الهڏنہ ساند اسٽيشن تان ريل گاڏيءَ ۾ سوار ٿي ٽنڊي آدم ۾ صفر مهيني جي 14 تاريخ جمن جتيءَ جي درگاھ تي محفل ڪري 15 تاريخ جي صبح جو ريل رستي ڀٽ شاھ ۾ حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رح جي ميلي ۾ فقراءَ سميت حاضري ٿي. جتي صادق فقير ڀنيرو ويٺل ڀٽياڻي مليو. ان کي ساڻ ڪري واپس ولي محمد ابڙيجہ جي اوطاق تي چند راتيون رهياسون. ان سموري سفر ۾ فقراءَ سميت آئون (محمد صابن) شامل هوس. ان بعد پاڻ واپس ڳوٺ معين مهدي شاھ روانا ٿيا. اهڙي طرح 11 سال اتي رهيا ۽ سمورا فقراءَ ۽ يار دوست وٽن ايندا رهيا. 11 سالن بعد 1973ع ۾ هجرت ڪري شهر نيو سعيد آباد تعلقہ هالا ۾ پنهنجو پلاٽ خريد ڪري اتي سڪونت پذير ٿيا، جتي اڄ تائين ساڪن آهن.

سير سفر ۾ ٻيو ڀيرو سيد حبيب الله شاھ ويٺل ڳوٺ آرائين لڳ مديجي ضلع شڪارپور تعلقہ ڳڙهي ياسين وٽ 1988ع مارچ جي 15 تاريخ فقراءَ سميت دعوت تي وڃڻ ٿيو

اتي هڪ رات رهي محفل سماع ڪرڻ بعد ٻي رات لاڙڪاڻي ۾ رٽائرڊ اسسٽنٽ ڪمشنر غلام مرتضيٰ صاحب ڀٽي جي دعوت تي وياسون. جيڪو غمدل فقير جو طالب هو. ان وقت غمدل فقير جي ورسي ملهايائين، اتي بہ سڄي رات راڳ ويراڳ

جي محفل ڪري صبح جو 10 بجي روانا ٿي موهن جي دڙي جو ديدار ڪري رات 8 بجي سعيد آباد پهتاسون.

وفا جي جوش ۾ مون کان وڪون واڌيون ويون پرجي
وري پوئتي وَران پاهون، تہ راهون سي ڪٿان آڻيان

زماني سازي ۽ سياست وغيره کان ڪناره ڪش آهن. سندن قول فعل حقيقت ۽ سچ تي مبني آهي. سدائين صابر ۽ شاڪر رهيا آهن، ڪنهن جي شڪوه شڪايت جو وٽن نالو بہ ڪونهي.

درگاه شريف تي سندن وڏو ڀاءُ الحاج حضرت پير سيد محب الله شاه راشدي جهنڊي وارا رحمتہ الله عليہ جن حافظ ۽ عالم هئا ۽ مدرسہ ۾ عربي جا ٿي استاد، فارسي جو هڪ ۽ ڪيترا ڳوٺ توڙي ٻاهر جا طالب ديني تعليم حاصل ڪندا اچن. ان احترام ڪري اسان سائين اعجاز ۽ طالبن راڳ رنگ (محفلِ سماع) رات جو مناهي شاخ نئشنل هاءِ وي ۽ ريلوي لائين جي وچ ۾ رچائيندا هئاسون ۽ طالب ۽ فقراءَ وڏندو ويو 1958ع کان محمد ايوب صدر پاڪستان مخدوم صاحب جن جي زمين هارين ۾ ورهاست ڪئي. ان مان ولي محمد ابڙيجہ وينل ڳوٺ الياس ابڙيجہ کي درگاه شريف کان اتر نئشنل هاءِ وي ۽ ريلوي لائين وچ ۾ زمين ورهاست ٿي ملي. اتي اوطاق ٺهرايائين جتي سڀ طالب فقير محفلِ سماع لاءِ ايندا رهيا.

سال جي ٻن عيدن رمضان شريف ۽ عيدالاضحيٰ تي وڏيون محفلِ سماع جون ڪچهريون ٿينديون هيون، جتي سنگت ساٿ مريد فقير گهڻي قدر ٻڌڻ ۽ ملڻ ايندا رهندا هئا.

مجازي، معنيٰ ، مُرڪ، مهميز

(1) مجاز (ع مذڪر) : با اختيار، حقيقت ڪان ٻاهر.

(2) مجازا : مرضي سان، رضا يا فريضا، مجازي (صفت) ظاهري، بناوتي.

مجاز: اڪر جي مٿين معنائن مان تصديق ٿي تہ ظاهري، بناوتي حسن يا صفت جنهن ڪي بقا نہ هجي معنيٰ حقيقت ۾ حق ڏانهن وڃڻ يا ملڻ لاءِ ظاهري نظارو هن ظاهري، بناوتي، حسن يا صفت ۾ حق جو ظهور آهي. ان ڪي بصيرت وارن غور فڪر سان سڃاڻي، پنهنجي صفائي ۽ سچائي سان، محبت ڪرڻ ۽ پيار پريت جي رنگ، ڍنگ، وصل، پيچ سان پاڻ مشاهدي ۾ محو ٿيڻ ڪري جيڪي اثرات نمودار ٿين، ان ڪي ابتدا ۾ مجاز چئجي ٿو. اهو مجازي عشق صفت جي هر صفت سان ٿي سگهي ٿو، پر انسان جو انسان سان پيار ڪرڻ ۽ ان ڪي پاڪائي ۽ صفائي سچي محبت سان ڏسڻ، پچاڙي توڙ ڪرڻ سان ئي صورت سهاري فنا ڪائي ڪامل محقق مرشد جي رهبري سان اڳتي وڃڻ ڪي ئي عاشقن صورت جو سڏو پنڌ سڏيو آهي.

قبلہ سائين اعجاز علي شاھ سائين جن هڪ تہ موروثي شاعر آهن، جيئن تہ سندن خاندان ۾ حضرت پير سائين روضي ڌڻي رحمتہ اللّہ عليہ جن خود ۽ سندن اولاد پاڳارا راشدي خاندان توڙي جهنڊي وارا راشدي خاندان ۾ ڪيترا آفاقي ۽ روحاني شاعر ٿي گذريا آهن، جن جو بيان اڳ ئي ڪري آيو آهيان، تيئن ئي مٿن موروثي شاعر جي ذات پڻ عنايت ٿيل آهي. ٻيو تہ مجازي چوٽ جو رنگ لاتو، تنهن ويتر حسن نگاري جي منزل عشق ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

جيئن تہ ھڪ شاعر چيو آھي تہ : نانگ ڏنگي ٿو تنگ، پر عشق ڏنگي ٿو اک کي. تيئن سائين اعجاز سائين پڻ چيو آھي. ظاھر ۾ اک ڏسي ٿي، پر اصل گھاءُ دل تي ٿئي ٿو. اھو ڪيئن:

(1) تنھنجي اکين جا تير – نيٺ چڙھي پيا جاني جگر ۾

(2) نينان ماريا تير برھ دا – جگر ڳيا اوجھور ميان.

حُسن جي ڏنگ جو اثر دل، جگر تي ٿيڻ ۽ دل جي آہ و زاري زبان سان اھڙي طرح بيان ڪرڻ جو ھڪ گھايل دل ٻئي جي گھايل دل کي احساس ڏياري گھاءَ ظاھر ڪري. وري ٻئي ڪلام ۾ چيو اٿن تہ:

ٿله: گھوڙا ڪجل جي گھاءَ – آئون گھايس، ناتہ مران ٿي ناتہ جيان ٿي

گھاءُ اِھو ڪو آھي اھڙو – سڀ وڃايئين ساءَ – آئون گھايس ناتہ مران

ھتي پروڙڻ گھرجي تہ اھو گھاءُ ٿيو جو نہ مرڻ آھي نہ جيئڻ آھي. اھڙو ساءُ عاشقن لاءَ معراج آھي. ھو عاشق اھڙي صدا ھميشہ ڪندا، جنھن ۾ وصل وصال بہ ھجي پر وڇوڙو بہ ھجي. جيئڻ کي وڇوڙو ۽ مرڻ کي وصال پائين ٿا. ھر ھر مرڻ، ھر ھر جيئڻ سچي عاشق لاءَ نعمت ۽ راحت آھي. ھن شعر ۾ ٻي معنيٰ سمايل آھي. شاعراڻي خوبي اُھا ھيئن آھي تہ:

گھاءَ آئون گھايس، ناتہ مران ٿي ناتہ جيئان ٿي

وصالي واءَ، آئون گھايس، ناتہ مران ٿي ناتہ جيئان ٿي

تيغ ابروءجي تاءَ – آئون گھايس، ناتہ مران ٿي ناتہ جيئان ٿي

ساءَ – آئون گھايس، ناتہ مران ٿي ناتہ جيئان ٿي

ڏسو ته قافيه جو رديف سان ڪھڙو نه سنو لڳاءُ آهي. قافيه رديف ۾ اهڙو ته ٻڌل آهي ۽ گهرو سمايل آهي، جيئن چاهه زنخ ۾ غوطا مارڻ. هي اعجاز سائين جي روحاني منزل، مجازي چوٽ ۽ شاعراڻي صنف جو ڪمال آهي. اُهو سمجهندو، جنهن منجهه عُشاقي رمز هوندي ۽ شاعري جي صنف، تجنيس، محاورو، تشبيهه، استعارو وغيره کان واقف هوندو. حسن جي هر هڪ صنف کي شاعر يا عاشق پنهنجي ذاتي يا ظاهري امنگن مطابق نقش سامهون رکي پنهنجي نقاشي رنگ، ڍنگ سان ۽ سچي محبت، پاڪائي ۽ صفائي سان محبوب جي هر ادا ۽ ناز جي اظهاري ڪندو آهي. هتي اعجاز سائين سنڌي توڙي سرائڪي ۾ هيئن فرمائين ٿا:

(1) ڦهري نين ڍولڻ دي ڪالي

(2) چقمق اکيون ڇهتي ويون — گهٽئي موڙيم پرنا مڙيون

(3) اسان ديدان رانجهو نال رليان

(4) نيڻن جي نينهن ناز نچايا نواب ڪيئن

(5) آنکهه سي آنکهه ملا، مورا بالم، ديدار داريني پايا نظر آيا _ دلدار ڪي نينن مين.

اکين کان پوءِ وري ابرو، گيسو، رخسار، لب، زنخ وغيره جي نزاڪت ۽ رعنائي، بيهڪ بابت فرمايائون:

ٿلهه : اکيان هن سيف ابروجي لکين ڏڙ سر، جدا ٿي ويا

انهي تلوار جي آڏو _ اُپن جا هٿ اُيا ٿي ويا

اُين جا هٿ اُيا ٿيڻ معنيٰ جيڪي سرڪشي ۾ سخت دل هئا، انهن بہ انهي ابرو جي تلوار آڏو هار مڃي هٿ مٿي ڪنيا.

(گيسو زلف)

ٿلهہ: اهي زلف ڪي نانگ گهنڊيرا ـ ڪن الفيون چيرا چيرا
نُنهن تي نچائي ڏِسُ تہ چڙيئون ـ ڪئين ڪاپڙي ڪن چيرا
تاب حسن "اعجاز" تني جي ڪوليا برھ بحيرا

زلفن ڪارن گهنڊيدار وارن هن دل جي بحر کي يا خيال کي سمنڊ وانگي ڪولي چڙيو.

(رخسار)

نڪ نيڻ پرون پيڪاني پلڪ ـ رخ رُخسارن جا افشائي جهلڪ
لالَئون لعل لبن جي لاثاني چمڪ ـ ٿالم هوش ڪري مدهوشن جا

(زنخ)

ٿلهہ: اسان چاھ زنخ مان پيتو زم زم ـ وسري ويو سون بيت حرم

مصرع ۾ پڻ اهڙي طرح وضاحت ڪيل آهي. چاٽڻ گهرجي تہ حسن جي هر صنف کي گهري ۾ گهاٽي نظر سان مايو اٿن.

جيئن:

ٿلهہ: هن زلف جي ڪاري ڪمند زاهد ڪئين زندان ڪيا

زاهد ڪئين زندان ڪيا، تن جا عمل ايمان نِيا
(1) سوداءِ مُشڪين مُوءِ ڪان – هر سن ۾ سو صنعان ٿيا
مذهب ڏرم چا دين چا – ٻوڙي ٻئي تہ جهان ويا

ڏسو مجاز جي مهميز مان اصل حقي حُسن ڏانهن وڃڻ لاءِ اشارو. جيئن پير سائين رشيد الدين شاھ (بيعت ڏٺي) جن پنهنجي چلي شريف ۾ بيان فرمايو تہ:

(1) زلف وليل سياھ – جبين وشمس وضحيٰ،
ابرو سجده گاھ مزگان سورھ سپاھ،
ڪوثر عين ڪمال – سڻ چلي دي ڳالھہ.
(2) انف تيغ عريان – رزمگاھ رخدان،
لب ياقوت مرجان – لُئہ لُئہ هِن دندان،
زنخ حبس خيال – سڻ چلي دي ڳالھہ.

هتي زلف ۽ زنخ جي ادا، نقش ۾ ساراهيل آهي. مجاز ۾ حقيقت جي معنيٰ سمايل هجي. اعجاز سائين جن جي شعر ۾ اهڙيون خوبيون تمام گهٽيون آهن. جيئن تہ :

ڪن ڪروڙين عشق پيا – پر ڪو وجي ٿيو ڪامياب
ڪي ٿَڏي تي ئي ٿڪي پيا – ڪي هلي ٿيا مهٽي هاب
(واٿ وچ تان موٽ ڪائي)

سچي ۽ پاڪ محبت سان صورت وارو عشق ڪامياب آهي. ان ۾ حق ڪي پسڻ بي مثل، مثل ۾ ۽ بي چون، چون بنجڻ جو مثال

با نقطي اکر جيئن نون بڻيو ـ تيئن نقش اکين گونا گون بڻيو
بي چونُ اچيِ اِتي چونُ بڻيو ـ صفا نونُ صورت جي سينگار مثل
آهن ڪي ڪي اکيون ـ اسرار مثل

وري ٻئي هنڌ هندي شعر ۾:

ٿلهه : دِيدار دَاريني پَايا، نَظر آيا ـ دِلدار کے نَينن مين.

1 - رُخ دلبر دَاهے دَرپن ـ ڪرو اُهين وچ اپنا دَرسن،
دُوجا ذَوق سَيوهي ضَايع سَچ بَتايا ـ دَلدار ڪے نَينن مين.

2- شڪ چوڙ شَڪي، ڪر شور نَهين ـ اِهين نينان وِچ ڪوئي اَور نهين،
رب سَائين آپ سَمايا، ديرا دَمايا ـ دِلدار ڪےهه نينن مين.
3 - پُر جام پريم داپي ڪر، گُر گِياني وِچ گُم ٿي ڪر،
پِچے سَوز اَعجاز پِرايا، مَن پَرپايا ـ دِلدار ڪے نَينن مين.

اکين ۾ مشاهدو ماڻڻ، اهڙو مثال ڏيڻ جو حق ڏسڻ اِهائي سچي صوفي عاشق، سالڪ جي سڃاڻپ آهي، سندن خيالن جي پاڪائي جي اها حد جو جيڪو سخن يا شعر چيو اٿن ان تي با عمل رهيا آهن. سڪ ۽ محبت جو راز مخفي رکڻ لاءِ شعر ۾ اهڙو انداز لڪائڻ جيئن ته:

پري ٻه ٿيان نه پرينءَ کان ـ ويجهو وڃڻ نه پايان
آهيان انهيءَ خيال جو ـ ته سڪ نه لکايان

نينهڙو نپايان ـ بنا انت اعجاز چئي

سڪ جو انداز ٻئي شعر ۾ هيئن فرمايو اٿن :

ٿلهه: رشڪ نصيب آهيان، ڪمتر نصيب هوندي

آغوش ۾ صنم آ ـ رهزن رقيب هوندي.

(1) آئون داغ پنهنجي دل جا ـ دل کان ٻه پيو لڪايان،

ڪيئن عام ڪي پوءِ تن جو ـ واقف سڏي ٻنايان،

من جي طبيب محرم ـ ماهر مجيب هوندي.

ساڳئي شعر ۾ آخري نالي واري مصرع ۾ فرمايو اٿن، جيئن ته جنهن به عاشق پنهنجي مطلوب کي حاضر نه سمجهيو ءِ غائبانه پيار ڪيو ته اِهو طريقو صورت واري پنڌ ۾ جائز نه آهي. اهو ڪامياب نه ويندو. ڇو جو مطلوب توڙي مرشد جي صورت بنا پنڌ اجايو آهي. تصور ۾ تصوير جو هجڻ لازمي آهي. جيئن ته:

اڄ ڪلهه جا نينهن ناتا ـ اعجاز بي نويدا

بي جا رواج رسمون ـ بي جا عمل عقيدا

ڪن غائبانه ياريون ـ حاضر حبيب هوندي

همہ اوست بابت وضاحتون

قال اويس قرني رضي الله عنہ: اذاتم عيش العبوديہ فعيشہ عيش الله تعاليٰ يعنيٰ جنهن وقت پورو ٿئي ٿو عيش ٻانهپ جو، پوءِ عيش ان (ٻانهپ) جو عيش الله تعاليٰ جو عيش آهي.

قال امام علي زين العابدين رضي الله تعاليٰ عنہ: يا رب لو جوهر علم الوح بہ لقيل لي انت ممن يعبد الوثنا. يعنيٰ اي رب! جيڪڏهن جوهر علم جو ظاهر ڪريان تہ مونکي چيو ويندو تہ تون انهن مان آهين جيڪي بتن جي پوڄا ڪن ٿا.

امام جعفر صادق رضي الله تعاليٰ عنہ: ڪين چيائون تہ: اوهين متڪبر چو آهيو؟ چيائون تہ منهنجو پنهنجو تڪبر ۽ پندار هليو ويو ۽ ان جي جاءِ تي الله تعاليٰ جو ڪبر اچي ويو آهي.

شيخ المعروف ڪرخيءَ چيو تہ: ليس في الوجود احد الله يعنيٰ وجود ۾ الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نہ آهي.

هڪ ٻيري بانئي فڪر حضرت علي عليہ السلام ڪرم الله وجهہ بحالت عروج ۽ سڪر وحدت پنهنجي خطبي ۾ فرمايو تہ: مان ئي اسم الله جي کان لفظ ڏنو ويو آهيان ۽ مان ئي الله جو جنب آهيان جنهن توهان افراط، تفريط ڪئي آهي ۽ مان ئي قلم آهيان، مان ئي لوح آهيان، مان ئي عرش آهيان ۽ مان ئي ڪرسي آهيان. مان ئي ست آسمان آهيان ۽ مان ئي ست زمينون آهيان. پوءِ جڏهن اثناء خطبي ۾

عروج کان لهي نزول جي حالت ۾ آيا، ۽ وحدت جي تجلي اُٿي ويئي پوءِ پاڻ معذرت ڪرڻ لڳا ۽ پنهنجي عبديت ۽ عاجزي جو اظهار ڪيائون.

اقوال حضرت شيخ احمد فاروقي، لقب حضرت مجدد الف ثاني امام رباني رحمتہ اللہ عليہ

(1) شَرُ نفس، شيطان جي شر کان وڏيڪ آهي. (2) عجز جو اظهار ڪرڻ عبادت آهي (3) ڪفر کان پوءِ وڏو گناهه دل آزاري آهي.

پاڻ همئہ ازاوست طريقہ جا قائل ۽ پابند هئا ۽ حضور انور صلي اللہ عليہ وسلم جن جي سنت طريقہ تي هر دم پابند رهيا.

تمام عمر حق تعاليٰ جي ظاهر ديني تعليم جي تبليغ ۽ اطاعت ۾ مشغول رهيا.

جيڪي ڪجهہ فرمائيندا هئا، سڀ هُن کان سمجهي پيروي ڪندا ۽ ڪرائيندا هئا. علم لدني جي جاڻ ۽ سمجهہ هوندي بہ ڪڏهن بہ (شطحيات) شريعت جي پابندي کان هڪ قدم بہ نہ هٽيا.

حقيقي تصوف جي اپٽار:

اللہ تعاليٰ قرآن پاڪ جي سورت فرقان پاره 19 آيت ڪريمہ 63 ۾ بسم اللہ الرحمن الرحيم وعبادالرحمن الذين يمشون علي الارض هونا واذا خاطبهم الجاهلون قالوا سلاما

ترجمہ: رحمن جا اهي ئي بندا آهن، جيڪي زمين تي اخلاق ۽ عاجزيءَ سان هلن ٿا. جاهل ماڻهو انهن کي سڏين ٿا، ڏسن ٿا تہ هو سلام ڪن ٿا.

حديث پاڪ : من سمع صوت اهل التصوف فلا يومن علي دعائهم كتب عندالله من الغافلين.

ترجمہ: جيڪو صوفين جو آواز ٻڌي انهن جي دعا تي آمين نٿو چوي تہ اُهو الله جل شانہ ويجهو غافلن ۾ شمار هوندو.

عرض تہ تصوف جي معنيٰ آهي ئي صفائي، عاجزي، اخلاق، سيرت، محبت ۽ انهن سڀني لطيفن تي يقين سان ۽ دوئي ڪانسواءِ عمل ڪرڻ ئي تصوف آهي. وري قرآن پاڪ ۾ الله جل شانہ حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ حضرت خواجہ خضر عليہ السلام جو قصو مڇي پڪل جو درياءَ ۾ وڃڻ، حضرت خواجہ خضر سان ملاقات ٿيڻ، ٻيڙي کي سوراخ ڪرڻ، ڇوڪر کي ڪُهڻ ۽ ڀت ڊاهي نئين ڏيڻ. انهن حقيقتن جو حضرت موسيٰ عليہ السلام کي راز نہ ڏيڻ ۽ خواجہ خضر کي باطن جو علم (لدني) ڏيڻ، انهن سڀني سببن ڪري هرڪو عالم، فقير، اولياءُ، عاشق، عارف وغيره بنا شڪ شبہ جي قبول ڪندو تہ ظاهري علم تہ آهي. پر باطني (لدني) علم بہ الله تعاليٰ انسان کي عطا ڪيو آهي. اسان جا عالم سڳورا جيڪڏهن قرآن حديث ظاهر جي معنيٰ کي پنهنجي جلسن ۾ بيان ڪن ٿا تہ قرآن شريف جي چوڻ مطابق ان ۾ مٿي بيان ڪيل لدني علم کي بہ انهن کي مڃڻ گهرجي، قرآن پاڪ الله

جو ڪلام پاڪ آهي، جيڪو سورت بروج جي آيت ڪريمہ 21_22 ۾ ترجمہ سان بيان ڪيل آهي تہ:

بل هو قرآن مجيد 21 (ترجمہ: هي سڳورو قرآن آهي.)

في لوح محفوظ 22(ترجمہ: حفاظت ڪيل تختي ۾ لکيل آهي)

ڇا لوح محفوظ ڪڏهن ڪان آهي، ان جي مفهوم کي سمجهڻ عشق ۽ محبت وارا جن صرف ماسويٰ کان جدا ٿي هڪ خدا پاڪ جي هستي جي طلب ڪئي، جنهن لاءِ هرهڪ نبي سڳوري تي حق ۽ فرض ڪيائين تہ صرف توحيد ۽ وحدانيت منهنجي بيان ڪريو تہ آئون الله واحد، الله الصمد لم يلد. ولم يولد. ولم يکن لہ کفوا احد آهيان.

ان ڪري فذکروني اذکرکم (معنيٰ مون کي ياد ڪريو تہ آئون توهان کي ياد ڪريان) الانسان سري وانا سره (انسان منهنجو راز آهي ۽ آئون ان جو راز آهيان) هيترين ثابتين هوندي يقينا ثابت ٿيو تہ لدني علم آهي ۽ اهو انهن کي ئي معلوم ٿيندو آهي، جيڪي سندن گهورا هوندا. حضرت علي عليہ السلام جن علم جا دروازا آهن. انهن کان مٿي ڪنهن جو علم نہ آهي.

(1) انا مدينتہ العلم وعلي بابها (فرمان نبي: آئون علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو)

(2) من طلب شيءِ جد وَجد (فرمان حضرت علي: جيڪو جنهن شيءِ جي طلب ڪري ٿو ان کي ملي ٿي)

معلوم ھئڻ گھرجي تہ لوح محفوظ ۾ لکيل قرآن مجيد ۽ حضرت آدم عليہ السلام جي پيدا ٿيڻ کان تصوف واحد الاحد (ھيڪڙائي) جو درس ھر عاشق، عارف، سالڪ، اھل الله، غوث، قطبن پڻ نبين جي پيروي ڪري لدني علم جيڪو روحاني راز الله تعاليٰ جنھن کي ڏئي ٿو ان جي اظھار ڪرڻ لاءِ پاڻ ئي پنھنجي سر چوڻ کي انسان منجھان ظاھر ڪري ٿو. تصوف بابت الله وارن ٻن طريقن ڏانھن اشارو ڏنو آھي:

(1) وحدت الوجود – ھمئہ اوست ـ سڀ ھو آھي.

(2) وحدت الشھود ـ ھمئہ از اوست ـ سڀ ھن کان آھي.

شيخ محي الدين ابن العربي، ھمئہ اوست طريقہ جو قائل ھو. پاڻ چون ٿا تہ سڀ ھو آھي، سندن قول آھي تہ: فوقتا يکون العبد وبا بلاشڪ ووقتا يکون العبدا بلا افک: يعنيٰ ڪنھن وقت ٻانھو بلاشڪ رب ھوندو آھي ۽ ڪنھن وقت ٻانھو ٻانھو ھوندو آھي. شيخ صاحب سطحيات سبب فقراءِ سڳورن جي نزديڪ وڏو ڏوھاري آھي. حافظ ابو عبدالله وھبي، علامہ ابن تيميہ سندس سخت مخالف ھئا ۽ نھايت زور شور سان عوام و خواص ۾ سندس برخلاف تبليغ ڪندا رھيا تہ شيخ ابن العربي جي تصنف کي ڪوبہ مسلمان نہ پڙھي ۽ سندس قرآن شريف جو ھڪ تفسير 95 جلدن ۾ ھو ۽ ٻيو تفسير 8 جلدن ۾ ھو. تصوف ۾ سندس بہ ڪتاب وڏيڪ مشھور آھن: (1) فتوحات مڪيہ (2) خصوص الحڪم.

امام ابن سعد يافعي شيخ جو وڏو مداح ھو. سندس ڪتابن پڙھڻ لاءِ اجازت ڏيندو ھو. چوندو ھو تہ جيڪي جاھل اھلِ طريقت جا منڪر آھن، سي ڪيس نٿا مڃين.

جيڪو خدا جي ولين سان دشمني رکي ٿو، اهو گويا الله سان عداوت رکي ٿو. شيخ جلال الدين سيوطي لکي ٿو ته ابن العربي عارفن ۽ عاشقن جو مربي آهي ۽ تنزلات جو روح آهي ۽ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جي قدم بقدم هلڻ وارو آهي.

حديث شريف ۾ آهي ته: ان تحت العرش ڪنز مفتاحها لسان الشعراءَ يعنيٰ الله تعاليٰ فرمائي ٿو هن عرش جي هيٺان جيڪو منهنجو مخفي راز (خزانو) آهي، ان جي چاٻي انهن شاعرن جي زبان آهي، جيڪي منهنجي وڏائي بزرگي ۽ نعت شريف ۽ منهنجن پيارن جي ساراهه بيان ڪن ٿا.

انهن پيارن برگزيده عاشقن، شاعرن، اهل دل عارفن، سچن سالڪن، اوليائن جو بيان ڪندس، جن ظاهري بشريت جي ڪدورت ڪان صاف ٿي پاڻ ۾ حق جو جمال ۽ جلال ماڻيو. انهن ۾ ڪن ته پنهنجي پاڻ ۾ حق ڏسي سڪر جي حالت ۾ بي ساخته هي قول چيا ۽ قول تي قائم باعمل رهيا. جيئن ته حضرت ذوالنون مصري رحمته الله عليه جن فرمايو ته (1) صوفي جڏهن ڳالهه ڪري ته ان جو بيان سندس حال جي حقيقت هجي. (2) ته جڏهن خاموش رهي ته ان جي خاموشي ۽ سلوڪ سندس حال کي ظاهر ڪري، مطلب ته جيڪڏهن ڳالهائي ته ان جي سڀ ڳالهه حق هجي ۽ جي خاموش هجي ته ان جو هر فعل فڪر هجي.

حضرت محمد بن علي بن امام حسين بن حضرت علي المرتضي سلام الله تعاليٰ عليهم اجمعين جن جو فرمان آهي ته : التصوف خلق فمن زاد عليک في الخلق زاد علي في التصوف. يعني پاڪيزه اخلاق جو نالو تصوف آهي. جيتري قدر پاڪ اخلاق هوندا، اوتري قدر اهو صاف صوفي آهي. پاڪيزه اخلاق جا به قسم آهن: (1)

الله تعاليٰ سان گڏ (2) مخلوق سان گڏ. الله تعاليٰ سان گڏ اُهي اخلاق آهن، جو الله تعاليٰ جي رضا خاطر قضا، رضا،قدر تي راضي رهڻ. خلق سان گڏ اهي اخلاق آهن جو الله تعاليٰ جي رضا خاطر مخلوق جي محبت جو بار برداشت ڪرڻ ۾ پڻ فرمائن ٿا تہ جتي دل هجي اتي قدم هجي، جتي قدم هجي اتي دل هجي، صوفي اهو آهي جو سواءِ الله جي ذات جي ٻيو ڪجھ نہ ڏسي.

حضرت پير سائين رشيد الدين شاه جي ملفوظات نقل 302 ۾ پنهنجي فرزند حضرت پير سيد رشد الله جن جي پڇڻ تہ همہ اوست بابت وضاحت فرمايو. فرماياڻون تہ رحمن ڪير آهي. مون چيو تہ الله تعاليٰ. فرماياڻون تہ رازق ڪير آهي. مون چيو تہ الله تعاليٰ. وري چياڻون تہ ڪريم ڪير آهي؟ مون چيو تہ الله تعاليٰ. فرماياڻون تہ مڙوئي الله تعاليٰ آهي. مون چيو تہ مڙوئي الله تعاليٰ آهي. پوءِ پاڻ حضرت رشيد الدين شاه (بيعت ڏني) جن فرمايو تہ اسان کي همہ اوست جي معنيٰ اها سمجهائي اٿن. يعنيٰ مڙوئي الله تعاليٰ آهي. سندن ڪلامن ۾بيتن مان صرف هڪ بيت ملاحظہ ڪريون ٿا:

ث ـ ثابت سڪ جو جڏهن راحم رکيو راز
ارني جو عالم ۾ عام ٿيو آواز
ق ـ وان من شيءٍ الا يسبح بحمده سَيت وڳو ساز
پر تئون پڪواز ـ لڳو لَن تراني جو.

انهيءَ قرآن پاڪ جي سورت بني اسرائيل آيت ڪريمہ 44 يعني ڪابہ شيءِ سندس ساراهہ سان گڏ پاڪائي بيان ڪرڻ کان سواءِ نہ آهي.

هاڻي غير ڪٿان آيو يا رهيو. هاڻي لدني معنيٰ ۾ جن سمجهيو اهي چون ٿا تہ ڪنهن حمد ۾ ساراهہ ڪنهن ڪرائي ۽ اهو ساراهہ ڪندڙ ڪير آهي. حقيقت ۾ چوي بہ اُهو ٿو ۽ چوائي بہ اهو ٿو. ان جي حڪم کان سواءِ پن ڪک چُري نٿو سگهي ڪل شيءِ محيط آهي. هر شيءِ سندس قبضي ۾ آهي.

هاڻي همہ اوست بابت اعجاز سائين جن جو شعر

ٿلھ: ڪونہ پانيو پيو ڪير ـ سڀ صورت ۾ ساڄيو آهيان

(1) پاڻ کي آئون پاڻ ٿو ڄاڻان ـ پاڻ ڄاتي کان کهڙا پڇاڻان
پرجهي ڪٿي ڪو پير ـ سڀ صورت ۾ ساڄيو آهيان

(2) پرت کي پنهنجو پاڻ پسايم ـ ڏاهہ عقل کان ڏور ڏسايم
سڪ آ منهنجو سير ـ سڀ صورت ۾ ساڄيو آهيان

(3) ساڄيو ئي ساڄيو سڀ هنڌ هوندس ـ ڪاٿُ ڪٿي تہ ڪٿي ڪنڌ هوندس
پُل نہ وِجهي ڪو پير ـ سڀ صورت ۾ ساڄيو آهيان.

(4) غير اعجاز کي غير ٿو ڄاڻي ـ مَامَ پروڙي تہ رمز پڇاڻي
مون ۾ اصل نہ مير ـ ڪونہ پانيو پيو ڪير ـ سڀ صورت ۾ ساڄيو آهيان

ورر ٻئي ڪلام ۾ فرمائين ٿا:

ٿله : اٿم اهو اختيار ـ حاڪم محڪوم بنجي سگهان ٿو

اهڙي طرح ٿيون ڪلام پڙ همئہ اوست بابت ملاحظہ فرمايو:

ٿلهہ : هر جاءِ جلوا مون ڪيا ـ غائب بہ ٿي حاضر بہ ٿي،
اول بہ ٿي، آخر بہ ٿي ـ باطن بہ ٿي، ظاهر بہ ٿي.

(1) العشق واري اتور سان ـ اعليٰ الولايون ڪيم،
آدم بہ ٿي، حوا بہ ٿي ـ شجر بہ ٿي شرر بہ ٿي.

(2) خوش خيال پنهنجي ڪي ڪيم ـ مسجد مندر ميخانہ ۾،
مئي ڪش بہ ٿي، موڪي بہ ٿي ـ مومن بہ ٿي، ڪافر بہ ٿي.

(3) آڙهہ بہ ٿي، گلشن بہ ٿي ـ خليل ٿي، آذر بہ ٿي،
ڪوهہ طور ٿي، تجلو بہ ٿي ـ موسيٰ بہ ٿي، ساحر بہ ٿي.

(4) ڪئين رئاڙيم، ڪئين کلايم ـ ڪئين پلايم، ڪئين ملايم،
ظالم بہ ٿي، سالم بہ ٿي ـ رهزن بہ ٿي، رهبر بہ ٿي.

(5) هر سن ۾ هر سو هر طرح ـ هر ڪا خبر هر هر ڏنم،
انبياءُ بہ ٿي، اولياءُ بہ ٿي ـ سالڪ بہ ٿي، شاعر بہ ٿي.

(6) "اعجاز" واري بيڪ سان ـ پنهنجو پروڙيو پاڻ مون،

پاڳل بہ ٿي، سياڻو بہ ٿي — با زر بہ ٿي، بي زر بہ ٿي.

حديث شريف: من عرف نفسه فقد عرف ربه ـ لا يتحرک شيءٍ الا باذن الله

سائين اعجاز سائين جو ڪلام آهي تہ:

ٿله: جنهن ۾ پاڻ اچي تہ سمايو ـ تنهن کي چا ٿيون اوهين سمجهايو

(1) بي گماني هن تہ بوتي مان ـ الله پاڻ الايو ـ تنهن کي چا ٿيون

(2) ”اعجاز علي“ چوي ڏسيو وائسيو ـ حق کي حق نہ ٿيون پانيو

نفس کي (پاڻ کي) سڃاڻڻ کان سواءِ ڪڏهن بہ حق کي سڃاڻي نہ سگهبو ان جو مثال هيئن آهي تہ:

ٿلهہ : پَاڻَان وَجي پَراهون ـ الله کي وَڙولڻ.

ڪِلِ جَهڙِي ڳَالهہ آهي ـ چَوڪر ڪُلهي ۾ ڳولهڻ.

1 ـ نڪا عَالمن خَبر هيءَ ـ نڪا عَاقلن خَبر هيءَ

ڪَئي عارفن خَبر هيءَ ـ تو مُون مُهانڊي ڍَولڻ.

2 ـ آدم جي نانءَ آيو — آدم ۾ ٿانءِ پَانيو.

ڪَنهن کي نہ ڏَانءُ آيو ـ صُوفيءَ جان رَاز کَولڻ

(3) ووڙن وجود جيڪر علم و عقل جا پيڪر

برحق چون پو هر هر اعجاز وارو بولڻ.

عاشق ۽ عارف جن جي نظر ۾ نظارو صورت ئي آهي. اُهي دل جي آئينہ ۾ حق ۽ حقيقت جو مشاهدو ماڻي هر دم ديدار ۾ محو آهن.

(1) دم ڪي سڃاڻج دم بدم ـ هڪ دم لهي ٿو لک پدم،
ڪل شيءِ مٿي تنهنجو قدم ـ جي راهہ رندي سان روين.
(2) اعجاز چئي اعتراف سان ـ دائم رهج دل صاف سان،
لَعلُون نہ لهدين لاف سان ـ تون ڪر ائين جيئن ٿو چوين.

آخر ۾ اعجاز سائين جي هن بيان کي سندن هن بيت سان اختتام تي آڻيان ٿو.

(1) بيت

انڌن ليکي آدمي ـ سڄن ليکي سائين
آهي ڳالهہ هر ڪنهن جي ـ پنهنجي سمجهہ تائين
سائينءَ کي جيئن پائين ـ آهي تيئن اعجاز چئي.

(2) بيت

انڌن ليکي آدمي ـ سڄن ليکي الله،
جنهن جو ڏسڻ جيترو ـ تيترو تنهن ويساهُ
انڌن سڄن ۾ اعجاز چئي ـ فرق اهو ئي آهہ
هِن متو ڪيو ساهہ ـ هُنن لاٿو سانگو ساهہ جو.

حقيقت پروڙي حق ۾ فنا في الله مان بقا بالله ٿيڻ

جيئن تہ سچي عاشق ۽ سالڪ، عارف جي آخري منزل بقا بالله آهي، ان مطابق پاڻ فنا ڪائڻ ڪان بعد هر چيز قربان ڪرڻ، باقي بيحد ۾ دم پيرڻ، اها بقا بالله آهي. پاڻ هن دنيا جي آخري ساعتن ۾ سول اسپتال حيدرآباد، گردن جي وارڊ روم نمبر 1 ۾ 15 جُون 1998ع مطابق 19صفر المظفر 1419هجري بروز سومر جي رات بستري کي ٽيڪ ڏئي ويٺا هئا تہ پاڻ مون کي سڏ ڪيائون. آئون وٽن ويس، چيائون پنو ۽ پين کڻي اچ تڏهن پاڻ هي ڪلام لکيائون:

ٿلهہ : ايهہ دنيا ساري ڪنبہ الله دا ـ الله ٻچڙيوال وي لوگو. الله ٻچڙيوال اپڻي ڪنبي

ڪون آپ هي پالي آپ هِي هي جڳ پال وي لوگو. الله ٻچڙيوال

(1) ـ آدم اولي الله دا جيوڻ ـ آدم اولي الله دا ٿيوڻ،
آدم اولي مرڪي جيوڻ ـ ويکو الله دي چال وي لوگو. الله ٻچڙيوال

(2) ـ لوڪي الله نون ڪيا ڪيا اهدي ـ لوڪي الله نون جيا جيا اهدي،
لوڪي الله نون پيا پيا اهدي ـ "اَعجاز" آکي هر حال وي لوگو. الله ٻچڙيوال

۽ سندن پيو آخري ڪلام هي آهي:

رند ٿا رهن ٿي ماورا دنيا جي هر فڪرات ڪان

دنيا جي هر فڪرات کان، عقبيٰ جي هر خطرات کان.

هن ڪلام جو جملہ ست مصرع آهن. جن جو مفهوم سمجهڻ لاءِ عاشق عارف بالله وارن حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي هن حديث مبارڪ سان واضح ثبوت ڏنو آهي تہ: الخلق عيال الله معنيٰ جيڪا بہ مخلوق آهي، اها سڀ جي سڀ الله جل شانہ امن والہ جو عيال آهي.

مخزن اخلاق تاليف حضرت مولانا رحمتہ الله سبحاني لڌيانوي جن ارشادات نبوي ڪريم صلي الله عليہ وسلم حضور پاڪ جن جي صفحہ 18 تي ٻئي سٽ ۾ لکيو آهي تہ : لوگ خدا کے عیال ہیں اور خدا کے نزدیک زیادہ پیارا اس کے عیال کو فائدہ پہچانے والا ہے۔

مٿئين ڪلام ۾ "الله" لفظ جي معنيٰ ملفوظات "بيعت ڏٽي" نقل 28 فرماياڻون تہ اڄ اسان کي الله تعاليٰ طرفان هي القا ٿيو آهي تہ ان جي معنيٰ "مستقر بلاواسطي" آهي. مفسر هيئن بہ لکن ٿا تہ "الله" جي معنيٰ "سڪون ۽ ثبات" يعني آرام وٺڻ، ٽڪڻ ۽ قرار وٺڻ آهي. جيئن تہ قرآن پاڪ ۾ آيت ڪريمہ آهي تہ:

الا بذكر الله تطمئن القلوب (سورت الرعد)

خبردار! صرف الله جي ياد سان دلين کي اطمينان ۽ آرام حاصل ٿئي ٿو.

تنهن ڪري اهو اسم شريف رکيو ويو. پاڻ فرماياڻون تہ القا ٿيل معنيٰ جو اصل بہ اِهو ئي آهي. ڇو تہ " مستقر بلا واسطي" جي معنيٰ اهو پنهنجي ذات ۽ صفات ۾ پاڻيهي پاڻ ثبات ۽ قرار وٺندڙ آهي ۽ ثابت ٿيندڙ آهي. اهڙي طرح اعجاز سائين جن پڻ ڪلام ۾ ثابت ڪيو تہ حي القيوم معنيٰ ابدا ابدا (هميشہ) جيئرو ۽ قائم

ڪندڙ جهانن کي. الله لفظ ۾ حي القيوم ۾ فنا ٿي بقا ٿيڻ اها بقا بالله جي منزل آهي. سندن شعرن جو ڪجهہ حوالو ڏيان ٿو:

نذر قبول پوي هي منهنجو ـ گهر، سر مال عيالڙو ـ مج سوالڙو

ڪر عجز اعجازا سر نذر ڏيوان ـ چاسون چاندي زر زيور ڏيوان

هر جاءِ اها خوش خبر ڏيوان ـ اسان ويکيا اپڻي سهاري نون

چا ڪريان قربان هن دم ـ چا ڪريان ٻي حاضري

جو اڱڻ منهنجي الائي ڪيئن ـ ڪئي تو تشريف آوري

حمد تسبيحون هزارين ـ لک دگانا اج ڪيان

گهور سڀ ارض و سماء وارا خزانا اج ڪيان

سر لجون قربان ۾ ـ ڪون ومڪان ڪل شي وري

بخت پنهنجي جي ڪيان چو برتري آئون بيان

اج نہ ٿيندا چا ٿيو ـ فردا ۾ ٿيندا بل عيان

بخت منهنجي جا مدح خوان ـ مهر وماهہ ومشتري

هن خاڪي چنڙي چولي ـ هي ٻوليون تو ڪير ٻولي

چا ٿو چوي ٻڌائي ـ ڪو گوش ڪن تہ لائي

چا وينو آ وجائي ـ ڪنهن کي پيو وڙولي ـ ٻوليون ٿو ڪير ٻولي

اعجاز اهو ٿي حق آ ـ سڻ سمجهہ تو سبق آ

پيو ڪو نہ ڪو ناطق آ ـ الله ريءَ تو اولي ـ ٻوليون ٿو پاڻ ٻولي

ڪامل فقير اهو آهي جو ظاهر توڙي باطن ۾ صاحب خزانہ، صاحبِ تصور، صاحبِ تصرف هجي. خلقت خدا جي ڪي نہ ستائي نہ رنجائي ۽ الله تعاليٰ جي مخلوق جو بار ۽ ملامت جو بار سر تي سهي. اعجاز سائين جن آخر تائين جيڪي بہ وٽن هو، سو مال، ملڪيت، زمين محبت ۾ سڀ لٽائي الله تعاليٰ جي مخلوق، جيت جڻا، نانگ بلا توڙي هر هڪ شيءِ کي پيار محبت ڏئي وڏو خلق، اخلاق ڇڏي ويا.

آخر ۾ هڪ حديث پاڪ ملاحظہ ٿو ڪريان: ان اولياءَ الله لا يموتون و لکن ينقلبون من دار الي دار يعني بيشڪ الله تعاليٰ جا پاڻها (ولي) مرن ڪونہ ٿا پر هڪ جاءِ (در) کان پئي در ڏانهن اچن ٿا. (مشڪوات شريف) الموت جسر اليوصل الخبيب الي الحبيب

فلسفو اعجاز:

حقيقت، حق جي عشق ۽ محبت جي ميدان ۾ عشق جيئن ڪري ۽ ڪرائي، ڏئي توڙي ڏيکاري ان جي وس آهي. عشق لا مذهب، الٽ اوپارو نہ مڪان نہ منزل، هر جاءِ هر هنڌ حاضر، لا فاني، ماضي، حال، مستقبل جو مالڪ ڪتاب آهي، ڪڏهن نہ لڪو آهي نہ لڪندو. ڪٿي حاڪم، ڪٿي محڪوم، ڪٿي ظالم، ڪٿي مظلوم، ڪٿي قاتل، ڪٿي مقتول، ڪٿي فاعل، ڪٿي مفعول، ڪٿي فقير، ڪٿي امير، ڪٿي موءمن، ڪٿي ڪافر، ڪٿي جابر، ڪٿي صابر، ڪٿي حد اندر اسير، ڪٿي بيحد ۾ بي نظير، ڪڏهن يار، ڪڏهن تڪرار، مطلب تہ حقي عشق هڪ لافاني شراب آهي. عاشق جي نظر خالق جي هر تخليق ۾ هوندي آهي. سندس سر

ڪي ذري پرزي ۾ اثبات ڪندي آ. هر زمان، هر مڪان، هَر گمان، هر ڌيان، هر اسم، هر جسم ۾ عاشق کي اهو ئي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. خدا جي ذات هر خاني، عاشق جي جهات پڻ هر خاني، دم دم ديدارن ۾ مست رهندو آهي. جڏهن عاشق سڀ مشاهدا ماڻي، پنهنجي پاڻ تي نظر ڪندو آهي.

پنهنجي جو کوج ڪيڙم – پنهنجي پوءِ سوجهه پيڙم

منجهان منجهه ٿي موج ويڙم – منجهان منجهه ٿي آ شنائي

اهڙي طرح صفات مان ذات جو مشاهدو ماڻڻ، اهو مشاهدو پاڻ ۾ ڏسڻ. بس اعجاز سائين جو فلسفه خيال، سڃاڻپ، تلاش، اداس، حيرت، سمجهه اهائي رهي آهي. سڄي زندگي عشق، حسن، فطرت ۽ قدرت جي عميق بحر ۾ غواصن وانگر سر گردان رهيا.

فلسفه اعجاز ۾ جو ٿيو فنا، سو سڃاڻي ويو فڪر اعجاز جو

آئون خود حيران آهيان ته اهو مالڪ سائينءَ جو لطف ۽ ڪرم آهي جو مون کي اهڙو رهبر مليو جنهن منهنجي جيءَ کي جياريو.

آئون اڳ ۾ اهڙي ناهيڙس – سوز سمجهايو سر سارو

مجني بابت هڪ شاعر پنهنجي شعر ۾ فرمايو آهي ته مجني الله پاڪ کان عرض ڪري سوال پڇيو ته:

تو چرا نامم به مجنون ڪر دئي

عشق ليليٰ در دلم چون ڪر دئي

معنيٰ : اي الله پاڪ! تو منهنجو نالو مجنون ڇو رکايو ۽ منهنجي دل ۾ ليليٰ جو عشق ڇو پيدا ڪيئي. هاتفي آواز آيو:

ڪار ليليٰ نيست ـ اين ڪار ـ من است

صورت ـ ليليٰ عڪس انوار ـ من است

معنيٰ : اهو ڪم ليليٰ جو نہ آهي، پر اهو ڪم مون ڪيو آهي. ليليٰ جي صورت تي منهنجي نور جو عڪس پيو آهي. ان ڪري تون مست ٿيو آهين.

اهڙي طرح اعجاز سائينءَ پڻ پنهنجي هڪ شعر ۾ فرمايو آهي :

(1) اي ميان پارس پڙهيا ـ تون ڪر پنهنجي پوري پري

جن کي مليا وند ورهہ جا ـ تن کي ٻيا وند ڇا ڪندا

(2) ”اعجاز“ ڇئي هن دل تي آ ـ ازلي حسن جو اولڙو

شمس شعلا شمر ٻتيون ـ چمڪي چهرا چند ڇا ڪندا

هن شعر مان ٻہ نقطا پڙورڻ گهرجن :(1) وِرهَہ جا وند ملڻ (2) ازلي حسن جو عڪس (اولڙو) جن کي قدرت طرفان عشق جو وند ازلي نور جو عڪس ملي تہ اها ذات ٻي ٻها ڇئبي.

اعجاز سائينءَ جي فلسفي فڪر ۽ شعر ۾ محو ٿيڻ سان سندن صورت، سيرت، قول، فعل، سڀ جو مشاهدو ڪيم تہ پاڻ جيڪي لسان سان فرمايو اٿن ۽ روحاني راز پلٽيو اٿن. ان آئينہ ۾ سندن ڪردار جو هوبهو مشاهدو ڪيم تہ جيڪي ڪجهہ شعر چيو اٿن ان تي پاڻ پورا عمل پيرا رهيا آهن.

اجان بہ اعجاز جي سخن کي پرکي سندن دل ۾ ويھي جيڪي مشاھدو ڪيم اھو ھي آھي:

اعجاز ھڪ حق جي محبت جو پيغام، سڪ، مجاز محبت، اخلاق ۽ سيرت آھي. اعجاز حق جو مصور، نقاش، تصور آھي. اعجاز بي بھا موتي گل آھي،چمن، حسن و جمال آھي، اعجاز ڳجھہ راز رمز و نگاھ آھي. اعجاز وصال آھي تہ وڇوڙو بہ آھي. ظاھر آھي تہ باطن بہ آھي. اعجاز پيار، سخاوت، رحم ٻاجھہ، سمجھہ، آئينو سوال جواب آھي. اعجاز صبر، خبر نظر، وصل، وصال، اصول، جانب، يار، ھادي رھنما، پيشوا آھي. اعجاز رھبر، عقل، حياءُ علم، ايمان عِشق، سور، زخم، ناسور آھي جو ڇٽڻ جو نہ آھي. اعجاز سچ، سچ جو سنيھو بي انت رونما جھان، سڄڻ، ساٿي آھي، اعجاز حوصلو، حيرت ارادو، الھام، اوتالعلم، يسمع، يبصر، آھي، اعجاز فطرت، قدرت، تقدير، تدبير آھي، اعجاز سالڪ، شاعر صابر، اولياءُ فقير عاشق عارف بالله وارو صاحب حال آھي. اعجاز شاڪر، فيض، وفائي، سچائي، صفائي وارو قلب، ڪامل الحياءُ آھي. اعجاز قصد، عقيدو ويساھ، علم اليقين، عين اليقين، حق اليقين جتي قدم اتي دم پرڻ وارو محب، حبيب، محبوب، احساس، تجسس، ساس آھي. اعجاز تجلو طور، نور، ظھور، مخمور، معمور، مذڪور، منصور، رند آھي. اعجاز چند، سيد ابن علي آھي. علام الغيوب سري وانا سره. اعجاز خود شناس،دانا بينا، حق نشينو حق مبينو صاحب طريقت، حقيقت ۽ معرفت وارو آھي. اعجاز جي رمز و نگاہ صرف عشق آھي. امر ملڪ جا جوڳي امر ٿي ويا فرمايو اٿن تہ:

نڪا اڄ نہ ڪالھہ ميان ـ از لئون اڳي ڄاڻ

سُيم ٻانگ برهہ جي ـ قلبئو ڪنن ساڻ
پڙهيم ڪلمو پريم جو ـ پنهنجي پيم پچاڻ
چڱائي ويم آڻ ـ عبديت جي اعجاز چئي.

اروپ ننگر جو پکي، روپ ننگر ۾ ڪايا ۾ تن حصن ۾ جسمي طرح رهي پيغام ڏيندو راهي ٿي ويو. اڄ اسان وٽ سندس محبت ۽ پچار رهي آهي.

ٿلهہ: ٻيلهہ ٻگهن سان ٻهي ووڀار ـ پرت پکيئڙو پاري هليو ويو.

(1) سال ساڪن هوهن ئي سر ۾ سُرُ نہ ڪيس ڪنهن سهي ووڀار — پرت.

(2) لاتيون سٻاجهيون لنوندو لنوندو ـ ڪالهہ هتان ويو ڪهي ووڀار — پرت.

(3) آدم اولي سمجهہ "اعجاز" ـ روپ انهي ۾ رهي ووڀار ـ پرت...

اسان دعاگو آهيون تہ ڪين الله پاڪ پنهنجي فضل و ڪرم سان مغفرت فرمائي ۽ سندن فرزندن (1) سجاد الرسول شاه "سجاده نشين" ۽ (2) ظهور احمد شاه. ٻنهي ڀائرن کي اتحاد ۽ محبت عطا فرمائي. جيئن حقيقت ۽ حق جي واٽ وٺي، سچائي ۽ وفائي سان منزل مقصود تي پهچن.

انهيءَ کان علاوه سائين جن جي وڏي فرزند امان الله شاه راشدي جن جو ڪلام جنهن جو تعداد ست آهي. پڻ شامل آهي مان پڻ ناظرين مستفيض ٿيندا.

دعاگو

صوفي صابن خاڪي

پنج مورو

پاره ٢٢ سورة الاحزاب ٣٣ رڪوع ٩ آيت ڪريمہ ٧٢

مولوي احمد ملاح:

امانت اُين ڪي ـ آڇيسون عيان
زمين ۽ جبلن ڪي ـ جاڏا منجهہ جهان
اُٺائڻ ڪان ان جي ـ ڪيائون ناهہ نڏان
ڏيا تنهن ڪان ڏيل ۾ ـ اُٺايس انسان
ظالم منجهہ زمان ـ آهي نسورو نادان سو.

حضرت شاهہ عبداللطيف:

اول لوهہ قلم ۾ ـ پيئي پرت پچار
ملڪن ۾ ماتام پيو ـ عرش ڏني اوچنگار
سندو برهہ بار ـ هن خاڪيءَ کنيو سر تي.

حضرت سچل سائين:

اديون آدم ناهيان ـ فلڪ نہ ڪي فلڪن
خيالئون اچي اوچتي ـ خلل وڌم خلقن
ناهي مُيسر ملڪن ـ اِها امانت عشق جي.

حضرت پير سائين رشيد الدين شاهہ (بيعت ڏٽي)

ڪلام

ٿلهہ: عشق تہ آهي اڪيچار ـ انڏن لاءِ تہ بہ آهي اونداهي،

1_ وان من شيءِ عشق جي آهي _ پن پن منجهہ پچار يار.

ڪلام

ٿلهہ :اج آپ عشق گهر آيا ٿيا ساڏڙا بخت سوايا.

1_ مُئي دل جياريس ميڏي قم باذني فرمايا

2_ سو جيا مول نہ مرسي جنهن نون جوش جڳايا

3_ اها امانت چاوڻ مشڪل چم باري سر چايا

4_ رشيد الدين آکي لاشڪ آکي رانجهن رُخ وکلايا.

وضاحت: قرآن پاڪ جي مٿين آيت ڪريمہ مان ثابت ٿيوءِ عارفن عاشقن ان جي تصديق ڪئي آهي تہ اها امانت عشق آهي. تفسير محمد عثمان نورنگزاده جن پڻ مٿين آيت ڪريمہ جي آخري معنيٰ ۾ قبول ڪيو اٿن تہ صوفين جي عقيدي موجب اها امانت عشق ئي آهي جيڪا ابد ۾ ڏاڏي آدم عليہ السلام کنئي. چو نہ کڻندو؟ ان کي پيدا ئي ان لاءِ ڪيو ويو هو.

حضرت قبلہ اعجاز علي شاهہ:

عشق عشق اسان ڪيو _ اول آخر تا،

اُٺائڻ وقت ان جي – ڪئي سون ڪانہ پُڇا،

اسان ڏنس "اعجاز" چئي – مٿو ريءِ چون چرا،

نہ تہ هيءَ اُهائي بلا _ جنهن فرشتا فرار ڪيا.

عشق عشق اسان ڪيو _ عشق نہ ڪيو ڪنھن ٻئي،
اسان اهي ئي آهيون _جن تڪڙ توڙڻ ري،
امانت سمجھي اعجاز چئي _ اُٿايس اکين تي،
عشق نہ آڪرو ٿئي _ اڳيان اسان جي ڪڏھين.

عشق نہ هو داناءُ _ دانائي سيکاريس اسان،
ڪتاب ڪيوسون حسن کي _ عشق نقطي نماءُ،
مڪتب ڪيوسون جھان کي _ عاشق تنھن ۾ طلباءُ،
پڙهندي ڪتاب حسن جو _ عجب ڏٺائين لڪاءُ،
تہ جھڙو "ن" نقطي سان _ تھڙو نين بناءُ،
ڪاري لڳيس ڪو قلب ۾ _ اعجاز اٿائين گھاءُ،
پيس پوءِ سماءُ _ استاد سڏيائين عشق کي.

عشق عشق اسان ڪيو _ عشق اسان جي خلقت،
اسين مالڪ عشق جا _ عشق اسان جي ملڪيت،
ائين سمجھہ اعجاز چئي _ هيءَ آ حقيقت،
عشق اسان جي رعيت _ اسين راجا عشق جا.

پاڻ سڃاڻ

حضرت شاهه عبداللطيف:

پيهي جان پاڻ ۾ ـ ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾ ـ نڪا ڪيچن ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ ـ سسئي تان سور هئا.

خوش خير محمد سائين:

رب سڃاڻ سهنجو اٿئي ـ پاڻ پڙورڻ اهنجو اٿئي.
دم دم دلبر وسي ٿو دل ۾ ـ ونحن اقرب ساهہ رڳن ۾. وچئون پردو
پنهنجو اٿئي.

حضرت مولانا تاج محمود شاهه امروٽي:

پرين توکان پاسي ناهين ـ هيڏي هوڏي چو ٿو ڪاهين
ناحق سختيون سِر سهائين ـ تنهنجو توئي ساڻ
جي تون پروڙين پاڻ

حمل فقير:

ٻئي ڪون ٻهون سڃاڻ سوڪا ـ اوڪا آپ سڃاڻ،
آپ سڃاڻ آپ وڃاوڻ ـ ول وڃ آپ نہ آڻ
من عرف نفسہ فقد عرف ربہ ـ سمجهہ اهو سمجهاوڻ

حمل حق سڃاڻڻ ۾ جهون ـ ابتر عمر وڃاوڻ

صوفي دلپت:

پَر سڃاڻڻ سُتَرو ـ پاڻ سڃاڻڻ ڏُک،

اکيون ڏسن پَرَ کي ـ پنهنجو ڏسن نہ مُک

بنا ڏٺي پنهنجي ـ ڪڏهن ملي نہ سُک

دلپت التي ڏسين اَک ـ تہ دوست مليئي دل ۾.

حضرت پير سائين بيعت ڏٺي:

ربوبيت رهبر ٿي ـ اُعرف لئہ آئي

من عرف نفسہ فقد عرف ربہ ـ واهہ واڏائي

تفکر وفي صفات الله والا تتفکروا في ذات الله ـ سونهين سُٺائي

صفت سُهائي ـ ظاهر ڪندڙ ذات کي.

اعجاز سائين :

ڪونہ پانيو ٻيو ڪير ـ سڀ صورت ۾ ساڳيو آهيان

پاڻان وڃي پراهون ـ الله کي وڙولڻ

کِل جهڙي ڳالهہ آهي ـ جيئن ڇوڪر ڪلهي ۾ ڳولڻ

وري ٻئي هنڌ فرمائن ٿا:

درشن دروني ڏرجي ـ دل ڏانهن ڏيان ڏرجي

سڀ ڪجھ دلان ٿو سرجي ـ جهاتي اها سجائي

خود جو مان دانا بينا ـ خود جو شناس آهيان
خود جي تلاش ورتيم ـ تہ خود جي مان پاس آهيان

ٿلھ : ڀَاڻ کي ڪين سُڃاتئي ڳَڏهين ـ رَبّ جي سُڃاتئي تہ ڇيھ ٿي پِيو.

ڄاڻڻ جهڙو ڄاڻ نہ ڄاتئي ـ ڄاڻ ٻيو ڄاتئي تہ ڇيھ ٿي پِيو.
1 ـ دَم دمائڻ دم ڳمائڻ ـ دَم سُڃاڻڻ دَم کي ڄاڻڻ،
دَم نہ سُڃاتئي تہ ڪُجھ نہ سُڃاتئي ـ دَم جي ڄَاتئي تہ ڇيھ ٿي پِيو.
2 ـ صُورت سَڀ ۾ سَيرِ الاهي ـ صُورت سَڀ کي سَاجد ٿِي،
صُورت آڏو ڳنڍ نہ نَاتئي ـ ڪَعبي نَاتئي تہ ڇيھ ٿي پِيو.

خود پاڻ کي وسارڻ ـ جڳ کي وڃي جُهارڻ
ٻِڙ ۾ نہ پاڻ سارڻ ـ وڻ وڻ ناحق ڏنڌولڻ

ٿلھ: خود جي ٿيم اچانڪ ـ خود ساڻ آشنائي
پنهنجي مون پاڻ منزل ـ پاٽان پري نہ پائي

(1) مَن عرف مام حق حق ـ حق جو پيغام حق حق
آئون تمام حق حق ـ ٻوڙيم اتي ٻيائي
(2) مون ۾ ئي حق نشينو ـ مون ۾ ئي حق مبينو
مون ۾ ئي حق جو جينو ـ حق سان جيان ٿو جائي

ڪوه ٿو گنگا جمنا پيٽين ـ ڪهڙو مڪي ڏي ضرور اٿئي
تو ۾ ڪاشي تو ۾ تڪيو ـ تو ۾ تجلو طور اٿئي
هٿ ڪر حال خيال اعجازا ـ هردي منجهہ حضور اٿئي


حديث پاڪ:

القلب عشق الله عظيم

ترجمو: دل الله تعاليٰ جو وڏي ۾ وڏو عرش آهي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ منهنجو خزانو عرش کان وڌو ڪرسي کان وڌيڪ طاقت وارو جنت کان وڌ پاڪيزه آهي. ان جي زمين معرفت آهي، ان جو آسمان ايمان آهي، ان جو سج شوق آهي، ان جو چنڊ محبت آهي، ان جون پتيون يقين، ان جو مڪان همت، ان جا چار ڪم توڪل، فڪر، انس، ذڪر، ان جا چار دروازا: علم، حلم، صبر، رضا، اها دل آهي.

سخن اعجاز



سُخنِ اعجاز

(کلام حضرت پیر محي الدین اعجاز شاه)

باب پهريون - *توحيد، صِفت ثناء*

ٿلھ: جو لَيسَ ڪَمِثلِہٖ آھي پرين سو آ پَسڻ جھڙو،
بِنا ڪَنھن مَرد ڪَامِل جي نہ آ ٻئي ڪي ڏِسڻ جھڙو.

1 - **ڇَوان آئون ڪَيئن آھي ڪَھڙو، ڏِنُس جَنھن جِيئن تنھن سان تھڙو،**
اَصُل ڪان ئي اَصُل اَھڙو، دِليون ڪِلندي ڪَسَڻ جَھڙو.

2 - **ڪِتي مَحبوب سو پِيارو، ڪِتي عاشق اَنا وارو،**
ڪِتي نيڙو ڪِتي نِيارو، ڪِتي گھرو گسَڻ جھڙو.

3 - **سوئي مشرق سوئي مغرب، سوئي سو آ نَحنُ اقرب،**
سوئي رھبر سندم سو رَبُ، سوئي جِت ڪِٿ وَسَڻ جَھڙو.

4 – **لَاَلڻ جي لِڪَ لَقاء ڪي ڪو، ماڻيندو بن بقا ڪي ڪو،**
اِعجاز اِرتقاء ڪي ڪو، رَسي عاشق رَسڻ جَھڙو.

ٿلهہ - مالڪ موليٰ هادي اللہ، پاڻ تو ڄاڻي پَنهنجي قُدرت.

1 - **ڇا لاءِ ٿِي آدم داڻو کاڌائين، ڇا لاءِ ٿِي يُوسف آئينو ڏِنائين،**
ڇا لاءِ ٿِي مُوسيٰ وَري بہ سِکيائين، سَبق خِضري صَبر ساڃاھ.

2 - **اِبراهيم ٿِي آڙاھ تي آيو ، عيسيٰ ٿِي بي والد ڄَايو**
يَونس ٿِي شِڪم ماهِي وسايو، ڪَير هو مُجرم ڪَنهنجو گُناھ.

3 - **اَحد مَنجهان ٿِي سڏايَئِين احمد، بات اِها آهي بالا بيحد،**
پاڻ ئي حَمِيدُ هو ڪَيائين ڪَنهنجو تي حَمد ، وَرُ رِڪيائين وَڏو اِت واھ.

4 - **اَعجاز عَليءِ ٿِي جَلال وَارو، مُلحدن تي ڪَيائين مارو،**
شاھ حُسين ٿِي سَورھ سوپارو، سَجدي ۾ ڏِنائين سِر ۽ ساهہ.

ٿلهہ - هم ساٿِ آهي هَر رَنگَ ۾ هُو ،هِن سِر ۾ هُو هِن سُنگ ۾ هُو.

1 - **وَحدَتَ ۾ هُو، ڪَثرَتَ ۾ هُو، مَاتمَ ۾ هُو ،مُسرَت ۾ هُو**
جَوانن واري جُنگ ۾ هُو.

2 - **مَومِن ۾ هُو، ڪَافِرَ ۾ هُو، مَسجِد ۾ هُو، مَندر ۾ هُو،**
مُلين مَشائخَ مَلنگ ۾ هُو.

3 - **وَڻ ٽِڻ وَاهڻ وَادِيءَ ۾ هُو، شور شُغل شَمعُ شَادِيءَ ۾ هُو،**
روهَ جَبلَ جَهر جَهنگ ۾ هُو.

4 - **سَاز آواز سَرگم ۾ هُو،تَان تَراني تَرنم ۾ هُو،**
اُپنگ چنگ مِر ڏنگ ۾ هُو.

5 - **حُسن حَسِين حَرڪَت ۾ هُو، نَازَ نِيازَ نَزاڪَت ۾ هُو.**
زُلفَن جي وَرَ وَنگ ۾ هُو.

6 - **اَحد مَنجهان ٿِي اَحمد آيو، سِرُ اَعجازا ٿِيس سجايو،**

رنگ ۾ رهي بيرَنگ ۾ هُو.

ٽلهہ : هَميشہ حَمدَ ۾ هُوندا- حَقيقي حَال جا طَالب،

خُمر خاصي خُمَارِيا سي-خُدائي خَيالَ جا طَالِب.

1 - **نفيءَ جي سير مان نِڪري، ويا اثبات ڏي اُسرِي،**
نسنگ نروار ٿيا نِسري، عجب احوال جا طالب.

2 - **ڄَاڻُو سڀ ڄاڻ ڄاڻن ٿا، تندو ٻيو ڪِينَ تَاڻِن ٿا،**
عَجَب احوال آڻِن ٿا، اَمُر اَعَمال جا طَالب.

3 - **بِرهہ جو بار چايو جِن، انا الحق گيت ڳايو تَن،**
اتاهون عِشقُ آيو اُتن، ئَاهِنِ اَڄُ ڪالهہ جا طالب.

4 - **مُشاهِدي وَاري مَحفل جو،مَزو مَاڻيو مَرِي جَي جَنِ،**
مَهيسِي مَردَ سي ماهر، نہ ٿيندا مَالَ جا طَالب.

5 - **مُلاقِي رَوزُ محشر ۾، سيئي مَحبُوبَ سان ٿيندا،**
جَيڪي هُوندا مُحَبَت جي- ذَرَي مِثقالَ جا طَالب.

6 - **گُهمي هِنڌُ سِنڌُ هَر پارا، ڏٺم اَعجاز سِڪَ وارا،**
وڏي هُئا مَرتَبي وَارَا -عَلي جِي آل جا طَالب.

ٿلهه : هِتي آئين پَلي آئين، پَلا ڇَئو ڇو لِڪِي آئين،
اِنهي اِسرار جي سُڌ ڏي، عَدم ۾ ڪِيئن ٽِڪِي آئين.

1 - غُلامي جي غِلافن ۾، طَبل شَاهي طَوافن ۾،
ڪَشالن ڪوهه ڪَافن ۾، ڪَنهنجي ڪارڻ سِڪِي آئين.

2 - ڇڏي تون تخت ڪي تُرتئون، پُڇائي رَنگپور پرتئون،
نياز و ناز سان نرتئون، ڪَهڙي چَاهئون چِڪِي آئين.

3 - ڪَٽورا نيڻِ ڪَج ڪَالا ، اِهي بڻچون اِهي پَالا ،
هَٽي ڪيئي مَست متوالا، عَجَب چالا سِڪِي آئين

4 - مَجيو اَعجاز مَجڻ جي لاءِ، پَرَم جِسمي پَجڻ جي لاءِ،
وري واپس وڃڻ جي لاءِ، ڪَري بولي پَڪِي آئين.

تلھ : **اَسين جَهڙن گُذارن ۾ - اَسان جي تَار تُون هِين تُون،**

خِزائن ۾ بَهارن ۾ ، اَسان جي تَار تُون هِين تُون.

1 - **بَحر بَر بَن بَيابانن - خلاصن خُوش خَيابانن،**
اِرم جهڙن نِظارن ۾ - اَسان جي تَار تُون هِين تُون.

2 - **حَسينن ڪِي قَبيحن ۾ - حَبيبن ڪِي رقيبن ۾،**
هُجون جن جن پِيارن ۾ - اَسان جي تَار تُون هِين تُون.

3 - **جيڪا موسم اَچي سامهون - اُنهي کي ڏيون تا هي ناموں،**
اُونهارن ۾ سِيارن ۾ - اَسان جي تَار تُون هِين تُون.

4 - **اَسين ڏک سُک ۾ هِڪجهڙا - اَسين اُج بُک ۾ هِڪجهڙا،**
ڏُکارن ۾ سُڪارن ۾ - اَسان جي تَار تُون هِين تُون.

5 - **جُهڙن جهولن تَتن ڪاڙهن - گهيڙن گهاڙن چِڪڻ چاڙهن،**
اُونهن غارن اَنڌارن ۾ - اَسان جي تَار تُون هِين تُون.

6 - اَسان جو دَم قَدم آ شُد - اَسان جي حَال تي شاهد،
اورارن ۾ پَرارن ۾ - اَسان جي تَار تُون هِين تُون.

7 - روزن ۾ چئين جي عِيدن ۾ - غَمن دَردن شَديدن ۾،
گُلن ۾ چَئين جي خَارن ۾ - اَسان جي تَار تُون هِين تُون.

8 - اَسين توڙي خُمارن ۾ - عَجب عَيشي قَرارن ۾،
نِگارن مَاهه پَارن ۾ - اَسان جي تَار تُون هِين تُون.

9 - اَسان جي جَهات هَر خَاني - خُدا جي ذَات هَر خَاني،
اَسين دَم دَم دِيدارن ۾ - اَسان جي تَار تُون هِين تُون.

10 — ڪَثر ڪَس جي خَبر ڪَانهي - اِنهي پَاسي نَظر ڪَانهي،
ڪَٽڻ ڪَاسن خَرارن ۾ - اَسان جي تَار تُون هِين تُون.

11 - وِساريون يَار ڪي جو دَم - ڪفر ۾ غار ٿِيون سو دَم
اِنهي آهيون اوتارن ۾ - اَسان جي تَار تُون هِين تُون.

12 - اَسان جي تَار اِثباتي - چَوي اَعجاز آ ذاتي،
مَجيل مَنصور پَارن ۾ - اَسان جي تَار تُون هِين ٿُون.

ٿلهہ : وَاهہ موليٰ سائين وَاهہ، جِيئن جَنهن ڪي وَاهين تِيئن سو وَهي ٿو.

1 - اُبتو واهين سُبتو واهين، ڪُپتيو واهين سپتيو واهين،
تُنهن جي اڳيان نہ ڪنهنجي ناهہ،جِيئن جَنهن ڪي وَاهين ،تِيئن سو وَهي ٿو.

2 - اڪڙو وَاهين جي مڪڙو وَاهين، ڏٻو وَاهين جي چڪڙو وَاهين،
توکي سُونهي تُنهنجي صَلاح، جِيئن جَنهن ڪي وَاهين ،تِيئن سو وَهي ٿو.

3 - اُڃ سان وَاهين جي بُک سان وَاهين، اوسَر لائي جي سُک سان وَاهين،
تو هَٿ هَادي سَيئي سَاهہ، جِيئن جَنهن ڪي وَاهين ،تِيئن سو وَهي ٿو.

4 - وَهُو بہ وَاهين جَڙا بہ وَاهين، چَوٽا بہ وَاهين ٻَڙا بہ وَاهين،
توکي آهي اِها آگاهہ، جِيئن جَنهن ڪي وَاهين ،تِيئن سو وَهي ٿو.

5 - ڏائي وَاهين جي سائي وَاهين ، تائي وَاهين جي لائي وَاهين،
ڪُل سُوڏي مٿي تُنهنجي نگاهہ،جِيئن جَنهن ڪي وَاهين ،تِيئن سو وَهي ٿو.

6 - اَعجاز چَوي مُنهنجو وَهڻ چَاهي،آئون نہ وَهان ٿو توکي نِگاهي،

ڪِيئن نہ چَرخو چَلائين ٿو هَر گاھہ،جِيئن جَنهن ڪي وَاهين ،تِيئن سو وَهي ٿو.

ٿلهه - اَول آخر نُور مُقرب لا اِلا اِلا هو- ظاهر بَاطن وَنحن اَقرب لا اِلا اِلاهو.

1 - **غَائب حَاضرُ قَائم قَادر، مَشرق توڙي مَغرب لا اِلا اِلا هو.**

2 - **قَانع مَانع صاب صَانع نَافع رَافع، هڪڙو ئي رَبُ لا اِلا اِلا هو.**

3 - **هَر رَنگ اَولي ٻوليُون ٻولي، ڪَڏهن مُلون ڪَڏهن مُطرب لا اِلا اِلا هو.**

4 - **هِند سِند ايران ڪابل ڪِنعان، يُورپ يُونان يثرب لا اِلا اِلا هو.**

5 - **هَر راز اُنهيءَ جو، اعجاز اُنهيءَ جو، مَئخار رندي مشرب لا اِلا اِلا هو.**

ٿلهه: ڪر خيال خَتَم ٻِيا لِڪ ۾ تُون، وڃ پِيهي الله الڪ ۾ تُون.

1 - **ريءَ الله جي نا ڪُجهه ناهِي، جِيڪي آهي اهو ئِي آهي،**
پاءِ تنهنڪي هر مُڪ ۾ تُون.

2 - **ڪَام ڪِروڙ ڪِينو ڪَٽي چِڏ، موهَ مَمَت ڪان مُنهن مَٽي چِڏ،**
ٻَجهُ نہ ٻِيائي ٻَڪُ ۾ تُون.

3- **واندا اِلاهِي عِشقَ سان وَاڳِجُ، جُڳ جُڳ جِيئڻ لاءِ جَاڳِي جاڳِجُ،**
پَٽُ نہ پَرائِي پَرڪ ۾ تُون.

4 - **لاءِ اعجازا لاهوتي لولي ،لا اِلا هُو هُو ٻولِي،**
نِتِ سدا ڏُک سُک ۾ تُون.

ٿلهه: جيڪو دِليُون لُٽي ٿو لُٽير، ڪَر ٿُون سَهِي سو، پر ۾ پَهِي سو.

1 - **ٿالو اُنهي جو رَنگي آهي، بي اَنتُ بَازِيگرُ اَنگِي آهي، سَيَ ۾ سندس سِر سير**
ڪر ٿُون سَهِي سو، پر ۾ پَهِي سو.

2 - **جِنهن جو مُلڪ مَڪَانَ نه هِڪڙو، پار پَتو رَند نِيشان نه هڪڙو، هِڪڙو سَندسُ مُنهن نه پَيرُ،**
ڪَر ٿُون سَهِي سو، پر ۾ پَهِي سو.

3 - **لا مڪانِي لا ريبُ سوئي، حاضُر غَائِبُ بي عيبُ سوئي، ڦند نه وَٽسُ ڪو ڦيرُ،**
ڪَر ٿُون سَهِي سو، پر ۾ پَهِي سو.

4 - **ڏِسَڻ وَارِن ڏي هُو به ڏِسي پِيو، حَال مَحَرم ٿيو خُوبُ هَسِي پِيو، مَن جو مَٿائي مير،**
ڪَر ٿُون سَهِي سو، پر ۾ پَهِي سو.

5 - نَڪُ اَڪيُون سِر صُورَتَ رکي تو، لوڪُ اَجان تِنهن کي ڪِين لَکي تو، اِهو بہ اَعجاز ڏِسُ اَنڌيرُ،

ڪَر تُون سَهِي سو، پر ۾ پَهِي سو.

شانِ رسُول ﷺ

ٽلھ: اوھين ڪا نظر فرمايو، خدارا خاتم الانبياء،

خطائون در گذر پانيو، خدارا خاتم الانبياء.

1 - **اوھان جو در خُدا جو دَر، خُدا جو دَر اوھان جو دَر،**
بيگانہ دَر نہ ٺَڪرايو، خدارا خاتم الانبياء.

2 - **اگھا عاصي اڙيا عاجز، ڏيھان ٽَڙيل ڏکيا ڏُتڙيل،**
پورا پُليل سڄُر لايو، خدارا خاتم الانبياء.

3 - **نگاھہ ڪَرم سان آقا، ڪَريو آسان مُشڪل سڀ،**
اوسيڙن ۾ نہ اُلجھايو، خدارا خاتم الانبياء.

4 - **مُونجھارا غَم زَماني جا، توڙي دَارالبقا وارا،**
ميٺي ڪُل مُنھڙو مَرڪايو، خدارا خاتم الانبياء.

5 - **اسان جو سُوال نيارو آ، اسان مان ئي اسان کي ڏيو،**
سيني وارو تہ سرمايو، خدارا خاتم الانبياء.

6 - گُناھن جي سياھي ڪان، سڀ جي دامن سياھ آھي،
اجاريون ڪيئن سو سمجھايو، خدارا خاتم الانبياء.

7 - نِڪارن ناقص جي ھت، اوھان ريءَ ڪا پوا ڪانھي،
اوھين سَڏ تن جا اونايو، خدارا خاتم الانبياء.

8 - نڪي زر مال گھُرجي سُون، نڪا ناداري گھُرجي سون،
بِنھي ذِلتن ڪان ڇڏرايو، خدارا خاتم الانبياء.

9 - اَوھان جي پاسباني سان، اسان جي سِنڌُ سائي آ،
مٿان تنھن مھر برسايو، خدارا خاتم الانبياء.

10 - وَاَمَا السَائِلَ فَلا تَنھَرُ، ڪَيوَ ھي قول قُرآني،
نہ ھن سَائل تي ڌُرمايو، خدارا خاتم الانبياء.

11 - اَوھين مولٰي اَوھين مَلجا، اَوھين مختيار ڪُل آھيو،
اَوھين اعجاز بَرسايو، خدارا خاتم الانبياء.

ٿلهه : مَديني جو مَنظر شَهر الله الله - اِنهي مُلڪ جو هَر بَشر الله الله.

1 - **اُتي واري هَل چَل جُهڪيل ڪنڌ نَظرون - ذِڪر هَر زبان تي شُڪر الله الله.**

2_ **اُتي واريون شامُون اُتي واريون صُبحون_ اُتي واريون گهڙيون گُذر الله الله.**

3 - **عَطُر اُوٺُون ڏي اُت اُبارا اَچَن ڪَئين - حِنا مُشڪ موتيو عَنبر الله الله.**

4 - **سي مَاڙيون سي چَاڙهيون گهٽيون چَونڪ غُنچا - سِي شَاخون شَجر با ثمر الله الله.**

5- **وَني قَلب اُت ٿو صِفت بي خوديءَ جِي - وَجي جَرس جِيئن ٿو جِگر الله الله.**

6- **ڪِروڙن لَکن جُون وَجڻ سان اُتي سَڀ - خَطائون ٽِين دَرگُذر الله الله.**

7- **ماٿهو جِن ملائڪ چُمن مِڙيو چَاهئون - گُنبذ سَبز اَطهر جو دَر الله الله.**

8 - **لَڳو رَنگ اُتي جو اُنهن عَاشقن کي- عُمر پَر ڪَيو جَن صَبر الله الله.**

9- أنهي پَار جي سِڪ ۾ سَعيو سَجايو - أنهي پَار وَارو سَفَر الله الله.

10- أهي وَاديون نَهرون أهي دَشت سَحرا - أهي چشمہ پَاڻي اوڪر الله الله.

11- أهي جبل جُهونا أهي غَار جَايُون - أهي ٿاڪ بَينڪ ٿُوهر الله الله.

12 - پَسي اِيءُ نَظارو مَتس رَشڪ ڪَن ٿا - مِهرو مَاھ ڪَامل بَدر الله الله.

13- سُنبل سَروُ نَرگس صَنوبر هَزارا - نخل نَاز ڪَن ڪَڍيو ڪَر الله الله.

14- حَرمَ بيت حُجرا صَحَنَ صَاف أجرا - سُونهَن پياسي سَر بَسر الله الله.

15- مَديني مَڪي جا مُنور منارا - مَٿان ٿَن جي ڇَانيل اَبَر الله الله.

16- أنهي ڏيھہ پَسڻ لاءِ ٿا هَر سال ڪَئين ڪَن - صَدق سَاھ سِر زَر زَيور الله الله.

17- اگهن مَن ڪي اَعجاز مُنهنجون بہ آهون - پَسان مُلڪ سو دَر سَگَر الله الله.

ٿلھ: مِني مُربي موھيو عَربي، مُلڪ مَلڪوت وَارن ڪي،
عَجب شُعلا نَظر آيا، اُتي جَبروت وَارن ڪي.

1 - ڪُليون دِيدار جون دَريون، حُورون پَريون ٿِيون چَريون،
تَجليون تَاب تِڪَ پَريون، لِڳيون لاھوت وَارن ڪي.

2 - جَنت فِردوس جون جَايون، گُھمي مَحبوب سَڀ گھايون،
حَضُوري حَال جُون لايون، ھُونگون ھَاھوت وَارن ڪي.

3 - نَعرا نِينھن جا لَڳا نِيارا، عَيان اِسرار ٿِيا سَارا،
اُتان بَخِرا بِرھ وارا، مِليا بَاھوت وَارن ڪي.

4 - ڪَما حَق سَير قَوسيني، ڪَيو سَردار ڪَونيني،
رِنديءَ جي رَاز رَنگ رَيني، ئَايو نَاسوت وَارن ڪي.

5 - سَيّد سَرتاج وَحدت جو، صَاحب اَعجاز صَمديَت جو،
لائي ٿو رَنگ مَعرفت جو، صَبر ثَابوت وَارن ڪي.

تلھ : اچي آسان مُشڪِل ڪَر، حَبيبِ ڪِبريا ھَادي.

1 - **رَحمتَ اللّعالمين سِر ٽُون - نَبِي روح الاَمين سِر ٽُون،**
شَفِيعُ المُذنَبِين سِر ٽُون - ٽُنھنجي ھَر ڪنھن تي اِمدادِي.

2 - **ڪِنا ڪوجھا ٽُنھنجا آھيون - وجي بِي دَر ٽَتا دَانھيون،**
اُميدون ڪِينڪِي لاھيون - آھيون لاءِ فَيض فَريادي.

3 - **بَرابر آھيون بي سَمرا - ڏوھاري ڏَاڍا ڏَڏ ڏُبرا،**
اَسان جا قلب ڪر اُجرا - وَھائي نُور جِي وَادِي.

4 - **ڏي بيواھن کي پَرواسو - دَما دم دَاد دِلاسو،**
آھي اَعجاز اَرداسو - ٿِين وِيرانا آبادي.

تلھ: *قائم قُدسي ڪُلاھ - سَجڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي.*

لَولاڪ لَما گواھ - سَجڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي.

1 - **اَنا اَحمد سَمجھ اِشارو - چَئي تو آھيان اللہ،**
سَجڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي.

2 - **مُرصع جَامون تاج مُبارڪ - وَھوا جَلوو جَاھ،**
سَجڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي.

3 - **لَا تُدرِڪہ اَل چئي تہ لِڪو- صُورت آدم ۾ وَاھ،**
سَجڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي.

4 - **ڪِين ڏِسي اھو ڪَڏھن نِظارو - ڪَور نَظر جو ڪَوتَاھ،**
سَجڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي.

5 - **سَير ڪَرڻ لاءِ سُھڻل سَائين - ٺَاھي آيو ڪَھڙو ناھ،**
سَجڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي.

6 - **حُسن جو سَاٽس هَر هَميشہ - سِلح سامان سِپاهہ،**
سَڄڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي.

7 - **عِشق اَعجازا عَاشقن کي - ملِي ڪَيائين مُباح،**
سَڄڻ سِر ڪَلنگي ڪَلنگي.

ٿلھ : مِٺا مَحبُوبَ مولىٰ جا، اُوھان ڪي ھِي صدا آھي،

نَاڪامن نَاقصن تي نِت، ڪَرم ڪَامل ڪَريو ڪاھي.

1 - اُوھين آھيو شَاھا شَافي، اُوھان جو اِسم آ ڪَافي،

اُوھين ھِت ھُت ڏِيندوء مَعافي، اُوھان رِيءَ ڪَا پِوا نَاھي.

2 - اَسان جا ڪَئي ڪَمائي آ، اُوھان ڪي رُو شَنائي آ،

عُمر گُذري اَجائي آ، گُناھن ۾ گاھي گاھي.

3 - ڪَريو عَاصين مَٿي مُروَت، سَباجھا ٻَاجھ ۾ شَفقت،

ھَلايو اَھڙي ڪا حَڪمت، امارو نَفس سَاجاھي.

4 - وَني لا تقنطوا وَارو، سَھارو آسرو چَارو،

سَليوسُون حَال سَڀ سَارو، چَڏيو رِڻ ڪِيمَ ڪِي راھي.

5 - اِجابت ٿئي عِنايت ٿئي، ھِدايت ٿئي حِمايت ٿئي،

حَاصل ڪو حَال حَق جو ٿئي، اِئين اَعجاز تو چَاھي.

ٿلهه : *رسول الله جهڙو رهبر، نڪو ٻيو ٿيو نڪي ٿيندو،*

سيد جو هم قدم همسر، نڪو ٻيو ٿيو نڪي ٿيندو.

1 - **شفيع المذنبين ٿيندو، برابر ڏينهن محشر جي،**
سوئي آ صاحب ڪوثر، نڪو ٻيو ٿيو نڪي ٿيندو.

2 - **امام المرسلين آهي، منو مربي اُمي عربي،**
احمد ڄام ڄان اطهر، نڪو ٻيو ٿيو نڪي ٿيندو.

3 - **هلي جئين هاشمي هرهر، لڌيون سارون سَقيمن جون،**
يتيمن جو ائين ياور، نڪو ٻيو ٿيو نڪي ٿيندو.

4 - **لواءِ الحمد جو حامل، سدائين داد گر سڀ جو،**
اهڙو عادل دنيا اندر، نڪو ٻيو ٿيو نڪي ٿيندو.

5 - **ڪلامُ الله نازل شُد، اُمَر جي شان ۾ يارو،**
وڏي ان ڪان پلو برتر، نڪو ٻيو ٿيو نڪي ٿيندو.

6 - لکين احسان لک لائق، ڪيئين اعجاز لاغر تي،
منهنجو مُحب سو منور، نکو ٻيو ٿيو نکي ٿيندو.

ٿلهه : نظر آيون آيون هُو پاڪ نِيلون، اَگهيون دَرَ عَجيبن آهون اُپيلون.

1 - اُڪندِ سِڪ ڪي آهي لَڪين ڪَوهه لَحظو جُهوٽي عِشق سان پُڄي ڪو نه پَههُ ڪو،

اِنهيءَ پُور توڙيون زَنجيرون ڪَئين ڏِيلون.

2 - لَٿو پَنڌ پَيرن ٿَان مَعافي مَنزلون ٿِيون ،مُرادون به پُوريون من گُهريون ٿِيون،

وِڪان ويجهيون پانيان ،سَهل سَپ سَبيلون.

3 - هِتي ڪولي هَلندا جي دِل وَاريون ڏِيدون، هِتي تَن لاءِ حج آ هِتي تَن لاءِ عِيدون،

مُبارڪ جا مُستحق اُهي بي دَلِيلُون.

4 - ڏِسڻ هِن اَکين ڪي اِهو نِت ڏِنائون،ڪَرم بَاجهه اَعجاز ڪوجَهن تي ڪَيائون،

حَاصل حَال تِيَڙن چُتِيُون قَالُون قِيلُون.



شانِ علي عہ

سِي حرفي

در شان مولا علي

الف- اعليٰ سِر اِلاهي اَلاصل اَوَل علي،
اِبتدا ڪان اِنتها تائين اَفضل و اَڪمل علي.

ب برابر بُت شِڪن ۽ بَربَرِي بَر سِر بَبَر
بِي بَها بَانڪو بَهادر بِي ريا بلڪل علي.

ت - تَوحيد حَقّ سَندي تَحقيق تَنهن تَبليغ ڪَئي،
تعريف لائقَ تَاجدارو تَخت جو تَجّمُل علي.

ث - ثُبوتن سَاڻ ثَابت سَڀ ثَبين ڪَئي ثَنا،
صَاحب آهي ثَقلين جو آخر توڙي اَول علي.

ج - جَابر جُوان جَنگي جَل جَلالي جَوش سان،
جَابجا جَلوه نُما جَاني جَڏن پَر جَهل علي.

ح - حَقاني حَال سان حَاڪم حقيقي حَقّ ڪندڙ،
حَقّ حَقيقت کي وَني ڪَيو هَر مَسئلو حَل علي.

خ - خَلق جي خَير وَارو خَاص خَاصو خُوش خُلق،
خُود خُدائي خَصلتُن سان خُوبرُو ڪُليل علي.

د - دَامادِ مُحمّد دَستگير و دَست رَس،
دَردمندن جي تہ دِل جو دَم بدَم دَرمَل علي.

ذ - ذَاتي ذِڪر ڏِيندڙ ذُوالذَڪائي ذِي وقار،
ذُو الضِيا ذَابر ذَهين وذُوالمَنَن ضُو دِل علي.

ر - رُوحاني رَاست رَهبر رَاز مَحرم روزُ شَب،
رَاشدي جي رُوح سان تِيو رَمز ۾ رَلمل علي.

ز - زماني پر ڪان زَياده زور ۾ زوجه بَتُول،
زنگ بازي زيادتي زَر مال ڪيو زَائِل علي.

س - ساقي سو سدا ڏي سُرت جو ساغر سڏي،
سُونهن سَيرت ۾ سَرسُ سَڀ کان سندم سُھڻل علي.

ش - شَاهي شان وارو شافي شفاعت جو ڏٽي،
شِر شيطاني کان پَلي شام وسحر شَاغِل علي.

ص - صاحب صاف دل صوفي صفا صائم صُبُور،
صبح ومَسَا سو ياد ڪر سيني جي آ صَيقَل علي.

ض - ضايَع ڪَئين ذَلِيلَن ڪي تہ ضَربِ تيغ سان،
ضابِطي سان ذِبح ڪَيا بي پير ڪَئين پلپل علي.

ط - طَريقت دار طاهرِ طالبن تي مهربان،
تِن طمع ڪي ترڪ ڪَيَڙو جِن ڏِنو تهدِل علي.

ظ - ظَفر مند ڪِيو ظهورو ظلم ظالم ٿِيو زَبُون،
ظاهر ضعيفن جي مدد ۾ آهِ ڏِس اڇڪلھ علي.

ع - عاشق عارف بِا اللہ ۽ عالي هِمّت،
عِلم لُدنِي جو اَڪابَر عالِم و عادِل علي.

غ - غازي غَضنفَر غُنذَن غَدارن لاءِ غَضب،
غم زدن ۽ هِن غرِيبن جو سڄڻ گُهربل علي.

ف - فقير الحال فَاقئي مست فَائز ذِي فَهم،
فوج فالم سان فتيٰ فرمان رَوا فاضِل علي.

ق - قائم ڪُل متي ڪُل جو قديمي ڪارساز،
قُل ڪمائي ڪُل ڪيائين ڪُل ڪَنان قابِل علي.

ڪ - ڪاشف ڪِبريا ڪاتب ڪلام اللہ جو،
ڪعبي کي ڪعبو تَنهن ڪيو ڪعبو چوان ڪامِل علي.

ل - لاثاني لقاءَ آلا فتح اِلاعلي،
لا طمع سو لاڏلو لالچ ڪنان لَڙيل علي.

م - مُحي الدين جو مالڪ مُحافظ مختيار،
مِيم جي معنيٰ جو ماهر، مِيم ڏي مائِل علي.

ن - نوري نور پَروَر نور جي وادي نَهر،
نور نالو نور نظرون نور سو نِرمل علي.

و - والله واه واهر وَر وِلهن جو واه واه،
وِرهه وارن کي وِکان ويجهو آهي واصِل علي.

ه - حَرامين ۾ حَلالين جي هَميشہ ڪَسوَٽِي،
هاشمي هَادي اَسان جو آجڪو اَجمل علي.

ل - لاهي لَڳ لاڳاپا لوچ اَهڙو لَعل ٿُون،
قبر قيامت ۾ ڪنڌُ ميان معاف سَڀ مُشڪِل علي.

اء - اَعجازا اُنهي کي ڪونہ هُوندو ڪو اِحتياج،
اَزل کان آ نام جنهن جي قَلب تي اُڪريل علي.

ي - يگانو يار آهي يار مُنهنجو ياعلي،
ياوري لاءِ سو يقينًا ياد ڪيم يڪدِل علي.

ٿلھ : ڳر اِھو ڪينو ڦِٽو ۽ پَنھنجو ٿون ڳوڙو ڦصدہ

حَيدري بَندن کي حاسد، چا کَندو تُنھنجو حسد .

1 - **ھر گھڙي جِن جي حِمايت، آھي اَسدالله کَئي،**
تَن اڳيان ڪَھڙو بَڌين ٿو، ڪانئِرا ٿُون پَنھنجو قَد.

2 - **ٿُون پارکو پُورو نہ آھين، پَٽ اڪيون وَاري پرک،**
بُو تُرابِيُن سان نہ پيئنج، بي بقا بُنياد بَد.

3 - **ريءَ سَيّد جي رَھبري، ناھي رَوا ناھي رَوا،**
رَک نَصيحت دِل تي ٿُون، روڳي اَجايو ڏي نہ رَدُ.

4 - **دَرُ دَامادِ مُرسل جو آئون، نہ ڇَڏيان اَعجاز ڇَئي،**
ويو ۽ ويندو وات اِن سان، وِرھہ وارن جو وَفد.

ٿلهہ: هَر سُو هَمہ هُو هُو هُلي، هُو حق علي هُو حق علي،

جلوي نُما ٿيو جَل جَلي، هُو حق علي هُو حق علي.

1 - **مَخفي مَتي اثبات جي، وجي مام معنيٰ اِت ملي،**
مَردن چيو مَرڪي مَلَهي، هُو حق علي هُو حق علي.

2 - **سِر سان سِري ساهئون پَساهئون، سو صحي سوجهي لڌم،**
سُڌَ سَلُوني تنهن سَلِي، هُو حق علي هُو حق علي.

3 - **چِشمان چِشمي چاڙهہ چاڙهي، چوٽان چوٽي چِٽ چڙهي،**
چَو طرف ڏِس چوڪس چلي، هُو حق علي هُو حق علي.

4 - **وَجَهُ الله وير وارث، وحدتي ويڙهي وَندو،**
واقف وَسيلو وَر ولي، هُو حق علي هُو حق علي.

5 - **عِشق ارڏي آرَسان، اِرشاد ڪيو اعتبار ڪر،**
اَعجاز اولي سِر علي، هُو حق علي هُو حق علي.

ٿلهه : *اٿئي جي دل جگر ۾ دم، علي الله ڇٺو ڇئي ڏي،*

انهيءَ دعويٰ تي رهه محڪم، علي الله ڇٺو ڇئي ڏي.

1 - **زماني دَهَرَ هَر ڪِنهن ۾، بَحَر بَرَ شهر هَرَ ڪنهن ۾،**
هميشه هر گهڙي هر دم، علي الله ڇٺو ڇئي ڏي.

2 - **هُجين سيڄو اندر جو، جي هُجين نِرتو نظر جو جي،**
هُجين جي نينهن ۾ ناظم، علي الله ڇٺو ڇئي ڏي.

3 - **عليءَ ۽ العليءَ ڪي تو، جي آ اڳ ۾ جُدا ڄاتو،**
ته هاڻي بي دڙڪ همدم، علي الله ڇٺو ڇئي ڏي.

4 - **نَڪِي درمان پُڇُ دارون، نَڪِي ڪر ڪَنهِن بَئي دَر ڪارُون،**
سندءِ زخمن سندو مَرهَمُ، علي الله ڇٺو ڇئي ڏي.

5 - **نه جيسين صاحبِ دِل ٿُون، نه تيسين مردِ ڪامل ٿُون،**
اچي ٿي راز جو محرم، علي الله ڇٺو ڇئي ڏي.

6 - جي تون مُطرِبُ تہ ترنم سان، جي تون گوَيو تہ سرگم سان
ڪري هٿ لَئِہِ تي لَئِہِ ۾ گُمُ، علي الله چٽو چئي ڏي.

7 - نَفِي اِثبات ڪَرِ حَق کي، وڃائي ڇڏ شُبَهہ شَڪ کي،
تي صوفي بي سر و بالم، علي الله چٽو چئي ڏي.

8 - اُها ئي ذات آ ڪکَ ۾، اُها ئي ذات آ لکَ ۾،
اُها ئي ذات آ پَيهَم، علي الله چٽو چئي ڏي.

9 - عليءَ جو سِرُ اڳاهُون آ، اڳاهُون آ مٿانهون آ،
اوري آ ڏاڏهين آدم، علي الله چٽو چئي ڏي.

10 - ڪيسين ڪَذاب تي گهمندين، ڪيسين ڪَنهن کان ڪَنبِي ڪنبدين،
ڪَنبڻ نا عاشقن جو ڪم، علي الله چٽو چئي ڏي.

11 - اڃان واعظ تون بيچارو، پالين پيو نَفس اُمَارو،
اُنائي عشق جو پرچم، علي الله چٽو چئي ڏي.

12 - **مُخالف آسمان تي پئي، جي مارو جڳ جهان تي پئي،**
چوي اَعجاز تون تاهم، علي الله چئو چئي ڏي.

ٹلھه : اٿئي جي دل جگر ۾ دم، علي الله چٹو چئي ڏي،

انهيءَ دعويٰ تي رهه محڪم، علي الله چٹو چئي ڏي.

1 - **ڏِسڻ حَقّ جو ڏِنو جي ٿئي، مُرشد ڪامل ڪَنو جي ٿئي،**
نه سِرُ پنهنجو مِنو جي ٿئي، علي الله چٹو چئي ڏي.

2 - **مَئي پي جي مَتَل آهين، اِنهيءَ رنگ جي رَتَل آهين،**
عليءَ دَر جي ڪُتَل آهين، علي الله چٹو چئي ڏي.

3 - **عجب تُنهنجو عقل آهي، مَحَو خبرن تي ڪُلُ آهي،**
اصل تو وٽ نقل آهي، علي الله چٹو چئي ڏي.

4 - **جِتي هِن دمر جا اِنڪاري، اٿئي سي عِشق کان عاري،**
اُتي عاشق ٿي اِقراري، علي الله چٹو چئي ڏي.

5 - **توڪي ماٺھو ڪَندا مَنَعُون، مگر تون ڪيم تج مَلَعُون،**
طبل تاڪيد سان بس تون، علي الله چٹو چئي ڏي.

6 - نالي خاطر نہ ٿي نانگو، لنگهي وڃ لاجو لَڪُ لانگهو،
هُجي جي تار جي تانگهو، علي الله چٽو چئي ڏي.

7 - مَر چڙ ميدان منصُوري، اندر جي آس ڪر پُوري،
سنپاهي سِر مٿي سُوري، علي الله چٽو چئي ڏي.

8 - اُٿي اَعجاز ٿي اظهر، هڻي نعرو اِهو اڪبر،
ٿيي منصُور ڪان دمر پر، علي الله چٽو چئي ڏي.

تلهه : جَنِ ڪي عِشق آهي پَنجَتن پاڪ جو، تن ڪي خوف ڪِھڙو قبر خاڪ جو،

اِهو ڪيو اَعتبار، اِنھيءَ دَر جا پينار- هوندا باغُ بهار، سارِي سَپ ڇَمار.

1 - آدم صَفِي الله، مُوسيٰ ڪَلِيم الله - اِبراهيمُ خَلِيل الله، عِيسيٰ روحُ الله،
سانِدي سوز صاحبِ لَولاڪ جو- پاتَئُون انعام عَبدي اِملاڪ جو.

2 - عَاشِق عَالِم، سَالِڪَ سالِمَ - فَاتِحَ فَالِمَ، مُعارف مُعلِم،
اِتان سَبَقُ سِکيا اِخلاقَ جو - اَعليٰ عِلِم عَقل اِدراقَ جو.

3 - عَدنِي ،عَرفَاتِي ،مِصري ،گُجراتي - هِندِي ،هِراتِي، سِندِي ،سَواتِي،
پَڙهِي پَنُو ڏِسو اَلَهاڪُ جو ڪَم نَاهي داڙَ ڀَناڪ جو.

4 - ڳَاءِ اَعجاز ڳُڻَ پنجن جا - هَر دم هر جاءِ تَنِ هَنجهن جا
اُهي ڪَڪَر آهن هِن ڪَاڪ جو - ڪندا غور سي سيِ غَمناڪ جو.

ٿلهہ : *مَولَيٰ تُون مَولَيٰ تُون مَولَيٰ تُون مَولَيٰ،*

عَلي نام تُنهنجو لاهين تُون اولا.

1 - بَشر جي ٿي اَولي ۾ آئين بَرابر ،مَگر آهين سِر تون اِلاهي سراسر،
سُجاڻي وِيا توکي هِي تُنهنجا ٿناگر، وَهم غَم وِيَڙا پيڳا يَوَ پولا.

2 - مُهردار تُنهنجا مَلڪ جِن ماڻهو، ڳائيندا وِيا ڪئين تُنهنجا ڳُڻ ڳاڻو،
حَقانو تون هَادي حَاذق حَال جَاڻوُ، اَسين آهيون تُنهنجي گولن جا گولا.

3 - پَرِيندي ڏِنو جِن تُنهنجو دَر اَچِي، پِياريَئي تَني کي سَڏي سُرڪ سَچِي،
مَري ٿِيا سي مَنصُور مَهل ۾ مَچِي، پِيَن قُرب تُنهنجي جا قابو ڪَڙولا.

4 - هَلياسُون هَاهُوت ڏي حَيدر جي حُڪم سان، اَٿئون عِشق اَعجازا اُنهيءَ جي اِسم سان،
رَنگي رُوح چِڏيئين رِندي رِيت رَسَم سان، لَنگهياسُون لُڙ لهرِيون جَهڪُون جُهڙ جَهولا.

ٿلھ: ھَر ھَر گداگر آھيان حيدر حُسينڻ جو،

پينو پياسي پينار پڄري پاڪ چمڻ جو.

1 - **ڪنگڻ ڪولابو ڪنڌ ۾، ڪنئو ڪستو ڪين مان لاھيان،**
ھڪ عِشق اندر ۾ انگ تي اَلفي پرت منجھان پيو پايان،
شاھِ نجف ڏي ڪاھيان اٿم تانگھو تنھن پيٽڻ جو.

2 - **گودڙيو آھين گولو تن جو ھل لانگوٽيا لاھوت،**
ٿُرت طمع کي تَرڪ ڏيئي تون ڪر نَفِي نابود،
ٿُنھنجو پنج ڪَٽِي آ قوت، ھاٽي ھوڪو ڏي ھلڻ جو.

3 - **حُر وانگر تي حُر حقيقي ڪر ڪليجو قربان،**
نانگو ٿي تون ڪڻ نقارو چَوڪِي ڏي تنھن چوگان،
اَعجاز علي ڪان دان گُھر تون محب ملڻ جو.

ٿلهه - جَنهنجو موليٰ علي سان پيار نہ آ، تِنهن جي ڳَلمي تي اَعتبار نہ آ.

1 - علي اَهِل خُدا، علي اَهِل شَفا،علي اهل سخا، علي اهل وفا،
ڪَئي جَنهن بہ صَدا علي، دَر تي گدا، اُهو خَالي ڪَڏهن وِيو يَار نہ آ.

2 - جِنهن ڪي پِياس پَنجن جي هُوندي گهٽي ،تَنهن ڪي مَحشر ۾ مَرهيندو ڏٽي،
جِيڪو مُنڪر ٿِيندو سَمجهي سُٽي، سو چئبو حَلالي ٻَار نہ آ.

3 - مُنهنجي شير جَلي جَهڙو ڀيو ڪو ڏَس، اَهڙو ٻَانڪو ٻَهادر ٿيو ڪو ڏَس،
سَواءِ حَيدر خَيبر ڪَنهن ڪٽيو ڏَس، جِتي آهي علي اُتي هَار نہ آ.

4 - جَهلي دَامن جَنهن بہ حَيدر جي اَچي، رَنگي رَنگ ۾ ويو هِت هُت سو رَچي،
اِها ڳَالهه اَعجازا آهي سَچي، هِن ۾ ذات ذرو ڦير ڦار نہ آ.

تلھ : ***يَاعَلي مُشڪل ڪُشائي ڪَرِ اچي - رھ رُلين جي رَهنمائي ڪَرِ اچي،***

حَقّ رَسيدا حَقّ رَسائي ڪَرِ اچي - بيواهن جي وَاھ ڪائي ڪَرِ اچي.

1 - حَقّ ۽ بَاطل جي وِچان، پئي سَيّدا - صِف شِڪن تي سَڀ صَفائي ڪَرِ اچي.

2 - تُون سَلُوني سِر سَليندڙ سِر رِبّي - فَاش اَڄ هي ڳُجھ ڳُجهائي ڪَرِ اچي.

3 - تُون وِلَهن جو وَاهرو مُلجا موليٰ - عَاجزن اَڙين جي آجائي ڪَرِ اچي.

4 - تُنهنجا توڪي ئي سَڏيندا جَابَجا - سَڏ سُڻي تَن جي سَڻائي ڪَرِ اچي.

5 - نَابرن جو تو مَٿي آ ننگ نَنگي - بَد بُرن سان تُون ڀلائي ڪَرِ اچي.

6 - نام تُنهنجي سَان اَجان اَعجاز چَئي - چو حَسد آهي اَجائي ڪَرِ اچي.

تلهہ: دِل عَلي المُرتَضيٰ جي ڳالهہ ڪَر - شَهنشاهہ شيرِ خُدا جي ڳالهہ ڪَر.

هَادي حَيدر حق نما جي ڳالهہ ڪَر- مومن جي مَهہ لَقا جي ڳالهہ ڪَر.

1 - **صَد سَلامن سَاڻ صَلواتون پَڙهي- پوءِ وصييءِ مُصطفيٰ جي ڳالهہ ڪَر.**

2 - **شَان ۾ جَنهن جي تي نَازل هَل اَتيٰ - تَنهن بَهادر بي بَها جي ڳالهہ ڪَر.**

3 - **بِيا بين جي ڪَن پلي پر تُون سدا - ساقييءِ ڪَوثر ڪَفيٰ جي ڳالهہ ڪَر.**

4 - **دَم اَتئي جيسين تہ تيسين دَم بدم- جَابجا مُشڪل ڪُشا جي ڳالهہ ڪَر.**

5 - **سَپ طَريقن سِلسِلَن جي مورَ مُنڍ - پِر پُريائتي پيشوا جي ڳالهہ ڪَر.**

6 - **لا فتيٰ اِلاعَلي لا سَيف چَئي - فَاتحِ خَيبر فَتيٰ جي ڳالهہ ڪَر.**

7 - **مُشڪ عِطر سان مَلي هَر هَر دهَن - تُون مُحمّد جي مَوليٰ جي ڳالهہ ڪَر.**

8 - **با ادب تي نِياز نوڙت عِجز سَان - زُهريٰ جي شوهر بَاوفا جي ڳالهہ ڪَر.**

9 - بُوالحَسن بَابُ العِلم پَدرِ حُسين - صف شِڪن صَفدر صَفا جي ڳالھ ڪَر.

10 - نِت نَوازيا نَاتوان اَعجاز جَنهن - سَر بَسر تِنهنجي سَخا جي ڳالھ ڪَر.

ٿلهه : اَسان جو تہ سَاقي، علي آ علي آ،

ڏِيندو پَٽ عُشاقي، علي آ علي آ.

1 - ڪَلادار ڪَامل ڪَما حَق ڪَلالي،
قَائم سِر قَديمي ڪَده وَر ڪَمالي،
موڪِي مَد ميثاقي، علي آ علي آ.

2 - سُهڻي سَانگ سُونهاري سُبحاني سِر سَان،
ببر خيز پِيالي فِياضي نَظر سَان،
مَٽيءَ تي مُلاقي، علي آ علي آ.

3 - سَيّد جي سَري وَٽ مَتا مئي ڪَشن جا،
سَوين سُنگ ميڙا سَتا مئي ڪَشن جا،
سَندن يَار ياقي، علي آ علي آ.

4 - رُومي شَمس مَنصور قَلندر بَلاول،
بُلا شاه پِٽائي سَچل مِسري بيدِل،
سَين وٽ اوطاقي، علي آ علي آ.

5 - دارون دَرماندن جو، علي دست در آ،
اُهو ئي اَعجازا قَسِيمُ الڪَوثر آ،
بَقا باالله بَاقيِ، علي آ علي آ.

ٿلهہ : اَسان جو شَاھ ٿان حَيدر سِر سُبحان ٿي آيو،

سَخا واريءَ صَفت ۾ سو سُخنِ سلطان ٿي آيو.

1 - **شَهنشاه شير شُجاعت لاءِ، اَول آخرِ اِمامت لاءِ ،**
مُصافحِ ميل مُحبت لاءِ، يَدِ يَزدان ٿي آيو.

2 - **مُحقق مُک مُغان ماهر، طَبعي فِقري تَقِي طاهر،**
اَصل باطن توڙي ظَاهر، لالڻ لاثان ٿي آيو.

3 - **علي گُر پير مَلَڪن جو، سُونهون فَرش فَلَڪن جو،**
واقف سِر سير وَنحن جو، سَگِر سرواڻ ٿي آيو.

4 - **چَوڻ وارن چَيو حق آ، شُبهہ تَنهن ۾ نَکو شَڪ آ،**
مُحمّد ۽ عَلي هڪ آ، نہ بِي جِند جان ٿي آيو.

5 - **ڪَعبي وَاري وِلادت سَان، سُجودِ حَقّ شَهادت سَان،**
عَجائب اِن عِبادت سَان، بَرِي بُرهان ٿي آيو.

6 - اَعجازا عَاشقن جي لاءِ اَوليائن عَارفن جي لاءِ
پَنهنجي شَهه شَائقن جي لاءِ بَدل بَاران ٿي آيو.

ٿلهہ: هَٿُ حَيدر جي دَامن ۾ پَاتو اَسان، صَحي پَنهنجو سَهارو سُجاتو اَسان.

1 - ڏِنوسون نہ ڏِسنداسُون ٻي ڪَنهن جو دَر،
آهي پَاڻ شَاهد عَلي مَوليٰ سِر ,
جَپيو نَام تنهنجو ڏِينهان رَاتو اَسان.

2 - جَهڙا آهيون تَهڙا وَجيو پيش پَٺُون،
پَايو پَاند ڪِڇيءَ نَيو اُت نَئون،
ڪَري ڪَعبو قبلو سو ڄَاتو اَسان.

3 - ڏيندو ڏَڏ ڏوهين کي مُغان پِير معافي،
اَسان ڪَاڻ آهي سو ڪَافي سو شَافي،
تَڏهن آهي تَنهن کي تہ ڳَاتو اَسان.

4 - آهي هُو اَسان جو اَسين هُن جا آهيون،
چَاهي هُو اسان کي اَسين هُن کي چاهيون،
اِئين نِت نباهيو آ نَاتو اَسان.

5 - ڏِني سُرڪ سَاقي سَچائي سَندي،

وِرهه عِشق اَعجاز وَفائي سَندي،

وَرتو پِير پَارس پُرياتو اَسان.

ٿلهہ: *ياعلي مُشڪل ڪُشا - هَادي هَمّت قُوّت ڏِجان،*

بينَوا بَد بَخت تي - ڪَامل ڪَرمُ ڪَاهي ڪَجان.

1 - **هي رُليو رَهِدار روڳي - تُنهنجي آهي آسري،**
آءُ اَچي ڪَر تنهن کي آجو - غَير ٻِيائي جي ٻِجان.

2 - **رِهنمائي سَاڻ ڪَريو - رَاهہ آسان عِشق جي،**
پَندَ اَپر آ ڏُور مَنزل - سَيّدا سَاٿي ٿِجان.

3 - **جي اَوهان جي ٿئي نَظر تان - خَاڪ ڪِيميا ٿِي پَوي،**
ڏِيد لائي پيچ پَائي- ناقصن کي هُتِ نِجان.

4 - **عَين ڏوهي آهيان - اَعجاز چئي سُڻ سَاقيا،**
آئون سَمر اڳِئين سَفر جو - ڪونہ ٿو سِر ۾ سُجهان.

تلهہ:حَيدر پير خَيبر گِير وَارث وِير وَسيلا،

وَاهر وَاه تِي وي شَاه رَهبر رَاه رَسيلا.

1 - جَمندي جَام تُون اِمام، تُنهنجو نام عَلي آ،
پَاڪيزا پَير بَبر شَير، پَري هير هلي آ،
پَون ثاب ،هي شتاب، مهٽي هاب جا حيلا.

2 - حَاسد هور، ڪن تا شَور، ڪُزا ڪور ڪَنورا،
تِيا نِفاق، مَنجهان عاق، آهن ڻاڪ اَنورا،
ٿُون رَسِين، نَڪِ ڪَپِين، ڦِڪا ٿِين ڦَسيلا.

3 - تُنهنجي پَيش، نيهي نيش، ڪَئين دَرويش ديوانا،
پِي پَينار، ٿِيا سَرشار، پرت دَار پَيمانا،
سَندءِ جُود، سَگِر سُود، ڪَيا خُوشنودَ تَسِيلا.

4 - جَهڙو شَان، اَتئي مَانُ، تهڙو دَان ڏي دَاتا،
آهيون ڏَڏَ، اَيِري لَڏَ، هِيٺا هَڏ هَيهَاتا،
توڪان راڄ، سَريا ڪَاڄَ، ڏَجائي ڏَاڄ ڏجيلا.

5 - چَئي اَعجاز، بلند آواز، ڪوليو رَاز رَبّي تو،
آهين رِند، اَصلي چِندُ، تُون دِلبندُ نَبيءَ جو،
تُنهنجو پُور، ۽ حُضور، پَسن نُور، قليلا.

ٿلهہ: *مَوليٰ ٿام تُنهنجو، ڇَڏائي ڇِيَن ڪان،*

هِتي جَنِ هُتي جَنِ، سمورن سِيَن ڪان.

1- تنهنجي ٿام جي، نِت مُهابي آ معافي،
اَڙيائِتَن ۾ عاصين لاءِ، آ ڪيڏو نہ ڪَافي،
عِفت مغفرت ۾، بِيٺو آ بِيَن ڪان.

2 - مُون هَر حَال رَنگ ۾، ڏِنو اوري ڏوري،
مَٺئين من واري ڪي، هَٽيو ڇَوٽُ چوري،
تَڏهين ٿِيو وَتان آئون، ڪِيو وَڌ ڪِيَن ڪان.

3 - بِرهہ عِشق وارو، اُوليٰ بَا اَثر آ،
بي پَرڪَاڻ پَر آ، سِپر آ سَمَر آ،
اِها پَئي خَبر آ، تہ جوڳِين ۾ جِيَن ڪان.

4 - سَاراهيو سو اَعجاز، هَردَم هِجي سان،
آهي آشڪارو، اَڪر عَين جي سَان،
ڪَري خَاص وَاقف، لَقائي لِيَن ڪان.

ٿلهه: عَلي مَرد ڪَامل يَگانو يَگانو - ڳُجهي رَاز ڳُجهه جو خَزانو خَزانو.

1 - **خَفِي سو جَلي، سو وَلِين وَلي سو - حَقان حَقّ ۽ حَقّ جي آ رَهبر ڳَلي سو، سوئي عِلم جو دَر سُهانو سُهانو.**

2 - **هُو شَمع رِسالت جو پَهريون پَتنگ آ - جُوانن جي صِف جو پَهريون جُوان جُنگ آ، اَصل چِند عَاشق رِندانو رِندانو.**

3 - **دِلين جو هُو داتا دِليون هُو سُجاڻي - اُين آسمانن جو هُو حَال جَاڻي، رَکو خِيال تَنهن سان رُوحانو رُوحانو.**

4 - **پَنهنجَا پَاڻ پَازي سَچا مَرد غَازي - بَبَر خيز پِياريو ڪَري سَرفَرازي، سَخي اَهڙو سَاقي روزَانو روزَانو.**

5 - **عَلي جي نَظر ۾ اِشاري اَثر ۾ - آهي ڏِس اَعجازا اَحاطي اَمُرَ ۾، قِبل حَال مَاضي زَمانو زَمانو.**

تلهہ : اي اِمامُ العَاشقين سَاقي سَيرمُشڪل ڪُشاءِ

ڪر سُوالِين جون صَدائون پوريون پِر مُشڪل ڪُشا.

1 - **صُبح دَمِ جي التجا آگا اُونائڻ تو ڪپي،**
هَر دو جَڳ جاڏي سَڏي اَچ سَپ سَمر مُشڪل ڪُشا.

2 - **شَانُ تُنهنجو هِئين نہ شَاهاءِ ڪِيئن اِيڏيون ديريون ڪَرين،**
بَر مُرادون مَنَ جُون ڪرِ هي جهولي پَر مُشڪل ڪُشا.

3 - **قَافلن جا قَافلا ڪَئِين ڊول تو ڊائي ڊِياءِ**
جَاءِ بَجا تُنهنجا وَسَن تا نِت نَنگر مُشڪل ڪُشا.

4 - **مَن طَلب شَيءُ چَيو تو، قَول پَنهنجو پَارتون**
ڪَر ننگيڻا ڪَا نَظر نَر ناموَر مُشڪل ڪُشا.

5 - **مئي تُنهنجي مَئيخان جي ۽ پَٽَ تُنهنجا پَتدار يَار**
جِن پِيتاسي مُون ڏِنا سُونهارا سرِ مُشڪل ڪُشا.

6 - دَرندا پَرندا جِن مَلڪ، جَر جِيت ۽ وَڻ ٽِڻ جَبل،
سڀ سلامي تو سندا جَڳ وَڳ وَڳر مُشڪل ڪُشا.

7 - هڪل هيبت دَاٻ دَڙڪي تُنهنجي ڪَيا پَاهڻ پَٽي،
تو ڪَنان تا ڪُل ڪَنبن ڪافر گبر مُشڪل ڪُشا.

8 - عَرض لِڳ حَسنين جي اَعجاز جا سُڻ ياعلي،
مَغفرت سان مَعاف ڪُلُ ڪَر ڏوهه ڏَمر مُشڪل ڪُشا.

ٿلهه : دل ٿــي چَوي چَوان چوان دَم دَم عَلـي عَلـي،

لــڪ لــڪ دفعا لِڪان لِڪان دَم دَم عَلـي عَلـي.

1 - جِيـڏانهن ڏِيان جي ڪَن تہ، صدائـي عَلـي هُجِـي،
هِـن هُـن وَٿـان ٻُـڌان ٻُڌان، دَم دَم عَلـي عَلـي.

2 - جِيـڪا نَظـر ڪجِي تہ، اُنهـي ذات تـي پَـوي،
هِـت هُـت پسـي پسـان پسـان، دَم دَم عَلـي عَلـي.

3 - اثبــات واري دم، ۾ عــقـيـدي ويــساهہ سان،
الله جِيـئـن مـجـان مـجـان، دَم دَم عَلـي عَلـي.

4 - اي مُحتسب ٿُون مَنعُون، ڪَندين مُونڪي ڪيتريون،
نِڪريو وَجي چِتان چِتان، دَم دَم عَلـي عَلـي.

5 - جِنهـن طرف جي وجَان، تہ ويسارو نہ ٿـي وجَان،
چونـدو اوڏانِهـن وجان وجَان، دَم دم عَلـي عَلـي.

6 - دُنيا جا عجب عيش ۽ سُک مان سڀ ڇڏي،
منگتو ٿي نِت گُهران دَم دَم عَلي عَلي.

7 - آئون تہ ڪَريان مَاٺ ڪٽي، تُنهنجي ڇَئي مَگر،
ٻُڌندين اَڙي جِتان ڪِٿان، دَم دَم عَلي عَلي.

8 - دِل جي پَٽيءَ تان غين اکر، ميٽي عين لِک،
ڪَر پوءِ هِجي رَوان رَوان، دَم دَم عَلي عَلي.

9 - اَعجاز جو بہ سوئي، تہ اُستاد پير آ،
پوءِ چو نہ آئون پُڇان پُڇان، دَم دَم عَلي عَلي.

تلهه : *مُنهنجو آقا عَلي عَلي - مَوليٰ مَظهر العَجائب.*

1 - **اَسد الله سو، عَين الله سو- وَجَه الله سو، يَدُ الله سو،**
جنبُ الله سو، جَلي جَلي - غَير جي اک ۾ دِل ڪان غائب.

2 - **مَاسوَي الله ترڪ وارو - سَاقييء ڪوثر سچارو،**
وَاه وَارث وَلي وَلي - وَصي نَبيءَ جو نيڪ نَائب.

3 - **شَاهِ مَردان شيرِ يزدان - مُئل دِلِ لاءِ آبِ حَيوان،**
هيءَ تہ وَصَف پَلي پَلي - آهي عَجائب ۽ غَرائب.

4 - **لا فتيٰ آ لا جَوابي- بابِ عِلم جو بُو تُرابي،**
ڳول نہ بي ڪا ڳلي ڳلي - تي عَلي دَر توبهہ ٿَائب.

5 - **آهي اَعجازا شَاه حَيدر - بَيواهن جي وَاهہ حَيدر،**
آيو هَڪل ۾ هَلي هَلي - وِيو ميٽي مُشڪل مَصائب.

ٿلهہ: *مَن عَرف وَاري مَامر جو- مَالڪ عَلي عَلي،*

جَوهر جَلالي جَامر جو- مَالڪ عَلي عَلي.

1 - **آبي شُبهہ برابر - بَانڪو ببَر بَري،**
بَرسر بَقائي بَامر جو - مَالڪ عَلي عَلي.

2 - **هَردَمر حُضوري حَال سان- هَسوار هَاشمي،**
حَملي حُسيني هَامر جو - مَالڪ عَلي عَلي.

3 - **سَرخيل صوبو ثابت-صَاحب صُورت سَندو،**
صَلَوات ۽ صَيام جو - مَالڪ عَلي عَلي.

4 - **اَعجاز سِرُ سَلوني- مَان معلومر ٿي وِيو،**
مَعنيٰ آ اَلف لامر جو - مَالڪ عَلي عَلي.

ٿلهہ: سوجهہ وجي سَنسار - جوڙ نہ ڏِسندين جڳ ۾ عَلي جو.

1 - دِل ۽ دِليري صَبر ۽ سَخا ۾- جَنگ جَدال ۽ جَبر جَفا ۾،
آهي عَالَم آشڪار-ٺالو نِمايان شَير جَليءَ جو.

2 - يَدُ الله جِي يَلغار آڏو- وِڄ ڪان تِکڙي وَارجي آڏو،
ڪير ٽِيندو تَڪرار- جگر ئي ٺاهي ڪَنهن جَنجليءَ جو.

3 - جهڙپ هِڪ سان هَزارين جُهڪايئين-پِيل بَربت بُونب ٻجايئين،
دَهريَن آدَهڪار، ٻَبر بانڪي مَرد مَلهيءَ جو.

4 - مک مُغان ميئخان مٿيءَ جو- ساقي موکي وِرهہ وَٿيءَ جو،
قطرو ڏي تہ قرار - قلب وني هر ڪنول ڪَليءَ جو.

5 - اَعجاز عَلي جو مَقام اَعليٰ-عُشاقن سَندو سو اِمام اَعليٰ،
مَسند نشين مَهندار-رَهبر رَبّوبي رَاهہ ڳَليءَ جو.

ٿلهہ: ڇَاتيءَ جي چير ڇَم ڇَم سان-نچي جپ نام حَيدر جو،

ٿناگر تي گداگر تي- صُبح ۽ شَام حَيدر جو.

1 - **ڇَڏي غَفلت ۽گُمراهي - ناچو تي نَچ نَانگا نَاهي،**
عجب تي پَئو تُون آگاهي - تہ گام وگام حَيدر جو.

2 - **ملنگ مولٰيٰ عَلي جو تي- شيدا شيرِ جَلي جو تي،**
واصف وَارث وَلي جو تي- پَائين اِنعام حَيدر جو.

3 - **ڪَسا ڪُوڙا ڪَچا بِيا ڪُل - دُنيا ۾ رَنگ اَٿئي بِلڪل،**
پَڪو پُختو پَائنج پلپل- فَقر فَن فَام حَيدر جو.

4 - **حَقيقن ڪي مِجازين ڪي- غوغائن مَرد غازين ڪي،**
پَلئہ پِيو پَتنگ پَازِين ڪي- پُران پُر جام حَيدر جو.

5 - **اَصل عَرشن ۽ ڪُرشن تي-فلڪ فِردوس فَرشن تي،**
جِنن مَلڪن ۽ بُرجن تي-اَٿئي اَقدام حَيدر جو.

6 - بَلاغت آ فَصاحت آ- شُجاعت آ سَخاوت آ،
عِنايت آ اِمامت آ- اُتم اِسلام حَيدر جو.

7 - مُحبت عِشق مَحڪُم سان-مُدامي دِل مُسلَم سان ،
صِدق ۽ مَج سِرخَم سان- حُڪم اَحڪام حَيدر جو.

8 - تَوتي اَعجاز هَر گاهي- اِهو ئي فَرض بس آهي،
نهي جِيئن تو تُون تِيئن ناهي- ڏِجان پَيغام حَيدر جو.

تلهہ: عَلي جي نام اَطهر ڪان، مُلان چو تو ڳرين موشو،

اَٿئي مَحشر سَندو موڳا، اِهو تُحفو اِهو توشو.

1 - **جي ڪَلمي ڳو سَڏائين ٿو- تہ پوءِ ڪِيئن ٿو ڳَرين ٻِيائي،**
مُحمد کير مَوليٰ کير - ڪري ڏِسُ غَير ڪان ڳوشو.

2 - **ٻِنا دَروازي جي پَورا - ڪِٿان ويندين شَهر ۾ ٽُون،**
هَيا ڪجهہ هَوش ڪَر هَاڻي - نہ ٿِي ايڏو تون بي هوشو.

3 - **جيڪو يَدُ اللہ آهي ۽ - ڪري پيو ڪم اِلاهي نِت،**
عِنايت ڄَاڻ سڀ اُن ڪان- ڦِريل ناٿي فَراموشو.

4 - **ڪُڙي ڪنٿور ڪافر لاءِ- اهوئي نام ڪافي آ،**
اڳيان اَعجاز وَٿ اُن جي- جَلالي ٿي تون سَر جوشو.

تلهہ: *عَلي موليٰ مُنهنجو مَددگار آهي،*

مُون ڪي هَاڻ ڪَنهنجي ڏرو ڪَاڻ نَاهي.

1 - **ڇَوان آئون سَچ تو هو ڄَاڻن نہ ڄَاڻن - ڏِنا ڏُک جي مُونکي زَماني جي ماڻهن،**

سَيّد سَاقي سَڀ سي وِيو لِکَ ۾ لاهي.

2 - **عَلي شَاه جو آئون تو اَحسان مَجيان- هي سِر ساهہ گهر تڙ نذر تَنهن کي سجيان،**

ڇَڏيئين حَاسِدن جا ڏِبا ڍوهہ ڏَاهي.

3 - **مُون اِثبات دِل سان ڪَيو سِر عَلي جو- مُبّري مَرد مَانجهي مِني مُنجَلي جو،**

وَڏا فيض جَا تَنهن وِڏا وَاهہ وَاهي.

4 - **حَيدر جي حُڪم سان هَنيم نِينهن نعرو- ڏَسيائين اَعجازا رِندي رَاهہ چارو،**

وَنيو سو وَجان تو،عَدم ڏانهن ڪَاهي.

ٿلھ: _اِيندو مَرد مَانجهي - جَڏهن مَوليٰ عَلي،_

وِيندا دُشمن دُزَن جا- جِگر جَلي..........

1 - **جَنهن جي هَڪل هَيبت کان ڪسريٰ ڪَنبن، جَنهن جي نعري کان وَيرِي وَنڻُن تا وَجن،**

جَنهن جي قَدم قدم کان ڏُوار ڏُٻن، اَهڙو شيرِ خُدا آهي جُوان جَلي.

2 - **جَڏهن مَوليٰ جلال مان وَار ڪَندو، ڪَئين ڏَڙ سِر ڇِيري ڌَار ڪَندو،**

پَٽي ڪوٽ قِلعا ڏُوپَار ڪَندو، توڙي ڪَٽڪ هُجن ڪيڏا ڪُوپ پَلي.

3 - **اي دِل تُون خدشو خِيال نہ ڪَر، ڪَنهن جي ظُلم سِتم جي ڳَالھ نہ ڪَر،**

حَاضر حَال جو ڪَنهن سان حَال نہ ڪَر، وَٺي ويھ صَبر جي وَاڳ ڳَلي.

4 - **جَنهن جو حَامي حَيدر شَاھ ٿِئي، تِنهنجي پَٽرو پَاسي الله ٿِئي،**

تَنهن کي لَهر لوڏو نہ ڪَا لاھ ٿِئي، اِها پڪ آ اَعجازا ناهي ناھ ٿَلهي.

ٿلھ: اَسين ڳالھہ پَنجن جي ڳائيندا سون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

اَسين حَق کي ڪين ڇُپائيندا سون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

1 - **اُهي ڪهڙا آهن اُهي ڪيئن آهن اُهي ڪنهن جا آهن؟**
اُهي ڪَنهن سان آهن، اُهي پارن پَتن سان سُڻائيندا سون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

2 - **هڪ خَير الوَريٰ، ٻيو عَلي المُرتضيٰ، ٽيون حَسن المُجتبيٰ،**
چوٿون شاھِ ڪربليٰ، پنجين پاڪن پاڪ پائيندا سون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

3 - **اُهي نورُاعليٰ نور پنجئي اُهي عِشق وارن جا اِمام پنجئي،**
اُهي پنجئي اَمُل پوئي ڳل پائيندا سون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

4 - **جِن جي حُضور ۾ حَاضر هَردم خُدا، جِن حور و مَلڪ سَاجد سدا،**
اَسين سِرُ بہ اُنهيءَ دَرِ نائيندا سون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

5 - **اُن جو رَبُ رَبي رَنگ رَاز سَچو، ان جو عِشق سَچو اَعجاز سَچو،**

اُن جو دين ملت چُمي چائيندا سون، ڪو خُوش رَهي چاهي رَنج رهي.

تلهہ: *اَسان تي عِشق مُحبت جي عِنايت ڪَئي تہ حَيدر ڪَئي.*

هِيٺن سان حَامي ٿي هَر هَر حِمايت ڪَئي تہ حَيدر ڪَئي

1 - **بَرابر ٿِيو اَچي پِيڙو يَجي زِندان بَاطل جا،**
ڪَري ڪَاهن ڪُفر پَارا، ڪَرامت ڪَئي تہ حَيدر ڪَئي.

2 - **مُنهنجي موليٰ عَلي جِي هِيءَ مُنادِي مُلڪ ۾ ڦيريو،**
ماري ملعون مُلحد تي، مَلامت ڪَئي تہ حَيدر ڪَئي.

3 - **پَڙهو صَلوات لَک واري سَنپاري سِڪ مان سَيّد تي،**
هَلي شاهِ نَجف ڪان هِت، شفاعت ڪَئي تہ حَيدر ڪَئي.

4 - **ڪَڍي غِفلت مَنجهان غَازي غَضنفر ويو تہ غَافل ڪي،**
اَول آخر اَعجازا ڏِس، اِمامت ڪَئي تہ حَيدر ڪَئي.

ٿلهہ:سَين سَائل جي سُڻ ياعَلي، سَردار سَخي لَجپال لَڪي دَامادِ مُحَمّد.

1 - شَاھِ مَردان تُون شيرِ يَزدان، شَان اَعليٰ تُنهنجو شَيرِجَلي سُڻ يا عَليٰ.

2 - هِيڻن سان تُون آهين حَمايتي، حَامي ٿيندين هِت هُت هَلي سُڻ ياعَلي.

3 - سُرڪ سَوائي پِيار سَاقي، سَيّد سَچي مون ڳالهہ سَلي سُڻ ياعَلي.

4 - عَدُون حَاسدن آهيان سَتايو، دِل جي ڪُوماڻي تَڏهن ڪَلي سُڻ ياعَلي.

5 - اَدب اِيمان ڏي صَبر صَداقت، جهولي اَعجاز تُنهنجي دَر تي جَهلي سُڻ ياعَلي.

ٿلھ: هَنيون جن صَدائون هَلي دَر عَلي جي،

پُران پُر ڪياسي پَھت پَر علي جي.

1 - **گُھريَئُون جو ئي واتئون اُتئون سو ئي پَاتئون،**
نہ پوءِ ڪَنھن ڪي جَاتئون بَرابَر عَلي جي.

2 - **مَلنگ مَست ٿانگا بيخود بِرَ ھي بانگا،**
لَنگھيا ٽَار ٽانگھا،ٿي آھر عَلي جي.

3 - **سِڪندر ڪي ٿادر، ڪي حَاتِم ڪي سَنجر،**
قَنبر ڪي قَلندر، پَريا پَر عَلي جي.

4 - **ڪَري سِڪ مان سَعيا، عَلي دَر جي آيا،**
سي اَعجاز ڏِيايا، سَراسر عَلي جي.

ٿلھ : ھٽي ھام ٺانگا ويٺا دَر عَلي جيءِ- پُران پُرِ ٿيا سي آھر عَلي جي.

1 - موليٰ واري مَحبت ناتي نينھن نِسبت-رَتا راز رَغبت سَراسر عَلي جي.

2 - عَلي جو ٿا ڪائن عَلي کي ٿا ڳائن-ڪَنھن کي ڪين ڀَانئِن بَرابر عَلي جي.

3 - ڪَئين قَنبر قَلندر ڪَئين حَاتِم سنجر -ڪَيا تَار تَونگر پَھت پَر عَلي جي.

4 - مَلنگ مَست نانگا بيخود بِرِھي بانگا -لَنگھيا "لا" جا لانگھا تہ آڏر عَلي جي.

5 - اَعجاز جھڙا عاصي ڪَئين مَڱڻا ميراثي -وَاسي ڪَيڙا واسي پَرم پَر عَلي جي.

ڪيڏارو



ٿلھ:حَضرت حَسن حُسين اَزل ڪان اِمام ٻئي،

اعليٰ نَسل نَسب سَان عَالي مَقام ٻَئي.

1 - **مَهندار مُک مَتير، ڪَلادار ڪَاپڙي،**
عَاشق عَجب اَصيل ڄَائي ڄَم ڪان ڄَام ٻَئي.

2 - **تَطهير جا ڏَٽي ۽ اُجارا توحيد جا،**
مَسنَدَ مِنبر جا مَالڪ حَاڪم حُڪام ٻئي.

3 - **لَختِ جگر بَتُول جا،نورِ چشم چشم،**
مَوليٰ علي نبي جا ،پِيارا تَمام ٻَئي.

4 - **شاڪر شهيد شاهد ،شاها شُجاع شير،**
شَمشير حَق سان حَاضر ،سي صُبح و شام ٻَئي.

5 - **ڪامل ڪلالي قَاتل مَقتول پِڻ اُهي ،**
مَئي خاني مَرد مَاهر، مَئي ڪَش مُدام ٻَئي.

6 - جَليلُ القدر جُوان جَلالي جَنگي جوڙا،

اَعجاز جي اکين جا سي آهن آرام ٻئي.

ٿلھ:اُھو ڪِھڙو سِتمگر ھو ڪيو جنھن پي سِتم ھيڏو،

ڪُنائين ڪَربليٰ ۾ ڪُل ھلائي ڪِيئن حُڪم ھيڏو.

1 - **اِنھي لاغرضَ لاغَمَ جي، اڳيان چو ڪِين ڪُڇيو ڪو،**
سَبب ڇا مَاجرا ڇَاھي ، ڪِٿي دوسِتي ۾ دَمُ ھيڏو.

2 - **ويا ڪيڏھن اُھي اُن دَمُ، وَڏو ھو پروسو جَن ۾،**
حمايتَ ڪَئي نہ تَن ڇا ڪان، ڏِنَئُون ويني ظُلُمُ ھيڏو.

3 - **اِھا قُدرت قَضا ڪَھڙِي، اِھا رَمز و رَضا ڪَھڙِي،**
اِھو اِنصافُ حَقُ ڪِھڙو، قَريبن سِر قَدمُ ھيڏو.

4 - **ويساھي سِر سَندي سُنھن سان، بينو قَاتِل تي بِئي مُنھن سان،**
ڪَري پُورِيُون ڇَڏِيَئين پِڙَ تي، رکي اَزلئون عَزم ھيڏو.

5 - **چوي اَعجاز عُشاقن سان،جَڏھن تَڏھن ڪَيَئين اِھڙيُون،**
ڪَيڏو بي پير ظالِمُ آ، مَتس ٿِيو ڪو جُرم ھيڏو.

تلھ: *يَا شَھيدِ ڪربلئِ-يَا شاھِ شَاھان شَھنشاھ،*

سَيّدا مَن ٽُون سُڻي- مُون درد مَندي جي صَدا.

1 - **بِن پَڳن سان ٽُون پاڳارو- ٽُون مَٽيارو هَاشمي،**
ٽُون ڏٽي تَطهير جو- ٽُون پَاڪ پِيارو هَاشمي،
ٽُون پَلارو ٽُون سَچارو-ٽُون ٻَاجھارو هَاشمي،
ٽُون نِيارو نَاميارو- بُردبارو هَاشمي،
ٽُون بَتولي لاڏلو- ٽُون فَرزندِ شيرِ خُدا.

2 - **آئون نِبَر نَاقِص نِڌر- عَاجز نِماڻو آھيان،**
ورھ جو وِڪ وِڪ تي وَڍيل - واءِ ويڳاڻو آھيان،
آلو پولو سُڌ نہ ٻُڌ ڪا- ڄَڻ غيباڻو آھيان،
سَت سڳر جو ناھ مُون ۾ - ساڻو سَاڻو آھيان،
اَڄ ڏُڪويل ڏِيل کي ڪي- ڏِيڍ سُڌيرون ڏِي پَلا.

3 - **دَراصل دِيوانگي ڪان- دَر نِھاريا مُون گھڻا،**
سَڏ ۾ سَڏ تي جن ڏِنا - سي سَڀ پُڪاريا مُون گھڻا،
جَل ھِجر جي جوش ۾- پِئي جَڳ جُھَاريا مُون گھڻا،

لال لاهوتين اَڳيان پِڻ- لُڙڪ هَاريا مُون گهڻا،
پَر نہ پُوري ڪَنهن ڪَئي- اي پِير پارس مَن مُدعا.

4 - **بِرهَ ۾ ڏِيو بي زِبَانُو-تَنها تَن هِڪ هِي مُنو،**
تَلخ طَعنن جو نِشانو-تَنها تَن هِڪ هِي مُنو،
حَال خَستہ سَان حَيرانُو-تَنها تَن هِڪ هِي مُنو،
يَار ڇا جو ڇا يَارانُو-تَنها تَن هِڪ هِي مُنو،
دَمُ نہ ڄاڻي ڪو سُڃاڻي-ڳَالهہ ماري ڏِي اِها.

5 - **لا يَمُوتي ماڳ تُنهنجو- تُنهنجو مَلڪُوتي مَقامُ،**
تون هَڪيو حَاضرُ هَمِيشہ - عِشق وارن جو اِمامُ،
تو نَوازِيا ڪَئين سَڏي - رَاهِبَ جِهڙا بَانيَڻَ دوام،
تُون سُڻي تو ڪارُون زَارُون- پَنهنجي پازِين جون تَمامُ،
ڪَر سندءِ اعجاز سان گَڏُ- جو يارُ ڏِي وِيڙس جُدا.

تلھ:ڪَربلٰيٰ جي شَاھ لاءِ، پُون آسمان رُئندي ڏِٺم،

چَندِ سج تارا نِواڙا، ڪَهڪشان رُئندي ڏِٺم.

1 - شَاھ مَديني مان رَميو- جا رَاھ وَني رَنجُور ٿي،
سَا سُونهاري راھ ۽ سي - رَند نِيشان رُئندي ڏِٺم.

2 - ڏِيھ رُنا ڏُونگر رُنا - وَڻ ٽِڻ بَحر بَر ٿَر رُنا،
گُل رُنا گُلشن رُنا - گهر دَر مَڪان رُئندي ڏِٺم.

3 - ٻئي پَڳُون جَنهن تي هُيون - سوئي سَيِن مَهندار هو،
تَنهن ڪري هَرڪو نَبي - مُرسل مِيان رُئندي ڏِٺم.

4 - هَڪ يِزيدي طَرفدارن- جي سِواءِ ٻيا سَڀ سَدا،
جِن مَلڪ حُورون ماڻهو - پَرِندا حَيوان رُئندي ڏِٺم.

5 - غَم حُسيني ڪان متاثر ٿِي چَيو اَعجاز سَچُ،
مُحتسب رُوئي نہ روئي - پَر گهٽا رُئندي ڏِٺم.

ٿلھ: *وَرھن قديمن کان اُجون ھو ، وِرھ جي وَڻ جو سَلو،*

اِبنِ عَلي لائق ڪَري، لاٿس اَچي اُج جو ڪَلو.

1 - **مِيثاق کان هُئس جان ۾، مورھَئون مرڻ جو ٽرٽلو،**
جَڙ کان ڪَدِڻ لاءِ غير واقف، ڪَئين وَينس ھَٽي وَروَلو.

2 - **ھَردو جھان مان ڪونہ ٿِيو، پِيو عِشق جو ڪو پَرجَھلو،**
لُوئي لُٽائي لِڪَ ويس، اُلٽو ڏيئي جيءَ ۾ جَلو.

3 - **رَت مَاھ مَاٺھوءَ جي تي، ٿِيو ٿي سَبزُ سائو سَرھَلو،**
اِھا پَالنا اوڪي سُٽي، ڪَنھن ڪِين ڪُيس حَاضر گلو.

4 - **چَوٽي ۾ جِيئن ھو تيئن ھي ڪَانھِلو وَڻ ھيڪلو،**
سيّد سُجاڻڻ ساڻ پاڻُس، چيھ ياريءَ جو چَلو.

5 - **اَعجاز مُشڪل ڪَربلا ۾، آخري هُئس مَرحَلو،**
پَر شاھ حُسين جي پَرستي ۾ بِلو ٿِيَڙُس پَلو.

تلھ: تُنهنجو نِينهن سَيّد يَلي نَاز ڪري - سِر عِشق جو وَئين سَرفراز ڪري.

1 - تُنهنجي صَبر ڪمال جو جَواب نہ ڪو- تُنهنجي جَلال جَمال جو حِساب نہ ڪو،
تُنهنجو هَمسر جوڙ جَواب نہ ڪو - تُنهنجي عَظمت جو ڪير اَنداز ڪري.

2 - آئين ڪَوڏئون ڪَربل مَنجهہ ڪُڏي- ڏِسِي قرب رَبوبي ڪات اَڏي،
هَٽي هَام وَڏي ڪَري مَنزل مَڏي - ڪَتيئِي ڏِينهن ڏهئِي ڪنن ڪواز ڪري.

3 - ٿئين عَالَم تي اَحسان بہ تُون - ٿئين شَان اِلاهي جو شَان بہ تُون،
ٿئين زِنده ناطِق قُرآن بہ تُون - سُبحَان الذي اَسريٰ آواز ڪري.

4 - تُوڪي ڪعبو قِبلو اِمام چَوان - توتي صَلوات دُرود سَلام چَوان،
تُنهنجو وَاجب سوڳ مَاتام چَوان - تُنهنجي سُوءَ ۾ شَل دَمُ پَرواز ڪري.

5 - تُنهنجي سَرس سَوائي خِلتِ رَهي-تُنهنجي مِڙنئون نِياري مِلت رَهي،
تُنهنجي اَڳين پوين تي حُجَت رَهي- تُنهنجي صِفت ثَنا چا اَعجاز ڪري.

تلهہ: ڪمايو عِشق حُسين بَهادر ٿي- غَمِ ڪَرب و بَلا تي ڦادر ٿي.

1 - **هِمت اِمام حُسين جِي، سُورهيائي سان صَادر ٿي.**

2 - **مُنهن مَرڪايَئين سَڀ ٻَبين جا، نِينهن ۾ نِيارو ناَدر ٿي.**

3 - **دَشتِ بَلا جي ڏَنگل ۾، ذَات صِفات مان ظَاهر ٿي.**

4 - **ٻِنهي جَهانن جِي رِهائي لاءِ، رَضا حُسين جِي رهبر ٿي.**

5 - **حُريَت حُسَينِيت وَارِي معنيٰ، سَمجهي مَرد ڪو مَاهر ٿي.**

6 - **سِرن وَڍائڻ ڪان پوءِ خَبر پَئي، ڪَيڏو فَرض ٻَچائڻ چَادر ٿي.**

7 - **شهادت اِها آ اَعجاز جيڪا، عَام جي آڏو آخر ٿي.**

ٿلهه:حُرّ جي هَزار بَار حُرّيت کي ڪر سلام،

هن شير دِل شهيد جي همت کي ڪر سلام.

1 - **ملندو نہ اِهڙو ڪِٿ ڪو حُريت سَندو مِثال،**
مَجِٽو پوي ٿو مَرد جي جُرئت کي ڪر سلام.

2 - **سَيدّ لاءِ سِرُ فِدا ڪري ڏِنو حُرّ هي سَبق،**
سَيّد جي ذات نِيات ۽ عَظمت کي ڪر سلام.

3 - **حاضر کي حُرّ مَجيو جَڻ غائب کي حُرّ مجيو،**
حُرّ جي اَدَبَ نگاه عقيدت کي ڪر سلام.

4 - **جَنهن تي حُسين آقا پوي مهربان ٿي،**
اُن کي نوازي بخشي ٿو حضرت کي ڪر سلام.

5 - **اڪبر عباس قاسم اصغر جو ڀانهو حُرّ،**
وهوا انهي عباد جي طاعت کي ڪر سلام.

6 - جِيئن پَتِ پَتائِي حُرّ پَئي پيش سَيّد جي،
تِيئن جو پَتائي پَتِ تہ اُن جي پَت کي ڪر سلام.

7 - دولت ڪان دور ٿِيو ۽ حُڪمراني ٻُٽ ڇَڏيئين،
اِهڙي جوان جي تہ جسارت کي ڪر سلام.

8 - جانباز جانثار سِپاهي حُسين جا،
مِڙني جي شغل شوق شهادت کي ڪر سلام.

9 - ٻِيو جي نٿو پُڄئي تہ پُڄئي ايترو ضرور،
حَق جي اِمام کي ۽ حقيقت کي ڪر سلام.

10 - اَعجاز حُبّ آلِ مُحَمّد جي جو رکي،
اُن مُحَبّ کي ۽ اُن جي محبت کي ڪر سلام.

ٿلهہ: ٿينوا ٿنگري اَندر.....اُلٽو عجب اِسرار ڏِٺم،

جِيءَ ڪي جهورِيندڙ جَاودَان،جَلوي پَريو جِنسار ڏِٺم.

1 - **وِسري وَيون سَڀ حِرفتون، حَملو ڪيو جنهن دَم حُسن،**
وِيس حَال ڪان بي حَال ٿي،اَهڙو دَرس دَم دِيدار ڏِٺم.

2 - **ٿِيون دُوبَدُو ديدون جَڏهن،پوءِ ٽَان هَٽڻ دُشوار ٿِيو،**
ٿِي عَاشقن لاءِ عِيداُضحيٰ ،اُت ڪوس قبولڻ ڪَار ڏِٺم.

3 - **تيغ اَبرو تِير تِرڇا،هو تيز اَعجازا تَجلو تَجل،**
بِي ڪئي ڪَشش ڪَاري ڪَجل،جَنهن جِي نِيم نِڪتل ڌار ڏِٺم.

ٿلهہ: *ٿِي عِيدَ قَتُل گاهَہ ۾ - مُڪمِل حُسين جي،*

مَوليٰ سان هُئِي مُنهان مُنهِن - مَحفِل حُسين جي.

1 - **پَروَر تو پاڻ جاڙي - اِنهي رَازَ رَنگ ڪي،**

نہ تہ ڇا مَجال خَلق ٿِئي - قاتِل حُسين جي.

2 - **قُرباني رَاهہ حَقّ ۾ - ويا ڪَئِين ڪَري مَگر،**

قُرباني آ ساراهہ جي - قابِل حُسين جي.

3 - **مردانگي دِليري - سَچائيءَ جي پيٽ ۾،**

اِنصاف واري اَکِ سان - ڏِسو دِل حُسين جي.

4 - **اِنساني سِر سُبحاني - اُتي ٿِيو پَڌَر جَڏهن،**

نيزي سِرِي سُوار هُئي - بِسمل حُسين جي.

5 - **اَعجاز چئي گواهِي - آهي عِشقَ جي اِها،**

مِڙنيئُون مَتي ڏِسان تو - آئون مَنزل حُسين جي.



پیر مُغان

ٿلھ: اڄُ تہ عَجِيبن وِيجھو وِيھِي- پَاڻ پَسائي پِيار ڪَيو.

1 - هَھڙي حَال خِزان ۾ مونکي- بَهَار پِرين جي بَھار ڪَيو.

2 - نِيڻ نِيڻن کي پِرتَئون پَسَنِ پِيَا- آھينِ هَاڻِ قَرار ڪَيو.

3 - پَيئي پَليدَن مُنھن ۾ چَائِي - دوڙ ڪري جن ڏار ڪَيو.

4 - بَهلول بَرابر مُنھنجي مَحبُوبن - پِرت نِيائي پَار ڪَيو.

ٿلهہ: اُها رَات مِٺا ڪا رَات هُئي-اُهين رَات مُهڙي مُلاقات هُئي.

1 - **نِرت نِياري پِرت پِياري - جِيءُ جِياري جَهات هُئي.**

2 - **نيڻ نيڻن سان پيچ پيچن سان -دِل جي دِل سان بَات هُئي.**

3 - **حُسن مشهودي مَلڪ سُجودي- هِردي هِردي هوُهات هُئي.**

4 - **اَعجاز عَلي جي صُورت مُورت - هِيٺ مَٿي اِثبات هُئي.**

ٿلهه : سَچڻ سَانگ تُنهنجو سَراسر سَبق آ- سَبق آ سو حَقّ آ - سو حَقّ آ سو حَقّ آ.

1 - ڏِٺو جن ڏسڻ سان تُنهنجو رَنگ رَبُوبي-بِينا تُنهنجي دَر تي ٿِي بَردا بَخُوبِي،

توتان جان قربان،تَن سِر صدق آ.

2 - مُطيع مُلڪ تُنهنجا مِڙئي جڳ مُدامي -طَلب ساڻ تَهدل تَابع ڪَئين تَمامي،

سَلامي بہ هَرهڪ طَرف هَر طبق آ.

3 - اَسين سيڪڙو تُنهنجا سائل بہ تُنهنجا - خَصائل بہ ڳايون فَضائل بہ تُنهنجا،

وَڏي وَٿ اسان لاءِ تُنهنجو خُلق آ.

4 - توسان سَرُو سُوسَن سُنبل ڪِئين پِيتيان-ڪيتڪ ڪيوڙو گُل ڪنول ڪِئين پِيتيان،

توڪان سُهڻو چا ۾ زَنگي ۽ زَنبَقُ آ.

5 - عَجب آهہ شَقُ القَمَر واري عِبرت-ڪَري تو ڏِيکاري اِها عَين قُدرت،

شَڪين واري شَڪ ڪي ڪيو توئي شِق آ.

6 - تُنهنجو نام نعرو أتاهون أتاهون -قَدم دَم مُبارڪ مَتاهون مَتاهون،

فَلڪ فرطِ اُلفت ڪان توتي عَاشق آ.

7 - دُنيا هيءَ آ قائم تُنهنجي دَاوريءَ سان-تُنهنجي رهبريءَ سان تُنهنجي يَاوريءَ سان،

تُنهنجي دَم سان اَعجاز چئي سَپ رَونق آ.

ٿلهہ: *يار مُنهنجو بي بي ميار - مُون ڳميڻيءَ ڪِين ڄاتو.*

1 - آئون اَوائِي اَوڳُڻي- بي اَنت بَد اَڪلي اَپار،
مُون تي ڳڻ اَحسان وَڙ- ٿورا سَڄڻ جا بَار بَار،
تَن مان مُون لاتو نہ ڳاتو.

2 - ڇا سُڻايان پاڻ پَنهنجا - پَاپ پَهہ پرڪار،
حَرف ڏوراپا حَقي -حَق جا مَتم وَاجب وِيچار،
ڏَند ڏَمر ڏُک ڏِينهان رَاتو.

3 - مُونکي آيا مُنهنجا آڏو-ڏوهہ تي نِت مِثل مار،
تن ڏيکاريو ڏَنگ هَٽي -حاضر هِت دَوزخ فِي النار،
ٿيو سَقر ۾ سَاهہ آتو.

4 - اَصل کان اَعجاز ڇئي- آ ذَات مُنهنجي عَيبدار،
مِن نُطفة نَسب نِسبت-نَامِ نِيساني نِڪار،
پَاڻ مُون پَنهنجو سُڃاتو.

ٿلهه: پِرين جي پَار جا مَاڻهو- اَچا ڳارا ٻه مُون پيارا،

اُنهن جا نَاز مَاڻاءِ- انگل آرا ٻه مُون پِيارا.

1 - جَڏهن تو آئون ڏِسان جوئي- ڪَڙو نَاهي مَنجهن ڪوئي،
پِيان هَٿ پَير سَندن ڌوئي-مِٺا ڪارا ٻه مُون پِيارا.

2 - سَپِن سان دِل مُنهنجي گهرِي -هُجن مُسلم توڙي دَهرِي،
قياسي يا صفا قَهري-ظُلم وارا ٻه مُون پِيارا.

3 - پَجي سَيئي سَتر سِيلا - ڪَندس آئون يَار لئه حِيلا،
ڪَپُر ڪڻ مار زَهرِيلا- ڏنگڻ هَارا ٻه مُون پِيارا.

4 - هُجن توڙي ٺڪر ٺوڙها-رُجُون رِڻ ۾ روهَنِ روڙها،
ڏِنگا ڏوڙا سَنها سوڙها-چِڪڻ چارا ٻه مُون پِيارا.

5 - مِٺا مَاڪِي جَهڙا مِصرِي - ڏِٺي جن ڏُک وَڃن وِسرِي،
نَئين سِج سِڪ نَئِين نِسرِي-بِرهه ٻَارا ٻه مُون پِيارا.

6 - چَوي اَعجاز مِلي هيڪر - دُوئي ڪَيم دُور جَڏهن دِلبر،
مُونکي تَڏهين لڳا هَر هَر- مُنهنجا مارا بہ مُون پِيارا.

ٿلهه - هِينئر هِن زِندگِانيءَ جو -اَجهو آڌار تُون آهين،

ڏُکن دردن جي مَاريل جو - دِلاسيدار تُون آهين.

1 - **نَظر پِنهنجي نہ ڦيرج تُون- خُدا نالي مُون نَاقص تَان،**
اَکين مُنهنجن جو آسابَند- اَکين جو ٺار تُون آهين.

2 - **جُدائي جا ڏُئي صَدمَان- جَلائيندين تہ جَلدس پِيو،**
جي مُورهڻُون مُنهن مَٺايُئي تہ بہ -مِنو مَننار تُون آهين.

3 - **سُوالي کو نہ وِيو خَالي- ڪَڏهن تُنهنجي وَري دَر تان،**
شَفا تو وَٽ سَخا تو وَٽ -سَدا ڏَاتار تُون آهين.

4 - **هَميشہ تو ڪَيُون -هِيٺن سان هَمراهيون هَلي هَر جاءِ،**
ضَعيفن ۽ نَحيفن جو-صحيح غم خُوار تُون آهين.

5 - **گهڙي پل جا گهٽئي تِيا هِت- اَچي اَعجاز جا ساٿي،**
مَگر قِيامت قَبر تائين -حَقيقي يَار تُون آهي.

تلهه: *هَادي جا هَر وَار-ڀَال هَزارين ڀورن تي.*

1 - ڳَائي ڳَائجن ڪَهڙا - آهن ڳُڻ اَپار - لَک لَک تورا ٿورن تي.

2 - ڀَوءِ ڀِين جي ڀوءِ واري - پاڻ ڪَيائين پنهنجي آچار-اَچي اُنهن جي اَجهورن تي.

3 - هَاديءَ جي هَٿ ساٿ ريءَ-ڪُل اَڏُوري ڪَار- ڏرو نه ٻَنجي زورن تي.

4 - جَن کي چاهي تَن سان لائي- لَنئُڙي لَيل نِهار- ڪانِهي ڪَارن ڳورن تي.

5 - اَول آخر اَعجاز اُهو ئي-آهي سو آڌار-ڇَانو ڇَپر ڇَٽ ڇَورن تي.

ٿلهہ: سَيّد سَاقي ڪعبو قِبلو-پِريمي پَٽ پِياري ٿو،

مِلايو مَام مَرداني-مُيون دِليون جِياري ٿو.

1 - ويا جي دَر سَندس هيڪر-سُوالي ٿي تہ سُرڪيءَ جا،
تَنهين کي دُنگ مَئي داري- پِياري ٿو سَنياري ٿو.

2 - نہ رهندو مير من دِل تي - رَتي رائي مُوافق مِيان،
نِيڻن ۾ نيڻ نِت پائي - اَندر سوجهو اُجاري ٿو.

3 - سُبحاني سِر چوان سوئي -نہ تنهن ۾ ڀَئو نَڪي ڀولو،
ڏِيو هَٿ روز هِمت جا-اَڙيا هُن پَر اُڪاري ٿو.

4 - وَڄي نوبت نغارو پِيو-نيهي نَر نَامياري جو،
نِشانبر تي نِسنگ هَر جا-ڏِسڻ جا ڏِيهہ ڏِيکاري ٿو.

5 - شُبُهہ شَڪ جي سواءَ گُم ٿي-صَفا سِر شاھِ مَردان ۾،
اَعجازا عِشق حَيدر جو - سَبق رِندي سيکاري ٿو.

ٿلهه : *آئون تہ سَڄڻ سَائين ٿُنهنجي تاريءَ پِئي تڳان،*

ٻِيو اَڄهو نڪِي اَٿم آسرو ، لاري ڪَنهنجي لڳان.

1 - **اَهڙو نہ هُوندو نَظر ڪَنهنجو، سَعيو سات سَڳر ڪَنهن جو،**
پَري نہ ڪَندس هِي سِر پَنهنجو، پَريم ٿُنهنجي پڳان.

2 - **آئون نِهايت نِبرِ نِڪٽي، ڪَمِڪَميٽي ۽ ڪَنِيزَڪٽي،**
ٿُنهنجي سُونهن جِي سَاڙيل سِڪٽي، تو لاءِ وَينِي ڏڳان.

3 - **ٿُنهنجي توهَن تارِي آهيان، اوڙاهن مَان اُڪارِي آهيان،**
توئي پَاري سَنيارِي آهيان، هيڏي سَاري جَڳان.

4 - **ڪَامِل ميٺي ڪُل ڪَچايون، اَعجاز پاران وِجهہ ڪي ڏايون،**
هِمتون مَدٺُون پَال پَلايون، ڪَر تہ وِيرِئُن وِچ وَڳان.

ٿلهه: *جاڻي ڄاڻڻهار، آئون تہ سَڄڻ سائين تُنهنجي آهيان،*

دَرُ نہ ڇَڏينديَسِ دوست تُنهنجو.

1 - **سُور سَختيون سِر تي سَهنديس - قَول ڪَيل تي قَابو رَهنديس،**
آهي اِهو اِقرار، آئون تہ سَڄڻ سائين تُنهنجي آهيان.

2 - **توريءَ مُنهنجي وَاهہ نہ ڪَائِي- وَارِ وَصل جي سُهڻا وَائِي،**
جَانب جِيءَ جِيار، آئون تہ سَڄڻ سائين تُنهنجي آهيان.

3 - **توڙئون تُنهنجي ڪَنيزڪ آهِيان- اَڄ ڪلهہ جي آئون نَوڪر نَاهِيان،**
ڍَولڻ ڪَر اَعتبار،آئون تہ سَڄڻ سائين تُنهنجي آهيان.

4 - **عَرض اَعجاز جو سَاجن سُڻ تون-رُخ تان نِقابو نازڪ کڻ تون،**
صَدقَ وَجان صَدِبار، آئون تہ سَڄڻ سائين تُنهنجي آهيان.

ٿلهه: *سَڄڻ سَڀ حَال ڄاڻين ٿو، ڪولي توکي سُڻايان ڇَا،*

سَڄو ئي ڏوهه آهيان آئون، وَاتئون ٻيو ڪي وَرايان ڇَا.

1 - **مُنهنجي توبهه مُنهنجي زارِي، مُنهنجي تَقويٰ طَاعت وَارِي،**
مُنهنجي سَڀ بَندگي سَاري، ڳَڻِي پَئِي ٿَئِي ڳَڻايان ڇَا.

2 - **نہ مُون ۾ ڪا پاڪائِي آ، نہ مُونکي سا جُڳائي آ ،**
اِها هڪ تو سونهائِي آ، ڪُلهو تو سَاڻ لايان ڇَا.

3 - **نظر جِيئَن ڪَئي اَٿئي ڏُر ڪان، اَزل جي روز اَطهر ڪان،**
مَتان مُنهن موڙِين تَنهن پِر ڪان، تُنهنجو اَعجاز ناهيان ڇَا.

ٿلھ: توسان ڪانھي ڪُڇڻ جي يَار ڳلي-جِيئن ڪُھڻو هُجئي تيئن ڪُھ پيو پَلي.

1 - اي لَولاڪ لَما جا ڏاتا ڏٽي- جيڪا تَوکي وَٽي سا مُونکي وَٽي،
چو تہ دَوسِتي جو وَينسُ دَم هَٽي- هاڻي ڏينم همت ڪَريان توڙ هَلي.

2 - ڪِتي وَصل جا واريو وَنگ وِجهين-ڪِتي وِرھ وِڇوڙي جا ڏَنگ وِجهين،
ڪِتي نام سندءِ جا ننگ وِجهين-ڪِتي اَبر سَخا جو تي تُون تو ڪُلي.

3 - ٽُنهنجو دَرڙو ڇَڏي بِيا دَر چو سَجان- اِهو هَوشُ حَياء آهيم اَجان،
تو مُشڪِل ڪُشا ريءَ بِيو نہ مَجان-اِها آهي حَقيقت دَم دَم دِلي.

4 - سَڀ تُون تو بَنائين تُون تو اُجاڙين-سَڀ تُون تو ڏِڪائين تُون تو اُڱهاڙين،
سَڀ تُون تو کِلائين تُون تو رُئاڙين-حَيران آهيان ڇَئي اَعجاز عَلي.

ٿلهه : هي عَرضِ مَحبت بہ غورِ طلب آ- ٻَٽڻ جِيئڻ جي سُهٽا ٻَٽڻ چَاهين چَاهين

مُقدر سَنوَرجِي وَڃي مُنهنجو بيشڪ- مِلڻ جِيئڻ جي سُهٽا مِلڻ چَاهين چَاهين.

1 - **رَهيو آ سدائين اِهو ٺُنهنجو رَويو - نڪي دِل سان چاهين نڪي دِل تان لاهين،**

اِها رَمز ڪَهڙي اِهو رَاز ڏَس ٿُون- ڏَسڻ جِيئڻ جي سُهٽا ڏَسڻ چَاهين چَاهين.

2 - **مُدٺُن ڪان آهي تَقاضا اِها ئي-تَمنا اِهائي تہ دَعويٰ اِهائي،**

سواءِ تو نہ آيو پَسند ٻِيو ڪو مُونکي- مَڃڻ جِيئڻ جي سُهٽا مَڃڻ چَاهين چَاهين.

3 - **هُجان ياد توکي هميشہ هميشہ-ڪڏهن حَال ڪَنهن ۾ وَڃَئين ڪونہ وِسري،**

اکين سان ٿُون اکڙيون هيئين سان تون هِيئنڙو - گَڏڻ جِيئڻ جي سُهٽا گَڏڻ چَاهين چَاهين.

4 - **سِڪڻ سِڪ جا سِيني اَندر سَهسين خانا-خَاني سَپ ۾ ٺُنهنجا چِڪن چاق سپ پياء**

پَسايم نہ ڪَنهن کي پَسايان سي توکي- پَسڻ جِيئڻ جي سُهٽا پَسڻ چَاهين چَاهين.

5 - ڏِسين مُون ڏِي تو پَر ڏيدي ڏيدي اَک سان- ڏِيو پاند مُنهن تي ڏِهاڙي ڏِهاڙي،
حِجابن مان نِڪري اَگَڻ مُنهنجي اَچ تُون- اَچڻ جِيئَن جي سُهٽا اَچڻ چاهين چاهين.

6 - ڪَجل بَار اَڪڙيون عَنبر بَار ڪَاڪُل-گوهر بَار گُفتا شگفتہ شگفتہ،
وَسائين سي جِن تي وَسن سي وِيرانا- وَسڻ جِيئَن جي سُهٽا وَسڻ چاهين چاهين.

7 - نهين ڪِين مُون سان نَلها ڪَيئِي دِلاسا- ٺَنولون تَڏهن ڪَن تا ماٺهو ٺَنوليا،
اَجان وَقت آهي نَهي پئہ مَگر تُون- نَهڻ جِيئَن جي سُهٽا نَهڻ چاهين چاهين.

8 - رَنگينا ڪَريو لَب رَنگين راچ وِينو - رَهيو بَاقي اَعجاز تَنهن کي بہ رَنگ تون،
پَکو رَنگ تُنهنجو ڦِٽي ڪونہ ڪَڏهين- رَنگڻ جِيئَن جي سُهٽا رَنگڻ چاهين چاهين.

ٿلهہ: *جَهڙو سَندءِ آ شان ، تَهڙو ڏي ڪو ڏان مُونکي.*

1 - اَملهہ ماڻڪ هِيرا مَوتي - لال تُنهنجا لاثان،
پَر نہ اِهو خَفقان مُونکي.

2 - گهوڙن هَاٿين هَنبارين تي- هرکي تِنئي جو حَيران،
پَانءِ نہ اَهڙو پَان مُونکي.

3 - جِيڪو چُپائي آيس من ۾- پُورو اِهو اَرمان،
ڪَر تہ تِنئي اِيمان مُونکي.

4 - پُڇ مَ مَون ڪان پاڻ ئي پَروڙج- تَند مُنهنجي جو تَانُ،
چَورڻِي ناهي زَبان مُونکي.

5 - اَعجاز عَلي چَوي آهين بَرابر - سُخن جو سُلطان،
ڏي مَتانهون مَان مُونکي.

ٿلھ: ڪڏھن صبا بڻجي ڪڏھن گدا بڻجي،

دِلبر مِٺا تو دَر سَدا - اِيندو ئي رَھان ٿو.

1 - سِڪ ۾ تُنھنجي ھَر طرح جا سُور ڏِٺم،
ڪَڏھن ڪَھڙا ڪَڏھن ڪَھڙا تَاب سَنم،
تہ بہ دِلربا توتان فِدا ٿِيندو ئي رَھان ٿو.

2 - پِيار پَنھنجو بيگانن لاءِ وَقف بنايُئِي،
پَٿر جھڙي مُنھن جي لاءِ دِل نِپايُئِي،
تُنھنجي اِھا توکي ڳِلا ڏِيندو ئي رَھان ٿو.

3 - عِشق سوداءَ ڪان جَھڙو ٿي ويس لا مَڪاني،
ڪِٿ نہ قرار ٽڪاءَ اَچي جَڻ آھيان سَيلاني،
بُتخان چا مَعخان چا وِيندو ئي رَھان ٿو.

4 - ٿي نہ ڪَا بي ٿِيندي مُونکان ڪِرت ڪَمائي،
آھي تہ آھي اَعجاز چئي ٿَات اِھا ئي،
تُنھنجي رضا تُنھنجي وَفا ڳُوليندو ئي رَھان ٿو.

ٽلھ: دَر نہ اَوھان جو ڇَڏيان ڇَڏيان- ڏِينھن قيامت تائين دِلبر.

1 - اَٿم آس اِھا ئي مَن ۾ - آمھون سَامھون اَڏيان اَڏيان،

اَيري سَيري پُونگي تو پَر.

2 - ڏِيو دِلاسا ڏَاڍا ڇَڏيو-سِينو ڪانہ ٿي تَڏيان تَڏيان،

نَظر ڪَريو ڪا ناز پَرور.

3 - دِل اَوھان سان سَانول سَائين گولي - ٿيو ٿِي گَڏيان گَڏيان،

جِيئري ھُوندس جو دَم جَيتر.

4 - اَعجاز ڇَوي ٿو آئون ھِتان شل - لات ھِن سان لَڏيان لَڏيان،

جَا سيڪاريَوَ مُونکي رَھبر.

تلھ : اَحوال اَندر جو اَوھان سان مٿا - ڪُجھ اَوريو اَٿم ڪُجھ اَوريندس،

ڪَري ڦُرب وَارا هِتي ڪُلّئِي ڪَٺا-ڪ ڪُجھ گھوريو اَٿم ڪُجھ گھوريندس.

1 - نِسري زَماني ناساز مَنجھان - مَٿي مَحوِس خاني مَجاز مَنجھان،
حَقي نِيڻَھن جو ناتو نِياز مَنجھان- ڪُجھ ٿوريو اَٿم ڪُجھ ٿوريندس.

2 - ڇڏي مَسجد مَندر چَارئي مُسليٰ- وَٺي پنجن پارھن جا نام نِلا،
سِڪ سوز سندو سَڳو صَلِ عَليٰ - ڪُجھ سَوريو اَٿم ڪُجھ سَوريندس.

3 - سَجي دِيدَ ڏُوناليون آيو سُھڻو صَنم -وِيو دِلڙي ڦُري ڏئي دَرد و اَلَمُ،
تَنھن جھوريءَ ۾ جِيءُ جَان جِسم- ڪُجھ جَھوريو اَٿم ڪُجھ جَھوريندس.

4 - سَسئي وانگر سَراسر تَوَڪو ڪري-ھُجت ھَاري اَعجازا دُوئي دور ڪري،
ڏُونگر ھي ڏُکن جو ڏُسِڪا پَري- ڪُجھ ڏوريو اَٿم ڪُجھ ڏوريندس.

ٿلهہ: ڳڻي نہ پُڄان سي ڳڻ- مون تي ڪيا جي مُنهنجي سَائِنِ.

1 - ڳُڻ سَائِن جا شماران ٻاھر- مُنهنجي پَچاران پَڌاران ٻاھر،
اِھڙا ٻاجھارا ڀهڳڻ- ڏينهن رات ڳُڻن جا مِينهن وسَائِنِ.

2 - ٻچپڻ کان اڄ تائين منهنجا-مون تي مهربان سائين منهنجا،
مُنهنجي چُڪن جي چُڻَ - ڪَن پاڻ نَڪِي پَر ڪان ڪَرائن.

3 - جن جي ڏِسڻ لاءِ ڏيهہ ماندا - مون سان پِرين سي ھِڪ ھيڪاندا،
سچا سندن سپ ڪُڻ - گھر ويني مونکي نِت پاڻ پَسائِن.

4 - ڏِينهن مِيثاق جي بخشي خطائون - ڪَيَئُون جي عَطائون تِن لائق نہ آئون.
ڏُرِ ڪَئي ڏَڻِن اِھا ڏُڻ- پير پِريت ۾ مونکي پرائِن.

5 - مُنهنجي سَائِن جا ڪَرم ڪوجهن تي - ڏَت ڏَڏَن تي جُود جَڏَن تي،
ٻِيا پال لکين پالڻ - اَوکي سَوکيءَ ۾ اَعجاز نِڀائِن.

ٿلهہ: *تُنهنجو ڇَڏي وَڃان دَر - مُونکان نٿو پُڄي،*

قدمين رکي ڪٽان سِر- مُونکان نٿو پُڄي.

1 - آئون ئي تُنهنجو عاشق - اهڙو مَتي ڦِريل،
اَمر و نَهي اورانگهي - ڏِنم تُنهنجو مُنهن اَمل،
پوءِ بہ پُوڄان ڪَعبو مَندر - مُونکان نٿو پُڄي.

2 - اُستاد پِير مُونکي- سيکاريو نہ چنڻ نِينهن،
سڀ ڏِينهن نهڻ سَڀ سان - سڀ ڏِينهن ڳنڍڻ نِينهن،
نِينهن کي ڪو چِنندو ڪَافر - مُونکان نٿو پُڄي.

3 - توکان پَرين پَري رَهان - اِهڙي دعا نہ ڪَر،
فُرقت جي ڳاهہ ۾ ڳهان - اِهڙي دعا نہ ڪَر،
ناحق ٿِيان چو مُضطر - مُونکان نٿو پُڄي.

4 - هِي ٻانهو آ دِيوانو مُنل - عِشق حُسن جو،
آ ڪَلهہ بہ ڪُنل اَڄ بہ ڪُنل - عِشق حُسن جو،
ريءَ عشق رهڻ ڪنهن پَرِ - مُونکان نٿو پُڄي.

5 - **مَحبوب توڪي روبرو - سجدا ڪندو رهان،**
قربت وِصال درشن - سيوا ڪندو رهان،
غائب جو بنجان چاڪر - مُونکان نٿو پُڄي.

6 - **دَر گهر دَيار تنهنجي جو - نقشو نظر اٿم،**
اَعجاز چَئي اَکين ۾ سو - دِل جي وَندر اٿم،
هِن دِل اَکين تي سَنسر - مُونکان نٿو پُڄي.

ٿلهہ : پَڪا پَائي پَائي پيچ -پِرين پَاتا اٿئي،

ڏاڍا لائق تورا - لک لاتا اٿئي.

1 - **رُخ پاڪ پيشاني پئي پِياري لَڳي- مَنجهيس مَعصومي منڊَ پئي موچاري لَڳي،**
نَظر نَاز واري نِت نِياري لَڳي- هِڪ لَحظي اَندر ڏُک لاٿا اَٿئي.

2 - **مُنهن مُصحفي ڏِنم ويا اَرمان لهي-دَرڪار ڪَعبہ جي ڪَا نہ رَهي ،**
سِر تو ۾ ڏِٺو مون سُبحان صحي - هي وَصف وَسيع اَسان سُڄاتا اَٿئي.

3 - **اَلف اَبرو عَين عِبارت آ - نُقطو نُون نِج نِبارت آ،**
اُهي پَئڪان پَانئيان ڪِ بِشارت آ - ايڏيون تيغَ تِکيون ڏِنيون داتا اَٿئي.

4 - **جِيئن هَاڪ حُسن جي هُوءِ ٻُڌيم - تيئن تو مان خُوش خُلقي خُوشبوءِ لَڌيم،**
لَب لال رَنگين ڳُوڙهي روءِ ڏِٺيم - اَهڙا اَعجاز اَڪين جا ٿَاتا اَٿئي.

ٿلهه: *ٺام ٺنگي جي ٺاتي - نِينهن ۾ نشابر ڪَيڙس،*

نِجهرو نِڏر جو نُور ڏيو - جيڪس جُڳ جُڳ جِيئڙسُ.

1 - نام جپيان ناٿ پَسان هِڪ جيڏن مَنجهه هَسان،
واهي ويراڳي بَنجي - ويڙهي ويڙهي وسان،
مَحبت واري مَحويِت ۾ - مَست و مَست ٿِيڙس.

2 - ٺام حُضُوري نُوري - دَم ۾ ڪَيو دُک دُوري،
ڦالئون ڪَڍي حَال ڏيئي - مَام مِلائي مَنصُوري،
بَهر بِرهه جو پلئه پيو - لَهر لَڦائيءِ نِيڙس.

3 - ٺام سان ٺاتو ٺام جي مَعنيٰ -ٺام سُڃاڻي ڪو ڪو،
نام جي آجيان عِزت اَدب - ڄاڻو ڄاڻي ڪو ڪو،
نام نِهال سي ڪَيَڙا - جي نائي سِر سَام پِيڙس.

4 - نام اسم اهو اَفضل - اَڪمل عَين عَلي،
اوري اَعجازا اورج- دليئون دِن رَين علي،
انهيءِ نام پلي جي برڪت سان، لنگهي آئون پار پيڙس.

ٿلهه : جو ڏِٺو مُون رَات جَاني - خَواب واري خيال ۾،

سو مِلايو مُون سان سَرتيون - تان ٿِيان ڪِنهن حَال ۾.

1 - **پَار مُنهنجي يار جا- آهن عَجب هي آشڪار،**

دِل ڦُريندڙ ناز جلوو - آ سندس هر چَال ۾.

2 - **زُلف زَهري نيڻ ڦَهرِي - ۽ پِرون بَئي پَونر پَونر،**

ڏَند موتي جوتان جَوتي - ٿي سُونهيا رُخ لال ۾.

3 - **تَنهن سجڻ جي سُونهن جي - ڪَهڙي -صَفت ڪَريان پَلا،**

وَصَفُ سُهڻا سَپ هُئَس - گهٽ ڪِين هو ڪَنهن ڳالهه ۾.

4 - **اَعجاز پُڇيو دِلربا - چا نام نالو آ سندءِ،**

ٿَان چَيائين ڪر صحي تون - م ح م دال ۾.

ٿلھ : *مِير مَحفل آھ اَڄ - مُنھنجو شَھ خُوبان پِرين،*

حُسنِ يوسف کان حَسين آ- سَومھ تَابان پِرين.

1 - ڪُنت ڪُنزا مان اُتي - سو سُوءِ مَحفل آيو آ،
سُونھن صُورت جو سَنبائي - سَاڻ سَڀ سَامان پِرين.

2 - شَمعون شَرمائڻ لَڳيون - لَعلون بہ شَرمائڻ لَڳيون،
رُوءِ رخشان ڪي عَيان - جَنھن دَم ڪيو پِنھان پِرين.

3 - مُوءِ دِلبر بَاعثِ - خُوشبوءِ ٿي بَاغ اِرم،
جَانِ مَن سوئِي سَندم - جَانِ چَمن جَانان پِرين.

4 - نَاز پَرور نَازنين - نَاز و ادا سان سَروَناز،
نِياز کان نا آشِنا - نَازڪ بَدن نَازان پِرين.

5 - خُوشترين خَط خَال وَھوا - رُخ رَنگين رُخسار خُوب،
سُر مَگين اَکين سان سَارو - طُور جلوي سان پِرين.

6 - آبِ حَيوان حَوضِ ڪَوثر - ۽ دمِ عِيسيٰ نہ پُڇ،
هِت جِياريا جِيءَ لَڪين - ڏِيئي لَبِ مَرجان پِرين.

7 - دِيد جي اَڪسير سان - ۽ دِيد جي تاثير سان،
لا دَواءِ درد جو آ - تِيو دَوا دَرمان پِرين.

8 - جَان و دِل مَال و مَتاع - قُربان ڪيان اَعجاز ڪُل،
ميزبان مُونکي بَنائي - تِيو مُون وٽ مَهمان پِرين.

ٿلهہ : آندو اڄ تہ عَجيبن ڪان خاطيءَ خط - چمي چشمين لايان سو چاتيءَ خط.

1 - آهي جيءَ مُنهنجي جو جِياپو خط - آهي نينهن وَصل جو نِياپو خط،
ڪري دِل تي چڏيان چو نہ چاپو خط - هي خط هوندم سَاڻ حَياتي مَماتي خط.

2 - هِن ۾ هر ڪا حقيقت حَال بہ آ - معنيٰ مام مِلڻ وارو خيال بہ آ،
بيحد پِيار مَحبت پَال بہ آ - ڏادو ذوقئون لکيو يار ذاتي خط.

3 - ڪَايا مايا اِنهيءَ تان قُرباني ڪَيان - سِر ساهہ نَذر مَهِماني ڪَيان،
خُوبان خوب تَنهنجي خَاطِر خُواني ڪيان - آڻي مونکي ڏِنو جنهن پَاتيءَ خط.

4 - خطڙو آهي اعليٰ عِبارت سان - سَر نامون صَحي مُهر مَهارت سان،
آيو اَعجاز عَلي جي مَعرفَت سان - پَڙهي سو حِفظ ڪَيو دِل جَذِباتيءَ خط.

ٿلھ : *صُحبت انھي سان ڪر - جو قلندر ڪري ڇڏئي،*

رَهبر تي سڀ سو راھ جو- رهبر ڪري ڇڏئي.

1 - تون تنهن نظر کي ڳول - جا توکي تمام تر،
اک چنيءَ ۾ هڪ گِران بها - گوهر ڪري ڇڏئي.

2 - اهڙو ڪو ساٿي دوست - سَچو يار ڪر وڃي،
جو معرفت ۾ ماوَرو - مُعتبر ڪري ڇڏئي.

3 - اُن زُلف خوشبوءِدار جو - سايو نہ ڇڏ ڪڏهن،
دِل کي دِماغ کي جو - مُعطر ڪري ڇڏئي.

4 - هت ڳالھ آهي عشق جي - هت عشق ڌار سو،
غربت هوندي بہ دِل جو - تونگر ڪري ڇڏئي.

5 - جنهن مان ڪروڙ پي پي - پُران پُر ٿي نِت وجن،
ڇئو عشق کي تہ اهڙو ڪو - ساغر ڪري ڇڏئي.

6 - صيقل مثال صحبت - سالڪ سچي سندي،
مَن کي سا ماھ وانگي - مُنّور ڪري ڇڏئي.

7 - العِشق نارُ اللہ جو - اَعجاز تي پتنگ،
ٻر ٻر اِنهي ۾ ٻر تہ سا - اوجر ڪري ڇڏئي.

ٿلهه : نعرو نظارو نِسنگ اسان جو - گُر جي گام گِرام سان جم جام سان.

1 - **ڪُل شَيءٍ مُحيط ٿياسين - قُرب جي قول ڪَلام سان جم جام سان.**

2 - **ناميا نشابر آهيون بَرابر - ذاتي صِفاتي نام سان جم جام سان.**

3 - **گُلگُون گُلابي اکين واري - گل بدن گل فام سان جم جام سان**

4 - **دِيدن جي دِل واري دَرشن - دم دم ڏُوم ڏمام سان جم جام سان.**

5 - **مَن خدايم موج ۾ چئون ٿا - معنيٰ معرفت مام سان جم جام سان.**

6 - **سِر اسان جي سِهرا سُونهَن - ساقي جي صَمصام سان جم جام سان.**

7 - **عِشق جا بانگا اسين اَعجازا - عشق واري اسلام سان جم جام سان.**

ٿلهه : *بَاغَ بَهار يا بَن وي سَرتيون -آئي سڪندر شاهه جي.*

1 - حَوران پريان جِن ملائڪ - تابع ٿيڙا ٿُمَن وي سَرتيون.

2 - پِيچ پاڳارا ڪَلنگي وارا - نَعرا هَٽن ڪَڪ پَن وي سَرتيون.

3 - دِلبر دُولهه دَادُلي ڪئين - دَاغي وِڏا دُشمن وي سَرتيون.

4 - ڳَائي اَعجاز ڪهڙا - گُڻيءَ جا وري گُن وي سَرتيون.

آئي سڪندر شاهه جي.

ٿلهه: صنم سُهڻو ساقي سجڻ هڪ اٿم - گذاريان ٿو تِنهن جي حُسن ۾ ٿي گم.

1 - اچي جنهن چَمن ۾ چمن سو چمن ٿئي- گهمي جنهن صَحن تي صحن سو صحن ٿئي،
هلي راهه جنهن سان سا مشڪِ ختن ٿئي - رهي جاءِ جنهن تي سان جنت عدن ٿئي،
منهنجي اڪ پري ڪِيئن پوءِ باغ ارم.

2 - جي مُرڪي ته موتين جو درياء وهيو پَئي - جي پَڙڪي ته بجلي شمع دَنگ رهيو پَئي،
جي ظاهر ذرو ٿئي ته سج چند بهِيو پَئي - اشارو ڪري ته بہ اڏ ٿي لهيو پئي،
نِهاري جي نازئون ته ٺهيو پَئي نظم.

3 - حَسينن جو حاڪم حسن جو ڏٽي آ- حسن روز تِنهن جي پيرن جي پَٽي آ،
مِلائيندو اَک سان جڏهن اَک کُٽِي آ - جادوء وانگي جِيءُ ۾ ويندو جڙ هَٽِي آ،
علم سامريءَ جو ڏنم اُت عدم.

4 - منهنجي دِلربا جو حسن نِت سوايو -ڪٿڻ منجهه ڪنهن جي نہ اَعجاز آيو،
اجا ڪو نہ اهڙو ڪو شاعر سامايو - نڪو ڪو مصوّر ڪنهين ماءُ ڄايو،

قلم جي ڪَتا سان چا ھٹندو ڪو دم.

ٿلهہ : هن ڪَشتيءَ جو ناکئو تون - طُوفان ڪونهن ڪا شيءِ،

هي گهور انڌيرا ۽ -گهمسان ڪونهن ڪا شيءِ.

1 - هن بَحَر طَلاتم جا - بي بَند بَرَهڙا هي،
۽ بادِ مُخالف جا - بُحران ڪونهن ڪا شيءِ.

2 - يَوَناڪ يَنوَر پيڙيون - جِت لَهرون مِثل پَريت،
اُت توهہ تاريم تُنهنجي - طُغيان ڪونهن ڪا شيءِ.

3 - ماهر تون مَلاح آهين - آ توکي مَهارت ڪُل،
هَٿ تنهنجي سڪاڻ آهي - شوبان ڪونهن ڪا شيءِ.

4 - جو پَاسو هَٽي هن کي - سو پَاڻ ٿئي پُرزا،
هِن تنهنجي ڏَنگيءَ آڏو - دُوران ڪونهن ڪا شيءِ.

5 - مَانجِهن ۾ تُون مَانجهي مَل - ڪئين پارِ ڪَيئي ڏُونڊَا،
آوڙاھ اُڪارين تون - ڪَپتان ڪونهن ڪا شيءِ.

6 - آ منهنجو يقين مَحڪم - آ منهنجي اِها دعويٰ،
دَرياءِ جا دَم دَڙڪا - دَهمان ڪونهن ڪا شيءِ.

7 - پِيا بِجليون بَدل چمڪن - پَرواهه نٿو پانيان ،
تُون سَاڻ سَڄڻ آهين - بَاران ڪونهن ڪا شيءِ.

8 - جو بار لَڏِيُئي هِن تي - سو بار سُجهئي پيو سَيِ،
اَعجاز پَچاري ڇَا - اَوزان ڪونهن ڪا شيءِ.

تلهه : *مُونکي نٿو سُجهي تہ ڪو تُنهنجو بَدل هُجي،*

جيڪر هجي تہ تُنهنجي نَظر جو ڪُنل هُجي.

1 - **چَوڏهن طبق جي چار سُو ، چارئي مَقام چَئين ،**
ڪونهي اُنهن ۾ اَهڙو - جو تُنهنجو اَهل هُجي.

2 - **تُنهنجي سَراپا ،تَن ۽ بَدن جَهڙو هُوبَهُو،**
نَرم و نَفيس نازڪ - مُشڪل ڪو گُل هُجي.

3 - **چو زُلف رُخ تي چوڙين ٿو، اَهڙا ڇَلا ڇَلا،**
هِي هُو جَهان جَن جي ، حَيرت ۾ ٻُڏل هُجي.

4 - **تُنهنجي اَکين ۾ جَيئن ، اِهو ٻَهڪي ٻري پَيو،**
ٻي ڪَنهن جي اَک ۾ اَهڙو - جَڏهن ڪَو ڪَجل هُجي.

5 - **تنهن ڪي هُجي ڇو غَم ۽ فڪر ، ڪَنهن بہ ڳالهہ جو،**
جَنهن کي جو تُنهنجي صُورت ، هِينئڙي ۾ حَل هُجي.

6 - ناصح ضرور ڪَھڙو پوءِ ٽُوڪي نماز جو،
دِل جي پُنيان جي ٽُنھنجو ، ھَلڻ پَل بہ پَل ھُجي.

7 - ٽُنھنجي نِگاھہ جو تہ بہ ،آھيان مان مُنتظر،
توڙي جو نَظر ٽُنھن جي مُون تي ھَر مھل ھُجي.

8 - جَنھن ۾ بہ ٽُنھنجي حُسن جي جَھلڪِي نَٿو ڏِسان،
مُنھنجي ڪَنن اَکين ڪان - پَري سو غَزل ھُجي.

9 - وَھسي وَڳِي ٽَٻڳي ۾ - ڪَنھن کي بہ وَٿ نہ ڏي،
اَعجاز ڪي جي تو جَھڙو ساٿي پُنھل ھُجي.

تلھہ: قُرب تُنھنجي جي ڪَچھري ڪُل ڪتابن جي بجاءِ،

لِحظو هِڪ تنھنجي لقاءِ جو سَڀ ثوابن جي بجاءِ.

1 - **بَشري صُورت بيک تُنھنجو - آھہ اَعليٰ ۽ عَجيب،**
نَظر ناقص لاءِ آ - سَتر نِقابن جي بَجاءِ.

2 - **چو پُڇان ڇا لاءِ پُڇان - شاھي شَفا خانہ وَجي،**
لِب لبن تُنھنجَن جي مُون لئہ - لک لُئابن جي بجاءِ.

3 - **خِيال ۾ ڪي خُواب ۾ - ڪي رُوبرو توکي ڏِسڻ،**
هَڙ حَياتي حق ٿِيو - سَو هَڙ حَقابن جي بَجاءِ.

4 - **رَمز تُنھنجي رَاز وَاري - رَاز رَاحت رُوح جي،**
رُوح جي رُون رُون رَڳن ۾ - پَئي رَبابن جي بَجاءِ.

5 - **سِڪ جو سينن ۾ وَکر - سِينا صدين ڪان سِڪ پَريا،**
سِڪ سَفينن ڪان ڳري سِينا غورابن جي بجاءِ.

6 - **ڪَارگر آهن ڪُھڻ جا - ڪِن قَصابن ڪان وَٺي،**
ڪُندڙا ڪارا نِيڻ ٽُنھنجا - ٽِيَا ڪَسابن جي بَجاءِ.

7 - **نُوح آدم موسيٰ عيسيٰ - يَحيٰ زَڪريا ڪي خَليل،**
لا جَواب آئين ٿي آخر - اُن جنابن جي بَجاءِ.

8 - **بَاب سَي بِيا بي ڪَما - ۽ بي بقا بِلڪل بِنھ،**
باب باقي بِرھ وَارو - اَور بَابن جي بجاءِ.

9 - **عاشقن سِر ٿيندا آهن - پَر اُهي اَعجاز ڇَئي،**
ھُل هنگامہ هَورتَن لاءِ -جَڻ حُبابن جي بَجاءِ.

تلھ : ڪا ڳلِهِي ڏِيندي مَنجھ - ڳھڙي آھي مَرِضِي يَار منھنجي جِي.

1 - مُرڪِي مَلندو هَاٽي مُون سان - ڪِي اجان بہ ڏِيندو ڏنجھ.

2 - هن نِڏَر جي حَالَ حاضُر تي - راضي آھي يَا رَنجُ.

3 - مُون ڪاٽِيء ڪان ڪِين ڪُٽي تو - غَمن سَندو هي گَنجُ.

4 - عِشق جي آيُس آبَ اُونهي ۾ - واءِ نہ لِڳي تو وَنجھ.

5 - اَعجاز عَلي اَچي ماڙ ڪندو - اَهِنج بہ ٽِيندو سَهنج.

ٿلهه : *اهڙي ڳا يار تو لائي - لَهان تُنهنجو نہ مٽ جَائي.*

1 - بِرهه تُنهنجي جي پابند ٿِيَسِ - بيخود بي جَان بي جِندُ ٿِيَسِ،
پِرين توساڻ پيوند ٿِيَسِ - وِڇا واري ويئي وَائي.

2 - لَڪين لوڏي وِيمر ڌوڏي - نہ ٿِيس هيڏي نہ ٿِيس هوڏي،
اَڪيون اَرواح دِل توڏي - وَٽي صُورت نہ ٻي ڪَائي.

3 - وَتان ٿِيو هاڻ مَستاني - دِيوانَن ڪان بہ دِيواني،
لَهي حَيرت نہ حَيراني - آهيان عِبرت ۾ آئون آئي.

4 - چَوي اَعجاز آئون ذَر ذر - توتان گِهورِي گهورِيان گهر سِرُ،
نَظر مُون تي تُون نُوري ڪَر - اَي مُنهنجي حَال جا پائي.

ٿلهہ : توکي ڏِسيو پَئي ٿَڳان - ڳاٺہ جَڏيءَ جو ڳاھِي جِياپو.

1 - لَک هزار ڪو لائي لُٽائي - لاري نہ بئي ڪَنهنجي لَڳان،
ٿِيو مُنهنجو ميثاقان توسان مِيلاپو.

2 – جِيسين نہ ڏِسان توکي تيسين جَانب پئي - دَرد فِيراق ۾ ڏَڳان،
توريءَ ڪَن نہ ھي اَکڙيون آجَھاپو.

3 - سَپ ڪِي پِرايم سُهٽل سائين - تُنهنجي دَران ۾ تنهنجي دڳان،
صَدقي ڪَيم توتان تَن ۾ تَناپو.

4 - پِيالا پِرت جا تُنهن جي هَٿان پي - وَحدت ۾ پَئي وَڳان،
وِيو اَندرئون اَعجاز چَئي اُڏامي آپو.

ٿلهہ مُون تي اهي سَڀ ڀَال - مُنهنجي سَڄڻن جا، مُنهنجي پِرين جا.

1 - يَاد تہ آهيان وِسريل ٺاهيان - دِل تان اُنهن جي اُتريل ناهيان،
ڪُتل مُون ۾ خِيال - مُنهنجي سَڄڻن جا.

2 - رَنج رُسامان صَدمان سَهاپا - طعنا مِهڻا تلخ نِياپا،
ويڻ وِصال مِثال - مُنهنجي سَڄڻن جا.

3 - مِلندي ڪِلندي مُنهڙو مَٺائڻ - گوڏي گڏ وِيهي گُهونگهٽ پائڻ،
خُوب اهڙا تہ خَصال - مُنهنجي سَڄڻن جا.

4 - سونَٺُون مِينَٺُون سيمئون پِيارا - اَنگل آرا عِشويٰ اِشارا،
گُفتا مَنجهہ رُومال - مُنهنجي سَڄڻن جا.

5 - سِر هي اَعجازا سِڪ ۾ ساماڻو - ڏُکن سُکن ۾ ڪِين ڪُوماڻو،
قُرب اِهي بہ ڪَمال - مُنهنجي سَڄڻن جا.

ٽلھ : مُون سان ڪو نہ مُنھنجا سَڄڻ ڪَن جُدايون،

ڏايون ڏِنگ ڏِسيو تہ بہ وَريو ڪَن وَفايون.

1 - مَٽم ڏوھہ ثابت آھِن ڪيئن ڏِھاڙي - پِرين پاڙ تَن جِي مون سان ڪانہ پاڙي،

هَٿئون پَنھنجي هَٿن سان ڏَڪن پِيا ڏِلايون.

2 - سَدا حَال سَي ۾ آھن رَاضي پَازي - چِنڻ عَيب پَانئِن رُسڻ ريب بَازِي،

مَاٺھو ڪَن تہ پِيا ڪَن، وَٽن لايون چَايون.

3 - ٺَاھيان آئون هِڪڙو دِيوانو اُنھن لاءِ - سَارو مَست آھي زَمانو اُنھن لاءِ،

ڏَاڍيون دَرگُذر سان، دِليون تَن ورايون.

4 - آھن جَھڙا سُھڻا تھڙا سي سَباجَھل - مِلن اھڙا اَعجاز ياڳين تا سَانوَلَ،

ڏَڏَن ڪي جي ڏِيندا، وَتن جِيءَ ۾ جايون.

تلھ : ***مَرحَبا مُنھنجا مِٺا - يَاري نِيائي تو يَڪي،***

ڪَنھن نہ تو جِيئن ڪَئي وَفا - يَاري نِيائي تو يَڪي.

1 - **ڪَئين ڪَشالا پَنڌ ڪٽي ۾ - سَپ لَڄون سانگا سَٽي،**
جَان جِند کي ڏِيئي جَفا - يَاري نِيائي تو يَڪي.

2 - **آئين ئَاز مان نعرو هَٽي - سَنسار ٻَن سَارو هٽي،**
ٿي نِسنگ نِسري صَفا - يَاري نِيائي تو يَڪي.

3 - **آئون گھٽو هوس ويسلو - پَر تو نہ ڪَيو ئَاتو ڍِلو،**
وَاھ سُھٽا يَر وَھوا - يَاري نِيائي تو يَڪي.

4 - **مَام ۾ سَيڪي چَيئي - مُونکي مِنا پَنھنجو ڪَيئي،**
يَاد تُون رَھندين سَدا - يَاري نِيائي تو يَڪي.

5 - **پيچ پَاتا تو پَڪا - اَعجاز سان يَاڪي يَڪا ،**
صَدقي صَدقي مَھ لَقا - يَاري نِيائي تو يَڪي.

حَقیقت

ٿلهه : ٻن صُورت وارو ٻڻايئي ڇو - اِنهي رُوپ ۾ پاڻ ڇُپايئي ڇو.

1 - مَت مَلڪن واري نِڪار ڪري - پنهنجي خِيال جو خَاڪو تِيار ڪري،
اَولو آدم جو اِختيار ڪري- هُلُ عَبديَت وارو هُلايئي ڇو.

2 - هِڪَ جاءِ هُئين هِڪُ پاڻ هُئين - سَڀِ طَرح سُڪيو سُک سَاڻ هُئين،
اَڻجاڻ نہ هُئين تُون سُڄاڻ هُئين - پوءِ داڻي سان دِل لايئي ڇو.

3 - ڇڏي وَحدت واريءَ واديءَ کي - ويءَ جُوءِ وَسيع ڪُشاديءَ کي،
ڇَئي اَلوداع آزاديءَ کي - ڪُنجُ قَفس ۾ قيد ڪَمايئي ڇو.

4 - پنهنجي نقش جو پاڻ نِگارو تون - مَٿان تنهن جي جَان نِثارو تون،
وَري نِيٺ بہ تَنهن لاءِ مَارو تون - ٿَلهو نِڪَر اَجل جو پَجايئي ڇو.

5 - اَعجاز ڇَوي ڇَوان ڇا آئون ڏٿي - تنهنجي دَانائيءَ جي آهي ڳَالهه گهٽي،
هُتي نعرو اِنّي اَنا الله هَٽي - هِتي اَحمّد نام سَڏايئي ڇو.

تلهہ : *جاڳي جاڳي جاڳ ڙي - او ڀوري وَريو اَٿئي ڀَاڳ ڙي.*

1 - اِسم رَبّ جي اُٿ سَويرو - ڀَل ڀَليرو ڀيرِج ڀيرو،
ٿَان لَهِين ڪو لاڳ ڙي.

2 - ڪُوڙي دُنيا جي ڪُوڙي گشي ڪي - ڪُڙي نِنڊ ۾ ڪوڙي نَشي ڪي،
ڇَڏ تہ مَاٽين سُهاڳ ڙي.

3 - پِرين آڏو پاڻ نہ آٽج - ڄَاڻ تُون پَنهنجو اوري ڄاٽج،
اَٿئي مِنت جو مَاڳ ڙي.

4 - ساٿي سنگتي سَڌي صَلاحي - سَڀ سَمورا سَاز سَنباهي،
ڪَر رُوحاني رَاڳ ڙي.

5 - عِشق اَعجازا آيو الاهي - مُرشد هَادي ڪَئي هَمراهي،
وَيهہ وَني وَيراڳ ڙي.

ٿلهه : هَستي مَستي مَوج مَري وَئي - آهيون هِت ويچارا، بَيحد بَيڪس بَيڪارا.

1 - هَر ڪَنهن آڏو نِياز اَسان جو- سَڀ ڪَنهن ساڻ سَچائي،
مَحبت مَن ۾ دَغا نہ دِل ۾ - گِلا نہ ڪَنهن جي ڪَائي،
قِسمت قُدرت ڏِني آ غُربت - سُورَ سَهيئي سَارا.

2 - سَاٿي هُئا پَر سَاٿ چِنائون - ڪونهي حَال ڪو پائي،
خفا ٿِيا پَر وفا نہ ڪَيائون - جَفا ڏِيئي وِيا جُدائي،
دَرد جا دَفتر گولِيان چا هَر هَر - ٿِيندا بَنديون ڪَاغذ ڪَارا.

3 - حَسرت دِل جي دِل ۾ رَهي - نَاڪام عُمر تي اَچائي،
اَعجاز جَني سان نَاز هُئا - پَرواز ڪَري ويا جَائي،
موٽي نہ مَلندءِ تولاءِ نہ ڪِجندءِ - ڪَٽي سَاهه ڏِئين سو وارا.

تلھ : *منصب منصوريءَ ڏاران نعرو انا الحق ماري ڪير،*

مام مسيحي جيسين مخفي مٺا جسم وري جياري ڪير.

1 - **وِرد وَظيفا نَفل نِمازون، زُهد عِبادت جي ڳٽي ٽِين،**
تَوڙ تَڪبر سِينا تاني تَرڪ ڪري سِرواري ڪير.

2 - **ظاهر باطن سمجھ سريءَ ۾ اُوتي العَمر اِشارو يَار،**
قالو البلٰي ڪي قول ڪَيل ڪي مَردن ريءَ ٻِيو پاري ڪير.

3 - **سيل صبر سڻ مَردن وارو سوليءَسر ڪيئن ساھئيون ٿي،**
اَعجاز حقاني هوڪو حَق جو سَيّد ريءَ سيڪاري ڪير.

ٿلهه : ***حَقيقت جي آئيني ۾ - سَچو اِسرار تُون آهين،***

نَظر ڪان پَاڪ جو آهي - اُهو اَبرار تُون آهين.

1 - **خَزانو سر خُوديءَ وارو- بَحر مَعنيٰ جو بس يارو،**
ڪُنت ڪُنزان نِهان نِيارو - رُخ اَنوار تُون آهين.

2 - **بَشر جي بيڪ بازيءَ جو - ڪُلئي ڪَم ڪَار سَازيءَ جو،**
حَقيقي ۽ مَجازيءَ جو - اَصل معمار تُون آهين.

3 - **شَاهد مشعود سِرُ تُنهنجو - عَابد مَعبود سر تُنهنجو،**
سَدا مَوجود سِر تُنهنجو - سُولي هَسوار تُون آهين.

4 - **پَنهنجي پَاپن جو گهر دَر تون - پنهنجي نيڪين جو جو پَروَر تون،**
پَنهنجي هَر ڪم تي قَادر تون - پلو بدڪار تُون آهين.

5 - **گگَن گُلزار گُل قُل سان - شَمعُ پَروان بُلبُل سان،**
هَمہ هَر وار هُل غُل سان - بِرهه بَردار تُون آهين.

6 - دوزَخ جَنت جو جَوڙيندڙ - خِيمو هَر جاءِ کوڙيندڙ،
ٽاريندڙ پاڻ ٻوڙيندڙ - ڪَپر پَاتار تُون آهين.

7 - هَٽي اَعجاز منجهہ جَهاتي - حَقيقت جو تہ ڏِس هَاتي،
توسان تُنهنجو سَڄڻ ساٿي - نہ هَڏِ ٻي يَار تُون آهين.

ٿلهه مَاڻهن ۾ آ مَوليٰ پَڌِرو - اِئين تہ ڪَو اِثبَات ڪَري.

1 - مَن عَرَفَ واري مام مَعنيٰ سان - پَيرُ عَلي ٿو بَات ڪري.

2 - نورُ اَعليٰ سان نُورُ نِيارو - تَن مَن ۾ تَجلات ڪري.

3 - صاف وَهابي صوفي ٿي سَڀ- صورت ۾ ڏِس جهات ڪري.

4 - وهڪِري وحدت واري مان ٿو - عِشق عطا هر ذَات ڪري.

5 - اَعجاز عليءِ جو سِر سُجاڻو - ٿِي ظاهر ذَات ڪي ذَات ڪري.

تلھ : شَل خُوش وسين سَندي سَانگ - ڪَانھي ڪاڻ مِلڻ جي اسانکي.

1 - **چَور نہ مُون سان ڳالھہ اِھائي - ڪَھڙي سُٺايَئِين ڪَانگ.**

2 - **نڪي آئون تولاءِ تَانگھيان - نڪي تون ئي مون لاءِ تَانگھہ .**

3 - **ڪِروڙين ڪوھہ پري ھُجون - نَاواقُفن وَانگ.**

4 - **اَعجاز جُدائي قبول ڪئي - توڪي ڏِسِي بي ڏَانگ.**

ٿلهہ : درد مَندن ڪان پُڇو - ڪيئن ٿا گُذارن ڏينهڙا

مُنهن پايو مُونن ۾ - وِينا وَسائين مِينهڙا.

1 - **سُور جو ساٿو هَٽن - سودو نہ ڪَن سُک جو ڪَڏهن،**

اي سُکيا ساوا اُنهن جا - سُڻ اُهي ٿُون سنيهڙا.

2 - **نِت پِيارين ۽ پِين ٿا - پُر پِيالا پِرت جا،**

اِئين نِباهيو ٿا وڃن نِيهي هِتان ڏِس نينهڙا.

3 - **مُوت ڪان اَڳ ۾ مَري - مُوتُو قَبل جيڪي ٿِيا،**

ڇا ڪَندا تن کي ڀَلا هي - شَاهي شوريل شِينهڙا.

4 - **عِشق ۾ اَعجاز ڇَئي - وَڏ ماڻهپي ڪان ٿِيا پَري،**

حَال هِيڻي ٿَي سَدا - هيري ڇَڏيا تِن هِيئنڙا.

ٿلهه : جِيئن تقويٰ رَکي اَٿئي - تِيئن توڙ نِباءِ،

نہ تہ ناٿن سان وِيهي - نِينهن نہ لاءِ.

1 - **توڙي ڪِيڏو هُجين تونگرُ يَلي - تہ بہ سِڪ سَچيءَ سَواءِ نہ صُحبَت مِلي،**
جُهدئون جِيءَ کي جَفا ڏي تہ مُحب مِلي - نہ تہ سَڏڙيو ٿي نہ سَائل سَڏاءِ.

2 - **ڪِرت ڪَاپڙِيُن آ قُرب ۾ ڪُسڻ - نڪي ڪَرَت ڪَات اَڳيان وَرِي ڪَا ڪُرِڪ ڪَرڻ،**
نَکي ڏَڙِڪ رَکڻُ نَکِي ڇِرڪَ پَرڻُ - اِنهي اُهجاڻي پوءِ عارف ڇَواءِ.

3 - **ڏِسي والضحيٰ وَلَيل کي ڪَرِ ويچار وِيهي - تَوڪلت عَلَي الله جِي ڇا صِفت آ صَحي،**
جَنهن اِيّاڪ نَعبُدُ و اِيّاڪ چئي - اِهو سَبَقُ سِکي پَنهنجو پاڻ پَچاءِ.

4 - **عَجب اَعجاز زَماني ۾ رَنگ رَازُ ڏِنئي - گهڙي دَم جو سوز گداز ڏِنئي،**
مارڻ مَين کان سَواءِ بِيو ڪُوڙ ڪُلئي - نِئڙتَ نِياز ۾ پِيو سِرڙو نِماءِ.

ٿلهہ : مَچي مَيدان ۾ بِيهڻ - مَانجهي مَردان جو ڪم آ،
جلڻ منجهہ عِشق جي چِيري - جَلالي جُوان جو ڪم آ.

1 - **اَچڻ پيونري مِثل بُلبل - پَسڻ حَاضر حُسن گُل ڦُل،**
پَچڻ پروان جِيئن پَلپل - مَوهيل مَستان جو ڪم آ.

2 - **تِيرن جي تاب ۾ تَرسڻ - وَني وَندِ وِرھہ جا وَرسڻ،**
بِنا مُند اوچتو بَرسڻ - بَدل باران جو ڪم آ.

3 - **نَڪي ڀالا نَڪي نَشتر - نَڪي هاٿي نَڪي اُشتر ،**
ٽِيڻ فَتحيات بِن لَشڪر - سُورِھہ سُلطان جو ڪَم آ.

4 - **ڦِٽي اَعجاز ڪَر آزي - گهاٽي سِر ڏي تہ ٽِين غازي،**
لَڱائڻ جَان جي بَازي - قويءَ اِيمان جو ڪَم آ.

تلهہ - يَاد جي جِن کي ڪَندا - ڪَندا ياد سي تَن کي سَدا،
دَم ويسارو ناهہ جن وَٽ - ڪَير ڇَئي تَن کي جُدا.

1 - سَار دِل جي سَار سان - پَهہ عَاشقاڻي پَار سان،
وِيا مِلي اِئين يَار سان - ڪَئين سوز سَاڙيل سِڪ وَندا.

2 - جَن وسان ڪَيون وِيسريون - ۽ غافلايون گسيريون،
نِيڻان تَني جي نُيسريون - اَرمان جُون وَهنديون اَدا.

3 - فَاذڪُرُونِي جي فَهم - اَوڏا ڪَيا سَاهئون صَنم،
اَڪڙين ڏِنا وِيا غَم وَهم - تَن مَن ڪريان تن تان فِدا.

4 - هِت جُون سارون هُت سُڄن - هِي ڪَارون زَارون هُت سُڄن،
پِيون سَڀ پَچارون هُت سُڄن - اَهڙا پِرين اَتم سُنهن خُدا.

5 - ڳَالهيون تہ پِيون اَفراديون - اَعجاز بي بُنياديون،
يَاد ڪَر سي يَاديون - جِن سان ڪُلن دَر اَنحدا.

ٿلهه : جَن يار نہ ڪَيو - تَن جِي ڇا ڪَيو،

يَار سِوا ۽ پِيار سَوا ر هِنَ دُنيا ۾ تَن تِي ڇا ڪَيو.

1 - **پِيار ۾ اُتجي پِيار ۾ ويهجي - پيار جو صَدمون پيار ۾ سَهجي،**
پِيار ۾ سِر ڏيئي پِيارل پَسجي - پِيار سِوا سِر ڏيئي ڇَا ڪَيو.

2 - **مَئيخُوار اَچي مئيخان اَندر -مَئي جَام پِين ٿا شام وسَحر،**
سُهڻي صُورت وَند سَاقي بِگر - تَن مَئي جو پِيالو پِي ڇَا ڪَيو.

3 - **مَر تہ اَعجازا مَر مَحبت ۾ - غَم غُربت ۾، سِڪ صُحبت ۾،**
نہ تہ تَاب طَبل سان تُربت ۾ - پُڇندا توکان تو هِي ڇَا ڪَيو.

ٿلهه : جيڪو غيرَ کي سَمائي - اُهو خيالُ ڪِيئن ڪمايان،

ڇَڏي حال جي حَقيقت - وَرِي قالُ ڪِيئن ڪمايان.

1 - **مُون گُذاري عُمر سَڀُ آ - پَنهنجو پاڻ نِت ڪُهائي،**

جو ڪُهي ڪُهائي ٻِين کي - سو ڪمالُ ڪِيئن ڪمايان.

2 - **مُنهنجي دِل جي ڏِس تہ چاهت - مُنهنجي دِل جو ٻُڌُ تہ رَايو،**

جو مِثالِ ٿِئي نہ جَڳَ لاءِ - سو وِصالُ ڪِيئن ڪمايان.

3 - **ٻُڌي قال وَاريون دَانهون - اَجوڪَنِ تہ عَاشِقن جُون،**

پَنهنجو عِشقُ آئُون بہ تِن جانِ - ٿِي ٻَتالُ ڪِيئن ڪمايان.

4 - **پِيڙي خُون هَر بَشر جو - ڪَري قَطِرو قَطِرو ميڙيان،**

اَچي پوءِ ڪَمُ پونين کي - اَهڙو مَالُ ڪِيئن ڪمايان.

5 - **نہ خُوشيءَ ۾ پائيداري - نہ جَتاءُ غَمن ۾ يَارو،**

تہ خُوشي مَلهايان ڪِهڙي - ۽ مَلالُ ڪِيئن ڪمايان.

6 - **جَڏھن ڏِسي ڳسي دِل - جَڏھن ڪِلي تہ موھي،**

اَعجاز سامھون اُن جي - پوءِ جلالُ ڪِيئَن ڪَمَايَان.

ٿلهه : آهي راز اِلاهي سِر آدم ۾ - هي بيرنگ بيک ڪَيو اَٿئي هِن عالم ۾.

1 - **هِي عَرض و سَمٰوات تو ٺَاهيو آ -هي وليل وَالضحيٰ تو بَنايو آ،**
تو شَمس قَمر ۾ نُور پَايو آ- تُنهنجو تجلو آهي صُورت سالِم ۾.

2 - **لِڪ ڪَربل ۾ ڪٽي ڪِيڏي ڪَيَئِي - اُتي پَاڻ بِيني پَنهنجو پَاڻ ڪُنَئِي،**
سِر عَاشق ٽِيو ڏَاڍا ڏُک ٽي ڏِنئِي - ڳُجها راز رِٽِيَئِي اِسم اَعظم ۾.

3 - **ڪَنهن ڪي عِشق لايو اَڪسير ڪَرين - ڪَنهن سَان واءُ وصاليءِ جِي وِير ڪَرين،**
ڪِٿي سَمنڊ درياهان پِيو سَير ڪَرين - ڪِٿ اَعجاز وِڌئي غمن آگم ۾.

ٿلهه : سُور ۾ رهه تان سُور سُجاڻي - سُور جي صُورت سُور اَٿئي،

سَمجهه اِهو سَچ سَالڪ چَئي وِيا - سُورن کان پوءِ سُرُور اَٿئي.

1 - **جِيئري وَج هِي جهان ڇَڏي - پَلا شَرط اِهو مَنظور اَٿئي،**

پَڪ سان پَسندين پوءِ پرين جي - پِرت سَندو پَهه پُور اَٿئي.

2 - **دِلبر جو دِيدار ۽ دَرشن دِل کان نه هرگز کان دور اَٿئي،**

دَرد مَندن جو سُڻ اي سَڏڙيا - دَائم اِهو دَستور اَٿئي.

3 - **ڪوهه تو گنگا جَمنا ڪَاهين - ڪَهڙو مڪي ڏي ضَرور اَٿئي،**

تو ۾ ڪاشي تو ۾ تِيرٿ - تو ۾ تَجلو طُور اَٿئي.

4 - **نِرمل وارو نقش نِظارو - نَظر اَکِيان سو نُور اَٿئي،**

هَٿ ڪَر حَال خِيال اَعجازا - هِردي مَنجهه حُضور اَٿئي.

تلهہ - ٺڪي آيم هَتَ الله ميان - ٺڪي دور دُنيا جو چاهہ مِيان،
غَمزي حُسن جي اَهڙو ڪَيَڙم - گهائي گُهٽي گُمراهہ مِيان.

1 - ٺڪي شُمار آهيان شاهوڪارن ۾ - ٺڪي زُهد عِبادت ڪَارن ۾،
ٺڪي چَورن ۾ نہ چَڪارن ۾ - آهيان بَرزخ ۾ بيراهہ مِيان.

2 - ٺڪي ڪَنهن سان ٺهي ڪو ٺاهہ ڪيم - ٺڪي ڪَنهن کهي ڪو ڳاهہ ڪَيم،
ٺڪي دِل ڳُهريو ڪو گُناهہ ڪَيم - اَرمان اِهو ئي آهہ مِيان.

3 - هَر دو جَهانئون عَاري ٿِيَڙُس - عيش آرامئون بيزاري ٿِيَڙُس،
هِڪ جَيڏَن ۾ مَياري ٿِيَڙُس - تُون مُون تي وَئي تَباهہ مِيان.

4 - حُسن سواءِ هاٽي هَلي نہ چاٽان - حُسن جي ڪاڻ ٿِيا حَال نِماڻا،
حُسن جا آرا ٺاز ۽ ماڻان - چَايم سِر تي ڏيئي سَاهہ مِيان.

5 - ڪُل شيءٌ مُحيط جو ڏس مِليو - پَلي هِيئَن وَتان شل عُمرِ پُليو،
رُلين پُلين سان رَهي هو تو رَليو - اهو وار اَعجاز وَيساهہ مِيان.

ٿلهہ: ڪونہ ڀِيو تو سُجهي - سَڀ سان آهي صَاحب ساڻي.

1 - **مَن عَرف جي معنيٰ ڪَئي سون - پَڪي پيرائتي سُڌ پَئي سُون،**
لوڪ هُونهَين پِيو مُنجهي - سَالڪ ڏيئي وِيا سَڀ سَمجهاڻي.

2 - **خلق آدمر اَعليٰ صُورتہِ - موڳا پانئِن هِي مُورت ٻئي،**
عِشق نہ اِئين اُجهي - رَمز اِنهي ڪي پِرت رَساڻي.

3 - **گهٽ اندر ۾ هي گهوڙا گهوڙا - ڪِين ٻُڌين تو ڪوهہ تون ٻوڙا،**
ٻول هيءِ جيڪو ٻُجهي - سُرت رَکي سو پَاڻ سُڃاڻي.

4 - **ڪي چَون ڪِيئن ڪي چَون ڪِيئن - عَاشق چَون تا هَر گهڙي هِيئن،**
ڳُجهہ پِرين جي ڳُجهي - پَس اَعجازا ڪَئي پُڄاڻي.

ٿلهہ : **آھي يَار اَسان جي اولي - اَسين وِياسون ڳولي ڳولي.**

1 - **ڪِير نہ سَگهندو هَاڻ اَسان کي - بيشڪ پولي پولي.**

2 - **اَنا اَحمد بِلا مِيمي - ٻَهڳُڻ ٻَولي ٻَولي.**

3 - **مِليو ماهي مُزمل مون سان - گُهونگهٽ کولي کولي.**

4 - **راڄ ڇَڏيا هِن رَندن تي - اِنهن مُلن رولي رولي.**

5 - **ڪَڏهن عَاشقن ڪَڏهن حَسينن - جي آ ٿولي ٿولي.**

6 - **اَعجاز يَلا ڇو ڇَپر ڏُونگر - نَاحق ڇولي ڇولي.**

ٿلهه: مَرد ٿِي مَنصور مَانَند - مَام سَمجهي مَن عَرف،
پَڙهه اَنالحق جي پَٽي - ڪَر تَرڪ تُون نَحو و صَرف.

1 - **خُود خُدائي خَيال پَس - دُوئي وارو تہ دَجال دَس،**
پِي جَلالي جَام رَس - حَق جَاڻ حَاضر هر طَرف.

2 - **ٿو وَسي تو ۾ بہ رَبّ - اِن ڳالهہ ۾ ڪَونهي عَجب،**
ڇَڏ لَذت لَهو وَلَعب - شَاهي ڇَون تُنهنجو شَرف.

3 - **تِي تُون پيوند پَاڻ سان - مُحڪم مَتي مَئي مَاڻ سان،**
ڪَر نہ ڇَٽڪي ڄَاڻ سان - ڪَنهن قول بِئي ڪَنهن تي حَرف.

4 - **سَبِي اَعجازا ٿول تُون - بَردو ناهين ڇَڏ پول تُون،**
دَر دِلين جا کول تُون - تو وَٽ ڪُنجي تو وَٽ ڪُرف.

ٿلھ : مُنھنجي جاءِ نہ توسان جَائي - او ھَرجائي،

تُنھنجو عِشق نٿو مُونکان پالِيو پُڄي.

1 - **بيڪِي بَسني بَھانہ تُنھنجا - ڏاڍو آھين دَلبائي، او ھَرجائي.**

2 - **ھِڪ نہ نالو ھِڪ نہ صُورت - تو ھِڪ نہ ٻولي ٻُڌائي، او ھَرجائي.**

3 - **ڪَڏھن مَوالي ڪَڏھن قوالي - ڪَڏھن مُلون مَسلائي، او ھَرجائي.**

4 - **ڪَنھن دَم سائل ڪَنھن دَم سَخي - ڪَنھن دَم تُون ڪَنجُوسائي، او ھَرجائي.**

5 - **تُون ئي چور تہ تُون ئي پَاڳِيو - تُون ئي پيري وَڙولائي، او ھَرجائي.**

6 - **ھِيڏھن ھوڏھن پُورو آھين - وَاھ تُنھنجي ھيڪڙائي، او ھَرجائي.**

7 - **پَنھنجي مَرضي مُطابِق ھَرھَنڌ - تو آ وَسائي تو آ ڦِٽائي، او ھَرجائي.**

8 - **سَالم سِياڻو توکي سَمجھان - ڪي توکي سمجھان سَودائي، او ھَرجائي.**

9 - **توکي ڪانھي تہ اسان کي بہ ڪانھي - ڪَاڻ اَعجازا ڪَائي، او ھَرجائي.**
تُنھنجو عِشق نِتو مُونکان پالِيو پُڄي!!!

ٿلهہ : اَسين وَاقف تُنهنجا آهيون، ڏِسون تُنهنجي اِلاهيت چا،
خُدا ڪونهي پِيو ڪو نہ تہ ، ليڪيون تُنهنجي لِلاهيت چا.

1 - حَوا آدم مَٿي چا لاءِ ڏريُئي اِلزام ڌاڙي جو،
سندءِ اَهڙي عَجب جهڙي، ٺٽا سَمجهون سِياست چا؟

2 - رَاڄن جا رَاڄ تو رَوليا، خالي دڙڪن دِلاسن سان،
ڪِروڙين وِيا ڪَندا دانهون، اِها آهي ڪماليت چا؟

3 - صَبر ۽ مَاٺ ڏي مُونکي، اَجان نہ تہ آئون پَڌر پَوندس،
سَڏايئي پاڻ کي چاچا، ڪَرين پِيو ڏِس عِنايت چا.

4 - خُدايا خَير ۽ شِر جو، ڪونهي خالق پِيو تو ريءَ،
چَوي اَعجاز مُون ڪَئي، پوءَ خَطا ڪَهڙي خِيانت چا.

ٿلهه : ٿُون تہ مُلڪ وَحدت جو مَالڪ آهين،

ٿُون دِين ڌَرم کي ڇَا ڪَندين.

1 - **عَاشق اِتي اَختيار ٿُون ، وَجي پَس نہ ٻِئي ڪَنهن پَار ٿُون،**
آهين سَچو اِسرار ٿُون، دير و حرم کي ڇَا ڪَندين.

2 - **تو لاءِ سِڪي لا لا سَمن، توکي سدا نَرگس نَمن،**
ٿُنهنجو بَدن آهي چَمن، باغ اِرم کي ڇَا ڪَندين.

3 - **خَالي نہ رَهہ پَنهنجي خِيال کان، هِن عِشق جي اَحوال کان،**
وَاقف ناهي جو هِن حال کان، تَنهن بيشَرم کي ڇَا ڪَندين.

4 - **هَڻُ اَعجازا نَعرو هَمہ، پرَوان تون ٿُون ئي شَمع،**
ٿُون لا مَڪاني لا طَمع، تون جم جَرم کي ڇَا ڪَندين.

ٿلهه : هِنيون حَاضر ڪري هِت تُون، ڪولي نَظرون نِظارو ڪَر،
بَاطل حق تي پَڌر پوندو مُلڪ هَتِ ماٿ وَارو ڪَر.

1 - **حُضوري دِل قَلب وَاري ، ڪَندو حَاصل وَجي ڪوڪو،**
اَجان چاڙهي اَٿئي چَڙهٽي، چَڙهي پَنهنجو ڪو چَارو ڪَر.

2 - **مُوتُو قِبلل وَارو لانگهو، لَنگهي مُشتاق تي مُحڪم،**
اَجل سَامهون اُوچي سِر اَچ، عَدم آسڻ اُوتارو ڪَر.

3 - **مَتان هِت غير ڪو ڀانئين، ناهي ڪو غَير هِت هَرگز،**
ڏِسڻ سان ڏِسُ هَمہ حَق آ، گُمان گُم تي گُذارو ڪَر.

4 - **هِنيون حَاضر ناهي جِن جو، جِيئڻ تِن جو اَجايو آ،**
سَچا سَالڪ وِيا سَچ چَئي، سَندي سِر جو سَنيارو ڪَر.

5 - **پير مُغان مُحقق جِي، صُورت آ هُوبهُو رَبّي،**
اِئين اَعجاز چَئي سَمجهي، هُو هُو وَارو اِشارو ڪَر.

تلهه خُود دار تِي ڳُولج خُود کي ٿُون - سوجهه سَندِيءَ سُڌ ٻُڌِ کي ٿُون.

1 - **ٿُنهنجي اَولي ٿُنهنجي چولي - ڪَير ٻُڌي تو ڪَير تو ٻولي،**
سَمجهه پَنهنجي سُر شُڌ کي ٿُون.

2 - **اوري وَاريون اوريَن اوريون - حَد اندر تَن ڏِسيون ڏوريون،**
لَوچ "لا" سَان لاحد کي ٿُون.

3 - **مَسجد ڪَعبي مَئيخانِ مَندر ۾ - اَندر ٻَاهر ڪوجهي سُندر ۾،**
ڪَر اِثبات اَحد کي ٿُون.

4 - **گُهم اَعجازا ڳُرَ ۾ گُم تي - حَقّ حَقيقت سَان هَمدم تي.**
پَس فَهم فِي ڪَبَد کي ٿُون.

ٿلھ : اِسم ذاتي اور - عين عِبادت آھي اِھا ئي.

1 - وَھُوَ مَعَڪُمۡ وَعدا ڪَيائين - گُر مَٽان سِر گھور.

2 - بَن ڏيَئي بِيا ناتا سيئي - ناتو حَقيقي ٽور.

3 - مَن عَرف جي مَامر پَروڙي - ڏِيل پَنهنجي ۾ ڏور.

4 - ڏِينهن سُمهڻ جا پَوءِ ڏَاڍا اِيندءِ - دِل ۾ اِهو ڪَر دَور.

5 - هُو اَڻ گھُريو ۽ اَڻ ڪُٺ ڏي پِيو- تَڪ مَ ڪِي ٿُون تَور.

6 - اَٿڪل واري عِبادت ڇَڏ ٿُون - مَن جو مَٽيون سور.

7 - ڪوڏئون ڦُرب ڪَمائي ڦُدسي - ڪِينو ڦَلب تان ڪَور.

8 - اَعجاز چَوي ڳَالھ پِرين جِي - وينو چور پچور.

ٿلهہ : اِئين پُڄندِي آسان ڪان هَرگز ڪانہ - جِيئن سَائين تو آ پاڙيو پِينگ تي.

1 - **سيجون سُک ۾ ڪاڄ سَلُوٽا، طَعَام طَلَبِين ٿَان نہ ،**
وَتين چو سِينو سَاڙيو پِينگ تي.

2 - **جُڳ ٿِيَئِي اِنهي حَال سان، پَاڻ بُڪيو بِيا سُلطانَ،**
ڪِيئن تو چِت ڪَٽي چاڙيو پِينگ تي.

3 - **جِيڪي ڏِنئي سو تہ گهوريو، پَر وِيتر ڪسيو سک مان ،**
ٻُڌيو چيو وَڃين لاڙيو پِينگ تي.

4 - **مَسجد مَندر ۾ گهر مِيان تُنهنجو، تَنهن ۾ ڪَهڙو اَٿئي سَامان،**
وينو آهين وَلر واڙيو پِينگ تي.

5 - **مَعاف گُستاخي اَعجاز چئي، نانءُ وَڏو شهر وِيران،**
اَٿئي مُون ۾ ۾ ڦُڪڙ ڦَاڙيو پِينگ تي.

ٿلهه : وَٿ وَاٿ بَصيرت وارن جي - حَقّ ساڻ هِڪان هِڪ پارن جي.

1 - **اِن وَاٿ سِواءِ ٻِيون واٽون وِنگيون - اَٽِپوريون اَڏوريون ڪوڪيون ڪُنگهيون،**
ڪِن تي ٿَڱ ٿَڱيون ۽ ڇوڪيون ڇُنگيون - ڪِن تي دَعويٰ دڙ دُز دَارن جي.

2 - **جَا وَاٽ وَما تغيٰ وَاري آ - سَانيارين ڪان بہ نِياري آ،**
اها جُڳ جُڳ جاري سَاري آ - اُها وَٽيل آ وِينجهارن جي.

3 - **جِيڪا نِرتن سُرتن سِراط چئي - وَجي طَالبن سائي تلاش ٿئي،**
وَٺي وِيا سا صُورت جي سَام پئي - ڇڏي ڇِنتا ٻِين سَڀ چَارن جي.

4 - **جِن بينا بَصيرت وَاري مِلي - تَن اَکِيان حَقيقت سَاري کُلي،**
حَقّ آهي خَفي حَقّ آهي جَلي - هُجي نَظر ڪَا اَهلِ نِظارن جي.

5 - **هِن رَاهه جا رَاهي رِند ڏِنم - اَعجاز اُهي دِيد مَند ڏِنم،**
سَردارَ بہ سي خُور سَند ڏِنم - اِها پَرک اَٿئي پِرتيارن ڪي.

ٿلهہ : جي پَاڻ سُجاڻي تہ اُهو پَاڻ آهين تُون،

حَيران پَريشان جَنهن جي ڪَاڻ آهين تُون.

1 - **وَحدت جي وَجي وَوڙ نہ ڪر جَهنگ جَبل ۾،**
جِيءُ جَان جَلائين ڇو عَبث جَهل جِنجل ۾،
پَنهنجي ئي حَقيقت جو پِرياڻ آهين تُون.

2 - **وَهمن جي وَهيو وَهہ ۾ وتين پَاڻ وِساريو،**
ڪُاهي ڪو جَتَاء جِن ۾ نَشا پِين سي پيتاريو.
مَڻ جَنهن ۾ مَئي مَستي جا سو مَاڻ آهين تُون.

3 - **لَشڪر ڪِي خَزاني جو ، توکي خِيال فِڪر ڇو**
تَلوار کپي تير توکي، ڍال سِپَر ڇو،
سَامان سِلح سَاري سَمر سَاڻ آهين تُون.

4 - **مَعمار مَڪاني ۽ مَڪان لا مَڪاني تُون،**
مَستان گگن مينگهہ اَبر آسماني تُون،
مَعنيٰ وَاري مُوتين جو بہ مِهراڻ آهين تُون.

5 - اَعجاز چَوي عِشق کي اُستاد اَچي ڪَر،
اَلمَست عُشاقن سان اِتحاد اَچي ڪَر،
سَڀ سُخن وَارن جو پوءِ سَرواڻ آهين تُون.

ٿلهه : هِن خاڪِي چِٽڙي چولي - هِي ٻوليون ٿو ڪيرُ ٻولي.

1 - **ٻوليون صحي ۽ سَاڪي - مِنٽڙيون مِثال مَاڪيء**
لا الريب رُوحي رَاڪي- ٻَاطوني ٻِغر ٻولي.

2 - **ڇا ٿو چَوي ٻُڏائي ڪو گوش ڪَن تہ لائيء**
ڇَا وَينو آ وِجائي - ۽ ڪَنهن ڪي ٻِيو وَڙولي.

3 - **هَٽي عَاشقي جو نعرو - ڳنيائين ٻِرهه جو بارو،**
سَرمست ٿي سَچارو - خَبرون خفي جون کولي.

4 - **اَعجاز اُهو ئي حَقّ آ - سُڻ سمجهه تو سَبق آء**
ٻِيو ڪونہ ڪَو نَاطق آ - الله ريءَ تو اَولي.

تلهہ پَنهنجي ظَهوري ڪَانڍ - پَانڍ کي آدم پَانڍ چَيائين.

1 - معنيٰ سان مَعبود ٿي وَينو - مَلڪن جو مَسجود ٿي وَينو،
لائي عَجب لالانڍِ ٻهڳڻ ٿي ٻَنگ ٻَانڍ هَنيائين.

2 - شَاهِ گدا ٿي گشت ڪَرڻ لاءِ - ذُڪن سُڪن جي لَذت وَنڻ لاءِ،
اَصلئون توڙي هانڍِ - پَسند رَنگي پهريانڍ ڪَيائين.

3 - هَر سُو هَمہ ٿِيو هِڪڙو هَادي - حَاضر غائب تَنهنجي مَنادي،
طرف وحدت جي تانڍ - سَمنڊ دَرياءَ هِڪ مَانڍ مَيائين.

4 - صَفت ۾ پَنهنجي ذَات ڇُپائي - اِسم اَعجازا آيو مَٿائي،
وَهم گُمان نہ آنڍِ - عِشق حُسن ٻَئي سَانڍ ڳنيائين.

تلهہ : اِنسان سِر اِلاهِي - اِسرار سَڀ اِنهيءَ ۾،

دِلڪش حُسن نِظارو - دِيدار سَڀ اِنهيءَ ۾.

1 - **اِنسان آهي اَڪمل - اَعليٰ عَجيب اَجمل،**

ذاتي صِفاتي تَجمّل - جِنسار سَڀ اِنهيءَ ۾.

2 - **بشري بناءِ بَهانو - بيحَد آ بي گُمانو،**

خَفي خِيال جو خَزانو - خُمار سَڀ اِنهيءَ ۾.

3 - **عُشاقي آر آڳم - تَرنگي تَرانو تَرنم،**

سُر سَاز سَوز سَرگم - گُرتار سَڀ اِنهيءَ ۾.

4 - **نِيشان سان ناميارو - نَاطق سو نُور نِيارو،**

راسخ رَبوبي وارو - رَنگ پَار سَڀ اِنهيءَ ۾.

5 - **اَعجاز واري اَولي - بَهڳڻ تو پَاڻ بولي،**

ڳُجهہ ۾ ڏِنوسون ڳولي - اَعبتار سَڀ اِنهيءَ ۾.

ٿلھ : اَڏي ۾ ڪَات جي سَڏ تي - اِيندا ڪي مَرد مَردانا،

مَحبت ۾ مُوتُو قِبَلِلَ - ٿِيندا ڪي مَرد مَردانا.

1 - **سر و ساغر صُراحي مئي - تِکي آ تيغ هَٿ جَنهن جي،**
زخم تَنهنجا کِلي هَر هَر - کِيندا ڪي مَرد مَردانا.

2 - **مَوکي مُغان جي مَحفل جِت - وَهن اُت ڪَوس جا وَاهڙ،**
مَٽا تَنهن پَٽِ پَڌر پِڙ تي - ڏِيندا ڪي مَرد مَردانا.

3 - **وَڍائي سِر جي عَاشق ٿِيا - اُنهن اَهڙيون ڪَيون خَبرون،**
کَچن جي جاءِ ناهي هِت - وِيندا ڪي مَرد مَردانا.

4 - **اَجان اَعجاز چَئي آهين - رُڳو ڳالهين ڳَڳَاٽيو ٿُون،**
نباهي نِينهن جو نَاتو - نِيندا ڪي مَرد مَردانا.

ٿلهہ : پَاڻ کي ڪين سُڃاتئي ڪَڏھين - رَبّ جي سُڃاتئي تہ ڇيھہ ٿي پِيو،
ڄَاڻڻ جھڙو ڄَاڻ نہ ڄَاتئي - ڄَاڻ پيو ڄَاتئي تہ ڇيھہ ٿي پِيو.

1 - جُڳت نہ ڄَاتئي ڀَڳت نہ ڄَاتئي - سُبت نہ ڄَاتئي اُبت نہ ڄَاتئي،
شيخي بُزرگي وَراو بُت تي - خَرقو پَاتئي تہ ڇيھہ ٿي پِيو.

2 - صُورت سَڀ ۾ سَير اِلاھي - صُورت سَڀ کي سَاجد ٿِي،
صُورت اڳيان ڪَنڌ نہ نَاتئي - ڪَعبي نَاتئي تہ ڇيھہ ٿي پِيو.

3 - رَنگ رِندانو دِل اَندر ڪي - لايو وينو لاءِ سَدا،
گِيڙو گُلابي ڪَارو سَائو - ڪَپڙين لاتئي تہ ڇيھہ ٿي پِيو.

4 - پَر ۾ پَنھنجن جون پَاڙون ڪوٺين - سُوٽو مُوٽو بہ تَن سان وَتين،
پَنھنجي پَاتيءَ کي پَنھنجو نہ پَاتئي - پَرَ کي پَاتئي تہ ڇيھہ ٿي پِيو.

5 - دَم ڪَمائڻ دَم دَمائڻ - دَم سُڃاڻڻ دَم کي مَاڻڻ،
دَم نہ سُڃاتئي تہ ڪُجھہ نہ سُڃاتئي - دَم جي ڇَاتئي تہ ڇيھہ ٿي پِيو.

6 - وَار نہ هِڪڙو وَاقف ٿُون - اَعجاز جي حَال حَقيقت ڪان،
وَات پَٽيا پوءِ وَائڙو ٿِي - جي وَاقِيئي وَاتِيَئي تہ ڇيھ ٿي پِيو.

تلهه : ٻاٽان وَجي ٻَراهون - الله کي وَڙولڻ،
کِل جَهڙي ڳالهه آهي - ڇَوڪر ڪُلهي ۾ ڳولهڻ.

1 - **نڪا عَالمن خَبر هيءِ - نڪا عَاقلن خَبر هيءِ،**
ڪَئي عارفن خَبر هيءِ - تو مُون مُهانڊي ڏِولڻ.

2 - **خُود ٻاڻ کي وِسارڻ - جَڳ کي وَجي جُهارڻ،**
ڳڻ ۾ نہ ٻاڻ سارڻ - وَڻ وَڻ ٿاحق ڏنڏولڻ.

3 - **سُڌ جا سَچن سُٽائي - ڪَنهن ڪَنهن هِيئين ڪَنائي،**
اَن اَن ٻولي اَنائي - ٻَولڻ تہ سِر بہ گهولڻ.

4 - **اَڪئين ڏِنو ڇَڏائن - رِندن تي نِيو رُلائن،**
ٻولا وِجهن ٻُلائن - ڪَم آ مُلن جو ٻَولڻ.

5 - **آدم جي نانءُ آيو - آدم ۾ ٿانءِ ٻَانيو،**
ڪَنهن کي نہ ڏانءُ آيو - صُوفيءِ جان رَاز ڳولڻ.

6 - ووڙڻ وجود جيڪر - علم و عقل جا پيڪر،

بَرحق چون پوءِ هر هر اعجاز وارو ٻولڻ.

ٿلهه : ٿُنهنجو پَاڻُ تو لاءِ وَڏي پِت آ - نہ تہ يَارُ توسان ٿُنهنجو نِتُ آ.

1 - مَت سَالڪن وَاري مَج ٿُون، ٻِيو نہ ڪَيڏهِن ووڙڻ وَجُ ٿُون،
پِت پَاڻُ وَاري پوري پَجُ ٿُون، پَاڻهي پَاڻ چَوَندين هُو هِت آ.

2 - وَفِيِ اَنفُسُكُمَ فرمائڻ، جَهاتي جيءَ اَندر پَارَائِڻُ،
پَنهنجي پَاڻ کي پَاڻُ پَسائِڻُ، اِها مَحبوبَن جي گَتِ آ.

3 - ٿُنهنجو يَار جُدا توکان ڪَونهي، تون نِهار جُدا توکان ڪَونهي،
وِٿي وَار جُدا توکان ڪَونهي، ڪَر چَڪاس تہ ٿُنهنجي چِت آ.

4 - اَلانسَانُ سِرِي سِر سَارو، اَٿئي خَاص خُدا جو اُتارو،
اوڙي پَاڙي لاءِ ٿِي نہ آزارو، جِت پير ٿُنهنجا پِرين ٿِت آ.

5 - اَکيُون ٻِيائيءَ ۾ جَن ٻوڙِيُون، وِچان ڏِنيُون تَن ڪَئين وِچوڙيُون،
اَٿَن تَڏهن جُدايُون لوڙِيون، ڪَهڙي جاڻ اِها ڪَهڙي مَت آ.

6 - توکي اِسمَ جِسم جو آ پولو، آهي اِسمَ جِسمَ ٿِي اولو،

اِھو اولو آرَاڄَن رولو، اَعجاز ڪَيو ثابت آ.

هَمہ اَوست

ٿلهہ : نفي اثبات سان هَر دَم - عَجب اِسرار آهيون ٿيا،

نِظاري نِينهن نُعري سان - نِسنگ نِروار آهيون ٿيا.

1 - **ڪِٿي دِلدار ڪِٿي اَغيار - ڪِٿي گُم غار آشڪارا،**
ڪِٿي آبشار ڪِٿي گُلزار - ڪِٿي خَسِ خَار آهيون ٿيا.

2 - **ڪِٿي سَاجد ڪِٿي مَسجود - ڪِٿي شاهد ڪِٿي مشهود،**
ڪِٿي اَياز ڪِٿي مَحمود - ڪِٿي نادار آهيون ٿيا.

3 - **ڪِٿي تہ ڪمان ڪِٿي نِيشان - ڪِٿي دردا ڪِٿي دَرمان،**
ڪِٿي مَروان ڪِٿي شيطان - ڪِٿي ذّاتار آهيون ٿيا.

4 - **ڪِٿي خُود خِيال جا خَالق - ڪِٿي صُوفي سَچا سَالڪ،**
ڪِٿي اَعجاز جا مَالڪ - ڪِٿي سَردار آهيون ٿيا.

ٿلهہ : لا مَذهب ڄاڻ - مذهب جي مُون ۾ پَانءِ نہ ٻوءِ ڪا.

1 - **دِين ڪُفر ڪان دُور آڪيرو - وَحدانِيت مُنهنجو وَاهيرو،**
عِشق سِوا آئون اَڄاڻ - ڏاهپ جي مُون ۾ جاءِ نہ جُوءِ ڪا.

2 - **وَصل وِصال جو واءُ بہ سَنيِران - هِجر فِراق جو گهاءُ بہ سَنيِران،**
صَبر جو مُون ۾ سَنباڻ - وِقلڻ جي مُون ۾ واءِ نہ وُوءِ ڪا.

3 - **بِرهہ بَهار سان ٻَاهم آهيان - لا جي لار سان لاغم آهيان،**
سُخن مَنجهان ئي سُڄاڻ - حِرفت جي مُون ۾ هاءِ نہ هُوءِ ڪا.

4 - **ريءَ مَحبت جي ڪُوڙا ڪَاذب - قَائد عقائد مِڙئي مَذاهِب،**
پَل ٿُون اَعجازا پَاڻ - رَسمن جي وَٿ راءِ نہ رُوءِ ڪا.

ٺلھ : ڪَري هَر سَانگ هَر صُورت اَسين هَر جاءِ آياسين،

ٺَوَن رُوپَنِ رَنگن سان نت، نوان ڪي نينھن لاياسين.

1 - **پَسَڻُ پَنھنجو پَسِي پاڻھي ،نہ پنھنجي پَٽَ ۾ ماياسين،**
ظُھوري ڪاڻ ذاتيءَ جي، اولا عَبدي بناياسين.

2 - **ڪِٿي ڏَئي گُھور گھايون ڪَئين، ڪِٿي خُود گُھور گھاياسين،**
ڪِٿي بي نِياز بي پرواھ، ڪِٿي ڳل پاند پاياسين.

3 - **آھيون هَر دور ۾ هَر دم، ڪُلَئِي ڪَمڙا ڪماياسين،**
ڪڏھن ڪِيئن ٿي ڪڏھن ڪِيئن ٿي، عجب ڪُونتل ڪُڏاياسين.

4 - **عُرف اَعجاز واري سان، ڪِتان ڪان ڪِٿ ڏَساياسين،**
ڇپايو پَاڻ هو سُون پَر، نہ ڪَنھن وَلِ ڇَلِ ڇُپاياسون.

ٿلهه : دِلربا جي ديس ۾ - مَهمان هُئاسون سَال ڪي،

نَرگسي نِيڻن اَڳيان، نِيشان هُئاسون سَال ڪي.

1 - **خُوبرُو تَنهن خُوش لَقا جي، خِيال ئي بس خِيال ۾،**
مَحوُ مَن مَوهيل مَگن، مَستان هُئاسون سَال ڪي.

2 - **پَل بہ جَاتو سُون نَتي، پاڻان پِرين پِيارل پَري،**
يَار سان يَڪدل يَڪويَڪ، جَان هُئاسون سَال ڪي.

3 - **هِت بہ مَهمان تَنهن سَندا، اَسين هُت بہ مَهمان تَنهن سَندا،**
مَعنيٰ جِت ڪِٿ مُحب لاءِ، مهمان هُئاسون سَال ڪي.

4 - **هِيئن پَتنگ پَروان ڪو، اَعجاز مُشڪل ٿِيو هُجي،**
جِيئن اَسين سِر رُخ شَمع جا، شَان هُئاسون سَال ڪي.

ٿلهه : ڇَم ڇَم ڇَنَنن ڇَير وَڄايان - ڇَم ڇَم ڇَنَنن ڇَير.

1 - **دِيدُن جي دِيدار ۾ وَيهي، لايان دَم نہ دير.**

2 - **پِير مُغان جي پِڙ ۾ پَلپل، پِرت مان پائي پير.**

3 - **وَجَهُ الله جهاتي پَائي، غَير وِڄايان وير.**

4 - **اَخفائي اَحوال ڏِيان تو، تَازا تير بَتير.**

5 - **حُسن وَاري حَلِقي اَندر، حَاضر ٿي هَر وير.**

6 - **عَرشين پونئين اَعجاز عَلي جي، بِرهه وَاري پير.**

ٿلهہ : بيحد آهيان بهار بَرابر - بيحد آهيان بَهار.

1-**بِرهہ بي پَرواهہ بَنايم - هَمہ ڪان هَر وار بَرابر.**

2 - **پَنهنجي پَسڻ سان پَنهنجو ٿي پِيس- عَجائب اوتار بَرابر.**

3 - **مَحوِيَت مَستي مَوج چَڙهي وَئي - تَڏهن تَار و تَار بَرابر.**

4 - **اَعجاز چَوي آئون سَارو سَراپا - آيس ٿي اِسرار بَرابر.**

ٿلهه : عَاشق مان آزاد بَرابر - عَاشق مان آزاد.

1 - **ڪَنهنجي قيد وَ هيٺو ناهيان - آڻ اِهو اَعتقاد بَرابر.**

2 - **دَلبا دوڪا طَعنا مِهٽا - مُونکي ناهن يَاد بَرابر.**

3 - **شُد آهيان سو شُدي ڪَندس - شُدي ڪَيو اٿم شَاد بَرابر.**

4 - **آهيان پَنهنجو پَاڻ اَعجازا - اَصل ڪان اُستاد بَرابر.**

ٿلهہ : اَسين سَانگي سَڄڻ يَار جي هر رَنگ ۾ رَهون ٿا،

هَر رُوپ شڪل ڍَول ۾ ، هر ڍَنگ ۾ رَهون ٿا.

1 - **آدم ڪان اَڳي پوءِ ،اسان جو ٿي آ نَعرو،**
اَسين قَديم اَسين جَديد، رَنگ بيرنگ ۾ رَهون ٿا.

2 - **اَسين دِل ۾ اَسين دِماغ ۾، اَسين جَان جِگر ۾،**
اَسين وَار وَار ۾، اَسين اَنگ اَنگ ۾ رَهون ٿا.

3 - **هَر سَاز هَر آواز ۾، اَسين آهيون سَمايل،**
اَسين طَبل اَسين طَنبور، اَسين چَنگ ۾ رَهون ٿا.

4 - **خَيابان ۾ ڪَڏهن تہ، بَيابان ۾ ڪَڏهن،**
ڪَڏهن شَهر ڪَڏهن بَحر، ڪَڏهن جَهنگ ۾ رَهون ٿا.

5 - **ڪَڏهن حُسن تي عَاشق تہ، ڪَڏهن حُسن خُود اَسين،**
ڪَڏهن بَاڻ هَٿون پَاڻ، ڪَڏهن بَنگ ۾ رَهون ٿا.

6 - ڪَڏهن قُرب وَاري سَيجِ جا، قَرار وَنون ٿا،
ڪَڏهن وِرهه وِڇوڙي جي، وَڪڙ وَنگ ۾ رَهون ٿا.

7 - اَعجاز بِنا عِشق جي، مِلڻ مَحال اَسان جو،
اَسين نِينهن وَارن جي تہ، ٿَاتي ٿَنگ ۾ رَهون ٿا.

ٿلهه : پَس تہ مُنهنجو پَهُ پُور - عَجب عَجائب شَوق رَکان ٿو.

1 - **يَار پِرين ٻي پَار نہ ڄَاڻان -سِر صُورت ۾ تَنهن کي سُڃاڻان،**
حَال ۾ سُوئي حُضور - فَهم اِهو فِي الفوق رَکان ٿو.

2 — **مُنهنجو پَلپل پيچ پَسارو - حُسن حَاضر سان نِينهن نِظارو،**
اَٿم اِهو دَستور - ذَاتي صِفاتي ذَوق رَکان ٿو.

3 - **مِهڻا طَعنا آئون مَاڙ يَانيان - مُنهَڙو مَلامت کان نہ مَٽايان،**
ڏيهہ پيڄي جنهن کان ڏور - ڳِل ڳِچي سو طَوق رَکان ٿو.

4 - **نِينهن ۾ ڏُک سُک ڏِنم نِيارا - اَٿم اَعجاز سي ڏَاڍا پِيارا،**
ڪَيم مِيثاقان مَنظور - رُوح تَڏهن کان رَوڪ رَکان ٿو.

ٿلهه: نِت نِينهن سان آئون ناٿ ڪي، نميو نِمايو ٿو وَڃان،

ڪُل ۾ ڏِسي ڪَعبو قرب، ڪُل سان ڪَمايو ٿو وَڃان.

1 - **سِر سَاقيءِ ڪوثر هٿان، هڪ سرڪ پي سرمست ٿي،**

سِڪ سَوز جا هِن سَرَ سُڪل ۾، وَڻ سمايو ٿو وَڃان.

2 - **غير گمراهي ڇڏي، گُم غَرق ٿي غمزي اَندر،**

هيءُ گُر مَٿان گهر سِر سدا، گهوريو گُهمايو ٿو وَڃان.

3 - **جوڳون ڏيئي جاگر ڪَڍي، جِندڙي جَلائي جاڪسي،**

جِيئرا مُئا جهونگار سان، جملي جهمايو ٿو وَڃان

4 - **ڪن ڪن ۾ نَوَ ڪند ٺَئي ڪري، خبرون ڏِيان ٿو ڪِينئن سنديون،**

گوٺا گرا اِن ڪام ۾، ڪانيو ڪمايو ٿو وَڃان.

5 - **هَر ڄاڻ کي ڄاڻي ٻجهي، اڻ ڄاڻ ٿِيس اَعجاز ڇَئي،**

تَڏهن عِشق جي ڄيري ۾ ڄَلڪِي، ڄَم ڄَمايو ٿو وَڃان.

ٿلھ : ڪير آھيان آئون ڪِيئن ھِت آيس - ڄَاتم اِھو ئي ڄاڻ مِيان،

پَنھنجي پَاڻ پَسڻ لاءِ پاڻھي - پَڌرو ڪَيَڙم پَاڻ مِيان.

1 - **ڪَئين ڦساب تہ گھر ھو مُنھنجو - ڪُنت ڪَنزا مَھراڻ مِيان،**

عِشق اُتائين اَچي اُنايم - سِڪڻ جو ڏِيئي سَنباڻ مِيان.

2 - **وَحدت مان ٿي ڪَثرت ۾ - وَيھي ڪَيم وَٿاڻ مِيان،**

يَلي بُري ڪُل ڪَاڄ ڪَم جو - آھيان آئون اڳواڻ مِيان.

3 - **مَخفِي رَائي رَاز مَنجھئُون - ڪَري چَار عَناصر ساڻ مِيان،**

اِسم جِسم جو اَعجاز چَوي - پَھريم سِر پَھراڻ مِيان.

ٿلھ : ڪونہ ڀانيو ٻيو ڪير - سڀ صُورت ۾ سَاڳيو آهيان.

1 - **ڀَاڻ ڪي آئون ڀَاڻ تو ڄاڻان - ڀَاڻ ڄَاتي ڪان ڪَهڙا ڀُڇاڻان،**
ڀُرجهي ڪٽي ڪو پير - سپ صُورت ۾ سَاڳيو آهيان.

2 - **ٻُڌڻ ۾ آهيان اَلڳ نِيارو - ڏِسڻ ۾ آهيان وَنحَن وَارو،**
ڦريا ڄاڻن تا ڦير - سپ صُورت ۾ سَاڳيو آهيان.

3 - **پِرت ڪي پَنهنجو ڀَاڻ پَسايم - ڏَاھ عَقل ڪان ڏُورُ ڏَسايم،**
سِڪ آ مُنهنجو سَير - سپ صُورت ۾ سَاڳيو آهيان.

4 - **سَاڳيو ئي سَاڳيو سَپ هَنڌ هُوندس - ڪَات ڪِتي تہ ڪِتي ڪَنڌ هُوندس،**
ڀُل نہ وِجهي تو پير - سپ صُورت ۾ سَاڳيو آهيان.

5 - **غَير اَعجاز ڪي غَير تو ڄَاڻي - ڀَاڻ پَروڙي تہ رَمز پَڇاڻي،**
مُون ۾ اَصل نہ مير - سپ صُورت ۾ سَاڳيو آهيان.

ٽلهه : عَجب سير مُنهنجو - آ بُرقعي بَشر ۾،

اَچان اِن ڪري ٿو - آئون مُشڪل نَظر ۾.

1 - **مُنهنجو اولو چولو نِهايت نِيارو،**
سَچو رَنگ برنگي ڦُبح حُسن وارو،
سو مَٽيان ٿو نِت، جو آهيان سَفر ۾.

2 - **ڪَڏهن ڪير آهيان ڪَڏهن ڪير آهيان،**
نه هِڪ پير آهيان نه هِڪ پير آهيان،
رَکان رُوپ سَهسين گهمان هَر نَنگر ۾.

3 - **مُنهنجي ذات مُنهنجي ئي لَقبن لِڪائي،**
تَحت فَوق واري ٿه طَبقن لِڪائي،
ڪِٿي تاج شاهي ڪِٿي لِيڙ لَبر ۾.

4 - **اَچي ويڙهه وَحدت مان ڪَثرت ڪمايم،**
مَحبت جي سَانگي مَحبت ڪمايم،
هَميشه سَا هَر ڪَنهن رَهي وَڳ وَلر ۾.

5 - هِي اهلِ نَظر ڪان ڳُجهو رَاز ناهي،
خُدا چا خُدي چا خُدائي ۾ چاهي،
چا اَعجاز چَئي تو، اَتس چا اَندر ۾.

ٿلهه : جَلوو جَوش جَلال - هَستي مَستي شَان اَسانجو.

1 — **ڪنهن جي مَجڻ مَجائڻ جا ناهيون - اَهڙا آهيون لا اُبال،**
اَرڏو دَم عِرفان اَسانجو.

2 - **سَڀ صُورت ۾ عَاشق آهيون - بيحد بِرهئون بَحال،**
قُرب ۾ سِر قُربان اَسانجو.

3 - **جَنهنکي تَنهنکي وَيجها وَسون ٿا - آهي اِهو ئي ڪَمال،**
ناهي اَنت نِڌان اَسانجو.

4 - **ناسوتي مَلڪوتي مُلڪ ماڻيوسون - جَبروتي لاهوتي حَال،**
هَاهوتي بَاهوتي بَيان اَسانجو.

5 - **عِشق اِلاهي وَاري اَعجازا - خُودي خُوءِ حلال،**
حُڪم حَقانو اَعلان اَسانجو.

تلهہ : جَنهن ۾ پَاڻ اَچي تہ سَمايو - تَنهن کي چا ٿِيون اَوهين سَمجهايو.

1 - **حَاصل عَين حُضور جنهنکي - حَال وِصال سَوايو.**

2 - **بي گُماني هِن تہ بُوتي مان - اللّٰه پَاڻ اَلايو.**

3 - **هِتان هُتان هَر جاءِ کان هَر دَم - لالڻ لِيئڙو پَايو.**

4 - **مَنۡ رَاني فَقَدۡ رَاي اَلۡحَقَّ - پِرت پَڙهو هي گُهمايو.**

5 - **سَمجهي شراڪت کي شرڪ شَامت - سِرُ ٿِيون سُورِيءَ کان بَچايو.**

6 - **اَعجاز عَلي چَوي ڏِسيو وَائسيو - حَقّ کي حَقّ نَٿيون پَانيو.**

تلهہ : جِت اَڙيو زَاهد وَجي - آزاد اُت آهيون اَسين،

جِيڪي پَڙهي هُو پَاڻَ تو - اُستاد اُت آهيون اَسين.

1 - **زَاهد پُري جَنهن پَار ڏي - تَنهن پَار جا اَسين پَاتڻي،**

هُو مُنهن مَٿو مَوٽيو پِٽي خُوش شاد اُت آهيون اَسين.

2 - **هُو دَاد ٿو جَنهن کان گُهري - اُت داد گر دَائم اَسين،**

بي سمجهہ جاڻي ڪِينڪي - اِمداد اُت آهيون اَسين.

3 - **جي پَڙهي ۽ پِيو پَڙهائي - تہ بہ اَجان مَنزل پَري،**

پيچ پائي ٿَان پَسي - عَين صاد اُت آهيون اَسين.

4 - **مُنهن پَائي مَحبوب ۾ - تُون حَقّ اِهو اَعجاز چَئو،**

جِت لَوڪ بَربادي ڏِني - آباد اُت آهيون اَسين.

ٿلهہ : اَٿم اِهو اَختيار - حَاڪم مَحڪوم ٻَنجي سَگهان ٿو.

1 - **حَاجي ٺاجي نيڪ نِمازي - عَاشق عارف اَرڏو آوازي،**
ڪُوڙو سَچو ڪَلدار - مَاهر مَحروم ٻَنجي سَگهان ٿو.

2 - **خَالق مَخلوق خَاوند خِيالي - ٺانگو ناهي عَيشي عَيالي،**
پِيادو ٽَوڙي سَوار - خَادم مَخدوم ٻَنجي سَگهان ٿو.

3 - **ڀَلائي بُرائي هَٿ آ مُنهنجي - نِهنائي وَڏائي هَٿ آ مُنهنجي،**
هَر هَنڌ آهيان مُکيار - ظَالم مَظلوم ٻَنجي سَگهان ٿو.

4 - **اَعجاز علي چئي مُريد مُرشد - مومن مُطمئن مُنڪر مُرتَد،**
بُلبل گُل ۽ خَار، پَٿر - ۽ مَوم ٻَنجي سَگهان ٿو.

تلھ : ھَر وَيس دَيس ۾ وَاسي ھِڪڙو - جَلوي جَوڙ جمال سان جَلال سان.

1 - **پَنھنجو پَاڻ ڪَيائين پَڌرو - پَنھنجي قُرب ڪَمال سان، خُود خِيال سان.**

2 - **ھِندو مومن مَظھر تَنھنجو - سَوئي جَنگ جَدال سان ۽ قَتال سان.**

3 - **ڪِٿ پندت پوٿي وارو تي - ڪِٿ عَالم تي اَعمال سان، اَقوال سان.**

4 - **ڪِٿ وَانڊيو وِڙوَاند سَدا - ڪِٿ عَيش خويش عَيال سان زرمال سان.**

5 - **حَال وَارن کي حَال ڏِنائين - پَنھنجي سَار سَنڀال سان ۽ پَال سان.**

6 - **پَاڻ لِڪايَئِين سَمجھ اَعجازا - مَرڻ جِيئڻ جي مِثال سان ۽ مَقال سان.**

تلھ نُوَرُ اعليٰ نُوَرُ تِياسين - نُوَرُ اعليٰ نُوَرُ.

1 - **اِنّي اِنَّ اللهُ اَرنِيِ تَرَانِيِ - عَصائي مُوسيٰ طُور تِياسين.**

2 - مَام مَسِيحِي وَارا اَسين - اَسين سو مَعمور ٿِياسين.

3 - اَذۡكُرُكُمۡ جي اِشاري سان حَاضر مَنجهه حُضور ٿِياسين.

4 - خِيال خُدائي خُوديءِ وَاري - خُوديءِ مان خَستُور ٿِياسين.

5 - اَعجاز عَلي جي مَٽِيءَ تان - پَٽن پي مَخمور ٿِياسين.

ٿلهه : ڪَڏهن ڪير آهيان ڪَڏهن ڪير آهيان،

ڪَڏهن زَبر آهيان ڪَڏهن زير آهيان.

1 - **ڪَڏهن مالڪ مَراري وَارو آهيان - ڪَڏهن سُوار هَنباري وَارو آهيان،**

ڪَڏهن پَٽر پِيادي پير آهيان.

2 - **ڪَڏهن حَد اَندر اَسير آهيان - ڪَڏهن بيحد ۾ بي نَظير آهيان،**

ڪَڏهن پَاءُ آهيان ۽ ڪَڏهن سير آهيان.

3 - **ڪَڏهن ڪَات اَڏيءَ ڪان ڏُور آهيان - ڪَڏهن ڇهڪن سان سَچو چُور آهيان،**

ڪَڏهن ڪُجهه نہ سَهان ڪَڏهن ڍير آهيان.

4 - **ڪَڏهن ڪَنهنجو اَعجازا يَار آهيان - ڪَڏهن ڪَنهنجو ضِدُ تَڪرار آهيان،**

ڪَڏهن شِر آهيان ڪَڏهن خَير آهيان.

تلهه : هِي سِر ذاتي سَوغاتي آهي سَالڪ بَنجي سُجاڻي ڪير،

اَلۡاِنۡسَانُ سِرِي وَ اَنَا سِرّهٗ - اِتي اِيمان ڪي آڻي ڪير.

1 - **صُورت وَارو سَانگ ڏِڪيائين - سَير صِفاتي سَارو ڪَيائين،**

وَنَحنُ اَقرَبَ چٽو چَيائين - جاڻ اِنهيءَ ڪي ڄَاڻي ڪير.

2 - **وَفِي اَنفُسِڪُمَ اِشارو - فَاذۡڪُرُوۡنِيۡ سَڏڻ وَارو،**

فَثَمَ وَجۡہُ اللّٰه نِظارو هَر طرف ٿِيو هَاڻي ڪير.

3 - **حِرص حَيواني هَستي هَٽائي - وَهم خُودي جا ڪَائي ڳپائي،**

دَائم دَروني جَهاتي پَائي - پُرجهي پَاڻ ڪي پَاڻهي ڪير.

4 - **لا الـه سان اِنڪاري ٿي - الا اللّٰه سان اِقراري ٿي،**

اَعجاز شرع ڪان عاري ٿي - مَوج عَطاري مَاڻي ڪير.

ٿلھ : دَارين ۾ نہ ماپندي دِيوانگي مُنهنجي،

مَيدان بي پايان پُڇي مَستانگي مُنهنجي.

1 - مُنهنجي جُنون کي ڪِٿي مَنزل نڪو مَقام،

آهي بي قرار بي حد خَفقانگي مُنهنجي.

2 - نَاصح نَصحيتون ڪَيون مَونکي تہ ڪَئِين مَگر،

آئي نہ باز عِشق کان نَادانگي مُنهنجي.

3 - هِڪ طرف جي صَنم هُجي ۽ بي طَرف خُدا،

سَجدو صَنم کي ئي ڪَندي عِرفانگي مُنهنجي.

4 - دِيوانہ وار تي چُمان دِيوارِ حَرم کي،

پَر ڏِئي نَٿي اَجازت خُدگانگي مُنهنجي.

5 - جَڏهن بہ حَال وَجد ۾ مُون رَقص آ ڪَيو،

وَڻ تَڻ لَڳا نَچڻ ڏِسي وَجدانگي مُنهنجي.

6 - سَاقي بہ پِياري پياري حَيرت ۾ پَئي ويو،
مَستي کي گُم ڪَري وئي مَردانگي مُنهنجي.

7 - اِسرار جِسم کان ٿِيس اَعجاز آشنا،
بيڪار ٿي پوءِ پَاڙ کان بَيگانگي مُنهنجي.

ٿلهه : هَر جاءِ جلوا مُون ڪيا ، غائب بہ ٿِي حَاضر بہ ٿِي،

اَول بہ ٿِي آخر بہ ٿي، باطن بہ ٿِي ظاهر بہ ٿِي.

1 - **خُوش خِيال پَنهنجي ڪي ڪَيم - مَسجد مَندر مَئيخان ۾ ،**

مَوڪي بہ ٿِي مَئڪش بہ ٿِي - مَومن بہ ٿِي ڪَافر بہ ٿِي.

2 - **اَلعشق وَاري اَتور سان - اَعليٰ اَلولايون ڪَيَم،**

آدم بہ ٿِي حَوا بہ ٿِي - شَجر بہ ٿِي شَرر بہ ٿِي.

3 - **آڙهہ بہ ٿِي گُلشن بہ ٿِي - خَليل ٿِي آذر بہ ٿِي،**

ڪَوهہ طُور ٿِي تَجلو بہ ٿِي - مُوسيٰ بہ ٿِي سَاحر بہ ٿِي.

4 - **ڪَئين رُئاڙيم ڪَئين ڪِلايم - ڪَئين پُلايم ڪَئين مِلايم ،**

ظَالم بہ ٿِي سَالم بہ ٿِي - رَهزن بہ ٿِي رَهبر بہ ٿِي.

5 - **هَر سَن ۾ هَر سُو هَر طرح - هَر ڪا خَبر هَرهَر ڏِنيم،**

اَنبياء بہ ٿِي اَولياء بہ ٿِي - سَالڪ بہ ٿِي شَاعر بہ ٿِي.

6 - **بَر سِر خِزان بَهار جا - ڏَاڍِا ڏِنا ڏُک سُور مُون،**
باغبان بہ ٿِي بُستان بہ ٿِي - بُلبل بہ ٿِي گُل بَر بہ ٿِي.

7 - **گمسان آگم گوڙ سان - آيس اوڀارو عَرش کان،**
طُوفان بہ ٿِي بَادل بہ ٿِي - بِجلي بہ ٿِي جَل جَر بہ ٿِي.

8 - **هولِي حُسن جِيءَ ۾ وَجي - سَڀ رَنگ ۾ رَلجي وَيس،**
قِرمز بہ ٿِي ڏَردو بہ ٿِي - اَحمر بہ ٿِي اَخضر بہ ٿِي.

9 - **اَعجاز وَاري بَيکَ سان - پَنهنجو پَروڙو پاڻ مُون،**
پَاگل بہ ٿِي سِياڻو بہ ٿِي - بي ڏر بہ ٿِي با ڏر بہ ٿِي.

ٿلهه : پَجي حَد اَدبَيتَ واري حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ،
سُوري جي سوبَ سَتَ وَاري حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

1 - تَبت يَدا اَبي لَهب اِشاري، اِن مان سَمجهي وَڃ،
ڦيڪارِي ڇَڏِ ڦِٽت وَاري حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

2 - اَڙي نَاصح نَصيحت مَند، اَڙي وَاعظ وَسيّت مَند،
حَقيقت ۾ هِمَتَ وَاري حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

3 - وَڃين ڇا تو تُنهنجو وِڇ ۾، ٿُون ڇو تو پوسِرين پَڄرين،
پِرين سان پِرت پَت وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

4 - ڄِتي ٿِيون هَيڪڙايُون ٿِين، اُتي حُجَتُون بہ ڪَئين ٿِينديون،
سِڪي سِڪُ گت سَنگت وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

5 - حِجابت جا ٿَڪر ٽاڪي، ڪَري اَدبِيَت پَاره پَاره،
حَريفن تي حَيرت وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

6 - **هُيم اڳ ڪانہ ڪا هَرگِز، مَگر هَاڻي پِيَم پُورِي،**
خَبر تُنهنجي نِيّتَ وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

7 - **سَچل جهڙن سَچارن تي، تُنهنجي تَنقيد آ بيجَا،**
تَڏهن تُنهن جي سَيڪتِ وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

8 - **عُشاقي رَمز جي جَاڻين، عُشاقن سان نہ ٿِين عَاقي،**
نہ اَٿئي مَتِ مَعرِفَت وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

9 - **وِصال يَار ڪان آهن، جِيڪي اَعجاز نَاوَاقِف،**
اُنهن جي لاءِ دِقَتِ وَاري، حُجت ڪَئي آ تہ مُون ڪَئي آ.

ٿلهه : مَست مان سَرمست مان - هَر حَال هَست وَ هَست مان،

دَمِ دِيواني دوسِتاني - ساڻ آهيان دُرست مَان.

1 - شَاڪِي ڀَل پِيو شَڪ ڪَري - پَر ڳَالهه هن ۾ ڪَونهي شَڪ،

رَاهبر جي رَهبري سَان - رَهبرانو دَست مَان.

2 - ڳَالهه مُنهنجي تَلخ هُوندي - پَر نه هُوندي ڪَم ڪَچي،

سَچ سَچائي سان سَچو - صُوفي صَفا سَربَست مَان.

3 - حَال جو قَائل هَميشه - خِيال جو خَادم خَريد،

خُود پَرستو ، خُود پَرستو - خُود پَرستو اَست مَان.

4 - جَام پِيان ٿو، جَام پِيئندس - جَام پِياسو آهيان،

جِيئن پِيان ٿو، تِيئن ٿِيان ٿو - چَاڪ چَوڪس چُست مَان.

5 - پَاڻ ۾ چا ٿِين آدم ۽ خُدا ڪَهڙي خَبر!!

جو جَلي آ سو خَفي آ - پِيو نه ڪُجهه دَانَست مَان.

6 - پَاڻ تي حَيرت اٿم جو - پَاڻ کي سَمجهان بہ ڇَا،
ڪَنهن نَظر ۾ سَونُ آهيان - ڪَنهن نَظر ۾ جِست مَان.

7 - ڪير ٿو مُونکي سُڃاڻي - ڪير ٿو مُونکي ڏِسي،
هِجر جو ۽ وِصل جو - اَعجاز ڇَئي دِل خَست مَان.

تلهہ : خُود جو مان دَانا بِينا - خُود جو شَناس آهيان،

خُود جي تَلاش وَرتم - خُود جي مَان پَاس آهيان.

1 - **خُودڪار خُود بخُود مَان - خوددار خُود خُوديءَ ڪان،**

ڪَنهنجي نہ ڪَاڻ مُونڪي - ڪَنهنجو نہ دَاس آهيان.

2 - **خُود ئِي غَواص خود جو - خُود ئي خُوديءَ ۾ غَارت،**

خُود ئي خُود ڪي پَائيندو - بَشرِي لِباس آهيان.

3 - **خُود ڪان بَيگانو نَاهيان - آهيان يَگانو خُود ڪان،**

خُود ڪان حَيرانو خُود مان - سراپا وِماس آهيان.

4 - **مُنهنجو سانگ آ صِفاتي - مُنهنجو پير ياتو ياتي،**

اَصلان مان ذَاتو ذَاتي - سَاسن جو سَاس آهيان.

5 - **خُود ڪي مان سَر بَخَم خُود - خُود جو مان خُود پُوڄاري،**

خُود ڪي پِياس خُود جي - خُود جو پِياس آهيان.

6 - خُود مُختيار پَنهنجي - مَرضيءَ تي پَاڻ قَائمِ،
پَر يَارَ رِيءَ تہ اَڄُ پِي - دِل جو اُداس آهيان.

7 - اَلعشق جي خَلش ڪان - پَردو عَدمِ جو چِيري،
اَعجاز جي صِفات ۾ - حَاضر حَساس آهيان.

تلهہ : خُود جي تِيم اَچانڪ - خُود سَاڻ آشنائي،

پَنهنجي مُون پَاڻ مَنزل - پَاٽا پَري نہ پائي.

1 - **پَنهنجي جو ڪوج ڪيڙم - پَنهنجي پوءَ سوجهہ پيڙم،**
مَنجهان مَنجهہ تي مَوج وَيڙم - مَنجهان مَنجهہ تي هَيڪڙائي.

2 - **مُون ۾ ئي حَقّ نَشينو - مُون ۾ ئي حَقّ مُبينو،**
مُون ۾ ئي حَق جو جِينو - حَق سان جِيان ٿو جائي.

3 - **خُود ڪان جو آشنا ٿِيو - خود ڪان سو خود خدا ٿيو،**
خُود ڪان جو لاپتا ٿِيو - ڪوئِي پَنهنجي تَنهن خُدائي.

4 - **مَنۡ عَرَفۡ مَامر حق حق - حق جو پيغام حق حق،**
آئون تمام حق حق - ٻوڙيم اِتي ٻِيائي.

5 - **سو ڏِينهن مِيثاقي سَمجهان - سَاقي مُلاقي سَمجهان،**
ٿِيو سير بُراقي سَمجهان - مَعراج مَنجهہ مَنجهائي.

6 - دَرشن دَروني ڪَر جي - دِل ڏانهن ڏِيان ڏَرجي،
سَڀ ڪُجهہ دِلان تو سِرجي - جَهاتي اها سَجائي.

7 - آئون اِها ئي هَستي - جا پَاڪ آڪان پَستي،
مَشهور مُنهن جي مَستي - پيتم جو مَد اَنائي.

8 - جي وَحدة الوُجودي - سي سَڀ کي سَڀ سُجودي،
هَر طَرف هِڪ نُمودي - هَر طَرف هِڪ هِڪائي.

9 - اَعجاز رَڪج ڄَاٽپ - پَنهنجي صَحي سُڄاٽپ،
ڇا لاءِ وِساري پَاٽپ - دَر دَر ڪري گدائي.

ٿلهه : مَخمور تہ سَڀ ڪو آ اَلستئون اڳي، پَر مئي جام پِيئڻ کان پوءِ تُون تُون نہ هُوندين،

اِها بَزمِ رِندان جي اُلٽي چَال اَٿئي، سَرمست ٿِيڻ کان پوءِ تُون تُون نہ هُوندين.

1 - **اَک اَک سان اَڙائي پيئَندي جَامُ - جڏهن پسندي پَاڻ نڪي پَنهنجو نَام ڪَڏهن،**

اِيندُئي اُلٽو نَظر سَارو عامر تڏهن، عقل هوش نيڻ کان پوءِ تُون تُون نہ هُوندين.

2 - **مَئي نوشيءِ کي سَمجهي چا ٿو پَلاءِ نا جائز جائز يا ڀي ڪا بَلاءِ،**

جي تُون رِند هُجين تہ وَجي پيءِ پِيار سَداءِ اُتي خَطا ڪيڻ کان پوءِ تُون تُون نہ هُوندين.

3 - **سَاقي جَامِ قَدح اَڏي ڪَات جِتي، آهي النَفس سَندو مَوتُ مَات جِتي،**

سِر تي سِر کي مٽڻ بازي بات جِتي، اُتي سِرڙي ڏِيڻ کان پوءِ تُون تُون نہ هُوندين.

4 - **پِرين پِيالو ڏِين بَار بار پَري، سَچو عَاشق هَڏِ نہ اِنڪار ڪَري،**

اَچي اَعجاز عَليءِ جي آراري ، مري يار جيڻ کان پوءِ تُون تُون نہ هُوندين.

سُونهن صُورت

ٿلهہ : مَس مَس نَصيب ٿيو آ درشن تو دِلربا جو،

بيحد آهيان بَرابر مَمنون اَچ مَوليٰ جو،

1 - **صُورت ڏِٺي مون تُنهنجي،ڏُک سُور سَڀ لهي ويا،**
هَاڻي ضَرور ڪهڙو دَرمانُ بِي دَوا جو.

2 - **مَاڻهن پَڪن ٻُڌائي تَعريف مُونکي تُنهنجي، هو هُل وَڻن ٽِڻن ۾،لالڻ تُنهنجي لَقاء جو.**

3 - **اَهڙو وَڻين وئين دِل کي جو هُوندين تون يَاد هَر دم، عَاشق وِڌُئي بَنائي پَنهنجي عَجب اَدا جو.**

4 - **تَاثير پَانيان هي يا تعبير پانيان هي، ڪَنهن مَرد حق رسيد دَرويشَ جي دُعا جو.**

5 - **مُنهنجي مُشاهدي ۽ مُنهنجي فِڪر مُطابق، آهين حُسن ۾ سُهڻا مَظهر تہ تون خُدا جو.**

6 - "اعجاز" سان مِلئِين تون مَاپي نَتو خُوشيءَ ۾، اَڄ آ بُلند سِتارو هِن خَاڪ پَا
گدا جو.

ٿلهه: جِيئن سَجڻ اَڄ سَئون نِهاريُئي- مُلهه وَني سُهٽا ڇَڏيئي،

سِڪ جو سَاڙيل هِنياءُ ٺَاريُئي- مُلهه وَني سُهٽا ڇَڏيئي.

1 - **سِڪ مِلڻ جي پئي سِڪايو- سِڪ جَهليو سِيني وَتيسُ،**

مَس مِلي جو منهن ڏِکاريُئي- مُلهه وَني سُهٽا ڇَڏيئي.

2 - **سَاهه ۾ ويو سَاهه پَئي- وَرتي بَدن تَن تَازگي،**

ڪَنهن اِهو جَادو سيکاريُئي- مُلهه وَني سُهٽا ڇَڏيئي.

3 - **هُونئن تہ تو کي اِيندي ويندي-گُهنڊ مُنهن ۾ هو ئي هو،**

اَڄ جو مُرڪي گُهنڊ اُتاريُئي- مُلهه وَني سُهٽا ڇَڏيئي.

4 - **نَخل طُوبيٰ نَا حَقي تا- تُنهن جي قَد سان قَد بَڌن،**

قَد ۾ تن کي هِيچ ڪَاريُئي- مُلهه وَني سُهٽا ڇَڏيئي.

5 - **نينهن پريا نيڻ بَئي- جَنهن دم ڪلي مون ڏي ڪَنيئي،**

جڻ تہ آبِ حيوان پِياريُئي- مُلهه وَني سُهٽا ڇَڏيئي.

6 - نينڻ مُنهنجا خيره خيره - ناز وَارا تو ڪيا،
پَاڻ کي اهڙو سَنواريُئي- مُلهه وَني سُهڻا ڇَڏيئي.

7 - مُلهه تہ مُنهنجو ڪونہ آ پر-تو اڳيان مُورهن نہ مُلهہ ،
بي مُلهو مونکي مُهاريُئي- مُلهه وَني سُهڻا ڇَڏيئي.

8 - اِئين چَاهيو مُون بہ ٿي-"اَعجاز" چَئي پَر اي پِرين،
پَهه مِلڻ جو خُود پَچاريُئي- مُلهه وَني سُهڻا ڇَڏيئي.

ٿلهہ: تنهن جي جَاء نَاهي ڪَا خالي-سُهڻا رَهندو ڪٿي هي سُوالي،

مُشڪ ميندين ۾ ڪَجل اکين ۾-سُرخي لَبن تي لاَلي.

1 - **جهڙو سهڻو سينگار بہ تهڙو -جوين جوت نرالي،**

بينسر بينن ۾ جهومر ڪنن ۾-هار ڳلي بر حالي.

2 - **جَامون جان تي جِهرمر وارو ـچُنڙي سِر تي چڻالي،**

ڦُل چوٽن ۾ چلڙا هٿن۾-چُوڙ ٻانهن چمڪالي.

3 - **بِرهہ بچڻ جو قابل بلڪل -چست چالاڪئون چالي،**

لچڪ لڱن ۾ چير پيرن ۾-جوڙ جتي بيمثالي.

4 - **"اَعجاز" لاءِ تُنهن جو آ بٽيو-اَنگ اَنگ دَام دُوالي،**

نَاز آ من ۾ غُماز حُسن ۾ دَم ۾ دَم ڪمالي.

ٿلهہ: تنهنجي حُسن تجلي حَيران ڪيو-هي جهان جدا هو جهان جدا.

1 - **تنهنجا مون ڪي لڳن ٿا تير سِڌا-ائين تہ هزارين تو ماري وڌا،**
تنهنجي زُلفن واري زنجير ٻڌا-انسان جدا حيوان جدا.

2 - **تو لاءِ سوسن سنبل سروو سڪن-تو لاءِ پايو ليا ڪا حورون لڇن،**
تو ڪي نياز منجهان ٿا روز نمن-رضوان جدا غلمان جدا.

3 - **چا آئون ٻڌايان ڳائي ڳٽي-تنهنجي صورت سراپا دل ڪي وٽي،**
تنهنجي عشق ۾ تڙپي تو تان هَٽي-مهراڻ جدا باران جدا.

4 - **"اَعجاز" چوي دل عبرت ۾ وئي-چا تو ڪي ٻڌايان سهٽا چئي،**
تنهنجي مرڪ سڄڻ مجروح ڪئي-منهنجي جان جدا مرجان جدا.

ٿلهه: جِتي تُنهن جي صُورت جي جَهلڪ ڏٺم، اُتي جُهڪندي فَرشتا فَلڪ ڏِٺم.

1 - ايئن آهي ،آهي آهي صَنم-مُونکي ڪُوڙ جو ڪَم ئي نَاهي صَنم،
تو کي هَر دوجَهان ٿو چاهي صَنم-تنهنجا ڪوڙ مَدح خان مَلڪ ڏِٺم.

2 - تُنهنجا قَدم پِرين جَنهن جاءِ پِيا-اُتي مُشڪ عنبر جا هُڳاءِ ٿيا،
لَڳي لَقائن لاءِ ڪَئين لَقاءِ ويا-تُنهنجا روپ ڪَئين ڪَئين دَلق ڏِٺم.

3 - تُو سان حُسن ۾ حَاجت ڪَانهي ڪَنهن جي-اَهڙي سُونهن ۽ صُورت ڪَانهي ڪَنهن جي،
تُنهن جي قَامت جيئن قَامت ڪَانهي ڪَنهن جي-تو ڪي سِدرة المنتهيٰ تَلڪ ڏِٺم.

4 - جن کي عِشق تُنهنجي جو ڪَمند پيو-لَئون لَئون ۾ لَغام لَوند پِيو،
تن جو پيچ تو سان پِيوند پيو-تنهن جي پُوڄا ۾ هَر پَلڪ ڏِٺم.

5 - تُنهن جي صُورت سَتائش جَهڙي آ -سِينگار آرائش جِهڙي آ،
ڇَئي "اعجاز" يادائش جَهڙي آ - اَهڙي صُورت پِرين تُنهن جي پڪ ڏِٺم.

ٿلهه: سُبحان تُنهنجي صُورت قُربان حُسن وَارا،
الله ياد ڏياريئي احسان حُسن وَارا.

1 - **حسن و بشر ۾ همسر تنهن جو نہ ڪو برابر،**
تون حُسن جو سراسر سلطان حُسن وِارا.

2 - **سڀ ويس ۾ سونهين تون سڀ ڪي سڄڻ موهين تون،**
سڀ پار تندُ تون هين تون سبحان حسن وارا.

3 - **سَرُ سَرُ ٿو سينڌ سينگارين درپن ڪي منهن ڏيکارين،**
عاشق ڪان شرم ڏارين، ارمان حُسن وَارا.

4 - **صورت پسائيندو ڪر مون ڪي سڪائيندو ڪر،**
سڪ سوز لائيندو ڪر شڪران حُسن وَارا.

5 - **سهڻا شباب تيڙئي پر لاجواب تيڙئي،**

رنگ ڍنگ ناياب ٽيڙئي قدڪان حُسن وَارا.

6 - مَحبوب تنهن جي چاهِ غب غب ۾ غَرق آهي،
گاهِ بہ گاهہ ماهِ ڪنعان حُسن وَارا.

7 - ثاني نہ توسان جاني هيءَ ساري راڄڌاني،
مر قُوم تو پيشاني قرآن حُسن وارا.

8 - تُنهنجي ڏني طبيعت نوڙيو وني ٿي نِوڙت،
تو ۾ اِها بہ قُدرت لاثان حُسن وَارا.

9 - عارض لڪايو زلفن ڪعبو سجايو زلفن،
توڏي جهڪايو زلفن صُنعان حُسن وَارا.

10 - نڪ نيڻ ابرو تو ڪي رُخسار رُخ رُو تو ڪي،
تون ذات هُو هُو تو ڪي هَر آن حُسن وَارا.

11 - "اَعجاز" ڪي نِظارو نِتُ نِت نظر تو وارو،

تون ھِڪُ سَدا بھارو بُستان حُسن وَارا.

ٿلهہ: سَجدو ڪر صُورت کي، صورت ريء نہ نَمُ ميان،

صورت ريء نہ نم ميان، ٿي مُورت ۾ گم ميان.

1 - **رِندن واري رسمات سان،راهہ انهي تي رم ميان،**

2 - **غرض ڇڏي لاغرض ٿيءُ،غرضن ۾ اٿئي غم ميان.**

3 - **ڪعبي ڪاشيءَ ڇو وڃي ، ڪهڙو اٿئي اُتي ڪم ميان.**

4 - **ارڏو ٿي "اَعجاز" ڇئي ، مار منصوري دم ميان.**

ٿلهہ: ڪَا نہ پَسان ٿوبي ڪا صُورت-هر جاءِ آهي هيڪ اللهؒ

1 - **فَثَمَ وَجُہُ الله ثابت ٿيڙو-فرض پڙهان ٿو فنا في الله.**

2 - **ما يُسعَنِي قَلبُ المومن-بيشڪ بڻيو بيت الله.**

3 - **وَحدت ڪثرت وارو مشاهدو-بيخود ٿي مون ڏٺو بِالله.**

4 - **ڪُلٌ يَومٍ هُوَ في شَانٍ سان-ظاهر آهي ذات الله.**

5 - **انهي راز رنگ جو شاهد-"اَعجاز" علي آ وَليُ الله.**

ٿلهه: صُورت ۾ سَير ربّي-سِرُ سَالڪن سُڃاتو،

ٻِيا ڄَاڻ سَڀ وِڃائي-هِڪ ڄَاڻ تن هي ڄَاتو.

1 - **ڏَولڻ جو سِر آ ڏِنگي-اَنگ اُلٽي سَاڻ اَنگي،**
پَهرياڻ رَنگ بَرنگي-پِياري پرينءِ پَاتو.

2 - **ڪَڍي قَلب مان ڪدورت-صَحي سوجهيائون صُورت،**
مَخفي چون جا مُورت-سَا ساڻ ڏينهان رَاتو.

3 - **مَسلڪ هي معنيٰ وارو-مِلي مَعنيٰ وِيو مُونجهارو،**
ٿيو راز فَاش سَارو-نيڻن سان لائي نَاتو.

4 - **عَالم اَديب اوري-سَگهندا نہ ڇَپ ڪو ڇوري،**
"اَعجاز" ڏيل ڏوري-ڳُجهہ عَاشقن آ ڳَاتو.

ٿلهہ: سُهڻا سَامهون آ، سُهڻي صُورت پَسا، مُنهنجا سَجدا ٿِين بَجا،

اَکيون تو کي ڏِسن، تنهنجا جَلوا پَسن غم وَهم وَجن دِل جا.

1 - **مُونکي مُنهڙو پَسائي پوءِ جَدائي نہ ڪَجان، مُون سان ڪَڏهن ڪِٿي مُنهن گُهنجائي نہ ڪَجان،**

جيڪي واعدا هُجن پَاري پُورا ڪَجن ڪُوڙا ڪِين ڏِجن عَرصا.

2 - **تو سان يَار يَاريءَ جي يَاس اٿم، اِها آس پِياس اُداس اَٿم،**

رَکي لَب تي لبن پائي پيچ پيچن، ڪِلي ساڻ گِلن گِل لا،

3 - **جيئن تو لاَلڻ مون ڪان لِڪَ ڪرين، تِيئن تو سَرس سَوائي سِڪ ڪَرين ،**

چندِ ڪارئين ڪِيئن لِڪن، رَاهي رَاهہ ڪيئن رَمن، ڏِنا اُهج سَچن اَهڙا.

4 - **سَچيون رُوءِ بَرُوءِ جون ڳَالهيون چون، بَر حاليون اُهي بي مِثاليون چَون،**

مُنهان مُنهن جا سُخن، وَانگي سون ڪُندن بِيا سُخن چَون بَڪ تا.

5 - **هِيءَ ڳَالهہ سَچڻ مُنهنجي ڪَن هُجيءَ، هَر وقت هئين ۽ مَن هُجئي ،**

سچا ساٿ ڏِين مَنجهہ ڏکن سُکن، وِٿي ڪا نہ وجهن وِچ ڪا.

6 - "اَعجاز" سان مِلڻو ضرور اَٿئي، گھٽئي ٿِي گُذاريو دُور اٿئي،
مُنھنجا مَن موھَن اَڇ مُنھن جي صِحن، پَڄي چُغل چَڪن پَھرا.

ٿلهہ: مُونکي سُهڻا موهي وَيئي، صُورت تُنهنجي سَانوري،

بِرهہ لَڳِي ويو بَدن جَلي ويو، بيوس ٿي دِل بَانوري.

1 - **ناز ڏسي نِت تُنهنجو نرالو-چَال عَجب ۽ چشمن چَالو،**
عَقل سَندُم کي لَڳِي ويو تالو-وَهوا تُنهنجي عِشوه گِري.

2 - **ڪِيئن تون اَلاجي دل ڪَڙي وِئين -جاني جگر جِندُ جان جَڙي وِيئن،**
جَهٽُ پَٽُ سُهڻا مونکي سَڙهي وئين- سَگهان نہ ڪِيڏهن آئون سِري.

3 - **جَاني جُدائي ۾ چَٺُو چاهي - قُرب منجهان مل ڪَامل ڪَاهي،**
آس اندر ۾ اِهائي آهي- مُنهن جي اَگڻ تي آءٌ وَري.

4 - **تُنهنجي نظر جا تِياسون نِشانا-نِڪري وياسون بِنهي جَهانا،**
"اَعجاز" چوي اي ياريَگانا-يَاڪي تي ڪَر يَاوري.

ٿلهه: يَا تہ صُورت وَج ڏيکاري-يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد،

يَاد سان مِل يَاد ڏاري-يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

1 - يَاد ٿو جنهن دَم اَچين-تنهن دَم وَجن ٿيو نيڻ نَم،

وَر سِگهو وَر وَاڳ وَاري-يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

2 - ٿَار تَن من يار تُنهنجي-سَار سِڪ آ بَار بَار،

تُون بہ ڪَڏهين ڏِس تہ سَاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

3 - يَا تہ ٿَاتي ڪي سَچو ڪر-يَا تہ چَئو ٿَاتو نہ هو،

ڪنهن تہ ڪر مُونکي ڪِناري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

4 - ڪِيئن گُذارين پيو تون پَنهنجي-حَال مُحرم ڳَان پري،

جَس هُجئي جَس چِڏيئي مَاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

5 - پَنهنجي مُنهن سان پَاڻ پَنهنجي -پِرت وَج مُون ڪان وَني،

پَنهنجي رَک وَٿُ پَاڻ ڏاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

6 - لَب زُبان خَاموش مُنهنجا-دِل مگر آ نَاصَبُور،
دِل چوي اَچ در دُواري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

7 - جي اٿئي ڪا عشق جي -"اَعجاز" چئي من ۾ رَتي،
پوءِ تہ اچ ڏونگر بہ ڏاري- يَا تہ اَچ مُونکي نہ يَاد.

ٿلهه: وَضُحيٰ صُورت پَيشاني-زُلف وَليل بہ تُنهنجا جاني.

1 - **اَبرو بہ اِئين پَانيان ٿو-جِيئن قوس قَزح آسماني،**
اَکڙيون تُنهنجون جَنهن سان مِلن- دنيا تنهن لاءِ دِيواني.

2 - **رُخسار ٿا رَشڪِ گُلاب لَڳن-اَنف تي طُوطو حَيراني،**
لَعلُن کان وَڌ لَبڙن جي-لاَلي لَطافت لاَثاني.

3 - **چَمڪ ڏندن جي مُرڪ سان ڪَئي-وِڄ جي حَالت وَجداني،**
غَب غَب وَاري غَوطي سان-سِر ۾ گُم سِر سُبحاني.

4 - **وارن جي هِڪ هِڪ تَند ۾-مَن موهڻي مُشڪ دَاني،**
رُخ ۾ ڪَئين اَٽڪي رَعنايون-ڪَهڙيون لِکان ڏي ڪَاغذ ڪَاني.

5 - **سُهڻا تُنهن جي صُورت جو-مَٽ نہ آ ماهِ ڪِنعاني،**
تصوير تُنهن جيءَ جو تَصوَر -آ عشق جي خَاص نِيشاني.

6 - **عِشق نہ تُنهنجو جَنهن دل ۾ - سا خُود کان دِل بيگاني،**

"اَعجاز" تہ ڇَا پَر تو تان - ڦَونين صَنم ڦُرباني.

تلھہ: صُورت جا سَائين سُھڻا - مُنھنجو سَلام تَوکي،

سَڀ حُسن سَاڻ حَاضر -سَمجھان تَمام تَوکي.

1 - **مَسجود عَاشقان ٿُون- مَقصود دوجھان ٿُون،**

مَوجود ھَر زَمان تون- سَڀ آ عَلام تَوکي.

2 - **مَستور تون مَاٺھن ۾- مَعمور تون مَاٺھن ۾،**

مَشھور تون مَاٺھن ۾ - آدم جو نَام تَوکي.

3 - **شَاھِ خُوبان ٿُون بيشڪ -فَخر بُتان ٿُون بَيشڪ،**

پيرِ مُغان تون بيشڪ-ھَٿ ۾ بہ جَام تَوکي.

4 - **پُرجھڻ سَان توکي پُرجھيم-سَمجھڻ سان توکي سَمجھيم،**

پوءِ پيچ توسان پَيچيم پرتو غلام تو کي.

5 - **تو سَيڪڙو سُجاتا - تو پَيچ تَن سان پَاتا،**

توئي نِياپا ناتا - سَمجھي چا عَام تَوکي.

6 - **تَوڙي جو عَيبدارو - تہ بہ تُنھن جي پِيار وَارو،**

سُجهندو بہ آهيان سَارو - هَر صَبح شام تَوڪي.

7- خُود جي خُودي بہ تو ۾ - نَرمي نمي بہ تو ۾،
ڪانهي ڪَمي بہ تو ۾ - سَجدو دَوام تَوڪي.

8- وَعدي جو دَام مُونکي - وَعدي جو دَام تَوڪي،
ويسر حَرام مُونکي - وَيسر حَرام توڪي.

9- اَعجاز چَئي عُشاقن - مَستن ۾ مَد پِياڪن،
ڳولي ڳوڙهن ڳولاڪن - چونديو اِمام تَوڪي.

ٿلهه : موهين اڄ تہ وينو شَبابي صُورت سانءِ

ڪِلي مُون ڏي مُنهن ڪر خِطابي صُورت سان.

1 - **عَجب صُورتون ٻِيون بہ آيون ڏِسڻ ۾ - پري ڪانہ اَڪ ڪَنهن پَسڻ سَان پَسڻ ۾،**

ڏِنم هِڪڙو توکي ڪِتابي صُورت سان.

2 - **ٿُون سُهڻو تہ آئون تَماشائي تُنهنجو - تَمنائي تُنهنجو ۽ شَيدائي تُنهنجو،**

مُون سان مِل تہ مِل بي حِجابي صُورت سان.

3 - **حَسين آهين بيشڪ حَسينَن جي وچ ۾ - هُئي هَاڪ هِيءَ مَهہ جَبِينن جي وچ ۾،**

جَواب آهين تِن جو جَوابي صُورت سان.

4 - **سُڪائين ٿو وِهنجو جَڏهن وَار سُهڻا - پُسائين ٿو اورِيان پَريان پَار سُهڻا،**

وُنا وَار تُنهنجا سَحابي صُورت سان.

5 - **لَڳا حُسن تُنهنجي جا جَهلڪا جَني کي - ڏِنم بيقراري پَتنگ جيئن تَني کي،**

جَهلي ڏَڳ بينا جَڳ بيتابي صُورت سان.

6 - سَڄڻ عِشق ۾ تُون بہ ڳاتو وَتين ٿو - سَون سيڪڙُن ۾ سُڃاتو وَتين ٿو،
گُهمي توڙي نِت تُون نَقابي صُورت سان.

7 - ڪَيُئِي مُنهُن جو مُون ڏٺي، ٿي تَن کي ٺَراوت - مِلي رُوح کي رَاحت قَلب کي حَرارت،
هو اَعجاز نہ ٿہ هِت سِيمابي صُورت سان.

تلهه: ڇَا سُونهن تُنهنجي صُورت-سِينگار ڇَا نہ ڇَا،

دِيدن ڪَيا وَري اَڄ-دِيدار ڇَا نہ ڇَا.

1 - **ٻَاتم جو نَظر تُنهنجي-وَري مُنهن مليح تي،**
مَشعال مُنهن ۾ چَشمن-چَمڪار ڇَا نہ ڇَا.

2 - **تُون سَرِوِنَاز آهين-تو ڪي سَرو چو چَوان،**
قَامت سَندءِ جا آهن-هُل يَار ڇَا نہ ڇَا.

3 - **مَخمل بَدن تي مَخمل-زَربَفتہ زَرفشان،**
جِهرمِر جَجهيري جهم جهم-جهلڪار ڇَا نہ ڇَا.

4 - **اي پيارا پر اَپارا-ڏِيان پَار تُنهنجا ڪِيئن،**
ڪَئين دَول تنهنجا ڊِولَڻ-ڪئين پَار ڇَا نہ ڇَا.

5 - **دِلڪش ۽ دِلفريب هي-خُوشبويون خُنڪ دَار،**
مَن تَن ٿيو مُعطر-هُٻڪار ڇَا نہ ڇَا.

6 - **مِسواڪ ۽ مَشاط - ڪَجل سُر مان سُرخيون،**
اختيار ڪَيئي پَاڻ لاءِ-سِينگار ڇا نہ ڇا.

7 - **وَهنوار وَصل دار-۽ ھي پِيار وَارا پَٽ،**
خُمار هِن پَٽن ۾-۽ اِسرار ڇا نہ ڇا.

8 - **هِن سِر ۾ سَجڻ ڇاهي-اَهڙا سِر تہ لَک ڏِيَئين،**
"اَعجاز" ڇئي ڪَجن تو تان-بَلهار ڇا نہ ڇا.

ٿلهه: صُورت سينگاري هَر هَر-حَيران ڪَر نہ سُهڻا،

مَستان دل کي موهي-مَستان ڪَر نہ سُهڻا.

1 - ڪيڏو حَسين آهين، تہ بہ پاڻ ٿو سنوارين،

تابان رخ کي ايڏو، تابان ڪَر نہ سُهڻا.

2 - مون ڏي نِگاهون ڪر تون، ناحق ٿو اَيَندَ مارين،

ناز و اداسان جِت ڪِٿ، نيشان ڪَر نہ سُهڻا.

3 - دل ڏَهلجيو وجي ٿي، ٿڙ کي بدن تو سارو،

تلوار ابرو ذر ذر، عُريان ڪَر نہ سُهڻا.

4 - تنهنجي لبن جي لالي، هر لال رنگ کان چهري،

سرخي مساگ لب سِر، پَن پَان ڪَر نہ سُهڻا.

5 - ماهِ بَدرن کان سهڻي، پيشاني تي اي پيارا،

زُلفن کي کولي هٿ سان، گهمسان ڪَر نہ سُهڻا.

6 هَر هند آهي مجيُم، پر آهي عيش خاطر،
ايڏو بہ عشق ڪي تون، اَرزان ڪَر نہ سُھڻا.

7 - مُنهن آرسيء ۾ پنھنجو، ڏسندو تہ ڪر پلي پر،
خود پاڻ تي تہ خود ڪي، حيران ڪَر نہ سُھڻا.

8 - عاشق ڪندو ڪو تنھن جي، صورت جو نِت نِظارو،
سڀ ڪنھن جي دل تي تاري، وَجدان ڪَر نہ سُھڻا.

9 - مَستي ۾ تنھن جي آئون، روزِ ازل ڪان آهيان،
مون تي بہ مست ٿي ڏس، جولان ڪَر نہ سُھڻا.

10 - سُرمون ڪَجل بہ آهي، محبوب مَرڪ تنھنجو،
پر پائي ڪجل ڪَاني، پوءِ زيان ڪَر نہ سُھڻا.

11 - پلپل ۾ پاڻ پنھنجو، سينگاري منھن ڏيکاري،
"اَعجاز" ڪي تہ پوءِ، سر گردان ڪَر نہ سُھڻا.

ٽلهه: جيڪي جهاتي صُورت ۾ پائِن ٿا، ڪُڏيو ڪُوپا اُهي ڪَنڌ ڪَپائن ٿا.

1 - ڪَن ڪَعبو قِبلو صُورت کي، مَن مُهٽي مَليح مُورت کي،
ڪَڍي سيني مَان ڪيني ڪَدُورت کي، دِل جَان سان سِرڙو جُهڪائن ٿا.

2 - جيڪي آهن عَاشق دَرسن جا، تِن تَرڪ ڪَيا مَقصد تَن مَن جا،
وَاري وَرق ڏنائون وَنحن جا، اُهي پوئتي پير نہ هَٽائن ٿا.

3 - اُلٽي عَاشق جهاتي پَائي دَم دَم، ٿِيا ياريگاني سان هَمدم،
مُرڪي جَام پِين ٿا اُهي جَم جَم اُهي ڪَونتل ڪَونڌُ ڪُڏائن ٿا.

4 - آهي عِشق عُشاقن اِنعام مِليو، موجان موج مَحمودي مُقام مِليو ،
تن سان ساقي ڪوثر صبح شَام مليو، تِنهنجا عَاشق "اَعجازا" ڳُڻ ڳَائن ٿا.

تلهہ: ڏِس جَلوا حُسن مند جوپن جا- هِن عَين اکين رُخ روشن جا.

1 - **ڪَج ڪيس ڪُلهين چَلا چُوت چُڙيل، تَڙ تيل اَٽن ڪي تَازا ڪَيل،**
جِيئن ڪَارا پِنل بَرساتي بَدل، تِيئن پَونر پَنيا مَن موهن جا.

2 - **نَڪُ نيڻ پِرون پيڪاني پَلَڪ، رُخ رُخسارن جا افشاني جَهلڪ،**
لالڻُون لاَل لَبن جي لاَثاني چمڪ، سالِمِ هوش ڪَري مَدِهَوشن جا.

3 - **گُل لوءِ هزارو لالا سَمن، اِنهي حُسن اڳيان ڪيو نِياز نَمَنِ،**
پَسي جوت جواني رَشڪ چَمن، چِڪيا چاڪَ سُنبل سَرو وَسُوسن جا.

4 - **"اَعجاز" عُشاقن خَاص اِها، ڪَئي پَاس پَسند آ پِياس اِها،**
رَڪُ شوق طَلب ۽ شَناس اِها، مَن مِلئَي ڪَڏهن بُل بَوسن جا.

ٿلهه: وَري سُهڻا ڪَر سينگار- ڏِسان اَڄ ڪِيئن ٿو لَڳين،

سينگار جي چهرو ڏيکار- ڏِسان اَڄ" ڪِيئن ٿو لَڳين،
آئون حُسن ڳوليندو آهيان - ڏِسي حُسن ٻَوليندو آهيان،
ڏي حُسن پنهنجي کي نِکار - ڏِسان اَڄ ڪِيئن ٿو لَڳين.

1 - **وَاهه جو ٺَهين ٿو ويس اِنهيءَ سَان-لِبيس اِنهيءَ سان هُبيس اِنهيءَ سان،**
تُون گُلن ڦُلن کان سُرهو-تُون مُشڪ خُتن کان سُرهو،
تنهنجو وَنڊو اَتم هُبڪار- ڏِسان اَڄ ڪِيئن ٿو لَڳين.

2 - **پَاڻ کي سُهڻا پَاڻ سَجائڻ-سُهڻو ٻَنائڻ بِرهه ٻَچائڻ،**
فِطرت ۾ آ سُهڻا تُنهن جي-قُدرت ۾ آ سُهڻا تُنهن جي،
تَڏهن تہ ڪَيم هي آر- ڏِسان اَڄ ڪِيئن ٿو لَڳين.

3 - **جِيئن ٻہ لَڳين ٿو خُوب لَڳين ٿو-مَحبوب صَفا مَحبوب لَڳين ٿو،**
پوءِ چو نہ پايَئين اَڄ پَاڪر-اي پَردي حَياء جا پَيڪر ،
لَڳ سيني سان ڏِئي پِيار- ڏِسان اَڄ ڪِيئن ٿو لَڳين.

4 - **تُنهن جي سِينگار جا تہ لَک نَمونا-مُنهن جي نَظر ۾ سَڀ بَرک نَمونا،**

ڪِيئن تہ زُلفن کي اَٿئي سَنواريو-گُل دَستن کي اَٿئي مَاريو،

"اَعجاز" توتان بلهار - ڏِسان اَڄ ڪِيئن ٿو.

ٿلھ: وِسريم سَبق سُونھپ سَندا-مَحبوب ڪي ھَمدم ڏِنم،

دِلبر دِلاور دِلربا-دِل جو ڏٽي دَم دَم ڏِنم.

1 - **اي بي بَصيرت بيخبر -بي دَرد وَاعظ مُحتسب،**

چيڙين چو ٿو مُون مَست کي_ڪَر پَت پِرين پيھم ڏِنم.

2 - **سَارو جَنم سم ٿي رَھيس -قَيدي نرالي قَيد سان،**

اَھڙا بَنيل پيچي پَڪا-ڪَاڪُل ڪُنڍا خَم خَم ڏِنم.

3 - **جَنھن يَار جي دَرشن جو ھِڪ-لَحظو لَھي ٿو لک پَدم،**

سو سِر رَبّي ساقي صَنم-پُر جَام پي جَم جَم ڏِنم.

4 - **ھَر آڏو ھَر ڪائي شئي-ھر سُو ھمہ ھَر دوجھان،**

اَعجاز حَضرت حُسن جي-غَمزي ۾ ھَردم گُم ڏِنم.

ٿلھ: جَڏھن مُرڪيو نِھارين ٿو-تَڏھن مُونکي تون مَارين ٿو،

تو لاءِ دِل اَڳ دِيواني آ-تَنھن کي ويتر تُون ڪارين ٿو.

1 - **تُنھنجا مُرڪڻ بہ مُونکي وَڻن - تُنھنجا گُھورڻ بہ مُونکي وَڻن،**
تُنھنجي هَر گهتِ وَنڻ واري - سِڪڻ تون ئي سَيڪارين ٿو.

2 - **تنھنجي چَاھ ڪَئي دِل چَري-مُونکي ويجھو تي ويھ وَري،**
ٺَريو ٺَاھ اِنھي پيو ٺَران- جِيئن گھرو تي گهارين ٿو.

3 - **تو وَٽ هَر ناز هَر هَر نَھي- ڪِيئن هَوش پوءِ مُون وَٽ رَھي،**
وَجان آپي ڪان آئون نِڪريو- اَهڙو جَادو ڪو ڏَارين ٿو.

4 - **هُونئن تہ اعجاز اَعجاز آ - پر اِڳيان تو بَا نياز آ،**
تَنھنکي حُسن تون پَنھنجي سان -سُهٽا مَارين ۽ چِيارين ٿو.

ٿلهه : مَحبوبن جي مُرڪڻ - نِهارڻ تَان صَدقي،

دِلي پِيار سان دِل - ڏُتارڻ تَان صَدقي.

1 - **سَندن حُسن جَلوي - سَاڙيون ڪَئين سَريرون،**
صَفا صاف صُورت - سِينگارڻ تَان صَدقي.

2 - **ڪَجل وَاري ڪَاري - سَنهي ريهه سُهڻي،**
اَکين جي اَٽِن ۾ - بِيهارڻ تَان صَدقي.

3 - **چَئي ڦُم بِاِذِني - ڪَيئون قُرب ڪَيڏو،**
مُئي دِل کي جَهٽ پَٽ - جِيارڻ تَان صَدقي.

4 - **مَٿن تَاجُ مُرصَع - مُدامي ٿو سوُنهي،**
تُنهنجي تَاب تجلي - ڏِيکارڻ تَان صَدقي.

5 - **مَنجهان مِهر مَحبوب - ٿِيڙا مُلاقي،**
گُهونگهٽ گُهنڊ پَردي - اُتارڻ تَان صَدقي.

6 - **مليو يَد يَزداني - هَلان تي يَگانو،**
اَعجاز اِن اَحسان - ڪَارڻ تَان صَدقي.

تلهہ: مُرڪ سَجڻ جي غَم سَپ گنوايا-حُسن چَوان يَا بَهار چَوان.

1 - مُرڪ اکين ۾ مُرڪ لبن ۾- مُرڪ اِهائي آهيس مَن ۾،
مُرڪ سَجڻ جي سَاري بَدن ۾- مُرڪ چَوان يا وِچ جَا وَار چَوان.

2 - قَيد ڪَيائون ڪَهڙا نہ ڪَهڙا-قيس صُنعان مَنصور جَهڙا،
پيچي وَار پرين جا اَهڙا-ڪَمند چَوان يَا زُنار چَوان.

3 - اَک جي نِهار جِيارڻ وَاري-دِل اَندر جي ٺَارڻ وَاري،
سُرت سُڌير ڏِيارڻ وَاري-اَک چَوان يَا آذارچَوان.

4 - سُهڻو سُهڻن کان هَٿين پيرين - مَن موهيندڙ پيرين پيرين،
تَنهنکي اَعجاز چئي آئون هَر ويرين- سُهڻو چوان يا سُهڻن جو سردار چوان.

ٿلھ: مُنھنجو پِريمي جِيءُ - حَسين بُتن جو پَڪو پُوڄاري.

1 - **جِيءُ پِريميءَ جَا پور پِريمي- پَھ پَتا مَذڪور پِريمي،**
سُڻندي لَھيو وَجي سِيءُ-هِن هُن جَڳ جو هَر هَر وَاري.

2 - **سُھڻا سُھڻا بُتڙا سيٺي-نَاز اَدائون تَن جون ٺيٺي،**
ڪَم نہ ڪَري ٻِيو هِيءُ -حُسن وَارن جي رُڳو تَات تَاري.

3 - **پَري رُخن جي پَاڇي هَاٺو-ڪَڏهن پَاڳل ڪَڏهن سِياڻو،**
ڪَڏهن تہ جِيءُ قويءُ-ڪَڏهن مُصوّر نَقش نِگاري.

4 - **بُت گر ٻہ جَن جي حَاضريءَ ۾-سَت گُر ٻہ جن جي حَاضريءَ ۾،**
تَن جي اڳيان جيءُ جيءُ -ڪِيئن نہ ڪندو اَعجاز اَئي مَاري!.

ٿلهه: مُنهنجي يَار جا سِينگار،رُوپ نِڪار نت نِيارا،

ڳُل حَسين جامان رَنگين،موتي مَهين زيب آرا.

1 - **حُسن شَباب لاَجواب مُنهن مَهتاب عِزّ عالي،**
جَلوو جَاهه ڪَلنگي ڪُلاهه نَظر نِگاهه لاَبالي،
اَبرو عَين سي دِن رَين قَاب قَوسين جَا وَالي،
چِشم چُندِ گُهندِ گُهندِ ڪَاڪل ڪُنڍِ ڪُل ڪَارا.

2 - **صُورت رَنگ وَهوا ڍَنگ دِلبر دَنگ ٽيو آهي،**
بَان پيڪان سَاڻ نيشان چُٽڻ چٽان چِت چَاهي،
تَڪ جَا تِير بَا تَڪبير ثَابت سير تو وَاهي،
ڪَجل ڪَات اکِيان مات عَاشق ذَات بَلهار.

3 - **مَستن جُهوم هُل هُجوم دَرشن ڏوم دَرباري،**
مَئي جي موج اُوجان اوج صُحبت سوجهه سَرداري،
برهه بَحال بيمثال قُرب ڪَمال ڪَلتاري،
نُوري نُماء بَرڪ بَناء مُشڪ حِنا هُبڪارا.

4 - مُغانان پير مُبڙا پير سُرها سَير ڊَولڻ جا،

كِل مک کيل مَاٹا ميل ڳُڻ اَلبيل ٻَهڳڻ جا،

عَجب "اَعجاز" رَمزون راز اُلث اَنداز ٻولڻ جا،

قَائم قول گُفتا ٻول پُرس پِرول پرتيارا.

تلهہ :حُسن جي غَمزيءَ، نَاز نِظاري ڪُفر قَبول ڪَرايو آ.

1 - **دِين مَذهب وَارو دَفتر، دِيدُن دُور ڏَرايو آ.**

2 - **زُلفن جي وَر وَر وَنگيءَ، وَحدت ڏَانهن وَرايو آ.**

3 - **عِشق حُسن جي آتشبازيءَ، دَم اِهو ئي پَرايو آ.**

4 - **اِثباتي جَوش جُنون "اَعجازا"، پُور عَجيب پِرايو آ.**

تلھہ: ويھہ مُنھن جي ويجھو تي-تہ پيار ڪي ڪَيَئِين،

ڳچي ڳل ڳِراٽين جا-هَار ڪي ڪَيَئِين.

1 - **مِلين مُونکي يَار تُون -ڪٿي مَن نويڪلو،**
چُمين جَا پوءِ اڻ وَارائتا-وَار ڪي ڪَيَئِين.

2 - **دِيد پَائي دِيد ۾-پوءِ دِيد نہ چَوراءِ تُون،**
دِيد ڏي تہ دِلربا -دِيدار ڪي ڪَيَئِين.

3 - **شَرط اِهو آ تہ رکو-مُنھنجو تي رَهندي،**
اِقرار ڪَرين تُون بہ تہ-اِقرار ڪي ڪَيَئِين.

4 - **تو بہ ڪَيا مُون سان پرين-بَار بَار ڪَئين،**
اَڄ آئون بہ سَجڻ چو نہ-اَنگل آر ڪي ڪَيَئِين.

5 - **"اَعجاز" چَوي مِلڻ جي-مَرضي جي ڏيکارِين،**
سَايا اکين جا بہ سَو-هَزار ڪي ڪَيَئِن.

ٿلهہ: مُنهنجا جَانِ مَن -موهيس تُنهنجي مُرڪن.

1 - سَنهڙا سُهڻا ڏَند مُصفا،لاڳِ مُساڳِ لَبن،
لَعل بَدخشان ڪَوثر مَرجان،مصري نِبات منجهن،
شَهد شَڪر ڪي شَهہ ڏني آ تُنهنجي شَفتَيئُن.

2 - نِيور ڪَارا وار پَنيا،يَونگِي پيرپرُن،
چِشنمن چالا اُلٽا اَويڙا،مزگان مَارو ڪَن،
ڳُجهڙيون مَيچون مَامُون تن جون سَالڪ ڪي سَمجهن.

3 - تُنهنجي بَدن جي بيهڪ سُونهڪ،لِپي نہ مَنجهہ لَڪن،
جيڪي پَوشاڪون پَائين تو،سي سَپيئي تو ڪي سُونهن،
جَلوي تُنهن جي جَاني جُهڪايو،شَمس قَمر ڪَتيُن.

4 - "اَعجاز" ڪي تُنهنجي عِشق نِظاري آندو مَنجهہ اوجن،
نَين مِلائي مَست بَنائي،مَوج چَڙهايئي مَن،
دَم دَمن سان پيوند ٽِيڙا،قِيامت سِينءَ نہ ٽُٽن.

تلهہ: ڪير آ جو هَوش ڏاري تُنهن جي جَلوَنِ ۾،
تُنهن جي تَابش حُسن ۾ ۽ تنهن جي عِشوَن ۾.

1 - حُسن پَنهنجي ڪان اَجان تُون بيخبر آهين،
پَنهن جي عَاشق ڪان تہ پڇ تُون ڇَا قَهر آهين،
عُمر جنهن جي آڏو تنهن جي گُذري سَهوَن ۾.

2 - جِيئن ڪَيا هِت تُنهن جي جَلونِ پِيا بہ دِيوانا،
آئون بہ تن وَانگر قِران تو ڪَل بَڌيو ڳانا،
لِڪُ مُونکي ۽ ليک تَن مَستن ۽ مَحوَن ۾.

3 - اِيندو ڪِيئن آرام تَنهنکي، تُنهن جي مَحفل ۾،
تُنهن جي اکڙين جا ڇُپن پِيا تير جَنهن دِل ۾،
ڇَا حَشر هُوندو انهي جو لَعب ولَحوَن ۾.

4 - هَوش ڪان فَارغ ڪيو، اکڙيون مِلائي تو،
آهيان مَدهوش آئون، "اعجاز" ڇئي هِت پوءِ،
ڪيف تُنهن جي جو ڪُنل، ڪِيئن خوش ٿئي قهوَن ۾.

ٿلهه: سَجڻ سُونهن پَريا سَاهه کي سِيباٽا،

موهيو تَن آ مَنڙو ڪَري مُرڪون مَاٽا.

1 - **ڪُنڊيا وار ڪَاڪُل ڪُنڊيا اَبرو ڪَارا-ڪُنڊيا نيڻ ڪَجلا ڪُنڊيو نڪ ڪاپارا،**
سَنهان سُرخ لَبڙا ڏَند موتي دَاٽا.

2 - **سينو ڪَر صنم جو ڪبوتر ڪان سُهڻو-سِڌو قَد سَرُو ۽ صَنوبر ڪان سُهڻو،**
تِلڻ ٺور ٺهلڻ ڏِسي هنج لَڄاٽا.

3 - **پَهري پاڪ پوشاڪ صَفا با صَبوحي -هَٽِي غَمزون رَمزون رکي رَاز روحي،**
اَچي جِيءِ اکين ۾ اَڏيا تن آڏاٽا.

4 - **نيڻن جا نِظارا نَوان نِت لأياسون - اَنگل آر "اَعجاز" اکين تي چَاياسون،**
بِنان نَاٽي حُسن دَر وَتئُون ٿا وِڪاٽا.

تلهه: گُل گُلابي گُل ڪَنول-گُل موتيو گُل آفتاب،
هي تہ گُل پَر ٻِيا بہ گُل-اَڄ ڪو نہ سَهندا تُنهنجو تَاب.

1 - گُل نَافَرمان نَسرين نَرگس-گُل نِيلو فَر گُل نَسيم،
گُل شَاهُو گُل عِشق پيچو-گُل شَرم ۾ گُل شَميم،
رَات جي رَاڻي هُجي-توڙي هُجي اَرنو عُناب.

2 - گُل چَندن ڇَوڪِرد ڇَمپا-گُل چَنبيلي گُل چُنار،
گُل ايلاچي آمون اَرزن-گُل اَنو پر گُل اَنار،
رَشڪ ۾ رَيحان رَابيلو-جَل ۾ پَئي ويو جَاءِ آب.

3 - گُل بِنَفشو گُل بَادامون-گُل برگ گُل مُشڪ بَيدُ،
گُل سَنياسي سَرُوسُوسن-گُل سُنبل گُل سَر سُفيد،
سَمن لاله ٿِئي سَلامي-جي ڏَرو ڪولين نِقاب.

4 - گُل گولاڙو ڇَاهي گُوني-گُل گينڊو گُل گِلاس،
گُل دائودي ڇَاهي دوسر-گُل دوپَهرو ڇَاهي دَاس،
ڇَا هَزارو ڇَا حِنائي-ڇَا سَندءِ شُعلو شَباب.

5 - هِن گُلن غُنچن ۽ گُلشن-ڪي سَجڻ گهايُئي گهڻو،
لَعلون شَمعون قَمر ڪَتيون-شَمس شَرمايُئي گهڻو،
پَاڻ پَنهنجي حُسن جو-"اَعجاز" چئي ڪَر تون حِساب.

ٿلهہ :رُخ ٽُنهن جو آ رَشڪِ چَمن منا،گُل گُلاب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس،
آفتاب هجي ڪٽي ڪيئن بہ پلا-آفتاب توسان مَٽ مان نہ ڪندس.

1 - هي لال شَمع هي لاَل اگن -هي لَعل مَوتي هي لاَل ڪُندن،
هن حَسينن جو جَلوو تاب تہ چا-پر ڪو تَاب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

2 - رخ آئيني اڳيان نِروار تہ ڪر-پنهنجي ديد سان پنهنجو ديدار تہ ڪر،
پرين پنهنجو آهين مَٽ پاڻ سَدا-ڪنهن جو آب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

3 - ڪَهڙو ضرور مونکي جو مئيخان پڇان-ڪاهي دُور ڪَلاِلڪا دُڪان پُڇان،
تنهن جي نيڻن ۾ مستي ئي مستي آ-پوءِ شراب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

4 - گُل نار چُنار انار ڪنول-سدا بهار سَروُ سينگار سنبل،
لالا،ليارِي،هزاري،هرنو حِنا -ءِ عُناب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

5 - "اَعجاز" چوي پوٿي پران هجي-توڙي توريت انجيل قرآن هجي،
تہ بہ تنهنجو قسم اي ماهہ لقا-ڪو ڪتاب توسان مَٽ مان نہ ڪَندس.

ٽلهه: جَهالر ۽ جُهومڪ - پَاتم تُنهن جي پِيار لاءِ.

1 - بُولو بَيبسر اَلي عَجائب-نَت نِجي مَنجهه نَڪ-پَاتم تُنهن جي پِيار لاءِ.

2 - پَيش جي دُهري پُتلي وَاري-هَسُ ڳلي ٺَازڪ- پَاتم تُنهن جي پِيار لاءِ.

3 - جَهاٻا جُهوڙا هِن تہ سَڳِن ۾-ڦُل ڪَنول ڪيتَڪ- پَاتم تُنهن جي پِيار لاءِ.

4 - ڇَلا مُنديون وَيڙهه ويندو ڏِس-ٻَانهينءَ لائي ٻَهَڪ- پَاتم تُنهن جي پِيار لاءِ.

5 - ٻَندڙا نُورا پَونچي چيريون-پيرين پَلپل پَڪ- پَاتم تُنهن جي پِيار لاءِ.

6 - گهرو گُلابي وَيس وَڳو هي-سِر سِنڌي اَجرڪ- پَاتم تُنهن جي پِيار لاءِ.

7 - هَار سِينگار سُونهن تَو سان -تو ۾ ئي آهيم تَڪ- پَاتم تُنهن جي پِيار لاءِ.

8 - حَق "اَعجاز" چَئي حَق آهين تون-ڪَهڙا ڪَرين تو شَڪ- پَاتم تُنهن جي پِيار لاءِ.

ٿلهه: دِلربا دلبر ڏنم بلڪل ڏِنم-ڪو نہ تَنهن ڪان ڪو بہ سُهڻو گُل ڏِنم.

1 - **حُسن جو آ هَر خِطي جو هو نَواب - حُسن ۾ هُن سان نہ ڪو تُل مُل ڏنم.**

2 - **عَاشقيءِ جي ڏانءَ جهڙو آ حَسين-سَانوليءِ صُورت وَارو سَانول ڏِنم.**

3 - **هُت ٿِلي هو چَال چَنچل مَوهِڻي-هِت سَندم دل قُربان قُربان ڪُل ڏنم.**

4 - **دِيد دِلبر جيءِ ۾،ڪَاجا دِل ڪَشي -دِيد تنهن لاءِ ڪَئين،دليون بي ڪَل ڏنم.**

5 - **عَاشقن جي رَاءِ ڪي تَسليم ڪر-مَن رُبا مَحبوب جو نَا مُلهه ڏِنم.**

6 - **رَمز هِڪ ئي سَان چَڏايئين جڳ بئي - پَاڻ ڪي پَت ڪان پَري پَهتل ڏِنم.**

7 - **ڪَالهه نِيو منصور ڪي جنهن دَار تي-اَج بہ سو "اَعجاز" چئي ڪَاڪُل ڏِنم.**

ٿلهه: سَيني سُهڻن کان-تُون سُهڻا سُبڪ،

ٻين جي سَاري عُمر-تُنهنجو هِڪڙو پَلڪ.

1 - اِهي نيڻ ڪٽي جن ڏي نِهارين ٿُون-مُنهنجا مُحب مِنا تَن کي مَارين تون،
چو سِلح سِپاهه ڪو ڏارين ٿُون-تو سان حُسن تُنهن جي جو آ شَاهي ڪَٽڪ.

2 - سُهڻا تُنهنجي سُهڻائي جو ڇيهه نہ ڪو-وَاندو تَنهنجي وَاکاڻ کان ڏيهه نہ ڪو،
آيو تو جِيئن لائي رَنگ رَيهه نہ ڪو-پَهريو سِر تي عَجب تو پوش دَلق.

3 - تَوسانِ هِڪڙي گهڙي جي گهاريندا-تو کي ڪين وري سي وِساريندا،
سَاريو سُونهن تنهنجيءَ کي سَاريندا-اَهڙو جَاني اَٿئي ڪو جَلوو جَهلڪ.

4 - نہ گُلاب نہ نَرگس پَارن ۾-نہ کي شَمس قَمر نہ سِتارن ۾،
نہ ڪنهن جام نَڪي مَئي خُوارن ۾-تُنهنجي نيڻن جيئن نَشو نُور نَمڪ.

5 - تو لاءِ سِڪن ٿا بَلخ بُخارا جا-ايران عَجم اِسمارا جَا،
تو کي سَارين سِنڌ سُڌارا جا-توتان آهي فِدا هَر ماڳ مُلڪ.

6 - تُون حَاڪم حُسن جَمال سَندو-تُون صَاحب قُرب ڪَمال سَندو،
تُون حَاذق مَحرم حال سَندو-تُون لعل لَڪن جو لَڪن ۾ هِڪ.

7 - جَڏهن نينهئون نظر تو نِگاهه ڪَئي-تَڏهن لَئون لَئون ۾ تُنهن جي چَاهه پَئي،
تي هڪ هيڪڙائي پوءِ وَهواهه وَئي-آئون تُنهنجو "اَعجاز" چئي تُون مُنهنجو ڏَڪ.

تلهه: ابُو العَجب بَهتر صَنم اَعجاز جو-خُوبرو خُوشتر صَنم اَعجاز جو.

1 - يَافرشتو يَافشونگر ياوري، آ پَري پَيڪر صَنم اَعجاز جو.

2 - بِرهه وَاري بَانگ تي باغ و بَهار، بِرهه ۾ بَر سر صَنم اَعجاز جو.

3 - سُونهن صُورت سَانوليءِ سان سَر بَسر، سَرَوُقد ڪُونتر صَنم اَعجاز جو.

4 - مَست نَظرن سان رَکي تو مُرڪيو، موهه جو مَنتر صَنم اَعجاز جو.

5 - چَندِ چوڏهينءِ جو نہ تَنهنکي چئو چريا، چَندِ کان بَر تر صَنم اَعجاز جو.

6 - دِل ڦُريندڙ نَاز وَارو دِلربا، دِلنشين دِلبر صَنم اَعجاز جو.

7 - زُلف جي زَنجير سان ظَاهر ظَهور-زَور آ ذَر ذَر صَنم اَعجاز جو.

8 - پيچ پَائڻ ۾ بہ آ سو پيش پيش، هَر لمحہ هَر هَر صَنم اَعجاز جو.

ٿلهہ: **مُنهنجو يَار سڄڻ سَدا وَسڻو- هَر حَال هَميشہ هَسڻو.**

1 - **رَنج رُسامي ڪان پَاڪ پَاڪيزو- ڏاهہ ڪَڏهن ڪَنهن ڪان نَسڻو.**

2 - **نَيڪ بَد ڪي هِڪ نَظر سان-جَهاتي پَائي پَسڻو.**

3 - **بَس بَس وَاري بَات نہ ڄَاڻي-حَد بيجد ۾ بَسڻو.**

4 - **آهي "اعجاز" ڪَهڙو ڪِٿي سو-ڏاهي اِهو ڏَس ڏَسڻو.**

ٿلهہ: اسين حُسن تُنهنجي جَا نَقاش-اَسان ڪان حِجاب نہ ڪَر،

جِيئن جَلوه نما تون ٿِيندين -تِيئن نَقش ٿي دِل تي وِيندين،
آهيون رَشڪِ بُت تَراش-اَسان ڪان حِجاب نہ ڪَر.

1 - **رُخ تان نقاب ڪي ٿورو مَتي ڪَڻ-نَظرون مِلائي ڪَر ڪو مُرڪڻ،**
پَلي اَهڙي نَاز و اَدا ٿِئي-پَلي شُورش بِرهہ بَپا ٿِئي،
اَٿئون طَلب اِهائي تَلاش-اَسان ڪان حِجاب نہ ڪَر.

2 - **اَسين نہ ڪيميا گر اَسين نہ هِيراگر-اَسين نہ سيم وسون سَوداگر،**
اَسين حُسن پَرست دِيوانہ -اَسين نيڻ ڏَاريون عَاشقانہ ،
وَتون پِرت ۾ ٿيو پَاش پَاش-اَسان ڪان حِجاب نہ ڪَر.

3 - **زُلف ڏِناسون اَبرو ڏناسون -نيڻ تو وَارا نَئين رُوءِ ڏِناسون،**
رُخسار گُلابي گُلابي-لَب لاَل لُعابي لُعابي،
تُنهن جي ذَقن ڪَيو پُر بَاش-اَسان ڪان حِجاب نہ ڪَر.

4 - **پيرين هَٿين تون موتي دَاڻو-تَڏهن تہ نَهي تو تُنهنجو ماڻو،**
تو سان حُسن جو لَشڪر شَاهي-تو سان حُسن جي آ هَمراهي،

تو تي مَست اَسين بي تَحاش-اَسان ڪان حِجاب نہ ڪَر.

5 - **تُنهنجي شَباحت حُسن و مَلاحت-روز "اَعجاز" جي رُوح جي رَاحت ،**
تو ڪي سَپِئي ٿا سينگار سُونهن-تو ڪي مُنهن تي مُنگهٽ مَلهار سُونهَن،
ڪيڏو سُهڻو آهين تون ڪَاش-اَسان ڪان حِجاب نہ ڪَر.

ٿلهہ: ڏَر ڏَر نہ پاءِ جَھاتيون، ظاهر ٿي نہ پَوان،
جَلون ڪان تُنهنجي هَر هَر، حَاضر نہ ٿي پَوان.

1 - رَمزون اَدائون تُنهنجون، ڏِسي ڪَافرانيون،
ڪَعبي ڪان مُنهن مَتي ڪِٿ، ڪَافر نہ ٿي پَوان.

2 - صُورت سِينگاري سَاري، سَراپا نہ بيهُہ کُلي،
مَتان دِل مُنهنجي کُلي پَوي، شَاعر نہ ٿي پَوان.

3 - جَنهن ڪَنهن جَهروڪ جَاري، دَري دَر مان ڏِسجين پيو،
صُوفي جي خِيال وَانگي، مُتاثر نہ ٿي پوان.

4 - لَوڪئون لِڪاءِ پاڻ کي، مُونکي بہ ڏي لِڪڻ،
نَاتي تنهن جي سَان جَڳ ۾، نِشانبر نہ ٿي پَوان.

5 - تو سان اَچي اَلاجي، اکيون ڪِيئن اَڙيون هِتي،
دِلبر وِساري ديس، مُسافر نہ ٿي پَوان.

6 - ڪَر ڪِين ايڏو مَائل، مُونکي تُون پَاڻ ڏي،
دَر دَر تنهن جي ڏِسڻ لاءِ، گداگر نہ ٿي پَوان.

7 - سُهڻا سَڄڻ تُون مُون ۾، سَڄو جي سَمائبين،
ڪَنهن دِيدوَر عُشاق جو، دِلبر نہ ٿي پَوان.

8 - هَر هَنڌ پَنهنجي حُضور جو، شاهد مُونکي نہ ڪَر،
وَاعظ جي حَد حِساب جو، مُنڪر نہ ٿي پَوان.

9 - جِيئن جِيئن مون ڏي نِهارين ٿو، تِيئن تِيئن ٿيان ٿو مَست،
مَستي ۾ تُنهنجي مَئي سَندو، سَاغر نہ ٿي پوان.

10 - هَر بَات ثَات جَهات ۾، "اَعجاز" چَئي ملي،
تُون مُنهنجو آئون تُنهنجو، سَڄڻ سِر نہ ٿي پَوان.

اَلمجاز

ٿلهه: اَڄ تہ ڀَاڪر ڀَايون- دِل جو سِڪايو،سِڪ جو لِڪايون.

1 - **مَوج مِلڻ جي مُحب مِٺا من- مِل تہ مِلي هِت ملهايون،**
رُوح جو رُلايون، تَن جو جَلايون.

2 - **جو سيني ريءِ ڪين رَچي سو-سيني لَڳي رَنگ رَچايون،**
ڀَهہ جو پَچايون، ٻُل جو بَچايون.

3 - **ڳُل ڳِراٽيون ڀَائي ڏاڍيون- ڀَلپل ڀِيار وَڌايون، هُجن جو جُدايون،**
ڪَجن جو گدايون.

4 - **جَذب ٿي هِڪ ٻئي جي جيءِ ۾- هڪڙي جَان سَڏايون،**
گر جو گڏايون، ڀَر جو ڀَڏايون.

5 - **ٻَک ڀِيٽا ۽ ڀَاڪر ڀَريون- ڏَڄ مِنين جا ڏَڄايون،**
لَئون جو لَڄايون، هِنيون جو هَڄايون.

6 - **ڳَالهہ "اَعجاز" چَئي حَال جي ڳَايون- مَاضي قِبل مِٽايون،**

مُنهن چو مَٽايون، حُب چو هَٽايون.

تلهه: تُنهنجي رَمز عَجب مَت وَاري آ،

نَت نئين سِج نئين سَانياري آ.

1 - **تُنهنجي رَمز رَکي سپ مَعنيٰ تي،**
جن مَعنيٰ ڪڍي ويا سي دِيوانه تي،
رَهيا عَام نَظر ۾ بيگانه تي، نه ته سُڌ اُنهن سَڀ سَاري آ.

2 - **تُنهن جي مَخفي اِشارن کي مَخفي رَکڻ،**
سِڪ صَبر جي سَراپا اَلفي ڍَڪڻ،
حَق سَچ نه چوڻ حَق تَلفي ڪرڻ، اها پَاڻ سَان پَاڻ غَداري آ.

3 - **بي عَيب کي عَيب وَارو ڪَيُئي،**
تَنهن کان پوءِ تنهن رَاز دارو ڪَيئي،
سَچو فَعل خِضر جو سَارو ڪَيئي، سُرڪي آبِ حَيوان پوءِ تو پياري آ.

4 - **تُنهنجي رَمزن غَمزن کي سَمجهي سو،**
جَنهن پيچ پاتو هُجي توسان پَکو،
سو ٿيو پاڻ مَدينو پَاڻ مَکو، اُهو پَنهنجو پَاڻ پُوجاري آ.

5 - جُدا گانہ "اَعجاز" سان نَاز تُنهنجا،
جُدا گانہ رَاز نِياز تُنهنجا،
مَحبوب مِنا اَغماز تُنهنجا، دِل عَاشق لاءِ دِلداري آ.

ٿلهه :ٻانُهون ٿِيئين اي دِلبر- هَر هَر ٻِنا ڇَئي،

جيڪر مُون سان ڪِلين مِلين- هِيڪر ٻِنا ڇَئي.

1 - **چَورائين پِيار ۾ تو - تُون پَاڻهي نَتو مِلين،**
مِل مَهه لَقا مِنا تُون تہ-اَڪثر ٻِنا ڇَئي.

2 - **مَرغوب مُونکي تو ڪَيو- مَاڻا ڪَري ڪَري،**
تُنهنجو تَڏهن ٿِيس تہ -او دِلبر ٻِنا ڇَئي.

3 - **يَاريء ۾ دوستيء ۾-مَحبت ۾ هِيئن نہ ڪَر،**
ڪَنهن جو چيو ڪرين تہ چيو ڪَر ٻِنا ڇَئي.

4 - **جي بِرهه اَٿئون پيڙو-تہ پوءِ ڪَنهن جو پَئو ۽ ڪَئو،**
پَرڻا پَون تہ پَرجن-پَاڪر ٻِنا ڇَئي.

5 - **عَاشق اَول اَول تُون-مُناسب تَڏهن ٿِيم،**
تَوسان ئي پيچ پَايان-پَايان پَر ٻِنا ڇَئي.

6 - چورين نَڪي تُون چيڙين-تہ بہ زُلف تُنهنجا ڏِسُ،
وَاسينگ جِيئن وِجهن-چڙيو وَر وَر بِنا چَئي.

7 - آ مُنهنجو چڙهيل شَوق-اَجان تُنهن جي مِلڻ تي،
مِلندين تہ مِلندو سَئين-گهوري گهر دَر بِنا چَئي.

8 - دِل ڪي اَچي تون آ وٽيون-اَهڙو جو ڇَا چَوان،
پِيو موهہ موهہ موهہ-تَا مَحشر بِنا چَئي.

9 - جويَن ڪي حُسن جوت ڪي-مَوسم بَهار ڪي،
آبي حِجاب ٿيٺو تہ-آخر بِنا چَئي.

10 - پِيو ڪِل سَدا ۽ ڳڻ سَدا-"اَعجاز" ڏي اَکيون،
جيتر هُجي حَيات تہ-تيتر بِنا چَئي.

ٿلهہ: مُنهنجي مَارڻ خَاطر پَاتيون-سَجڻ جَهاتيون چوري چوري،
ڪَيائين ڪَار ڪَاسائِڪي -ڪٽي ڪَاتيون چوري چوري.

1 - **بَنائي بيخبر مُونکي-ڍَکي نِٽُ بُوالعجب بُرقعو،**
بِرهه بَاهيون لڪي لالڻ-اَچي لاتيون چوري چوري.

2 - **ڪَٽاريون پَر پِرن وَاريون-سَجڻ ڏاريون ڏاڙي خَاطر،**
ڇُرن ڪان سي وَهن چوهيون ڇِنن ڇَاتيون چوري چوري.

3 - **ڪِتي آهي ڏسيو مُونکي-مُنهنجي دِل جو ٺَهري قَاتل،**
ڳولهيم تَنهن کي سَارا ڏينهڙا- سَاريون راتيون چوري چوري.

4 - **پَسائي پاڻ پَهرين پوءِ- ڪَيَئين پَرهيز ءِ پَاسو،**
ڪَري"اَعجاز" مَن وَاريون-مُلاقاتيون چوري چوري.

ٿلهہ: ٿُنهنجي جوڀَن جادو لاَيو-لَڳي حَيرت حَيرت.

1 - **ٿُون يَار سَراپا سُهڻو آهين - آهن ڳَل ڳَچيءِ جو ڳهڻو،**
اَصل عوشاقن ڪُهڻو-سُهڻي صُورت صُورت.

2 - **ٿُنهنجا زُلف زوراوَر زَنگي -آهن اَبرو ڪَات فِرنگي،**
ٿُنهنجا نين نِهايت نَنگي -وَاهه خَصلت خَصلت خَصلت.

3 - **لَب ڪَوثر مَرجان اَحمر - ڏَند هِيرا موتي گوهر،**
ڪِلي گهايُئي تِن سان دلبر -وَڌي مَحبت مَحبت مَحبت.

4 - **" اَعجاز علي " سان يَاڪي-ٿي مَخفي مُحب مُلاقي،**
سَردار سُونهارا سَاقي -وَندِ صُحبت صُحبت صُحبت.

ٿلهہ: پِيار وَارا پِيار تُنهنجا وِيا وَٽي-باوَصل وَهنوار تُنهنجا وِيا وَٽي.

1 - **پيچَ تو وَانگي نہ پَاتا ڪَنهن وَري-پيچ پُختا يَار تُنهنجا وِيا وَٽي.**

2 - **جي اَچيو بَانهُن جو پَائين سي ڪَمند-دِل گُهريا دِلدار تُنهنجا وِيا وَٽي.**

3 - **وَنگ وِجهين تو وَصل جا وَاريون ڪِٿان-وَاھ هِي اَختيار تُنهنجا وِيا وَٽي.**

4 - **قُرب ۾ اِنڪار ڪجهہ اِقرار ڪُجهہ-ڪُجهہ تہ ڪي تَڪرار تُنهنجا وِيا وَٽي.**

5 - **بِرهہ تُنهنجي سَاڻ آهيان بَاغ بَاغ-بِرهہ ۾ سَڀ بَار تُنهنجا وِيا وَٽي.**

6 - **حُسن ۾ تو پَارين ڪو مُشڪل هُجي-وَصف سَڀ وِينجهار تُنهنجا وِيا وَٽي.**

7 - **ڪُنڍِڙا ڪُنڍِڙا ۽ سُگِندڙا مُشڪ بَار-ڪَارا ڪَارا وَار تُنهنجا وِيا وَٽي.**

8 - **مُند شَبابي مَند گُلابي تو سان گَڏ- تَو سان گَڏ هُبڪار تُنهنجا وِيا وَٽي.**

9 - سُهڻا جن سان تِين تو ويتر سُهڻو تُون-سي صَنم سِينگار تُنهنجا وِيا وَٽي.

10 - رُخ ۽ رُخسارن مَٿان عرقِ بهار- حُسن ۾ مَعيار تُنهنجا وِيا وَٽي.

11 - سَنهڙا سَنهڙا نَرم نَازڪ ۽ لَذيذ-سُرخ لَب سَرڪار تُنهنجا وِيا وَٽي.

12 - اي خِرام نَاز دِلبر دِلربا-پُرسڪون پَلتار تُنهنجا وِيا وَٽي.

13 - اَلڙپاني عِشق ۽ اَنداز سان-اَلڙپانا آر تُنهنجا وِيا وَٽي.

14 - رَمز ڏَاڍي تا رَڪن "اَعجاز" چَئي-گُفتا گوهر بَار تُنهنجا وِيا وَٽي.

ٿلهه: رُخ تہ سَجڻ جو رَنگين-رُوح پَتنگ پَروان مُنهنجو.

1 - **سُونهن صُورت جو سَلامي آهيان، ڏَرم نہ ڄاڻان دِين دِيد طرف آ ڏِيان مُنهنجو.**

2 - **غَمزي حُسن جي مَست بَنايم، موهِيو مَاهه جَبين، سِرُ تہ ڪَيئن نيشان مُنهنجو.**

3 - **ڪَجل سُرمان ڪَوڏئون پَايو، ڪوني ڪَنڌ جي ڪَپين، تَن آڪين ۾ آستان مُنهنجو.**

4 - **سَير پَسند سَيلاني بَنجي، وَاريم عِشق اَمين،"اعجاز" اِهو اِيمان مُنهنجو.**

ٿلهه: دِلبر دِلبر، پِيارو پِيارو، يَار مُنهنجو دِل وَارو تون،
سُهڻو سَاٿي سَهارو تُون.

1 - حُسن جو پَرور، عِشق جو پَيڪر، سُخن وَفا جو سَائين،
نِينهن نَئين سِج مُون سان نَئون تو نَازڪ لاَئين نِپائين،
مُرڪڻي مُک سان، وَصل جي وِک سان، هَلڻ ڏِيڪارين هَزارو تُون.

2 - عَجب اَدائون تُنهنجون سُهڻا، عَجب اِشارا عِشوا،
جوين وَاري جَادوءَ سان وَري، جِيءَ بَند تُنهنجا جَلوا،
ويس رَنگينا، گُل نَگينا، پَايو لَڳين تو پِيارو تُون.

3 - مَست نِگاهون تُنهنجون مُونکي ٿيون-مَست و مَست بَناين،
حَال حَقيقت وَاري مُلڪ تي، رَمزن سَاڻ رَسائن،
پَاڻ پَسان تو، تَوکي ڏِسان تو، مُون ۾ سَمايل سَارو تُون.

4 - حُسن وَارا تہ هَزار هتي پر، تُنهنجو اَنداز نِرالو،
مَعنيٰ مَام رَکي تو مِنٿا، تُنهنجو هَر هڪ چَالو،
"اَعجاز" جي اَنگ ۾، رُوپ ۽ رَنگ ۾، جَڳ کان آهين نِيارو تُون.

ٽلهہ:ڪيم دِلدار دِلبر جا- عَجب دِيدار دَم دَم،
رُخ اَنوار جا جَلوا-ڏِنم جَهلڪار جَهم جَهم.

1 - **سَنواريل وَار سهٽل جا،عَجائب رُوپ رَنگ ڍَنگ سَان،**
وِجهن هَر وار وَر وَرسي،تہ خوشبوءِ دَار خَم خَم.

2 - **جنبش سَان اَبرو جَانب جا،رگيو ميدان ڪَن ڳاڙها،**
اُتي تي ڏار ڏڙ سر ڪان،رِندي رَفتار رَم رَم رَم.

3 - **نِهارڻ سَاڻ نَازڪ جي، چڙهيا نيڻن نَشا نِينهن جا،**
جَا لارا جَام پِياريئون پُر،تہ جَهڳ مَڳدار جَم جَم جَم.

4 - **سَجڻ جي حُسن صُورت جو،نِظارو اَڪبري حج آ،**
ڏِنم مَننار مَن مُهٽو پيتم چَڻ يَار زَم زَم زَم.

5 - **سَندي مَحبوب جا ثَابت،ڳَايان ڳُڻ سَاز گُر سُر سان،**
مِلائي تَار تَن مَن جي،ڪَريان چِمڪار چِم چِم چِم.

6 - هَميشہ هيڪڙائيءَ سَان،نَظر "اَعجاز" ڪَر هَر جَاءِ،

پرين اِظهار آ جِت ڪِٿ،نَميو هَر وَار نَم نَم نَم.

ٿلهه: آهيان آئون تہ هَر هَر-مَوهيو دَم مِجازي،

لِڪان چو چُپان چو-ڳَندو ڇَا مُون ڦَاضي.

1 - **سَچن سَالڪن آ-ڪَئي اَهڙي دَعويٰ،**
عُشاقن جي آهي-اِها عَين شَيوا،
مِجازي سَواءِ آ-ڪَنن حَقيقي بَازي.

2 - **پَسڻ سُونهن خَاطر-پَسان سُونهن وَارا،**
اَصل ڪان سي آهن -وِندر وِرونهن وَارا،
ڏِسو جانچي جيڏيون-قَبل حَال مَاضي.

3 - **مَتان مُنهنجو پَانيو-هي فَاحِش فَسانو،**
ڏِسڻ سَان ڏِسي مُون-ڏِنو ڏَس رِندانو،
حُسن سَاقي سَمجهو-مُلڪ سَارو پَازي.

4 - **اَدب عِجز "اَعجاز" -ڪَري سَاڻ هَر دم،**
پريمي پَٽ پِرينءَ سَان-پَائي پيچ پِيتم،
وَراڪي وَصل ۾-ڪَيم رُوح رَاضي.

ٿلهہ : ڏاڍا ڪَرين ٿو دِلبر، مَاٺا جَڏهن ڪَڏهن،
چو ٿو ڪَرين ٿُون مَاٺا،نہ ڄَاٺان جَڏهن ڪَڏهن.

1 - **جِيئن ٿو ڪرين تون ماٺا، جي آئون بہ تِيئن ڪَريان،**
مِنٿون ڪَرين پوءِ شَايد، پَاٺان جَڏهن ڪَڏهن.

2 - **تُنهن جي مِلڻ جا پُور، نئين سِج مُون وٽ نَوان،**
پَر تُنهنجي پِيار رِيءِ سي، ويڳاٺا جَڏهن ڪَڏهن.

3 - **تُنهنجي ڪَري ئي مُنهنجا، هَزارين رَقيب ٿيا،**
اُپڙي نَٽا سَگهن پر، گاٺا جَڏهن ڪَڏهن.

4 - **دُشوار توڙي آهن، پِيارا ٿا تہ بہ لڳن،**
مَاٺا ءِ عِشق جا هِي، اُلاٺا جَڏهن ڪَڏهن.

5 - **ڪيڏا ڏِنا تو ڏُک، تہ بہ توڏي ڪِليو ڪٺان،**
هي نيڻ آلا آلا، نِماٺا جَڏهن ڪَڏهن.

6 - ٿوري ٻہ مُنهن گُھنجائڻ ، ٽُنهنجي سان دِلربا،
روئي پُسايا مُون تہ، وِھاڻا جَڏھن ڪَڏھن.

7 - دِل جي چَمن ۾ تنهن جي اُميدن جا گُل ٽِڙي،
بي ياس بَنجي بَنجي، ڪُوماڻا جَڏھن ڪَڏھن.

8 - موسمُ بَهار جا ٻہ اَبر آسمانَ ٽَان،
تولاءِ ٿي مَاندا مَاندا، اُڪاڻا جَڏھن ڪَڏھن.

9 - هِن منهن جي حال دل ڪي، سَدائين ٻُڌيو سُڻيو،
ٽاريو ڇڏين اي سُهڻا، سِياڻا جَڏھن ڪَڏھن.

10 - مِلندو بہ آهين اَڪثر، اَعجاز سان مِٺا پَر،
مِلندي ڪِلندي ٿو رُسين، پَاڻا جَڏھن ڪَڏھن.

ٿلهه: دوست پِرين دِلدار يَار، مَاٽا ڪَري ڪِين مَار مُين ڪي.

1 - **مَن تہ اِڳيئي آهي موهيو ٿُنهن جي، صُورت سُونهن سِينگار يَار.**

2 - **مامُ مِلڻ جي مُرڪي مِلائج، جَانب جِيءَ جِيار يَار.**

3 - **قُرب ڪَمائڻ ڏي تُون ڪُنل ڪي، قُرب ڪَري قُربدار يَار.**

4 - **سراڏيءَ تي اصلئون آهي، پيالو وصل جو وَار يَار.**

5 - **اَندر "اَعجاز" جو ناري نارج، جلوا ڪري جِنسار يَار.**

تلھ: لَڳين تو پيار جي قابل، پَلي مَحبوب مَاٺا ڪَر،

موھي آ تو ڪَيو مَائل، پَلي مَحبوب مَاٺا ڪَر.

1 - **سِتمگر تي بِلاشڪ ٿِيو، اکين تي سَپ سِتم تُنھنجا،**
ڪَانھي ڪَا ڳالھ ھي مُشڪل، پَلي مَحبوب مَاٺا ڪَر.

2 - **لَڳائي جَان جي بَازي، سَھائي سِر بہ اي سُھٹا،**
ھَميشہ لاءِ ڪَبُئي حَاصل، پَلي مَحبوب مَاٺا ڪَر.

3 - **اَڙي ھَا پَاند ڪَپڙي جو، ڇِني ڦاڙي ڇِڏايان ھا،**
مَگر تو سان اَڙي آ دِل، پَلي مَحبوب مَاٺا ڪَر.

4 - **سَيئي نِياريون اَٿئي رَمزون، سَيئي تو نَاز تون ڄاڻين،**
سَراپا آھين بَس قَاتل، پَلي مَحبوب مَاٺا ڪَر.

5 - **تُنھنجو آھيان تُنھنجو آھيان، نہ بي ڪَنھن جو ڪَڏھن آھيان،**
گھڙيءَ پَل ۾ آئون گھائل، پَلي مَحبوب مَاٺا ڪَر.

6 - چَوي "اَعجاز" هِت آهن، هَزارين پيا بہ سُهڻا پَر،
هَٿان تُنهنجي ٿِيس بِسمل، پَلي مَحبوب مَاڻا ڪَر.

ٿلهہ: نِماڻن سَان مِنا مَحبوب مَاٽا ڪِيم ڪَر،

گُھنڊ ۾ گُھورون وِجهي، مَجبور سِياٽا ڪيِم ڪَر.

1 - **اي سُونهن جا سَردار تو، لَڪين آهن سَزا وار ڪَيا،**
مِصر وارو مِثال ڏِس، بن مُلهہ وِڪاٽا ڪِيم ڪَر.

2 - **ڪَنهن نہ ڪَنهن وجهہ سان پِرين، قُرب وَارا پيو ڪُهين،**
گهر ڇَڏائي تَن سَندا، ٿر بَر وَتاٽا ڪِيم ڪَر.

3 - **رَمز تُنهن جي روز نَئين،"اَعجاز" توکي ڇا چَوي،**
رَندن پُنيان رِڻ رُلائي، سَنڌ سَاٽا ڪِيم ڪَر.

ٿلهہ: هِيئن نہ ڪَر مَحبوب تُون هيڏا حِجابڙا-نِيهن نَتو مُنهنجو سَهي نِيٽين نِقابڙا.

1 - **دِل ٿي چَوي دِلدار تُنهنجو رُخ وَري پَسان -نَامِ مَوليٰ نِروار ٿي هِي مَج مُحابڙا.**

2 - **گَڏ گُلابي نيڻ بَئي، گُهونگهٽ گُهندِ ڪَٽي-ڪَهڙا ڪَرين تو مُنهن ڏِڪي آڙنگ عَتابڙا.**

3 - **هِي جيرا جِگر جَاني جِند جَان تُنهن جي آ- مَاسُ هَڏ ڪوري ڪَپي ڪَرِقيمان ڪَبابڙا.**

4 - **"اَعجاز" چِئي آئون آهيان گهايل تہ تو سَندو - مِل تہ مِڙئي غَم لَهن مِنڙا مَهتابڙا.**

ٽلهه: ٻهانہ نہ ڳول، ٻهانہ نہ ڳولُ،

اَٿئي مُون سان، مِلڻ جو قَول.

1 - **وَچَنُ وسارڻ آ وَڙ نہ وَڙيتن، سَمن تي سَهڙڻ،ڪَم آ سُچيتن،**
ڪَر پُورو ٻَڌل پَنهنجو ٻول.

2 - **اِنهن ئي ٻهانن چَريو ٻَنايو، اَڄ نہ سُياڻ جي عَرصن مُنجهايو،**
وَڌي هِينئڙي ۾ ويو تُنهنجو حَول.

3 - **ايڏو ڀَلا چو دور رَهين ٿو، مُنهڙو ڏيکاري مَستُور رَهين ٿو،**
ويجهو ويهي وَري گُهونگهٽ گول.

4 - **پيچُ "اَعجاز" سَان پَائٽو پُوندُءِ، نيٺ تہ نَاتو نِيائٽو پُوندءِ،**
ڇَڏ ٽُون ڀُلجَڻ وَارو ڀَول.

تلھ: اِنڪار وَاري ڇَڏ نَاز و اَدا، ڪَرِ هَا تُون ڪٿي، مُون ڏي آ تُون ڪٿي،
هَٽي نَعرو نِسنگ اَڄ نِرسري صَفا، ڪَرِ هَا تُون ڪٿي، مُون ڏي آ تُون ڪٿي.

1 - هِڪ پيرو مُونسان مِل مَاٽا ڇَڏي، دِل سَاڻ دِلارا دِل تون گڏي،
ونون ميل مَيلاپ جا ڪي تہ مَزا، ڪَرِ هَا تُون ڪٿي، مُون ڏي آ تُون ڪٿي.

2 - هِن دِل جي بيتابي حَد کان وَڌي، وَڃي بيحد ۾ پِرين پَهتي آ،
هم خِيال مُون سان ٿي هَاڻ يَلا، ڪَرِ هَا تُون ڪٿي، مُون ڏي آ تُون ڪٿي.

3 - جي جذبئہ عِشق اَٿئي جِيئرو، دُوريء جو پوء جَواز ڪهڙو،
رَهين دُور ڇو تو تُون ايڏو مِنا، ڪَرِ هَا تُون ڪٿي، مُون ڏي آ تُون ڪٿي.

4 - مَان بيک وَفا جي ڪَنهن کان پِنان، هي لَوڪ سَارو آ وَفا کان سُڃو،
تُون ئي تہ آهين يَندارِ وَفا، ڪَرِ هَا تُون ڪٿي، مُون ڏي آ تُون ڪٿي.

5 - مُنهن جي عِشق مُحبت کي تُون مِنا، مَحبوب نہ سَمجھہ مَذاق ڪَري،
آ بِرھ مُنهنجو مِيثاقان بپا، ڪَرِ هَا تُون ڪٿي، مُون ڏي آ تُون ڪٿي.

6 - ڌَر مَحبوباڻا پيار تُنهنجا، ڌَر مَعصوماڻا آر تُنهنجا،
"اَعجاز" ڪي ڪَن ٿا مَست سَدا، ڪَرِ هَا تُون ڳَٽي، مُون ڏي آ تُون ڳَٽي.

تلهہ: ڪيترو اَي دِلربا شَرمائيندين-ڪِيستائين چَئُہ اَجان تَڙپائيندين.

1 - **چُپ چُپان ۾ چَاهتن ڪي پِيو چِپين-ڪِيئن ڪِتي مُون سان يَلا ڳالهائيندين.**

2 - **ڪِيئن سَهين پيو هي جُدايون هيتريون-مُون يانيو تہ مِلندين يَاڪر پَائيندين.**

3 - **ڪُهندين مَاريندين مُونکي پيو چَا ڪَندين-ڪُهڻ لاءِ مُنهن جي ڪَجل جو پَائيندين.**

4 - **اَج ڏِسان تو تُون بہ آهين بيقرار-بيقراريءَ کي گهٽو تَرسائيندين.**

5 - **سيڪڙو تُنهنجا سَوين پِيا هِت ڦِرن-ڪَنهن کي ڪَنهن کي پيو گهورن سَان گهائيندين.**

6 - **بَعضي چاهيان ويڙهجي وَل جيئن وَجئين-پَر اَلائي يَار چَا چَا پَائيندين.**

7 - **مُون وَٽان جَنهن دَم مَٽين پر مُنهن مَٽيو-ايئن تہ بَاهيون بِرهہ جون پڙڪائيندين.**

8 - **ڇَا لڳي سِڪ ڇَا لڳي لِڪ ۽ لَڄڻ-جي اَٽئي پوءِ تہ پَڪ ڳَل لائيندين.**

9 - **ڪَر مِلڻ جو وَاعدو "اَعجاز" سَان- مَن گُهريا ڪَڏهن مِلڻ فَرمائيندين.**

ٿلهہ: بي اَنت ناز مُنهنجي، دِلدَار يَار کي آ،

سَڀ کان حُسن ڪَثر ۾، سِينگار يَار کي آ.

1 - **شَوخي ۾ شور ڏاري، گَڏ جو نِتو گُذاري،**

ڏورئون پيو ڏيل ڏاري، جيئري پيو جان ڳاري،

مُشتاق هيئن نہ ماري، پوڪار يَار کي آ.

2 - **صُورت سَندس سُبحاني، پُر نُور سَا پَيشاني،**

جوين پَسي جُواني، دِلڙي تي پَئي دِيواني،

اَک ۾ ڪَجل جي ڪَاني، هَر وَار يَار کي آ.

3 - **رُخ رَنگ آ عُنابي، گهريون اَکيون گُلابي،**

لَب لاَل لاَجوابي ، صُورت آ نِيم خُوابي،

پوشاڪ ڪِيم خُوابي پَڳدار يَا کي آ.

4 - **لَنوڙي جَهين سان لاَتم، لاَغرض ٿيو سو لاَغم،**

مُون لاءِ آهي مَاتم، سَارو ڪِلي ٿو عَالم،

"اَعجاز" جي نہ ڪَنهن دَم، ڪَاسَار يَار کي آ.

ٿلهہ: موقعا مِلن تا پيار جا، پيارا ڪَڏهن ڪَڏهن،

ميلا مِلڻ ٻہ تا ٿِين، نِيارا ڪَڏهن ڪَڏهن.

1 - وِسرن نَٿا ڪي مُور، وِسارڻ سَان وَس وَڃي،

اَهڙا نَظر اَچن تا، نِظارا ڪَڏهن ڪَڏهن.

2 - ٿِيندءِ خَتم خمار، جَواني ۽ سَندا جَڏهن،

پَلپل پوءِ پَرٽا پَوندءِ، شُوڪارا ڪَڏهن ڪَڏهن.

3 - سَيڪا نہ مُندِ بَهارجي، سَيڪا نہ مُند خِزان،

فِطرت ڏِنا اُنهن کي ٻہ، وَاراڪَڏهن ڪَڏهن.

4 - هِن جَڳ سَڄي کي پَاڻ ڏي، رَاغب ڪَيو وِجهن،

بي سَوزا بي سُرا ۽ بي تَارا ڪَڏهن ڪَڏهن.

5 - آ هُن سان پَنهن جي آخر، لوڏيو چِڏين تا،

عَرش عَظيم جَگر فِگارا ڪَڏهن ڪَڏهن.

6 - دِل ۾ دَٻائي رَکجي نہ دِل وَاري شَوق کي،
پُورا ڪَجن کي دِل جا، تہ آرا ڪَڍهن ڪَڍهن.

7 - سِڪ تُنهن جي سَهندي سَهندي وَحشت چَڙهيو وجي،
اُلٽا وَنيو اَچان ٽُوڏي چَارا ڪَڍهن ڪَڍهن.

8 - اَهڙا تہ موقعا ڇڏ نہ تون، "اَعجاز" چَئي هٿان،
سُبتا پَون تا عِشق جا، ڍَارا ڪَڍهن ڪَڍهن.

ٿلهہ: چو نہ ناز ڪَرين تُون حَسين جو ٿئين، نيهن بہ توسان ڪجي ناز نين جو ٿئين.

1 - نَڪا عَرشين ٽِڪي، نَڪا فَرشين ٽِڪي، مُنهنجِي نَظر وَريو وَريو تو ۾ ٽِڪي،
ڪَري ٿُنهنجو نِظارو تو لاءِ سِڪي، تُون خُوب ڪان خُوب تَرين جو ٿئين.

2 - جي تُون جَلوا ڪَرين جي تُون پَردا ڪَرين، سَڀ طَرح سان تو سِڪ بَرپا ڪَرين،
سِڪ بَرپا ڪَيو ڪَئين دَلبا ڪَرين، ڪِٿي سَهل ڪِٿي تون سَنگين جو ٿئين.

3 - تُنهنجا ڍَنگ نَمونا ڊِول گهڻا، تُنهنجا مَارڳ مَاڳ مَاحول گهڻا،
اِت پُلجو ڪائن پَول گهڻا، رُخ رُوپ ۾ رَنگ بِرَنگين جو ٿئين.

4 - نہ صرافن وَٽ نہ غَواصن وَٽ، نہ تون عَقل وارن جي قَياسن وَٽ،
تون آهين تُنهنجي شَناسن وَٽ، مُلهہ جَنهين جو نہ آ سونگين جو ٿئين.

5 - يَا چاتيءِ منجهہ چُپائي چَڏيان، يَا پَائي اکين ۾ لِڪائي چَڏيان،

يا هوڪا ڏيئي هَر جاءِ هُلائي ڇڏيان، سَرمائي حُسن جو خَزين جو ٿئين.

6 - **ٿُون ٿو ناز ڪَرين دِل ٿي جهومي صَنم، ڪَري ناز ڪَندي نيٺ مُون سان سَنگم،**

"اَعجاز" چَوي هي يَقين اَٿم، دِل ڏِيندين مُونکي دِل نَشين جو ٿئين.

تلھ: گُھونگھٽ لاھُ گُلزارا وي- شوق اَٿم تُنھن جي مُنھڙي ڏِسڻ جو.

1 - مارين ٿو مُسافر مُنھڙو ڍَڪي-اِھڙو ماڻو نہ ڪَر مَننارا وي،
پِياسن ڪان پَنھنجو پاڻ لِڪائڻ -وَاجب نَاھي پِيارا وي،
ڪَڏھن تہ موقعو ڏي ٿُون پَسڻ جو.

2 - نيڻَ سَباجَھا مُون ڏي ڪَٽي سَج-ھيڪر ھوت ھزارا وي،
ھي سِر سَارو سَاھ صَدق ٿيو-تو تان سَجڻ سَردارا وي،
ڏي نہ ڏَنجھو ھَاڻي ڏُور وَسڻ جو.

3 - نُوري نِگاھُن نَاز نَزاڪت-سُھڻي صُورت وَارا وي،
ڦَھري قاتل ڪيفي ڪارا-ڪٽي آءٌ اَبرو ڪٽارا وي،
تنھن جي ھٿان اٿم ڪاڍو ڪُسڻ جو.

4 - ديدار سواءِ آئون ھرگز تنھن جي -در تان اُٿان نہ ڏُلارا وي،
"اَعجاز" چوي اچي يَار عَجيبا-دَرشن ڪَراءِ دُبارا وي،
ھِتان ھي چَريو نہ تہ نَاھي چِسڻ جو.

ٿلهہ: آئون تہ ايندس پيو پيارا-تون اچڻ ڏين يا نہ ڏين،

در جهلي بيهندس مان تنهنجو-تون بيهڻ ڏين يا نہ ڏين.

1 - **جي تڙين لوڌين ڌڪارين-دَر چڙائين تہ بہ مٺا،**

ڏور ڪان ڏسندس پيو-تون ڏسڻ ڏين يا نہ ڏين.

2 - **هڪ دفعو ديدار مونکي-دلربا مُرڪي ڪراءِ،**

ديس پنهنجي ۾ مٺا پوءِ-تون رَهڻ ڏين يا نہ ڏين.

3 - **توسان ياقي يار بنجي-چير يڪتارو ڪٽي،**

ناچو ٿي نچندس اڳيان تو-تون نَچڻ ڏين يا نہ ڏين.

4 - **سڻ صدا هيءِ آخري-"اَعجاز" جي سهڻا سَجڻ،**

رخ چمڻ چاهيان ٿو تنهنجو-تُون چُمڻ ڏين يا نہ ڏين.

ٿلهہ: ٽُنهن جي گُهور تان گهوري وَڃان، گهائل ڪَري ڇَڏيُئي،

گهائل ڪَري ڪَري وري، مَائل ڪَري ڇَڏيُئي.

1 - **اَبرن جي تيغ کي تہ ڏاڍو آب تاب ڏيئي،**

شَايد شهيدِ شَوق ۾ شامل ڪَري ڇَڏيئي.

2 - **وَاسينگ جِيئن وَارن جا، پِرين پيچ وَر وِجهي،**

ڪَج ڪَاڪُلن جي قيد جو قَائل ڪَري ڇَڏيُئي.

3 - **پَلپَل ۾ پَائي پَائي ڪَجل واريون ڪَانيون،**

اکڙين کي عَاشقن جي لاءِ قَاتل ڪَري ڇَڏيُئي.

4 - **مزگَن جا تير مُنهن جي ڪَيَئي سِيني سِر سَنوان،**

قربان ٿِيان وَري وَري خُوش دِل ڪَري ڇَڏيُئي.

5 - **قَدسَرو ڪان رَوان ۾ صُورت سَانولي رکي،**

ديوانگيءَ جي دَائري دَاخل ڪَري ڇَڏيُئي.

6 - **ڪَعبو ڄاڻان تو توکي ڪَعبو نہ ڄاڻان ٻيو،**
دنيا جي نمڻ نياز کان غَافل ڪَري ڇڏيُئي.

7 - **هڪ مَن ۾ گهاٽو گهُور جو ٻيو آڙاهہ عِشقَ جو،**
اَعجاز کي تہ قُرب جي قَابل ڪَري ڇڏيُئي.

تلهہ: **گُهور مَٿان سِر گهور ڪَيوسين-گُهور مَٿان سِر گهوي ڪَيوسين.**

1 - **ذَاتي ذَوق ذَورا وَر وَاري-زَور مَٿان سِر زَور ڪَيوسين.**

2 - **شَوريل شَوران شَور آهيون-شَور مَٿان سِر شَور ڪَيوسين.**

3 - **اوري اورون اَور عَجائب-اَور مٿان سِر اَور ڪَيوسين.**

4 - **"اَعجاز" عليءَ جي حُڪم سان-هور مٿان سر هَور ڪَيوسين.**

ٿلهہ: چو ڀَلا اَڄ وَري اِهو گهنڊُ- اِهو گهنڊُ ۽ نَاز گهمنڊُ،

ڪِلي مِل تہ ٿِيون ڪيرُ ڪَنڊ-مُنهن جي سِڪ جو نہ تَانگهہ سَمنڊ.

1 - **ڪِل تہ مَن ٿَان مُونجھہ لهي پَئي - پِيار جو پِيارا گيت ٿهي پَئي.**

2 - **حُسن جوڀن جي پُور ۾ پيارا، سِتم آرائي جا سَوچ نہ چَارا.**

3 - **تِير اکين جا سَچي سِڌا ڪَر، ٿَاهي نِيشانو اڄ تہ ٺَڪا ڪَر.**

4 - **گهنڊ گهمنڊ آ تنهنجو نِرالو، ڪِھڙو رڪان آئون تنهن تي نالو.**

5 - **ڪُجھہ تہ سَبب ڪو سَڄڻ سَمجهايو، اِئين نہ "اَعجاز" کي سُهٽا آزمايو.**

زلف

ٿلھ : پَائي پيچ ڪَيو جِن مُونکي پَسند، تَن زُلفن جو آئون بَند بَند چُمان،
آ خُوشبو اُنھن جي رَشڪِ اِرم، ڇو نہ وَر وَر تن جي تَند تَند چُمان.

1 - چُمي زُلف وَري پَيشاني چُمان، بَئي اَبرو اکيون نَڪ نُوراني چُمان،
خَدو خَال چُمان، خَط جاني چُمان، لَب لَاَل چمان ڏَند ڏند چمان.

2 - ڳِھ جنھن تہ ڳِچِيءَ سان ڪين پَڙن، ڪَرُ تُنھنجو قَبوليو ڪَاريھرن،
آھي سَارو بدن جنھن جو نَاز چَمن، سُرھو سُڳَنڌ سَڄڻ سو سَنڌ سَنڌ چُمان.

3 — قَد ڊِول ڊولڻ جو ڊِلياريءَ ڪان، سُھڻو ھَلڻ ڪَبڪ رفتاريءَ گان،
ھَتين پيرين عَجب ھَر ناريءَ ڪان، تنھن جي رَاھ چُمان رَند رَند چُمان.

4 - پرين مُنھنجو آ منھنجي دِل پَسند، دِلدار " اَعجازا " سو دِلبند،
پاتئين جن تہ بانُھن سَان قرب ڪَمند، اھي بَانھون سَندس بئي جِند جِند چُمان.

تلھہ : **زُلف چَون يا وَاسينگ، ڦٽين سان جيڪي ڦٽيون وَجهن ٿا.**

1 - **ڪَر ڪنيو ڪَنچِير ڪَنبائن، هنيان جگر ۾ هِردا گائن،**
وَرن ڪَاري سان واسينگ، ڏاڍا وَانگوڙا وَٽيون وِجهن ٿا.

2 - **مَچرجي جَلايا مُلڪ مٽيارن، ڦُوڪ برھہ جي سَاڻ ڦٽيارن،**
موهي ڪَيا مَرٽينگَ، سَرواهيون سوڳِهيون سِر ڪٽيون، وِجهن ٿا.

3 - **وِھہ ۾ وَسيهر ڪَان بہ ڪَثر ٿيا، جهَاڙا پَاڙا سَپ بي اَثر ٿيا،**
پَرم پَجايو ڪَن پِينگ، اَهڙيون تہ ڪي اوِتٽيون وِجهن ٿا.

4 - **وَار وَجيو اهي جَنهن کي وَچڙن، جِيلا وَسيلا تنهن کان وِڇڙن،**
شَهپال جَهڙا شَاهينگ، عِشق واريون ڳِل جٽيون وِجهن ٿا.

5 - **زُلف بہ ظُلمي نَين بہ ظلمي، سُهٽل جا اَبرو عَين بہ ظُلمي،**
بِيا تہ سيلا سر سِينگ، گَهَٽ اندر ۾ گَهَاٽيون وِجهن ٿا.

6 - **لَٽ خَمدار لُٽن، خَانقاهيون، تَن جو " اَعجازا " نَذر شَهنشاهِيون،**

ٽِيلا ڇَڏيو ٽِسينگ، پَڌر پَئِي سِر پَٽيون وِجهن ٽا.

ٿلهه : هُو جي زُلف دَراز کُلي پَوندا-پوءِ تہ لِڪل بہ رَاز کُلي پَوندا.

1 - **هُن ڪُنڍڙن زُلفن ڪَارن ۾ - آهي تَاب ڏَاڍو تَابڪارن ۾،**
وِيندو مَحَو ٿي عَاشق وَارن ۾ - پوءِ تہ بِرهه جا بَاز کُلي پَوندا.

2 - **نَازان نَازڪ ٿي ڪَئين نَاز ڪندو- تَنهنجو عَاشق تَنهنکي نِياز ڪَندو،**
جَڳ تنازه ڪَندو اعتراض ڪَندو- پوءِ تہ سُرندا سَاز کُلي پَوندا.

3 - **عَاشَق دَام ۾ عُمر گُذاريندو- مَستو مَست ٿي عِشق اُجاريندو،**
مَحبوب مَاري تنهن ڪي جِياريندو - پوءِ تہ سَوز گُداز کُلي پَوندا.

4 - **اِئين عَاشق جي پَرچار ٿيندي- پَاڙي پَاڙي اِهائي پَچار ٿِيندي،**
سَت سُهڻن جي ۾ سَار ٿيندي- پوءِ تہ سُهڻا " اَعجاز " کُلي پَوندا.

ٽلهه : ڪَر زُلف رُخ تَان پَاسي - هڪڙي گهَڙي خُدارا،

پُورو مِنا پَسڻ ڏي -مُنهڙو پَرين پِيارا.

1 - **چِڏ ناز ڏي نِظارو-صُورت سَندو سَهارو،**
مَاٽن سَان ڪَر نہ مَارو -اَي حُسن هَاڪ وارا.

2 - **هَت ۾ مَشَاطَ ڪَئي تو-سِج بيٺي رَات ڪَئي تو،**
مُنهن جي ذَات نِيات ڪَئي تو-حَيران جيءَ جِيارا.

3 - **هِڪ لَحظو وَاندڪائي -جِيڪر مِلئِي تہ جَائي،**
جَلوَن سَان ڪَر سُهائي -اَولالَهن اَنڌارا.

4 - **اُوناءِ ڪي تہ آهون -دَر ماندي دِل جون دَانهون،**
رَوڪي نہ بيهہ رَاهون-رَاهي رَمن ويچارا.

5 - **وينو وَڄايان وَنجهليون -رُخ وَاريون پَاءِ تَجليون،**
اَڪڙيون ملاءِ ڪَجليون-"اَعجاز" چَئي ڏُبارا.

تلهه : ظَالم زُلف تُنهنجا زَاري يَار زَاري،

ڪَارِيهَر جَان ڪاهيو ڇَهڻَن ٽا ڇَوڏاري.

1 - **وَڏا وَار وَاڏو، سُنبل سِياهه سَاڏو،**
مَجين مَنڊ نہ جَادو مَٽيا مَار مَاري.

2 - **خُشبوءِ دَار ڳُليا، پَسِي پَونر پُليا،**
هَنڌو ماڳ هُليا، ڪا ڪُل ڪارُونياري.

3 - **ڪيبَر نيڻ ڪَڙڪن، دِليون ڪِيئَن نہ ڏَڙڪن،**
بِرهه باهيون ٻَڙڪن، جَلي جان سَاري.

4 - **اَچڻ سان اَڙياسون، ڦَابُو تي ڪَڙِياسون،**
چوٽون کائي چَڙهياسون، چَاڙهي عِشق واري.

5 - **"اَعجازا" اُداسي، ڪَيئي خَبر خاصي،**
ويئي دِلڙي ڦاسي عُمر لاءِ ويچَاري.

ٿلهہ : رُخ مُنور تي جَڏهن سُهڻا زُلف ڇوڙيو ڇَڏين،

هِن مَاندي مُشتاق لاءِ ويتر جَنجل جوڙيو ڇَڏين.

1 - **آئون آزاريل اگِ آهيان، تُنهنجي تِير مُژگانن سَندو،**

وَر ڏيو سِر تي وريو، اَبرُو خَنجر کوڙيو ڇَڏين.

2 - **تُنهنجون اکيون خُون خُونان، تُنهنجا غَمزا فِتني گر،**

زَاهدانا زُهد نِيتون، لِڪَ اندر لوڙهيو ڇَڏين.

3 - **ٿِئي اجان مَس مَس وَجيو، هِيءِ دل رُجُوع ڪعبي طرف،**

مُنهن مبارڪ جي جهَلڪ سان، تنهنکي تون موڙيو ڇَڏين.

4 - **جن جِي توسان آشنائي، سِي ڏٺا مون دَر بَدر،**

ڇَا سبب تن کي سِتمگر، چو ڦٽيو ڦوڙيو ڇَڏين.

5 - **توکي سيبائي آ سُهڻا، خوءِ اَر ڏائي خُودي،**

تُون تَڏهن "اَعجاز" ڇَئي، عِجزِي ٽڳا توڙيو ڇَڏين.

ٿلهہ: هِن زُلف جي ڪَاري ڪَمند، زَاهد ڪَئين زِندان ڪَيا،
زَاهد ڪَئين زِندان ڪَيا، تَن جا عَمل اِيمان نِيا.

1 - **سوداء مُشڪين مُوءِ ڪان، هَر سَن ۾ سَوَ صُنعان ٿِيا،**
مَذهب ڌَرمر چا دِين چا، ٻوڙي ٻَئي تہ جِهان ويا.

2 - **ان قَيد جا قَيدي ڌِنمر، تَن جا آهن اَرڪان ٿِيا،**
پَنهنجيءَ رَضا سان پَاڻ کي، پَايان انهن نِقصان ڇيا.

3 - **زُلف جي آور اچي دانهہ بہ تي دِيوان پيا،**
بيحد ۾ پَئي بيخود اُهي بيسر بَنيا بِي جَان جِيا.

4 - **سُوريءَ مثل گردن گهُتن مَورهئون نہ ڪَن ڪو ڏِيان رِيا،**
"اَعجاز" ڦاٿين هَندَ هَتيڪي، ڪَر نہ پوءِ اَرمان بِيا.

ٿلهه : جَن جَا وار ڪَھُنديون، اَکيون ڪَاريون ڪُنديون، گُل گُلابي جهلڪ رُخسارن جا،

تن جي عِشوه گِري تَن جي چَال چَري، لُٽِيا دِين ڏرم تہ هَزارن جا.

1 - **ڪَن جِيڏهن نَظر، ٽِين پَاٽي پَٽر، جهِجن جِيءَ جگر، پَون سِڪ جا سَنگهر،**
اَٽن اهڙا آٿر، چَالا چَرخ چَڪر، ڦِريو ڦِرڪا وجن ڪلا دارن جا.

2 - **ڪولِيو زُلف چِلا، ڏِيو ڳَارا ڳِلا، هَنيو وَرَ ۽ وَلا لائِن نِينهن نِلا،**
ٽِين پوءِ نہ اَلا، ڪَڏهن يَر جهَلا، اِهي بہ پَار اَٿوَ حُسن وَارن جا.

3 - **ڏِنا جي نہ اَوهان تہ پُڇو مُون ڪان تَوهان، جيئن سَرِوَ رَوان، تِيئن قد اَٽن سَنوان،**
ٿِي قُربان پَوان، سِينا چَئي چا چَوان، جَهڙا ٿمر پَريا وَڻ انارن جَا.

4 - **ڪَرڻ مَاٽا چَاڳ حَسينن مَرڪ، بَچڻ بِرهه بيراڳ حَسينن مَرڪ،**
سُرمان ڪَجل مُساڳ حَسينن مَرڪ، ڏَاڍا چَاٽو سَمجهه سِينگَارن جا.

5 - **ڪِن جون شَرم حَياء ڪان شرميليون اکيون، ڪَن جون نِينهن نشي ڪان نَشيليون اکيون،**
ڪِن جون سَوزَ فِراق ڪان پِيليون اکيون، نِيلا رَنگ ڏِنم تن جي نِظارن جا.

6 - **اِنڪار بہ ڪَن اِقرار بہ ڪَن، تَڪرار بہ ڪَن ۽ پِيار بہ ڪَن،**
وَري آرا "اَعجاز" اِنتظار بہ ڪَن، آهن پَاڻ بہ گهَايل دِيدارن جا.

ٿلهه : ڪوليو زُلفن کي تو جڏهين-تہ نانگن ڪَرَ ڪَڍڻ ڇَڏيا،

ٿَليهر ٿي بِينا تابع-وَاسينگن وَر ڪَڍڻ ڇَڏيا.

1 - **تُنهنجي زُلفن جُون ڪَج ڪَڙيون-زَنجيرن ڪان بہ زَوريون ٿيون،**
خَبر هي تُنهنجي قيدين ڪَئِي-اَسان سَنگهر پُڇڻ ڇَڏيا.

2 - **وَاسياتو وَار ڇَئو ڇاسان-جو وَارن جي وَني خُوشبو،**
چَمن يَونرن گهُمڻ ڇَڏيو-گُلن ڪَنڌ ڪَرَ ڪَڍڻ ڇَڏيا.

3 - **پيولي نانگن جي ٿي پُلجي-اَچي ڪَئين ڪَاپڙي مِڙيا،**
ڇَڙهيا گيسُوئن جي وَرِ جڏهين-جوڳين مَنتر پڙهڻ ڇَڏيا.

4 - **ڇيري ظُلمات وَارن جِي- ظَاهر رخ کي ڪَيُئِي جَنهن دَم،**
حُورن جا حَوصلا گم ٿيا-پَريُن پَوءِ پَرَ ڪَرڻ ڇڏيا.

5 - **گڏيا جن نَاز نينن کي-وَري جو نيڻ تو وَارا،**
سِندي نَيڻن سَندا نشتر -تَني خَنجر هَٽڻ ڇَڏيا.

6 - مِٺي مُنهن تُنهنجي مَان مَنٿرا -ڳُنن پَريا ٻُڌي ڳُفتا۾
ظِوطن ميوا تَڪڙ چَڙيا-هَنجهن گوهَر چُڳڻ چَڙيا.

7 - ٻَڌا جي پيچ ڪَاڪل ۾ -اُنهن "اَعجاز" چئي ٻيهر،
دُنيا عُقبيٰ جا اي دِلبر -دُوارا دَر چمڻ چَڙيا.

ٿلهه: ڪَا ڪُل ڪيس چَلڙا، مُسَلسَل زِيبا وَر،
رَنگي رُخ تي لَٽڪيو مَاندا ڪَن مُسافر.

1 - ٿَلهڙ وَار تَاتيل وانگُوڙن وَرن سَان،
ملائِم مُعنبر تَران تَر تَڙن سان،
سَدائين سي سُرها سِينگاريل سَراسر.

2 - اِهي زُلف اَهڙا ڪوليا تو خَلل لاءِ،
مُشتاقن جي مَارڻ مَجائڻ جَنجل لاءِ،
دُتا دَلبي وارا، دِلين جا سوداگر.

3 - وَاسينگن وَانگي وِهَه پَريا مُنهَن اُنهن جا،
هَٽن ڏنگ جِن کي، ڦِرن رَنگ تِن جا،
آهن نَعُوذ بِاللہ ظَالم زور زَابِر.

4 - خَتن چِين مَا چِين خَاقان وارا،
سَمر قَند مَروَند مَڪران وارا،
اُنهن ڪَاڪُلَن لاءِ سِڪي ٿيا ٿناگر.

5 - گِرھ گِير گيسُن سَندا پيچ پِيڙاۂ
عَقل هَوش وارا سَتُر سِيل وِيَڙاۂ
اَڙيا اِت "اَعجازا" عَاقل ڪَئِين اَڪابر.

ٿلهه: لَٽ زُلف ظالم بي پيرا ـ گهُنڊي دار پَنيا ڳِرهه ڳِيرا،

حَلقه هَٽي تَن ٽُنهن تي نَچايا ـ ڪَاپڙي ڪَئين ڪَن چِيرا.

1 - **ٺانگ وَسِيهرو وانگي آهن ـ نِس پِس نِسنگا نِيرا،**
وِهه وِهاتيل مُنهن تَني جا ـ ڏنگ تَلخ تاثِيرا.

2 - **چَوسِرا چَوٽا چَابُڪ چَنبيلا ـ عَنبر بار عَنبيرا،**
تِن جي خوني خَفقان سَوداڪي ـ ڪِين لَڳَن تا خَميرا.

3 - **وَري سَرڪش نَين سنگينا ـ قَاتل شوريا شَم شهه تِيرا،**
سَانگو ڪَنهن جو ڪِين ٿا ڪَن سي ـ صِف شِڪن صِف چِيرا.

4 - **تَاب حُسن جي هِيچ ڪيا ـ زُخرف زُمرد هِيرا،**
گُلن گنوايا هَوش سَندا ـ مُوتِي ٿِيا نه سُڌيرا.

5 - **جَنات عَدنِي ويس مَتَن سِر ـ حَيرت مَند حَرِيرا،**
جَلوي جهَلڪ "اَعجاز" اُنهن جي ـ ڪوليا پِرهه ٻَهيرا.

تلهہ: ڪا ڪُلين گُل ڦُل لَڳا-وَاهہ وَار بيوٽي ڦُل لڳا،

سُهڻا فيشن بُل لڳا-چَرچي ڪَرڻ جا بُل لڳا.

1 - **سهج جا سِينگار سُهڻن -سَڀ طَرح سُونهَن سَدا،**
تن جا سَنوَرَڻ ۽ سَجڻ-تن ساڻ ڏس تُل مُل لڳا.

2 - **سِرڪٽا سيلا ڪرڻ سِر-هيءُ ٻہ سُهڻن نَاز آ،**
نَاز اُنهيءَ تان تہ نِت-بَل بل ٿيڻ بُلبل لَڳا.

3 - **زُلف ڪَهُنڊيون ڳنڊيون ڳنڊيون-۽ اڪيون ڪُومل ڪُنڊيون،**
نَڪ پِرون لَب وَاهوا-پَر ڏَند اَملهہ جِيئن اَنمُل لڳا.

4 - **حُسن واري ميڙ ۾ هو -هَر حَسينن ڪان حَسين،**
پَار تُنهنجا جي مِليم -ڪُل پَار سي بِلڪل لَڳا.

5 - **خَال کِلندي پيا ڳلين -تَن کي ڏسي ٽِيس ڳَڳ ڳڙا،**
آئون گُم آهيان انهن ۾ -هِت هُلڻ پيا هُل لڳا.

6 - **مُند گلابي مُند شَبابي-ٻَئي مُندون مِليون اچي،**
جَام مِينا پَاڻ ۾ -ٽَڏهن ڪَرڻ ڦُل ڦُل لڳا.

7 - **چَوسري چوٽي تي چَڙهُ -"اَعجاز" ڪَھڙا گُل لڳا،**
ڪِيوڙا ڪِيتڪ لڳا ڪِين-سو سنا سُنبل لڳا.

ٽلهه : تُنهنجي زُلفن جي وَر وَنگ، وَنگي اَڙِبگ وِڏا،

اَڙبنگ وِڏا، جهَلي جُنگ وِڏا.

1 - **وَرِڙا واسِينگن وَارا پائي، ڏَاڍا هَٽي تَن ڏَنگ، ڏَاهي ڏِسُ ڍِنگ وِڏا.**

2 - **جا ٺئون ڪاٺئون ونني وينين، مُرغ دِلين جا لَنگهه، اَهڙا تو زَنگ وِڏا.**

3 - **اُڪَنڊون لائي عَاشقن کي، ڏيئي زَرِدا رَنگ، وِڃان تو ڏَنگ وِڏا.**

4 - **شَاهه اَعجاز ڇَئي شُعلي تُنهنجي، پَوهي پَچائي پَتنگ، ڳانئي ڪَئين ختنگ وِڏا.**

ٿلهه : اِهي زُلف ڪِـ ٺانگ ڳُنڊيرا ڪَن اَلفيون ڇيرا ڇِيرا،

رَکن لِحاظ نہ سانگو ڪَنهن جو آهن ڪہ بي پِيرا.

1 - **ٺانگ وَسيهر وَانگي آهن ويڙها ٺام ڪَنيرا،**
ڏنگ تنين جي سَان رَنگ ڦِريو تين زردا سَاوا نِيرا.

2 - **هَر هَر آهن تَن سَان وَري شَامل ٺَين شَريرا،**
فِتنا ڪڙا تين قَتل ڪَڙا ڪَن سَاڙن خون سَريرا.

3 - **هُنَا جي رُوءِ زَمين جا فَاتح بَانڪا بينظيرا،**
وَرن وَانگوڙن سَاڻ ڪَيائون اهڙا جُوان اَسيرا.

4 - **ننهن تي نچائي ڏس تہ ڇڏيائون ڪئين ڪاپڙي ڪن چيرا،**
تَن جي تَاب حُسن "اَعجاز" چَوي ڪوليا بِرهه بَهيرا.

رمزات دِل



تلهه :دِل نہ ڪَاتِي پَئي دِيواني-اَهڙا جَلوا ڪِيم ڪَر،
زَرقا بَرقا ويس پَائي-شُعلا پَڙڪا ڪِيم ڪَر.

1 - حُسن جي عَاشق اَڳيان -بُت حُسن جو بَنجي حَسين،
دَام دَلبا ڪِيم ڪَر-۽ نَاز عِشويٰ ڪِيم ڪَر.

2 - چَندِ چَهري ڪان بہ چَهري -تُنهن جي چَهري جي چَمڪ،
چَو طرف ڪان چَشمان چَشمي-چَمڪي چَمڪا ڪِيم ڪَر.

3 - جِيءِ پَتنگَن جا جَلايا-تُنهنجي جَهلڪن جَا بجا،
رَوز شَبِ اِيئين تہ رُخ جا-تُون تَجّلا ڪِيم ڪَر.

4 - سَيڪو چَئي مُون سان لڙيون -۽ سَيڪو چَئي مُونکي لَڳا،
تِير اکيون اَهڙيون ڏَاري -هِيئن تہ حَملا ڪِيم ڪَر.

5 - پَئي نَظر توتي تہ جهڙيون -پِي چِڏيم مَئي جون نَديون،
هَاڻ جيڪي پِيو چَوان -مُون تي ڪَا فَتويٰ ڪِيم ڪَر.

6 - **حُسن جا جي پَارکو -تَن حُسن تُنهنجو چُونديو،**
دَاٽو آهين دَاٽو دِلبر-ڪجھ بہ ڪُتڪا ڪِيم ڪَر.

7 - **ڳالھ هِيءَ ڪَانهي ڪَرڻ جي -پَر ڪَرايو تو ڇَڏين،**
بيکُ صُورت جو بَنائي -بِرھ بَرپا ڪِيم ڪَر.

8 - **پَهرين ڪَلمون عِشق تي -سَيني ڪان اَڳ ۾ تو پڙيو،**
عِشق وَارن تي پوءِ سُهٽا -دَابِ دَڙڪا ڪِيم ڪَر.

9 - **ڏَاڍو اَڄ "اعجاز" چَئي -دِلبر لڳين تو ديده زيب،**
پَاڻ کي اَهڙو سَجائي -هَوشُ اَغوا ڪِيم ڪَر.

ٿلهه : مُنهنجي دِل جي حَالت جي ڏِسين، مُون ڪان دَم نہ هڪ تُون جُدا رهين،

ڪَري بيو فائي ڪي تَرڪ، مُون سان بَاوَفا ٿي مِنا رهين.

1 - ڪَهڙي اَلاجي ڳِڻ ڳِڻيو، مُنهن جي دِل مَري تولاءِ ٿَڻيو،
پرين تُون تہ بيپرواهه بَڻيو، بيگناهه تو بيوفا رهين.

2 - مُنهن جي آ دُعا تُون وفا سکين تُون، وَفا جي سُهڻي صِلا سِکين،
تُون صِلا جي عَجب آدا سِکين، مَحبت ۾ تي بِي بَهارهين.

3 - لَڳِئي عِشق شَل پَجئي شَرم، وَجئي هوش شَل وِسرئي ڌَرم،
مَن پوءِاي مُنهنجا صَنم، مُنهن جي دَرد ڪان آشنارهين.

4 - جيڪا عِشق ڪان دِل دُور هُوندي، سَڀ جاءِ سَا مَجبور هُوندي،
اَڪثر اُها بي حُضور هُوندي، اَهڙي دِل ڪان شَل مَاوَرا رهين.

5 - مُنهنجي دِل جي چاهه جو خِيال ڪَر، موڙي مُنهن نہ تَنهنڪي پَائمال ڪَر،
نِگاهُن سان دِل ڪي نِهال ڪَر، ايڏو سَخت ڇا لاءِ تو مُون لاءِ رهين.

6 - **تُنهنجي ڪَجل جي ڪانِيءَ جو قَسم، تنهنجي اَک مَستانيءَ جو قَسم،**
تُنهن جي حُسن جَواني جو قَسم، مُونکي ڪُهندو تون ئي ٿو سَدا رهين.

7 - **"اَعجاز" ڪي تہ ادب بہ آ، ۽ عَجيب تُنهنجو عَجب بہ آ،**
تو وٽ پِيار لاءِ قَلب بہ آ، ڪِيئن ٿو پِيار جي پوءِ سوا رهين.

ٿلهه : دِل هَٿ ۾ ڪَري مُنهن جي، پوءِ سُهڻا سَتائين ٿو،

ڪُجهه سوچ تي اَي ظَالم، ڪِيئن سَات نِڀائين ٿو.

1 - **جِيڏو جي زَوراوَر ٿُون، ايڏو نہ زَوراور ٿِي،**
دُوريءَ جا ڏيئي دَڙڪا، دِل مُنهن جي ڏڪائين ٿو.

2 - **جو ڪَنهن جو هَميشہ لاءِ، سَاٿي نہ بَڻيو ڪَڏهين،**
تَنهن حُسن جي بَانور تي، ڪيڏو ظُلم ڪَمائين ٿو.

3 - **مُون جيڪي وَفا وَاريون، تو لاءِ وڪون پَريون،**
تَن منهنجي وِڪُن تي ٿُون، چَو نَظر نہ پائين ٿو.

4 - **ٿُنهنجون تہ مَيارون سَڀ، هِن سِر ۽ اکين تي پَر،**
تون ئي تہ بيگانو ٿي، بيگانو بنائين ٿو.

5 - **هِن دِل ۾ ٿُنهن جي چَاهت، هِن دِل ۾ وَسين ٿُون ٿو،**
هِيءَ دِل جي جَلائين ٿو، جَڻ خُود کي جلائين ٿو.

6 - **"اَعجاز" سِتم تُنهنجا، سر تي تہ سَهي وِيندو،**
پَر شان وَٽان پنهنجي، پَٽ ڪين پَٽائين ٿو

ٿلهہ : دِل حُسن جي تيرڦٽِيِ آ-ڦٽِيِ، هَر لَحظي لَحظي لُٽي آ.

1 - **هِڪ حُسن جون ظُلمي نِگاهون، نَٽ نَاز ڪَٽڪ ۽ ڪَاهون،**
ٻِيو زُلف جي دَم دَم دام، صُبح ۽ شَام گهائل دِل گُهٽي آ.

2 - **ڏِسي حُسن جون اَلبيلايون، تَعجب ۾ اکڙيون آيون،**
تَڏهن هَر هَنڌ حُسن شَباب، مُنهن مَهتاب جهلڪ دِل جَهٽي آ.

3 - **لڳو تير حُسن جو ڪَاري، اِنهي گهاء تہ دِل آزاري،**
اُلٽو عِشق بہ آٽي يَار، غَمن جا هَزار گولي هِت هَٽي آ.

4 - **جِتي حُسن جي فوج اَچي ٿي، اُتي اُضحيٰ عيد بہ ٿِئي ٿي،**
ڏادِي شَوق شُغل شَاد مان، سَان هَر مَيدان حُسن جَنگ ڪَٽي آ.

5 - **ڏِئي جُنبش تير وَڪمان ڪي، لُٽيو حُسن آ هَر دوجَهان ڪي،**
ٻُڌي هَر هَر اَهڙا مِثال، "اَعجازا" ڪَمال نہ دِل تہ بہ هَٽي آ.

ٿلهہ :دِل تہ پَنهنجي ڪَا نہ ڏِنيَئي-دِل وِئين مُنهن جي ڦُري،

دِل بِنا دِلبر مِنا جِند جَان پَئي مُنهن جي جُهري،

1 - **هِڪ تہ ڏاڍِن ڪان تون ڏاڍو، سَخت دِل سَرڪش صَفا،**
بِيو تہ ٿُنهن جي حُسن جي پَئي، تيغ سِر مُنهن جي ٽُري.

2 - **هَٿ ڏيئي هَٿ ۾ مُونکي، تو هُٿ ڪيو هَٿڙي هَٽي،**
آئون تہ ڦُرجي ائين وينس، هَاڻ ڇَا هي چَپ چُري.

3 - **ٿُنهن جي ليڪي عَام ۾، ٿُنهن جي نَڱي ويندي لِڪي،**
پَر پِرين هيءَ ڳَالهہ پَلپل، اوڙي پَاڙي پَئي ٻُري.

4 - **ڏَانهن ۽ فَرياد جي، فِطرت نَڪا فُرصت اَٿم،**
ڪير مُنهن جي پَاران توڪان، دِل پَلا مُنهن جي گُهري.

5 - **هِيءَ مَتان ڪا پُل هُجئي، وِسريل نَاهين "اَعجاز" ڪي،**
سِڪ سَڄڻ ٿُنهنجي اَجان، سچ ساھ سَان گَڏ پَئي سُري.

تلهه : ڪِتان آٽيان اُها دِل جا، سَجوئي سُور بَنجي پَئي،
پِريمي پِيار جو سَاغر، بَحر پَرپور بَنجي پَئي.

1 - صَبر سِڪ سَوز سَان ثابت، سَدائين سَاهه سِر وَاري،
سَهي سِر مِينهن مَهڻن جا، مَچي مَسرور بَنجي پَئي.

2 - هُجي هَر دم حَقي حَاضر، اَڏي ۾ ڪَات جي وچ ۾،
هَزارين ٿي ڳيا ٽُڪرا، چِچر جي چور بَنجي پَئي.

3 - پَري گُهتڪا غَمن وَارا، مُدامي مَوج مَحويت سَان،
مَوليٰ جي مُلڪ مَاٺهن ۾، مَگن مَخمور بَنجي پَئي.

4 - عَجيبن جي اَکين ۾ هيءَ، تَڏهين "اَعجاز" پَوندي دِل،
جَڏهن ڪَنهن تَاب تَجلي کان، سَڙي ڪَوهُ طُور بَنجي پَئي.

ٿلهه :هِيءَ دِل چري بيحد چَري جيئن جَهل تہ تِيئن ويتر چَري،
هِن جي اَدا هِن جي صَدا، جڳ کان جُدا ظَاهر چَري.

1 - هِن دِل چَريءَ جي حَق ۾ تِيون، هِت ڪَئين چُميگويون هَلن،
ڪِي ٿا چَون سُج کان چَري، ڪي ٿا چَون ڏُک ئِر چَري.

2 - هِن تي مَيارون سيئي ڪَن، مَحدود آ جِن جي نظر،
جيڪي وَسيعُ العين آهن، تِن چَيو هِيءَ ئِر چَري.

3 - يَومِ اَزل کان مُنقطع هِن جا ڪَيائون رَابطا،
هَر دوجهان جي تَعلقن کان، هِيءَ بَري بَرتَر چَري.

4 - هِيءَ نہ ڪَنهن جي غَمر شَريڪ آ، ۽ نہ شَامل مَنجهه خُوشي،
پَئي تہ بہ نِيائي چَا اَلائي، سوچيو سَمجهيو چَر چَري.

5 - هِن کان ٿهن چِرڪن ٿا سَڀ، شَايد تہ هِن ئي خِيال کان،
هِن جي وَفائي سِرفِدائي، آ سَچائي پر چَري.

6 - هِيءَ جَڏهن تي ڳوڙها وَهائي، تو تَڏهن لَرزي سَمُوند،
۽ جَڏهن تي تَڙپي تَپي، صَحرا چَوي ئَر ئَر چَري.

7 - هِن جي وَحشت جو سَبب، آ ڪنهن نہ ڪنهن جي سَنگدِلي،
هيءَ آ صُم بُڪم مَگر، هِن جي جو آ هُونگر چَري.

8 - تہ بہ پَئي هَٽي تن لاءِ سَتون، جن ڪين سَڏ ۾ سَڏُ ڏنُس،
هِيءَ اڳ تہ هئي لِڪ ۾ چري، تي هاڻ پَڌريءَ پَر چَري.

9 - هَن جو خُدا ۽ نَا خُدا، هِن جي خُدائي آ اَلڳ،
هِن ڪان تُون مَذهب ڪو نہ پُڇ، جو هيءَ تہ آ هَر هَر چَري.

10- رِيءَ چَريائي جي "اَعجازا"، ڪِٿ نہ سنئين وَائي ڪَيئين،
گهر ۾ چَري پَر ۾ چَري، اَندر چَري بَاهَر چَري.

ٿلھ : جِيءَ ۾ اَجان جِيئي پَئي-مَحبوب سِڪ اُوھان جي،

وِيھان اُٿان سُمھان تہ بہ-ڇَاتيءَ ۾ ڇِڪ اُوھان جي.

1 **بيو ڪَنھن جي توھَ تَاري-سِڪڙي تَڳي وَيچاري،**

وَرھن ڳان آ اُجاري-پَايوس پِڪ اُوھان جي.

2 **ڪَڏھن تہ ڪُجھہ نِھاريو-نِيٽن ڪي نيڻ ڏيکاريو،**

مُنھن تي نہ پَاند ڏَاريو-مَاري ٿي لِڪ اُوھان جي،.

3 **ويو دِل ڪٽي جَڏھن کان- سِڪ جي آ تَڏھن کان،**

ھَلندي رَھي ڪَڏھن ڪان، ھِت ڳالھہ ھِڪ اُوھان جي.

4 **مُون سان ڪَني ڪَني آ- سُورن سَني سَني آ،**

ويچن ڏِني ڏِني آ-ڇِڪندي ڇِيتڪ اُوھان جي.

5 **جَن کي نَصيب ٿِيندي-تَن لاءِ ٿي عِيد ويندي،**

ڏيھنِ کي ريس ڏِيندي- يَر پيٽي پِڪ اُوھان جي.

6 ايئن اَوھان جو ثاني-يَانيان نہ زِندگاني،
جِيئن آھ جَڙيل جَاني- جِند جوڙجُڪ اَوھان جي.

7 دَولت دُنيا تہ ڇَاھي- تَڪ سَاھ سِر تي ٺَاھي،
"اَعجاز" وَٽ جو آھي - آھي مِلڪ اَوھان جي.

ٿلهه : مُونکي مَست رَهڻو پَئي ٿو، توڙي دِل مُنهنجي ڦٽيل آ،
ڪَئين زَخم پِيا چِڪن پَر، هَر زَخم جَڻ ڇُٽل آ.

1 - **هِتي مَر همن جي حَاجت، نَڪا ڪَنهن جي دَم دُعا جي،**
مُنهن جي دَردغَم جي صُورت، غَم عَام کان مَٿيل آ.

2 - **هَٽي دَم دِيوانگيءَ جو، دَانهيان آئون وَجي جي دَر دَر،**
مَستانگي مُنهن جيءَ جو، پوءِ تہ مَرتبو گهٽيل آ.

3 - **جيڪي دَاغ ڦٽ هِجر جا، اهي وَصل جهوريا ويتر،**
ٿو فِراق پَانيان فرحت، حُب ملڻ کان هَٽيل آ.

4 - **مُون سان حَال پُرسي ڪَهڙي، مُنهنجي پَاس خاطري ڇو،**
مُنهن جي شخصيت بہ ڇَاهي ، مُنهنجو ڳٽ بہ ڇَا ڳٽيل آ.

5 - **ڪِل مُک هُجڻ "اَعجازا" مُنهن جي طَبع ۾ آ شَامل،**
ڪِٿي ڪَنهن سَان مُنهن ڳُهنجائڻ، اِهو لَڇڻ هِت لُٽيل آ.

ٿلهه : تو سان دِل جي اَٿم تہ پِريت صَنم، تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي،

مَن مُنهنجي جو بہ تہ تون مُحرم، تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي.

1 - **تُنهنجي پُرس صُورت جو پُجاري آهيان، انهيءَ ذَوق ۾ ٿِيو تہ زُناري آهيان،**
دِيدار ئي تُنهنجو بَندگي اَٿم، تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي.

2 - **تُنهنجي نَاز و اَدا تي نِثار آئون، تُنهنجي جور وجفاتي بَهار آئون،**
تُنهنجي سَنگ دِليءَ جو مُونکي قَسم، تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي،

3 - **مُون هِجر فِراق جا صَدِما سَنا، مُون وَصل وِصال جا جَلوا ڏِٺا،**
معنيٰ خيز تَڏهن آ منهنجو نَظم تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي،

4 - **جو مُنهنجو قَدم سو آ تُنهنجو قَدم، جو آ مُنهنجو دَم سو آ تنهنجو دَم،**
هَر مُنهنجي گُمان سَان آهين بَهم، تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي،

5 **منهنجي جان بہ تون منهنجو جيءُ بہ تون ، منهنجي شعر و سخن جو قويءُ بہ تون**
والله سچو آ منهنجو وهم ، تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي،

6- نڪي پَلُ تون پري نڪي پَلُ مَان پَري، نَڪي تُنهنجي سَري نَڪي مُنهنجي سَري،
هِڪ ٻِئي جي سَواءِ جَڙ آهيون عدم ،تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي.

7- هِن پَاڳل دِل جا پُور نہ پُڇ، جي سَلٽا ڪَونهن سي سُور نہ پُڇ،
"اَعجاز" جو پوءِ ڇَا رَهندو ڀَرم، تُون چَوين نہ چَوين دُنيا چَوندي.

ٿلهه : هِيء دِل ڪَانہ ڦِرندي ڪَانہ، توڙي لَک ڏِيو تہ بَيان.

1 - **يَار ڪَيو سون يَار يَگانو -يَاد هُوندو دِل جَان.**

2 - **فَاذْكُرُونِي اَذْكُرُكُمُ-آڻ آيت تي اِيمان.**

3 - **مَسجد ۾ جن مِٽيا ڦيريا-تَن صَحي نہ ڪَيو سُبحان.**

4 - **مُلن جا مَسئلا مَطلب وَارا- مَطلب جا مَروان.**

5 - **مُوڙهيل مت جا ڪِين ٿا ڄَاڻن - "اَعجاز" علي جو شَان.**

ٿلھ : اِنھي سُھڻل کي آھي دِل ڦرڻ جي مَرضي،
دِيد ۾ وينو دِيد هَٽي، ڪين ڇَڏيندو خُود غَرضي.

1 - ڏھ ڏھ پيرا ڏِينھن ۾، ڪَئين تو ويس ڪَري،
سِينڌ ڪَڍي سُرمَون وِجهي، دَر سني سَامھون ڏَري،
پَھريو پَوي تو ڪِيس ڪَرڻ، ڪَم اَٿس اِھو فَرضي.

2 - بِرھ بَچڻ لاءِ هَر هَر، هِيرا ڦِيرا ڏي ٿو،
چَو هَئون چِنيو بَئي اَکڙيون، چرڪ ۽ چَيرا ڏي ٿو،
نِت نَيون تجويزون سِٽي، ناز ڪَري طَرحين طِرزي.

3 - ڪوليو رُخ تي بيھي، خَلتي زُلف خَم خَم،
مُرغ دِلين مُرڪيو، دَام پَايو نِئي دَم دَم،
لاَلڻ جو اِھو لاَڏ پَسي، لَئون لَئون مُنھنجي لَرزي.

4 - "اَعجاز" چَوي آئون چَاھيان، اَھڙي فَسونگر اڳيان،
مَندِ اِنھي جي مَحبت جو، مَانو يَانيو مَتان،
ڪوڙئين ڪُوپا ڦَلندر، ڦُرب ڏيئي ڪَيَئِين ڦَرضي.

ٿلهه : جَنهن دِلبر سَان دِل مُنهنجي لَڳي، تَنهن سَجڻ ڏِني ڪيئِي سَال ٿِيم،
ساري ساري اُنهي ڪي رَاتو ڏِينهان، روئي روئي اَکڙيون لاَل ٿِيم.

1 - ڏِسان آئون جَڏهن تو آئينو ڪٽي، پَنهن جي پَاڻ سُجاڻي نہ صُورت سَگهان،
ڦِري رُخ جو وَرق رَنگ رُوپ وِيم، سِڪي هئي هئي هَهڙا حَال ٿِيم.

2 - سَواءِ پِياري پِرينءِ پَرديسي جي، هِت مَن پر ڀائڻ لاءِ هِينئر،
هِڪ نَامر سَندس ٿِيو وِرُونهَن وِندر، ٻِي وَات نہ ڪَائي مَقال ٿِيم.

3 - اِهو ڄاڻي تو جَنهن سَاڻ لَڳي، نہ تہ دِل جي لَڳي ء ڪي ڄاڻي نہ ڪو،
تَنهن ڪي ظَاهر ڪَرڻ بہ مَحال ٿِيم، تَنهن ڪي مَخفي رَکڻ بہ مَحال ٿِيم.

4 - هِن جَرح جُدائيءَ وَاري لاءِ "اَعجاز" چَئي ڏَس ڪَنهن کَان پُڇان،
جيڪي دَرمان دَرمل دَارون ڪَيم، سي تہ ويتر جِيءِ لاَءِ جَنجال ٿِيم.

تلھہ : **ڪَيوسُون دِل گُھريو دِيدار-وَٽيوسُون سُھڻي جو سِينگار.**

1 - **مُحب جو تَجلو طُور مِثل ھو، مُنھن مَحفوظي مَٽيادار.**

2 - **اَبرو تير تَرار تِڪيرا، ظَاھر زور ڪُھن ذُوالفقار.**

3 - **اَکڙيون عَجيب جون ڪَيف ڪَجل سَان، اَور عَجب اِسرار.**

4 - **زُلف "اَعجازا" ذَر ذَر زِيادھ، تي چَمڪيا چَھبڪ چَلتيدار.**

ٿلهه :دِل چوٽ چَري ڪَئي چِشمن جي، آئون نہ سَگھان سَا سَنڊِوري.

1 - **ويڄن تہ وَيتر وَهلور ڪَئي آ، چَاڪ چَريءِ جا تہ چوري.**

2 - **پِيار وَهيٽيءِ ڪي پِيار ڏَئي ڪو، چَاهي چتاري چتوري.**

3 - **چَار گهڙيون چَار چِشمي ڪَري ڪَنهن زَخمي ڪَيس ظُلمي زوري.**

4 - **جَن ڪَئي دِيواني تَن جي پَسڻ لَئِہ، پير پَئي پَرِ مَنجهہ سوري.**

5 - **اُها ڪيئن "اَعجازا" ٿِئي سَال سَئين دِل، جنهن ڪي هَر روز جهوري ڪا جهوري.**

تلھ : ڪَر وَيس وَڳا مُون کي وَڻ وَڻ وَڻ -گسي دِل تہ مُنهن جي اِئين گڻ گڻ گڻ.

1 - توکي وَيس هُجڻ تہ وِصالي هُجن، مَن مُهٽا سُهٽا مِثالي هُجن،
لَئہ دَار لَقائي لاَاُبالي هُجن، ڏِسي چَئِي پوءِ ڏيئين مُنهنجو بَڻ بَڻ بَڻ.

2 - تَوتي نَظر پوي دِل بَهار ٿِئي، مُونتي طاري وَجد ويرو تَار ٿِئي،
تُنهنجو اَهڙو سُهٽا سِينگار ٿِئي، لَڳين شاھ حُسن جو جَڻ جَڻ جَڻ.

3 - چا چَوان تہ سچي ٿيو چا آهين اَج، سِڪُون سَهسين سجڻ پيو لاهين اَج،
ڪَنهن ٿمر پَکل جِيئن آهين اَج، اَچي مُنهن جي جهولي ۾ چَڻ چَڻ چَڻ.

4 - هِيئن چَوندس آئون حِجاب بِنان، مَهڪايا چَمن تو نِقاب بِنان،
موتيو مُشڪ عَنبر گُلاب حِنا، تُنهن جي رُخ جي پَسيني جو ڪَڻ ڪَڻ ڪَڻ.

5 -مُنهن جي دِل جو آهين تُون ئي ڏُٽيل، چِت چَاھ سَان چَاهيل چُوند چُٽيل،
اَعجاز کي ڪَونهي بِيو ڪو وَٽيل، وَٽيو تَنهن کي وَريو وَريو وَڻ وَڻ وَڻ.

تلھہ :لَڳَم دِل کي لَڪن مان هِڪ-ڪَيم سو مُنتخب سُهڻو،

صَنم صُورت ۾ مَن مُهڻو، عَجب سُهڻو غَضب سُهڻو.

1 - **هَزارن ۾ بہ هُو پَڌرو-تہ پَارن ۾ بہ هُو پَڌرو،**
سُونهارن ۾ بہ هُو پَڌرو- سِينگاريل روز شَب سُهڻو.

2 - **پَنيا سِرڪِي پيشانيءِ پيا-حَرم ڪَعبو حَيراني ٿِيا،**
تَجلا رُخ نِهانيءَ ڪَيا-ڏِنم چِهرو اَلي سُهڻو.

3 - **نَخِل طُوبيٰ پُڄائي قَد-چِڏيو پَنهنجو لَڄائي قَد،**
صَنم مُنهنجو سَوائي قَد-صَفا جَڻ سَاڳو رَب سُهڻو.

4 - **سَجڻ اَهڙو شَڪيل آهي-مَتس هَر بُت خَجِيل آهي،**
ڏِنس جَنهن سو عَليل آهي-بِيمارين جو بہ طِب سُهڻو.

5 - **پِرينءِ جو حُسن جي ڏِسندين-وِڃائي حَوصلو وِهندين،**
صُمٌ بُڪمٌ تي اُت ڪُسندين-اِهو ڄَاڻي ڪَسب سُهڻو.

6 - ڪَندو جيڪو طَلب جَا شيءِ-اُنهي کي ٿي مِلي سَا شَيءِ،
مِلي جَنهن سان نہ ٻي ڪَا شيءِ-ڪَيم اَهڙو طَلب سُهڻو.

7 - چِشم ڪِلٽا ڪٽي وينو-وَڏيو "اَعجاز" وَٽي وينو،
اَندر دِل کي هَٽي وينو-نَيڻن سان نِت نَقب سُهڻو.

ٿلهه :مَحبوب تو مَچايو، اَچي مَام ۾ اَسان ڪي،

دِل جَان سَان ڦاسايُئي، هِن دَام ۾ اَسان ڪي.

1 - **سَهجئون سَجڻ سَڏائي، سَاغر صُراحي چَائي،**
مَدهوش وِئين بَنائي، هِڪ جَام ۾ اَسان ڪي.

2 - **وَنخن ۾ پَائي ويڙهو، نِيڻن ڪان بَنجي نيڙو،**
جِيءُ ۾ مَچائي جِهيڙو، وِڌُئي گام ۾ اَسان ڪي.

3 - **ٿانگا ٿِياسون نِسري، نِت ٿانهه ڏانهن نِڪري،**
وِيا وَرهيه ڪيئي گُذري، مَاتام ۾ اَسان ڪي.

4 - **ڪَيڏا نه تورا ڪَيا اَٿئي، ڏَس ڪنهن پَلا ڏَسيا اَٿئي،**
ڏُک سُور موڪليا اَٿئي، انعام ۾ اَسان ڪي.

5 - **اُلٽو تو عِشق لاَيو، سَمجهڻ ۾ اِئين آيو،**
هِت آهي تو رَهايو، اَنجام ۾ اَسان ڪي.

6 - "اَعجاز" چَئي ڇَا ھاٽي، ڄَاڻو ڪو رَاز ڄاڻي،
بيحد ڪَيو اَٿئي آٽي، بَدعام ۾ اَسان ڪي.

ٿلهہ :يَار جو تَصوّر ڪَندي، تَصوير وَئي دِل تي نَهي،

سَا سَدا سَامهون اکين جي، رَاهبر ٿي آ رَهي.

1 - **ٿو رَهان آئون رَات ڏِينهان، مَحو تنهن جي حُسن ۾،**
هِجر جي هَيهات حَشري، مُونجهہ مَن تان وَئي لَهي.

2 - **فَاذڪُرُونيءَ جي فهمر سان، دل اکين مَعراج ڪيو،**
حَال هَمذاتي ڪُليو آ، ويا بُڌي اَمر و نَهي.

3 - **سُرخ سَاقي سُرخ سَاغر، سُرخ مِينا سُرخ مَئي،**
سُرخرو ٿي تَنهن مَنجهان، سُرڪي پيتمر سِڪ جي صَحي.

4 - **آهي هي "اَعجاز" سَڀ ڪمر، عِشق حَضرت جو ڪَيل،**
جو ڏِسڻ ڪان هو ڏُوراهون، سو ڏِٺمر پَر ۾ پَهي.

ٿلهہ :دِل تي چَوي دِلبر تُنهنجو مرڪڻ چُمان- تُنهنجو مُرڪڻ چُمان ٻولڻ ٻهڪڻ چُمان.

1 - رُخ ۽ رُخسار تُنهنجا گُلابي رُوءِ تي- نيڻ مَستانا تنهنجا عُنابي رُوءِ تي،
چُمي چِمڪڻ ٻنهي جو وري ڇهڻ چُمان.

2 - زُلف چوڙي تو تہ دِليون ڪَيون مَانڊڙيون - رَنگا رَنگي رُخ تي سي رَءِ رَءِ ڪَن رَانڊڙيون،
اهو اُلجهڻ انهن جو ۽ سُلجهڻ چُمان.

3 - عاشق اَلمست جي منهن ڏي يَلغار ڪي-ڪولي ڍڪ نقاب ۾ نہ ابرو تلوار ڪي،
سيني سِر سا سَٽڪاء تہ سٽڪڻ چُمان.

4 - "اَعجاز" جو آهين سُهڻا چين تون آرام تُون - پري پيارا پيار سان ڏي وصل جو جام تون،
تنهن جي هٿ واري جام جو ڇُلڪڻ چُمان.

ٿلهہ: مُونکي تو وَٽان ٻيو سَڀ مِليو- مِليو نہ هڪ دِل جو قَرار،

اِن دَرد غَم سَوداء ۾-رُئندو رَهيس آئون زَار و زَار.

1 - **شَملا شَهنشاهي مِليا - اَلقاب بَر اِلاهي مِليا،**
وَهوا وَارا بہ وَاهي مِليا - پَر ڪو نہ مِليو غمگسار.

2 - **ڪَئين طَعامِ تَازا تَر بَتر-ڪَئين سَبز ميوا سَر بَسر،**
ڪَئين پَٽ پَٽيهر زَر زيور- سيجون پَلنگ تَڪيا هَزار.

3 - **مِهڻا ۽ طَعنا ڏُک ڏِنئي- تِن سان دُنيائي سُک ڏِنئي،**
سُهڻا سَلوڻا مک ڏِنئي- ڏِنئي نہ اهو پَهريون پِيار.

4 - **حَاضر مَندل مَئيخان آ-سَاز و سُرود سَامان آ،**
اَفسوس هي اَرمان آ-نَاهي فَقط دِلدار يَار.

5 - **"اَعجاز" چَئي جَاهل هُئُس، ناسمجهہ نَاقابل هُئس،**
تُنهنجو مَگر گهائل هُئس، ذاتي صِفاتي جَهاتي سَنيار.

ٿلهه :تو ڪي اَتم دِل ڏِني اِظهار تي-سَارو سَڄڻ هي لوڪ سِڪائي.

1 - **سُنگ سَنگت ۾ سَاٿ تُنهنجو، وَٺُم پِيرن ڪان پِني پِني -اِظهار تي.**

2 - **لَڳ لاڳاپا لِحاظ لَٿا سَڀ، ڇَڏيم تو لاءِ ڇِني ڇِني-اِظهار تي.**

3 - **رَمزون پَنهنجون پَاڻ ٿا ڄَاڻون، ٻول ٻُڌاسون ٻِنهي ٻِنهي- اِظهار تي.**

4 - **وَقت مِلڻ جي مُنهن جي مَنهين، ٻُوند ٻَهار جي پِني پِني-اِظهار تي.**

5 - **وَصل تُنهن جي مان سُهڻل سَائين، دل آ "اَعجاز" جي وَني وَني-اِظهار تي.**

ٿلهه :دِل مَن پُڇي جي نِينهن لايان ها تہ هو چڱو،

پَرديسيءَ سَان نہ پيچ، پايان ها تہ هو چڱو.

1 - **پَنهنجو ٿي جَنهنکي ڄَاتم، سو ٿَان پَرايو هو،**

ان بيوفا سَان پِيار، ڪَرڻ ئي اَجايو هو،

پَنهنجو نہ آئون تنهنکي، ڀَانيان ها تہ هو چڱو.

2 - **گُذري ٿو وَقت ڪِيئَن سو، ٻُڌايان ڇَا آئون ڇَئي،**

پَڇتايان هَاڻ پيو مان، خَبر ڪَا نہ اَڳ پئي،

سِر بِرهه جو نہ بَار، ڇَايان ها تہ هو چڱو.

3 - **هِي آهون دَانهون ۽ هي، حَشر آهي هَر گهڙي،**

هِن زِندگيءَ جي سَاٿيءَ، سَواءِ ٿي زِندگي ڪَڙي،

هَهڙي جِيئڻ کان زَهر، کايان ها تہ هو چڱو.

4 - **دِلبر ويو تہ دِل بہ وَئي، ڪَنهنکي چَوان وَڃي،**

مون ڏي مڙئي ميار ، مون آهي خَطا مَڃي،

سَمجهي جي دِل جو سودو، ڏَايان ها تہ هو چڱو.

5 - **"اَعجاز" ڪيڏو عشق ۾، ڏِس آئون عَليل ٿِيس،**
ڪولي اَندر جو رَاز، خوار و ذَليل ٿِيس،
ڳجهه هي ڳهيلو ٿي، نہ ڳايان ها تہ هو چَڱو.

ٿلھ :مُنھن جي دِل جو آھي دَارون مِنا تُنھن جي دِيد تنھنجو دِيدارڙو،
پَنھن جي نَام لَڳ مُون سان لايو اَچ پَنھن جي نَين جو تہ نِظارڙو.

1 - مُون ڏِي ڪَنھن بہ طَور نِھار پيو مُنھن جي جُنون کي تون چِيار پيو،
جيڪو نَاز ڏَارين سو ڏَار پيو، آھي نَاز ھَر تنھنجو پيارڙو.

2 - سَواءِ تو آ مُونکي پَوا نہ ٻِي، پَانيان آئون پَوا بہ رَوا نہ ٻِي،
مُون لاءِ سوچ لوچ دَوا نہ ٻِي، آھيان بِرھ جو آئون بِيمارڙو.

3 - مُنھنجو تُون سَجڻ مُنھنجو تُون صَنم، مُنھنجو پِير مُغان تون مُحترم،
مُونکي گُھرجي دِلبر دَم بَدم، تُنھنجي سُونھن صُورت جو سَھارِڙو.

4 - تو کي آئون ڏِسيو تو خُمار جان، ريءِ بَھار جي تو بَھارجان،
تُنھنجي مَوھ ۾ تو مَلھارجان، پَايو پيچ تو سان نِيارڙو.

5 - تُنھنجي حُسن تي تي نَظر پوي، تِي ذَات ۾ صفت جي خَبر پوي،
دَردن غَمن ۾ تي ڪَر پوي، تو آڙھ بہ ٿئي گُلزارڙو.

6 - "اَعجاز" چئي اِهو ڦُرب ڪَر، مِلي مون سان مُنهنجو ٿي عُمر ڀَر،
مُدت ڪان آهيان آئون مُنتظر، اَڄ ڪَر تون هي اِقرارڙو.

ٿلھ: دِل سان دِلبر دِل مليِ، اُلڪو جُدائيءَ جو لَٿو،

هِڪ حَال ٿِيو هِڪ خيال ٿيو، حَق هيڪڙائيءَ جو لَٿو.

1 - **پيچ پَاتاسُون پَڪا، پَڪ پِيار پَنهنجو ويو وَڌي،**
ڏُک ڏَنجهو ۽ ڪُٽڪٽو هن گر ڪيٽائيءَ جو لَٿو.

2 - **سُور غَم هڪ ٻئي سَندا، سِر تي ڪَنياسون سَٽُ ٻَڌي،**
پَاڻ تَان اِلزام پِيارا، بيوفائيءَ جو لَٿو.

3 - **بُود ٿيو نَابود بِلڪل، بيخوديءَ ۾ تا رَهون،**
پَنهن جي دَامن تان ٽِڪو، اَڄ خود نُمائي جولٿو.

4 - **دم بدم اعجاز چئي ، جاني آهيون گڏ جابجا،**
تہ بہ نہ هن جڳ ڪي شبُهہ ،پنهنجي جدائي جو لٿو.

ٿلهه : پِيار ڪَيوسون پيارل توسان، پُلجي دِل جي ٺَارڻ لاءِ،

پَر توکان اِهائي يَار پُني، جو ٻَاريئي دِل کي ٻَارڻ لاءِ.

1 - **وَاعدا وَرتئي قَسم کٽايَئي، قولين ٻولين بَردو بَنايئي،**
هَٿ نہ اَسان ريءِ ٻيو ڪو آيئي، عِشق جي گهاٽ اُتارڻ لاءِ.

2 - **اَسان ٿي سَمجهيو توکي عَجب تر، نِڪري پِئين پر تون سِتمگر،**
دَانهن اِها ڏيون هَاٽي کَهڙي دَر، سُهڻو بَنئين کَهڙي کَارڻ لاءِ.

3 - **خَطا اَسان کان ٿي بہ اها جو، سُوال ڪيوسون توکي وَفا جو،**
وَفا ڇَڏي ڪَيئي وَس جَفا جو، پَنهن جي ڏَاڍِ ڏيکارڻ لاءِ.

4 - **جُوڀن حُسن جَواني جَاني، مُند اِها مَستاني جَاني،**
سُڌ ٻُڌ کان اَنجاني جَاني، ٻَدلُ نہ آ غَم ٽَارڻ لاءِ.

5 - **سَهوَ بہ ناهي ڏوهہ بہ نَاهي، ويسر ڀولو اَٻوجهڻ آهي،**
سِينو اٻوجهن سان جو سَاهي، ڇَئجي ڇَا تنهنکي مَيارڻ لاءِ.

6 - **غَير لاءِ سِينو سَخت ٿي ڪونهي، ڇَئبو اَسان سان رَبط ٿي ڪونهي،**
پِرت جو اڄ ڪَلهه وَقت ٿي ڪونهي، اَعجاز پُليو پِرت پَارڻ لاءِ.

ٿلهه :دِل پُراڻي پِرت ڪاري، دِل مَٽايان پَر نه مِيان،

نِينهن ڪَنهن صُورت نَئين جو، يَار لايان پَر نه مِيان.

1 - هِڪ يَا ٻن ٽن ڇَئن جي، حَاجت هُجي هَا ته به ڇَڱو،

هِت ته وِيا هِي سَڀ اَچا تِي، ڪيس لايان پَر نه مِيان.

2 - جَان ۾ دِل ۾ جِگر ۾، جِند سَڄيءَ ڪي جا لڳي،

ٻِرهه وَاري ٻَاهه سَا هَئي هَئي، اُجهايان پَر نه مِيان.

3 - مُنهن مَٺو جَنهن جو نه مُورهئون، ڇيهه ڇيڙو مُون ڏِٺو،

ڳالهه تَنهن ڳُجهڙيءَ ڪي آئون، ڳچ ڪي ڳايان پَر نه مِيان.

4 - نَئين صُورت ڪي آهه اَڄ ڪَلهه، نَئين صُورت جي نِت تَلاش،

هِي پوءِ سِيڪنڊ هَئنڊ صُورت ڪِيئن وَٽايان پَر نه مِيان.

5 - مُنهن لَڪيرون سِيرون سِيرون، لَحم لِيڙون چَم چَٻڙ،

جوت جوڀن جَر جوانيءَ، جو جوڙايان پَر نه مِيان

6 - سَپ پُراڻو سَاڻو ڪاڻو، پيچ پُرزو آ سَندمِ،
ڏَسُ ڪَاٻاڙيءَ جو مِليم سو، گس پُڇايان پَر نہ مِيان.

7 - جِي ڏڪي اِسٽاٽ ٽِيان تہ بہ، سُپر هاءِ وي مَاڻيان،
ڪَئين سَڏون آهن اي "خاڪي"، سَڏ ڪَا لاهيان پَر نہ مِيان.

نوٽ: هي ڪلام سائين اعجاز جو ٺاهيل آهي، نالي واري مصرع ۾ استاد محمد صابن "خاڪي " جو نالو ڏيئي سندن همت افزائي ڪرڻ فرمائي اٿن.

تلھ : قلب مُنهنجي ڪِي قَريبا، چو ڪَپي ڪوري وِڌئي،

چَاڪ ويتَر مُون چَريءَ جا، چُر ڪري چَوري وِڌئي.

1 - **ڪِين تو چَاڙين طَبيبا، مَاٺ ڪَر مُونکي م چور،**

نِينهن جي نَاسور ڪي، نَاحق وَري جهوري وِڌئي.

2 - **جِن ڏُکن جي ڏور ڪان، مُنهنجا ڏَکيا تي ڏوهہ مِيان،**

تِن ڏکن جي ڏور آخر، ڏَاهہ سان ڏوري وِڌئي.

3 - **تو مُون ڪَيون تي مَام ۾، محبات وَاريون بَاتڙيون،**

سي لِڪايئي ڪين مُورهن، عَام سان اَوري وِڌئي.

4 - **آهي تُنهنجي چُڪ اَعجازا، آهون دانهون ڪِيم ڪَر،**

جِيئن ڏِنو هوءِ يَار تيئن، گهر سر نَئي گهوري وِڌئي.

ٿلهه : **دِل ڪان پَاسي ٿَاهيان مَان- دِل ۾ ڳَول تہ آهيان مَان.**

1 - **دِل سان مِلندين مِلنداسون -مِلڻ نہ دِل رِيء چَاهيان مَان.**

2 - **هِي شَعر نہ آ حقيقت آ -ناهہ ٿَتو ڪو ٿَاهيان مَان.**

3 - **جيڏهن ڪَاهيان تِيڏهن ٿو-دِل جي رَستي ڪَاهيان مَان.**

4 - **جَنهن ڏي رَڪان تہ ٿُوڙ نِيايان - هِڪ لَحظو سِڪ نہ لاهيان مان.**

5 - **جو ڪجهہ چاٽان دِل ڪان چاٽان- سِينو نہ ڪَنهن سان ساهيان مان.**

6 - **دِل جو پِياسي دِل جو وَاسي- دِل جو سَاسي آهيان مَان.**

7 - **جِي پِيار ڏِيندين تہ وَنندين پِيار - هَاڻ تُون سوچ تہ چَاهيان مَان.**

8 - **مُنهنجون مَوجون چَا ڏسندين-وِيرون عِشق جون وَاهيان مَان.**

9 - ٻِيا سَڀ ڏَاھيان ڪَعبہ مگر-دِل جو ڪَعبو نہ ڏَاھيان مَان.

10- اَڪين جي ٻہ تہ دِل سَان اَعجازا -رَاند رَھان ۽ رَاھيان مَان.

ٿلهه :اَي دِل گُهريا دِلبر مُنهنجا، آهن عَجب آرا تُنهنجا،

تَعريف جي لائق ڏِنم، لَڪ لاڏ ڪَئين لارا تُنهنجا.

1 - **چَقمق چِشم ڇَهرو غَضب، پِنبڻين جو تِت پَهرو غَضب،**
آهن وَري قَهرو غَضب، ڪَاڪُل ڪُنڍيا ڪَارا تُنهنجا.

2 - **اي حُسن جا تابُوتڙا، خُوبين سان سَنوريَل خُوبڙا،**
مُون تي ٿيا مَحبوبڙا، مَاڻا اِهي مَارا تُنهنجا.

3 - **مِرڳهن ۾ تنهنجي ڳالهه آ، هنڌوَن ۾ حيرت حال آ،**
ڪُونجن ڪي سِڪ اڄ ڪَالهه آ، ڪَبڪُن تَڪِيا چَارا تُنهنجا.

4 - **مُرڪي نَظر مُون ڏي تون ڪَڻ، ۽ ڪَا مِلڻ جي ميچَ هَڻُ،**
چَاهيان تو آئون ڇَپڙا چُمڻ، مِنڻا مِنين وَارا تُنهنجا.

5 - **"اَعجاز" چَئي توسان وَري، مَٿ ڪِيئن ٿِيندا بُت مَر مَري،**
تو ڪي ڏِسي جيڪا پَري، بيشڪ هَٽي نَعرا تُنهنجا.

ٿلهه : سَنگ دل ڪي دِل ڏِنيَم هِي ڇَا ڪَيم-پِيار پَٿر گان پِنيَم هِي ڇَا ڪَم.

1 - سِڪ پَرِي جُنهن دِل سُجاتي ڪَانه ڪَا-ڇَا نه ڇَاتنهن لاءِ ڪَيَم هِي ڇَا ڪَيم.

2 - جو صَنم خَاني فَقط سُونهي صَنم- تَنهن ڪي جَانِ مَن چَيَم هِي ڇَا ڪَيم.

3 - مُنهنجي ليڪي مُنهنجو آهين تُون مگر- پَاڻ ڪي دوکو ڏِنَم هِي ڇَا ڪَيم.

4 - مُلحظو ظَاهر جي روئڻ گان ڪَيم-ڇَو نه مَاٺهن جِيئن رُنَم هِي ڇَا ڪَيم.

5 - بيوفا جي بيوفَائي ڪي ڏسي-صَبر جو روزو پَڳم هِي ڇَا ڪَيم.

6 - جي نِجانا پيد هئا ئَاتا عَجب-سي چِنم ڪَنهن لاءِ چِنم هِي ڇَا ڪَيم.

7 - رَشڪ ئي بس رَشڪ ۾ جَلندو وَتان- دَم مِجازي ڇو هَنيم هِي ڇَا ڪَيم.

8 - اَڄ تَڏهن هَر هڪ تَمنا تَڙپي پَئي- جو مُقدر ڪي تَڪيم هِي ڇَا ڪَيم.

9 - عِشق جِي ۽ حُسن جِي "اَعجاز" چئي- عُمر پَر عِزت رَکيَم هِي ڇَا ڪَيم.

ٿلهه : دِل وَاٺ ويندي تَو جَهٽي، وَهه دِلبر تُنهنجي جَهاتي،
هيءِ هَاڻ نہ وِسري گهٽي، وَهه دِلبر تُنهنجي جَهاتي.

1 - عَجب اِهو آ ڪِيئن آ چانڪ، اَکيون اَکين سَان اَڙيون،
اَڙيون تہ اَڙيون اَهڙيون تي، جو جَان جِگر ۾ جَڙيون،
لَئون توسان لَڳي لَج لَٿي، وَهه دِلبر تُنهنجي جَهاتي.

2 - تَڪي ڏِيد ڏُنالي شَايد، پوءِ ڏَري تو کولي،
دَريءَ کُلڻ سان عَاشق هِن لاءِ، حَال تہ ٿي وئي هولي،
رَنگ خُوب لڳو اک پَٽي، وَهه دِلبر تُنهنجي جَهاتي.

3 - دُنيا ٿي ڳولي دَولت کي، تُون تو ڳولين دِل وارا،
پيار سَچي ۽ ڪُوڙي جي، پَرک پئي اَج پِيارا،
دِل مُنهن جي ڪَيَئي ڪَسوٽي، وَهه دِلبر تُنهنجي جَهاتي.

4 - صُورت پِياري پِيارا تُنهن جي، نَظر نِيائڻ وَاري،
لَک لَک وَاري توتان صَدقي، جَاني جِند هيءَ ساري،
تو حُسن ۾ بَازي کَٽي، وَهه دِلبر تُنهنجي جَهاتي.

5 - **اکيون تُنهنجون قَهر اکِيئي، وَري شوق ڪَجل فَرمايُئي،**
اَعجاز جي موهڻ لاءِ اِهو، ڏاڍو ڍَنگ بَنايئي،
هِت ڪَڍِڻي پَئيسُون هَتِي، وَهه دِلبر تُنهنجي جهاتي.

ٿلهه : **دِل گهرئي دِلدار جو-دِيدار ٿِيو اَڄ اوچِتو،**
ناز پَريو ناز مان-نِروارٿِيو اَڄ اَوچتو.

1 - **سِڪ وِچان پَر دو ڪنيو-نازڪ بَدن آيو نَظر،**
آمهون سَامهون اَڪ اَڙي-اِقرار ٿِيو اَڄ اَوچتو.

2 - **حُسن تَابش سانُ نِرمل-نِينهن جون نُوڪون سَجي،**
عَاشقن آڏو اَچي-اِظهار ٿِيو اَڄ اوَچتو.

3 - **جِيئن جَهٽي تو بَاز جِهرڪي-تِيئن جَهٽي ويو مُحب دِل،**
هيءُ قَهر مون سَانُ آهي-يَارَ ٿِيو اَڄ اَوچتو.

4 - **جَان پَري جَاني قَدم-مُرڪي هَليو تَان مُون ڏِٺو،**
طُور جي تَجلي مِثل-چَمڪار ٿِيو اَڄ اَوچتو.

5 - **تِير پَالي جي بَجاءِ-اَڄ گهور گُهنڊ سَان گڏوَري،**
سَيف اَبروء جو سَندم -سِروار ٿِيو اَڄ اَچتو.

6 - دِل وَني ۽ دِل ڏيئي هيئن-دِلربا دلبر چَيو،
وَهه جو "اَعجاز" هي-وَاپار ٿِيو اَڄ اَوچتو.

ٿلهه :دم دم تو کي ياد ڪيو دل-واٺون تنهنجون واجهائي.

1 - آهي سڄڻ تنهنجو عشق اويڙو-پَر پي نہ مونکان اٿس مونسان جهيڙو،
ڪير تنهن کي پرپائي.

2 - ڪيئن آ الائجي توسان اڙي دل-جادوء ڪهڙي سان تو آ جڙي دل،
ڏسڻ نہ ٻئي ڪنهن ڏي پائئي.

3 - پيار ڏئي وئين دل منهنجي ڪاري-صحبت تنهنجي ساريو ساري،
پر ٻر تو لاءِ فالون پائي.

4 - دل کي "اَعجاز" چئي گهڻو سمجهايم-ياد تنهنجيء کان روڪي رهايم،
تہ بہ چاهه نٿي تو تان چائي.

مُحبت مَضمون

ٿلهه :مِلايو سَاز ڇَڏيو ڪِل ڪِل- مَچايو مَحبت جي مَحفل.

1 - **ڪُلفت مان ڪُجهه ڪِين ڪَمائبو، ٿاتو نِيائبو رَس نہ ڦِتائبو،**
فَيض رَبوبي تَڏهن پِرائبو، جَڏهن ٿِبو بِسمل.

2 - **نئڙت نِياز سَچائي ڏاريو، وَهم بِيائيءَ وَارا وِساريو،**
حَق جو نَعرو هَر هَر مَاريو، ڪُوڙ جا ٿِيو قَاتل.

3 - **پِيرِ مُغان جي پِرت ۾ پَچجي، چَڙهي نِظاري نِينهن جي نَچجي،**
عِشق وَاريءَ اَڏيء تي اَچجي، سِڪڙي رکي مُڪمل.

4 -**ڪير ملون آ ڪير مَوالي، ڪير صوفي آ ڪير ڪلالي،**
سَيڪو آ هڪ دَرجو سوالي، پَر پنهنجيء ۾ پَلپَل.

5 - **لَوڪ ڪَري پَلي ٿوڪون رَوڪون، پَر نہ ڦِتائبيون پيار جون جَهوڪون،**
جِيء جِيء ڪَري ڏبيون جڳ سان جَوڳُون، "اَعجاز" چَوي تَهدل.

ٿلهه : مَحبت آ وڪر اَهڙو، سَودائيندين ڪَمائيندين،
هِيئين سان جي مَحبت ڪي، هَنڊائيندين ڪَمائيندين.

1 - **مَحبت ۾ سَچائي جو وَفائي جو وچن وَننڊئي،**
وَچن ڏئي سو وَچن پَاري پُڄائيندين ڪَمائيندين.

2 - **مَحبت رِيءِ وَڪر ٻيا سَڀ، وَڃن آخر پُراڻا ٿِيو،**
مَحبت آ فقط نِت نئين، وِهائيندين ڪَمائيندين.

3 - **ڏڄائون ڏَن خَزانا ڪَئين، لُٽائيندين ويندا لُٽجي،**
مَحبت جِيئن لُٽائيندي وَڌائيندين ڪَمائيندين.

4 - **مَحبت ڪي حِڪايت چَئي، حَقيقت ڪان نه غَافل ٿي،**
سَچيءَ دِل سان مَحبت گرچه لائيندين ڪَمائيندين.

5 - **مَحبت ٿيو وَڃي "اَعجاز" مَحبت ڪَئي نه ويندي آ،**
مَحبت چيز نَاياب آ، جِي پَائيندين ڪَمائيندين.

ٿلهه :آهي مَحبت چِيز عَجيب-پَر ڪَنهن ڪَنهن ٿئي ٿي نَصيب.

1 - **مَحبت غَرض عَرض کان آجي، مَحبت قَرض فَرض کان آجي،**
مَحبت دَرد مَرض کان آجي، آ مَحبت پاڻ طَبيب.

2 - **مَحبت اَنبيائن مِيراث، مَحبت اوليائن مِيراث،**
مَحبت غُربائن مِيراث، مَحبت مُربن جي تَرغيب.

3 - **مَحبت ۾ سڀ ڪَاج ٿين ٿا، مَحبت ۾ ڏَڄ ڏاڄ ٿِين ٿا،**
مَحبت ۾ مَعراج ٿِين ٿا، مَحبت جي آ هَنج حَبيب.

4 - **مَحبت غَير ٻِيائيءَ کان پاڪ، مَحبت بي حَيائيءَ کان پاڪ،**
مَحبت روڳ رِيائيءَ کان پاڪ، خُفا مَحبت کان چو خَطيب.

5 - **مَحبت ۾ ڪو جِهيڙو نه جَنگ، مَحبت ۾ ڪو ضِد نه زَنگ،**
مَحبت ۾ ڪو ڪَنهن کان نه تَنگ، مَحبت وُسعت ۾ بي حَسيب.

6 - **مَحبت هيري ڦيري نه ڄَاڻي، مَحبت تيري ميري نه ڄَاڻي،**

مَحبت وير ۽ ويري نہ ڄاڻي، مَحبت جي نہ نَظر رَقيب.

7 - مَحبت سوئي آهہ ثمر، سُرو اڏوئي نہ جَنهن کي گُهنگهر،
ذات مَحبت جي آ اَمُر، توڙي چاڙهيوس نيئي صَليب.

8 - مَحبت چَئوس جي اُلفت چَئوس، اُنس چئوس جي چاهت چَئوس،
پِرت پِريت جي پاهت چَئوس، چَئوس "اَعجازا" چَئوس وَري بہ.

ٿلهه : مَحبت ۾ جيڪي مُيون مُيون -سي ٻَئي جَڳ جِيئنديون،

ٻَئي جَڳ جِيئنديون پَٽڙا پيئنديون.

1 - **هَوت جي هَر دم حُضور ۾-جَيڪي هُونديون ۽ هُويون.**

2 - **سِڪ سَان ثابت سِريون جن جون - سُوري ء تي توسُيون.**

3 - **پَنهنجي اَندر مان پَاڻ کي لوڏي - دُور ڪَيون جن دُيون.**

4 - **اَچي "اَعجاز" تَرارين وِچ ۾- تَڪبيرون جِن چَيُون.**

اَکیون

تلهہ : اک ۾ ڪَاني عِشق جي ڪَر، پَاڻ سَينگارڻ گان پوءِ،

دَر سَني دِل وَاري ڏِس تُون، دِيد دِل ڏَارڻ پوءِ.

1 - **ڪَنهن بہ عَاشق ڪَا نہ ڪَئي آ، ڪَڏهن آزادي قبول،**
زُلف جي ڪَاري ڪَمند بند ۾، گهڙي گهارڻ گان پوءِ.

2 - **ناز بَرداريءَ ۾ آهي، قيس مَجني جو ڪَمال،**
بَاغ تي بَر سِر بَهاريو، بَر ۾ بيهارڻ گان پوءِ.

3 - **دِل پَسند ڪو هڪ ڏُٺي، دِلبر پَلي پَنهنجو بَناءِ،**
ڪَر نہ تَنهنجِي ڪَا شِڪايت، تَنهنجي آزارڻ گان پوءِ.

4 - **سُو بَسُو سَنسار سَپ، تُنهنجو ڪَندا سَر سَر سَلام،**
واعدي قَالُو ابَليٰ تي سَاهہ سِر وارڻ گان پوءِ.

5 - **مَعرفت واري ٿَا ماڻِن، مَوج مَت عَارف عُشاق،**
مُوتُواقِبلِل آنت مُوتُو پَر اِنهي ءَ پَارڻ گان پوءِ.

6 - پَاڻ سِينگارڻ سَنوارڻ، مَرڪ مُشتاقن جو ئاهه،
سُونهي سُهڻن کي سَجاوٽ، سَابہ سِڪ ڏارڻ گان پوءِ.

7 - مُنهنجي خَطا سَهوَ غَلطي، ڪَابہ ساقي ڪِيم ليک،
پَنهنجي پِڪ پِيالي ۾ پَائي، پِيالي تَنهن پِيارڻ گان پوءِ.

8 - بَارُ آ آزار آ، بَيڪَارُ آ اَعجاز هَاڻ،
جَان جِند جي گُڻ ۽ گُڻتِي جَان جِند گُارڻ گان پوءِ.

ٿلهه : اَسين يَار سَجڻ جي اَڪڙين لاءِ، آهيون ڪيل تَماشو ڏري،

پَريو ڏُناليون ڏِيدن وَاريون، چڪي ٿو مَاشو ڏري ڏري.

1 - **شَوقُ سَجڻ جو شَاهه شَاهاڻو -حُسن جو هَٽ ۾ مُلڪ ۾ مَاٽو،**

بِرهه وَارن لاءِ وَتي بيراڻو-بَچِي ٿو بَاشو ڏري ڏري.

2 - **ڪُوپا ڪُونڌر تَڪي تَاڙي -بَانڪا بَهادر وَنگي وَاڙي،**

سُوري ۽ چَاڙهي گهاٽي چَاڙهي -رَت ٿَلاشو ڏري ڏري.

3 - **ڪَڏهن ڦهر جو ڪَجل اکين ۾-ڪَڏهن سِحر جو ڪَنول اَکين ۾،**

ڪَڏهن مَهر جو مَشعل اکين ۾ -خُوب ۽ خَاشو ڏري ڏري.

4 - **بِرهه جون بَاهيون لالڻ لاَيون - واءِ اعجاز ٿيون وَلِلُيون وَايون،**

جَان جِسم کان جُدا ٿا يَانيون -بُت ٿيو لاشو ڏري ڏري.

ٿلهه :ٿُنهنجي اَکين جا تيرَ، نيڻ چَڙهي پِيا جَاني جگر ۾.

1 - وَهوا نَازڪ ٿُنهنجو نِهارڻ، مُرڪي اُمالڪ گزڙو مَارڻ،
سيگهه ڪَري وِجهه سِيرَ، ڦَٽڪي لُڇي پِيو سَاسِي پَڌر ۾.

2 - نَالي خُدا جي يَار پيارا، ڦَٽي ڦُري دِل ڪَر نہ ڪِنارا،
سُرت اَٿم نہ سُڌير، پَريشان آهيان فِراق فِڪر ۾.

3 - سُرمون پَائي سُهڻين اکين ۾، ڪَئين تہ ڪُنا تو گُهمندي گهٽين ۾،
پَندت پير فقير، دِلگير ڪَيا اٿئي سَاري دَهر ۾.

4 - "اَعجاز" چَوي پَرديسي آهيون، هتي هَميشہ رَهڻ وَارا نَاهيون،
اوچتو ٿِياسون اَسير، سَختي نہ ڏي سُهڻا ايڏي سَفر ۾.

ٿلهه :تَنهن جي مَست اکين تي مُلڪ ڇَڪن-ڇَاتن جي اَڳيان آهو نين لَڳن.

1 - **مُلڪان مُلڪ تنهنجي اَکڙين جا مُنل، ڪئين عاشق ڪُوپا ڪُونڌ ڪُنل،**
مَاڻهو تہ مَاڻهو پَر مُحب مِنل، جي پهاڙ پَسن تہ پَاڻي ٿي پَون.

2 - **اَفغان عَمان اِيران چَوان، خَرطُوم خُتن خَاڪان چَوان،**
هِندُ پَاڪ پشن پَرستان چَوان، يُونان چَوان يَثرب ڪي يَمن.

3 - **مَد پَريون اکيون مَتواليون اِهي، اَٿئي پِرت وَارن لاءِ پَاليون اِهي،**
لاباليون اِهي بَرحاليون اِهي، ڪَوڙئين ڪَيف پِيالا ڪَدهہ لَهن.

4 - **اَهڙي ڪجل ۾ آ ڪَاراڻ ڪِٿي، اَهڙي لَعلُن ۾ لاَلاڻ ڪِٿي،**
اَهڙي عام اکين ۾ آ جَاڻ ڪِٿي،جِيئن تنهنجون اَکيون ٿيون رَمز رَکن.

5 - **لِيئَن سَاڻ لُٽيَٺُون لاَهوت وَجي، جَڙ حُسن جِيءَ سان جَبروت وَجي،**
هَٽي بَاڻ بَڌئُون مَلڪوت وَجي، نَاسوت نَمايو نَاز ٿيون ڪَن.

6 - **تُنهنجي اکڙين جي جَلون عِشوَن ڪان، تُنهنجي اکين جي غَلبَن دَلبن ڪان،**

تُنهنجي اکين جي عَرصن صَدمن ڪان، دِل وارا سَڄڻ تا دِيوان نهن.

7 - جن اکين مَوهيو سَڀ جَهان سَڄڻ، آئون تن تان تِيان قُربان سَڄَڻ،
فَڪَان وارو فَرمان سَڄڻ، "اَعجاز" چَوي صَحي صَاف اٿن.

تلھ : اَڪين وَاري ئاتي-ڏاڍي چوٽ چاڙهي،

اِهو دَرد لاَشڪ -ڪَندو ئئِي پَچاڙي.

1 - **ڪَيم وَس هَزارين تہ هي خيال مَنجي-چڙهي وِيو جي دِل تي ئتو حال مَنجي،**

دَارون دِبَ تہ هِن لاءِ آهن جڻ اُماڙي.

2 - **اَڪين سَان اَڪين جو مِلڻ ٿيو اَچانڪ -بِنهي طَرفَين مُرڪڻ کِلڻ ٿيو اَچانڪ،**

لَڳي جِيءِ کي اُن دم اُتان جَڙَ ڪا جَاڙي.

3 - **ڇَڏيو عِشق ظَالم رَتي رَت نہ مُون ۾ -جوين جوتِ وارو بہ سَت اَت نہ مُون ۾،**

صُورت سُونهن سَاري سِڪڻ سِڪ اُجاڙي.

4 - **مَزو مَوج ڇَا جي، اَمن عيش ڇَاهي -لَڳي جيڪا لَئون سا ٿوري ڳَالھ ئاهي،**

مُون لاءِ هَر ڪا مَحفل سَواء يَار ٻَاڙي.

5 - **جِتي سَاھ سِر جي اَعجاز بَازي - اُتي عَاشقن رِيء ٽيندو ڪير غَازي،**
ڏِسڻ ڏُک اُنهن جو آهي ڪَم ڏِهاڙي.

ٿلهہ : آئين سُھڻا سِينگاري اَکيُون اَکيون- ڪَجل وَاري ڪَج رِيهہَ سَان.

1 - **اَکين سِينگارڻ جو قَابل آهِين-ڏَاڍو سِياٽوقَاتل آهِين،**
جَهڙيون تيغُون ٺَاهي تو رَکيُون رَکيُون.

2 - **هِڪ تہ سَارو سَچ مَنجهن آ-ٻيو تہ مجازي مَچ مَنجهن آ،**
پَيَڙ لاَئي سي ٻَکيُون ٻَکيُون.

3 - **ٻَئي ٻَاجهاريُون مُرڪ وَاريُون -لَٽُون لَٽُون لَڳَٽيُون پيچي پِياريُوون،**
ٻَاڻ هَٽي سي ٻکيون ٻکيون.

4 - **هَر هَر مُونکي شَهيد ڪَن ٿِيون -سِڪ سِڪڻ ڏيو خَريد ڪَن ٿيون،**
لوڪَ اَعجازا نہ لَکيُون لَکيُون.

ٿلهہ : ڏِسي ڏِسي تو لاءِ سُهڻا-اکيون وهيون نار ٿي،

آئين ڪَو نہ تُون، ڪَري ڏانهون دِل يَار پَئي.

1 - **نَڪي گام وَٽي نَڪي طَعام وَٽي، نَڪي صُبح وَٽي نَڪي شام وَٽي،**
اَنئي پَهر عشق ۾ پِيارا، تُنهنجو نَام وَٽي،
نَامِ خُدا جي وَج هڪ وار ٿي هِڪ وار ٿي.

2 - **مُون کي تہ اوهان ڏنا سُور نَوان، سِي ڪَهڙا چَئي وري ڪَهڙا چوان،**
ڏُکيو گُذرانِ ٿِيَڙو، رَاتو ڏِينهان پيو مَان رُئان،
مَري نہ وڃان ڪَٿي بيمَار ٿي بيمَار ٿي.

3 - **اَڄ يَارَ سَچا، دِلدار سَچا، مُنهن جي مَحبت جا مننار سَچا،**
ڪر اَعجاز علي سان اِقرار سَچا،
مُنهن جو دوست دلي دِلدار ٿي دِلدار ٿي.

ٿلهه :اَڙي تہ اکيُون مُنهنجون پَتيون پَتيون- لَئون نہ ڪِٿي وري لائن لائن.

1 - آرُ اکين اُن پَار جو ڳيڙو، ڪڙي خِيال اُنهيءَ ۾ ڪُتيون ڪُتيون.

2 - جِهجڻ جهوري نِندَ نہ نيٽين، پَئي نکٽ نِهاريان ڳَتيون ڳَتيون.

3 - وِرهه وَاري وينِي وَسايان-چوڙي چِڏيم سِر چَتيون چَتيون.

4 - عِشق وَارن تان "اَعجاز" عَلي چَئي، لَوڪ مَيارون لَتيون لَتيون.

ٿلهه : ٿُنهنجون مَست مُغانيون مورُ اَکيون، ڏاڍي حُسن وَاريون گهنگهور اَکيون.

1 - **جاهي جوت حُسن سان جَلال پَريُون -خاصي خُوءِ خُنڪ سان خَصال پريون، ڪَج اَبرو ڪَمان سان ڪَمال پَريون- سَدا قَتل ڪوڏيون ته ڪَٺور اَکيون.**

2 - **آهي سُرمون ڪَجل به ته شَانُ سَندُن- بِنا سُرمي ڪَجل به ته مانُ لَهن، هَر طَرح دِليون حَيران رَکن -اِهي ڪَاريون ڪَاريون پَنيور اَکيون.**

3 - **ٿُنهنجي اکڙين جَا جَلوا به سُونهَن-ٿُنهنجي اکڙين جا پَردا به سُونهَن، ٿُنهنجي اکڙين جا دَلبا به سُونهَن-آهن پِيون به مگر ٿُنهنجون اَور اَکيون.**

4 - **اِهي اَگمَ آڙنگَ سَاڻُ بَئي-اِهي سَانوڻَ سَارنگ سَاڻ بَئي، اِهي رُوپ عَجب رَنگ سَاڻ بَئي-بيباڪَ بَرِي باشور اَکيون.**

5 - **نَڪا نَرگس گُلاب ۾ اَهڙي وَفا-نَڪا مَشعل چَراغ ۾ اَهڙي سَخا، نَڪا اَلماسن ۾ اَهڙي ڪَلا-اَهڙيون ڏاريون اتئي شَهزور اَکيون.**

6 - ڏِٺي جَن جي قَلب ٿو قَرار وٺي - ريءِ پِيتي خُمر جي خُمار وَٺي،
"اَعجاز" جيسين دِيدار وٺي- تيسِين ٿُون نہ ڪيڏهن اِهي چور اَکيون.

ٿلهه : جَن اَڪين آئون آهيان مَاري، تَن اکين رِيءَ جِيئنديس ڪَانه.

1 - **يَاد پَون جَنهن دَم اُهيئي، وِسريو وَجن پِيا ڪَم سَيِيئي،**
نِيرُ وَهايو وَسايان وَاري.

2 - **پَاپِي اکيون سي پَردي واريون، مُون جهڙيون تن لَکين ماريون،**
هَٽِي ڦهر جِي ڪَيف ڪَٽاري.

3 - **سج لَهِي وِيا ڪَئين سَارِيندي، رَينُون گُذريون هَنجهون هَاريندي،**
ڪَانه ڏنائون وَري ڪَا ڏيکاري.

4 - **عِشق اکين جي ڪَئي آ پچاٽي، ويئي جَلي مُنهنجي جوت جواٽي،**
ڦُرجي اَعجازا ٽيس ويچاري.

تلهہ :چَقمق اَڪيون چهٽي وَيون، گهٽئي موڙِيم پَر نَا مُڙيون،

سُرمان پَائي سينگارجي، دِل جي گسڻ لاءِ ٿيون گڙيون.

1 - **ڪُنديون ڪَڪوريل ڪَارڙيون، مِرگهن ڪَنان مُوچارڙيون،**
لَغڙن وَانگي تي وَارڙيون، ڪَاهون ڪَري ڪَوڏئون ڪَڙيون.

2 - **نِٽُ تير مرڱن جا تَڪي، اِيندي وِيندي وِڏئون ڏَڪي،**
اُستاد ڪنهن پَاڙهيون پَڪي لوڪان لِڪي تڏهين لَڙيون.

3 - **مَارڻ لئہ آيون ٿِيون رَهن، اِن آر تَان مُشڪل لهن،**
مَيچُون ڏِيو مُرڪيو ڪهن، چَتريون اٿن ڪي چَالڙيون.

4 - **وَئي لڳي سِر سَاهہ سان، اُڌمان اُٿيا هَر آهہ سان،**
"اَعجاز" چئي الله سان، آهن اهي جِت ِ ڪِتِ رَڙيون.

ٿلهه : دِلبر ڪَشيا اکين جا-پَيڪان اِيندي وِيندي،

مَاريو وَريو ٿو مَاري -مَهمان اِيندي وِيندي.

1 - **خُوني خَنجر ڪَنيائين - عَاشق قَتل ڪَيائين،**

حَملا ڪَري هَنيائين- سَر بان اِيندي وِيندي.

2 - **نَازڪ سو نَاز پَرور- ڪُونٽر پرين قَداوَر،**

گُهورن سَان گهائي هَر هَر- جُنگ جُوان اِيندي وِيندي.

3 - **سُهڻي جا زُلف خَم خَم - ڏِس دَام وَانگي دَم دَم،**

ڪَن ٿان هَزارين حَاڪم- زِندان اِيندي وِيندي.

4 - **ظَالم زَورَاور ٿِئي ٿو-اَعجاز جي دِل نِئي ٿو،**

سُورن سَندا ڏِئي ٿو- سَامان اِيندي وِيندي.

ٿلھ :ڪِلي جو اَڪڙيون ڪَنيُئي- جَھڙو جَادو ڪو ڪَيُئِي،
ٿي وِيُس هَوش ڪان بيهَوش صَنم وَالله.

1 - **پَهرين نَظر سَاڻ عَقل هَوش ڇَڏايُئِي،**
بيخود بہ بَنايئي مُونکي بيوَس بہ بَنايئي.

2 - **هڪ پَل بہ ڪيڏهن هَاڻ نہ قير نِگاهون،**
تَرساءِ نَڪي هاڻ هي تڙپاءِ نگاهون.

3 - **تُنهنجي نہ بَرابر پَانيان جَنت جا نِظارا،**
صُورت ۾ ڏِنم تنهن جي اَهڙو حُسن نِگارا.

4 - **پِيتَم تہ پِيا بہ مَئي جا پَيمان هَزارين،**
پَر تُنهن جي اَکين وارو نَشو آهي پِي پَارين.

5 - **"اَعجاز" چَوي مُون ڏي نِهاري تون وَري کِلُ،**
مَحبوب اَهڙيءَ ريت مُون سان رَوزُ پِيو تون مِل.

تلھ : ھڪ منٿيون منٿيون ڳالھيون تُنھنجون، پيو ٺاز پَريون اکيون مَارن ٽيون،

اَسين عَاشق اَھڙيون وَصفون ڏِسي، پوءِ ڪِيئن نہ سَجڻ سِر سَاھ ڏِيون.

1 - **تُون ڄاڻين نہ ڄاڻين يَار مِنا، سَاري جَان اَسان جي تُنھنجي آ،**
مَحرومر نہ ڪَر پَنھنجي پيار کَان تُون، پَري پيالو وَصل جو ڏي تہ پِيون.

2 - **پَاٺھي پَاڻ سِينگاري پَاڻ آئين، پَنھنجو پَاڻ ڏِيکارڻ ٺاز ڪَري،**
اِنھي چَال تُنھنجي ۽ جي پَئي نہ خَبر-دِلدار لُٽي ڪِيئن دِلڙي وَيون.

3 - **تي سَاتي دِل قَيد ويئي، تُنھن جي دَامر زُلفن منجھ سَدا،**
تُون تہ ٿِيو آھين ھَرجائي مِنا، ڪِيئن توريءَ جَانب ھَانڻ جِيُون.

4 - **ڏَاڍي عِشق تُنھن جي جي ڳَالھ ھلي، ھَر جاءِ آھي اَعجاز ڪَئي،**
ڏِينھن رَات اَتس تَاري تَات تُنھن جي، چَڏي يَار ڏنئين بس ڳالھيون پِيون.

تلهہ :جِيئن وَڻئي تِيئن يَار، مُون ڏِي تون نِهار-گُهند پَائي يا کِلي اکڙيون ڏيکار.

1 - **مُنهنجي نيڻن تُنهنجي نيڻَن جو مِلڻ ، تو هَزارن کي بَنائي حِرص وَار.**

2 - **تُون ۽ تُنهنجا نَاز تا مُونکي وَڻن، تو وَڻايو پَاڻ پَنهنجو بَار بَار.**

3 - **تُون نِهاريندين تہ توکي ڪَنهن جو خُوف، عَاشقن جو آهين عَاشق آ شڪار.**

4 - **ڪَر پيارڻ گان نہ بس اي سَاقيا، نَظر سان يَا جَام سان پَر پيو پِيار.**

5 - **دِل جي چِيري هيءِ ڏِسين آ دَاغ دَاغ، ڪَئي نہ بي ڪَنهن تو ڪئي آ دَغدار.**

6 - **کولي مُنهن مُون سان مِلين يا مُنهن دِکين، هَر اَدا تُنهنجي تي دِل مُنهنجي بَهار.**

7 - **جَهڙو سُهڻو پَاڻ تون تهڙيون اَکيون، موت مُنهنجو بَخش ٿَئي پيو موهِ مَار.**

8 - **جَا نظر ٽُنهنجي ڏِنم سا لاجواب، هر نَظر ۾ رَاز پَوشِيده هزار.**

9 - **آهين ڪُل مُختيار تُون "اَعجاز" چئي، يا محبت يا تُون نفرت اختيار.**

تلھہ : گولُ گِلولا اَکين وَارا-چَائين ٿو تہ چُٽين ٿو يَار.

1 - **ڪو نہ گُسِين ٿو ڪَڏھين ڪَنھن مَان-سَڀ ڪنھن ڏانھن سَٽين ٿو يَار.**

2 - **ٽُون نِشاني بَاز نِرالو-دليون تَڏھن تہ لُٽين ٿو يَار.**

3 - **زورَ پَريا ھَٽيو زَاريون ڪَرائين -ھَٽندي ڪَو نہ ڪُٽين ٿو يَار.**

4 - **زُلفن وَاري ء سُوريء سان -نِرگھٽ نِڙيون گُھٽين ٿو يَار.**

5 - **چَا ڪٽين ٿو چَا وَٽين ٿو-ڪيڏا نہ پَاپ ڪُٽين ٿو يَار.**

6 - **ٿَو وٽ گِلول رَتول رَنگينا- پيايون ٿَن سان پُٽين ٿو يَار.**

7 - **اِنھيءَ ڪَري اَعجاز عَلي چَئي -ھِينئڙي ٿَان نہ ھَٽين ٿو يَار.**

ٿلهہ :مُحب سَان اَڪڙيون تہ نِت مَلنديون رَهيون،

پَر اُميدون دِل سَنديون جَلنديون رَهيون.

1 - ڪِيئن وَفا جو هَاڻ ڪَنهن سَان پَرجي دَم،

لَک وَفائون جَا بجا لڙهنديون رَهيون.

2 - آسرو رَڪجي پوءِ اُت چو پِيار جو،

ڪُلفتون جِت پِيار ڪي ڪُهنديون رَهيون.

3 - دوستيءَ جي نَاتي گان دِل تي ڪَٿي،

دوسِتيون اَج ڪَلهہ ڪُنديون ٽِينديون رَهيون.

4 - هَيڪڙائي ڇَا ڪندي ٻِيائيءَ اَڳيان،

هَستيون ٻِيائي کي جَڏهن، جُهڪنديون رَهيون.

5 - ڪُوڙ جو جِن وَٿ قَدر سَچ جو نہ مُور،

سَپ اُنهن کي ڳالهيون ڦَبنديون رَهيون.

6 - ڪي تہ تِڪ ۾ ٽَار مَان ٽَريو وَڃن،
ڪي تہ ڪَشتيون ڀَر ڪَپر ٻُڏنديون رَهيون.

7 - ڇَا اکين جي آس هُئي "اَعجاز" ڏِس،
ڇَا اکيون هي دَم بَدم ڏِسنديون رَهيون.

ٿلھ : ھِن تہ اکين جا آڙنگ آگم ڪيرُ پَسي.

1 - **گوڙن ۾ گمسانن سان مَست گگن وَانگي،**
اگّڻ عَجيبن وَاري بَرسن اوڙڪ اورَانگي،
اُت اوھِيرن سَاڻ سندن چو ھِي چَاٽ وَسي.

2 - **نِينھن نِظارا اَوسر، نَئين سِج ڪَن نَوان،**
سَارنگ سَانوڻ سَدائين، منجھہ ملھار چَوان،
ھَٽن بُوند بَھار جا، گسن گاھ پُسي.

3 - **سِڪ ، اڪَنڊ اَڪڙين جي، ڪِين اُڪاٽي ڪَڍھين،**
سائي سَوائي اَٽھي، ڪِين ڪُماٽي ڪَڍھين،
خُوءِ خُماري تِنھن جي، تَارين تُنرِين ھَسي.

4 - **اکيون عُشاقن وَاريون ڪَن توحيدي وَسون،**
ڪَڪر ڪَاپاري تَن جا، لاھن قلبن ڪَسُون،
ڪَو نہ اَعجازا ڪر تَڙُ ، رَڪن منجھہ تَسي.

ٿلهہ :سَڄڻ تُنهنجون سُهڻيون- آهن دَنگُ اَڪيون،

ڪِٿان لائي آيون -اِهو رَنگ اَڪيون.

1 - **اَٿن ڄَڻ ڪي پيتل-نَديون مَئي جون نِياريون،**
مَگر مُحب آهن-خُمررِيءِ خُماريون،
رَڪيو رَمز وَارو-وَتن رنگ اَڪيون.

2 - **حُسن سَاڻ هَر هَر-دِليون دَست ڪَن ٿِيون،**
سَڄو مُلڪ سَارو-موهِيو مَست ڪَن ٿِيون،
مِجازي حَقيقي-هَٿن ڏَنگ اَڪيون.

3 - **جَڏهين ٿِيون تہ جَن سَان-پُورو پيچُ پَائن،**
تَوڙان توڙتَن سَان-نَيهِي ٿِيو نِيائن،
اڙڻ جو بہ ڄَاڻن -اِهو اَنگ اَڪيون.

4 - **پَلي لَڪ پيو ڪو-جَهاڙا پَاڙها آڻي،**
ڏرو ڪو نہ وَرندس-مَوليٰ پَاڪ ڄَاڻي،
رڪيو وَصل وَارو -وَتن ڍَنگ اَڪيون.

5 - گهوريان گهورَ ڪَهڙيِ-اِنهن آئون اڪين ٿَان،

اڪين جي "اعجازا" -وِصالي وِڳُن تان،

مِليو جي مِلن ٿيون- ڪَريو ٺَنگ اَڪيون.

تلھ : اَڪثريون اَڙايون جن، سي تہ قُربئون ڪاف ڪَين،
صُمُ بُڪُمُ عُمي تي، ڪَنھن جي ڪَانہ ٻُڌن.

1 - ڪَن دُور دَرازي پنڌ پھاڙي، پِريَن پَار پُڇن،
پَاڻ پَتوڙيو پَٽرن سان ڪَيو، پَگھر پَاٽي پِين،
لُڇي لَڪن ۾ لَھُو لَھُو تي، وِندر منجھہ وَڙڪن.

2 - فَرض فَرمودا فَائق جا، سُٽي فِراقي قَرڪن،
صُورت سُجاٽي سَاھي سِرڙو، سُوريء لاءِ سَنبرن،
عَاشق اڳيان معشوقن جي، اُت موت مَچيو مُرڪن.

3 - نِينھن نَقارا نوبت سُٽيون، نِرت رَڪيو نِوڙن،
تَن اندر ڪي طَبل وَڄايو، طَلبئون طَلب مِلن،
طَواف ڪَن تا تَابع تِيو، ڳَايوِيَنوَ مثل يَونرن.

4 - چَارئي پَھر چُورُ اُتي تيا، ڪَٽھي قُرب ڪَڙھن،
چَوٽ چَڙھيو تي چَاھ ڪَيائون، چُر پُر ڏِسيو چِشمَن،
اَعجاز اُتيئي عَاشق ويھي، نِڪري نَانگا وِيا نَنگن.

ٿلهه :ايڏو اَڪين ۾ خُمار- آندو ڪٿان تو يَار پِيارا.

1 - **جَنهن ڏي ڏِسين ٿو تَنهن ڪي ڪَرين ٿو-رِيءَ نشي سَر شَار،**
عَجب لَڳو سون اهو ئي ڏُلارا.

2 - **انهن اَڪين جو مُلهڙو نہ ڪو ئِي، وَري بہ ڪِلي تون نِهار،**
رُخ تَان نِقابو ڪڍ تون خُدارا.

3 - **عَاشق ڪَن پيا آزيون نيزاريون-بي سِرِ ٿِيو بَار بَار،**
لاَڻ تو ڪي لَيل نِهارا.

4 - **نَيڻ نِنداڪا تُنهنجا ڏِسي نِت-نَرگس ٿِيا تہ نِثار،**
تُنهن جو قَسم مُونکي جِيءَ جا جِيارا.

5 - **مَست نَظر سان مُنهن جو ڳسيو تو-صَبر چَين قَرار،**
پَلپل پُڇان پِيو تَڏهن مَننارا.

6 - **اَعجاز چَوي آئون آهيان اَصل کان- پِياسي تُنهنجو پِينار،**

مُنهن جي صَدا سُڻ يَثرب وَارا.

ٿلهہ :مَست اکيون ڏَار مُنهن ۾- چو هُجن رَت روئٽيون،

سِر گنوائڻ جي نہ سِکيون-ڪيئن چَوان سي گوئِٽيون.

1 - **هُت تہ مَا زَاغَ البَصَر سَان-تو نِظارو ڏِٺي سَجو،**

چِرڪٽيون چِنيٽيون ڦِنيون ڪَر-ڪُرڪٽيون ڪَنڌَ کوئٽيون.

2 - **سِر جي بَازي جِت لَڳي-اُت سُورهيَن جي سوڀ ٿِئي،**

جَلوا جوهر ڪَن نہ پِڙ ۾-ڀُوريون ڳُوڙهن پُوئٽيون.

3 - **عَاشقن جون عِشق آتش-کان سَڙي اکڙيون سُڪيون،**

رِيج پَاٽيءَ کان چَڙهي ٽِيون-پَاڻ پَاٽي چُوئٽيون.

4 - **مُون مجازاٽيون ڏِٺيون-"اَعجاز" چئي اَکيون اُهي،**

حَال هَر ڪَنهن منجهہ مَرڪن-خِيال خَاصي ڊِوئٽيون.

ٿلهه : هِي ڏئي نازڪ نندڍ اکيون- وَٺ اکيون ڪي جاڳٽيون،
وَصل وَحدت وَاٽ کان-وَاقف هُجن ويراڳٽيون.

1 - تَن سُکيون عَيشن ٻُکيون-مَعراج ڪيئن مَاڻيندڀون،
مَا سِوَالِيٰ مَحبوب جي-تهدل گپن هُت تِياڳٽيون.

2 - سُک سمهڻ جو ساءُ ڪڏهين -ڪِين اَديسين چکيو،
بِرهه سَان رَاتيون سَجيون-بِينا کوڙي بيراڳٽيون.

3 - ڏي اُوجاڳا کي اَکين-نہ تہ رَنگ پَسنديون کو نہ کو،
لَيلُون جَاڳي ڪر مُنين کي-لاَل لاَڳي لاڳٽيون.

4 - پُورجڻ پَٽجڻ پَسڻ -آ پرت وَارن جو پَکو،
چَار ٽيِنديون يَار سان پوءِ-چِلو ليون ڪِيئن چاڳٽيون.

5 - نَازَ ڪَن جون نِٽُ تہ سُونهن -اَعجاز خوابيده اَکيون،
عَاشقن جون اوجِهراٽيء-کان اَلِڳ اوجَاڳٽيون.

ٽلھ :ڪَافر اَڪيون مَحبوب جون-رُخنا وِجھن اِيمان ۾،

جَلوا ڪَري ڪَجلين ڪَيا-فِتنا ڳڙا جِيء جَان ۾.

1 - **دَعويٰ مُسلمانيء سَندي- تَقويٰ ڦِٽي صُنعان ڪَئي،**

هِندو صِفت ظَالم اَکين-وِڌو غُلغُلو گِيلان ۾.

2 - **لَيليٰ جي لَهہ لاري لَڳي-ٿِيو قِيسَ مَان مَجنون ڦِري،**

اَٽڪائي دِل عَاشق وينو-ڪَيبَر ڪَجل جي ڪَان ۾.

3 - **بَانڪيون ڪَٽاريون بَان ڇا-ڪِرپان خُود اَڪڙيون اُهي،**

ڪَئين جَهڙپ هڪ سان ڪيترا-ڪَن جَهاٽڪا جولان ۾.

4 - **لاَئڻ نِپائڻ نينهڙو -آهي وَري تن جو عَجب،**

مَنصور سان ڏِس ڪيئن مِلي-مَٽڪا ٽوڙيئون مَيدان ۾.

5 - **تَڪ ساڻ هٽن رِيء تَڪ هَٽن-گُتيون نَڪي ڪَڌهين گُسن،**

چُستي چَالاڪيء سَان چُٽن-گهٽ ڪانَ ڪن نِيشان ۾.

6 - **جيڏهن وَجان تِيڏهن سَدا-سَامهون اُهيئي سَانوِليون،**
ڪَاشي وَجان ڪَعبي وَجان-ٿُوڙي وَجان خُمخان ۾.

7 - **مَحبت جي هِڪ مِلت سَوا-بِيا دِين سَڀ بِيائي دُوئي.**
اَهڙا نِسنگ نَعرا اَٿن- نِت نِت عَلَي الاعلان ۾.

8 - **هَر پَل پُهر "اَعجاز" چئي-جَن سِر اَڪين جو مَامرو،**
ڪيئن تَن مُنن تنهن اَڏ ڪُنن-جو جِيءُ لڳي قُرآن ۾.

تلھ : آهن ڪي ڪي اَکيون اِسرار مثل- اَڪسير علاج اوتار مِثل.

1 - **اهي اَکڙيون جِيءِ جِيارِن ٿيون -اُهي پَاڪ پِيالا پِيارن ٿِيون،**
تَاثير عَجَب ڏِيکارِن ٿيون-ڪُن وَاري اَمر ڪِر دار مِثل.

2 - **اَهڙيون تہ اِهي وَٽيو ٿيون وَٽن -ٿي نِيشان بِيهان پَلي بانَ هَٽن،**
مَن مَاري مُونکي هَٿ پَائي ڪٽن-ڪِلي خُوش ٿي شوق شِڪار مِثل.

3 - **بَانقطي اکر جيئن "ن" بڻيو -تيئن نقش اکين گوناگُون بڻيو،**
بِيچون اِتي اچي چُون بڻيو-صَفا "ن" صورت جي سِينگار مِثل.

4 - **مُون جهڙا وَتن تہ هَزار اَڙيا-ڪَڙي قُرب وَاري مَنجهہ ٿي قَطار ڪَڙيا،**
ڪِن پاتا زُنار ڪي دَار چڙهيا-ڪي بَر ۾ بَهار يا بهار مِثل.

5 - **جَهڙيون ئي بُڏيم تَهڙيون ئي ڏِنيم -وَسي وَنحن ۾ اَعجاز وينيم،**
سِر برھ تَني جو بَرسي بِينم، مُند سَانوڻ مَينگهہ ملهار مِثل.

ٿلهه : ويني ويني اَڄ وري-اَکڙين سَاريا پَنهنجا سَڄڻ،
پِيا ٻُڙي ٻُوڙها ٻُلن تان -جِيءِ لڳو مُنهنجو جلَڻ.

1 - **مُنهن لڳي مُرڪي ڪَيا-اَنجام اَذڪُرڪُم جني،**
سي پِرين ويتا وِساري -ڪِين آيا سُڌ لَهڻ.

2 - **هِت مُني ءِ جو حَال هي آ-هُت پرين پَرواهه نَاهه،**
سُورَهِن سَاڙي آهيان -ءِ سَاهه نِيو هئي هئي سِڪڻ.

3 - **وَر ڪَريو وَاري وِلهيءِ ڏي-اي وَسيلا وَاهرو،**
وِرهه مُئيءَ کي آ وَڪوڙيو -وِيا چُڪي سَيئي چَلڻ.

4 - **رِيءِ عَجيبن جي "اَعجازا" -رُوح کي رَاحت نه آهه،**
ڪَڏہَون هِي ڳاڏا پِيتا-ڪَڏہون خُوشيون کِلڻ.

ٿلهه :پِيارا پرين تُون مُنهنجي اکين کان پَري نہ ٿي،

ٿُنهن جي سَري بہ ويندي، مُنهنجي سَري ٿَٿي.

1 - **تُون ئي حَبيب آهين مُنهنجو، تُون طَبيب بَس،**
توريء دَوا تہ مُونکي، اَثر بِي ڪَري نٿي.

2 - **گهٽيئي چَوان ٿو دِل کي، سَيِن سان ٿِي سَرخرو،**
پَر تو سَواءِ بِئي ڪَنهنجي، غُلامي يَري نٿي.

3 - **سَجدو سَلام تو کي، سَدائين ڪَيو ڪَندي،**
وَاللّٰه غَير ڏانهن اَصل، دِل وَري نٿي.

4 - **جَا برهه جي بَدن ۾، بَني يَار بَاري تو،**
سَا هَاڻ ٺَاري ڪير، بَري پئي ٺَري نٿي،

5 - **روئندو ڏسي "اَعجاز" کي، ويتر رُئاڙين ٿو،**
هن من مان پوءِ بہ تنهنجي محبت مَري نٿي.

تلھ :اکڙيُون اکين کي ڪُرنشون ڪَن، قُرب وَاري ڪَاڻ ۾،
ڳُجھڙا ڳِرا ڳَارا ڏِيو، پُر پيچ پَائن پَاڻ ۾.

1 - مُرڪن مِلن مَستان تِين، ھڪ ٻئي ڏي دَم دَم ڏيان ڏِين،
سِڪ سَوز جو پَيمان پِين، تَڙپن تڳن تِڪ تَاڻ ۾.

2 - وِرچن نُتيون سِينگار مان، دَرشن وَصل دِيدار مَان،
وَاعدا وَچن ڪَن پِيار مان، وِندريون وَتن وَاڪاڻ ۾.

3 - نہ آھين سَانگلو سَاھ جو، ٻِي راھ جو اوڙاھ جو،
ڏَانوَڻ چِني ڏَنگ ڏَاھ جو، اَڙيون وَجي اوٻَاڻ ۾.

4 - مَحبت مَنجھان جيڪي مِليون، عَاشق اھي دِيدون دِليون،
آھن اَزل ڪان واڳليون، "اَعجاز" ڏُک سُک مَاڻ ۾.

ٿلهه :تو کي پَائي اَکين ۾ تو کي پَسان-تُنهنجي پُوڄا ڪَيان توسان پِيار ڪَيان،
تُنهنجي جَلون ۾ ٿي مَحو وڃان-دِل دِلجاءِ ڪَيان دِيدار ڪَيان.

1 - مَهراڻ ٿي تُنهنجي مُحبت ۾-پَرپُور مُدامي موجن سَان،
سَيراب بَنايان سَارو جَهان-گُل غنچهه ڪَيان گُلزار ڪَيان.

2 - وَري بِرهه تُنهنجي ۾ بَادل ٿي-بَرخَيز بَهارا ويس ڪَيان،
جِتي حُڪم ڪَرين اُتي پَلٽي پَوان-ڏَاڍا جَلوا ڪيان جهلڪار ڪَيان.

3 - سيني سَوز رَکي تو سَانول جو-خود ساز پوان ٿي سوز پريو،
جڏهن ٻه وَڃان وَڄي وَجُد وِجهان-سِڪ بَرپا ڪَيان نيڻ نَار ڪَيان.

4 - تُنهنجي عِشق ۾ تُنهنجي اَمر سَندو-بَڌي ٻَانهُون ٿيان تُنهنجو بَردو بَندو،
تُنهنجي صُورت آڏو اي حُسنِ بُتان-سَوَ سَجدا ڪَيان اَذڪار ڪَيان.

5 - تُنهنجي قَدم تي وِڇايان اکيون -تُون لَتاڙي لَنگهين لَکين لُطف پَانيان،
تُنهنجا پير پَيزار چوڌار چُمان-لَب تَازا ڪَيان مُشڪ بَار ڪَيان.

6 - **مُنهنجا صَنم مُون لئہ تُون آهين ڪَنوَل-آئون پَونري مِثل توتي مَست سَدا،**
آغوش ۾ تُنهنجي شَام ڪَٽيان، پيچ پُختا ڪَيان رَد خَار ڪَيان.

7 - **جِيئن شَمع جي پڙڪن شُعل ۾، پَروان پَتنگ جو حَال پرِين،**
تِيئن تَاب سَهان ۽ عَذاب سَهان، جِيري جِلڪا ڪَيان ۽ جهلڪار ڪَيان.

8 - **تُنهن جي شَوق ۾ اکڙيون شَاميانہ ڪَري-اِنتظار تُنهنجو ڪَئين زَمانہ ڪَيم،**
"اَعجاز" چَوي اَچ جانِ جان-تُو لاءِ ڪَجلا ڪَيان سِينگار ڪَيان.

ٿلهه : اَڪيون رَت رَت رُنيون زَارو زَار-آيو نه آچ يَار، ڪَرڻ مُوسان پِيار،

اڪيون رَت رَت رُنيون زَارو زَار.

1 - اَچ سَاهه مُنهن جي جَا سَاٿي-دِل دوست توسان مُنهن جي ڦاٿي،
ايڏي دير آ تو ڇَا ڪان لاٿي-يَلا ڪهڙي آ مون کان خَطا ٿي،
آهين يِاد سَجڻ هَروار, لَڳل تُنهن جي تَار، هِيئين جَا هَار،
اڪيون رَت رَت رُنيون زَاروزَار.

2 - تُنهن جي مُحب مَجي مون غُلامي -هَر مَاهه مَهيني مُدامي،
بي اَنت آهي بي آرامي-وَجي روچ ۾ رَات وِهامي،
ٿي خَتم وَجي نه بهار، گهڙيون ڪي گهار، گل گُلزار،
اڪيون رَت رَت رُنيون زَاروزَار.

3 - غَمگين سَدا مَان گُذاريان-تُنهنجون رَاهون مان،روز نِهاريان،
ڏِيو دِل کي دِلاسا ڏُتاريان-گجهه ڳوهه ۾ ڳوڙها ڳاڙيان،
پِر اِئين نه "اَعجاز" کي مار، مِلي ڪَر پِيار، تنهن جي آ دَرڪار،
اڪيون رَت رَت رُنيون زَاروزَار.

تلھہ : اَڪيون ھَنڌ اَڙانگي اَڙجي وَيون، ڪَانھي جَاءِ ڪُڇڻ جي ڦَابو ڪَڙجي وَيون.

1 - **اَڪيون جَاتي اَڙيون ٿَاتي رَحم نہ آ، سَواءِ ڪَار ڦَتل جي ٻيو ڪَم نہ آ،**
سُک چَين آرام ڪو دَم نہ آ، گھٽ گھات گُھورن جي ۾ گھڙجي وَيون.

2 - **اَڪيون ڪِيئن اِتھين آزاد ٿِينديون، ڪَڏھن دَاد پائي خُوش شَاد ٿِينديون،**
رَاتو ڏِينھان وَتن فَرياد ڪَنديون، جِيءُ جان سُوڏيون جيڪس جَڙجي وَيون.

3 - **اڪيون سَوز سِڪڻ سَچُ سَاڙي وِڏيون، سُکُ سَتُر وِجائي چِٽ چَاڙھي وِڏيون،**
جِيڏھن لوڪ نہ وَجڻو اَوڏھن لاڙي وِڏيون، مَٿن ڪيئي مَلامتون مَڙھجي وَيون.

4 - **آھي عِشق اَھڙو ڪو اَوکو اَديون، وَاھي لاشڪ مَرنديس نيڻين نِير نَديون،**
"اَعجاز" عليءَ جي بِرھ بَنديون، ٻِيون ڳَالھيون تَڏھان ڪَر دل مان تَڙجي وَيون.

ٿلھ : چُست چتر چَالاڪ اَکيون، چوري زوري وَتن لَڙنديون.

1 - **آھون وَاھون رَاھون بَنديو -تالا تَاڙيون تَاڪ اَکيون،**
چوري زوري وَتن لَڙنديون.

2 - **چَرغن وَانگي چُنگل پَايو ڪَن -چِت چِيھاڙيون چَاڪ اَکيون،**
چوري زوري وَتن لَڙنديون.

3 - **بِرھ وَارين بٽَچين سَان سي - بي ڏڙڪ باڪ اَکيون،**
چوري زوري وَتن لَڙنديون.

4 - **حُسن جي جَلوي سَاڻ ھَميشھ -ھَر جَاءِ ڪَيائن ھَاڪ اَکيون،**
چوري زوري وَتن لَڙنديون.

5 - **خُون عُشاقن وَارو پَسند ڪَن-خَاطر پنھن جي خَوراڪ اَکيون،**
چوري زوري وَتن لَڙنديون.

6 - **اَرڏاين سَان "اَعجاز" اُڏائن -ھَوش عَقل اِدراڪ اَکيون،**

چوري زوري وَتن لَڙنديون.

ٿلهہ :ڪَرُ ڪاريھر جان ڪنيو ٿو، اڄ تہ اڪڙين سان ڏنگين،
ٻِيو تہ ٻَهڪِڻ يار ٻَهڪيو، ٻَنگ ٻَاٽن سان ٻَنگين.

1 - تِير تُنهن جي ڪان اتفاقًا، جو ٻَچي تو تَنهن ڪي ٿُون،
وَر ڏِيو وَارن گُهندڙيدارن، ڪيس ڪَارن سَان وَنگين.

2 - مَرد مَانجهي موهِيو مَارين، ڪَاڪ مُومل جي مِثال،
هِڪ تہ اَنگ تن جا اَنگين، ٻِيو سَر درَن سِرڙا ٿَنگين.

3 - سوڙهي گُهٽ سَڀ ڪَنهن سان ڪَن، لاَيو چِڏن سِر سَاهہ جي،
تِيئن سِڪيون تُنهن جون اَڪيون، جِيئن ٿُون نَتو ڪنهن ڪان سَنگين.

4 - جِيئن نِهاريو هيٺ ڊَارين، تِيئن تو مَاريو نِهوڙِين،
ڊَار اَهڙي تو اڪين جي، ڊَنگ ڪَهڙي لاءِ ڊَنگين.

5 - هِيري پَارس ڪان بہ وَڌ، پيارا پِرين تُنهنجو پَسڻ،
رَاضپي سَان رُوح ڏِئي، جَنهن ڏي ڏِسين تَنهنکي رَنگين.

6 - **ڪئين ڏِنم "اَعجاز" چَئي، تَنهن جي مِلڻ لاءِ مُنتظر،**
خُوش نَصيب آهي اُهو اَڄ، مُحب جَنهن ڪي تون مَنگين.

ٿلهه : مُنهن جي ڇئي نہ اَکيون هي مُنهنجون مُڙيون، , پنهنجو ديس ڇڏي پرديس اَڙيون.

1 - **پَاڻ مُرادو پَاڻ وجي سي، لاخبرتي ڏِس تہ لَڙيون.**

2 - **پيچ اَکڙين پَاتو اُتي آ، ڏَاڍِ ڪريو جِت ڏِين تَڙيون.**

3 - **اَڻ مَيو وَني وِرهہ وينيون، سير نَکي کي وَرتئون ڏَڙيون.**

4 - **درد انهيء ۾ دِلڙي ويچاري، روز ڪري ٿي ريهون رڙيون.**

5 - **گهورن ۾ جي گهارڻ آيون، ڪِيئن سي گذر ٿين هَاڻ گهڙيون.**

6 - **سُور پِرايئون ڪِيڏا تہ "اَعجازا" تہ نہ اَجان ٿيون سَمجهن سَڙيون.**

تلھ : اَکڙيون عَجيب جون اَڄ- جَھڙيون ڇُريون ڇُريون،
ھڪ جھلڪ سَان ڪَئين ھِت-جَانيون جُھريون جُھريون.

1 - **ڪِن عَاشقن تہ آسرو -سِر تان ڪَٽي ڇَڏيو،**
ڪِن سِر بَخَمر تي نيٺ -پَناھون گُھريون گُھريون.

2 - **پَر پُٺ حواس تِي وِيا-تَن جا ٿَتان پَتان،**
جَنکي اَکيون اَچي اِھي-ھِينئَڙي ھُريون ھُريون.

3 - **ھڪ بِن جي ڳَالھ ڪَانھي-دَانھون ٿا ڪَن ھَزار،**
ڦورو ٿا جِيئَن ڦريون ڪَن -تِيئَن ڪَن ڦُريون ڦُريون.

4 - **ھر ڪَنھن جي ھُج ۽ حاجت-ھر گز نہ ھن اکين سان،**
مَانجھي مَٿير گُھرجن -ھِت کي ڏُريون ڏُريون.

5 - **کُھندي نہ قِياس کو ڪَن-ڪَجليون کُنڊيون کُنڊيون،**
ڪَنھن جَا پُڇڻ نہ جَاڻن -پاڙا پُريون پُريون.

6 - **"اَعجاز" سَان هَر دم -لَڙنديون اَچن اَجان،**
چَئجن تہ اَڪيون اَڪيون پَر-آهن زُريون زُريون.

ٺلهہ :ڏاڍو نِينهن نيڻن جو لَڳو ، لاهي ڇَڏيم سانگو سِر ساھ جو.

1 - **نيڻ پَسي هُو نِت نِرالا-پي پِريمي پَاڪ پيالا،**
سَوزَ جو پَاتم سَڳو-وَجي مُشرب ٿِيس عِشق شَاھ جو.

2 - **ڪَاڏي وَئي تَسبيح ڪَاڏي وئي طَاعت-ڪَاڏي وَئي لَڄ ڪَاڏي لِياقت،**
ياد صنم آهي رُڳو، مُونکي قسم آهي تہ الله جو.

3 - **نڪي مسجد نڪي بُتخاني-يار مِليوسون منجھ مَئيخاني،**
ٿوڙي دِين ڪُفر جو ٺَڳو-اَسان درشن ڪيو دِلخواھ جو.

4 - **عِشق "اَعجازا" آيو اَلستي-مَاڻ حُلاجي مَوج ۽ مَستي،**
سيڙهو سَنڌو سِڪ پَڳو-وِرھ وڌو وَنگ وَاھ جو.

ٿلهه :مُون سي ڏِنا نينڻ او جيڏيون ڙي، ڏِني جَن جي لَئون لَئون ٺَريو ٺَري پَئي.

1 - گُهريا مون جيئي، مِليا مُون سيئي، اَڳيان اکين جي اَٿم اُهيئي،
وِسريم ڳاڏا ڪينڻ او جيڏيون ڙي، مُنهنجي دِيد دَرشن ڪَريو ڪَري پَئي.

2 - نِظاري نيڻن جي بِرهه بَچايم، پِريم نَنگر جو گشت ڪَرايم،
مَن ٿيم وَانگي ميڻ او جيڏيون ڙي، اَهڙي جوت نيڻن ۾ ٻَريو ٻَري پَئي.

3 - اُنهن نيڻن کي وِساري نہ وِهنديس، ڏِسڻ رِيءَ تن جي گهڙي پَل نہ سَهنديس،
سَهنديس سَوين ويڻ او جيڏيون ڙي، وَڏيء سِڪ سان دل تَن گُهريو گُهري پَئي.

4 - ٻَال جَتيء ڳان لَڳم ٻَاڻ جَن جو، اَٿم اڄ بہ "اَعجاز" سَوز سَاڻ تَن جو،
سي نيڻ سَجڻ سيڻ او جيڏيون ڙي، ڏِسڻ تَن جو دِل هِيء سَريو سَري پَئي.

تلھ :ڳٽي سُھڻا مُھڻا ڪُھڻا نيڻ قَابل، اَچي وينين مَحفل ۾ مُون لاءِ ٿي قَاتل.

1 - **ھاسيڪار آئين سَينگاري نيڻن ڪي-موھڻ ناز مرڪڻ سيڪاري نيڻن ڪي،**
ڪشش ساڻ تن جي ڪيئي موھي مائل.

2 - **ڪُھڻ ڪَاڻ مُنھنجي اَتن سَاڻ سَيڪي-جَاٽن جَاڻ بُنگ بَاڻ. گُھندِ مَاڻ سَيڪي،**
بَچي تن ڪي ھَر ھَر جَھنيئي جَان ھيءِ دِل.

3 - **حُسن جو بَيَڙ مَچ ڪَجل ڪَيف ڪَارو-بَندي چَارا بلڪل سو بِينو ٿي مَارو،**
چُرڻ اڳِتي چُڪيو وَرڻ پوئتي مُشڪل.

4 - **بيشڪ بِيا بہ تُنھنجي سِڪڻ سَاڙيا ھُوندا-خَوابن خِيالن چوٽئين چَاڙھيا ھُوندا،**
مَگر مُونکي گھايُئِي ويھي مُنھن مُقابل.

5 - **چَريا نيڻ مُنھنجا، تُنھنجا سَخت سِياڻا-فَقط ايترو تو اَنھن کي سُجاڻا،**
چَريو آئون نہ چَوندس چَوَن ڪي بِيا پل.

6 - **يَرِيءَ هِن بَزم مَان وِڏئي مُون ۾ اَڪيون-چَڏي ڏيهه سَارو اچي مُونسان بَڪيون،**

تِتر باز جيئن تو رَڪيو توڙان ٽَاڙِلُ.

7 - **ڏِسڻ سَان سُهڻا پَاتي سير توئي-کُهِي ڪُل "اَعجاز" چَئي ڏِنا جِهير تَوئي،**

عَجب جهڙو ڪِيَڙُئي اهو شوق شَامل.

ٿلهه : ڪِيئن نہ هي نيڻ اُجارا ٿِيندا-يَاد جو پِيار تو وَارا اِيندا.

1 - **پِيار ڪَجن تا پِيار ڪَرڻ لاءِ-پِيار وِساريا نہ پِيارا وِيندا.**

2 - **يَاديون تُنهنجون يَار مُونکي نِت -سَڀ هي سَارا نِظارا ڏِيندا.**

3 - **هَاڻ تہ ٿَاڻن آٿن ٿَا هي-گُوندَرن پَريا مُون وَارا گِيندا.**

4 - **ڪَئي تو جُدائي پَر ڪَانهي جُدائي-سَچ چَوڻ وَارا سَچيارا چِيندا.**

5 - **تو ڏِي تُنهنجا چَارا وَنائي -"اَعجاز" کي تُنهنجا اِشارا نِيندا.**

ٽلھ : مَستانا نيڻ تُنھنجا ڪَارا ڪَارا سُرمہ سا-ڪَارا ڪَارا سُرمہ سا-پِيارا پِيارا نَرگسا.

1 - نَازڪ نِقاب وَارا-شَرم و حِجاب وَارا،
حُسن و شَباب سَان نِت -خَاصي خِطاب وَارا.

2 - تِن جو دِيدار وَھوا -جَھاتي جَھلڪار وَھوا،
ڪَڏھن ڪَجل تہ ڪَڏھن -سُرمون سِينگارُ وَھوا.

3 - چاٽن ٽا ناز ڏاڍا -رمزون ۾ راز ڏاڍا،
تِکڙا تَمام آھن -تِيرن اَنداز ڏاڍا.

4 - مُونکي مَخمور ڪَن ٽا - مِليو مَسرور ڪَن ٽا،
مُنھن جي تہ موھَڻ لاءِ سي-جَلوا پَرپور ڪَن ٽا.

5 - دِل کي پَسند پِيڙا-تَن سان پيو ند پِيڙا،
اَکڙين "اَعجاز" جي - سي ڏِسي اَنند ڪَيڙا.

ٿلهه :مُحب مِلو نہ مَلوالاۓ نيڻ ڪٽي تہ ڪِلوالاۓ ھام حُجت ٻِي ناهي.

1 - **آئون تہ اَوھانجو آھيان -نَوڪَرُ نَالي نِلو.**

2 - **حُسن جَوانيءَ جي صَداقي-لاھي حِجاب ھلو.**

3 - **پَنهنجو پَاڻ سُجاڻي ڪَريو-نَاتو ڪِيم ڏِلو.**

4 - **مَحشر ڏِينهن "اَعجاز" چَوي -مُنهنجو ڪَجو ڪو ٻِلو.**

ٿلهہ :تُنهن جي تہ نِيڻن ڪَيا او نِرمل، نِت نِشانا نَوان نَوان،

سي دِل نِشينا ناز سِڪيا، دِلبرانا نَوان نَوان.

1 - **نِيڻن مَان تُنهنجي جو تِير نِڪتا، تَن ۾ مَن تن ڦَٽيا ڦَٽيا،**
نثار ٿين تہ بہ تَوتان هَزارين خَان خَانان نَوان نَوان.

2 - **رَمز ڪَهڙي سَان ڦُرين ٿو، هَوشمندن جا حَوصلا،**
تُنهن جي ڏِسڻ لاءِ ڏِنم جو تُنهن جي دَر دِيوانا نَوان نَوان.

3 - **هِڪ تہ مَاڻن تُنهن جي موهِيا، ڪَيا حُسن ٻِيا هَٽي پَٽي،**
مَوهڻ لاءِ تن جي وَري بَنايئي مِنهَن بَهانا نَوان نَوان.

4 - **اَبرو بہ قَاتل اَکيون بہ قَاتل، غَمزا بہ قَاتل تُنهنجا ڏِٺم،**
يَرِين اَڳيان تُنهن جي پِيا تَڏهن جُوان جَانا نَوان نَوان.

5 - **تُنهن جي نِگاهِ شوق جي آخر ڪِٿي ٿيندي اِنتها،**
ٿُون روز شَب جو ڪَرين ٿو پَنهنجا رَازدانا نَوان نَوان.

6 - بيتاب ٿُنهن جي ديدار ڪان ٿي، اَندر مان اُڏمان ڪائي اُٿيا،
"اَعجاز" جا هي عِجيب گُفتا عَاشقانا نَوان نَوان.

ٿلهه : **سُهڻي جا نيڻ نِينهن ۾-ڏُوپار ٿو ڏِسان،**

ءِ ڏار ڪَجل جَا بہ ڏَنڌا- ڏار ٿو ڏِسان.

1 - **نِينهن جي نِياڻ مان -ڪري آيا نَشا نِبار،**

خُمار تَن نيڻن جا -خُنڪ دَار ٿو ڏِسان.

2 - **بَانڪا بہ بَانورا بہ -بَهادر بہ نيڻ هُو،**

چِرڪڻ چَپڻ نہ تَن وَٽ -ڪَنهن وَار ٿو ڏِسان.

3 - **جَنهن سَان مِليا تہ -زِندگي ڀَر لاءِ مِليا ڪِليا،**

چَقمق سي چَشم ڀَاڻ سَان-آئون چَار ٿو ڏِسان.

4 - **رَت عَاشقن جي سَاڻ -اِها ڏَار ڪَجل جي،**

لَيل و نِهار يَار سا-لَعلِ زار ٿو ڏِسان.

5 - **صُورت ۾ سُونهن ۾ -ءِ صِفت ذَات ۾ سَچڻ،**

ڀِر ڪارين ڀَارين حُسن سان -ڀَيڪار ٿو ڏِسان.

6 - ٽَر ڪَش اَکيون ٻَنيون تہ-ٻَنيا تير پِنبڻيون،
مُرچا مُچا انهن جا-جِگر پَار ٿو ڏِسان.

7 - ڪوليا جو عَنبر ٻَار-تَلَهڙ وَار دِلربا،
پَونرا مَتنِ نِثار -پَتنگ وَار ٿو ڏِسان.

8 - قدآ ورو هو اَهڙو-جو هُن جي اڳيان اڳيان،
شَمشاد نَخِل طُوبيٰ-شَرم سَار ٿو ڏِسان.

9 - اَهڙي تہ سُهڻي ٿَان-سِر "اَعجاز" گهورجي،
ويا گهوري ايترا جو-نہ شُمار ٿو ڏسان.

ٿلهه :مِنا مُنهن نہ اَسان سَان گُھنجائي مِلو-مُرڪي نيڻ نيڻن سَان مِلائي مِلو.

1 - **اَسان جو اَوهان سَان قُرب آهي ڪُل-ئاتو نينهن نِظارو بيحد حُب اَصل،**
پنهن جي پِياسن سان پَاڪُر پَائي مِلو.

2 - **مِنا مُحب ايڏا نہ ماٺا ڪَجن-مِهٽا طَعنا مِنٹرا نہ مُنهن تي ڏِجن،**
رِيجهي رَنج غُصو غَم مِٽائي مِلو.

3 - **اَوهين شَل اي سُهٽا خُوشايا هُجو-حُسن نَاز سَان نِت سَوايا هُجو،**
مَگر سوزُ سِيني سَمائي مِلو.

4 - **چئي "اَعجاز" اَسين اِهڙا قَابِلُ نَاهيُون-آهيون جَاهِل گهٽا پَر غَافل نَاهِيُون،**
پَلي رَمزَن سان رَمزُون رَلائي مِلو.

ٽلھ :نيڻن جي نَٽ نَاٽ لُٽي دِل-نيڻَن جي نَٽ نَاٽ.

1 - **وَسان وَهسان وَنِيُن ۾-وَنِيُن جي وَٽ وَاٽ لُٽي دِل،**
نيڻَن جي نَٽ نَاٽ.

2 - **گهاٽ گهڙيو ڪَنهن گهورن وَارو-گهورن جي گهٽ گهاٽ لُٽي دِل،**
نيڻَن جي نَٽ نَاٽ.

3 - **چَندن وَارو چَٽڪو وَهوا-چَندن جي چَٽ چَاٽ لُٽي دِل،**
نيڻَن جي نَٽ نَاٽ.

4 - **آسڻ مُنهنجو آهه اَڪين ۾-اڪين جي اَٽ آٽ لُٽي دِل،**
نيڻَن جي نَٽ نَاٽ.

5 - **"اَعجاز" عليءَ جي اَڏيء تي ، اڏيء جي ڪَٽ ڪَاٽ لُٽي دِل،**
نيڻَن جي نَٽ نَاٽ.

ٿلهه : ڏِناسون نيڻن اکِيان ڪَنهن-نِقابي رُخ جا تہ جَهلڪا جهلڪا،

شَباب ڪَامل سَان تابان تابان -شَبابي رُخ جا تہ جَهلڪا جهلڪا.

1 - گهڻن ئي ناَزن ڪان پوءِ ناَزڪ-نِقاب کوليو حِجاب کوليو،

جَهلياسون جهوليون جَهلي جَهلي اُن حِجابي رُخ جا تہ جَهلڪا جهلڪا.

2 - لَقاءٌ مَحبوب مَهہ لَقا جو-ڏِسي لَقائي لَقاء ٿِي وِيا،

نَظر اُنهن کي نِمايان آيا-نجابي رُخ جا تہ جَهلڪا جَهلڪا.

3 - شَمع ۾ اگني جُدا پَئي تَڙپي-بَدل ۾ بِجلي جُدا پَئي تَڙپي،

بِنهي کي شَايد نَصيب ٿِيا- لاجوابي رُخ جا تہ جَهلڪا جَهلڪا.

4 - گُلابي موسم سَواءِ بہ جهڙي-گُلابي موسَم لَڳي پَئي اَڄ،

گُلابي هَر شيء گُلابي مَحفل- گُلابي رُخ جا تہ جَهلڪا جَهلڪا.

5 - نہ ماهِتابي نہ آفتابي -جَمال صُورت بَشر ناَيابي،

صَنم جي اَعجاز سَامهون ڇَا هِن -شُهابي رُخ جا تہ جَهلڪا جَهلڪا.

ٿلهه :نيڻَن جي نَاز نينهن نَچايا نَواب ڪَئين،

هِن عِشق حُسن اَهڙا ڳتيا هِت ثَواب ڪَئين.

1 - **اَبرن جي هِڪ اِشاري اَڏو اَڏ ڪَيا اُهي،**
جن تي هُئا شَهنشاهي جَا خَاصا خِطاب ڪَئين.

2 - **سَرمد عَطار قَيس بِلاول حُلاج ڏِس،**
اَچي عِشق جي اَري ۾، ڏِٺا تن عَذاب ڪَئين.

3 - **فَرهاد فَرض پَاريو شِيرين جي شَوق ۾،**
رَانجهن ٿي هِير ڪَارڻ سَٺا سِر عِتاب ڪَئين.

4 - **رَنگريز ٿيو پُنهل ۽ تماچيءَ ڪنيون ڪُڙهيون،**
گهانگها گِلا جا پَائي، ٿيا ڪَامياب ڪَئين.

5 - **ڪُنڊڙين جي قُوت لاءِ قَتل ڪَاڪ ۾ ٿِيا،**
مُومَل ڏيو ٿي ميچ ڪَرايا ڪَباب ڪَئين.

6 - چَاليھئِي ٽيون تہ چَريون ٿو قُرآن پاڪ چَئي،
بَاتيون مِصر ۾ ٻڌيون زُليخان جي بَاب ڪَئين.

7 - يَثرب ۾ آيو يَار يَڪايَڪ تي روشني،
جَلوي نِما تي عَربي، جُھڪايا جَناب ڪَئين.

8 - "اَعجاز" پنھنجي اصلي ڇڏي ڪِرت ڪار ڪي،
صُنعان وَانگي سِڪ ۾ ٻڌيا مھٽي ھَاب ڪَئين.

ٺلهہ : **نيڻن ڪَيا نيڻن سَان-نِظارا نَوان نَوان،**

اِقرار خُوب-اِشارا نَوان نَوان.

1 - **سِينگار نِتُ نَوان ڪَن-دِيدار نِت نَوان،**
ڪَن پِيار نِتُ قَرار-نيارا نَوان نَوان.

2 - **پَر چَن رُسن بہ ٺا-تہ ھي بَرسن وَسن بہ ٺا،**
آپت ۾ اَٽن ناز-ءِ آرا نَوان نَوان.

3 - **نَظرن جي مِيل کيل -دِليون ھِڪُ ڪَري ڇڏيون،**
ڍَريا نَصيب ڀاڳ جا-ڍَارا نَوان نَوان.

4 - **کوليا خُمار خُوب -نَشا نِينهن جا نيڻَن،**
جَاڳيا جُنون جيءَ -جِيارا نَوان نَوان.

5 - **رَمزُن جي رَنگ تَماشي -رَزم رَبط ۾ رَهي،**
مَٺيئون مَعراج ڪَاج- مَعيار نَوان نَوان.

6 - **اَعجاز هَر اَوقات ۾- هَر هَر مِلي ڪِلي،**
اَڪڙين ڏنا اَکين کي- ڄِيارا نَوان نَوان.

ٽلھہ : ڪئين تہ ڪَيون تو چَريون چَريون- سُھڻا ناز نيڻن سان.

1 - چَشم تُنهنجا چالاڪ چَترا -سُھڻا سَلوٽا پاڪيزه سُترا،
ڪَھڙي شراڪت ڪَريون ڪَريون-سُھڻا ناز نيڻن سان.

2 - سَعيو ڪَري جي تَوڪي پَسنديون-رَفيعُ الدرجَات ڪي سيئي رَسنديون،
اَڳليون عيبن پريون پريون-سُھڻا ناز نيڻن سان.

3 - جَڏهين نَازن سان نِقاب اُنائين-نَوڪندڏ نِمائي نَاٽ نَچائين،
پارين عَجب تو پَريون پَريون- سُھڻا نَاز نيڻن سان.

4 - مُومَل وَاري بَازي بَنائي -سُورن سُڪن جون سيجون وِڇائي،
پَر ڪيِئي ڪوٽيون ڪريون ڪريون -سُھڻا ناز نيڻن سان.

5 - آهين اَعجاز جو والي وارث - محبوب ساقي پريتم پارس،
ڪوليئي دَروني دَريون دَريون - سُھڻا ناز نيڻن سان.

ٿلھ : نِھارين ٿو جي تہ نِھاريندو رَھ- نَظر جُھڪائي مَار نہ ٺُون،

نيڻَن کي نيڻ ڏِسڻ تہ ڏي-سِڪ ۾ سِڪائي مَار نہ ٺُون.

1 - **نَظرون نِگاھون مُون ڏي ڪٽي - ڪر مون تي نوازش نِھارڻ جي،**
نِقاب ۾ ٻَئي ٺَاز پَريا پنھنجا-نيڻ لِڪائي مَار نہ ٺُون.

2 - **چَاڪ ڏنا اَٿئي تہ چيٺ ٻہ ٺُون ئي -چَشم وَري مُون سان چار ڪَري،**
آ پِيار وَارن جو اَصول اِھو -نہ تہ چَاڪ چِڪائي مَار نہ ٺُون.

3 - **هِيئن تہ نہ ڪَر تون پَاڻ پَرين-رک پَنھن جي وَقار جو پَاڻ پَرم،**
دِل وَاعدي اُڏاري تي مُون ڪان وَني -اَج وَاعدو گُسائي مَار نہ ٺُون.

4 - **جَان ۾ جَان تَڏھن ٿو پَانيان -جَاني جَڏھن ٿو مُون ڏي ڏسين،**
ڏِسڻ پسڻ ۾ "اَعجاز" چوي -پوءِ وقفا پائي مار نہ ٺُون.

ٿلهہ :نِينهن ڪرايو نِياز يار، نازن وارِيءَ نوڪ نَظر جو.

1 - **سَاڙيو سَاڙي سَوين سَرِيرُون-سِڪڻ سَوز گُداز يَار،**
نَازن وارِيءَ نَوڪ نَظر جو.

2 - **نَاميا نَاٿ نِسنگ نَچائي-غَمز و حُسن غَماز يَار،**
نَازن وارِيءَ نَوڪ نَظر جو.

3 - **وِيرُون وَهائي ويو ڪَڍي دل-بَهري بانورو بَاز يَار،**
نَازن وارِيءَ نَوڪ نَظر جو.

4 - **گهايل گهاٽو ۽ گهٽيرو آهي-اَصلٹُون "اَعجاز" يَار،**
نَازن وارِيءَ نَوڪ نَظر جو

ٿلهه :حُسن جي لَڳي جن نظر نُوڪ نِياري،

بزرگي ۽ شيخي پَرهيزي تَن وِساري.

1 - **حُسن جي تہ حَلقن جَهاتيءَ ۾ تہ جَهلڪن،**
اکين پيچ پَلڪن چَريا ڪيا چَوڏاري.

2 - **حُسن مَاري گاري، ٿو هَلندا بِيهَاري،**
نِهاري ڏُٺاري، جُهڪائي جُونجهاري.

3 - **حُسن دِيد ڪوڙي، صُنعان شيخي چَوڙِي،**
رِدا لاهي لوڙِهي، ڌرم دِين وَاري.

4 - **پَسڻ سُونهن ڌاران، پرينءَ جي پچاران،**
لڳي لئون لغاران، نہ ٿيا عاشق عَاري.

5 - **"اَعجازا" حسينن، اُنهن ناز نِينن،**
مُرڪي مهه جبِينن، ڪئي غم گُساري.

ٿلهه :مُنهنجو تہ مِنا مَن تُون، مَنظور نَظر آهين،

مَحبوب مُغان سَاقي ۽ جانِ جِگر آهين.

1 - **سُهڻن جي نِمائش ۾، اَڄ سَيني تُون سُهڻن گان،**

غَمزن ۾ اَدائُن ۾، جَلون ۾ ڪَثر آهين.

2 - **ڏڌهن تہ نٿو ليکيان، غم درد زماني جا،**

هر روز مُون لاءِ چڻ ڪين، تُون نويد سحر آهين.

3 - **مُون حُسن تُنهنجي جو بس، هيئن لاتو حساب آهي،**

بِيا رُوءِ قمر سُهڻا، تُون رَشڪِ قمر آهين.

4 - **هڪ دم بہ جُدا هَاڻي، محبوب نہ رههُ مُون کان،**

مُون سَاڻ سَچو دلبر سورهن آنا اگر آهين.

5 - **دُنيا سان دُنيا جَاڻي، دُنيا ۾ ڄا پَنهنجو وَجي،**

دُنيا کان بَدر آئون ۽ تُون بہ بَدر آهين.

6 - **هِن دِل جي رِياست جو، تُون مير سَڄڻ آهين،**
هِڪ ڏينهن لاءِ تُون نٿاهين، سَڀ ڏِينهن مَگر آهين.

7 - **مُنهن جي لاءِ تَلخ طَعنا، ۽ عُذر بَهانا ڪَئين،**
غَيرن لاءِ ڏِنم تو کي، تُون شَهدو شڪر آهين.

8 - **"اَعجاز" چوي مُون تان، تُون گَڻ نہ دلارا دِل،**
هَم رَاز جي مُنهنجو تُون، هَم دوش سَفر آهين.

ٿلهہ : هُو مَست نَظر سُهڻو، سَامهون جو وينو آهي،

سِر مُنهنجي تي صَاحب سو ٻَلِ مُرڪي خَنجر وَاهي.

1 - **دِل هُن وَٽ مُنهنجي وئي، ڪَنهن رَمز ۾ قَابو ٿي،**

هو جيئن بہ هَلي مُونسان، مُنهنجو ڪو بہ عَذر نَاهي.

2 - **بَردار آهيان بيشڪ، هَر نَاز سَندس جو آئون،**

مُون اڪ اَڙائي تَنهن سَان، ٻِيا سَانگا سَيئي لاَهي.

3 - **جيڪو حُسن جو سَرگرو آ، اختيار آ سَڀ اُن ڪي،**

جَنهن حَال ۾ عَاشق ڪي، رَاهي تہ پِلي رَاهي.

4 - **هُو مُونکي ڏِسي وينو، آئون هُن کي ڏِسان وينو،**

اِها قَاب قوسيني مَنزل، نَاهي تہ ٻِيو ڇَا هي.

5 - **"اَعجاز" عجب حالت، ٿي آهي مُنهنجي دِل جي،**

اُن يار جي مُنهن رِيءِ ٻِيو، مُنهن ڪِين ڏِسڻ چَاهي.

تلهه : دِلبر جي دِيد ڏاران- تُون دِل جي دَوا نہ ڳول،
عِيلاج تُنهنجو آ اِهو-عيلاج ٻِيا نہ ڳول.

1 - **ڪَنهن رِند مَست عَاشق -بيباڪ هيئن چَيم،**
جي تُون مَريضِ عِشق تہ -شَفقت شِفا نہ ڳول.

2 - **پَاتار جا غَواصي -تُون پَاتار وَچ پَئي،**
دُر بي بَهاجي ڪَارڻ-ٻَهريان ٻَنا نہ ڳول.

3 - **صُوفي سَندو تَصور-تَحقيق مَج تَمام،**
خُود کان پَري تہ خُود تُون -خُدارا خُدا نہ ڳول.


4 - **ڪَم سورهيَن جو آهي -مَتو عِشق کي ڏِيڻ،**
بُزدل کي چئہ تہ پَاڻ لئہ -اَهڙي بَلا نہ ڳول.

5 - **آزار عِشق جي کي-سِيني سَاهہ سَاڻ سَانديء،**
اِن سَوز سَودا دَرد لاءِ-ڏَاڪِو دُعا نہ ڳول.

6 - منٺون ڪَري جو تَوڪي -ڏَئي سِڪ جي سُرڪ ويو،
تَنهن يَار جي سَواءِ تہ -بي پيٽي پَوا نہ ڳول.

7 - تُون پَنهنجو پَاڻ دَرمان-تُون پَنهنجو پَاڻ دَرد،
ويسهہ ڪَرين جي پَاڻ تي-مَندر مڪا نہ ڳول.

8 - دَرمان دَرد مَندن -دِيدار ديدئہ يَار،
اَعجاز چَئي بي فَائدا-پوءِ اَنسَنا نہ ڳول.



تلهه :هِن دِل کي دِيد سَاڻ-ڏُتارڻ چَڏي ڏِنُئي،

پَهرين نِهاري پوءِ-نِهارڻ چَڏي ڏِنُئي.

1 - **وَرتئِه مُون کان جي مُنهنجي، اُڏاري جي طُور دِل،**

وَاپس وَرائي وَارڻ، سَارڻ چَڏي ڏِنُئي.

2 - **مُونکي صَلاح چَاهه ڏِني، عِشق جي تہ تو،**

هڪ پَل بہ هَاڻ عِشق، پَچارڻ چَڏي ڏِنُئي.

3 - **هَيرائي هَٿ هِنيون ڪَري، هيرين جِي يَج مَ هَير،**

ڪِيڏهن وَجن اِهو تہ وِيچارڻ چَڏي ڏِنُئي.

4 - **ڪَهڙي قُصور کان اچ، ڪُجهہ نا ڪُچين پُچين،**

خَصلت اڳين مٽائي، ڪِيڪارڻ چڏي ڏِنُئي.

5 - **مَئي جا مَنگل مَلهائڻ، مَئي جا وسائڻ مينهن،**

پَازِن پِياري پِياري، پِيارڻ چَڏي ڏِنُئي.

6 - ڪشتيءَ تي چاڙهي تَختو، ڪَيڻ ڪَم اِهو ڪَرين،
مُوسيٰ خِضر جي ڳالهه، وِسارڻ چَڏي ڏِنُئي.

7 - جَنهن آگ ڪي تون ٻارين، اُها آگ نِت ٻَري،
"اَعجاز" چَئي ٻَرِيءَ ڪي، ٻارڻ چَڏي ڏِنُئي.

ٿلهه:ڏِيد مُنهنجيءَ آ پَسند هڪ بُو العجب دِلبر ڪَيو،

تنهن نِگاهِ نَازآ، دِل ۾ بپا مَحشر ڪَيو.

1 - **صُورتون ٻيون دِل اَندر تان، سَڀ وَيون ميسارجي،**
دِل ۾ صُورت سَا رَهي، جَنهن دِل کي پَنهنجو گهَر ڪَيو.

2 - **ڪا ڪُلِ مُشڪِين ڏِسي، مون اَبر بَاران کان پُڇيو،**
شَاعرن ڪيئن زُلف دِلبر سان توکي هَمسر ڪَيو.

3 - **مُرڪ سان هِن رَشڪ گُل، هي ڪِرشمُون ڏِيکاريو،**
غَم اَلم جو مُنتشر لَحظي اَندر لَشڪر ڪَيو.

4 - **پَئي ضَرورت يَار کي، رنگ حِنا جِي لئہ هَٿن،**
مُون چَيو اَڄ تورو ظَاهر اَبُروءِ خَنجر ڪَيو.

5 - **ڪَافرانہ عِشوا جَنهن جا، ڪَافرانہ عَزم کُل،**
پُرزا پُرزا پَار سائيءَ، جو تہ تَنهن زيور ڪَيو.

6 - لَب بَد خشان لَعل ڪان، لالاڻ ۾ وڏ لال هُئا،
جي دَهن هن ۾ دَيِن، سِي وِج چُمي تِي وَر ڪَيو.

7 - هِجرجي ڏَنگ ڏُک جو، زائل زهر تيو لَٺُون نَرِي،
مهہ جَبِين محبوب اَهڙو، ڪو مِلي منتر ڪَيو.

8 - ڪِيئَن تيو ڪَڏهن تيو ۽ ڪِٿ تيو ميلو مِلڻ،
حال هر ڪَنهن ۾ وتان، حاضر اُهو منظر ڪَيو.

9 - ڇا سِڪي سِڪندو اُهو ۽ ڇا پڙهي پڙهندو اُهو،
حِفظ قُرآن جِيئَن حِفظ ۾، جنهن رخ دِلبر ڪَيو.

10- ٿو سَجڻ سَاقي اَچي، اي مَست ٿيو ڪُجهہ سُرت ۾،
گل گُلابي مَئي سَان سَيِ، هي گس گهٽيون اَحمر ڪَيو.

11 - ڪَنڌ صُراحِن جا جُهڪي پيا، سِرَ بَخم ٿيا جَام سَيِ،
مَئيڪدھ ۾ صَنم مُنهنجي، جيئن مَٿي اڄ ڪَر ڪَيو.

12 - يَار جَانان جي جُونون ۾، مُلحظو حد جو پَڳُم،
شيخ ٺَڏهن شور مُنهنجي شَعر تي اَڪثر ڪَيو.

13 - ٿُون ئي ٿو هِڪ ٽِين اَي وَاعظ ضد هميشه عِشق جو،
توئي آ هڪ عِشق اَڳيان پَاڻ کي پرڏر ڪيو.

14 - ڪڇ ۾ توکي قَاضيا، جِيڪر نهي دِيوانِ عشق،
پر ڇڱو ٿيو تو مطعله، ڪو نہ هي دفتر ڪيو.

15 - عِشق جي شَاهين آڏو، دَام اَڪرن جا آڏي،
ڪَنهن ويچاري لأخبر، ڪيڏو نہ آ باور ڪَيو.

16 - ڪاتبن قارين نِڪي ڪو عالمن ۽ عاقلن،
نعرئہ موجود حق هِت، عاشقن اظهر ڪيو.

17 - پاڻ ڪان پر ڏور هو، مُونکي پرينء جو اِنتظار،
پر هُو مُنهن جي من ۾ هو، مُون من عبث مُضطر ڪَيو.

18 - ڪئين نوازيا نظر سان، اَعجاز مُنھنجي دِلربا،
ڪِن کي تنھن ڪُندَن ڪَيو، ڪِن کي گِران گوھر ڪَيو.

دید

ٿلهه : ڏِيدون دِلبر يَار جون-جِيئَن ڪَن ڏُوناليون ڏُو تہ ڏُو،

ھُو ڀھو بَس اَھڙيون ظَالم-حُسن وَاريون ھُو تہ ھُو.

1 - **رَاز جون راڙيون ڀَئي-سُرمي ڪَجل ھَاڙيون ڀَئي،**
جوڙ جُٽُ سِياڙيون ڀَئي-نَظرون اُنهن جون ضُو تہ ضُو.

2 - **هوش هَڙ تَنهن دم نِيَن -ڙِيون رُوبَرو جَنهن دم ڙِين،**
رَنگ هَالارو ڏِين -جَنهن ڏي ڀہ ڪَن رُخ رُو تہ رُو.

3 - **بَانڪپن سَان بَالاتَر -اَعليٰ ڪان آهن اَعليٰ تَر،**
جن ڪَيا پِڙَ پالھا تر-ڏِسُ تن اکين جي خُو تہ خُو.

4 - **عِشق جي آتش مَنجهن- ۽ حسن جِي تَابش مَنجهن،**
قرب جِي ڪاوش مَنجهن-ڪَامياب سي ھَر سُو تہ سُو.

5 - **هِن اکين جِي حَاضرِي-نِت ٿا ڀَرِن ڪَئين مَنترِي،**
جو تشي ڪي جَنتَري -وِسرِي سَين ڪان ڇُو تہ ڇُو.

6 - تو بِچين ڳان جي تِڪيون -سَانگو سَنگڻ ٽَا جي سِڪيون،
عَاشقن اَهڙيون ڏِڪيون-"اَعجاز" الله هُو تہ هُو.

تلھ :اَڄ دَام پِيا دِل کي وَري، دِلبر اَوھان جي دِيد جَا.

1 - دِيدُن مُنهنجي دِل دَست ڪَئي، بي سَپ وِڃا مُون کَان وَئِي،
وينو وَرايان وَرق ٿئي، هَر هَر حَبل الوَرِيد جَا.

2 - مَحبوب تو مَاٽا مَنديا، ڪَچ ڪَات کي ڪُهنا ڪَديا،
اَنگڙا اُنهن سين تو وَڍيا، هِن شَوق جي تہ شَهيد جَا.

3 - ٿُنهنجي تَاب کان بِيتاب ٿي-رَڳ رَڳ وَيئي رَباب ٿي،
تَڏهين هِتي بي حِجاب ٿي، نَعرا هَنيم تَوحيد جَا.

4 - "اَعجاز" چَئي وَڄ ويا وَڄِي، حَيرت ۾ ويو هِينئڙو هَڄِي،
رَنگي لَٿا آيا گَڄِي، ڏِسُ عَاشقن جي عِيد جَا.

ٿلهه :عيد تہ ڀَانيا هِيءِ مِيان، ڏِيد ڏِنيم هوءِ ڏِيد مِيان.

1 - **ڀَاڻ ڀَلائي ڀِرينءَ ڀَسايو، مُنهن مُصحاف مَجيد مِيان.**

2 - **تَيغ اَبروءَ جو وَهڻ وَڍيو آ، هَر هَر ٿِياسون شَهيد مِيان.**

3 - **حَسن حَضرت هَاديءِ جو آئون، اَزلئون آهيان مُريد مِيان.**

4 - **يَار خَريدار دِلين وَاري، هيءِ بہ ڪَئي دِل خَريد مِيان.**

5 - **"اَعجاز" علي حَسنين مِليا، غَم دَرد ٿيا تہ بَعيد مِيان.**

ٿلهه :اَسان عِيد تُنهن جي دِيد، ڏِسي ڪَئي او سُهڻا،

اَتئون مَوج دَر مَوج، لَڳي پَئي او سُهڻا.

1 - **اَسين آهيون ڪِيئن چَئون ٿاهيون، بيشڪ روزِ اَزل کان،**
تُنهن جي پيرَڳس سيرَ، سَندِي رَئي او سُهڻا.

2 - **نَظر مِلي جَڏهن دِلي، تَڏهن کان ئي مَن ۾،**
سُهڻي صُورت تُنهن جي مُورت، وَسِي وَئي او سُهڻا.

3 - **هِيءِ جا مَست دِل دَست، ڪَري يَار هَليو وِئين،**
لِڪي عَام ڪان ڪَا مَام، ڳُجهي ڏَئي او سُهڻا.

4 - **اَسمان پيار جي بَهار، ڏِني تُنهن جي اَکين ۾،**
مِلڻ وَاري دِلداري، ڏِني ٿَئي او سُهڻا.

5 - **پِي پيالا مَتوالا، چَئي "اَعجاز" اَسان ئي،**
هِيئين هِڪ تُنهن جي سِڪ، ڪلي ڪَنئي او سُهڻا.

ٿلهه : نِگاهه دِلبر ته مهربان آ، هَل هَلون دِل حُضورِ ۾،

صَدائي اَرني قَبول پَئي مَن، پَنهن جي پَهرئين ئي پُور ۾.

1 - **دِيدار دِلبر ڪان ته اڳ ۾ پَهه نِظاري جو پُڇ ته ٿُون،**
نَظر جَمائي نِياز سَان رَک، دِل سَندي ڪوهه طُورِ ۾.

2 - **نَصيب وَارن نَصيب تِئي تو، عَجيب دَر شن عَجيب جو،**
مِثال جَنهن جو مِلي نه مُور هِن، ڪَنهن به حُور و قُصور ۾.

3 - **وِصال جَانان نه دُور آ پَر، خِيال عَاشق رَوان هُجي،**
قريب ڪان سو قَريب تَر آ، شَوق وَاري شَعور ۾.

4 - **مَقام عَاشق جو دَر حقيقت، سِدرةالمُنتهائي آ،**
پَروڙي مَعنيٰ پَتنگ وَانگر، عِشق جي پَچ تون نور ۾.

5 - **نِقاب کُلندو خِطاب ٿِيندو، نَاز وَاري جو نَازسَان،**
صَنم جا ڏِيندئي سَا گُهور سَهجئين، رَمز آ اِنهي گُهور ۾.

6 - **هَزارين جَلوا هَزارين شعلا، ڏِسندين حُسن و شَباب جا،**
خَطا نہ هَوش و حَواس ٿِئي، جِيئن ڪيف و مَستي سُرُور ۾.

7 - **ڪَواز آهي ڪَمال آهي، عَاشقن لاءِ وَماتغيٰ،**
پَوي نہ تِر جو فَرق اَعجاز، حَد بيحد جي عُبور ۾.

ٿلهہ :ٿُنهنجي حُسن ناز نِگاھ سَان، تہ بَهار آ مُنهنجي عَاشقي،

ٿُنهن جي ذُوق شوق ۾ بَار بَار، نِثار آ مُنهنجي عَاشقي.

1 - **ٿُنهن جي زُلف جي تہ زَنجير سَان، ٿُنهن جي تِرڇي سَامهين تير سان،**
ٿُنهن جي رَمز رَمز جي ڏِيرَ سان، ٿي شُمار آ مُنهنجي عَاشقي.

2 - **رَهي ٿُنهن جي روز دِيدار ۾، ڏِسي تو کي هَار سِينگار ۾،**
توتان سِر گهوريان تنهن جي پيار ۾، جو بيدار آ مُنهنجي عَاشقي.

3 - **مُنهن جي عَاشقيءَ جي اِي دِلربا، تُون ئي اِبتدا تُون ئي اِنتها،**
تُون ئي بَحر عِشق جو نَا خدا، تَو سان پَار آ مُنهنجي عَاشقي.

4 - **نَڪي پَنهن جي نيڪي ۽ نَام لاءِ، نَڪي پَنهن جي عَيش آرام لاءِ،**
رُڳو ٿُنهن جي سَجدي سَلام لاءِ، ذميوار آ مُنهنجي عَاشقي.

5 - **ڪِتي ڪِنهن لاءِ چَين قَرار آ، ڪتي ڪنهن لاءِ عين شعار آ،**
ڪِتي ڪَنهن لاءِ بوجهہ ۽ بَار آ، يا بُخارآ مُنهنجي عَاشقي.

6 - تُنهن جي مرڪ سان جيڪي ٿا نهن، اِهي موتي دُر جي وِڪامجن،
تہ اَول اَول اَي جَان مَن، خَريدار آ مُنهنجي عَاشقي.

7 - "اَعجاز" چَئي تَوکي بَاخبر، ڪَيان حال پَنهنجي ڳان آئون مگر،
مَازَاغَ البَصرَ تنهنجي آ نظر، سَرِ دار آ مُنهنجي عَاشقي.

ٿلهه : ڏِسي توڏي ڏِسن ٻِئي ڏي-نِگاهون سي ڪِٿان آڻِيان،

اَڳِيان سَڀ ڪَنهن ڪَجن اِظهارُ-آهون سي ڪِٿان آڻيان.

1 - **ڀُلائڻ لاءِ مَاڻهن جي-ڀَلارو ٿِي ڀَوان ليڪِن،**
قُبائون بُرر ڳانيون ۽-ڪُلاهون سي ڪِٿان آڻيان.

2 - **فَقير الحَال مان فُقراء-مُون وَٽ فاقهِ مَستي آ،**
زَماني کي ڪپن جي-خَانقاهون سي ڪِٿان آڻيان.

3 - **صَحيح ثابت ڏِين توکي-نِياپا نِينهن جا ساري،**
سَڄڻ سَائين ٿُون ئي سَچ چئو تہ وَاهون سي ڪِٿان آڻيان.

4 - **ڪَڏهن ڪَنهن سَان ڪَڏهن ڪَنهن سان-اَڙائيندو وَتان اَکيون،**
مگر چَلپل وَاريون چَاليون-۽چَاهون سي ڪِٿان آڻيان.

5 - **سِپر سينو ڪَريو سُهٽا-سَهان پيو تِير سَڀ ٿُنهن جا،**
ڪَجن جي اَتکلن وَاريون -پَناهون سي ڪِٿان آڻيان.

6 - وَفا جي جَوش ۾ مُون ڪان-وِڪون وَاڏيون وَيون پَرجي،
وَري پُرتي وَران پَاهون-تہ رَاهون سي ڪِٿان آٿيان.

7 - دُعا تُون جي گُهرن تَوڪان-دُنيا عُقبيٰ جي مَاٽڻ جُون،
چَوي "اَعجاز" اَهڙا ٻُڪ ڪِـ-ٻَانهون سي ڪِٿان آٿيان.

ٿلهه : نِرمل اَلاجي چَاهي تُنهنجي نِگَاهه ۾،

مَارين پِيو مُسافر روڪِيو تُون رَاهه ۾.

1 - **هيڪر ڏِنو تو جَنهن ڏي، سو هُوندو نہ هَوش ۾،**

اَهڙو اَثر اَٿئي ڪو چشم سِياهه ۾.

2 - **دِلڙي ڦُريو اُمالڪ، رُوپَوش ٿِيو وڃين،**

هَر ڪو ڪَري ٿو دَانهون اِنهي سَرد آهه ۾.

3 - **سُهڻا سُوال هِن جو ڏي مونکي جَواب تُون،**

ذَر ذَر ٿو گهائين گهايل، ڪَهڙي گُناهه ۾.

4 - **"اَعجاز" چَئي نہ پَئي ڪَل، تُنهن جي فِريب جي،**

سُنهن سَاک سَاڻ آهي، اِهو سُور سَاهه ۾.

تلھہ : **مَدمست چِشم مُژگانا- ڏِسي دائھہ ٿيا تہ دِيوانا.**

1 - **گُھرون پَائن گھايل گھائن -بيحد پَرائن جَانا.**

2 - **ٺَازئون نِھارن ميچون مَارن -پِيارِن پُر پَيمان.**

3 - **عَين اُھي دِن رين نَظر ۾ -نَين آھن ذيشانا.**

4 - **"اَعجاز" رِنداني اَنداز سان-بي نِياز رَھن روزانا.**

تلهه :نِگاهون خَنجر، نِگاهون نَشتر-نِگاهون دَرمل دَوا دَوا هُو،

ڪَڏهن سَراپا جَفا جَفا هُو-ڪَڏهن سَراپا وَفا وَفا هُو.

1 - مَتان پِيون ڪِي ڪَٽاريون سَمجهو-اَکيون ئي سَمجهو ڪَٽاريون قَاتل،
ڪُنا ڪَٽارين نہ جيڪي ڪَڏهن-اَکين سي ڪُونتر ڪُنا ڪُنا هُو.

2 - نِظارا نظرون نيڻن جون نُوڪون-نيهي ڪي لائن نيهي نِيائن،
نِيڻَن جي نِينهن جا نِسنگ عَاشق-نَيڻن تان سِر ڪن فِدا فِدا هو.

3 - نِگاهون اَول نِگاهون آخر-نِگاهون ظَاهر نِگاهون بَاطن،
نِگاهون ڪَامل سَدائين شَامل-نِگاهون مَنزل رَسا رَسا هُو.

4 - جَڏهن نِقابَئُون ڪُليو ڳڙيون ڙِين-حَشر ڳڙا ڙين نَشر پَڙها ڙين،
ڦَٽيو وَجن ڙِيون لُٽيو وَجن ڙِيون-مَگر وڻن ڙيون تہ آها آها هُو.

5 - نَصيب جَن کي قَريب تَن کي-وَنَحن اَقرَب اُهي نِگاهون،
عَجيب نَازن عَجيب رَازن -پَريون تہ آهن سَدا سَدا هُو.

6 - **خُدا بہ هو نَاخُدا بہ هو ۽-جُدا بہ هو گڏ سَدا بہ هُو حق،**
نِگاهون "اَعجاز" مُنهنجي سَڄڻ جون-مون لاءِ آهن لَقا لَقا هُو.

ٿلهه : ڪَج تيغ ڪَجل جي بَناء وري- مُنهنجي مَرضي آ مُونکي گهاءِ وَري.

1 - **هَتان تُنهنجي يَلي تہ فگار هُجان-تُنهنجي شَوخ نَظر جو شِڪار هُجان،**
هڪ وَار نہ پَر هَر وَار هُجان-آزمايو اَٿئي آزماءِ وَري.

2 - **جِيئن گهائين ٿو تَڙپائين ٿو -تيئن شَوق مُنهنجي کي وَڌائين ٿو،**
تہ بہ ٿورو لَکن جو لاٿڻ لائين ٿو-مَونسان ڪَجليون اَکيون تہ مِلاءِ وَري.

3 - **ڪارِي ڪَجل وارِي ڪُنڍِي تَيغَ تِکي-تو وانگي وَهائڻ ڪَنهن نہ سِکي،**
مُنهنجي گهور تَوتان هِيءَ سونِي سِسي-يَلي قَتل سُهڻا تہ ڪَماءِ وَري.

4 - **نازڪ ناز بہ رک پَر نينهن بہ رک-عَاشق سَاڻ مِلڻ جو ڏينهن بہ رک،**
"اَعجاز" چوي پِيالو شِينهُن بہ رَکُ-پوءِ جَام تي جَام هَلاءِ وَري.

ٿلهه : گهوڙا !ڪجل جي گهاءَ، آئون گهايس , نا تہ مَران ٿي، ناتہ جِيان ٿي.

1 - لاَ عِلاج آهيان جيڏيون، رِيءِ وِصالي وَاءِ.

2 - گهاءِ اِهو ڪو اَهڙو آهي -سَبِ وِجايَئِين سَاءِ.

3 - نِير نيڻن ۾ جَان لَبن تي-بَر زبان بُڪاءِ.

4 - آهن "اَعجازا" مُون سِر هَر هَر -تَيغ ابروءَ جا تاءِ.

ٿلهه : رُخ سُرخ چشم مَئي گُونا-ڏِس نَاز نينن جا نَمونا،

سي بينا مَارڻ موهَڻ لاءِ-ٿي بي نقاب بي اُونا.

1 - **عَينا اَبرو انفُ عَجائب-اَحمر لَب اَفزُونا،**

دُر عَدن ڪان دَند دَرخشان-سُهٽا صَاف سَنونا.

2 - **نيرَنگي جَا مان جَان مَٿي-ءِ چَنچل چَال چَگُونا،**

گيسو گِرهه گيرَتَني جا-گِرفت ڪَن گِردونا.

3 - **مَحبوبَن جي مُنهن ڏِسڻ لاءِ-ٿِيا مَلڪ فَلڪ مَفتونا،**

پِيا عَاشق اُن جي ڪَاڻ ٿي بينا-بَادل بُو ڪَلِمونا.

4 - **قُلزم واري ڪُن ۾ هئا اڳ - قائم ڪُن فَيڪونا،**

جَلوه نِما ٿيا جَا بجا پوءِ - بُوالعَجَبُ بِي چونا.

5 - **اِن دَرشن دَرپن رُخ پِرين جي-ڪوليا دَر دَرُونا،**

لاَئي نِينهن عُشاق "اَعجاز" -ٿيڙا لاَيحزنُونا.

ٿلهه :ويهي سَامهون سُهڻل، چوري چِشم چَنچل، مُرڪي مُحب مِنل، اَڄ مَچائي وِڏئي.

ڪري ڪَنگا ڪَجل، چوٽا مُشڪ رَتل، وَهوا يَار سَانول، دِل ڦاسائي وِڏئي.

1 - **سُهڻا اڄ تو سَنيون، ڪِلي اَکڙيون ڳنيون، وَسي رُوح ۾ وَيون، پَسڻيون پَلپَل پَيون،**
لَڳيون نَوڪون نَيون، رَمزون تو مُون هَنيون، ڪَششون تَن تہ ڪَيون، سِڪ سَامائي وِڏئي.

2 - **اَهڙا زُلف دُتا، تُنهنجا تو ئي ڳُتا، جَهڙا سَپ ٿي سُتا، تَن ۾ خِيال ڪُتا،**
جُنبي جِيءَ ۾ جُتا، وَڳا مَن ۾ مُتا، تَن طَبق تَتا، مَچ مَچائي وِڏئي.

3 - **ڦُري دِل تو نِيم، خُوشي ڏَاڍي ٿِيم، اِها آس هُيم، پُوري تو ئي ڪَيم،**
تو سان پيچَ پِيم، جَذبا جوش جِيم، لَڳي لهر ويم، جِنَ جَاڳائي وِڏئي.

4 - **تو کي "اَعجاز" ڏٺا، ڇَانئي مَن ۾ ڇَنا-اَچي دير ٻنان، ويهي ٻول اَنا،**
دَامن تُنهنجي ڳِنهان، تو کان پِرت پِنان، لِڪي لوڪ ڪنان، لَئون جي لائي وِڏئي.

ٿلهه : ڪَجل ڪَٽوريون ڪَيف ڪَڪريون- قَتل گهورِيون تو وَاريون اَکيون.

1 - **خُون عُشاقن جي تي پَالي -گاري يَر تو گاريون اَکيون.**

2 - **ڪنهنجو لِحاظ ڪَرڻ نہ ڄَاڻن-اَهڙيون اَٿئي ڪي سيڪاريون اکيون.**

3 - **ڪَجل پَائن قَتل ڪَمائن -ڪَونت ڪُڏائن ڪَاريون اَکيون.**

4 - **سُهڻا سَدائين سَي هَندَ تُنهنجون-سُورهہ تيو ڪَن سَاريون اَکيون.**

5 - **ڏَاڙا دِلين جا وَتن هَٽنديون-ڏَاڙيليون تو ڏَاريون اَکيون.**

6 - **رَائي پَنهنجي سَان رُخ ڪَن جيڏهن رَنگ لائن رَنگ وَاريون اَکيون.**

7 - **تِکِن تَرارين جهڙا اَبرو-سَانپ رَکن سوپاريون اَکيون.**

8 - **ڪَڏهن اَعجاز چَئي کِلي ڪٽندين -پَيار پَريون مُون ڏي پِياريون اَکيون.**

ٿلهه : ڪَجل وَاري ڪَاري لَڳي ڪَج ڪَٽاري،

پُڳي ڪَانه هڪ پَل پوءِ پَرهيز ڳاري.

1 - **اَکين پيچ پَلڪن جَهاتين تَاب جهلڪُن،**
مِلڻ مَام مُرڪن لُٽي دِل هَزاري.

2 - **ڪَجل ڪَيفي ڪَاري ڏِني بَاهه بَاري،**
نِهاري تہ مَاري هَٽي ڏَڪ ڪَاپاري.

3 - **طَاعت تَسبيح تَقويٰ ڇَا جي دُنيا عُقبيٰ،**
ڪَٿي عِشق دَعويٰ ٿِياسون زُناري.

4 - **"اَعجازا" عَجيبن نَگيڻن نَجيبن،**
موهي مَن مُجيبن ڪَئي پنهنجي سَاري.

تلهه :ڪجل وَاري ڪاري - لَڳي جن ڪَٽاري،

بُزرگي ۽ شيخي - پَرهيز تَن وِساري.

1 - **حُسن واري حَلقن - جَهاتين ۽ تہ جَهلڪن،**
اَکين پيچ پَلڪن - لُٽي سُرت ساري.

2 - **حُسن ماري ڳاري - ٿو هلندا بَيهاري،**
نِهاري ڏُوتاري - جُهڪائي جُهونجهاري.

3 - **حُسن ديد ڪوڙي - صُنعان شيخي چوڙي،**
رِدا لاهي لوڙهي - ڏَرم دين وَاري.

4 - **پَسڻ سُونهن ڏاران - پِرين جي پَچاران،**
لَڳي لَغُون لَغاران - نہ ٿيا عَاشق عاري.

5 - **اَعجاز حَسينن - اُنهن ناز نِينن،**
مُرڪي مَهه جَبِينن - چَريا ڪيا چوڏاري.

تلھ : يَار جي اَبرن جي بِيھڪ-سُونھن سُھڻي ڏَنگ آ،
خُوب خَنجر ڪي بہ خَم آ-پَر ھُتي ٻِيو رَنگ آ.

1 - **جِي ڏَسان تو زُلف اُن جا، تہ بہ لَڳي تو مُون عَجب،**
ھَر ڏِسڻ وَاري ڪي تَن، ھَر ھَر پَاتو وَر وَنگ آ.

2 - **نِيڻ بَازيگر اھي، شَرطون ھَڻيو بَازيون ڪٽن،**
ڇَا چَوان ڇَاھي وَٺن، ڇَا ڪيڏ جَادو ڍَنگ آ.

3 - **لال لعلون لال ھنڊوا، لال گُلڙا لال لاڪ،**
سَڀ سَپين ڪي لَعلَ ھُن، لَبڙن لَڳايو رَنگ آ.

4 - **ڪِيئن نہ ٻِجليون منجھہ بَدل، پَڙڪن پڄن بيتاب ٿين،**
عِشق سُھڻي جي ڪَيو اَڄ، ھَر طَرف آڙنگ آ.

5 - **نَرم نَازڪ ڪَنول ڪان، سُھڻو سَدا سَاروبَدن،**
اَلف قَد "اَعجاز" اُن جو، اِسرار ھَر اَنگ آ.

ابرو

ٿلهہ :تُنهن جَا اَبرو سِياهہ خَمر خَمر-اَسان ڪَاڻ سَجڻ سَجدي گاهہ ٿِيا.

1 - **رُخ اَوهان جو ڪَعبو اَطهر- رَوز رَوشن نُور مُنوّر،**
تَنهن کي طَواف ڪَيوسون بَرابر- دِل جي ڏِيان سان دِلبر دَمر دَمر،
فَرض دُوگانہ اَداهہ ٿِيا.

2 - **لاَئي اندر ۾ عِشق جي هَلچل-رَهيا مُشتاقَن سان ٿِي رَلمل،**
چِشمر تُنهن جا پِيارا پَلپل-پَائي ڪَجل ڪَري ڏَاڍِي رِمر جِهمر،
چَمڪي اُونداهيءِ ۾ رَاهہ ٿِيا.

3 - **دِيد ۾ دِيد مِلي مَس آهي-هَاڻ نَظر هيءَ ڦِرڻي نَاهي،**
دوزَخ چَاهي بِهشت چَاهي-ڪَهڙو اُنهن سان منهن جو ڪَمر،
تُو ڪان نہ وَڌ سي بِاللہ ٿِيا.

4 - **اَبرو مُژگان تُنِرا تَارا-چَمڪيو چمڪن لَيل نِهارا،**
ڏَند مُبارڪ هِيرا هَزارا-لَب هِجر اَسود قسمر،
چُمڻ "اَعجازا" مُباح ٿِيا.

ٿلهہ :اکِيان هن سيف ابرو جيءِ لڪين ڌڙ سر جدا ٿي ويا،
حواس و هوش پسپا ڪئين، هنر حيلا خطا ٿي ويا.

1 - **تيغ ابرو جي تابش ڪان، پهاڙ بہ ٿيو پون پاڻي،**
جُنبش ڪان تنهن جي قيامت خيز، سِينن سِيءَ بَپا ٿي ويا.

2 - **اهائي فاتحِ عالم، اهائي غالب شاهان،**
انهي تلوار جي آڏو، اُين جا هَٿ اُيا ٿي ويا.

3 - **قُوّتِ بَازو ڪان پالهو، اهو جانباز آخر ٿيو،**
جَرح قَٿ حسن جي صَمصَام جا، جنهن سر عطا ٿي ويا.

4 - **خفا سارو جهان تن ڪان، ۽ خائف سڀ شفاخانہ،**
بنايل برهہ جا بيمار، لاشڪ لا دوا ٿي ويا.

5 - **ڪيا جي زلفِ جانان جي، ڪمند ڪاري سڌي قيدي،**
چون ٿا هردو جڳ وارا، انهن تان بَند بِدا ٿي ويا.

6 - ڪَيا مَحصور سَڀ ميدان، حسينن جي تہ ئي ماڻن،
صفِ اول جا پڙ سورهہ، اتي ازخود سِڏا ٿي ويا.

7 - رُخ دلبر جو جلوو جن، نصيب آ بزمِ حاضر ۾،
انهن جا فرض ۽ واجب، اهم سجدا اَدا ٿي ويا.

8 - ڀرون ئي قوس ڪج رنگي، ڀرون ئي خوش نما خنجر،
ڀرون ئي صورتِ محراب، و ڪعبہ جي بجاء ٿي ويا.

9 - ڏنم جو سيم گُون محبوب جي اڄ چشم مئيگون کي،
سراپا جان تي طاري نشابي انتها ٿي ويا.

10- نہ مُنهن جي اُت نہ تُنهن جي اُت، نہ ڪنهن جي اُت هلي حجت،
مقابل ٿيا جي وحشت کان، اُهي آخر فدا ٿي ويا.

11 - نڪا تو شاعري ڄاڻان، نڪي تو شعر سمجهان پر،
جنونِ عشق ۾ جيڪي، چيم گفتا سچا ٿي ويا.

12 - سچن جي عشق جو سودو، مَنو مانو نہ ٿيو ڪڏهين،
ڪچائيءَ ڪان ڪچن جا ڪئين، ڏنم سودا ڪچا ٿي ويا.

13 - رهيا زيرِ ڪمان "اَعجاز"، جن جي آسمان وارا،
انهن ابرن انهن اکڙين جا، عاشق ڇا نہ ڇا ٿي ويا.

ٿلهه : مُک مُڙگان اَبرو عَينا-نِروار نِظارا لَڳا لَڳا،
وَهه چِشمان چَقمق چئينا - ڪَج ڏار ڪَٽارا لَڳا لَڳا.

1 - غمزي ڏار بي پَرواهه بَالم -پر مَل پردي نشينا،
گُهونگهٽ کولي وينا اولي-لاَئي ديد دُبينا،
ناز نئينا ڍِن رينا-خوءِ ڏار خُومارا لَڳا لَڳا.

2 - اَڄ دوشُ بَدوشُ آغوش ۾ آهن-پُڳيون مَن مُدائون،
پُر پيمانن لُعاب لَبن سان -ڍِل جا ڏاغ ڌوتائُون،
گهوريا سِر گهر سِينا-سِينگار سُونهارا لَڳا لَڳا.

3 - حُسُن تني جو ڪَاني ڪَرامت-حُسن تَني جو جَادو،
حُسن سَان مَارن حُسن سان جِيارِن-حُسن سان ڪَن ٿا قابو،
تنهن حسن ساڙيو طور سينا-اَرنيءِ جا نعرا لَڳا لَڳا.

4 - هوش جو نالو هوش جو خانو -هوش هِنيان چِڏهاٽي،
مُنهڙو ڏيکاريو "اَعجاز" پرين -مَدهوشيءِ ۾ پَسُ پاٽهي،
بِولي بَول اي من جي مَينا- ديدا ردُ بارا لَڳا لَڳا.

عشق عاشق

ٿلهہ : عِشق وَارن جا عَجب ڏِناسون- مَاڳ مَنهَن مَئيخانہ

مَاڳ مَنهن مَئيخانہ -رَاڳ ويراڳ رِندانہ.

1 - وَسندا رَهن تاہ وَسندا رَهندا-عَاشقن جا آستانہ.

2 - پَالوٿ پِريمي رَس جي اُن وٿ-پُر فياض پَيمانہ.

3 - صُحبت مُحبت ڪَري انهن جي-قَلب آئينو روزانہ.

4 - سَاهہ بَرابر سَمجهي سَانڍج -گُفتا اُنهن جا گِيانہ.

5 - اُتي "اَعجازا" آهن سَلامي -ڪَئين جَڳ ڪَئين زَمانہ.

ٿلهه :آهيان حَضرت عِشق جَناب آئون-جِتي چَاهيان ڪَيان اُتي خِطاب آئون.

1 - **پِيرن اَميرن ،ميرن ۾، شَاهن، بَادشاهن، وزَيرن ۾،**
ڪَن چيرن جوڳين فَقيرن ۾، آٽيان عَاشقي وارو انقلاب آئون.

2 - **جِتي چَاهيان اُتي ٿيان مَنزل نَشين، هجي اَرض و سَما توڙي عرشِ بَرين،**
سَڀ جاءِ سگهان ٿو اَچي ۽ وَجي، هلايو حڪم سگهان هَر باب آئون.

3 - **جَنهن ڏِي خيال ڪيان تنهنکي لعل ڪَيا، جَنهنتي ڀالُ ڪيان تَنهنجو وِصال ڪَيان،**
جو قدم پَريان تنهن ۾ ڪَمالُ ڪَريان، نچايان ناٽ ٻه ڪولي نقاب آئون.

4 - **مُونسان آبِ خِضر ٻه ڪونه لڳي، مُونسان شَهد و شَڪر ٻه ڪو نه لڳي،**
مُونسان قاتل زهر ٻه ڪو نه لڳي،لافاني آهيان هِڪ شَراب آئون.

5 - **مُون ڪان ڪو ٻه تہ قَد ۾ دَراز ڪونهي، مُون ڪان ڪَنهنجو اوچو آواز ڪونهي،**
مون ڪان ڪو ٻه ڳجهو رنگ راز ڪونهي، ڄاڻان خُوابن جو خُوب حساب آئون.

6 - ڪڏهن جُنونن واري جَهان اَندر، ڪَڏهن مَردن واري مَئيخان اَندر،
ڪَڏهن طبلي تنبوري تان اندر، ڪڏهن شاعر مصوّر ناياب آئون.

7 - اڳيان مُنهنجي نہ پَنهنجي ڄَاڻ رکو، نَڪي عِلم عَقل جا مَاڻ رکو،
مُنهن جي سِر جي "اَعجازا" سڃاڻ رکو، ماضي حال قبل جو ڪتاب آئون.

تلهہ : **قَدم پَر عِشق ۾ اَهڙو- عَدم ڪان جِيئن ڏِسئين اڳتي،**
قَضا ڪَاتب جي مَسُ ڪَاغذ- قَلم ڪان جِيئن ڏِسئين اڳتي.

1 - **جيڪو سَمجهي اُنهي ڏي آ-سَنيهو سَالڪاڻو هي،**
ڪِراماً ڪاتبِينن جي-رَقم ڪان جِيئن ڏِسئين اڳتي.

2 - **تَوڪي عُشاق پوءِ چَوندس-تَوڪي مُشاق پُوءِ چَوندس،**
خُدا ۽ نا خُدا جي پر-پَرم ڪان جِيئن ڏِسئين اڳتي.

3 - **ڇَلانگ آ عِشق جو اهڙو -نِهايت نَاهہ جَنهنجي ڪَا،**
اُهو ڪو عِشق رَک وِت ۾ -وِتَم ڪان جِيئن ڏِسئين اڳتي.

4 - **رِنداني راهہ تي رَمندي -نہ مَنزل جو تَلاشو تي،**
لِوائل عشق سان وِيندو -اِرَم ڪان جِيئن ڏِسئين اڳتي.

5 - **اوراهان فن فَهم ڪهڙا-اَوراهان دَم قَدم ڪَهڙا،**
اوراهين دَرد دعويٰ دَم-قَدم ڪان جِيئن ڏِسئين اڳتي.

6 - عَقل اِمڪان ڳان اڳتي-وِيندو عُشاق پَر ڪو ڪو،
عَقل جي حَد اِحاطي خَطِ-خَتم کان جِيئن ڏِسئَين اڳتي.

7 - نہ جَنهن ۾ يَار جَائز آ-نہ جَنهن ۾ پِيار جَائز آ،
اِنهي دين و ڌَرم رِيت و- رَسم کان جِيئن ڏِسئَين اڳتي.

8 - اِهي آهن زَماني جا-سَيئي اسباب "اَعجازا"،
جَلال و بُزرگي جَاهه و -حَشم کان جِيئن ڏِسئَين اڳتي.

ٿلهه :ڪونهي اَمر لِکئي سان عِشقُ بَدِل-تَقدير تي قادر عِشقُ ئي آ،
ڪُل شئي تي قَدم آ عِشقَ سَندو-ڪُل شئي تي مُسخر عِشقُ ئي آ.

1 - **اُهو ڀِهريون ڪافر ڪيرُ هُيو، ڪَنهن پنهن جي پُوڄا پِئي پاڻ ڪَئي،**
جنهن تَخيل آدم پيشُ ڪَيو، اُهو ڀهريون ڪافر عِشقُ ئي آ.

2 - **تَقدير لِکي تَقدير ٻيجي، تَقدير جي قَيد ۾ راڄ ڪَڙي،**
قَلَمُ ڪار ڪِتي مددگار ڪِتي، هَر ڪار جو مَاهِر عِشقُ ئي آ.

3 - **ڄو عشق ڄُون ڳالهيون تو مُون ڪان پُڇين، ڄا عِشق ڄُون ڳالهيون ٻُڌندين تون،**
ڪُن حرف ڇيَئين ڪائنات تي پَئي، اِهڙو صانع نَادِر عِشقُ ئي آ

4 - **نَڪا عشق اَڳيان تَدبير هَلي، نَڪا قَاضِيءَ جي تَحرير هَلي،**
نَڪا لوحي ليک لَڪير هَلي، اِهو شَاهي شَاطِر عِشقُ ئي آ.

5 - **فِرعون موسيٰ مُتضاد ٻَئي، نَعرو نَام ٻنهي جو اَلڳ اَلڳ،**
پَر مُوسيٰ فرعون جي پَس پَرده، اَداڪار اَڪابُر عِشقُ ئي آ.

6 - ڪِنهن بہ بَند جو پَابندُ عِشقُ نہ ٿِيو، آزاداني خيالُ جو خَالقُ آ،
حُريت جو عَلمِ بَردارُ اَصل، حُريت سان نِشانَبر عِشقُ ئي آ.

7 - مردن جي نِگاهن ۾ عِشق رهيو، مَردن جي نگاهن لکيو ميٿيون،
"اَعجاز" اَٿئي جي عشق تہ پوءِ، تنهنجو حَامي نَاصر عِشقُ ئي آ.

ٿلهه :عاشق جي نظر هر جاءِ-تو ڪي جهات ڪَندي آ،

تُنهنجي سِر ڪي ذري پُرزي ۾-اِثبات ڪَندي آ.

1 - جَنهن جَاءِ هجين جيئن ٻہ-جهڙي رَنگ ۽ ڍنگ ۾،

عَاشق ڪان لِڪي ڪين سگهندين-ڪِنهن ٻہ اَنگ ۾،

بِينائي برهه واري-عَجب گهات ڪَندي آ.

2 - ڪوجِيءُ نہ جُدا تنهنجي-۽ ڪوتن نہ سواءِ تو،

تَحقيق عشاقن آ تو ڪي-خوب سُڃاتو،

ٻي ڪانہ هستي سير-منجهہ صِفات ڪَندي آ.

3 - هَر زمان هَر مَڪان-هَر جَهان ۾ آهين،

هَر گيان هَر ڌيان-هر گُمان ۾ آهين،

دُنيا تہ تنهنجي موجودگي ڪي-مَات ڪَندي آ.

4 - عَاشق جي سَواءِ ڪير-تُنهنجي مَام ڪي ڄاڻي،

تنهن جي مام اُلٽي گام-دَاٽي دَام ڪي ڄَاٽي،

حسن دار روپ هزار-تنهنجي ذات ڪَندي آ.

5 - **جي اولو اِسم جو ڪَرين -جي چولو جِسم جو،**
"اَعجاز" جي ناهي دِيد ڪي-ڪو پولو قِسم جو،
هَر هَات تنهن جي سان تہ-هِيءَ بہ هَات ڪَندي آ.

ٿلهه :عَاشق جي ٿُون آهين تہ پوءِ هِيئن تَوکي بَجا چو،

سُهڻن جي سِتم تي تو ڪرين دَانهن يَلا چو.

1 - **سُکَ جن سان ڏِنئي سَاٿ تي، ڏس ڏُک بہ انهن سان،**

رِندن جي اِها رَمز نٿو سَمجهين رَوا چو.

2 - **تو کي تو ڦٽي تير مُژگان سان جي هُو سُهڻو،**

آچَر تي اِڳيان اُن جي، تون بِيهين نہ يَلا چو.

3 - **سِر پاڻ ڏنيو عشق کي تو پَنهنجي خُوشي سان،**

پوءِ تولاءِ بَڻيو عشق اچي هاڻ بَلا چو.

4 - **ڪَڏهن بہ مروّت جو حَسينن کي نہ ڪَر سُوال،**

راضي هو رهن جنهن تي، رَکين سا نہ رَضا چو.

5 - **دَامان صبر ساڻ سَندو دَم بہ جَهلي ويهہ،**

دَر دَر تو ڪرين دَانهون دَردن جون سدا چو.

6 - **دلبر تہ وفائون بہ ڪندا، جورا جفائون بہ،**
وَاقف ٿُون رُڳو تن جي وفائن جو اَدا چو.

7 - **"اَعجاز" اکيون چار ڪجن، پيار پَڪي سان،**
ڪمزور هجن پيار جا، ڪي سودا سَٽا چو.

تلهه :عَاشقي جو دَم هَٽي رُسوا ٿِياسون خَواهه مَخواهه،

پَاڻ پَنهنجي جَان جا بَدخواهه ٿِياسون خَواهه مَخواهه.

1 - اَظلُوماً ۽ جَهُولاً قول قُرآني سَچو،

پَنهنجي بي سَمجهائي ڪان تَڪڙا ٿِياسون خَواهه مَخواهه.

2 - وَقت آدم ڪان وَٺي اَڄ تائين آهيون بيقرار،

اَلوداع چئي بهشت کي ڏُکيا ٿِياسون خَواهه مَخواهه.

3 - ڪجهه نه وريو ڪجهه نه سريو، عِشق جي واپار مان،

پُل ۾ هي سودو ڪري، سستا ٿِياسون خَواهه مَخواهه.

4 - حُسن جي هَر جَهلڪ تي، حَيران ٿي هَر هَنڌ اَسين،

رِيءَ قَدر قِيمت ذَرا پُرزا ٿِياسون خَواهه مَخواهه.

5 - عِشق ٿا جَنهن کي چَون، ڇَائيءُ جو سو هِڪ ڍير آ،

مُنهن بَدن تَنهن مان مَلي ميرا ٿِياسون خَواهه مَخواهه.

6 - سِڪ سچائي لاءِ ڪَري وَعدي وَفائي لاءِ ڪَري،
عيش سُک آرام کان ارها ٿِياسون خَواهه مَخواهه.

7 - جو بہ آهي بُت حَسين سو فِي الحقيقت آ فِريب،
تہ بہ ٿَتا سَمجهون اَسين چريا ٿِياسون خَواهه مَخواهه.

8 - نِيچ ڪَارن جي بہ اڳيان نِيچ ٿيٽو ٿو پَوي،
اَبروءِ عِشق لاءِ نيچا ٿِياسون خَواهه مَخواهه.

9 - دَامن بي دَاغ کي دَم دَم بَنائي دَاغدار،
غَير وَٽ ٿاغير وَٽ هَلڪا ٿِياسون خَواهه مَخواهه.

10- جِسم جَان ڳَاري ڳَري، لَحم و لَهُو بَاري بَري،
عِشق جا "اَعجاز" چئي چَمچا ٿِياسون خَواهه مَخواهه.

تلهه :هڪ عِشق وَارا ڳنڍ ڪِير ڏِنم ٻِيو مُلڪ تَفرقي گير ڏِنم..

1 - حَقي عِشق جِتي هِيڪڙائي اُتي، ڪَنهن وَار جُدائي نه ٻَيائي اُتي،
تَفريق جي واهه نه وَائي اُتي، اُتي فِرقا بَندي ناگذير ڏنم.

2 - هِن نَظر مان گُذريا زمانه ڪَئين، هَر زماني جا فَن فَسانه ڪَئين،
هَر فساني جا تَرجمانه ڪَئين، بِنا بِرهه سي سڀ بِي بَصير ڏِنم.

3 - چَوڦير چوڌاري چَڪاسيو سون، وِچ وچوڙُ ڏِسي مَن وِماسيو سون،
بي پير زَمانو آ باسيو سُون، هِت نِينهن وَارن کي نَصير ڏِنم.

4 - ڪِتي ڦُونڊ ڦڏش ڪان ڦوٽ ڦِٽت، ڪِتي ڪِيني ڪِر وڌ ڪان ڦُرب ڦِلت،
ڪِتي ٽُون ٽَا ٽُون ٽَا ڪان ٽَارَ ٽَپت، ڪِتي وِڙهندي ڪَبير و صَغير ڏِنم.

5 - پيو ڪُلجڳ ڪَاهي ڪُلفت ۾، هَر حِرص هَوَس ۽ حِرفت ۾،
پَري پير نه ڪير ڪو اُلفت ۾، اَهنڪار ۾ هَر ڪو اَسير ڏِنم.

6 - جِن عِشق جو نَعرو نَمود ڪَيو، تن پهرين ترڪ وجود ڪيو،

ٻُاري پَاڻ کي عِشق جو دُود ڪَيو، تَن جي آهُن ۾ تاثير ڏِنم.

7 - ڪَڏهن تڪر ٿاڪيندڙ عِشق ئي آ، ڪَڏهن تَار ٽَانگهيندڙ عِشق ئي آ،
ڪَڏهن فَلڪ اور انگهيندڙ عِشق ئي آ، عِشق ڪَعبہ مَندر جو پِير ڏِنم.

8 - سَواءِ عِشق جي ڪَنهن کي ڪَير وَٽيو، سَواءِ عِشق جي ڪَنهن جو ڪَير ٻَٽيو،
سَواءِ عِشق جي پائي ڪير جَٽيو، جَٽيون عشق وارو اَڪسير ڏِنم.

9 - جيڪي مَحبت جَا مَتوال سَدا، هَر حَال ۾ اُهي هَم خيال سَدا،
هي مِثال اَٿن هي ڪَمال سَدا، ڪَس رَس تي انهن کي قَدير ڏِنم.

10- اَجهي عِشق واري "اَعجاز" وَجي، مُون مِلت عُشاقن وَاري مَجي،
دِل هُئي جو مَحبت لاءِ اُجي، ملي مَحبت دِل تي سُڌير ڏِنم.

ٿلهه : جي زهر مِلي تہ بہ ڪُجهه نہ ڪَري، اَسين زَهر کي اَمرت پِيانيون ٿا،

جَڏهن عَاشق ٿَام سَڏايوسون، تَڏهن قَاتل ڪَثرت پَايون ٿا.

1 - **اِهو عَاشق پِين ٿا پُر پِيالو، نِينهن نَشي وَارو نِتِ نِرالو،**
اُج آهي اَجان ڏي سَرس سُنوالو، اَسين موت کي حَسرت پِيانيون ٿا.

2 - **جِن قيد ڪَمايو قُرب منجهان، تَن جَاتو مَحبت مَام مَنجهان،**
جَن سِر سَاهه مِنو ڪَيو ٿَام مَنجهان، اَسين تَن کان نَفرت پَانيون ٿا.

3 - **چَوي اَعجاز عَلي آءٌ وَج هَتي، هِتي ويهي پيءُ تُون وِهه جي وَٽي،**
ڳَاري هُجي يَا توڙي کَٽِي، اَسين شافي شَربت پَانيون ٿا.

تلھ : حُسن پَائي تو جھاتي-ڪَاتي عِشق وَھائي تو.

1 - عِشق وَني تو اولو حُسن جو-ٻَالھ اِھا ڳُجھ ڏاتي -ڪَاتي عِشق وَھائي تو.

2 - حُسن ڪي شَوقُ شِڪار جو تِيڙو-تير ڪَمان تَنھن چَاتي-ڪَاتي عِشق وَھائي تو.

3 - حُسن ھوڪَاريو عَاشق ڪي -ڪَڍي عَاشق بيتو چَاتي-ڪَاتي عِشق وَھائي تو.

4 - عَاشق ٿي ويو مُرغ بِريان -ڪو ڪائڻ وارو ھُجي پَاتي-ڪَاتي عِشق وَھائي تو.

5 - مَحبت جي مَيدان اَندر آ -ڪُوڙن لاءِ مَماتي -ڪَاتي عِشق وَھائي تو.

6 - مُوتو قِبلل ٿِيءُ تہ ٿِئي تو-حَاصل اَمر حَياتي -ڪَاتي عِشق وَھائي تو.

7 - عَشق "اَعجازا" اَھڙي شَخصت -مُنھن نہ مَلائڪن لاتي-ڪَاتي عِشق وَھائي تو.

ٿلهه :هِن عِشق جي اَلمست کي ڦِيٽا ڇَندا مَندِ ڇَا ڪَندا،

رَاڪان رَڪون ڦهڙا پُڙيون جهٽڪا جَهلا جُهندِ ڇَا ڪَندا.

1 - **جو هر ٽَٻَي فِرقئون ٽُٽي ويو عِشق جي چوهه ۾ ڇُٽي،**
تَنهن لاَغم لاَغرض تي ڏُک ۽ ڏَمر ڏَندِ ڇَا ڪَندا.

2 - **جِت جِت مَلڪ وَڄا نه رهٽا اُت لَڳا آهن نينڻ هي،**
تَنهن پَار پُهچڻ لاءِ ٽُرها سيٽهيون سَندِ ڇَا ڪَندا.

3 - **اي ميان پَارس پَڙهيا تُون ڪَر پَنهنجي پُوري پَري،**
جَن مليا وَندِ وِرهه جا ،تن کي ٻِيا وَندِ ڇَا ڪَندا.

4 - **"اَعجاز" ڇَئي هِن دل تي آ اَزلي حُسن جو اولڙو،**
شمس شعلا شَمر بَتيون چَمڪي چَهرا چَندِ ڇَا ڪَندا.

ٿلهہ :عِشق ڪَيم اِنسان، نہ تہ اَلاجي ڇَا ڇَا هُيڙس.

1 - **پريم ننگر ۾ پيرڙو پائي، پَنهنجو اُتي نِت پاڻ وِڃائي،**
پِرت جو ڏيئي پيمان، مُوتوقِبلل هَر هَر ٽِيڙس.

2 - **عِشق جا اُلٽا آرا اوِيڙا، رَحماني شيطاني رَايا جهيڙا،**
سَمجهي ٽيس سُبحان، وَحدت جي جڏهن ويڙهي وِيڙس.

3 - **پَنهنجي خُوشي ۾ پَنهنجي رَضا سان، پَنهنجي قَلم ۾ پَنهنجي قَضا سان،**
سُورن وَارو سَامان، سَاڻ ڪٽي هِن پِجري ۾ پِيڙس.

4 - **دَرد اَندر ۾ اَزلي ڏٻي ٿو، "اَعجاز" علي شاهہ عَجب لڳي ٿو،**
جِيڏهن هو نہ گُمان، نينهن اوڏاهين ٽَالي نِيڙس.

تلھ : عَاشق سَدائين ٿا رَهن- خُودخِيال پَنهنجي تي مَگن،

ٻِيو مُلڪ مَايا تي مَگن-هِي حَال پَنهنجي تي مَگن.

1 - **ڪنهنجي سُڻن سَمجهن نَڪو-ڪَنهن جي پَون شَش پَنج ۾،**
انئي پهر آهن عَجب -اَحوال پَنهنجي تي مَگن.

2 - **هِڪ چَال سان هِڪ پَل اَندر -حَق سَان وَجي جي هِڪ ٿيا،**
سيئي ڏِنم بِلڪل ڏِنم-تَنهن چَال پَنهنجي تي مَگن.

3 - **آفاق ۾ آهن تہ ڪَئين-عبرت پَريا اَشغال سَڀ،**
پَر هِي تہ وِيا تي پَاڻ سِر -اَشغال پَنهنجي تي مَگن.

4 - **ڪي غرض پنهنجي تي مَگن، ڪَي قَرض ڪَنهن جي تي مَن،**
ڪي فرض سُنت ۽ عمل، اعمال پنهنجي تي مَگن.

5 - **هِڪڙا اُڏارا پَر وٺيو -پرواز ڪن پَر ڏُور جا،**
هِڪڙا تہ آهن فِطرتي-پَر بَال پَنهنجي تي مَگن.

6 - جُڳ ڪي مُباح آ سيڪي ٻيو- ۽ عَاشقن ڪي عَاشقي،
"اَعجاز" آ هَر آدمي - تہ ڪَمال پَنهنجي تي مَگن.

ٿلهہ :عَاشق کي ڪَڏهن ڪَات ڳان ڪَنڌ ڪَوئڻو ڪَونهي،

وقار ايئن عِشق وَارو ڳوئڻو ڪَونهي.

1 - **دَعويٰ جي ڪَجي عِشق جي دَانهون پوءِ ڪجن چو؟**
لِيلائي اَڳيان لَوڪ، لَڏُون کي لَوئڻو ڪَونهي.

2 - **جِي چاڪ اَٿئِي چِتِ ۾، اُهي چِڏ تہ پيا چِڪن،**
ڊِيڌُن جي ڏُنالين جو، زَخم ڌوئڻو ڪَونهي.

3 - **دِلِ ڏَار متي دَار، اکيون ٿم نہ ڪڏهن ڪَر،**
رندن جي رَسوُمات ۾، ڪو رَوئڻو ڪَونهي.

4 - **مَعنيٰ سان حقيقت سَان، مَعرفت سان هُجي پُر،**
بي نِيتو ۽ بي رِيتو، نَظم پُوئڻو ڪَونهي.

5 - **سُهڻن جا سِتم سَهہ ۽ نِگاهن ۾ سندن رَهہ،**
ڪَر چون نہ چُرا ٿُون، تَوکي ڪُجهہ چوئڻو ڪَونهي.

6 - **تي ڪُوپو ڪُڏي آ، اچي ڪُس تون اڏيء تي،**
هت يار بُزدليء جو، بِج بوئٽو ڪَونهي.

7 - **"اَعجاز" مِلي وَار اتئي، مُور نہ مُڙ تون،**
جندِ عشق جو ٻئي ڪنهن کي ڪڏهن جوئٽو ڪَونهي.

ٿلهه :ڇَڏ لِياڪا لَوڪ جا-ڇَا عَاشقن جو عَام سان،

ڀَاڻ آجو ڪر اتاهين-عِشق جي اَحڪام سان.

1 - **هي هتي جا حال ڀائي-حَاڪماڻا حِرص ڏيئي،**
هَٿ وني حَاويءَ ۾ هَٽندءِ-هُل وڏي هَاڳام سان.

2 - **پُور پوري ٻيا پِٽر ۾-پور پرين جو پڇاءِ،**
پاڻُ ماري لاءِ دلڙي-پرت جي پيغام سان.

3 - **مَذهبن جي مَامري ڪان-مُنهن مَٽي موشو ڪري،**
من مڙهي مضبوط ڪر-مَحبوب واريءَ مَام سان.

4 - **گُر منجهان جي گر ٿئين-گَم نام تي گوشي گُذار،**
گَاءِ گيرب ڪي گنوائي-گهم گياني گام سان.

5 - **فَرض فَرمودا وساري-فِتنتي فَاسد ٿَٽئين،**
فيض فاسق ٿئي نہ توکي-فَن فريبي فَام سان.

6 - ڪور ڪينو قلب تان-ڪامياب ٿيندين قرب ۾،
ڪر اچو پنهنجي اندر ڪي-لالاهوتي لام سان.

7 - آهه واجب تو "اَعجازا" -نِندِ آرس ڪي ڇڏي،
عشق جو ارشاد مڃ- اقرار با انجام سان.

ٿلهه :عِشق ظَالم جي اِشاري طَور اُلٽا توريا،
سَيف اَبرو کي سِينگاري سِر ڪُلهن کان ڪَوريا.

1 - وَر سورٺ واري لاءِ ويهي، چنگ ڪنهن پئي چوريا،
ڪنهن ڏِنو سر ڪَنهن رُنو چو داس داسيون دوريا.

2 - قَيس کي چَرئي ڪَرڻ لاءِ، نيڻ ڪَهڙا ڪَڪوريا،
ڪيف ڪَهڙي مَست ڪِيو، ڪَهڙا متس وَل مَوريا.

3 - دَار تي منصور کي نِيو ڪنهن ڪري هُل هَوريا،
اَڪ پَائي انصاف ڪر هي ڪنهن جا هئا ڪُل پورهيا.

4 - شيخ کي وچڙي ويا لَٽ زلف هو شهزوريا،
دين مذهب بَن ڏيئي وجي خُوڪ تَنهن ڏس ٺوريا.

5 - ڪَربلا ۾ قرب هو، ڪِي شوم ناحق شوريا،
چا اهو هو چا ٿي گذريو چو گهوٽن سر گهوريا.

6 - **سُک چِڏي ڪَنهن جي ڪَري، وَجي سُور سسئي سَنڍوريا،**
هيڪلي سِر سَٽُ ٻڌي، ڏينهن رات ڏونگر ڏوريا.

7 - **عِشق هن جا عاشقن "اَعجاز" چئي ڏُک اوريا،**
هي اُهو آهي ستمگر جنهن وڏا جُنگ جهوريا.

ٿلهه : عِشق عَقل گڏ رَهي رَهي، هڪ جاءِ تي،

اِهڙو اڳي ڪو بہ مِثال تہ ڪونهي!!

1 - **ڪو بہ تہ ڪوڙو ڪونہ لڳي ٿو، ڪيئن حساب هي نهي نهي،هڪ جاءِ تي،**
اِهڙو اڳي ڪو بہ مِثال تہ ڪونهي!!

2 - **بَاز بِرهہ جو زَاغ عَقل جو، ڪَنهن ڪان ٻُڌو تہ ٿو ٻَهي ٻَهي،هڪ جاءِ تي،**
اِهڙو اڳي ڪو بہ مِثال تہ ڪونهي!!

3 - **ڪُتو فقير ڪي فَقير ڪُتي ڪي، ڪَهڙي هنڌ ٿو سَهي سَهي،هڪ جاءِ تي،**
اِهڙو اڳي ڪو بہ مِثال تہ ڪونهي!!

4 - **حَق جڏهن آ حاضر هر جاءِ، قاضي تڏهن ڪِيئن ٿو ڪَهي ڪَهي،هڪ جاءِ تي،**
اِهڙو اڳي ڪو بہ مِثال تہ ڪونهي!!

5 - **عِشق اَعجازا عَقل وانگي، ڳاهہ ڏِڳو ٿي نہ ڳَهي ڳَهي هڪ جاءِ تي،**
اِهڙو اڳي ڪو بہ مِثال تہ ڪونهي!!

ٿلهہ :آسان آ ٻُڌڻ ۾، آسان عِشق ڻاهي،

سَڀ ڪَنهنجي سودي سڏ جو، سَامان عِشق ڻاهي.

1 - **جَن آ ڏنو وِهايو، تِن آ صحي سُٽايو،**
اَرزان چيز ٻِيا سَڀ، اَرزان عِشق ڻاهي.

2 - **سُوريءَ جو سُونهون وَاقف، ٻِي رَهبري نہ ڄاڻي،**
زَاهد جي زُهد وارو، خَفقان عِشق ڻاهي.

3 - **مَسجد مَڙهيءَ مَندر ۾، مَهندار مُک ٿي وينو،**
ڪَنهن قيد "لا" قَلم ۾، زِندان عِشق ڻاهي.

4 - **جَنهن عشق کي آ ڄاتو، آرام عَيش جِيءَ جو،**
تَنهن لاَخبر جي لاَشڪ، منجھ جَان عِشق ڻاهي.

5 - **جِند جَان جِيءَ جِسم سَان، حَيّ القَيُوم آهي،**
بي جَان چئو نہ تنهنکي، بي جان عشق ڻاهي.

6 - دانهہ ڪري دِيوانا، دِيوانا بي زُبانا،
حيران حَال تن جو، حَيران عِشق ٿاهي.

7 - "اَعجازا" آ يقينًا، هَر ڳالهہ عِشق جي حَق،
ڪڏهن ڪِٿي بہ بَڪندو، هِذيان عِشق ٿاهي.

ٿلهہ : اِها عَامہ ڪي نَاهي پَروڙ، عَاشق عِشق مَعشوق ڇَاهي.

1 - ڳَالهہ ڪِيئن آ ڪِيئن پَئي ٻُڌجي-ڪيڏا ٻَڏا اَٿن ڪُوڙ،
ڪير ڪُوڙن کي سَچ ڏي ڪَاهي.

2 - ڪيڏهن جا ڪيڏهن پيا ڪَانگ اُڏائن-مَاڻهو مُورک مُوڙهہ،
وَهمہ ويا تَن کي ڪِيڏهن وَاهي.

3 - عَاشق عِشقُ مَعشوق سوئي -سَمجهن کي ڳُوڙها ڳُوڙهہ،
ڳَاٽو ڄَاڻُو شُبهہ شَڪ لاهي.

4 - سِڪ ۽ سِيڪڙُو سَجڻ سَاندهہ-سَيئي سَانپ سَنيُوڙ،
دَمہ بہ جُدائي دُوري نَاهي.

5 - حَق حَقيقت حَال "اَعجازا" -هَڏ نہ ڄَاڻن هُوڙهہ،
اَک ڏِسڻ وَاري ڏِسندي آهي.

ٿلهه : آهي عَشق جو آڙهه جِٿي جِٿي،اَسين اُتي اُتي.

1 - ٻِيو نہ ڪيڏهن ڪو يار اَسانڪي، رُوح پَنهنجي ۾ رِتي رِتي،
اَسين اُتي اُتي.

2 - ڇت سان چَاهيو ڏِسن چتايو، چشمن ڇَڏيا ڇت ڇِتي ڇِتي،
اَسين اُتي اُتي.

3 - ٺَار خليل الله وِسري ڪَانهي، وِسري اُها ٿي ڪِٿي ڪِٿي،
اَسين اُتي اُتي.

4 - هِت ڪو مُلاٽو ڪونهي مُشاهدو، عشق جي مَنزل مَتي مَتي،
اَسين اُتي اُتي.

5 - جَهاتي اَسان ڏي جَانب پَاتي، مَنجهان ڳُجهي ڪَنهن ڳِتي ڳِتي،
اَسين اُتي اُتي.

6 - جِتي "اَعجاز" چَئي حُسن جا جَهلڪا، تُنُ مَنُ عشاقن جو تِتي تِتي،

اَسين اُتي اُتي.

ٿلهه :عِشق ۾ ٿي اِظهار-اٽڪل وارو اَولو چِڏي ڏي.

1 - ڏُورنگيءِ ۾ اچي ڏُوئي هٿ ڪئي تو، ڪُوڙي سچي جي پَرک نہ پئي تو،
وَحدت ڪِيمر وِسار، پَورو نہ ٿِي اِهو پولو چَڏي ڏي.

2 - مُخنث مونث مرن دنيا لاءِ، مَرد موليٰ جا مرن موليٰ لاءِ،
قَالوبَليٰ ڏي نِهار، ٿوٿين وارو ٿولو چَڏي ڏي.

3 - پِرت پَنو پَڙهي ڪَڙهه تون قَلب ۾، وِجهه نہ وِٿي ويچو حق جي طلب ۾،
مَحبت جا مَڻ ڌار، رَتِي مَاسو تَولو چَڏي ڏي.

4 - ويس ويراڳي سراپا پائي، اڪڙيون "اَعجازا" يار سان لائي،
سورهه ٿي سروار، چرڪ چُپڻ جو چولو چَڏي ڏي.

ٿلهه :چڙهيا عَاشق چَاڙهي صَبر جي سَهاري،

رَسيا رَاز رَنگ کي سُوريءَ سِرَ سِينگاري.

1 - **اَصل هونِ جيڏهن دِلي خيال رايو-قَدم قُرب مان تن اوڏاهين چايو،**

ٽوڙي تال طلسم وِيا پِرت پَاري.

2 - **نہ هَٽيا نہ هَٽندا، هَليا راهہ حَق تي-مَچي مَستُ ٿيڙا مَحويت مُلڪ تي،**

دنيا ئي دَور دَلبو نہ سگهندن ڏُتاري.

3 - **پَچائي پَاڻ پاڻهي پتڻ پَار اُڪريا-اَويسي عَجائب عِشق سَاڻ اُڏريا،**

پُٽيان جڳ انهن جي پَلي جَڪَ پيو ماري.

4 - **"اَعجاز" عليءَ سان اَٽن نِينهن لاَتو-تَنا مُنهڙو موڙِن تنهن کان ڏِينهن راتو،**

ڪَيئون سَانگ سُرهو نظر جي نِظاري.

ٿلهہ : سِر عِشق ۾ وَاري پوءِ-ارمان وري ڪهڙو،

سَارين ٿو نفعا نِينهن ۾-نقصان وري ڪهڙا.

1 - **پَاڻيهي خوشيان پنهنجي-آ عِشق اُنايو تو،**

هر بار چشم هاڻي -گريان وري ڪهڙا.

2 - **تو عِشق جِتان اُپري-عَاشق تي اُتي بيهجي،**

مَيدان مَلهائن ۾-اَنجان وري ڪهڙا.

3 - **ٿا عشق چَون جنهن کي-سا آگِ الاهي آ،**

تَنهن آگِ الاهي تي -بُهتان وري ڪهڙا.

4 - **پيمان تي پيمانو-ساقيءِ کان وٺي پيتئي،**

اڄ ڪِيئن ٿو چَوين آهن-پَيمان وري ڪهڙا.

5 - **ڪَڏهن بہ مَعرفت جو-بُرهان اِهو ڪَونهي،**

پيٽين ٿو پيلا مَندر -بُتخان وري ڪهڙا.

6 - **وَحدت ۾ وِڃائي وڃ -وِيڇا جي ٻِيائي جا،**
حق جھڙي حقيقت ۾ -فُرقان وري ڪھڙا.

7 - **جي هَاڻ تو ڏارين سي-اڳ ۾ ئي تُون ڏارين ها،**
هي هوش هينئر وارا-دَم ڏِيان وري ڪھڙا.

8 - **وٺ ماٺ ڪان ڪَم عَاشق -دَانھُن مان نہ ڪجھہ وَرندي،**
جن آھہ وفَغان ڪَئي سي-جُنگ جوان وري ڪھڙا.

9 - **تَو عَشق ڪي ڪَونہ لُٽيو-ويو عشق لُٽي توکي،**
سوجھين تو سمراڳِ لاءِ-سامان وري ڪھڙا.

10- **"اَعجاز" وساري ڇڏ-افسانہ بَعيدانہ،**
گذريءِ جا ٻڌائين پيو-گذران وري ڪھڙا.

تلھ :عَاشق قَلندر مَست تي-ھُبڪار ھا حُسنات جا،
بِجليون بَدل بيحد ڏنم-اُت برھ جي برسات جا.

1 - چوگان ۾ باشان ھا، شَمعدان شَم شُغلات جا،
لوبان سرڪندڀ ڏُوپ سان، دونھان اگر دِن رات جا.

2 - اوچو عَلم اعليٰ عجب، بَيرق متس برڪات جا،
مَستن اُتي مَستا ھَنيا، جذبي منجھان جذبات جا.

3 - ماٺھو مُلڪ ھِندَ سِندَ جا، حاضر ڏٺم ھر ذات جا،
ڪي سانولا ڪي سِيم وتن، ڪي گل رُخن گُجرات جا.

4 - مَد مَئي ڪَشا مَن موھنا، مُشتاقڙا تجلات جا،
سي سَر بَسر سينگاريل، سي سُر خُرو سُخنات جا.

5 - جلوي نما جانب ھئا، جھلڪا لڳا شش جھات جا،
پَچندي رھيا نچندي رھيا،نانگا رِندي رسمات جا.

6 - ڏُرسا ڏَمالي دائماءِ ڏُن ڏيان جي درجات جاءِ
نيهي نَقارا نُو بتي، "اَعجاز" ها اِثبات جا.

ٿلهه :تُنهنجي عشق وَفا تان گھوريان هَر هَر گھور-عَرش بَرين گھوريان آسمان گھوريان،

سِر ساهه صَدق ڪَري توتان وَري، دُنيا دين گھوريان ٻَئي جهان گھوريان.

1 - تُنهنجي جمال مَٿان پَنهنجو جَلال گھوريان-جيڪي حَاضر اَٿم سو حَال گھوريان،

مَڏيون مَال گھوريان هِيرا لعل گھوريان-سون مين گھوريان سَڀ سَامان گھوريان.

2 - حُورون بَاغ بِهشت رضوان گھوريان-گُل گون گُل بدن غُلمان گھوريان،

شمس و قمر گھوريان شَمع شمعدان گھوريان-مَاهِ جَبين گھوريان جِن و اِنسان گھوريان.

3 - توتَان هَر شيِء آئون هر وار گھوريان-نِيلُون اَرب پَدم لک هَزار گھوريان،

سَارا شَهر بَحر دَهر دَيار گھوريان- رُوءِ زَمين گھوريان رُوءِ زَمان گھوريان.

4 - تو جي دَم قَدم مِلي مُون سان پَريا- ڍَارا بَخت وَارا خُوبان خُوب ڍَريا،

تو آئي "اَعجاز" چَئي ڪُل ئي ڪَاڄ سَريا- شَاهي خَزِين گھوريان شَاهي شَان گھوريان.

تلھ : جَني ڪي سِڪ سَچي ثابت- تَني لاءِ تَار تَانگھو آ،

اُڪنڊِ ۽ عِشق جي اَڳيان -نہ ڪو وَرُ وَھ اَٽانگو آ.

1 - **چِڏي ڪُوڙا بَھانا مِنھَن -جي ھَلياسي وَجي رَسيا،**

اُنھن ھُن پَار جو پُرجَھي-لنگھيو گھٽ گھاٽ لانگھو آ.

2 - **عَھَدُ قَالوا بلىٰ پارڻ-ڏَاڍو مُشڪل آھي تَن لاءِ،**

آ دُنياجو اَجا جَن ڪي- لارو لَھہ ۽ آ سانگو آ.

3 - **نہ ھَٿيا ھيج حُب وارا-مَلامت ھُوسَ مِھڻن ڪان،**

ڳچيءَ ڳَل عَاشقن مرڪي-ڪِلا جو پَاتو گانگھو آ.

4 - **مَماتي موت نَاھي ھَڏَ-حَقيقي حَال وَارن تي،**

اَھڙو "اَعجاز" ڪو اُن جو-اوڀارو بُل اُڇانگو آ.

ٿلهه : عِشق جو اُلٽو پَنڌ پَسارو، پير اِيڏاهين پَائيندو ڪير،
پير ٽِڪائڻ مُشڪل آ جِت، پير اُتي پوءِ ٽِڪائيندو ڪير.

1 - **عِشق جي رَاهه سان جيڪو رَمندو، اَرض وسَما تِنهن جا پيرا چُمندو،**
رَاز بِرهه جو رِند ڪو ٿمندو، آڙهه سيني چُپائيندو ڪير.

2 - **دوستيءِ جي دَستور سواءِ، پيچ پَڪي پَهه پُور سَواءِ،**
مَرد مَگن مَنصور سواءِ، سِر ڏيئي سُورِي سَجائيندو ڪير.

3 - **عِشق جي اُلٽي بولي چالي، عِشق جي اُلٽي بَازي بَنوالي،**
عِشق جي اُلٽي دَام دُوالي، قيد ڪُرِيز ڪمائيندو ڪير.

4 - **لَنّ تَنَالوا الّبِرَّ حَتّٰي سان، عَاشق چُوندءِ اِنهي اَدا سان،**
گهر سِر گهورڻ واري وَفا سان، مَقام خَليل مَلهائيندو ڪير.

5 - **عِشق حَقيقي عِشق مَجازي، مَعنيٰ ۾ بئي سَوزي گُدازي،**
مَشق بِنهي جي مُشڪل بَازي، مَشق بِنهي جي پَچائيندو ڪير.

6 - **پَنڌ پَسارو عِشق جو اُلٽو، نَظر نِظارو عَشق جو اُلٽو،**
رَمز اِشارو عِشق جو اُلٽو، اُلٽي اَک آڙائيندو ڪير.

7 - **ڪُو اٿان وَاٽ بَنائيندو عَاشق، وَاٽ سان پير نہ پَائيندو عَاشق،**
لاَشڪ اُلٽ ڳَالهائيندو عَاشق، ٻِيو اُلٽ اَعجاز ڳَالهائيندو ڪير.

تلھ : اُھو ئي عِشق آھين تُون-جيڪو آدم تي آيو ھو،

اَثر اِثبات وَاري سَان-اَمر رَبّي پَيچايو ھو.

1 - **چِيرايو جنھن تہ زڪريا کي-قتل يَحيٰ ڪرايو ھو،**

يُوسف يَعقوب کان ٽوڙي -مِصر ۾ مَچ مَچايو ھو.

2 - **مَڇي جي پيٽ يُونس-خليل آڙھہ ڏَرايو ھو،**

انّي اِنّ اللہ مُوسيٰ سان-عِيسيٰ سان قُم الأيو ھو.

3 - **اَچي جَنھن اولي اَحمد جي-رَسولي رَنگ رَچايو ھو،**

شيرِ يَزدان سَان تي شامل-اَڏو شِرڪي اُڏايو ھو.

4 - **حُسيني حَال ھمّت سان -حَقي جَنھن ھُل ھُلايو ھو،**

حَاشو ڏئي حُڪم جو حُر کي-بَبر بَرسِر بَنايو ھو.

5 - **شَمس مَنصور مَجني جو -جَنھين ڦِرڪو ڦيرايو ھو،**

عَالم صُنعان کي اَعجاز-چئي بت تي پُلايو ھو.

ٽلهه : تنهنجي عشق ڪان ڪريان ڇو آئون زاري، توسان ياري آ ياري آ ياري،

تُنهن جو برهه تہ مون لاءِ آ بهاري، توسان ياري آ ياري آ ياري.

1 - **ڪر تون جفا پلي ڪر تون جفا، تنهنجي جور وجفا سان پيار اٿم،**
تنهنجا ظلم ستم سنگ دلانا قدم، پانيان قرب ڪرم جي بجا ٿو صنم،
تنهنجو زخم زخم چڙ دلداري.

2 - **روهه جبل جي آ دل تنهنجي، اٽل منهنجا بہ ارادا،**
بي نياز حسن جي آ تنهنجو، پهه پور منهنجا بي باڪا،
آئون ڄاڻان نہ سڄاڻان انڪساري.

3 - **دور رهين جي نفور رهين جي مورهئون تون مغرور رهين،**
تاب ڪرين جي عتاب ڪرين، جي حساب ڪتاب شتاب ڪرين،
آهيان عشق جو تہ بہ اقراري.

4 - **عشق جي صف ميدان ۾ آئون، تنهنجو شريڪِ شان آهيان،**
عقل واري ايوان ۾ آئون "اَعجاز" ڇوي عصيان آهيان،
آهيون هڪ ئي شجر جِي، نہ تہ ٿاري.

تلهہ :ڪَيا عِشق وَارن نِظارا نِيارا-اَتن آ شڪارا تہ نَعرا سوپارا.

1 - سَچو عِشق جَن کي، خَبر سَڀ اُنهن کي، مِلي نِرت واري نَظر سڀ اُنهن کي،
سُوريءِ سر ڏِين سي، سَچارا سُڌيارا.

2 - ڪي عام سَمجهي نَڪي خَام سمجهي، عجب عشق وَارو کو اِسلام سَمجهي،
مُلن جا مَذاهب مُونجهارا اُونڌرا.

3 - پَسن حَق کي هَر جاءِ، پُوريءِ منجهہ پرجاءِ پُڇن ڪو نہ مَسجد پُڇن ڪو نہ گِرجاءِ
صُورت جا سَدا سي پُوڄارا اُڄارا.

4 - کِلي عِشق جن کيو، نِيائڻ بہ تن پيو، بِرهہ بار باري مُدامي مَٿن ٿيو،
پَڃي وِيا بِرهہ کان ٻِي تارا ٻِي ڇَارا.

5 - ٻُڌم عِشق وَارن جون ڳَالهيون نِراليون -ڏِٺم تن جون جَڳ کان تہ چَاليون نِراليون،

سُبت جَڳ اُبت عِشق وَارا اِشارا.

6 - "اعجازا" عَلحدا تنهنجا قول گُفتا-نہ سَمجهن بي ڏِيانانہ ٿادان بي بَختاءِ
سَچو تون سو سَچ چئہ سو وارا اي يَارا.

ٺلهه :ٻَڌ، ٺَام ٿِيو اَٿم عَام ۾-جَڏهن عِشق جي آيس اَري.

1 - **اکر عشق جو اَهڙو ئي آهي، پَاڪ پوتي ۾ لَڄ لاَهي،**
رَت رُئاڙي رِڻ راهي، روز گُذري مَاتا ۾ زيب وِڄايم ڏوق ڏَري.

2 - **وِرهه وَڍيون ڪَڏهن سُک نہ سَنيِرن، نِينهن جي نوڙيء منجهه نِجهرن،**
ٺَاهه کان ٺَانگيون ٿِيون نِڪرن، ڏوريو ڏِسن ان گام ۾ هِڪ سجڻ جي پَڪ ڪري.

3 - **پِيرين پِيادي ڪيچ ڏي ڪَاهيم، سُور ۾ سَختيون سِر تي سَاهيم،**
بَار بِرهه جو اوکو آيم دِل ڦَاٿي آ دَام ۾، تڏهن موت کان اڳ تي مَري.

4 - **پَئي ڪَڙي جَن ڪَاڻ آهيان، تہ بہ اَجان تن ڪي تي چَاهيان،**
"اعجاز" اُميدون لَک تي پَانيان، موٽي مِلندا مام ۾، کِين اٿن پَنڌ ڪو پري.

ٿلهه : عِشق اِنهي ۾ اَڙيل-ڦابو آهيان ڪڙيل،
ڇَاهيان پُوڄيان حُسن -ڳالهه نه ٻي ڪا ڳڙهيل.

1 - سُونهن جيڏهن ٿي سُٽجي -ته رُوح تيڏهن ٿو تَٽجي،
بِرهه اِتانهين ٻَٽجي-ٻَار و ٻَار ٻَڙهيل.

2 - قَبل نِماءِ پَانيان حُسن-رَاهه نما پَانيان حُسن،
ڪعبةالله پَانيان حُسن-خِيال اِتي آ ڳڙيل.

3 - چِشمن وَاري ڇَاڙهي -عِشق ڏَسي عِشق پَاڙهي،
عِشق مِلائي ٽَاڙي-ڇَوٽان چوٽ آئون چَڙهيل.

4 - شَمس عَطار ڪِ جُنيدي-رُومي شيرازي سَعدي،
ڪَاڪُل يَار جا قيدي-مَن تَن مِيندِن مڙهيل.

5 - ڇِن لاٽو تَن ڇَاتو -نِٽن وَارو ٿاتو،
لِيليٰ مَجني لاٽو-ٿاتو ٿانءِ چَڙهيل.

6 - طَعنا بُھتانا بَرسر-سَپ سُور سَورھن آنا بَرسر
: اَوڪا زمانا بَر سر-تہ بہ سَمن تي ٿيان سَھڙيل.

7 - عَاشق دِل اعجازا -ڪِرت ڄَاڻي ٻِي ٽَاڪا
پُڇِڻ حسن جا پاڇا-پَاڇي حُسن جي پڙيل.

ٿلهه : بَازار عشق جيءَ ۾، وَاپار آهي حق جو،

سِر ڏين ته عَاشق سَڏجين، وَهنوار آهي حَق جو.

1 - **ڪَچ ڪُوڙ دوڪو دَلبو، ڪَڏهن نہ اُت هَليو آ،**

هوڪو صَريح ثابت، هَروار آهي حَق جو.

2 - **نَاٽي ۾ مَال زَرجي، نَاهي ذَرو ضَرورت،**

دِل پَاڪ صَاف گُهرجي، هي آر آهي حَق جو.

3 - **گُن چور ڪورَ جُونا، جَالي اُتي نہ سَگهندا،**

هُت پَار کو پَڪو هِڪ، پَڳدار آهي حَق جو.

4 - **اَعجاز عِجز وارو، پِي جَام رَهه اَدب ۾،**

ڏِيدون اَڙائي گُم ٿي، دِيدار آهي حَق جو.

ٿلھ : عِشق جو اَحساس آ-جِنھن پَاڻ کان پَالھو ڪَيم،

مَوج مَستي مَام ڏئي-مَخمُور مَتوالو ڪَيم.

1 - **عِشق جو بَردو بَندو -پَازي پِياسي آھيان،**
نيڪ نَامي وَارو نَقشو-گُم نِشان نَالو ڪَيم.

2 - **عِشق مُنھنجو هَادي مولىٰ-عِشق مُنھنجو رَھنما،**
عَشق جي دَم بَانوري -بَيخوف بِي خِيالو ڪَيم.

3 - **عَاشقن جي مُنڪرن کان-عِشق ڪَيڙو آ شنا،**
تَن اڳِيان هِن دِل زُبان تي-صَبر جو تَالو ڪَيم.

4 - **عَام ظَاھر ڏي اعجازا -عِشق بَاطن ڏي چِڪي،**
عَام کان اُلٽو تَڏھن -پَنھنجو چَلڻ چَالو ڪَيم.

ٿلهه :ڏِسي عِشق وَارا اَختيار-عَقل لاچار ٿِيو.

1 - هَٽِئي ڦِٽا هَٽيار ڪَري مِيان-عِشق اَڳيان ڪائي هَار وِيو، لاچار ٿِيو.

2 - وَايون عَقل جون وييون تہ مُنجهي مِيان-حَيرت ۾ هَر وار پِيو، لاچار ٿِيو.

3 - عِشق جي ذَات نِيات نسب ۾-پَاتئين جِنهن وَار لِيو، لاچار ٿِيو.

4 - عِشق ائين آ جيئن ڪي سج آ-عَقل اِئين جيئن يَار ڏِيو، لاچار ٿِيو.

5 - جُهوٽي عِشق جي اُڏائي عَقل ڪي-نِت نِت اُلٽي پَار نِيو، لاچار ٿِيو.

6 - عِشق سَواءِ "اعجاز" چوي-چيهہ عقل جو چار چِيو، لاچار ٿِيو.

تلھہ :شُعلي شَمع جو شَوقين، رُوح پَتنگ پَروان مُنھنجو.

1 - **سُونھن صُورت جو سيڪڙو آھيان، ڏَرم نہ ڄاڻان ڊِين،**
حُسن طَرف ھَر دم ڏِيان مُنھنجو.

2 - **حُسن جا غَمزا سِر وِڃائُو، سُورِيءِ جا ڏَس ڏِين،**
سِر نِيو ڪَن نِيشان مُنھنجو.

3 - **ڪَجل سُرمان ڪو ڏئون پَايو، ڪونيو ڪَنڌ جي ڪَپين،**
سي اَکيون اَتوَ عُنوان مُنھنجو.

4 - **شُعلي شَمع سَان اَتم پِيار پُراڻو، سَمجھو سُڻو سَامعين،**
آئون شَمع جو شَمع شَان مُنھنجو.

5 - **ڏِينھن اَزل وَاري آڇ "اَعجازا"، آمين ڪَيمُ آمين،**
عشَق حُسن ٻَئي گُذران مُنھنجو.

ٿلهه : عَاشق ٿِياسون، عِشق ڪَيوسون-لَڄ شَرم ڪي لوڙهي، ڀَئي ڄَڳ ڀَوڙي.

1 - سَرڪش هو پَر سُوار ٿي وِياسون-عِشق جي اَهنڊي گهوڙي، ڪُڏ ڪُڏوڙي.

2 - عُمر وڃائجي عِشق ۾ وَئيسون-وَوڙ وِڌي سُون وَوڙي، اَوڙڪ اَوڙي.

3 - حُسن اسان جي جِيءَ جو جِياپو-حُسن اَسان کان توڙي، مُنهڙو موڙي.

4 - ڪَڄ ڪَمند جِيئن زُلف ڪي ظَالم -وِچڙي ويا تہ وَڪوڙي ڪَنڌ اُڪوڙي.

5 - نيڪي نَاموس ڪي نَاس ڪَيوسون-نِينهن جي نوڙ ۾ نوڙي، نِپَٽ نِهوڙي.

6 - عِلم عَقل جي گهران اُٿاري -عِشق ڇَڏيو تہ وِڇوڙي، توڙي ڦوڙي.

7 - دِين ڪُفر جون حَدون لَتاڙي-"اَعجاز" ڪو عَاشق وِيوڙي، پَار پِيو ڙي.

ٿلهہ : عِشق تہ پَئي ٿو رَت، ڪير مِيان تَنهن کي ڏاري ۽ پَاري.

1 - **عِشق ڪان پَنهنجو پَاڻ لِڪايو-پَري پَري پيو وَت،**
ٺالو ڇِڏينس ٿاري وِساري.

2 - **ڪَو نہ ڇَڏيندو تُنهنجو تو وَٽ-هَوش عَقل۽ اَٽُ،**
دَلبن سان ڇَڏيندُء ڪاري ٻُهاري.

3 - **آدم ذَات جي رَت جو قَطرو -عَشق لاءِ آهي اَمرت،**
اِنهي غِذا تي تو گهاري گُذاري.

4 - **جَان جِگر جِيءُ جوت ڪائي -سوئي سَمورو سَت،**
نِست ڪَري پوءِ ٻَاري ۽ مَاري.

5 - **شِينهن مِثل آهي شور تِنهن جو-چِيري "اَعجازا" چِت،**
ڏِيل ڏِهاٽي ڏَاري ڏِيڇاري.

ٿلهه :آيا عِشق اَري ۾ ڪير ڪير، جن ڇَڏي جي مَايا، سيئي سي آيا.

1 - **جِيئري ڇَڏيائون جِيءَ جِياپا، لَبُ لالچ ۽ لِڳ لاڳاپا،**
بِيا ڦَند ڦِٽا ڪَري ڦير ڦير، جَن ڇَڏي جي مَايا، سيئي سي آيا.

2 - **ڦُرب وَارا وِيا ڦُرب ڪَمائي، ڪُڙم ڦَبيلو ڪُل ڪُهائي،**
مَچي مَرد ٿيا سي مٿير مٿير ، جَن ڇَڏي جي مَايا، سيئي سي آيا.

3 - **نَاتا نِينهن جا جِن سُجاتا، پيچ پِرينءَ سان تَن ئي پَاتا،**
ويهي وڃايئون نہ وَير وَير، جَن ڇَڏي جي مَايا، سيئي سي آيا.

4 - **ڪَن پَرائي ڪين جي پِيڙا، صُمٌ، بُڪمٌ، عُمّيٌ، ٿِيڙا،**
"اَعجاز" عِشق جا اُهي اَٿئي پير پير، جَن ڇَڏي جي مَايا، سيئي سي آيا.

ٿلهہ :عِشق جا آگَم اَچيو مُون مَٿي بَادل جيئن وَسن،

وَاھ واچولا وِرھہ جا، لُوھيو لُٽيو لَھسيو وِجهن.

1 - **نہ سُک صَبر هِن سَاھہ کي، نہ پر پيٽيڻ هي ڏُکيون ڏِسن،**
پَئي طَلب تَاڻي تِيئن تَتن، پوءِ پَار پَنڌ پِرجا پُڇن.

2 - **غَم غُبارا دِل مَٿان، دَرد ڏيو دُونهان دُکن،**
سي سُور سيني کي سَٽيو، سَنگھرون ڪَيو سر تي اَچن.

3 - **عِشق آتش جا اُلان، اَندرئُون اُٿيو اُڀ ڏي اُڏن،**
"اَعجاز" تَنهن سَببئُون سَيئي، ٿا جِيءَ جِگر جيرا جَلن.

تلھ :ڏنوَن ڏوين وِيا عِشق سِر، پَر عِشق جي ڏِڙ ڏُوم سا،

ڪا نہ پَنهن جي هَڏ مَٿيائين، جَهانءِ مَستي جُھوم سَا.

1 - **دَم اُيارا آشڪارا، ڪَم ڳِلارا عِشق ۾،**
عَيب سَارا پَانڌ تِنهن جي، ڳَالھ ڪر مَعلوم سَا.

2 - **بَرعَڪس دُنيا جي بِلڪل، آهي چَاڙهي عَاشقن،**
حَال وَارن ڪي خَبر آ، نا ڏِسن مَحروم سَا.

3 - **ڏُم ڏڙي هي عشق جي، مِيثاق ڪان آهي اڳِي،**
هَاڻ سَگهندا ڇَا مَٽائي، ڏَڙ ڏَڙي شِر شُوم سَا.

4 - **دِل وَٺان "اَعجاز" چَئي، جَا ڳَالھ نِڪريو ٿي وَجي،**
لَوح وَاري وَرق ۾ آ، سمجھ اڳ مَرقُوم سَا.

ٿلهه :اَچي هِن عِشق ڪَرايا هي-اَسان کي سَير سُبحاني،
اَڳي هُئاسون نہ هِن رَنگ ۾-نَڪا صُورت هُئي اِنساني.

1 - ٻَڌاسون ٻول ٻَهرين پوءِ-ٻَهريوسون پَوش آدم جو،
بي رَنگيءِ مان اَچي رَنگ ۾-بَنياسون بَاوفا بَاني.

2 - ڪِٿي وامق ڪِٿي عَذرا-ڪِٿي مَجنون ڪِٿي لَيلان،
ڪِٿي فَرهاد ڪِٿي شِيرين-ڪِٿي منجهه دَلق صُنعاني.

3 - ڪِني کي سُلطنت حَاصل، ڪِني کي سَائلي وَاصل،
ڪِني کي تَار توحيدي، ڪِني کي ڪَار ڪُفراني.

4 - اَچي ٿيو عِشق جَڏهن رَهبر، تَڏهن کان ئي اَسان يَارو،
اول لا الهه پوءِ الا الله، پَڙهي ڪَئي سون ثَنا خُواني.

5 - اُتي نَاسوت مَان آخر، وَڃي مَلڪوت مَاڻيوسون،
اُتان جَبروت ۽ لاهوت، جَا تي وِياسون سَيلاني.

6 - **بَقا بِاللہ جي بَندر تي، هَٽي "اَعجاز" لَنگر جيئري،**
لَحد وَارا لوڏا لَحظا، لَنگهي ٿِياسون پوءِ لافاني.

ٿلهہ : پَنهن جي عَاشق مَست ڪان-پيارا نہ ڪَر مُنهن پَاندڙا،

نِيڻ نا حق چو ڪَرين ٿو-هِن مُني جَا مَاندڙا.

1 - اَنگ اَزلي جي اِرادي-ڪُل ڪَدي ويچا چِڏيا،
قُرب جا پَائي ڪُنڍا ٽِيون-هَاڻ بَئي هيڪاندڙا.

2 - لَج شَرم پَردي حَياء جو-ٿَاهہ هي موقعو مِنا،
ويهہ تہ ويهي حَال وَنڊيون-وِرهہ سان ٽي وَاندڙا.

3 - يَج جُدائي جو وِچان دَر-دَنگ دِلبر يَار ٿُون،
بيوفايون ڪِين جَاٽين -بِرهہ جا جي بَاندڙا.

4 - مَن ئي مَن ۾ ٿي گُهريا-جيڪي اَسان تو ڏِينهڙا،
ڏِسِ اُهي اَعجاز چئي -وَري ڏِينهن مَوليٰ آندڙا.

ٿلهه : عَاشقن جي سِر بَار-بِرهه ڏِنا آهن بَاري بَاري.

1 - **بار اُهي جي ڪنيا نہ ملڪن-نڪي عرشن نڪي فرشن،**
سي تہ عُشاقن يار-ڪِلي ڪنيا هر وَاري وَاري.

2 - **حَق هِدايتون هِينئَڙي لاَئن - پَيرُ اَمرُ ڪان بَاهر نہ پَائن،**
ساري سَپ جِمار-ڪَانہ وِڏائون گهاري گهاري.

3 - **هَر دوجهان جا سُک چَڏيائون -سَوز سِڪڻ ۾ سُور سَوديائون،**
اَهڙا ڪَري وَاپار -. نِيهي نِيائن يَاري يَاري.

4 - **عُسراً يُسريٰ وَارا دِلاسا -عَاشقن مِليا خَاص خُلاصا،**
ڪَر نہ اَعجازاقرار -سُوِريءِ جي ڪَر تَياري تَياري.

ٿلهہ : عَاشقن جا پَند پَري پَري-ڪِين پُڳا اُتي عَقل وَارا.

1 **رَمز رنديءَ ڪي رِند رَسن ٿا-حَاضر نَاظر حَق پَسن ٿا،**
سِرڙا سُوريءَ ڏري-نَعرا هَنيائون اَنل وَارا.

2 - **علمِ عَقل جا ڦُرهي پَڙهي جن-مَحبت مَن ۾ ڪِين مَڙهي تَن،**
اَٽڪل بَازي ڪَري ڪَري -عَهد پڳائون اَصل وَارا.

3 - **اَنت ڪِنارو نَاهي جَنهين جو-سِڪ وَارن ڪَيو سَير تَنهين جو،**
سَيَڪو سَت نہ سَري سَري-تَار تَرندا تَوڪل وَارا.

4 - **عَشق جو عَاشق اوڊي جَا مون -وِيا "اَعجازا" اَجل سَامهون،**
دوستيءَ جَا دم يَري يَري -وَنگ وڌائون وَصل وَارا.

تلهه : عَاشق ڏِناسون دَم بَدم، پَنهنجي گريبانن ۾ گُم،
مَن جي لِياڪن جا سَي مَحرم، مَن جا صاحب مُحترم.

1 - **خُود جا نظارا ئي اُهي، خَاصا خُمارا ئي اُهي،**
ڪُل ڪان ڪِنارا ئي اُهي، ڪُل ڪان جُدا تَن جو جِسم.

2 - **جِند جَان جي جَذبات ۾، شَش جُهات جي شُغلات ۾،**
اَثبات جي اَوقات ۾، ڪَن ٿا اَناالحق جو حُڪم.

3 - **رَسمون رَواجي رَابطا، وِيجها پَر اهان وَاسطا،**
ظَاهر وَارا سَي ضَابطا، آهن عُشاقن وَٽ عَدم.

4 - **مَذهب نه جَاڻن مُور ڪو پَاتئون اَهڙو بَس پُور ڪو،**
دَم جو اَٿن دَستور ڪو، دَم ڪان نه ڪَن خَالي ڪو دَم.

5 - **سِر عُشاقن جا بُوالعجب، رَنگين رَتو لا روزُ شَب،**
"اَعجاز" چئي سي سَڀ جا سَڀ، سُوريءِ مَٿي ثابت قَدم.

ٿلهه : عَقل وَاري ڄَار ۾-عَاشق اَڙيا ڪِينڪي،

اَلف سَواءِ اکر ٻِيو -اَصلئون پَڙهيا ڪِينڪي.

1 - **-ب، "ت" وَاري بَاب جُون-بَند ڪَري بَنديون هَليا،**

تَن قَيد حَرفن جي ۾ پَنهنجا-جِيءَ جَڙيا ڪِينڪي.

2 - **لوڏا لَمان لَهريون-جَر اَجهاڳ جَهاڳي وِيا،**

ڳَڙڪن ڪَڙڪن ڪُنن جي ڪان -اوري ڳَڙيا ڪِينڪي.

3 - **سَاڙي سَڌون صِفاتي-تِيا سَالڪ صَاف دِل صَفا،**

سي لَوڀ لالچ ڏي ڪَڌهن-لَمِي لَڙيا ڪِينڪي.

4 - **رِيءَ رَاهبر جي رَاشدي-رَنگ نہ رِندانو رَچي،**

بِن عِشق جي "اَعجاز" چَئي -ڪَنهن چِيٽا چَڙيا ڪِينڪي.

ٿلهه : عِشق جِتي آ تہ اُت آ عِشق کي سَلامُ،

نمڻ ۽ نياز بي هَنڌ، ڀَانيان ٿو حَرامُ.

1 - **عِشق کي سَلام مُنهنجو، عِشق کي سُجود،**
عَشق سان قيام مُنهنجو، عَشق سان قُعُود،
عِشق اَٿم رهنما، عِشق اَٿم اِمامُ.

2 - **عِشق جي ڪِتاب ۾، نہ ڪنهن ڏي ڪو حِساب،**
عِشق جي جِناب ۾، نہ ڏوهہ نہ ثواب،
عِشق جو دَستور عَجب، عَجب آ نِظامُ.

3 - **اَرض و سَما ڪان بہ ٿِيو، عِشق آ بَسيط،**
عَام خَاص پَاڇي تِنهنجي، پَاڪ ۽ پليت،
عِشق خُدا ونا خدا کي، مُحيط آ تمامُ.

4 - **عِشق رَهي جنهن بہ دِل ۾، دِل سان بيپرواهہ،**
سُرت اُنهي دِل جي صحي، نرت ۽نگاهہ،
ڪو نہ لِکو تَنهن کان کِٿي "اَعجاز" رَبّ کي رامُ.

ٿلهہ : آهن عِشق جا اُلٽا گِيڙا-هَر وقت تہ حَيرت جَهڙا.

1 - **عِشق صُورت ليليٰ ۾ تي آيو، ڪَري سَعيو،**
مُرڪي قيس کي مَجنون بَنايو، مَن گهايو،
نَيڻي نار ۾ تَنهنکي وَهايو، تَڙپايو،
سَنئِين جَڳ جون جُنيون سِر جهيڙا.

2 - **وَري مُنهن ۾ مجوسڻ ڪَيائين، دَلبيائين،**
شيخي شيخ صُنعان جي نِيائين پَر ڪيائين،
وَيڙهي مُصلو تَسبيح رَکيائين، تَر ڪيائين،
پِرين پوءِ اَچي ٿِس پَيڙا.

3 - **عِشق مَنصور تي زَور پَاتو، رَنگ لاتو،**
تَنهن گِيت اَناالحق ڳَاتو، ڏِينهان رَاتو،
اُن لائي نِيائي ڄَاتو، نِينهن نَاتو،
چَڙهيو سُوريءِ جَهلي ڪَئين ديڙا.

4 - **عِشق رَانجهن کي ڏِنو ڦيرو، چيري چيرو،**

وِينو رَنگپور ۾ هَٽي ديرو، تي سَپيرو،
ڪَيَئِين اَنگ بَيوت پَليرو، مُنهن ميرو،
لائي نيڻ اويڙا نيڙا.

5 - عِشق ڪيچان باهه پڙڪائي، آيو چائي،
وَاپار بَهانو بَنائي، لَئون لائي،
وِيو سَتُر سَسئي جو چَڏائي، بَدلائي،
ڪَشي ڪَاهي هليو لَس ليڙا.

6 - عِشق ڪِينجهر ۾ ڪيون هوليون، ڪي اَلوليون،
ڪيڏيون حُسن سان آنڪ مچوليون، ڏيئي چوليون،
مَئي مَدجون صُراحيون گوليون، رَنگ رَتوليون،
تيا جَهنگل ۾ مَنگل ۽ ميڙا.

7 - عِشق جِنهن ڏي "اَعجازا" ايندو، پوءِ نہ ويندو،
لُٽي دين دُنيا سُک نيندو، ڏُک ڏيندو،
جِيئن بُڏئي ڏني تِيئن تِيندو، خُودي ڪِيندو،
بچي زلف بَشِيهر ويڙها.

ٿلهه : مَحبوب پَاڻ عَاشق-عَاشق عَجب اپارو،

صِفتن سَين جو صَاحب-صُورت ۾ سُونهن وَارو.

1 - **هَر ڏُوسري هِڪوئي-سِڪ سَور سَاڻ سوئي،**
جَهڙس نہ جوڙ ڪوئي-پَنهن جو پَاڻ مَٽ پيارو.

2 - **خُود ۾ خُودي ڏِنائين-مَحويت ۾ مُنهن وِڌائين،**
اَختيار عِشق ڪَيائين-خُود سان ڪَري نِظارو.

3 - **بُوتو سَندس بَهانو -بِلڪل سو بيگمانو،**
مَخفي مَنجهس خَزانو-نَاياب نُوري نِيارو.

4 - **ڇَا سَير سَانگ صُورت-ڇَا مَام مَعنيٰ مُورت،**
ڇَا ذَات ڇَا ضَرورت-ڇَا عَبد ڇَا اِشارو.

5 - **هَر حَال تَنهن ڪي حَاصل-وَحدت وِصال وَاصل،**
رِنداني رَنگ سان رَاسيلُ-"اَعجاز" سِر سو سَارو.

ٿلهه : عَاشق جي هُجين ها تہ سَارو راز هُجين ها،

الله سَندي ذات جو، آواز هُجين ها.

1 - **صُورت جي بَجاءِ پَهرين، سَنوارين ها تُون سِيرت،**
اَحڪام اَمرِان ۾ تُون، اَياز هُجين ها.

2 - **وَارن ۾ اَڙين ها، نَڪي لارن ۾ اَڙين ها،**
پَرواز جي پرڪا ۾ تُون، شَهباز هُجين ها.

3 - **هِن لوڪ سان جَهڳ جَهڳ ۾، سَڀي عُمر گذاريئي،**
اَفسوس تُون هِن لوڪ کان، بِي نِياز هُجين ها.

4 - **ڪَنهن جي بہ چِهڻ سان ڪرين ها، تُون تُونهين تون،**
وَحدت جي گواهي لاءِ، مِثل ساز هُجين ها.

5 - **بَيشڪ تو بُڌو آ، ۽ ڏٺو عِشق نہ آ تو،**
جي عِشق ڏِسين ها، تہ سِران باز هُجين ها.

6 - جو ھڪ ئي نَظر سان تو ڪَري، قَيد دِليون ڪَئين،
اُن چشم مُبارڪ جو، عَجب نَاز ھُجين ھا.

7 - اَک تنهن جي ڏِسي حَق، ۽ زُبان تُنهن جي چَوي حَق،
حَق جو تُون سراپا پوءِ تہ، "اَعجاز" ھُجين ھا.

ٿلهہ :ويهہ گهڙي ڪَا يار پَلا- سُڻ عَاشق جو اَحوالڙو،

مَج سُوالڙو.

1 - **پَنهن جي هَٿن سَان پَاڻ پِيارا-پِيار پريمي پِيالڙو،**

مَج سُوالڙو.

2 - **سِگهڙو سِگهڙو آءُ اَگَڻ تي اِهو پَلا ڪر پَالڙو،**

مَج سُوالڙو.

3 - **نَذُر قبول پوي هي مُنهنجو -سِر گهر مال عَيالڙو،**

مَج سُوالڙو.

4 - **"اَعجاز" چوي اَسان عَاصين وارو-پَرتو توکي اَٿالڙو،**

مَج سُوالڙو.

تلهہ :عَاشق ٿِي جي آيس ٿَولاءِ-تنهنجو مُون سان مَيل نہ ٿيو،

وِيو اَڌورو اَڌ ۾ رَهجي-عِشق جو پُورو گيل نہ ٿيو.

1 - **اُٺندي وِهندي هَلندي چَلندي-آهي اهو اَرمان مُونکي،**
جَا پِيڙ هِٽي وئين منهن جي بَدن ۾-تنهن مان ڪو ڳڙ تيل نہ ٿيو.

2 - **آئون ابوجهہ اڃاڻ اصل ڪان، ڳالهيون لوڪ جُون آهن لڪين،**
ڪو چوي وِيو ويل توسان ٿي-ڪو چوي توسان ويل نہ ٿيو.

3 - **دَرد دوريءَ جي سُوري وانگي-سَاهہ چِڪي ڪيو قَيد سَجو،**
جَهڙو جَيل جُدائي وَارو-تَهڙو بِيو ڪو جِيل نہ ٿيو.

4 - **"اَعجاز" چَوي سَچ جاڻ سَجڻ-اَٿئي سَالڪن وارو قَول سَچو،**
عِشق نہ تِيسين عِشق ٿيو-جِيسين ڪِيٿُ عَقل جو پَيل نہ ٿيو.

ٺلهہ :عِشق بُتان کان عِشق جي، جو اِبتدا ڪَري،

هِت سوئي ٿو نمازِ مُحبت اَدا ڪري.

1 - **دُوئي کان دِل صَفا رکي، ۽ پَاڪ نَظر جو،**
دِل جي سو دِيد سان ٿو، دِيدارِ خُدا ڪري.

2 - **سَالڪ بہ آهي سوئي ۽ عَاشق بہ آهي سو،**
صُورت کي ڪَعبو سَمجهي جو سَجدو سَدا ڪري.

3 - **دراصل آ نماز جي معنيٰ اها ئي بس،**
هر حال خيال ۾ هل حاضر خدا ڪري.

4 - **ڪَنهن کي مَجال ڪَير ٿو، هيئن عِشق ۾ ڪَري،**
جِيئن وِيو حُسين حَضرت، گهر سِر فِدا ڪري.

5 - **سَڀ ڪَنهن کي دِل اِها، نڪا سَڀ ڪَنهن کي سوجهہ سوڀ،**
هِڪ عَاشقن جي ذَات ٿي، حَق جي نِدا ڪري.

6 - هِن هُن جَهان جي، تَعلق رَسم و رواج جا،
ڪو بَانڪو بي رِيا، بَبر بَندبِدا ڪري.

7 - سُهڻي سَسئي ڪي مومل، لِيلان ڪي مَارئي،
سَپ رَاز ڪي رَسيون، سِر رِندي رِدا ڪري.

8 - جيڪا بہ عِشق ۾ هِت قُرباني جَنهن ڪَئي،
ڪَڏهين نَئو هِتان اُهو ير اَلوداع ڪَري،

9 - "اَعجاز" اُن سان ڪهڙا ٿو پيٿين اَمير تُون،
جَنهن ڪي خُدا ٿو شيرِ خُدا جو گدا ڪري.

ٿلهہ :ڳڻ ڏارو هَڻ پَئون-ڇَڪو رَاند عِشق جي ۾.

1 - **قِسمت ٿُون آزمائي ڏِس-سَاري سِڪ سَان هَلائي ڏِس،**
نُرخ ڪَڍي وَج نَئون-پَڪو رَاند عِشق جي ۾.

2 - **عَارف بَازي آهي هِيءَ-جُوا بازي نَاهي هِيءَ،**
سِڌو هَلج سَنئون -يَڪو رَاند عِشق جي ۾.

3 - **ڪَڍي غير قلوب مَنجهان-مَنُ رَچاءِ مَطلوب مَنجهان،**
تِي پاڻ مَدينو ٿُون-مَڪو رَاند عِشق جي ۾.

4 - **ڪِيڏ ڪِيڏاري تَوڪل تَاٽي-اَنا چئو "اَعجاز" هَاٽي،**
نہ تہ اسين پِيا ڇَئون-ٺَڪو رَاند عِشق جي ۾.

ٿلهه :مُون ۾ ويهه مَ لِڪي- عِشق مُونکي بَدنام ڪَرڻ.

1 - اي ڪَتر ظَالم عِشق ڪَنورا-شُوم ڦِتا ڪَر شَهر ڍَنڍورا،
لَڄ اَٿئي ڇو وڪي-مَنهنجي ئي نِنڊ حَرام ڪَرڻ لاءِ.

2 - لَوڪ مَڃئي ڇِت لِڪ بہ اُٿيئي-جَوڙ ٽِڪاٽا ٽِڪ بہ اُٿيئي،
مُون وٽ ڪندين ڇا ٽِڪي-ڪو نہ ايندءُ رَام رَام ڪَرڻ لاءِ.

3 - گاٽان تُنهنجا گيڌ ڄاٽان ٿو- ٽاٽان ٽُوٽا ٽيڌڄاٽان ٿو،
ڇَاڪئون تُنهن جي دِل ڇِڪي-دَلبا ڇَڏي ڏي دَام ڪَرڻ لاءِ.

4 - تُنهن جي پلپل پَهن پُورن ۾-سُورن تَنورن ڪَانيسُ ڪُورن ۾،
عُمر اِئين مُون ڏڪِي-ڪو تہ دَم ڏي آرام ڪَرڻ لاءِ.

5 - "اَعجاز علي" ڇَوي حَيران ٿِيندين-مُنهن جي جِيءَ ۾ رَهي پَشيمان ٿيندين،
سَچ تہ مَرندين سِڪي-قُرب وَارن جي ڪَلام ڪَرڻ لاءِ.

ٿلھ :سُوريءِ چڙھيا سِر عَاشقن جا، لاَل لَب مَرجان لاءِ.

1 - **سِرُ حُسيني نَوڪ نيزي سِرُ حلاجي دَار تي،**
سِر عطاري وِيو قَتل تي، پِرت جي پِڪ پَان لاءِ.

2 - **گل گلائي سَمس شَوقئون سُونھن صُورت کي پَسي،**
قيس مَجنون تي پيو ڪَنھن ديد دَرشن دَان لاءِ.

3 - **گُھورجي گھاٽي ۾ پيڙيو، سِر بلاول شَاھ جو،**
ڪَنڌ سَرمد ھو ڪَپايو، مِيم جي مَيلان لاءِ.

4 - **فَرھاد شِيرين جي شُغل ۾،ٽَڪر ٽاڪي ٽاڪيا،**
تَسبيح بَجاءِ جَٽيان جُڙيا پرين وٽان صُنعان لاءِ.

5 - **توڙي ھو يُوسف نَبي تہ بہ ڪين بچيو بِرھ کان،**
ڪِنعان کان آيو مِصر ۾، زلف جي زِندان لاءِ.

6 - **ڪَئين پَڇي وِيا ڪَئين پچن پيا، ڪَئين اَجان پَچندا پَتنگ،**

مُڙيا نہ مُڙندا مَچ ڪَنان، صَرفو نہ ڪَن جِند جَان لاءِ.

7 - **نَڪي دِين ۽ اِيمان لاءِ، نَڪي شَرف شَاهي شَان لاءِ،**
عَاشق ڪُنا "اَعجاز" چئي، مَحبوب جي خِندان لاءِ.

تلهه :حق عِشق جَو بَس، هِيئن جي اَدا ٿيو تہ بَجا ٿِيو،
سِر يَار جي قَدمن ۾ فِدا ٿِيو تہ بَجا ٿِيو.

1 - جو عَقل نَٿو عِشق کي تَسليم ڪَري هِت،
سو عَقل وَٽان تو، جي وِداع ٿِيو تہ بَجا ٿِيو.

2 - سِر گهور ڪَجي گهور ڪَجي يار تان سَڀ ڪُجهہ،
يَاريءِ ۾ لُٽو جو بہ اَدا ٿِيو تہ بَجا ٿِيو.

3 - دولت سَان نہ طَاقت سَان نہ دَولاب نَڳيءَ سان،
هِت جو بہ مَحبت سان شِدا ٿِيو تہ بَجا ٿِيو.

4 - هُج بَند ڪَمند زُلف جي ۾ بَند هَميشہ،
بَندُ زُلفِ دُتا جو نہ بِدا ٿِيو تہ بَجا ٿِيو.

5 - هِيئن ٿِيندو اَچي ٿِئي بہ پيو مَحبوب جي دَر تي،
ڪو شَاهي ڇَڏي گولو گدا ٿِيو تہ بَجا ٿِيو.

6 - عَاشق جي اَناالحَقُ چَوين تو تہ ڀَلي چئو،
تو ۾ جي پَڏر تُنهنجو خُدا ٿِيو تہ بَجا ٿِيو.

7 - مَرڪب بہ اتس عِشق ۽ مَذهب بہ اَتس عِشق،
عَاشق سو ڌَرم سڀ ڪان جُدا ٿِيو تہ بَجا ٿِيو.

8 - "اَعجاز" ڪي هِن ڳالهہ ڪان اِنڪار ڪَڏهن آ،
سَاقي جي سَندس يَار سَدا ٿِيو تہ بَجا ٿِيو.

ٿلهه :عِشق سَواءِ تِيئين اُوندهه يَار-اَک نه ڏِسي جِيئن گوڏي کي.

1 - سِج چَنڊ ڪان جو چِٽو سَدائين-سَڀ هَنڌ حَاضر سَڀ ڪَنهن ٿائين،
ڏُوئيءَ ڪري ٿا ڄَاڻن ڏَار-اَوڏن ڪان به ته اوڏي کي.

2 - ذَات مَعزات جي لُطف لَذت ڪان-مَحروم ڏِناسُون مَعنيٰ جي مَت ڪان،
عِلم وَارن جا اَکر آچار-ڳَپُ ڇَڏيو پيا ڇُهن ڇوڏي کي.

3 - جو دَرد ڪَنهن جي ڪان وَاقف نَاهي-تَنهن جو مِثال ته هِيئن به آهي،
جِيئن لِيکَ ۾ جُون جي خَبر نه ڇَار-وَار بِنا سِر روڏي کي.

4 - رَهبري عشق جي جَن کي جوتي آ-ڪَاڪ جي مُومل تن مِلي آ،
توڙي 'اَعجازا' چَندن ڏار -نَايو نَايو چارن توڏي کي.

ٿلهہ : اَڄي منجهہ عِشق جي مَڪتب- دَرس پَڙهجي تہ دِلبر جو.

1 - **پَڙهين ٿان پَڙهہ وَجي پُختو، بِرهہ جو بَاب بَرجُستو،**
پَڪو ڪَر نَين جو نُقطو، پَسي مُنهن مُحب مُنور جو.

2 - **پَري ڪَر پيش زَبر زيريون، ڇَڏي ڏي سَپ تيريون ميريون،**
پِرت پِڙ ۾ بَڌي ڇَيريون، فَهم ڪَر يَاد فَاذڪُر جو.

3 - **مُلان قَاضي نہ پُڇ مُفتي، حَيواني ڇَڏ حِرصُ هَستي،**
ڳٽي اُلفت سَندي تَختي، اڪر ڪَر حَل هِئين پِر جو.

4 - **اَڄي "اَعجاز" جا شُهرت، متان پائين تنهنڪي پربت،**
رکي سيني ۾ هُوءَ صُورت، وَنيو هٿ وَج ٿُون رَهبر جو.

تلهه :ڪَانهِ چُٽي جند ڪَانهِ چُٽي، هِن عِشق مَنجهان جِند ڪَانهِ چُٽي،

سج جواني وارو ڪُلهيو پيريءِ جي اچي باک ڦُٽي.

1 - **جِيلا هَزارين وَس ڪَيم، ڏانهن جا ڪَئين ڏَس ڪَيم،**
تعويذ تَڙا اَندلس ڪَيم، تہ بہ عِشق جي سَاڳِي لُوهه لُٽي.

2 - **مُلان مُراڻا ڇَا سَمجهائن، چَئي چَئي ڪَهڙو وَقت وڃائن،**
ڪَئين وينا تَعزير سُٽائن، پَر عِشق جي وَائي ڪَنهن نہ ٻُٽي.

3 - **حُسن وَارا اَڄ تَائين وَٽن، گسيو اُمالڪ دِل کي ڪَٽن،**
پَٽ تان ڪَٽيو عَرشين هَٽن، سَا ڏِس بہ تَن جي گُهور گُهٽي.

4 - **مَاڻهن ليکي هاڻ لڳو آ، هِي ٻال جتيءِ ڪان ٻاڻ لڳو آ،**
جوين ڪتي پيريءِ ساڻ لڳو آ، تہ بہ عشق نہ ساڳي سنگت مٽي.

5 - **عَقل حَيا پَائمال ڏِسي، پُر ڏوهن سان اَعمال ڏِسي،**
"اَعجاز" جا هَهڙا حَال ڏِسي، سَالن جا وِيا سَاتي ٽُٽي.

ٿلهه : حُسن عِشق جي جَنگ حَقاني لَڳي وئي،

ٻِنهي طَرفين اَرني تَراني لَڳي وئي.

1 - **حُسن تَجلي هَنيڙِي، پٿر جِيء تي پِيَڙِي-هَجي سُرت وَيَڙِي حَيراني لَڳي وئي.**

2 - **هَو ڏَهن بينيازي، هِيڏهن عجز آزي-رِندي رَمز بَازي، روحاني لَڳي وئي.**

3 - **مَازَاغ البَصَر سَان، نِظاري نَظر سان-اِلاهي اَبر سان، بَاراني لَڳي وئي.**

4 - **حُسن عشق ڪَئي ڪَٺُ، مڳي مستي مُئو هَٺ -ڏِسڻ جي پوءِ ڏي وَٺ، نِڏاني لَڳي وئي.**

5 - **نِيارن ڪان نِياري، پِيارن ڪان پِياري-ڪَجل ڪَيف وَاري، ڪاڪاني لَڳي وئي.**

6 - **بِرهه حُسن لاَتي، چِتان بَاهه چُئانتي-اَي اعجاز جهاتي، جِنداني لَڳي وئي.**

تلهه :عِشق وڃايَم خَطرا خَام-خُود نِمائي خَلل خَسارا.

1 - **عِشق عَجب ڪَي دَم پَرايا-اَڻ لِکيا ڪُل ڪَم ڪَرايا،**
بِرهه ۾ تِياسُون بَام و بَام-پَسڻ وارا نت پَسي پَسارا.

2 - **عِلم عَقل جا صُفحا سَاڙي-غير غُنود جا گُونگهٽ ڦاڙي،**
دُو رَنگا دَفتر دُوئي دَوام-تَرڪ ڪَياسون وَهم ويسارا.

3 - **وَحدت وَاري چَاش چَکي سُون-دِل دوجهانئون دور رکي سون،**
جِت ناهي ڪُفر اِسلام-اُت اسان جا نيڻ نِظارا.

4 - **عِشق جي آهي اِها عنايت-عَين "اَعجازا" هِمت حِمايت،**
جَهڳ مَڳ جَوڙي پياريئين جَام-نِينهن ڪَياسون نِيهي نِيارا.

تلھ :عِشق سَان عَاشق ٿِي آيس، ھَر صُورت جي سَانگ ۾،
عرش ۽ افلاڪ سَڀ، آھن مُنھنجي اَورانگھ ۾.

1 - **نِينھن پَنھنجي جا تو ٿامان، پَاڻُ ڏِيان پَنھنجي پرين،**
ھُت رسڻ جو سَٽُ سُجھي، قَاصد نڪو ڪنھن ڪانگ ۾.

2 - **زِند ٿي زُنار پاتم، صورت وني صُنعان جي،**
دِين مذھب ڪان پڳس، تَوڙئون حُسن جي تانگھ ۾.

3 - **دَم اَناالحق جو ھنيم، مَنصور جي اَولي اَچي،**
دَار جي سَواري ڪَيم، محبوب جي گُھر مانگ ۾.

4 - **ذات آ مُنھنجي اُھا، جا ناھِ اَتو جنھنجو مٿو،**
جَھول ۾ پاتم جِھينگا اَچي، ھِن چچيري چَانگ ۾.

5 - **ڪَانہ ھِن اِسلام جي، "اَعجاز" چئي بُڌندس ڪَڏھن،**
تو رڪان اِيمان مُڪمل، بِرھ وَاري بَانگ ۾.

تلهہ : عِشق مُنهنجي کي لَلڪارين ٿو- صُورت سُهڻي ڏيکاري يَار.

1 - **دَلبيدار ٿُون دِلبر اَهڙو-دِليون ڦُورين ٿو ڏُتاري يَار.**

2 - **آئون ٿُنهن جي انهي صُورت ٿان-وَاري وَاري وَاري يَار.**

3 - **توسان ناتو رکٽو آ-پَاڻ کي مَاري جِياري يَار.**

4 - **جوڳي عَاشق بَنجي ٿُنهنجو-اِيندس ٿُنهن جي دُواري يَار.**

5 - **مُنهنجو سَڀ جاءِ سَير سَدائين -ڏَس نہ چَڏهي وِساري يَاي.**

6 - **ڪالهہ کان اڄ اوري عجائب-آئين زُلف سنواري يَار.**

7 - **سُرخي لَبن تي ڪَجل اَکين ۾-چَقمق بازي ويو هاري يَار.**

8 - **پيتل پُرِ آهيان ٿُوڙي-توکي سُجاڻان سَاري يَار.**

9 - حُسن جو عَاشق پَتنگ شَمع جو-توريئون تہ ٿيا هڪ ٿُراري يَار.

10- مِلندو آهين پر اَڪ نہ مِلائي -"اَعجاز" ٿُوڏي پيو نِهاري يَار.

ٿلهه :دَم عَاشقي جو ڄَاڻان-دَم عَاشقي جو ڄَاڻان،

دَم "لاَ" جو دَم اِلا جو-دَم هُو هُو حَق سُڃاڻان.

1 - **دَم دَم سان مَعرفت جي-دَم دَم ٿو مَوج مَاڻيان،**
اَحوال اَخفيٰ وَارا-اَعليٰ عَجب ٿو آڻيان،
عَارف عُشاق سَمجهن-وَحدت وِصال هَاڻان.

2 - **هَر حُسن گُل چَمن جو-هَر سَن ۾ وَاسي آهيان،**
بَلبل مَثال پُونري-پَلپل پياسي آهيان،
وَنيو وَنانس خُوشبو-چُميو چُمانس مَاڻان.

3 - **وَهوا مَجازي جَهاتيون-وَهوا حَقيقي لِيئڙا،**
جَلوا صِفاتي ذَاتي-رَهبر ۽ رَاهه ٽِيڙا،
عَاشق جي ڪَاڻ ٻَئي حق-دَيدار دِلبراڻا.

4 - **"اَعجاز" عَاشقيءَ ۾ -سَرمَستي شَرط آهي،**
حَالت حُلاج وَاري-وَالله شِرڪ ناهي،
مَنصوري دَم مَان ڄَاڻن-ڇَاهي مُلان مُراڻان.

ٿلهہ :اَورُون عَاشق ڪَن-اُلٽي رَمز رکن.

1 - بِهشت دَوزخ جي اُون پَليو -پَڎر پِڙ پَون،
علم عَقل ڪان اوريون نہ ٿيون جي-ڳالهيون سي هُو ڪَهن،
سوريءَ سِر سَو سيڪ سهيو-اَناالحق چون.

2 - دُنيا عقبيٰ دين ڌَرم جو-دَم نہ دَرس وَنن،
ريءَ سڄڻ مَحبوب ٻيو سَڀ-ٻَارهيوئي ٻَن ڏِين،
لا اللہ الاهو هُو هَر هَر-هُو سان هُو ٿين.

3 - مَئي مَتوالا مَست پيالا-مَانجهي مَرد پيِن،
ڪَنڌ عُشاقن وارا ڪُڏيو-ڪَيفي ڪَات پڇن،
دَم قَدم اُنهن جي سَان ٿا-ڪَيفي ڪَدهه وسن.

4 - چشمن سَاڻ چُمن ٿا چَاهئون-مَحبوب جيڪي مُنجن،
سُهما مِهڻا صَدمان سَهاپا-سَختيون سُور سَهن،
جِيئن جِيئن تاءُ پسن سي- تِيئن، تِيئن نِينهن نِيايو نِين.

5 - **اورون گھورون سِر جِندجون-وَوڙون وُجودي وِجھن،**
بَرق بِجلي ڪان بہ بَرابر-رَمز تِڪي تا رَڪن،
اِمڪان ڪان اڳتي "اَعجاز" چَئي-عَاشق رِندوَجن.

ٿلهه : اَي عِشق تُنهنجا ڏُک دَرد آزار-رَاڄن ڳَايا ڳَلين ڳَوڻن ۾.

1 - **سَسُئي تنهنجا سُور رُنا پي -سُهڻيءَ ٽَوتي حَرف ڏِناپي،**
مَارئي ڪَيَڙي تنهن جي ڪُوار-قَيد عُمر جي ڪَڙن ڪَوڻن ۾.

2 - **ليلان جي تو مَت مُنجهائي-مُومل جي تو ڪَاڪ اُجهائي،**
گندري جي پَئي پَوي پُڪار-لاءِ تَماچي پَٽن پوڻن ۾.

3 - **قَيس لَيليٰ جي جَڙ ۾ جَڙايئي-شَيخُ مَجُوسڻ سَاڻ اَڙايُئي،**
سِرڙا جَلايَئي سَو هَزار - حُسن جي بَاهين بَڻن بوڻن ۾.

4 - **اَعجاز چوي ڪَئين رُوپ بَنايو-وَرت فِريب جا وَتين وِڇايو،**
ڪَانهي سَچائي سَچ ڪنهن وار-تُنهنجي ساڪُن سُنهن سوڻن ۾.

ٿلهه : وَاھ عِشق اهي تُنهنجا آرا-اوج ڏيکاري پهرين پوءِ ٿو بَند ڪَرين دَر ديدارا.

1 - **آرا اَويڙا ڪَريو ڄَاڻين -دَرد مَنديون مَاريو موجون مَاڻين،**
قياس نہ تن تي هرگزآڻين اُلٽا مِهڻا ڏئين مُنهن وَارا.

2 - **جَيڪي نَيڻ نَيڻن کي سِڪن سَدائين -تِن کي هَرگز ڪين مِلائين،**
شَايد ڪَنهن سان ڪِين نِڀائين-تُنهنجا پَهہ ڏٺم پرِڪارا.

3 - **اَهڙيون اَرڏايون جاڙون ۽ جنيون -ظَالم ضِدي ڪَري تو ڪَئين ڪُنيون،**
ڪيڏهن وَجن سي موڳيون مُنيون-ڳَسَيئي جني جا نِظارا.

4 - **تُنهن جي اَچڻ تي اَعتبار ڪَهڙو-تُنهن جي وَڃڻ تي وِيچار ڪَهڙو،**
"اَعجاز" کي آ لاچار ڪَهڙو-ڪَري تَرڪ طَرف سَڀِ سَارا.

ٿلهہ : سَڏايو پَاڻ کي عَاشق-ڳوليِن اوٿون اَڙون چو پيو،

ڪريو پاتار ڪان پاسو-وَٽين ڪَپرا ڪَڙون چو پيو.

1 - **ڪڙي قاتل جِلاهل جا، تہ عَاشق پِياڪ ٿا ٻُڌجن،**

تون ٿاريو وِهہ وٺيون مُنهن تان-تَڪين مِصريءَ ٿَڙون چو پيو.

2 - **هَنيم مَهميز جا توڪي، سهي ساٿي سَهُو سُرِهِہ،**

بي سواري وهٽ وانگي تون، هٽين هَر هَر جهڙون چو پيو.

3 - **نہ تون قائل حقيقي جو، نہ تون مائل مِجازيءِ ڏي،**

حقيقت ڪان رُوگردان ٿيو پٽين پَنهنجون جَڙون چو پيو.

4 - **نٿو جو شعر چئي جاڻين، ڪرين پوءِ شاعري چو ٿو،**

وِساريو وَضع داريءَ کي، گهڙين پنهن جون گهڙون چو پيو.

5 - **حُريت آهي حجت سان، غلامي آهي نئڙت سان،**

ٻئي پهلو وڃايو تون، جهلين دَر دَر دَڙون چو پيو.

6 - **ڀھانو خُوب ھٿ آيُئي، سُوريءَ ڪان سِر بچائڻ جو،**
ٻُڌايو عُذر ٻانھپ جو، لِڪيو حق سان لَڙين چو پيو.

7 - **حُجائتو سوال آ منھنجو چوي "اَعجاز" ھرھر ھِي،**
بنايو مُنھن بزرگانو، ڪَٽين ڪِيسا ھَڙون چو پيو.

ٿلهه :آذان عِشق واري-عَاشق سُڻيو اَچن ٿا،

پِرتئون لَبيڪ پَڙهيو-صُورت کي سَجدو ڪَن ٿا.

1 - **نِيتي نِماز نِينهن جي-مِيثاق وَاري ڏِينهن جي،**
دَردن غَمن جي مِينهن جي-ڪُجهه ڪَاڻ نَا ڪَين ٿا.

2 - **سالڪ سَچا سجودي-وَستيون مَٿي وجودي،**
نيڪيون ڇڏي نَمودي-تَڪبير پوءِ چَون ٿا.

3 - **سُورهه صُبوح سَانجهي-لِچڪي وِجهن نہ لانجهي،**
مَردانگيءِ سان مَانجهي-مَيدان ۾ مَچن ٿا.

4 - **طَالب ٿي آيا تَڙ تي-ڪَات ۽ اَڏيءِ جي ڪڙ تي،**
پِيرِ مُغان جي پِڙ تي-پَروان جِيئن پَچن ٿا.

5 - **پورو پَتو هي پَاتئون -صُورت کي ڪَعبو ڄَاتئون،**
ٻيو ڪِٿ نہ ڪَنڌ نَاتئون-نِر تي نَظر رَکن ٿا.

6 - **صفِ اَول جا عَاشق-شُعلہ شَمع جا شَائق،**
رَبي لقاء جا لائق-رَنگ رُوبرو پَسن ٿا.

7 - **"اَعجاز" آهي اَحدي-اَڳيان امام مهدي،**
لُڙ جُهڙ اَورانگهي لَحدي-نيهي نسنگ نَچن ٿا.

ٿلهه :رَاهِ عِشق ۾ ڪِٿ رُسڻ نہ ٺَهي ٿو-وَفا وَاعدي ڪان گُسڻ نہ ٺَهي ٿو.

1 - چِنڻ ڇيهہ ڪنهن سان ڪَرڻ مِهَن بهانا،
رَسم ريت اهڙي نہ ڄَاڻن رِندانا،
قُرب رِيءِ اُنهن وَٽ ڪُسڻ نہ ٺَهي ٿو.

2 - دِليون نيڻ هِڪ ٿي جيڪي نينهن لائن،
اُهي عِشق وَاري نہ بَازي هارائن،
هِڪان هِڪ ٽيڻ سِڪ، نَسڻ نہ ٺَهي ٿو.

3 - ٺَاهي مَاٺ دِل کي تہ پَوءِ مَاٺ ڇَاجي،
اَوريون سُور اڇتان ڳُولي جُوءِ آجي،
رُڳو مَاٺ ۾ ٿي مُسڻ نہ ٺَهي ٿو.

4 - سَچي آ محبت سَچي سوز وائي،
سَچو آ خدا ۽ سَچي آ خُدائي،

سچي ڳالھ سِڪ تي ھسڻ نہ ٺَھي ٿو.

5 - رُسڻ رَھ آ جنھن جي، رُسڻ ڏي اُنھي کي،
سارو ڏيھ "اَعجاز" ڏِسڻ ڏي اُنھي کي،
اسانکي تہ جَڳ ڏي ڏِسڻ نہ ٺَھي ٿو.

ٿلهه : **جَني جو عِشق رَهبر آ-تَني کي ڪَاڻ نَا ڪَنهنجي،**

پَرائي ڳان پَر اهان ٿِيا-پَچارن پَاڻ ۾ پَنهنجي.

1 - **اِني اِناالله جا نعرا-هَٽي نَر نيهي نَميار،**
اُهي مروان جا مَارا-نِيائن تا اَوکي اَهنجي.

2 - **پرينء کي پَر ۾ پوڄن پِيا-نَظر نَاتي نَاسُوتئون نِيا،**
صُمٌ بُڪُمٌ اُمّيُ تيا -بُڌن سي ڪِين تُنهنجي مُنهنجي.

3 - **ڪَري ويساهه وَنحن ۾-مَچائن مَوج تا مَن ۾،**
گهڙيا تنهن بَحر جي ڪُن ۾ -نَاهي هِيء هُوءَ ڪَنڌي جَنهنجي.

4 - **عَدم اوڙاهه ڏي ڪَاهي -ڇَڏيائون داء ڏَپ لاَهي،**
اِهو "اَعجاز" سَچ آهي -سَڪڻ سُوري انهن سَهنجي.

ٿلھ : عِشق وَاري شَھباز، ڪَيا پَرواز عَجب.

1 - عِشق شَھباز جي خُوءِ خُوني -اَرڏا اَٽانگا ناز،
اَرااَغماز عَجب.

2 - پَنجا پَرت وَارا پَنجئي ڪوڙي-ڪوليئين اَندر جا سَاز،
اَخفائي آواز عَجب.

3 - مَن مُشتاقن جا ڳولي ڦُولهي-موهيا ساڻ مجاز،
ڪَرائي ڪَواز عَجب.

4 - عَرش جو ساڪِن فرش جو مالڪ-اَٿس رِندانا رَاز،
اَعليٰ "اَعجاز" عَجب.

ٿلهه :عِشق جي شَطرنج اويڙي-هيءِ رندن جي رَاند آ،

هن ۾ هِڪ دم جو نہ ويچو-ءِ نہ وَقفو وَاند آ.

1 - **هَار هِن جي جيت آهي-جيت هِن جي هار آ،**
رَمز مَعنيٰ سمجهہ سالِڪ-هي وڏي ڪا ڳانڊ آ.

2 - **جِن پڙها ڏَئي ڪالهہ ڪئي هِت-پَئي پَڌر هُن پڙ مَتي،**
اَڄ بہ تن جو بي خبر-سِرُ سَاهہ نيزي پَاند آ.

3 - **هِن ۾ هاٿي گهوڙا ناهن-هِن ۾ پيادو سوار آ،**
بَادشاهن ۽ وَزيرن-جو عقل اِت بَاند آ.

4 - **شهہ خودي ٻئي ڪَنهنجي ڇَاهي-شهہ خودي ڏِسُ عشق جي،**
حَق آهي "اعجاز" حق-حَق ساڻ سا هيڪاند آ.

ٿلهه :محبوب جي لاءِ عاشقن ڏِنا مام ۾ مَٿا،

هڪ ٻئي پنيان پڙ تي هلي سورهه ٿيا سٿا.

1 - **قربئون ڪري آيا جيڪا، ميثاق ڪان ڪَٿا،**
پوري ڪيئون پِر جي اڳيان، سا روح جي رٿا.

2 - **محبوب جي تہ وصال لاءِ، ڳولي ڳليون ڳٿا،**
ڪاهي پيا ڪارونيار، ۾ غازي نہ سي گُٿا.

3 - **جڏهن حسن حقاني جو ڏسن، عاشق لقاءِ ٿا،**
تڏهن مريو ٿا مات ٿين، مُورهئون مُڙن نٿا.

4 - **"اعجاز" جن جا نيڻ نت، حق در وجي کُتا،**
جَندي عشق جي تان، سر تني جا لال ٿي لٿا.

تلھ : اِھي جگر عاشقن جا، تَوسان عَشق تا ڪَمائن،

تنھن جي حُسن تَاب سَامھون، تَوسان نظر تا مِلائن.

1 - **خُوني خَنجر اکين جا، ڪلندي تو خوب گوڙيا،**
تہ بہ گھور گھور آھن، تو ڪان منھن نٿا مٽائن.

2 - **جيڪو قدم سو اڳتي، پنٺي نہ مور ڏسندي،**
ھر پل ۾ سَوَ ھزارين، توڙي تير تنھنجا گھائن.

3 - **تِڪ تَاء شَعلا تَجلا، اُھي طور تي ڪيا ھُئي،**
ھِتي نيڻ اٿئي نَينھن جا، از خود پيا جِي ۽ جَلائن.

4 - **پرده نَشين تون آھين، پَر عَاشقن جي اکِيان،**
بي قابو دل آ تنھن جي، اھڙي رمز تا لَڳائن.

5 - **"اَعجاز" چئي عُشاقن، صَدا آفرين سَدائين،**
توکي ساھ ۾ سمايو، لوڪئون وينا لِڪائن.

ٿلهہ : آهي عِشق اَهڙو، ڇَڏيئين نَر نَچائي،

نِپائن ٿا نِيهي سِر ڳَائي وَڄائي.

1 - **طَالب ڪَن طَبل سان، تَوحيدي تَنوارون -ڪَٽي سَاز سَارنگيون ۽ سرندا ستارون،**

پَهري پيشوازيون، ڇَڏيئون مَچ مَچائي.

2 - **مَلهي مَرڪي سِر تي، ڪنئي جن ملامت -ناهي تن احتياجي، چاهي لڄ لياقت،**

شرم ۽ حيا جا، چِرڪ وِين ڇڏائي.

3 - **سَڄڻ سَاقي سُهڻو، سَدا سَاڻ آهي، نَفعي ۽ ضَرر جي ذَرو ڪَاڻ ناهي،**

چڙهي موج مستي، هُو جا هُل هلائي.

4 - **ڪئي عشق "اعجاز" بيشڪ پلائي-مَنجهان مَنجهہ اَچي جَنهن جَجهي جوت جَاڳائي،**

حَقيقت هُتي جي، هِتي تو ٻڌائي.

تلهه :سِڪڻ پِرَ لاءِ لُڇڻ هَردمر-اِنهي ڪي عِشق چَئجي ٿو،
سُمهڻ سُک تي نہ سارو سَمر-اِنهي ڪي عِشق چَئجي ٿو.

1 - **پَرڻ آهون ڪرڻ دانهون-ٻَڌڻ ٻانهون تَڪڻ راهون،**
مچائڻ من اندر ماتمر- اِنهي ڪي عِشق چَئجي ٿو.

2 - **ڪَرائي عرض ۽ آزيون-نهايت نياز نئڙت سان،**
اِهو آ قرب جو بَس ڪمر- اِنهي ڪي عِشق چَئجي ٿو.

3 - **اُمنگون پُور پرين جا-اُٺئي ويٺي اچن اُڌمان،**
اُداسي دل اڪيون پُر نَمر- اِنهي ڪي عِشق چَئجي ٿو.

4 - **پَسي شُعلو حسن پِڙتي-پَتنگ وَانگي ڪَري پَرڙا،**
جَلائڻ جَان تي بالَمر- اِنهي ڪي عِشق چَئجي ٿو.

5 - **نہ ڏڙڪي دار ڪان دل تي-نہ ديڙن ۽ ڪُسڻ ڪان ڪي،**
چوي الله ڪي آدمر- اِنهي ڪي عِشق چَئجي ٿو.

6 - بيهڻ مجذوب ٿي بَر ۾-پِري پيالو ڏيڻ رت جو،
پيئڻ قاتل زهر باغم- اِنهي ڪي عِشق چَئجي ٿو.

7 - وجي جنهن سان لڳي دلڙي، وساري ڪين سو سگهندي،
هجي توڙي لبن تي دم- اِنهي ڪي عِشق چَئجي ٿو.

8 - سسئي وانگي سٿي سانگا-پڙهي "اعجاز" بسم الله،
رَميو اِن راهه تي پيو رَم- اِنهي ڪي عِشق چَئجي ٿو.

ٿلهہ :ڪَري عِشق گُذاري مونسان ڙي اَديون،

ڏِنئين مُون تہ مُنيء تي ڪَئين بَار بَديون.

1 - **چَڏي عِشق نہ مُون ۾ رَتي رَت سَت جي،**
سَنبران ڪَانہ گهڙي سُک رَاحت جي،
اَهڙي مَيچ هَنيئين ڪا مَحبت جي،
سَهٽيون صَبر سان پيم سِرَ تي ڪوسيون ٿڌيون.

2 - **سَاري لوڪ ۾ بُري بَدنام ٿِيس،**
نِڪٽي نِڌر نِبر نَاڪام ٿيس،
بي چاڪ بي گهر بي آرام ٿيس،
ويني وَاهيان بيوس نيٽين نير نديون.

3 - **منهنجون آهون دانهون راهون بَندي،**
مُونکي پنهن جي ڪيائين ڪاتي ڪنڌي،
سَاٽا سنڌ ٿيا، پَنڌ ڪَشالا ڪَندي،
ڪَڏهن پجندم اُميدون رُوح رَچنديون.

4 - اَڪڙين اَوجاڳن ۾ وييون اَچي،
مَچن ڪِيئن سِي مُنيون لڳين سِڪڙي سَچي،
آڏيندي يَارُ "اَعجازا" پر ۾ پچي،
سڪندي جنهن لاءِ ٿيا سارا سال صديون.

ٿلهه :عِشق سَودا جو خَلل جِن جي سَمايو سِيني سِر،

حيف تن تي اي حريفا، ڊِيني ڊُنوي ڪِيم ڊَر.

1 - **ڪَانهه سُڻندا ڪَاٻه ٿُنهنجي-ٻِي نَصيحت نَاصحا،**
عِشق وَارن جي اڳيان ڪو-عِشق جو اَحوال ڪَر.

2 - **پِرت جا پَابند پَازي-پِر پوڄاري جي ٿيا،**
تَن ڪي حَاڪيماٺي هشمت-ڪِين گُهرجي مَال زَر.

3 - **نَيهي نَاسُورين ڪي ٿُنهنجا-تِير طَعنا ڇَا ڪَندا،**
صَبر جي پَاتئون زِرهه-بَنجي ويا بس بي خَطر.

4 - **ٻنهي جهانن مان عُشاقن-عارفن ڪي آ وڻي،**
يار جي سڪڙي "اعجازا" -يَار جي لوري لَهر.

تلھ : بِرھ جِي گيڏ تا بَانڪا ڪيڏن، بي سِر بي مثال ٿي برحال.

1 - **صُورت جي سَامان سَمر سان، صُوفي صَاحب حال ٿي بَاڪمال ٿي.**

2 - **نَاتئون نَات ٿِين تا نيھي، نِيزَن سِر نِھال ٿي نِينھن نَال ٿي.**

3 - **حُسن جي هَادي هوت ھتان-هَر هَر هيجئون حَلال ٿي هِڪ خيال ٿي.**

4 - **ڪَيفيت پَنھنجي پَاڻ پَروڙن، ڪَيف ڪَدَھ ڪَلال ٿي مَتوال ٿي.**

5 - **اِلاالله سانگي سِر لهرائن، لااِلله سان لا يزال ٿي لا اُبال ٿي.**

6 - **اَلٽي داءَ ۾ دم سان اَعجازا، اُلٽي عُشاقن ڳالھ ٿي ۽ چال ٿي.**

تلهہ ڪير آ ٿيندو الله- عِشق جي آڏو ڪَنڌ نہ ڪٽندو.

1 - **عِشق الله کي الله بنايو- آهي پَاڻ گواهہ.**

2 - **نِينهن نَمائي ڪَيس نوڙي -تَخت ڪِبر ٿِيس تَباهہ.**

3 - **عَشق جي آڏو الله ويچارو-جَانا پَري هَر گاهہ.**

4 - **صُورت وَاري سَانگ ۾ وَرتئين -موجون مَزا سَپ واهہ.**

5 - **"اَعجاز" علي چَئي رَاز اِنهي کي-سَمجهي کو سِياڻو سَاهہ.**

ٿلهه : نِينهن لائي پوءِ نَازڪ يَار-لوڪئون لاَلڻ لِڪڻ ڪَهڙا.

1 - آءَ تہ ٿيون نروار نَچي نِت -پِرت پنهن جي ۾ پاڻ پچي نَت،
بِرهہ ۾ بيهون ٿي بَدل بَهار-سَواءِ گهمسانن سِڪڻ ڪَهڙا.

2 - سُورهہ سَدائين سُوريءَ سَامهان -هُل هَزارين مَٿن هاگامان،
ڏَڙڪ نہ ڏارين جو ڏا جان نِثار-تاهہ ڪائي ٿَهي ٽڪڻ ڪَهڙا.

3 - چَاهہ چَاهن رَڪ چَاهڻ وَانگي-سُور سَهڻ سِڪ صُحبت سَانگي،
سَڀ ڏِينهن هُجي سِڪ سَار سَنيار-چَئن ڏِينهن جا چِڪڻ ڪَهڙا.

4 - حَال وَارن ڪان سِڪڻ سِڪجي، عِشق جو "اَعجازا" چُئانڪو چَڪجي،
مَئي پي ڪَجي ڪَا مَحبت پَچار-مَحبت رِيءَ مَئي جا ٽَڪڻ ڪَهڙا.

ٿلهه : **نِينهن ڪَرايو نِياز يَار-نَازن واري نُوڪ نَظَر جو.**

1 - **سَاڙيو سَاڙي سَوين سَريرون-سِڪڻ سَوز گُداز يَار،**
نَازن واري نُوڪ نَظر جو.

2 - **نَاميا نَاٿ نِسنگ نَچائي-غَمزو حُسن غَماز يَار،**
نَازن واري نُوڪ نَظر جو.

3 - **وِيرون وَهائي وِيو ڪَڍي دِل-بَحري بَانورو بَاز يار،**
نَازن واري نُوڪ نَظر جو.

4 - **گهايل گهاٽو ۽ گهٽيرو آهي-اَصلئون "اَعجاز" يَار،**
نَازن واري نُوڪ نَظر جو.

ٿلهه :بِنا ڪَنهن پَابندي بَند جي، آهي هِن نِينهن جو نَعرو،
سمايو ڪِين حَد اَندر، عُشاقي عِشق جو آرو.

1 - **نَڪا اُپٽار حَرفن جي، نَڪا تَهذيب طَرفن جي،**
نَڪا خواهش شَرفن جي، نَڪو ئي هَوش سَماء سارو.

2 - **ڏوهن جَهڙا ڪَري ڪَم ٿو، بَڙا بيحد هَٽي دَم ٿو،**
اُٿائي سِرَ تي آگَم ٿو، بَڻيو بَدنام بيڪارو.

3 - **بُڌي نَاپَند نَصيحت کي، سُڃاڻي ڪِين شَريعت کي،**
مَڃي حَاضر حَقيقت کي، رَهي نِيارن ڪَنان نِيارو.

4 - **ڪَري ڪَاڏو جَڏهن جيڏهن، پُري تَنهن پَار تَڏهن تِيڏهن،**
ڪَڏهن ڪِيڏهن ڪَڏهن ڪِيڏهن، اَٿس هَر جاءِ اوتارو.

5 - **عَزم اَزلي رَکي رَايو، جُهلي "اَعجاز" تي آيو،**
پَنهنجو تُنهن پَاڻ پُرجهايو، سَراسر ٿي لِوا وَارو.

ٿلھ :بِرھ بِنان ئاھي جاءِ-لاَحد اَندر لِيئڙي پَائڻ جي.

1 - **ڏات صِفات جو ئاھي سَنڌو ھِت-نَڪا رِياءَ جي رَاءِ،**
حَق ھيڪڙائي صَاف سَچائي-صَبر تَنھن ڪان سَواءِ.

2 - **نانھ ٿي ئانگا تہ ئات نَوازئي-ئام ئاموس وِڃاءِ،**
بَار مَلامت بَرسر چَائي-پير پِرت سَان پَاءِ.

3 - **يتيون عَقل جُون بِنھن يَجي چِڏ-سِڪڙي سيني سَماءِ،**
ڏرٽو ساري لوڪ ڏھر جو-مَچ مَٿي سر مچاءِ.

4 - **تَرڪ ڪَري تُون تَھدل طَمع ڪي-تَند تو حيدي وَڄاءِ،**
عَين اليقين پوءِ "اَعجازا" -گيت اناالحق ڳاءِ.

ٿلهه : ٿُنهن جي نِينهن هَٽايا نَعرا، اَناالحق وَارا يَار پِيارا.

1 - **عِشق اَنحدي آواز اُٿاريا، صِفت ثَنا جا سَبَق سَيکاريا،**
ڏِيل ۾ ٿُنهنجا تَجلا ڏيکاريا، لَيل نِهارا لائي نِظارا.

2 - **مَرڻ جِيئڻ وَارو مُلڪ مَٽيوسون، لاَحد ۾ نيئي لوڙهه لَٽيو سُون،**
سِر جو سَانگو صَاف سَٽيوسون، لَٽا مُونجهارا اڳِ پوءِ وَارا.

3 - **آهين يَار سَدا ٿُون عَين عَياني، نَابينا يَانئن توکي نِهاني،**
سَڀ جاءِ تنهنجي صفت سُهاني، ڏيئي ڏيکارا چِٽا چوڏارا.

4 - **محب ڏِنيَوَ جا مونکي مُرڪي، سوز گداز جي سَالم سُرڪي،**
دِلڙي اَعجاز چئي جَڏهن ڪاَن چِرڪي، قسم قرب وارا ساقي سوپارا.

ٿلهه : بِرهه ڪَيو بِي حِجاب- هَنيم صَدا رب اَرني وَاري.

1 - **لَن تراني چَئي مَحبوبن-رُخ تان لاٿو نِقاب.**

2 - **مَازَاغالبصر جي رَستي -ڏِٺم مُنهن مَهتاب.**

3 - **جَلوو جَانب يَار جو-بيشڪ آ لاَجواب.**

4 - **قلب وارو ڪوهه طُورسَارو-سَڙي پچي ٿيو ڪَباب.**

5 - **شَوق اَلستي شَور مَچايو -شَائق ٿيڙس شِتاب.**

6 - **اَعجاز علي چئي اَگڻ اَسان جي-آيو عَربي جَناب.**

ٿلھ : بِرھ جَا جي هِت بَندا پَابند هئا، سي رِند هئا،

اَڳِتي رَف رَف ڪان ٿَني جا رَند هئا، سي رِند هئا.

1 - **پَاڻ ڪان پَاسي ٿي پَلپل پِرتئون پِرکي پَسي،**
پِرت جا پَاتا جَني پيوند هئا، سِي رِند هئا.

2 - **خُمر خَاص الخاص پي، خُمار ۾ خاموش ٿي،**
خُوءِ سان خُود دار جي خُورسَند، هئا سِي رِند هئا.

3 - **اَنحدي اڪڙيون پٽي، اِنصاف ۽ اِيمان سان،**
چئو تہ حق جي رَاھ ۾ ڪي چَند هئا، سِي رِند هئا.

4 - **عشق جي اِسرار ڪان آگاھ ٿي اَعجاز ڏِسُ،**
عَاشقن آپي چِڏيا آنَند هئا، سِي رِند هئا.

ٿلهه : بِرهه بَدل جِيئن بَرسي بَرسِر-بَارو بَار بَاران ڪَيا،

طُور سِينا وَارا تَجلا لائي-تارا چَنڊ ٿَالان ڪَيا.

1 - **اَحسن ٿي اَنوار اُپارو-آڙهنگ آگم ساڻ اُجارو،**
آيو اُلٽان اوپارو-عَين اُنهيءَ اَحسان ڪَيا.

2 - **سُهڻا سَاز سُرود وَڄائي-دَر دَر ڏاڄا ڏَڄ ڏِڄائي،**
پاڪ پَڪا پيغام پُڄائي-هَوش حَواس حَيران ڪَيا.

3 - **حُسن وَاري اَولي هَر هَر -پَاڻ ڇُپايو مَاري خَنجر،**
گهائي گُر ڪِياني گوهر-نيزي سِر نِشان ڪَيا.

4 - **"اَعجاز" تي اُلٽو آر ڪَيَئِين -وَحدت جو وَسڪار ڪَيَئِين،**
نَئِين نِرت ڏيئي نِروار ڪَيَئِين-تنهن شَائق لک شُڪران ڪَيا.

ٿلهه : بِرهه چَوي ٿو بيرنگ آهيان-بَازي ڪُل بَنايان ٿو،

پَنهنجي رَائي رَاز سان پَنهنجو-نَالو نينهن سَڏايان ٿو.

1 - **جي جَاٽي سَگهين تان جَاڻ مُونکي-تو جَاڻ اِهو جَاٽايان ٿو،**

هر مظهر ۾ جلوو منهنجو-هر جاءِ حُڪم هَلايان ٿو.

2 - **اولي اوٿ حُسن جي بيهي -عين اکيون اُٽکايان ٿو،**

الٿا آر ڪري پوءِ عَاشق-آڙهه منجهه اڙايان ٿو.

3 - **قُم بِاذني قول ڪَري-ڪلڙي خوب ڪلايان ٿو،**

اَن الحق جو نَعرو هَڻي -سُوليءَ سِر چڙهايان ٿو.

4 - **لَيليٰ قيسُ فَرهاد شيرين -رَانجهن هير رَلايان ٿو،**

سُهڻي ميهر سَسئي پُنهون -رَاڻو مومل رايان ٿو.

5 - **مَستي حَقيقي منجهه رهان ڪٿ-مَوج مِجازي مَچايان ٿو،**

مرثيه قصيدا شغل مَداحون -صُوفي شَبد سُڻيان ٿو.

6 - رند قلندر تَرڪ طَمع سان-سَامي سَاڌُ چَوايان ٿو،
مَلنگ مَوالي مَستانو ٿي-ٺانگو ٺاد وَڄايان ٿو.

7 - شيخ مَشائخ قَاضي بَنجي-شوق شريعت چَاهيان ٿو،
ڪَلمون پَڙهائي ڪُفر سَندو-ڪِرشن ڪَانُ ڪَوٺايان ٿو.

8 - حُر حُسيني هَردم ٿي-قُدسي قُرب ڪَمايان ٿو،
طَالب ٿي "اَعجاز" سَدا -مَطلوب سڪندر ڳايان ٿو.

ٿلهه : مِلي مَحبوبن ڪان مَام-بِرهه جي دَام پَئي.

1- **نِيڻ نِوالا لائي مِلائي -حُسن هَلايا حُڪام،**
مَجِڻ هَر هَام پَئي.

2- **ڪِين ٿِڪيا جِت ڪَڏهن ڪَنهن جا-رِيءِ ڪُسڻ جي قَدام،**
پَرڻ اُت گام پَئي.

3- **مَوج مَحبت جي مَاٽن عَاشق-مَستو مَست پي جَام،**
سَاقيءِ جي سَام پَئي.

4- **شَاخ عَجائب عِشق شَجر جي-نَاهي ڏِني جا عَام،**
لَڙي سَالام پَئي.

5- **مَام "اَعجازا" مَحبوبن جي-دين ڪُفر وَٿ حَرام،**
خَبر بي ڪَام پَئي.

ٿلهه : بِرهه بَازار ۾ هَر وار-مَارو مَار آ يارو،

تِير وتَلوار جي چَوڌار-وَارو وَار آ يار.

1 - وَسي جِيئن مينهن سَانوڻ جو، ڪُنڌين مان ڪَان تيئن ڪَڙڪن،

جُهرن جونجهار وَهن رت ٿار، هَارو هَار آ يارو.

2 - پَلي ڪيڏا بہ ڪَن حِيلا بَچڻ مُورهئون نہ تَن جو ٿِئي،

جني ڪي ڏار جو ڏَڪ وَار، آروپار آ يارو.

3 - چَلِي اُت ڪي چَريا ٿي پيا، ڪِني جودم ويو دمجي،

لَڳي تَن ٽار ۾ اوچِنگار، زَاروزار آ يارو.

4 - ڪُسڻ ڏاران قَتل گهہ ۾، ڪُچِڻ جي وَاهہ ڪَا نَاهي،

اَندرآزار سان ٿمٽار، ٽَارو ٽَار آ يارو.

5 - عَجب "اَعجاز" چَئي هي آ، اڪيون سُهٽيون سَپيئي پَر،

مَنجهن دِيدار ۾ اِسرار، ڏَار و ڏَار آ يارو.

ٿلهه : ڪي رِند سَهي ڪَن رَاز-آهي عَشق عَجب اَوران اَور مُنهنجو.

1 - **ٺاز وَارن سان ٺاز ڪَريان ٿو، نِياز وَارن سان نِياز،**
آهي اَذڪُرُڪُم وَارو طور مُنهنجو.

2 - **بيحد وَاري بَحر جو آهيان، بيحد غوطي بَاز،**
غُواصن وَانگي غور مُنهنجو.

3 - **خَالي خيالي پَوش پَرن سان، پَلپل ڪَيان پَرواز،**
شَاهي شَهبازي شور مُنهنجو.

4 - **وَحدت ڪَثرت منجهه مُدامي، سَڄڻ سَان سَنگ سَاز،**
اَحدي اوتارو اَجهور مُنهنجو.

5 - **اَعجاز علي جي عين عِنايت، سدائين ڪيم سرفراز،**
اِهو پيرِ مُغان آهي زور مُنهنجو.

تلهہ : رِندي رُوحاني راز سان، راڳي ويراڳي ٿي رَتا.

1 - مَحو ٿي مَحبوب ۾-ڏِس مَوت کي ڳائي مَتا،
تَند تَوحيدي ڪٽي -تَنُ عِشق ۾ تائي تَتا.

2 - لَوڪ جا لاَرا لِياڪا-"لاَ" سين جِن لِڪ ۾ لِتا،
ڇَوهہ مان ڇِڙجي تني-بَرسِر ڇِڏيا ڇوڙي ڇِتا.

3 - جَنهن وِلايت ۾ هئا-وَڃي تَنهن وِلايت ۾ ڪتا،
سِر تنيِ جا سونَ جِيئن -پَرکيو صرافن پَيِ وَتا.

4 - پِرت جا "اَعجاز" تُون پُڇ -پِرت وارن ڪان پَتا،
آشنا آهن اُهي -سَيِ رَاهہ جا سُونهان سَتا.

(سائين جن جي آخري ٻن ڪلامن مان هڪ ڪلام)

تلهہ : رِند تا رَهن تي مَاورا-دُنيا جي هَر فِڪرات ڪان،
دُنيا جي هر فڪرات ڪان-عُقبيٰ جي هَر خَطرات ڪان.

1 - **دَيوانا حَاضر دِيد جا-طَالب نہ وَعدي وَعيد جا،**
تشنا نہ ڪنهن تائيد جا-خوش آيا نہ خُوشامدات ڪان.

2 - **رِندن سَندي رَمزات ڪي-تَن جي سُپَر سُخنات ڪي،**
رَندئي پَسن رِندات ڪي-تَارِڪ طَمعُ طَاعات ڪان.

3 - **رِندَ مَن خُدايم مَن چَون-اِن دَم سان تا دَمُ دَمُ رَهن،**
موجود حَق موجود ڪَن-وَاصُل بِلا سَندي ذَات ڪان.

4 - **لاَيَحزنُون مِليُن پُڳُر-عُقبيٰ جو تَن ڪَهڙو خَطُرُ،**
سُوهين سُهاين اِيءَ سَبڳُر-مُبرّا رَهيا اَموات ڪان.

5 - **فِڪرِ دُنيا يَائن فُضُول-اَعليٰ اَتن اِهڙو اُصول،**
ڪيئون وَحدتا سيِ ڪجهہ وُصول-ٿيا پاڪ هَر هَر جَات ڪان.

6 - مُوتوقَبل جي ٿي ويا-جِيئندا اُهي جَڳ ۾ سَدا،
سَپ فَرض ڪيئون پنهنجا ادا-وِيَڙا ٿپي ڪَٿرات ڪان.

7 - "لا" ڪان لنگهي لاڪا ٿِيا-گُر سان مِلي ساڪا ٿِيا،
"اَعجاز" جِيئن ٿاڪُئا ٿِيا-اُڪريا وَجي اِنتهات ڪان.

ٿلهه : **سَمجهين جي رَمز رِندي-ڏُک دَرد ڪان ٿِين وَاندو،**

آرام عيش بَابت-ڏِسجين نہ مَاندو مَاندو.

1 - **عَاشق اَمُر جو ٿي پئہ، قَائل صَبر جو ٿي پَئُه،**
صَاحب نظر جو ٿي پئہ، حَق توسان آهيڪاندو.

2 - **حق جو هَميش بَنجي، سَڀ جو خَويش بَنجي،**
وَڃ نيهي نيش بَنجي، ڪِيرو نڪي ٻِڙاندو.

3 - **بِيجا بَڪ نہ بَڪجي، پَاڻي لُڙو نہ لَڪجي،**
ڪَنهنجو نہ عَيب تڪجي، پَنهنجو تہ پَس پاڇاندو.

4 - **جو مُون چيو سو تون لِک، سَمجهي سُٽي سوئي سِک،**
تنهن راز کي ڪولي رَک، جو راز ڪَنهن نہ آندو.

5 - **جَنهن مَاري ڪان ڊِڄين پيو، تَنهن سان تہ گڏ هَلين پيو،**
پنهن جي پاڻ لاءِ مَندين پيو،وِڪ تي پاڻ ڦاندو.

6 - ڪَايا مَايا سَنپاري، سانگا سِها نِهاري،
وحدت چڙيئي وِساري، دُوئي ڪَيُئِي دُڪاندو.

7 - تُون مُرغ لا اُبالي، يَج پيجرو ڪڻ بُوالي،
چِن دَامر سان دُوالي، جنهن اَٿئِي بنايو بَاندو.

8 - "اَعجاز" چئِي چَوان چا،تو سان پَدِرِ پَوان چا،
هَر هَر هِجي رَوان چا، تي عِشق سان بہ پاندو.

فقیر

تلھہ :پَائين چو تو فَقيرن سان، شِمر شَيطان جي پَرِ ڇَڏ.

1 - سَتاين ڪي سَتائين ٿو، صَبر تَن جو ڇَا پَائين ٿو،
ڏُکيوين ڪي ڏُکائين ٿو، مُني مَروان جي پَرِ ڇَڏ.

2 - تو هَٿ مَارڻ نہ جِيارڻ آ، تَو هٿ بَارڻ نہ ٺَارڻ آ،
تو هَٿ جِيتَڻ نہ هَارڻ آ، فِرعون هَامان جي پَرِ ڇَڏ.

3 - پَراوا عيب ڳُولي ڄَاڻئي، نہ پَنهنجن تي نَظر پَاڻئي،
پَلارو پَاڻ ڪي ڄَاڻئي،نِڌَڪ نعمان جي پَرِ ڇَڏ.

4 - بَگهاڙا باھ کيو پَونڪين، رُليا ڇو راھ ويندا روڪين،
اتي ڪائين اُتي اوڪين، گِدڙ گُرگان جي پَرِ ڇَڏ.

5 - اَسين ڄاڻون الله ڄَاڻي، اَسان ۾ ڇَا وَڃي ٿُنهنجو،
نہ ڪر نَاحق سَڙيا سَاڙو، نِنر نَادان جي پَرِ ڇَڏ.

6 - ڇَوي "اَعجاز" پولو پيج، مُحمّد ۽ عَلي ڪي مَج،

حسد ڪان حاسدا وڃن وچ، اَبو سفيان جي پَرِ چڌ.

ٿلھ :فقيرن تي اڪثر ڪُتا ڀَھندا آھن . مَگر رِزق تن جا روان رَھندا آھن.

1 - فَقر ۽ فَقيري جَا مَاڻھو ڪي مُنڪر . حَسد بُغض ڪان ڪن ھَلائون تہ ٿا پَر،
تَڪبّر جا آخر تَڪيا ڍَھندا آھن.

2 - ٺَٺا رَمز رِندي جي ڄَاڻن سُڃاڻن-اُھي رول آھن ڇَيو سَچ سِياڻن،
ڪوتاڳر اُنھن سان ٽَڪِرَ ڳھندا آھن.

3 - ڪُتو ۽ گداگر بہ مُتضاد ھَستيون-ڪَڏھن ڪو نہ ڪَن ھي ڪو اِتحاد ھَستيون،
ھِنن جا ھَنگامان ڏاڍا ٺَھندا آھن.

4 - ڪَڪڙ ڀَھڙو مَانگر، جي جُھونا تہ ڇَاھي-ڀَونڪڻ ۽ ٺونڪڻ ڪان تہ بس تن جي ٺاھي،
اَٽِن ڪم اِھو ئي نہ چُپ ڀَھندا آھن.

5 - اَي "اَعجاز" آچار ڪَھڙا ڪرين ٿو-حَيوانن تي وِيچار ڪَھڙا ڪَرين ٿو،
سَنديءَ ذَات ڪي پِڻ نہ جي سَھندا آھن.

تلهہ :اوالعليٰ آ عظمت عِزت فقير جي،

شاهي ڪان شان ۾ بَر صِفت فقير جي.

1 - **حَق اليَقِينَ سان حق حُلاج جي نِدا،**
ڏِس مَام گام هَام ۽ هِمّت فقير جي.

2 - **ظاهر ۾ زنگ آلُوده، بَاطن ۾ صَاف پَاڪ،**
سِيرت ۽ ڪِرت ڪِيرت، نِيّت فَقير جي.

3 - **نَوبت نَقاري نِينهن جي، نَعري نِظاري سان،**
هَر دوجهان تي قَائم، حُجت فَقير جي.

4 - **هَر ماڳ هَر مُقام تي، هَر وَقت هَر گهڙي،**
مَبسُوط ۽ مُحيط، مَحبت فَقير جي.

5 - **هونئن هِت فَقير ڪوڙ، فَقيري جي رُوپ ۾،**
پَر ڪَات ڪَڍ تہ آ جَڻ، قِلت فَقيـر جي.

6 - دُنيا ڪَيو تَصوّر، دَوزخ ڪِـ بِهشت جِيئن،
بَرعڪس تَنهن جي جَهنم جَنت فَقير جي.

7 - "اَعـجاز" آهي اَلِڳ، جُدا دِين ڪُفر ڪان،
خَالص خُلوص سَاڻ تہ مِلت فَقير جي.

ٽلهه :ڪندي ڇا اسانکي پِيري اَمِيري-وٽي ويوسُون رُوح کي رنگڙو فقيري.

1 - **حقيقت ۾ حق کي ڳولي لڌوسون-ڇڏي ڪُوڙ ڪِينُو پلئہ سَچ ٻَڌوسُون،**
مَجي نَا مَجي ڪو، ناهي دِلگيري.

2 - **هنئي نِينهن ناوَڪ نِظاري تي چاڙهي-ڪاهي پئي سا ڪٽڙڪي جِگر سِينا ڦاڙي،**
عَجَبُ حال حالت بڻِي بي نظيري.

3 - **اصل رِند آهيون ڪي اڄ ڪلهه جا ناهيون-قتل ڳاهُ پُڇايُون ڪُسڻ ڪَاڻ ڪَاهيون،**
چُمي ڪَنئي سُون چشمين رسم هيءَ شَبيري.

4 - **اِهي مِهڻا طعنا ٿيا ڳَل جا ڳَانا-اِنهي حال تي خُوش ڪي رَهندا رِندانا،**
باطِن ۾ بهاريل ظاهر ۾ ظهيري.

5 - **اِنهي رَنگ رَتيءِ مان تہ ڪوڙئين رچي ويا-عاشق ٿي "اَعجازا" اڏيءِ تي اچي ويا،**
اچي سي نچي ويا، توڙي هُين اَخيري.

صُوفي

ٿلهه :اَسين عَاشق صُوفي ڪَافر-ٺَٺا مَذهب ٻِيو ڪو مَجون مَجون.

1 - دَائم قَائم قِبل ٺُما-ڪعبو اسين سِر آهيون،
جَنهن دَر جڳ وَڃي ڏَام سان-اُهو اَسين دَر آهيون،
ڏِسي ڏِسڻ ٽِپاسون ڏَاتر-ڪونهي اَسان تي ڏُجون ڏُجون.

2 - قبيح حَسين اَسان جي نَظر ۾-هَر هَر آ هِڪ جَهڙو،
ڦورو ڪَنهن جو ڪَو نہ ٿا ڦوريون-توڙي هُجي ڪو ڪَهڙو،
وِڃهي پولا پول پلا پَر-وَري پولا پول پَجون پَجون.

3 - مَستي وَاري مَوج بَحر جا-غوطي بَاز غواصي،
خَود داريءَ وَاري خُوءِ اَسان ۾ -خَبر سُٽايون خَاصي،
آهيون پَنهنجا پَاڻ پُوڄاگر-اَسين پَاڻهي پَاڻ کي پُڄون پُڄون.

4 - مَدمستن ۾ دل خَستن جو-پَنڌ پُور پَراهون آهي،
خِيال بَصيرت عَدم "اَعجازا" -اُتم اُتانهون آهي،
سَرمست پيو پُر سَاغر-پَنهن جو سَاقي ڪوثر سَجُون سَجُون.

ٿلهه : صُوفيءَ جي رَمز رَاهه کي-سَمجهڻ نه سُگهيو آ،

اِن سِر ۾ انهيءَ سَاهه کي-سَمجهڻ نه سُگهيو آ.

1 - **اونهون به اَندر دل جو-اَٿو صُوفي اَصل کان،**

صُوفيءَ جي ئي ڳُجهه ڳاهه کي-سَمجهڻ نه سُگهيو آ.

2 - **ڪيڏو نه بهادر ٿي-ڪَيَئين جَلوو بَرابر،**

ڪَربل جي شَهنشاهه کي-سَمجهڻ نه سُگهيو آ.

3 - **حُلاج سَندي حَال کي-ڄاتو نه مُلين ڪَنهن،**

اِن مرد خود آگاهه کي-سَمجهڻ نه سُگهيو آ.

4 - **لا الٰه الا الله کان-اِڳتي نه چَيَئين ڪجهه،**

سَرمد جي هن ويساهه کي-سَمجهڻ نه سُگهيو آ.

5 - **ڪَعبي ۾ ڪَليسا ۾-مندر ۾ به وڄي پيو،**

عَاشق جي سَجدي گاهه کي-سَمجهڻ نه سُگهيو آ.

6 - اِثبات نَفي وَاري -تہ چَاري ڪان سَواءِ يَار،
اِنسان ۾ الله کي-سَمجهڻ نہ سُڪيو آ.

7 - ڪير آهہ ڪِتي آهہ-ڪَهڙو آهہ سو سُهڻو،
"اَعجاز" جي دِلخواهہ کي-سَمجهڻ نہ سُڪيو آ.

ٽلهه :اَسين صُوفي صَافاً صاف آهيون-اَسين ڪَنهن ڪِين خِلاف آهيون.

1 - **اَسين اَرني تا اِظهار ڪَريون-اَسين لَن تَراني آر ڪَريون،**
اَسين ڪَافي عَين ڪَشاف آهيون.

2 - **اَسين هُود داؤد جي حَال وَارا-اَسين مَام مَسيحي مَقال وارا،**
اَسين سُرتا نِرتا صَراف آهيون.

3 - **اَسين پَاڻ پَنهنجا مَقصود آهيون-اَسين سَاجد خُود مَسجود آهيون،**
اَسين عَادل با اِنصاف آهيون.

4 - **اَسين روز اَلستئون مَست سَدا-اَسين دَردمَندا دِل خَست سدا،**
اَسين بَاطن ظَاهر شَفاف آهيون.

5 - **بي مثل مثل ۾ دَوام اَسين-"اَعجاز" جا آهيون اِمام اَسين،**
اَسين نيزي پڙهندا مُصحاف آهيون.

ٿلهه :ڪَري ڪير صَحي سِر صُوفيء جو-گهٽ گهٽ ۾ آ گهر صُوفيءَ جو.

1 - **اَحديت وَاريءَ اوڙ عَجب سان-هَر جاءِ هَلي هَر صُوفيءَ جو.**

2 - **اَزل ڪان بہ اَڳي بَرابر-نَعرو نشانبر صُوفيءَ جو.**

3 - **قُرب وَاري تہ ڪَمال سان-آهي ڪُل ڪان مٿي ڪَر صُوفيءَ جو.**

4 - **حَق حَق چَئي چڙهيو سُوريء تي-بِرهُہ بَهادر صُوفيءَ جو.**

5 - **هِن مان اُٿي جڻ هُن گهر ۾ وِيو-اَهڙو مَرڻ يَر صُوفيءَ جو.**

6 - **بُلبل وَانگي بَاغ حُسن ۾-سَير گُذر سر صُوفيءَ جو.**

7 - **ظَاهر ڪَارو ڪُفر وَارو-بَاطن اوجر صُوفيءَ جو.**

8 - **صُبح شام معمور "اَعجازا" -سمجهہ تہ ساغر صُوفيءَ جو.**

جوگَي

ٿلهه : جَوڳِي جَاڳِ لَهہُ ڪو لاڳِ-مَاڻ سُهاڳِ مَلڪوتي،

حَاصل حَال هَٿ ڪَر خِيال-جَاهه وجَلال جَبروتي.

1 - **يَائڻ بُود ڇَڏ وِجود ڪَر تون عُود اَصل ڏي،**
سيهہ نہ سار، سَڱ وِسار ڪِيمر نِهار نَسل ڏي،
آٿڻ آت رِيءِ اوساٽ ڪَانهي وَاٽ وَصل ڏي،
وِرهہ وِهاءِ جوڳِ ڪَماءِ سِڪ سَماءِ ٿابوتي.

2 - **ٿي آڏوت "لا" يَموت اَنگ پِيوٿُ اَلفيارو،**
پَاڻ سُڃاڻ سُرتيءَ سَاڻ سِر جو جَاڻ رک سَارو،
سَپِڪنهن وير مَالها ڦير مَٽيون سير مَن وَارو،
ڏار ڏِيان ڳُر جو گِيان پيڌ بَيان بَاهوتي.

3 - **پَتنگ جِيئن جوڳِي تِيئن مَچ کان ڪِيئن مُنهن موڙن،**
ڪوريءَ ڪام منجهہ مُدام خيمان خَيام تا ڪوڙن،
جوڙان جوڙ توڙان توڙ، اَحدي اَوڙ تا اوڙن،
بَڏي سُنگ ٿِيا سي ڳُنگ، لائي لُنگ لاَهوتي.

4 - غِفلت غَرق تُون ڪَر ترڪ، تُنهنجو مَرڪ نہ آرس،

جاڳي جِيء ثابت ٿيء، وَحدت وِيء جو وَارث،

آهين ذَات بَالا بَات، پَيغامات سَان پَارس،

"اَعجازا" نور، تَجلو طُور، تَو ۾ حُضور هَاهوتي.

ٽلهه : لِيا جوڳِين جا وَجي لڳا، لاَحد جي تہ لَقاءَ ۾،

لاَحد جي تہ لَقاءَ ۾، رَنگ ربُوبي رَچاء ۾.

1 - **ٽاسُوت ۾ رَهندي ٿيا نہ ٽاسوتي- لاَحد وِڃڻا لاَل لاَهوتي،**
سُڪوت ماڻيا تن مَلڪوتي-جَبروت ۾ جن جا جُهوپا جُهڳا، آسڻ استغناءِ ۾.

2 - **صُورت سِر پُوڄارا سَامي-سَتگر گُر پُوڄارا سَامي،**
پرتئون پر پوڄارا سامي-بُت بِيائي جا انهن پَڳا، صُورت جي تہ سُهاءَ ۾.

3 - **هَمہ اوست جا ڪَاپڙي قَائل -خَيال انهي تي ڪُپ ڪُپايل،**
مَاضي قِبل ڏي مور نہ مَائل-سورين ڪين ايڏهن لاءِ سَڳا، رَهيا ڪِين رِياءِ ۾.

4 - **حاصل جن کي لَقاءحُضوري-مَاٺ مُطالع تَن وٽ پُوري،**
مَنطق ڄَاڻن ڪو نہ ضَروري-دِين ڪُفر جا ٽوڙي ٽَڳا، پهتا مُلڪ بَقاء ۾.

5 - **جوڳِي جَاڳي ٿيا سُهاڳِي-تَوڙئون هَر دو جَڳ جَا تياڳي،**
شَبد اُنهن جا مَعنوي مَاڳي -سَنک سِگيون، ۽ صُور وڳا، تَن جي مَست سَماع ۾.

6 - مُلڪ جوڳين جو آهي مَحويت-ايڪائي ۽ اُلوهيت،
پُڇ نہ انهن جي "اَعجاز" مَاهيت -جوڳي ڪَونهن بي دڳا، پَڌرا آهن پَڙاءَ ۾.

ٿلهه : جوڳي مُلڪ اَمرجا-سَامي مُلڪ اَمرجا،

صُورت مُورت وَاري-سُونهان سَانگ سَفر جا.

1 - **صُورت پيئي آيا، اُت سِرڙا ٿيڪي آيا،**
سَتگر ٿيئي آيا، نِرتا نَين نَظر جا.

2 - **سَٿي آپا ڪاپا، آرس اُونگهه آجهاپا،**
جُڳ جُڳ ڪَن جِياپا،جِيوا جَاوي جَر جا.

3 - **ڪَنگڻ ڪُلاهه ڪَفنيون، پَوش پَوشاڪون بَسنيون،**
ڏُويون نيئي تن دفنيون، هيرڪ حق حاضر جا.

4 - **سِڪ جون تن سَنگهرڙيون، سَامين هَٿ سَمرڙيون،**
گيڙو ڳِل گبرڙيون، مَاهر مَخفي خَبر جا.

5 - **هَم مَري ته گُرو مري، وينا اِهو دَم ڌَري،**
مَوت مَٿي سي ڌَري ڌَري، وِجهن ڪَرت ڪِينر جا.

6 - سَامي چِڏي سُوات، وَني وِيا ڪُوات،
هَٽي اُلٽي جَات، پوريئون پُور پَڏر جا.

7 - وِيا جي گنگا جَمنا، تَرڪي هَر تمنا،
چُمي پِر جا چرنا، اَچا ٿيا اَندر جا.

8 - پَنڌ تَني جا پُڇجن، ڏوري اُهيئي ڏِسجن،
سَامي "اَعجاز" سڏجن صاحب سي صبر جا.

ٿلهه :جوڳين سَنجهي جَبروت ۾-بَر حق گوڙيون بيراڳڻيون.

1 - **سَامينُ سَفر سِر تي ڪَيو -سورن سَندو سِڪ سُوز پَئِي،**
سُج ۾ قراريا سُپ وَجي-سيجون ڇڏي تہ سُهاڳڻيون.

2 - **وَڏِيل وَڃوڙيل وَحدتي-وَڻُ ٽِڻُ وَاسي ويا وِرهه سان،**
وَر وَر مونکي ٿيون سي وَڻَن، وايون سندن ويراڳڻيون.

3 - **لَڳ لَڳ ڇڏيائون لوڪ جي-وِيا لوپ لاَلچ کان لَڙي،**
لاَهوت ۾ لاَئُون لَيو-لاتيون لَنون تا لاَڳڻيون.

4 - **ڪنهن تان ڪَڪوريا ڪيف ڏئي-ڀِي ڪرت ناڪن ڪَاپَڙي،**
روئِن رُئاڙن رَاج ڪَئين-رَانيو رَچايو راڳڻيون.

5 - **آرام آديسين نہ ڪيو-آهي قسم اللّٰه جو،**
"اَعجاز" آيا علي الفجر-اڪڙيون ڪري اوجاڳڻيون.

ٿلهہ:ڄيء جلائي ويا جوڳيئڙا-سي من کو پيرو ڪن،

جيڪي مُورت جا هُئم موتِيئڙا-سِي هِن ويل هِينئر هِت هُجن.

1 - **جَڏهن سَاٿُ سَاٿين تي سَنباهيو-سِيءُ پيمُ سَاري جَان ۾،**
ڪَاڪِ ڪُومايل ڏِسي-آيس وڏي اَرمان ۾،
ڪَل نہ پَيم کو گوديئڙا-ٿا مُئيء جو جِيئڙو چِنن.

2 - **لاَل لڙڪن کيا لٽا-رنگ رنگي کُهنبا رَتا،**
لوئي ٽِيم ليڙون لَڳن-وار وري نہ مون ڳُتا،
هاٽي هوش ۾ هل هينئڙا-متان محب کي ميرو چوَن.

3 - **مُنهن گٽي ڪِنهن سَاڻ مُرڪان-مَوج مُئيء کان سَپ وَئي،**
رويو رَڙيو ريهون کَريان-ريجهہ رَاحت رُوح جي وَئي،
"اعجاز" اُهيئي اوسِيئڙا-ٿا تَن ۾ ڪيو ديرو رَهن.

ٿلهه : اَگَن عَشق وَاري لَڳَن لاَتي جَوڳِين-ڪَري بَيک بَازي نَظر پَاتي جَوڳِين.

1 - **شَما ۾ دَيا سان چِتائي چِيتاري-هَٺي حال شَبدي ڏِيئا ڏيل ٻَاري،**

ڳُونگي ٻوڙي ٻاتي ڪَيس آتي جَوڳِين.

2 - **سَوزي سَاز ڪولي سَنگمي سُر سُٽائي-مَڌم مُرليون مِرڏنگ. اُپنگ چَنگ ٻُرائي،**

ٻُرائي جُهرائي پوءِ دل چَاتي جَوڳِين.

3 - **ٿَاهيان هَوش مَت ۾ نه اَنحد ۾ حَد ۾-ويس وِت وجود ان لوچڻ لئه لاحد ۾،**

پيرائتي پارايَم آيل جَهاتي جَوڳِين.

4 - **سَڱيون سَنک سَامين ڪِينر ڪَر مَندل هُئا-سَي ڪَنچير ڪَلداري خُود سَر مَندل هُئا،**

ڳِجهي ڳَالهه "اَعجاز" تن ڳَاتي جَوڳِين.

ٿلهہ : ڪَهڙا جوڳِين جَا مَاڳ سَامي رَهن سَفر ۾.

1 - **ڪَڏهن گنگا ڪَڏهن جمنا-ڪَڏهن پُورب پَاڳ،**
ڪَڏهن جَاوي جي جَر ۾.

2 - **رَاهہ مَتي روز رَمندا ڏناسون ـ جَهاڳِن رِڻَ اَجهاڳ،**
تَن جا مَانجهاندا مگر ۾.

3 - **چوٽا اَيـوڳا ميرا مُنهـڙا ـ ڪين جوڳ ويراڳُ،**
بَابُو بَيُوتيا بَر ۾.

4 - **گهر نہ ٽِڪاڻو هِڪڙو تَن جو ـ تہ بہ سُلطاني سُهاڳ،**
ماڻـنِ هَرِي هَر ۾.

5 - **ڳُرو مَرڻو نَاهي جَن جو ـ سي مَرندا ڪِين مُور هَانڳ،**
آهن مُلڪ اَمر ۾.

6 - **اُهـي "اَعـجازا" پَار اُنهـن جا ـ وَٽن ڏين سي لاَڳ،**

لاَهوتي مَوج لَهر ۾.

ٿلھ :جوڳي ھَٽي وِيا جَڙ ـ حَال جي ڪولي ھَڙ.

1 - سَادا سُودا ويس اُنـھن جاـ ڪَفنيون ڪُلاھ ڪَپڙ،
گيان گُنن سان ھَريا پَرياـ گاروڙين گودڙ،
اَھـڙين آريـن پَارين ھُئاسي ـ بِرھ بَچڻ جا پَڙ.

2 - ڪِينر سازي آواز تَن سان ـ ڏُومُن واري ڏَڙ،
سنڪ سِڱيون ۾ صُورن ڦوڪون ـ نَاد نَفيلون نَڙ،
لئہ لاَھوتين وَاري لَڳي ـ ڇَاتيءِ ۾ پَئي ڇَڙ.

3 - مَعنيٰ وَاري مُلڪ جا سَامي ـ وَاقف سُونھان سُتڙ،
ڪَڙوڪَڙي ۾ ڪَڙيو ڪَنو ٿيا ـ سَاھ ھَٽن سَلھَڙ،
شبد پڄن جي جَادوءَ جَڙ سان ـ ڪَاپڙين جي ڪَڙ.

4 - اَلک پُوڄارا اَديسي سي ـ وَنيو بِکيا جي اَڙ،
نَظر شما ڪَري نام جَپايئون ـ وَڏاوڏا ڪِيئون وَڙ،
اَعجاز "علي" آ گُرو ـ اُنھن جو لَڳيس، تَن جي لَڙ.

ٿلهه : جيجل جوڳين سَاڻ ـ آيل سَامن سَاڻُ

لاَشڪ مُنهنجي ـ لُنئڙي لَڳي وَئي.

1 **هَاري ٿَاري ٿَات ٿَني جي ـ ٿَن مَن تاڻو تاڻ.**

2 - **رَاتو ڏِينهان رُوح سِڪي پيو ـ صُورت وارن ڪَاڻ.**

3 - **آئون اُداسڻ جن لاءِ آهيان ـ موليٰ تن ڪي آڻ.**

4 - **ماري مهيسي مونکي هليا ـ تاڪ سُجا ڪري ٿاڻ.**

5 - **راحت راوڻ رِيءَ نہ اچي ٿي ـ ريجهه وٽي نہ رِهاڻ.**

6 - **عشق اُنهن جي منجهه "اَعجازا" پيئي پتوڙي پاڻ.**

ٿلهه :سَاميئڙن صُورت جو ڏِنو ڏس صَحي صَحي،
ڏوري سو ڏِس تون ڏيهه ڪما حق ڪَهي ڪَهي.

1 - **جوڳِي ويراڳِي جُوانَ ڪڍي جوڳ جُهدَ ڪَئين،**
وِيا مَعرفت جي مُلڪ ڏي وَهوا وَهي وَهي.

2 - **ڀِيا طَرف سَيئي تَرڪ ڪَري سَامي ڪَاپڙي،**
گُر ڪي ٽَا ڪن سَجود گوڏا سِر گهي گهي.

3 - **اوجَهڙ گهٽو اَٽاوا، ڀِيا گهاڙو گس مِڙئي،**
صُورت جو پَنڌ سَٽائو جي آ سِڪ صَحي صَحي.

4 - **پُورب سَندا تون پَار پَتا پُوريين ڪان پُڇ،**
پُورا سي ڏَسڙا ڏِيندئي پَر ۾ پَهي پَهي.

5 - **جَمنا گنگا جَاوي جو تَانگهي جر اورانگهي بر،**
لاَهوتي آيا لاَڳ لَولا ڪي لَهي لَهي.

6 - "اَعجاز" ڇَئي صُورت جي پُوڄارن جي ڪَر پُوڄا،

رَب رَام پَس اُنهن جي اَمر تي رَهي رَهي.

تلھ :آيل ڙي آديسين جي ـ مَاريس خَالي مَڙهين.

1 - **ڪين ڏِسان سي ڏيھ ۾ ـ جيڪي ڏِٺا اَکڙين.**

2 - **آڏي رات اُٿي وِيا ـ ڪو جو پُور چڙهين.**

3 - **ڪِين رَهايا ڪَاپڙي ـ مُنهن جي تان مِيڙين.**

4 - **جِيءِ "اَعجاز" اَلستئون ـ جِيڪس مُنهنجو جَڙين.**

ٿلھ : صُورت سَامين سَناسين جي، سَمايل آ سَندم سيني،

ڏُوريءِ ڪان دَرد جا دُونهان، دُکن پِيا دَم بَدم سيني.

1 - **وَٽي وَرتم وَکر وِرَهي، وِهايان وِرد جيان ويهي،**
اِيندا پَارڻ مُون پَر ڏيهي، پَسڻ پِيا پُون پَري ڪينهي.

2 - **مَجائي مَن هي مُرلين سان،مَچائي موج آ ديسين،**
مَندي مَندِ مُونکي پوءِ مُحبن-بَتايو بَاب بِرھ بيني.

3 - **سَچي سِڪ سَاڻ ڪَئي آ جن، اُڏوهي اَر نہ سِرو سِرتن،**
اوکر اوکا سيئي اُکرن، ڪاهي قابل قنذار ڪيني.

4 - **لُنگئون لُنگ پَاڪ لاَنگو تيا، لَڙي لَنگھيا جي لالَچ ڪان،**
ڪَنوتي ڪُوڙ پَڳا ڪَچ ڪان،"اَعجازا" عَھد آميني.

ٿلھ : آيو دُور دِس ڪان سوداگر ڪو سر جو،

ھَنيوسَين سَامي گھري دَان ڏُرِ جو.

1 - **نِڪي ناءُ نيشان نڪي نرم الائي-صفا صاف سودو پيو سر جو سٽائي،**
آھي مَرد مَانجھي پُڇائي تــو پِرَ جو.

2 - **اٿس ٻولي ٻي ڪائي سٽائي پيو سوائي-پنڻي پئسو نہ پائي ڪندو الوداعي،**
وني نيٺ ويندو ڇني وَر وَگر جو،

3 - **منھنجو ملڪ ملڪوت مُڪومون ڏي مولا-ڪيان ساھ سوگھا ڏيان ڏک ۽ ڏولا،**
حڪم ٿيو ھليس مان ھن ئي ويل ھينئر جو.

4 - **پيو سيء سين ۾ ڇانيو سِرَ سياٿو-رنو رت ٿي راٽين مٿان اپ ٿي ڦاٿو،**
وڌائين ورھ وڇوڙو "اَعجازا" عُمر جو.

باب ٽيون - سورميون

نوري جام تماچي

ٿلهه : سَما ڄام صَبح شام اچ مُنهن جي اوتاري،

آهين ڀاڳ تون سُهاڳ ٿاميس تُنهنجي نِظاري.

1 - **ڀَائي تاج سر سُڪاج ڪَر تُون راج ڪِينجهر تي،**
مَنجهان جود ڪر آسُود اَڙيا آب اَحمر تي،
ناچيز هيءِ ڪَنيز اِهو ٿي عَرض گذاري.

2 - **عَيبن دار آئون نِڪار مُنهنجي ڪِرت سَڀ ڪوجهي،**
آهيان اَناڙ ۽ آواڙ اَصل ڪان ٿي اَبوجهي،
اَهڙي حَال سان لَڄپال پيَيس تُنهنجي پَناري.

3 - **تُنهنجو عِشق عَطر مُشڪ مُنهنجي ڪَاڻ ٽِيڙو،**
حَج حُضور مَن مَسرور ڏِسي توکي مُون ڪَيڙو،
سَواءِ تو نه هِتي ڪو نه مُونکي ڀَاري سَنڀاري.

4 - **ڄَئي اَعجاز رَلي راز ٿاتو نِينهن نِڀائج،**
سَڄڻ سَائين تُون سَدائين مُنهن مُرڪي ڀَسائج،
مَحصول مَعاف ڪَر صَاف صُورت آءُ سِينگاري.

ٿلھ : تماچيءَ جي تڪئي تڙ تي - حُسن جي ھاڪ ھولي ھُئي،
پَساري پِرت وَاري جي - اُتي پَلپل پِرولي ھُئي.

1 - **ڪَليون ۾ ڪَونر ڪِينجھر جا - قَرار يا ڪُل ٻِنھِي ڪَنڌئين،**
مُعتِدل مُشڪ موتيي جي ڇَرُن ۾ ڇَاٽ ڇولي ھُئي.

2 - **اَمُلھ الماس انواري - اِلاھي اوج آنَند ھُئا،**
وائي وَر وَر وَصل وَاري - ٻُڌڻ ۾ بي نہ ٻولي ھُئي.

3 - **نِگاھون نيڻ پُر ڪيفي نِظارا نَاز آرايون،**
نِرالي نِينھن نَاتي سان - نُوريءَ جي نُور جَھولي ھُئي.

4 - **سَمي جي سَانگ سُلطاني - سَيئي سِر سَرفرازي ڪَيا،**
مَتا مِياٽين ۾ مَئيخانا - مَنجھن مَئي مَد جي لولي ھُئي.

5 - **شَاھاٽي شَان شَوڪت سان - شِڪاري شُغل شھسواريون،**
عَجب اَعجاز مَڏ مَڪڙا - عَجب اِسرار ڏولي ھُئي.

ٿلهه : تَنبو تَماچي ڄام جا - اَڇي ڪُتا آهن ڪِينجهر ڪِناري.

1 - **نِسنگ نِظارا نين لَڳي ويا - هَار سِينگار ڏِن رَين لَڳي ويا،**
ڏورا هَليا مَئي ڄام جا - وَڳا نُقارا وَصل جا وَاري.

2 - **ڄاٽي سُڄاٽي ڄَار گنيائين - عَيب دارن جا عار کنيائين،**
هَنئي مَلاحن هَام جا - پُوري سَمي کَئي سَاري سَنياري.

3 - **کنيا ٿي اڳ جَن کِکِيءَ جا کارا - اَڄن اُنهن مان عَنبر اوٻارا،**
گُل گُلزا يا تَنهن گَام جا - پِير گُهمايا جنهن ۾ پاڪ پِياري.

4 - **صُورت سَيّد جي سِيني سَمائي - جَانب آ سو جاءِ بَجائي،**
نَعرا هَنياسون تَنهن جي نام جا - پِرت اَعجازا اُهو ئي تو پَاري.

ٿلھ : آيو ڄام ٺَماڃي آيو ڙِي - ڳايو گيت خوشيءَ جا ڳايو ڙِي.

1 - **صُورت سِيرت منجھ سِين ڪان - ڄام سَمون آ سوايو ڙِي.**

2 - **ڀَائي لِيا ڪو ڀِرت مَنجھارئون - ڀِيارل ڀَاڻ ڀَسايو ڙِي.**

3 - **سَھسين شُڪرانا سائين جا - لايو ٽِيو آ سَڄايو ڙِي.**

4 - **ڪوجھيون ڪاريون ڪِينجھر وَاريون - ڪوٺي ڀِيو سو ڪَنايو ڙِي.**

5 - **رَهيل باقي رَنگ ھو جيڪو - راءَ اَڇي سو رَچايو ڙِي.**

6 - **ٿي اَعجاز مَعافي ھِت ھُت - ڀَئو نہ ڀِيو ڪو ڀانيو ڙِي.**

ٿلهہ : ٺَماڇي ڄام جي آئي - لَٿيون ٿوڪون لَڳيون نُوڪون،
سَجايو سَير سَمي جو ٿِيو - وَيون روڪون وَسيون جهوڪون.

1 - **چَڙهي نُوريءَ نِظاري تي - پَسڻ وَاري پَسارِي تي،**
نَچي نَوبت نَقاري تي - ظاهر ذَوئقون شاهي شَوقئون.

2 - **هَيرن جا هَار پائن ٿِيون - لِڱين سِر ڪَندِ لائن ٿِيون،**
مُهاڻيون ڏِس مَلهائن ٿِيون - مِليون مَوڪون مَندِل مُوڪون.

3 - **حُسن لاٽي هوري ڪوري - هَٽي رَمزون زوري زوري،**
چَشم چَقمَق چوري چوري - ڏِين چوڪُون پائن طَوقون.

4 - **سَمي جي سَار ٿِي ٽَڙ ٽَڙ - هَڪل هَر وَار ٿِي ٽَڙ ٽَڙ،**
اَعجازا ٺَار ٿِي ٽَڙ ٽَڙ - پَڪيون پَوڪُون سَايون سوڪُون.

سَسئي

ٿلهه : جَبل ڏي جَڏيءَ ڪي، جَتن جو ڪو ڏَسڙو،

ويا ڪاهي ڪرها، وڻِي ڪَهڙو گسڙو.

1 - **ڪَيان پَئي جَني ڪَاڻ، پَنڌ ۾ ڪَشالا،**

مِلن مَن اُهي مُون ، اَکين جا اُجالا،

مَران پوءِ اَڳِ ۾ ،ڪَريان مَن دَرَسِڙو.

2 - **جَڏهن ڪان اَگرُ ،لا تَقنُطُوا بُڌو مُون،**

تَڏهن ڪان چِڏي ور ،رکيو رُخ سِڌو مُون،

اتم هاڻ پڪ تان ،ڪندا هُو تَرسِڙو.

3 - **نہ ٿي مَاٺ ٿَئي، هِن مُنيءَ بي سَمَر ڪان،**

وجي دانهن نِڪريو ،اِها ئي نِڌر ڪان،

بِنا ڪنهن سبب جي ،ڦِٿائي وِيا رَسڙو.

4 - **لڳِيءَ دِل اَعجازا ،روليون ڪَئين رِڻن ۾،**

مُيون وَرَ ڪي ووڙي ،وِندر جي وَڻن ۾،

وِينيون ڪِينَ تِيسين ، پُڳن جِيسين وَسڙو.

ٿلهه : ڪيچي آوهان تي ناهي مَيار، ڪانهي مَيار،

آهي مَني ڪا قسمت مُنهنجي.

1 - **وَيني وَيني پاڻ تي وڏا ڪَيم ويچار،**
هُوند جاڳان ها جِيڏيون ڪانهِ ٿِيان هان ڏار.

2 - **هُيس نِياڳي نِندَ ۾، سُرت نه پِيڙم سَار،**
هَاٽي ڪَهڙي طَرح سان، ڪَريان ڪَيچن جي ڪُوار.

3 - **مُنهنجي پَنيور ڪان بَس آ، ڏاران وَرَ پيتار،**
ڪَندي وِيندس ڪَيچ ڏي، سَرتيون هيءَ ٽنوار.

4 - **آهن اِهي اَعجاز چَئي، اَمُر لِکئي جا پار،**
هاڙهي منجهه هَجان پئي، پائي هَنجُن جا هار.

ٿلهہ :آهيان ذات جَتن جي گولي اَديون - ڪَئي ٻَال جَتِيءَ ڪان مُون ٻَولي اَديون.

1 - **لَڳو عِشق اَزل ڪان مون ڱگهيرن جو - ڪونهي ڏوھ اُنن ۾ ڏيرن جو،**
هي ڪَم آ قُدرتي ڦيرن جو - جَن روهَن ۾ آٽي رولي اَديون.

2 - **سُنهن سَاڪ سان آهي هي ڳالهہ صحي - مون کي ماڳ وٽن تا هاڻ نہ هِي،**
وِيندس هِڪڙي ڄَٽي ڪَيچن ڏانهن ڪَهي - گُهرجي ڪانہ مونکي هَم جَولي اَديون.

3 - **سِڪ ساڻ ڪري ڏونگر ڏوريندس - وَجي وَر تہ وِندر ۾ ووڙيندس،**
جِند جان جُهري تان جهوريندس - مَرُ ٿَئي ليڙون لڪن ۾ چولي اَديون.

4 - **مَنُ مُون تہ مَنيءِ جو ٿَرندو ٿَڌهن - آري ڄام آڱڻ تي اِيندو جَڏهن،**
اِهو ڏِينهن اَعجاز ٿيندو ڪَڏهن - ڪَنديس هوتن سان ڳَڏ هَولي اَديون.

ٽلهه :ڪَئي ڪانهه ڪَيچن وَري ڪا وَرڻ جي - هَٽي جَڙ هَليا ويا مُنيءَ ڪي مرڻ جي.

1 - **پُڇان تي لُڇان تي جَلان تي جَتن لاءَ - اَديون آئون آيس اُتَرِبَن ۾ اُن لاءِ،**
وِيمَ سُرت تَڏهين صَبر سُک ڪَرڻ جي.

2 - **ڏِينهُون ڏِينهن ڏُک نَئون ڏِنو مُون ڏونگر ۾ - آهيان هاڙهي ڪاڙهي ۾ هاجي حَشر ۾،**
لَڳي ڪَانڌ ڪارڻ ڳاروٽي ڳرڻ ۾.

3 - **وَاجهايان پئي وَاٽون نِهاريان پئي نِرمل - پَوي مَن نظر تي پنهون پاڪ پِرمل،**
ڪَيان پيٽ اُن دَم پيرين سِر ڌَرڻ جي.

4 - **ٺَڪيس ڏوري ٿر بر وِندر چا هي وَر وَر - اَچي مل اَعجاز ڪي هَاٽي هوت رَهبر،**
هِمّت ڏِينم هَادي قَدم دَم پَرڻ جي.

ٿلھ : **ڏُونگر ڏورڻ ڏِينم - وِندر ووڙڻ ڏِينم - جِيجل جَھل پَل ڪِيم جَڏيءَ ڪي.**

1 - **ھَوت پُنھل تان گھڙي گھڙي ۾ - گھر سِر گھورڻ ڏِينم.**

2 - **جَانب ڪَارڻ ھِن تہ جَبل ۾ - جِيئرو جھورڻ ڏِينم.**

3 - **قُرب انھيءَ ۾ ڪَنڌ ڪُلھن تان - ڪَپڻ ڪورڻ ڏِينم.**

4 -**آري سان اَعجاز عَلي چئي - اَندر اَورڻ ڏِينم.**

ٿلهه : ياد پَوي ٿو هَر هَر مُونکي - پَل پل پَنهِنجو آري جام،

سِڪ سَڄڻ جي ڪيو سَودائي - سُک ڦِٽو ٿي ننڊ حَرام.

1 - **الف آڏي جو اُٺ اُٺاري - بي ته ڪَري وِيا پِينگ پَنيور،**
تي ته ٽَڪڙ مان توڏا ٽِڪيائون - ٿي ته صفا ٿي مُون کان زور،
جِيم جَتن جي جَاڙ ٿي مَاري - حي ته ڪَنديس مان حَشر حَشام.

2 - **خي ته خوُني خَفقان لَڳي وِيو - دال دِلاور دوست ڪاڻ،**
ذَال ذَري ذَري نام آري جو - ري نه وَڻِ پِي رِيجهه رهاڻ،
زي ته آهيان مان ظاهر تنهنجي - سِين ڪيو دِل جَنهن کي سَلام.

3 - **شين شُڪر ڪَيم صاد سَين سان - ضاد آ منهنجو زَور ضَمان،**
طي سان طالب ٿِي جا حَق جي - ظي ته ذَرو ٿئي تَنهن جو زِيان،
عِين عَلي آهي عَاصين اَوڏو - غَين لاهيندو غَم غَمام.

4 - **في ته ڦَٽيءِ کي فرحت اِيندي - قاف قِيامت تائين ڪَانهه،**
ڪاف ڪَنديس پَئي تِيسين ڪَشالا - لام لکن ۾ لوئي جان،
مِيم ته مِلندم مَحرم مَن جو - نُون نِجو ٿي صُبح شَام.

5 - وَاوُ وَريا ڄَڻ وَاءَ وِصالي - هي نہ هاٽي دِل هيٽي ٻول،
لام لَڳل آ جَنهن جي لَوري - اَلف اَعجاز ايندو سو ڏول،
يي تہ يقيناً ياقي ٽِيندو - يَار پِرين سو مُحب مُدام.

ٿلهہ : مُنهنجو نِينهن نہ ڪوڙي پير - ٿَرسي ڪير ڙي،

پينر شهر پَنپور ۾.

1 - **اَرڏو عِشق ڪَيچن جو - ڏان ڏان ڪَري دَلير.**

2 - **مون لئہ لِکِيَئُون ميثاق ڪان - هَاڙهي جو سَفر سَير.**

3 - **سِڪ جي آڏو آ لَحظو لَمحو - سَارو سَخت سُمير.**

4 - **يَاد پَيم ڪو يار پُنهل جو - مَن مَوهيندڙ پَير.**

5 - **اَڄ سُونهَنِ سان اَعجاز چَئي - حامي آ حَيدر شَير.**

ٿلهہ هِيٽيءَ جو ناهي حال - ٻاجهہ ڪجان ڪا يار ٻاروچا.

1 - **ڏُونگر ڏوريان ڏوريو ٿاڪيس - اَوکو آ پنڌ ڪَشال.**

2 - **ڪُوڙ ڪَمايو ڪُوڙ پَئي ڪاوان - اَهڙو اَٿم اَفعالُ.**

3 - **اُپٿين مَتان مُنهنجا عَيب اَگلا - سَڀ ڏِينهن توکي آ سَوالُ.**

4 - **جَهڙي تَهڙي حال سان - پَرتيس توکي لَڄپال.**

5 - **آهين اَعجاز جو تُون ئي سَهارو – لاهہ هجر جو ڪَال.**

ٿلهہ : هَوت پُنهل اچ هاڻ ، ڪَر ڪا رِهاڻ،رِڻ ۾ رُليءِ سان، بَر ۾ ڀُليءِ سان.

1 - **ڪَاف ڪشالا ڏُک ڏَولاوا - سِر ڪَيم تو ڪاڻ.**

2 - **اَوڳي اَجاڻِي آئون آهيان - ڪَانهيم جَاڻ پَڇاڻ.**

3 - **وِندر ووڙيندي ڏُونگر ڏَوريندي - آيم تُنهنجي اولاڻ.**

4 - **عِجز سان اَعجاز عَلي چَئي - اَوري اُنڙا آڻ.**

ٿلهہ : هِڪ ڪَئي جَتن جاڙاِ، اَو جَبلڙا - !پِيو تو نہ ڪَيڙو تَرس مُون مُنيء تي.

1 - ڏاڍا ڏير هُئا جَهل نہ ڪَنهنجي جَهليا،
ڇَڏي ڇوري ڪَري ڇِني ساٿ هَليا،
آئون ڏيان چاڪي اَوهاڙ، او جَبلڙا!.

2 - سَهسين ڪيم سڏڙا وِيا سي نَٽا وَرن،
اَنهي سَبب ڪان نِت پيا چاڪ چِڪن،
رَويو ڪَيان ريهاڙ، اَو جَبلڙا!.

3 - مُنهَن جا مِنا تي مُون سان مِنڙيون ٻوليون ٻولي،
ڇَلي ويا ڇَورن جِيئن لائي ڇِٽنگ ڇَولي،
ڏُکي ٿِيا پَوءِ ڏُونهاڙ، اَو جَبلڙا!.

4 - هَٿندي هَاڻ نہ هَڏ هِتئون جَڏي هيء،
اَڳي پوءِ اَعجاز ڇَئي مَنهنجي آريء ريء،
نَاهي پُٺ ڪا پاڙ، اَو جَبلڙا!.
پِيو تو نہ ڪَيڙو تَرس مُون مُنيءَ تي.

ٿلهه : سَاري چونہ سَجڻ کي - مُئينءَ ٿُون مُنيءَ،

جِيئري آهين اَجان - نَاهِين قُرب ڪُني.

1 - **ڪَر ترڪ سَندو گهر تَڙ ڙي تَتي - ڳِنڍِ هَوت پُنهل ۾ پوءَ پَتِي،**
ٻڌي سَندرو ثابوتي تي ٿُون سَتِي - ڏي نہ ڀَاڳُ پَنهنجي کي پاڻ پُنِي.

2 - **تَوتي فَرض آهي هَڻ نَعرو حَقي - نِسري تِيءُ نِسنگ دَعويٰ نہ ڪَر نہ لِڪي،**
ڪَچي ڪانہ هَلي رَک پِرت پَڪِي - سچي آهي اُها جا وئي اَمرُ وَني.

3 - **هُو پاري نہ پاري ٿُون پَار اُتي - هُو ساري نہ ساري ٿُون سَار اُتي،**
ڇَڏ آڏِ وَڏائي، ٻِيائي ٻار اُتي - وَعدو ڪِيم وِسار اَتئي صَلاح سُني.

4 - **ڇَو تي پُنتي پَوين ٿُون ڪُسڪي ڪَنبي - سِر سوريءَ لاءَ ڪَر تيار تنبي،**
جِن نَاتو نِيايو نَچي ۽ پَنبِي - تَن تي مِهر مَوليٰ جي اَعجاز اُني.

ٿلھ : سِر جو سَانگو لاھ - ڪَيچ ڏي ڪَاھ

سَاھ مِنو ٿا ڪَر سَسئي.

1 - **وَيلا وَيساهيون ڪَر نہ وِچ تي - وِک ڪي اَڳتي واھ،**
سَاھ مِنو ٿا ڪَر سَسئي.

2 - **سَاتَ ڏَٺي سَرخيل جي -صُورت سَاڻ سَنباھ،**
سَاھ مِنو ٿا ڪَر سَسئي.

3 - **تُنهنجي ٻَاب ڀَنڀور ۾ - ٻَاري ٻَلوچن ٻَاھ،**
سَاھ مِنو ٿا ڪَر سَسئي.

4 - **آرِيءِ رِيءِ اَعجاز چَئي - آسرو ڪَنهنجو نہ چاھ،**
سَاھ مِنو ٿا ڪَر سَسئي.

تلهه :وَسُ هَليو ڪونہ وَسُ اَلا -پيرين آئون نہ پُڄيس اَلا

وِيندڙ مونکان وِيندي رَهيا.

1 - **ڪَرها هن تہ ڪَنيز ڪان - لَڪ لَنگهي وِيا لَس اَلاءِ**

هَوت پُنهل مُنهنجو نِيندي رَهيا.

2 - **حَال مُنهنجي هِن هَيٺي تي - تِل نہ ڪَيائون تَرس اَلاءِ**

ڏُک تہ ڏُکي کي ڏِيندي رَهيا.

3 - **جَانب چِنائونم جِيئري - جَتن کي هُجي جَس اَلاءِ**

چوري چِپر ۾ ڇَڏيندي رَهيا.

4 - **سُڏڪا پَري سَرواڻن کي - سَڏڙا ڪَيم سَرس اَلاءِ**

مُنهڙو مُونکان مَٽيندي رَهيا.

5 - **رُلي رَوهن وِچ ۾ - رُئندي رَوز رَهيس اَلاءِ**

ڏِکر آنڊيون اِيندي رَهيا.

6 - آري جو تہ اَعجاز چَئي - وَڻ تِڻ ڏيندم ڏَس اَلا،

اَتت اُهيئي ڏِيندي رَهيا.

تلھہ : ھِيئن نہ ھُيس آئون اڳ ڙي اَديون - ھَاٽي ڪَيَس ھھڙي نِينھن نِھوڙي اَلا.

1 - **ھِن تہ اَباڙي حَال مُنھنجي تي - چَترون ڪَري پَلي جَڳ ڙي اَديون،**
ھَوش وِڃايم وِرھہ وِڇوڙي اَلا.

2 - **دَوست ڪَارڻ ٽِيس دِيواني - وَني دائم وِينيس دڳ ڙي اَديون،**
لِڳ لاڳاپا پِيا لَوڙھي اَلا.

3 - **پَڪ ڄاڻو اَوھين پَاڙي واريون - پُنتي نہ پَائينيدس پَڳ ڙي اَديون،**
پِرت پارينيدس پَاڻ پَتوڙي اَلا.

4 - **اَتم اُميدون شاھہ اَعجازا - وَاري اِينيدس وَڳ ڙي اَديون،**
وَر وَراڪا وِندر جا وَوڙي اَلا.

ٿلهه : هَوت پِرين هِڪ وَاري ،ڏي دِلداري، ٻَاروچا ٻَانهيءَ کي.

1 - **آهي تُنهنجي آسري وِيني هِتي وِيچاري**

2 - **ڪَونهي ڪَميٽي جو ٻِيو ،تُو ري تَڪيو تاري.**

3 - **ڏَيئي ڏِيڪاري لاهه ڏُکئيءِ تان، اَهنجن جي اَنڌاري.**

4 - **پنهنجي جي پَسايَئي جا پاڙهي پِيارا، سا صُرت مُون نہ وِساري.**

5 - **اَتم اَجان تائين ياد تُنهن جي جَهندي جي جَهلڪاري.**

6 - **بخش خطائون بدڪار کي، تو در تَوبَهہ زَاري.**

7 - **سَيّد سائين صَاحب سُنت جاءِ سَجڻ ڪر سَرداري.**

8 - **ٻَيراهي لاءِ ٻَهلول چَوي، مَوت مِنا مَهندارِي.**

ٿلهہ : ڪِيڏهن تُنهنجو پَنڌ - ڪِيڏهن ڏَسُ گسُ ڪَيچ جو.

1- **سَڀ ڪي ڄاتئي غَير پُنهون جو - اِئين تہ وِڄايئي پير پُنهون جو،**
ڏار نہ اَيڏو اَنڌ.

2- **جِيڏهن مُنهن ۾ مُهاڙ نہ تُنهنجي - طَلب تَلاش ۾ تَاڙ نہ تُنهنجي،**
ووڙ وجي وري سو هنڌ.

3- **وَاٽ وِڃائي ڪُواٽ سان وڃ تون - مامر منهنجي هيءَ مَن سان مَڃ تون،**
صُورت اڳيان ناءِ ڪَنڌ.

4- **تُبصر واري رَمز سَچي ٿِئي - ڪُل ٻي اَعجاز ڇَئي ڪَهت ڪَچي ٿِئي،**
قولهہ سندو سَنڌ سَنڌ.

تلهہ : ڪَاتہ اَتم ڙي ڪَاڻ - سُهمان سَهان تي هَوت پُنهونء لاءِ.

1 - **وَرڻ واري وَيل جا وِيئي - پُنتي وَران چو هَاڻ،**
ڪَهيو ڪَهان تي هَوت پُنهونء لاءِ.

2 - **هَيڏن وِيرين وِچ ۾ - پَرور جي پَهري سَاڻ،**
جِيئري رهان تي هَوت پُنهونء لاءِ.

3 - **حَال سَودائي جَاءِ نہ جِيئرو - پَلپل پاڻهي پَاڻ،**
ڍَهان نَهان تي هَوت پُنهونء لاءِ.

4 - **مانَ لڳي ڪو لِياڪِڙو - پسان سِر سرواڻ،**
پُورَ پَهان تي هَوت پُنهونء لاءِ.

6 - **الله سائين اَعجاز چَئي - آرياڻيء ڪي آڻ،**
چِرڪ لَهان تي هَوت پُنهونء لاءِ.

تلهہ : ڪُني هيءَ جا ڪيچن مُني ڪيئن ڪري ڙي،

نَڪا تي جِيئي سا، نڪا تي مَري ڙي.

1 - **اَديون اَڏ ڪُنل جو - اَهڙو حال آهي،**
سُڪن جو سَڙيءَ وَٽ - ڦَحطُ ڪال آهي،
رُڳو سُور سَختيون - ڇَريو پَئي ڇَري ڙي.

2 - **وَهائِي وِلهيءِ تي - اِها سِير تَقدير،**
اَبوجهي اَوڳيءِ جي - هَلي ڪانہ تَدبير،
آئي عِشق ظَالم - جي آوَر اَري ڙي.

3 - **اُداسڻ سَودائڻ - وِير اڳڻ ويچاري،**
روئي زارو زاري - آيس بار باري،
بِنان هوت هاٽي - ڪَهڙي پَر پَري ڙي.

4 - **حَمايت عَليءِ جي ٿَڪِيءَ سَاڻ ٿِيندي،**
وَري ور وَرائي - پُلي ياڻ اِيندي،
اَعجازا آسائتڻ - ائين نَا وَري ڙي.

تلهہ : ڪَيچن وَجي ڪَيچ وَسايو - آئون ڪاڙهن ۾ پَئي ڪَڙهان،
سَنجهي سَاجهر مُون نہ سَنڀاريو - هَاڻ سَڙيو تي سَڙان.

1 - **ڪَڪرا ڪَوسا تڪر ٿامو - لُڪون جهولا لَڳن سامهون،**
مِرون هاڙهي جا ڪَن هاڳامون - ڪَيڏهن رِڙهي رڙهان.

2 - **جَبل اَوچا پَنڌ اَٽائو - سائين ڪَري شل سَٺائو،**
ڏير ڏيئي ويا ڏُک ڏوَلائو - هَڏئون پَنهنجي هَڙان.

3 - **جَهوري اِنهي ڪَيم جُهور - وِرهہ هَٽي سي وِيا وَهلور،**
چَلڻ ڪان آئون ٿيڙس چُور - ڪِيئن چاڙهيڪين چَڙهان.

4 - **آئون تہ اَعجازا آهون پَريو - مَريو وَجان ٿي ڳَچ ڳَريو،**
ياد ڪَوهيارَل ڪَيچي ڪَريو - رَندن مَٿي پَئي رَڙان.

ٿلهه : **آءٌ آرياڻي اوري - سَگهان نہ ڏوري - تو ريءَ ڏُونگر ڀَٽيون.**

1- **جَهولن جهانڪن جَل جَبل جي - جِيء جِگر وڌو جهوري.**

2- **ڀَاڻ سُجاڻج ڀَنهنجو ڀِيارل - ڀَنهنجي ڀَلائي ٿوري.**

3- **مُون تہ نِڌر ڪان ڀَنڌ نہ نِبري - تَوڙي هليس سِر گهوري.**

4- **آهون دانهون هي تہ ڪَرايم - بار بِرهه جي ڳوري.**

5- **آندم اَعجازا هاڙهي حَب ۾ - ظُلم جَتن جي زوري.**

ٿلهہ : ٻَاروچل لايم ٻَاڻ - ڪَشي ڪان ڪَماڻ - مَاري مُونکي هَليو ديد دنالي ساڻ.

1 - **پَائي ڪَجل ڏَار، مَوهيم مِنٺڙي يار - هَٽي تير هَزار ڇُليو ڪري نہ ڇاڻ.**

2 - **هِيڏا ٿِيڙم حال، ڏَاڍا ڪَيم ڪَشال - مِلي هوت مُون شَال،اَتم تَنهن جو اولاڻ.**

3 - **ڏُسڪان ڏُونگر ڏُوريان، ڇِندڙي پَنهنجي ڇَهوريان- گهوريو سِرڙو گهوريان، پَوي مَن پِرياڻ.**

4 - **هَردم ٿي هيهات، صَبر ناهي سَانت - وِرهہ وائي وَات، ڪَيچئيڙن جي ڪَاڻ.**

5 - **اَڪين سان اَعجاز، ڏِسان مَحرم راز - ساڳِيا اُنڙا ساز، سَرخيل سَرواڻ.**

ٿلهہ : دِل تان ڪانڌ ڪَوهيارو نہ لاهينديس،

تنهن سان ناتو نِينهن نِڀائيِنديس.

1 - **صُورت هوت پُنهل جي ساڻ ڪَري،**
وِيندس ترڪ پَنيور جا ياڻ ڪَري،
پٿون پهڻن ساڻ پَنهنجو پاڻ ڪَري،
قُربئون ڪَيچ وڻن ڏي ڪاهينديس.

2 - **مُون سان سرتي ساهيڙي ڪا هَلي نہ هَلي،**
هَلي تَتي جبل ۾ ڪا جَلي نہ جَلي،
پَنهنجا سانگا سَپيئي ڪا پَلي نہ پَلي،
آئون تہ لُڙڪ لَڪن ۾ واهينديس.

3 - **ڏِني ڪانہ ڪَنهِين مُون سان جا تِي اديون،**
جاڙي سائين رَبّ سِر جو ساٿي اَديون،
تہ بہ ڏاگهن ڏيرن ڪَريان دُعا ٿي اَديون،
تَن سان سِينو نہ ڪَڏهين سَاهينديس.

4 - ڪَندو ڪَرم ڪُوهيارو ڪيچ ڏَٽي،
هِن ڇوري ڇِني ڏي نِيڻ ڪٽي،
ٿِيندو سَاٽي اَعجاز آهيان هِڪڙي جَٽي،
تَنهنکي رُوح اَکين ۾ رَاهيندِيس.

ٿلهہ : وَوڙي وَوڙي ٺڪيس وَڻ واهڻ - او وَري آ ٻاروچل وَري آ ڙي يار.

1 - **هَلڻ چَلڻ ڪان چُور جو ٿِيڙس - مُنهنجا پير چِنا پَٻ پاهڻ،**
ڪَري تورو پَلا ٿُون سِري آ ڙي يار.

2 - **مُون ڪان هوت پُنهل جي مَحبت ۾ - وِيو وِسري اَرٽ ۽ آتڻ،**
تَڏهن لوڪ چَوي پَيو هيءُ چَري آ ڙي يار.

3 - **ڏِنم نہ وِيندي ڏيرن ڪي - نہ تہ ڪَرها نہ ڏِيان ها ڪَاهڻ،**
اِها نِندِ آڏو مُونکي ڦِري آ ڙي يار.

4 - **آريءَ سَاڻ اَعجاز چوي - مُون تہ چِڏي ڏِنو آ سينو ساهڻ،**
دِل ڏَاڍو تَوَڏ ڪان ڏَري آ ڙي يار.

ٿلهہ : مُونکي رُئاري رَتُ اَلا - ڪَرها ڪيچن ڪاهيا.

1 - **ايڏي سِتاٽي سَفر جوء مونکي نہ پِيو ڪو اَتُ اَلا - ڪَرها ڪيچن ڪاهيا.**

2 - **نَڪي ڏِنائون موت مُون نَڪي ڏِنائون مُهت اَلا - ڪَرها ڪيچن ڪاهيا.**

3 - **سَرواٽن جي سُور جو دِل ۾ سمايو دَرخت اَلا - ڪَرها ڪيچن ڪاهيا.**

4 - **جَشن مَلهايان جيڏيون جِيئري مِليم جي جَت اَلا - ڪَرها ڪيچن ڪاهيا.**

5 - **اِيندو آرياٽي اَعجاز چَوي ڪَري ڏُکي تي ڏَت اَلا - ڪَرها ڪيچن ڪاهيا.**

ٿلهه : هَوت پُنهل تو ريءِ ، ڪنهن سان ڪنديس آئون رُوح رِهاڻيون.

1 - **مون سان لائي دل ۾ ديدون، ڪيچ وڃي ڪَيون توجي عيدون،**
ڪيئن گذاريندي هيءِ، اکيون ڪٽي هِت کُهليون ڪاٽيون.

2 - **حال ڏسي تون پال ڪرين ها، وانديءِ وِلهيءِ ڏي وَهلو ورين ها،**
پُرس پريمي پِيءِ، پرت ڪيون تنهنجي مون سان پڄاڻيون.

3 - **لَڪ اَويڙا واءُ ۾ واري، بارَ بِرهه جا بَرسِر باري،**
جَهد ڪَييا جذي جيءُ، تنهن جون سنياري قرب ڪهاڻيون.

4 - **سُڻ ڪيچي ڪامل مُنهنجون پڪارون ، موڙ اَعجاز چَئي مَين مُهارون،**
هِيءِ ڏوبڻ سمجهي ڏِيءِ ، ڪر نه اڪئين وڃي ڪيچ ڪيچاڻيون.

ليلان چَنيسر

ٿلهه : سَرتيون اَوهين ڏِيو ڏس مُونکي - آئون ڪيئن ريجهايان پَنهنجي يار کي.

1 - **ڪَانڌ ڏِنيون کي مُون ۾ ڪَچايون،جيڪس ڪري ويو تڏهن جُدايون،**
جَهوري انهي ۾ پيو جِيءَ جُکي ،من بَخشي بَديون مُون بدڪار کي.

2 - **پِرين پرچائڻ لاءِ پَهه پَچايم، هزارين حِيلا هُنر هَلايم،**
ڏُک ڏُهاڳ ۾ پِيو ڏِيل ڏُکي، نَتو سَڄڻ سُٺي هِن سَڏ تَنوار کي.

3 - **يار ڪَري وينيس آئون جي رُسڻو، تَنهن جي اَڳيان پيم هَر هَر ڪُسڻو،**
دَرد اِهو ئي پيو دِل ۾ دُکي، وِيو وِرهه وڪوڙي مُنهنجي وَار وَار کي.

4 - **عَبَسَ وَتَوَليٰ پَر آ عَجيبن، ڪير اَعجازا چَوي قَريبن،**
رَٿ رُئاڙيم رُخ رُکي، ڪُجهه چئي نه سگهان آئون سَامهون يُتار کي.

مارئي

ٿلهہ : خَبرون ڪاهڙ جُون، ڪانگل مُون سان ڪر،

ڪَڏهن اِيندمر مارو، ڪَڏهن نِيندمر ٿر.

1 - **ڪٿي مارو مال،ڪٿي پڪڙا پال،ڪٿي جالين جال،ڪٿي ڦيرين ڦَرَ.**

2 - **آهيان آئون اُداسڙ، پَلر جي پِياسڙ،ڪَيس بَند بِيراڳڻ،پَهچان ڪَهڙي پَر.**

3 - **سَرتيون سَي سَڱر ۾ ، وِهسن پنهنجي وَڳر ۾، مَارو خُوش موهر ۾، آئون قَيد اَندر.**

4 - **ساريو نيڻ سِڪن، جُهاتيون پايو جِهجَن ، راتو ڏِينهن رهن،طلب اِنهي ۾ ٿَر.**

5- **اَعجازا اَو سارِيان، اَندر ڪي اُجاريان، وَڃن ڪين وِساريان، پَسي زِيور زَر.**

ٿلهه : سانگي لَڏي وِيا ڪَنهن سانگ ڙِي - مُونکي ماري مارن جي تانگهه ڙِي.

1 -**قَيد قضا جو بَند قَرارو - ڇَوڻ ڇَلڻ جو ناهي چارو،**
ڦاٿيس هَنڌ اَڙانگ ڙِي.

2 -**سِڪي گُذاريم هيءَ مُند ساري - ڪَنهن نہ آندي ڪا دِلداري،**
ڪيئي اُڏايم ڪَانگ ڙِي.

3 - **سُون مُهرون هِيرا جَواهر - زِمرد زَريون زَربَفت زِيور،**
سَڀ پَانئيان تي ٿَانگ ڙِي.

4 - **مَاري آهيان هِن مَامري - اَعجاز اَباڻي آسري،**
مُون نہ سِينگاري مَانگ ڙِي.

ٿلهه : ڪِين وَريا وَلهار ڏَاڍا ڏِينهڙا وِڏائون،

ڏِينهنڙا وِڏائون، ڪَل نہ لَڌائون.

1 - **جيڪس عُمر سان صَلاحي ٿِيڙا، مُنهنجا سَانگي سَنگهار،**

ڳاري ساههِ ڳِڏائون ،ڪَل نہ لَڌائون.

2 – **ڏِيئي ٻاٻيسيون ٻاروتڻ ڪان، پُرنيئون سان پنهوار،**

ٻِيڙو ٻانهن ٻَڌائون ،ڪَل نہ لَڌائون.

3 - **مُون ڏي مَيارون مارن مُڪيون، مُنهنجي بہ آهي مَيار،**

مُون سان رُوح نہ رُڌائون ڪَل نہ لَڌائون.

4 - **اَٿم اَعجاز جهوري جَانگين،اِيندا ڪَهڙي وَار،**

مُنهنجون سُٺي صَدائون، ڪَل نہ لَڌائون.

ٿلھ :مِينھن وَنا ھُت مَوڪ ، مُلڪ مَارن جو ماڪي ماڪي.

1 - **آئون اُھو ڪِيئن مُلڪ وِساريان، نِيئر لَوڏي تَنھن ڪي اُجاريان،**
جِيءِ سان اُھي جر جھوڪ، سَاريو سَاريان ساڪي ساڪي.

2 - **پَٽ پَٽيھر ھي تہ وَبالي، لَبر لِيڙون ھُو لَجپالي،**
لَس اُتي جا لوڪ، لَويون اَوڏين تا لاڪي لاڪي.

3 - **هِيئنڙا پِيار ھِر ھيڪ اُنھن جا، چيلا چَرن چُڙ چَيڪ اُنھن جا،**
رَندِ نڪا ڀي روڪ، رَبَ اَٿن ٻَس راڪي راڪي.

4 - **سُرھا ساوا پَٽ ۾ پونا، مَڪ مانڌاڻا مُڱ ۾ مونا،**
ٿر جا عَجب سَيِ ٿوڪ، ڳالھ سَچي مُون آڪي آڪي.

5 - **اَعجاز چَئي آئون آھيان تَن جِي، رِيت رَسم ھيءَ آھي جَن جِي،**
ڳگھرريون گھڙا سِر ٻوڪ، مِنيون پُڪارون باڪي باڪي.

ٽلهه : اَتم ٽانگهه تَن ۾ اَباڻي وَطن جي ، وَساريان نه وِسري ٻهاري پِٽن جي.

1 - **ڪَڙهيو ڪوٽ هِن ۾ هَنجون روز هاريان، سِڪيو روز سُڏڪيو سَنگهارن ڪي ساريان،**
سَندم ساهه هُت آ، هِتي مُٺ هَڏن جي.

2 - **هُيون ڪِين پِر پيي پَسِي هنڌ هِندورا، نه پاتم نه پايان جهومڪ هار جورا،**
نه خوشبوءِ وَٽي تَنهن مُشڪ خُتن جي.

3 - **عُمر آئون چا ڄاڻان مَنجهان اَنب انجيرن، پُسي ڪاڄ مُنهنجو پِيئڻ ڪي پنيرن،**
پِياسڻ آهيان بس، پُلر پِس پَڪن جي.

4 - **مَڪڻ تيل سُرها اَچا عام اَوڍڻ، ڪَنين سُون سَنگهرون هَٿين سِيم و ڪَنگڻ،**
اِها پَرِ ڏنيم هِت اچي مَرد وزَن جي.

5 - **ظُلم جي زَنجيرن زَهر زندگي ڪَئي،صَبر سَانت ناهي مَران بَند ۾ پَئي،**
حَقيقت اِها آ هِجر جي حُزن جي.

6 - هُتي وَرُ چَڏي هِت وهان سيج تي ڪِيئن،مَتيان سيڻ پَنهنجا ڪُوڙي هيج تي ڪِيئن،

لُٽي ٿي نہ مُون ڪان، ائين لَڄ لڪن جي.

7 - ڪَري غور حاڪم سَندو ڳڻ قَدم ٿُون، حرس ۽ حَوَس ۾ پئي هَڻ نہ دَمُ ٿُون،

سَدائين نہ هُوندي ڪا ساري سَگهن جي.

8 - مُندائتا وسڻ مِينهَن هُت موٽي آيا،ڪاهڙ پاسي ڪنوٽين ڪِڙي ڪيل لايا،

اُتي بُوند ٽَر بَر مَٿِي رُوءِ بَن جي.

9 - مِلان مان مارُن وجي بَا امانت،پَسان شال پَنهن جي سَڳر ڪي سَلامت،

نَرن نيڻ بَئي پوءِ لَهي مُونجهہ من جي.

10-اڳِي پوءَ اَعجاز الله آ اَڙي جو،سَتر سَيلُ ثابت سو رَکندو سَڙيءَ جو،

مُلڪ موٽي ڏُئيندِيس مِٽي مَرُ بَدن جي.

ٿلهه : پَلي وَس ٿُون بادل - ويڙهيچن جي ويڙهي،
مَدِم ساز سَرگم - طَبل تان ڇَيڙي.

1 - **ڇَيڙي سُر سُريلا - لائي رَس رَسيلا،**
ڪَجان بَرسي بيحد - وَسڻ سَاڻ حِيلا،
ڏِجانِ حال مُنهنجو - مِڙئي مَارو ميڙي.

2 - **پَلر پَاڪ پَلٽي - پِياسن پِيارج،**
وَسي جُوءِ جانگهين جي - ساري سينگارج،
سانگي سانگِي مَن ڪَنهن - اَچي ٿِين نيڙي.

3 - **بَندياڻي جو بَند ۾ - بلو ناهه پِيو ڪو،**
نَڪي ڪانگ قَاصد - نہ هَڏڏوڪي ٿِيو ڪو،
نَڪي مَارو آيا - روڪيا رَاز ڪَهڙي.

4 - **مُنهنجا نج سَنيها - مُنهن جي وَر وَڳر کي،**
اُتان ڪا اَعجاز ڇَئي - آڻي خُوش خَبر ڏي،
مُنهنجو جِيءُ عُمر جي - جَهوريو جَهٽڪ جهيڙي.

ٿلهہ :پِرھ آيم پانڌيئڙو - پَنهوارن جي پار جو،
ساري ڏِنئين سَنيهَڙو - سانگي ڄام سَنگهار جو.

1 - **ڇَيائين آس نہ لاهجان نِيئَرن ۾ نِنهن نِباهجان،**
ڇَندن مُشڪ نہ ڇاهِجان رَڪجان پَرم اِقرار جو.

2 - **عُمر ڏُک ڪَئين ڏِيندُئي - پيڙي هَڏ پِيڙيندُئي،**
اُٿي وَيني آڇيندئي - سَامان هار سينگار جو.

3 - **مِينهن لايو هُت لَقاءَ - پِپون پَڪا پيرون پَڪا،**
ڪِيم اَچيم هِت ٽِڪاءَ - پيغام مِليمُ پِيار جو.

4 - **قَاصد پَانڌي اونيءِ تان - سِرُ گهوريان تَنهن ڳُونيءِ تان،**
لَهي حَرَفُ مَن لُونيءِ تان - اَعجاز ڇَئي مَيار جو.

ٿلهه :مَنَهَن مَڏ مارن جا ،چَنا مُون نہ وِسرن،
پَڪيون پوڪون آيون، ڳنا مُون نہ وِسرن.

1 - ڪَريان ڳالهيون ڪَهڙيون ،عُمر آئون ٿَر جون،
عَجب شاديون آهن، عَجب لائون ٿَر جون،
اُتي جون وَنيون ۽ ،وَنا مُون نہ وِسرن.

2 - مُنهنجا مَارو آهن، حَقِي حال وارا،
چَڱي چال گهورا ،خَاصي خيال وَارا،
اُنهن جيڪي پاڙهيم ،پَنان مُون نہ وِسرن.

3 - وِهان ڪِيئن وِساري، ولوڙڻ جُون ويرُون،
ٻَہر ٻَات ٻيريون، پَڪا پاڪ پَيرون،
اُهي مال چَرها ،چِنا مُون نہ وِسرن.

4 - سَڙي آئون اَعجازا، سُڄاڻپ کان وِيڙس،
قَفس قَيد اَهِڙي ،ڪاڙهي ڪاري ڪَيڙس،
عُمر ڏاڍا ڏُک تو ،ڏِنا مُون نہ وِسرن.

ٿلهہ : پَلي ڪِنوٽين ڪِنوَن پَلي بُوندون وَسن،
مُنهنجا مارو ٿِيندا تہ بَهاري ۾.

1- **اَڪئين ڪَڪر ڏِسن ڪَنين گوڙيون ٻُڌن،**
جِيئون جَهانگي پَون مِڙيو سَانگ وِجهن،
هَڪ ٻئي کي واڏايون ٿا وَسَ جون ڏِين،
اَڏيو پَکڙا ويهن ٿَڌڙي وَاريءَ ۾.

2- **رَبُ ڪرم ڪَيُن وَنو ديس سَندن،**
ڇَڙا ڇنگ وَڄن مَٿي تار تَڙن،
سَر سَبز پَٽن چيلا چيڪ چَرن،
لَڳي عِيد وِيَن وَسڪاريءَ ۾.

3- **مُنهنجو مارن لاءِ آهي مَاندو مَن،**
هُو ياد نہ ڪَن مُونکي يَاد آهن،
وِجان ويڙهہ وَطن وَنان وَاس وَلين،
هردم آهيان انهي تات تاريءَ ۾.

4- ڳڏ ڪائِن پِين ڳڏ اُٿن ويهن،
ڳڏ ڳُھمن ڦِرن ڳڏ ڪِلن ڪُڏن،
اِها رِيت اَعجاز! آهي سَندين،
حَسد هَوڏ نہ ڪَن عُمر ساريءَ ۾.

ٿلهه : ٻوليون ٻاٻاڻن جون ٻُڌان هاڻ ڪِيئن،

مارو هُت ٿيا هُونئن آئون هِتي هِيئن.

1- **قيدُالمَاءِ قَوِيءِ ويڙهيون چڙايم وِيءِ،**
نَاهي جمعيت جِيءِ لُچان ڪُرڙِي جِيئن.

2-**رويو نيڻ هي رُون، ڪَنِ سي ٻوليون نہ پُون،**
جِيئن ڪَنهن سُيون جي هُون، مُونکي سڻائي سو تِيئن.

3- **وَر پنهوار ڪا پِير، خُواجہ خيبر گير،**
اَچي ٽوڙ زَنجير، هادي هَڪل سِينءِ.

4- **آهين تُون ئي حَال ، اَعجاز جو لَڄپال،**
سُڻندو ڪير ٻِيو سُوال، نَاهيم پيٽي پِينءِ.

ٿلهه : مُنهنجي مُلڪ تي اَڄ - مَلهارون ٿِيون هُونديون،

پِني وِيا ٿي بادل - ٻَهاريون ٿِيون هُونديون.

1 - **ويڙهيچن ڏي وِڄڙيون - وَراڪا ڏِيو وَڙڪن،**
ڪَارونيار لايو سي - ڪَرنايو ڪَڙڪن،
سَندم خُوش سَيئي اَڄ - سَنگهاريون ٿِيون هُونديون.

2 - **سُونهَن گاهه ساوا - ڦُٽا ڦوڳ ڦرڙيون،**
ڪُوڪيون ڪَاريون ڪِمريون - ڪَاموريون ۽ ٻَرڙيون،
مَچي هِن سي مُند ۾ - مَتاريون ٿِيون هُونديون.

3 - **سانگين ساڻ آهي سَمرُ ساٽي ٿر جو،**
ٽڏيون چائنون ٽَڙٽَڙ - ٽَڏو پاٽيءَ ٿر جو،
پِٽن پَر پَاڳين جُون - ٻَازاريون ٿِيون هُونديون.

4 - **جَنڊو ڏِيئي جَنڊي ۾ - جالين تا هُو جهانگي،**
پُورو ڪَن اِنهي پَر - سَفر سانگ سانگي،
پِرهه ڳڏ پَاٽيءَ تي - پَهنواريون ٿِيون هُونديون.

5 - نَڪي مَحل مَاڙيون - نَڪي هَنڌ هِندورا،
نَڪي پلنگ پالڪيون - نَڪي طُول تَونرَا،
پَلالي پِيهين تي - پَاٿاريون ٿِيون هُونديون.

6 - اُتم آهي جيڪو - اَڳين ڪان آڳاهون،
اُنهي دَرُ اَعجازا - ڪَيم آهون دَانهون،
قَبول اُت هي آزيون - نيزاريون ٿِيون هُونديون.

ٿلهه : مُنهنجو رُوح تو رِيهون ڪري - عُمر اباڻي پار لاءِ.

1 - **چَڏ تان وڃي ٿر ٿِيان ،جهانگين سان گڏجي جَهڻ پِيان،**
اُن ريءِ نہ آئون هِت جِيان، ڏِيان ٿي دم وَطن وڻڪار لاءِ.

2 - **مُون سان ظُلم تو ظالم ڪيو، مُونکي ڪُوهہ ٿَان ڪوٺا ڳنيو،**
نِيئرن ۾ آڻي تو هَنيو ، ڪَهڙي قَصد لاچار لاءِ.

3 - **مُورهئون نہ توکي آئون مَڃان، تُنهنجي پَرم کي پيري پَچان،**
ڪُسجي وَڃان وَڍجي وَڃان، تہ بہ وائي وَاريندِيس وَلهار لاءِ.

4 - **اَعجاز چَئي ڏي موڪل ڪَٽي، اَڙيال جو آهون سُٽي،**
ڏَاڍو اَٿئي قادر ڏَٽي، جوڙيندين جَواب ڄا جَبار لاءِ.

ٿلهه : وِينديس قَيد ڪَٽي - ڪُوٽن ۾ رَهي رَهنديس ڪيترو.

1 - **نَظر بَندياڻي سومرا - آهيان ڏِينهن بہ ٽي.**

2 - **حُسن ويو تان گهوريو - حُبڙي شل نہ هَٽي.**

3 - **سَانگين ۽ سَاٿيهہ جو - ڦوڙائو تو ڦٽي.**

4 - **لَوئي ڏِجانئيم لڳن تي - لَحد مَنجهہ لَٽي.**

5 - **اَزلي اِرادي اَعجاز چَئي - مارو ڇَڏيا تہ مَٽي.**

ٿلهہ : قيد نہ ڪَجن سُومرا نَاحق هِيئن نِماڻيون،

لاهہ بَند للهہ لِڳ لوءِ پَسان لُنب لاڻيون.

1 - **اُهي رَسمون عُمر تُنهنجون ، اڍنگيون آهن اَياڻيون،**

آڻيو آڙائِن آڙهہ ۾، اَکيون پورِيون اَڃاڻيون.

2 - **ڪَوڏَن جَهڙيون ڪَوٺن ۾، ڪِيتريون ڪڙهي ڪُوماڻيون،**

وتن اُهي وطن لاءِ، ويڌن منجهہ ويڳاڻيون.

3 - **رَهن ڪَن جي رُجن ۾، رَءِ رَءِ رَس رِهاڻيون،**

روڪ وِجهي سي روڪي تو ،روز شَب رنجاڻيون.

4 - **ڏيهہ اَباڻي اَعجاز چئي، اُسري وَليون اُڪاڻيون،**

موڪل ڏي تہ مَلير وَڃي، عُمر! مَوجون مَاڻيون.

ٿلهه : ڪِٿي ڄائي ڪِٿي آئي، ڪٿي پئي قيد اچ ڪاٿي،
ڪِٿي وَر ٽِيس ڪِٿي ٿر ٽِيس، ڪِٿي پَئي آگ ۾ آٿي.

1 - **ڪَيو جف القلم ڪم هي، اَچي نہ تہ ڪَير ڪَوٺن ۾،**
ڪَريو ڪُوڪون هِتي هاڻي، اَندر ٿو آر جِيئن ڦاٿي.

2 - **عُمر آزاد ڪَر جِيئري، آهيان جُن جي وَچان تِن ڏي،**
مُيس جي هِت تہ پوندو هي مُنيءَ جو خُون تو ڳاٽي.

3 - **نَڪو سو سَت نَڪي صُورت، نَڪي سو حُسن اَعجازا،**
وِڇوڙي جي لَڳي لُڪ لُوهَہ، وِڌو تَنهن مُئيءَ کي لُوساٽي.

ٿلھ : آئون ماندي ھِت مَران ٿي - مارن جي مُنهن ڏِسڻ لاءِ.

1 - **ساٿيھ سانگي ساريان - جهاتيون پايان جُھوگاريان،**
ٻَانهون ڪٽان ٻَاڪاريان - ٻَر ٻَر ٻَريو ٻَران ٿي.

2 - **ڪايو ٻُل پيئي ڪامان - پَرڙا هُجن اُڏامان،**
اَڄ سُومرا توڪان مان - رُخصت رويو گُهران ٿي.

3 - **هِيءَ لَڄ ٻَچائي لَوئي - گَنگهر ڪَنيم گهٽوئي،**
ڏُڪڙو ڏِنم سَيوئي - سُڪڙو نہ ڪو سَران ٿي.

4 - **اَعجاز هِن جِيئڻ ڪان - خُوش ٿي ڪِلڻ ڪِيَڻ ڪان،**
ٿر ڪان پَري ٿِيڻ ڪان - ڳَٽيون ڪَريو ڳَران ٿي.

ٿلهه : ڪَوٽن ۾ آهيان دم ڪوئي عُمر - آئون ويند يس اَباڻي ڏيهه ڏاڏاڻي.

1 - **ساري سانگ سُهج سانگين جا -مَرنديس روئي روئي عُمر!**

2 - **مَجين نه مَجين مِيان سومرا - آهم سُور اِهو ئي عُمر!**

3 - **جن جي جَائي نِپائي آهيان - سيئي ڪَندم دِلجوئي عُمر!**

4 - **عَلي مَوليٰ نام جَنهين جو- ٽِيندم سَاٿي سوئي عُمر!**

5 - **بَهلول چئي هي بَندي بَندياٽي - نَاهي هٿ ڪا توئي عُمر!**

تلهه : عُمر ڄَام اَمير ، آئون وَطن ڪِيئن وِساريان، سَاريو تي سَاريان.

1 - **حُبُّ الوَطَنِ مِنَ الاِيمَانِ حَق آ مُونتي حَمير.**

2 - **حِلمُ النَائمِ حَال هِتي جو حِرص نہ رَک حَقير.**

3 - **اَلدُّنيَا سِجنُ المُوءمِنُ عِيدون نہ ڪَن اَسير.**

4 - **فَاذُڪُرُونِي اَذڪُرُڪُم جي ،سُرت ڏِنائُونم سُڏير.**

5 - **مُنگهث مَهارا مورچل مَاڙيون - مَرڪ نہ منهنجو مِير.**

6 - **مُنهنجو اڳِي پوءِ ڪَم مَارن سان، ظُلم جا لاهہ زَنجير.**

7 - **اَندر اَعجازا سارو اُجاريم، اُڪنڍ اباڻي اُڪير.**

ٿلھ : جِيئن ھي سارو گُذاري ٿو لوڪ عُمر،

تِيئن آئون بہ گُذاريان مُنھنجو بَند موڪ عُمر.

1 - **مُنھنجو سَاھ بَنديئي سِرواھ بَنديئي، مُنھنجي دِل بَنديئي دِلخواھ بَنديئي،**
مُنھنجو ڪِلڻ خُوشي چَس چاھ بَنديئي، مُنھنجي وارَ وَارَ ۾ آ تُنھنجو طوق عُمر.

2 - **تُنھنجي بَند ڪيو مُونکي مَليران پَري، اَباڻي اَھل اُڪنڊ اُڪيران پَري،**
سُرت سُڌيران پَري سُک سَرِيران پَري، اَيڏو ڪَري نہ اُلٽو ٺوڪ عُمر.

3 - **آئون نہ ڄاڻان تُنھنجي لَئون لائڻ مان،پيچ پائڻ مان قُرب ڪَمائڻ مان،**
نَڪي سَمجھان تُنھنجي سَمجھائڻ مان، ھُجي نيبَھ تُنھنجو توکي شوق عُمر.

4 - **تُنھنجي جَشن ۾ جِيءُ جاءِ نہ ٿيو، تو سان رُوح مُنھنجو يَڪ رَاءِ نہ ٿِيو،**
تُنھنجو اَمر اَعجاز چئي بَرجاءِ نہ ٿيو، ناحق ڪِيمَ رَنجائي مُئيء ڪي رُوڪ عُمر.

ٿلهه : ڇڏ مُونکي عُمر وَجان مُلڪ هِيئنر ، هِن مِينهَن وَاري مَلهاري ۾.

1 - **مُنهنجي دِل ٿي چوي هَلان ئي هَلان، هَلي مَارن سان هِن مُند ۾ مِلان،**
اُتي ڪِيت سان گڏجي گُهمان ۽ ڪِلان، هِتي ڪونهي لُطف ڪَنهنجي ياريءَ ۾.

2 - **تُنهن جي باغن ڪان مُونکي بَر ٿا وَڻن، پٽون ڇَونرا ڪَڪاوان گهر ٿا وَڻن،**
سَندا سَانگين ڏَڻ ڦَر ٿا وَڻن، پَئي تَن جي گِران بيقراريءَ ۾.

3 - **جِيئن لائي جُهڙن هُتي جِهم جِهم آ، تِيئن لائي نيڻن هِتي ٽِم ٽِم آ،**
وَڏي روڪڻ ڪان هِيءَ شم شم آ، ڪَيو ناحق اَٿئي بَند اَنداريءَ ۾.

4 - **اَعجاز چوي خَالي جِيءَ نه جَلاءِ، جِتان آندو اَٿئي اُتي مُونکي رَساءِ،**
پَڪا لال پَهنوارن وَارا پَساءِ، نِڪري دَم نه وَجي غَم گهاري ۾.

ٽلهہ : مُونکي مُلڪ اَباڻو وِسري نٿو، گهوريو وَقت وِڇوڙي جو گُذري نٿو.

1 - **قابو قيد آهيان هاڻي ڪَريان مان ڪِيئن، اَچي مُشڪل ۾ وَيس جِيئن جو تِيئن،**
مَوليٰ چو ڪَيو تو مؤُنسان هِيئن، سَهان سُور پَئي دَم نِڪري نٿو.

2 - **جَهوري جَهانگين جي اَنئي پَهر اٿم، ڪاڏا پِيتا وِيا ٿي زَهر اٿم،**
لَڳي لورِي اِها ئي لَهر اٿم،مُون لاءِ تہ سُکن جو سِج اُڀري نٿو.

3 - **وَسئون مَاٺ ڪَري ويني ڪِين آهيان، دَم دَم آڏو عُمر جي پئي دَانهن ڪَيان،**
پَرچا ڪَنُون اَلاجي اَعجاز اَچان، مُنهن جي دَانهُن مان ڪجھ سِجهري نٿو.

ٿلهه : عُمر ڪَهڙي خَطا مُون ٽُنهنجي ڪَئي - ڇو مَارن ڪان آنڌُئي مُونکي ڇِني.

1 - **ڇَا هَٿ آيئي جو مُلڪ ڇَڏايئي - او ڇو ٿو ستائين هي قَيد ڏئي.**

2 - **آئون ڪَهڙو وني مُنهن وِينديس وطَن - مُنهن جي سُونهن سَڙي هِت سَاري وَئي.**

3 - **ايڏو ظُلم ڪَرين ٿو ضَعيفن سان - شايد يومُ القيام نه يَاد اَٿئي.**

4 - **پَنهنجي سَانگين رِيء ڇئي اَعجاز علي - هِڪ سَاعت به پَانيان سَال پَئي.**

ٿلھ : مَنڙو مَارن رِيءِ مُور نہ پِرپِي - ڪِيئن پَھنوار پَسان،

ڪِيئن پَھنوار پَسان - ڪَھڙي ريت رَسان.

1 - **مُنهن پايو مُونن ۾ - وَڏ ڦُڙي جِيئن وَسان.**

2 - **هَسَ ڪَڙلا هار پائي - حق پَجي ڪِيئن هَسان.**

3 - **ساريو سَنياريو سَانگي جَهانگي - نِيرَن ڪان پئي نَسان.**

4 - **اُڪنڊ اباڻي اَعجاز نہ ڇڏيان - نَاھي اِها پَرِ اسان.**

ٿلهه : وَطن وَڃان شَل وَري وَري - ڪَڙهيو مَران پَئي هَن ڪوٽن ۾.

1 - سَانگين مان ڪو عُمر ڀائو - پويان مُئيءَ جي ٿِيو نه پُڇائُو،
ڳَٽتي اِنهي ۾ وِيَس ڳَري ڳَري -ڪَڙهيو مَران پَئي هَن ڪوٽن ۾.

2 - مُون نه وَٽن هي چَمن ڦُوهارا - سَيج پَلنگ ۽ مُنگهٽ مَهارا،
زَر نه کپي تَنهن جي ذَري ذَري-ڪَڙهيو مَران پَئي هَن ڪوٽن ۾.

3 - چوڙيلين جي ساري ڇَهه ٻَهه - لُڙڪ ڳَڙي پِيا مُون ڪان نَهه پَهه،
سَرتين سِواءِ ٿِيَس ڇَري ڇَري -ڪَڙهيو مَران پَئي هَن ڪوٽن ۾.

4 - مِيندِن ۾ مُونکي ڪِيت مِلي ويو - پِيوند تَنهن سان پِرت جو پَئي ويو،
سوجي پَسان تہ پَوان ٺَري ٺَري -ڪَڙهيو مَران پَئي هَن ڪوٽن ۾.

5 - قَيد ڪَتي تُنهنجو نيٺ قَهاري - وِينديس وَيڙهيچن هَلي ڪَنهن وَاري،
لَوئي ڍَڪي هيءُ ٺَري ٺَري - ڪَڙهيو مَران پَئي هَن ڪوٽن ۾.

6 - جَنهن جي ڪرم ۾ لِکيل هو جِيئن - تَنهن کي اَعجازا پوڳڻ پيو تِيئن،

ڪِين ڦضا تَنهن تان ٿَرِي ٿَري -ڪَڙهيو مَران پَئِي هَن ڪوٽن ۾.

ٿلهه : مَارو مُنهنجا آئون مارن جي، اِهو ناتو نہ ٽُٽَڻو آ،
مُئيءِ ڪان پوءِ بہ مَڙهه مُئيءَ جو ،لَڏائي لوءِ لَٽڻو آ.

1 - **صُبح سانجهي پِيان ڪانجهي ، ناهي لانجهي ڪا سُورن ۾،**
ڏِيان ڪَنهن کي نہ ڏوراپو، ڏُکن جو وَقت ڪَٽڻو آ.

2 - **پَسيو رُوءِ داد، ناهيان شَاد، عُمر بَرباد ٿي بَند ۾،**
لِکيو هيئن ڪَاتبِ تقدير جَفائن ۾ جُٽڻو آ.

3 - **پَکا پَهنوار، لاٽا لِيار، ڏونرن ڏار وِساريان ڪِيئن،**
هِئين مان وَطن جو هورو نہ هَٽيو آ نہ هَٽڻو آ.

4 - **لوئي ٽِيم لِيڙ، چوٽي چِيڙهہ، وِچوڙي پِيڙ نِت لائي،**
جُدائي مَوت ٿي آئي ، سُوريءَ سِر روز سَٽڻو آ.

5 - **جَهڪو ڪَر جَوش ،ڪَر ڪو هَوش، رَهہ خَاموش اَعجازا،**
هَٿن پَنهنجن سان هِت هَر هَر، گلو پَنهنجو ئي گُهٽڻو آ.

گھاتو

ٿلهه : وَائي وَرڻ جي مَ وَار - ڳِهڙ وي گهاتو اَڄ ڳِردابين.

1 - **ڪَهڙِي ڪَپر تي هاج آ تنهنجي - وڄ پيهي منجهه پَاتار.**

2 - **سَمر سمورو ساڻ تو آهي - ڪَر الله توهار.**

3 - **نَفس اَمارو مَڇ جِيئن آهي - تَنهن مُني ڪي مار.**

4 - **لا جي ڪَاتي لائي ڇَائي - ڪَرڪَا سائڪي ڪَار.**

5 - **سَمجهي مَعنيٰ مَام اُنهي ڪي - ويسهه سَاڻ وِيچار.**

6 - **اَعجاز عَلي جو عاشق آهين - دِل رِنداني ڏَار.**

ٿلھ : وڄ ٿار وِچ پَاتار ۾ - مَتان ڪُن پَسي موٽي پَوين.

1 - ڪَر ڪو نہ سَانگو سَاھ جو - هِن دَهشتي درياھ جو،
پَوءِ دَرس ڪَر دِلخواھ جو- لاٿيون تون لاحد جون لَنوين.

2 - ”لا“ ڪٺُون لَنگهي لاٿانُ ٿي - نانگو نِسنگ نيشانُ ٿي،
هِت مَرد تون مَردان ٿي - جي رَاھ رِنديءِ سان رَوين.

3 - دَم ڪي سَنيارج دَم بَدم - هِڪ دَم لهي ٿو لک پدم،
ڪُل شئي مَٿي ٿُنهنجو قَدم - جِي نينهن اڳيان تون نَوين.

4 - اَعجاز چئي اَعتراف سان - دَائم رهج دِل صاف سان،
لَعلُون نہ لَهندين لَاف سان - ٿُون ڪَر ايئين جِيئن ٿو چَوين.

سُهٽي

ٿلهه آئون تہ ڳھڙنديس اَج دَرياء ۾ ، دَڙڪ ڏرو مُنهنجي دِل ناهي،

عِشق ڪي هِي مَهراڻ ڪَندو ڇا، عِشق اُتاهون هِن ڪان آهي.

1 - **سَمن مَليمر جَڏهن ساهڙ جو، تڏهن سَندرو بَڌو اَتمر ثابوتي،**

ٺاسُوتان نروار ٿي نِڪري ،لُنگ چاڙهيو اَتمر لاهوتي.

تَوڪل ٿُرهو سِڪ جي سِيٽهہ ، ساڻ ڪنيمر هاٺي مُونکي ڇاهي.

2 - **سُرڪ پِيئڻ سان سُرت ويئي، بي ڪا آڏو شيء نہ ڏِسان،**

هِڪ صُورت مُورت ميهر جي، جاڏي ڪاڏي پئي تہ پسان،

لاج رَکندمر لاج ڏٺي، مُنهنجو رُوح اِئين پيو چوي ۽ چاهي.

3 - **سِير جو سَڙڪو ڪُنن جو ڪَڙڪو،چولين ڇِڇڪو ڏري ڏري،**

بَحر بَرهڙا بادل بُوندون، بَرسر آيو بِرهہ ڪري،

نَصرُ مِنَ اللّٰه فَتحُون ٿِينديون، نِينهن جو ناتو ويِنديس نِباهي.

4 - **يَيلو يُري تان يُري پوي، مُونکي مُور نہ پوئتي وَرڻو آ،**

حَق جي پاسي نَعرو هَڻي،اَج سِينو ڪَدي مُونکي تَرڻو آ،

ٻُڏان تہ پَينر ٻُڏي وَجان، مُون سَانگو ڇَڏيو آ سِر جو لاهي.

5 - **جَر جي جانارن ڪان هَرگز، مُحبت وَاريون ڪِين مُڙن،**
سَيسر وَاڱون ڪُم ڪَچائون، لُڏڙا پَلي پِيا لانگون هٽن،
ڪانهي پَرواهه ڪابہ اَعجازا، مَوت اڪئين ڏِسي آيَس ڪَاهي.

ٿلهہ :اي دِلا تُنهنجو ڪونهي مُلهہ ، مِٽي تُنهنجي مُقدس ڪُل،

مُنهنجو توئي ڪَرايو وَصل، مُنهنجو حَال پَائي تُون اَصل.

1 - **تُنهنجي ئي بَهاني ڪَيم نِظارو، وَقت بِيگاهہ وَقت ميهر وَارو.**

2 - **جِيئڻ مَرڻ ۾ بہ رَلمل هُونداسُون، بُڏڻ تَرڻ ۾ بہ رَلمل هُونداسُون.**

3 - **ڪَچو جي پَڪو تہ بہ مُنهنجو تُون سَاٿي، سَاٿي بہ جهڙو مَن پَايو پَاتي.**

4 - **اُبتا درياء جَا آرا تہ چَاهي، سِڪ جو اَسان سان سَاٿي آهي.**

5 - **سَندِ بِاندُ سِيٽهہ تُرهو تُنبو تُون، وَاهر وَاهہ وَسيلو حِيلو بِلو تُون.**

6 - **وَصل وَنگ وارو عَجب رَنگ ريني - ڏِنو تو اَعجاز چئي دِلا عَينا عَيني.**

ٿلهه : تُنهنجو ساهڙ توئي سانڍ، وَهه تِک وَاهُڙ ٽَار ترين ڇو.

1 - **وَنَحنُ اَقرَبَ وَصل سَدائين، جَر ۾ وَڃيو ڇو جُهوتون پائين،**
پُرجهه پَروڙج پَنهنجو پَانڍ، قُرب ڪَاڍو ٻي پار ڪرين ڇو.

2 - **ڇُليو ڇَولين ۾ ڇيڙيو ڇيڙين، پَر جي پَهن تي پِر سان جَهيڙين،**
آهي اِهو تان جَتڪو جانڍ، ٻِيجا دَم ٻِيڪار پَرين ڇو.

3 - **مَنجهئي پانڍ وَٽانڍ ميهر جا، مَنجهئي مانڍ مانڊانڍ ميهر جا،**
مَنجهئي وَهي ٿو مَست مَهرانڍ، پيهي پَس پَاتار ورين ڇو.

4 - **اَورار پَرار جا پَنڌ نہ پُڇُ ٿُون، اَعجاز چوي اَڳيان لوڪ نہ لُڇ ٿُون،**
ساڃهه ڪر پنهنجو پانڍ سُڃانڍ، ڳَالهين جي ڳَٽ ڳَار ڳَرين ڇو.

ٽلهه : موٺ ميهر ٽي مران، مهراڻ ۾ اڌ رات جو،

دادلي درياء ۾،دلو وڌم ظلمات جو.

1 - **آءُ سِگهو اوري اَچي ڪَڏُ ڪُنَنَ مان هِيءَ ڪِنِي،**
نہ تہ ڇوهُہ ڇولين جو ڇِني ٿو تارُ وهي تِڪَ تاتِ جو.

2 - **هيءُ گهڙو ڪَچ ۾ ڪَچو،پينر پيو پيلو پُرِي،**
اوچتا سَٽَ سِرڪٽا واڳون هڻن چَڪُ وات جو.

3 - **ناهي تُنبو ناهي تُرهو،ناهي سَنڍَ سِٽيهہ سَجي،**
هاڻ حِيلا سڀ ويا لهرو چڙهيو لهرات جو.

4 - **اي اَعجازا وَٺُ وَرِي واري عليءَ جي تُون ڳِلِي**
نام نالو آهي مون وٽ ،پاڪ سندس ذات جو.

ٿلهه : ساهڙ ڪي سا ڪيئن نه وڻي جيڪا حب منجهان ٿي هٿ ٻانهون هڻي.

1 - سڏ ساهڙ جا سڪ سان پري ٿي،توڪل تي تڪ تار تري ٿي،
سندِ نه سِيڻهه تي ساڻ ڪٽي،اهو بار چڙايس عشق گهڻي.

2 - ڏر چڙيائين ڏيهه ۽ ڏم جو، اون اوسيئڙو نه ڪري ڪنهن نه ڪم جو،
محبت جا اٿس مڻ مَٽي، ميهر ڏي پئي تانگهي تڻي.

3 - حق جي طالب حق سان ملي وئي، رمز پروڙي رنگ ۾ رلي وئي،
ڳالهه اها ڪو ڳاٽو ڳٽي، سهڻيء جِيئن ٻيو ڪو نه ٻڻي.

4 - دور درياء جا دائم دڙڪا، قدم قدم تي ڪنن جا ڪڙڪا،
سڻيو ساهڙ منجهه سڻي، ته به اَعجازا دل نه هٽي.

ڪاپائتي

ٿلهہ : ڪَتڻ هاڻ مُون لاءِ سرتيون سُور ٿيو،

چيٽڪ عِشق واري چرخو چُور ڪَيڙو.

1 - **اَديون ارٽ مُنهنجو چَندن عاج جو هو،**

پوري مُون بنديءِ جي هلٿ هاج جو هو،

پيرڻ تِنهنجو وسريم اچي ڪو پور پيڙو.

2 - **آتڻ منهنجي آيو آري ڄام جيڏيون،**

پري ڳام قربئون هٽي هام جيڏيون،

ڏسڻ ڏئي سو مونکي ڏيهان ڏُور ٿيڙو.

3 - **پَوان پُٺ پنهون جي ڪتڻ نا سونهي مون،**

ويهڻ واندِ پڻ جو،وتڻ نا سونهي مون،

وجي هوت ريءَ ٿو هي وهلور جيئڙو.

4 - **مَرارِين جون مارون ميارون مٿي تن،**

ڪتڻ ڪاپي وارو عقل هوش آ جن،

اِهو منهنجو اَعجاز، نِينهن شعور نِيَڙو.

تلهہ آئون پلا چا ڪَتان، ڪَتان ڙي - مُونکي ڪَتڻ آيو ڪِينڪي.

1 - مُحبن ڪي آئون مام ۾ چونديس - ڪيو ميارون مَتان ،متان ڙي،
مُونکي ڪَتڻ آيو ڪِينڪي.

2 - ٻي نہ اُجهي ٿي مون تہ اوڳيءِ ڪان - نام ونيو هڪ وَتان، وَتان ڙي،
مُونکي ڪَتڻ آيو ڪِينڪي.

3 - سَمجهائڻ خَاطر سَرتيون سَپيئي - ڦِري وينيم هِتان، هُتان ڙي،
مُونکي ڪَتڻ آيو ڪِينڪي.

4 - اَنئي پهر اَعجاز پرين جو - چَاهہ نہ لاهيان چِتان، چِتان ڙي،
مُونکي ڪَتڻ آيو ڪِينڪي.

ٿلھ : ڪَر ڪو سَوداگر يَار ڙِي .ڪَتڻ ڪونہ ٿو ڪنهنجي جوڙي.

1 - **سُٽ ڪَتڻ جا سرتيون - طعنا ڏِينَئي توڙي.**

2 - **اَرٽ اتڻ آسري - جا لَڳي سا لوڙي.**

3 - **رَک تون ناتو نَنگي سان - اَکيون اَکين منجھہ کوڙي.**

4 - **سَجڻ سڀاجهو ٻاجھہ پئي - ڪوني ڪَنڌُئي پَنهنجي ڪوڙي.**

5 - **ڪاڻ صَرافن جِيءُ ۾ - ڪير پِيو پاڻ پَتوڙي.**

6 - **سر بہ سَٽي ۾ يار ڪي - دِل بہ ڏِجي هُوند چوڙي.**

7 - **مَنُ اَعجاز چئي ماڻهن جي- چِڏ مَتن ڪان موڙي.**

مومل راڻو

ٿلهه مِل تہ ڪَريون مَينڌِرا - وَري ڪَاڪ تي ٻَهاريون،
باقي حَياتي ڏِينهڙا - تِي گوشي گڏ گُذاريون.

1 - ساريو صُحبتون تُنهنجون - پسيو خالي پاٽاريون،
سَڙان پَچان پَر ۾ - رُئان راتيون ساريون.

2 - تُنهنجي ڪَري ڪاڪ جون - مُون وٽون سَپ وِساريون،
دَرد فِراق تُنهنجي ڪان - مُون اَڪيون هيٺ ڊاريون.

3 - لاهيم طَعنا لوڪ جا - ڪر وايُون وصل واريون،
سَاڳيون ڳِراٽيون پاءِ پرچي - تہ ڏيهہ ڪي ڏيکاريون.

4 - آئون تہ ٽِيس چري پَر ،ڏِس ٻِيون ويچاريون،
تنهنجي رِهاڻ ڪاڻ ٿيون - ڪيئي سِڪن ڪُنواريون.

5 - اَعجاز چئي آئون آيس وَني - پَنج پَاڪ ميڙيون موچاريون،
ٻِيو نام تُنهنجو تو وٽ - آزيون لک نيزاريون.

ٿلهه : راڻا تُنهنجا رس رِهاڻيون - رَمزون رَنگ وِسرن نٿا،
وَصل واريءَ رَات وارا - پَيچ وَنگ وِسرن نٿا.

1 - **سي بَهاريون بَينڪُون - سي خُم خُماريون خِلوتون،**
سي مِلڻ مُرڪڻ نِهارڻ باڻ بَنگ وِسرن نٿا.

2 - **برهه باتيون ساريون راتيون - جاڳي پرياتيون ڪرڻ،**
اَهڙا ويرا پَال پيرا - سَنگم سُنگ وِسرن نٿا.

3 - **رُوح رَچڻيون رَاڳڻيون - سُر ساز سازيندڙ اُهي،**
مَڌم مِرڌنگ ڌُن ڌُمارا - چَنگ اُپنگ وِسرن نٿا.

4 - **سُرت سياڻپ ۾ سَين کان - آهين سوڍا تون سَرس،**
تُنهنجا اُلٽا داءَ اَنگ ۽ ڍارا ڍنگ وِسرن نٿا.

5 - **تو ڪَيا اَعجاز چئي - جي ڪاڪِ وارين تي اچي،**
تُنهنجا سي وڙ تورا لائق - نيهي ننگ وِسرن نٿا.

ٿلهه : پَنڌ ڪي ڪَرها وَاڪي وَاڪ - مَاٽيون سُجهندي مُومل ڪَاڪ.

1 - **رَات ڇَاندوڪي راهه سَئين آ - ڇا ڪان وِجهين ٿو ڇِرڪي ڇَاڪ.**

2 - **ڪاڪ جا غُنچا گُل ڦُل گوتتا - آهن تُنهن جي اِملاڪ.**

3 - **وَعَمِلُ الصَّالِحَاتِ سُٽي ڪَر پَنهنجا - خِيال تون پَاڪن پاڪ.**

4 - **مَاڳ مَحبوياٽي هَل تہ مَيا هَلي - چِت اندر جا چينيون چاڪ.**

5 - **اَعجاز چوي اُنهن پَار پَٽن تي - حُسن جي آهي ڏَاڍي هاڪ.**

تلهه : اي راڻا ڏور ڪر ڏمر - ڪيئن ڇڏي وئين ڪانڌ تون گهوٽ پنهنجو گهر.

1 - **سُومل سُمهاريم سيج تي مَحلات کي خالي ڏسي،**
چو نہ تو صفا ڪيو هُئين وَلهو منهنجو ور.

2 - **ڪِيئن موٽي وئين ڪاڪ تان مُومل کي ماري وِڌُءِ،**
دَاغ ڏئي وئين داسڙا آهيان تو آڌر.

3 - **اَعجاز چَئي اويل ڪيئي ٿائيم ٿاري تون آئين،**
مونتي ميار ڪانهي ڪا ايڏو هاجو نہ ڪر حشر.

هِجر فراق

ٿلھ : جيسين جانب يار نہ اِيندو - تيسين دِل کي قَرار نہ اِيندو،

نِير وھندو پِيو جِگر جلندو پِيو، جيسين جانب يار نہ اِيندو

1 - **ڪَيان ماٺ ڪھڙي اچي ماٺ نٿي - وِجھي دلبر ويو ايڏي چا ڪان وِٿي،**
اِھو ويندو ڪونہ غم ، ۽ پيو ٿِيندو ڪونہ ڪم ،جيسين نيڻن نار نہ اِيندو.

2 - **دِل اھڙي سڄڻ سان وئي آ لڳي - آھي ڳالھہ سچي ناھي ڪوڙ ٺڳي،**
چَو تہ ھُن ڪان سواءِ ھڪ جاٽي تو خُدا - مُونکي ڪرڻ سينگار نہ اِيندو.

3 - **ھي مُلڪ مِڙئي آ اکين تي مَگر - پنھنجي يار جھڙو اَچي ڪونہ نظر،**
ڪائي زَھر مَران جي پيو يَار ڪَريان - اَھڙو ڏِينھن يا وَار نہ اِيندو.

4 - **ڪَھڙي مَيار ڏِبي بي مَيار مَٿي - آھي نِيائٽو اَعجاز ھَر وار توکي،**
ھَلي وَجبو وَٽس دَر چُمبو سَندس، ھُو جي لَھڻ سَنيار نہ اِيندو.

ٿلهه : جو چاڙي سُچاڙي نہ ڪَنهن جي وفا،

سو ٿِيو جي نہ ٿِيو - ڪَنهنجو دِلبر تہ چا.

1 - **وفا شُعار نہ جنهنجو تَنهن جو چا وقار،**

تَنهن سان پِيارُ ڪَهڙو ،تَنهن جو ڪير يار،

وَفا سان ئي تہ واعدا ٿين ٿا سچا.

2 - **جَنهن جو آهي ڪَم بيوفائي رُڳو،**

جَنهن جو آهي دَم خُود نمائي رُڳو،

اُهو عِشق وارن ڪان آهي جُدا.

3 - **رَڪي جو نِپائن جو سَت نہ پيرم،**

ڪَهڙو دِين تَنهن جو ڪَهڙو آ ڌرم،

سَچائيءَ جي اُن ڪان نہ پُڄندي اَدا.

4 - **عَجب آ ڏِنو مُونکي اَعجاز تَن،**

مَحبت وارن سان جي مَحبت ٿا ڪَن،

جفا جان کي ڏيئي سدا مُند سَدا.

ٿلهه جِيئري مونکان جاني جُدا ٿُون نہ ٿِين هَا،

ڏِسي مُنهنجون خاميون خَفا ٿُون نہ ٿِين هَا.

1 - اَچي قُرب وارو جو پاتو ڪمند هُئي،
جي پَردي نَشين هُئين ۽ پَردو پَسند هُئي،
تہ پَهلُو ۾ جَلووي نُما ٿُون نہ ٿِين هَا.

2 - ڏِنم اَڳِ نہ جيڪي سي ڏُکڙا ڏيکاريَئِي،
مَٿي مُنهڙو مِنڙا بِنان مَوت مار يُئِي،
سَجڻ ايڏو سَنگدل صَفا ٿُون نہ ٿِين هَا.

3 – گلا هن ۾ ناهي هي فرياد آهي،
قدر ڪونہ ڪَيَڙُئي ڇڏيئي دل تان لاهي،
تڏهن ٿو چوان بيوفا تون نہ ٿين ها.

4 _نہ پانيو دُنيا جي نوابن تہ چاٿِيو،
ڇنون سات پنهنجن پراون تہ چا ٿيو،
مگر هِڪُ سِتَمگر مِنا ٿُون نہ ٿِين هَا.

5- چوي شاهه اَعجاز پرين پيچ پائي،
ڪِلي نِينهن لائي ڇُتل ڦَٽ چِڪائي،
پَري پوءِ نالي خُدا تُون نہ ٽِين هَا.

ٿلھ : اَڄ پُور پِرين جو پَرپور اَٿم - مَن مَست مگن مَخمور اَٿم.

1 - **چورُ چَوَنِ ڪي چارِي چَوَن - ڪي زاھد چَوَن ڪي زُناري چَون،**
ڪي بازيگر بازاري چَوَنِ - مُونکي جو بہ چَوَن مَنظور اَٿم.

2 - **مَئي نوشي ڪري مَدھوش ٿِيس - رَھي خِيال جي خاني خَاموش ٿِيس،**
سِر راز رَبّي جو پوش ٿِيس - ڪَيو ذات ۾ گُم ٿي ظَھور اَٿم.

3 - **مااَعظم شَاني نَعرو ھَنيم - ڪَھڙو قَاضي مُلان جو قُصور ڪَيم،**
جِيئن عِشق چَيو مونکي تِيئن چَيم - ٿِي رِند رَھڻ دَستور اَٿم.

4 - **مُنھنجو نِينھن اَصل کان نِرالو آ - پَڪو پاتل پيچ نِوالو آ،**
جَت چَنچل حسن جو چالو آ - اُتي چاڪن سان دِل چُور اَٿم.

5 - **اَعجاز عَليءَ جو غُلام آھيان - تنھن جي مام ۾ مَحَوُ تَمام آھيان،**
پِي جام جَپِيندو نام آھيان - ڏِنو مَستيءَ مَنجھ حُضور اَٿم.

ٿلهه : مُون سان رَس ڪَس ۾ گَڏ گُذاريو نہ تو - مُنهن جي حَال هِيٺي ڏي نِهاريو نہ تو.

1 - **هَر حَال ۾ مُون سان رَهائٹو هُيئِي - ناتو نِينهن وارو نِت نيائٹو هُيئِي،**
مُونتي ترس مِنا مَن ڪائٹو هُيئِي - ويهي پَر ۾ اِهو ويچاريو نہ تو .

2 - **مُونکي خُوار خَراب ڳاري ڳريو ڪَري - چَٽ چاهه ڏِيئي چوري چَريو ڪَري،**
ڇَڏي پَوءِ ڏِنئي عيبن پَريو ڪَري - آئون تہ مَيرو مَدو هوسِ اُجاريو نہ تو.

3 - **توکي پَنهنجو ڪَري پِرين ڄاتو تي مُون - تُنهنجي پاران گهٹنئي سان پاتو تي مُون،**
چاچا نہ تَو لئہ چُمي چاتو تي مُون - پَر مُنهن جو ڪَڏهن مَن ٺاريو نہ تو.

4 - **هاٹي وئي وهاٹِي اچِي چا تون ڪندين - پڳِي دِل سچي پلا ڪِيئن ٿُون ڪندين،**
ڪهڙي اَعجاز چئي سنئين مُون لاءِ ڪندين - جِيئن آئون توڏي وران تِيئن واريو نہ تو.

تلھ :سِڪ ڏِيو سِڪندن سِڪائين چو پيارا چا سَبب،

مُنھن لَڳيو مُنهَڙو لِڪائين -چو پيارا چا سَبب.

1 - **ناز تُنھنجو ناز پَرور - لوڪ کان نِيارو ڏِٺم،**
دَرِ سَڏيو در تان ڌِڪائين -چو پيارا چا سَبب.

2 - **تُون طبيب آھين عَجب - تُنھنجي طَبابت اَور آ،**
ڪي جُٺائين ڪي چِڪائين -چو پيارا چا سَبب.

3 - **اَڪ جي عَاشق ڪان ڪَندين تون - ڪيترو اَڪ ڪي قَرار،**
اَڪ نٺو اَڪ ۾ ٺِڪائين - چو پيارا چا سَبب.

4 - **قُرب جي ڏاڳي ڪچي ڪي - ٻين ھٿان ٻَھڳڻ پِرين،**
چو چِنائين چو چِڪائين - چو پيارا چا سَبب.

5 - **سِڪ جي چِڪ ۾ ھِڪُ اَچي تيءُ - لِڪ لِڪوٽي چِڏ ڳٽي،**
ھِڪ ٽِيڻ کان ھَبڪ ڪائين - چو پيارا چا سَبب.

6 - لَک پيرا کَلمان پَڙهان - جي لَک پيرا لَهرِين لُڙهان،
چولِي تہ بہ هيءَ چِڪ چڪائين - چو پيارا ڇا سَبب.

7 - عِشق جي باري ۾ توسان - سُوال آ اَعجاز جو،
منجهہ مِصر يُوسف وِڪائين - چو پِيارا ڇا سبب.

تلھ : تُنھنجي اَچڻ وَاري اِنتظار ۾ - پانئيان مَوج مَزو نہ بَھار ۾،

سِگھو اَچ دِلبند مُنھنجي رُوح جا پَسند - سواءِ تُنھنجي ھيءَ ھنڌ وٽن سُرھا نہ سُڳنڌ.

1 - **ياد ۾ تُنھن جي يار پِيارا - سُونھن پَريا ھي سَيئي نِظارا،**
ناھِن مُنھنجي نَظر ۾ نِھار ۾.

2 - **تُون جو اِيندين اَچي ھِڪ ڏِينھن - ھڪ ھيڪڙائي جو جام بہ ڏِيندين،**
اِنھي طَلب ۾ آھيان اِنھي تار ۾.

3 - **نِيڻ ھي تُنھنجي نِيڻن جا گھورا - نِيڻ پَسائين تہ تُنھنجا ٿورا،**
ڳايان ھَر ھَنڌ ھَر ڪَنھن وَار ۾.

4 - **انجام اچڻ جو وَسڻُون نہ وِسارج - واَعدي وَفائي ڪي پِرتئون پاڙج،**
ڪجان گھٽ نہ ڪڏھن اقرار ۾.

-5 **اعجاز چوي اِھا پَڪ تو پانيان ،توکي بہ ساڳي سِڪ تو پانيان،**
ھوندين تون بہ منھنجي سار سنڀار ۾.

تلهه : ڏوري ڪِتي سو ڏسان ڙي ڏسان - اَج هِيئنڙي ساريو سڄڻ کي.

1 - **هيئنڙو نہ مُنهنجي ٻڏڻ جو - ڪهڙي ٻنڌڻ سان ٻڌان ڙي ٻڌان.**

2 - **اکڙيون پرجي آيون - ڳوڙها ويٺي اگهان ڙي اگهان.**

3 - **ڪير ڏيندم اهو ڏس مون - ڏاهي ڪنهن کان پڇان ڙي پڇان.**

4 - **صورت سونهن پرين جي - ڪيئن بہ ڪري پسان ڙي پسان.**

5 - **جتي هجي وجي اتي الا - ڪيئن بہ ڪري سوڏسان ڙي ڏسان.**

6 - **اڏران اوڏاهين اَعجاز چئي - پر جي پکيئڙو هجان ڙي هجان.**

ٿلهه : سِڪ جي تہ ڪيا سجدن، پَتر بہ پٽي پَاٽي - پَتر بہ پٽي پَاٽي اَخگر بہ پٽي پَاٽي.

1 - **ڪِيئن نارِ خليل اللہ ڏِس مانند گُلشن ٿي،**
ڪيئن موسيٰ سي سامهون ٿِيا منتر بہ پٽي پَاٽي.

2 - **ڪا عِشق جي اڳيان ڪٿ، بر بريت ڪانہ رهي،**
ٿِيادَور هِلاڪوءَ جا سَنسر بہ پٽي پَاٽي.

3 - **هي عِشق سواءِ هِهڙو، ٻِيو ڪير ڪمال ڪري،**
جَنهن پَل ۾ ڪَيا ڪَسريٰ، قيصر بہ پٽي پَاٽي.

4 - **هت شرط سچي سڪ آ،هت رَمز رِندي گهرجي،**
تا رِند لڪئي جا ڪَن، دفتر بہ پٽي پَاٽي.

5 - **ڪو ڪِيئن بہ ڪٽي ڪيڏو سهٽو جي سِتمگر ٿئي،**
پر عشق بَنائي ٿو ڏونگر بہ پٽي پَاٽي.

6 - مَردن جي جَسارت ڏِس مَردن جي حقيقت سُڻُ،
ڪَيا همتِ حيدر ڪِيئن، خَيبر ٻہ پَٽي پَاٽي.

7 - جن جن ٻہ ڪمند پاتا،افلاڪ ٽِپي اَڳتي،
انصاف ڪيا تن جي، سَيّر ٻہ پَٽي پَاٽي.

8 - اَعجاز اٿئي جي سِڪ ڀرپور برابر پوءِ،
پٿر جو صنم ٽيندو، هرهر ٻہ پَٽي پَاٽي.

تلھہ : سَلِيان سُور توسان، سَجَڻَ ڪَھِڙا ڪَھِڙا،
خَبر وار آھين، پُڇڻ ڪَھِڙا ڪَھِڙا.

1 - **اِھا آ اجائي، ڏاڍائي وڏائي،**
ڪِتي آ جُدائي، جِھجِڻ ڪَھِڙا ڪَھِڙا.

2 - **تُون حَاضر تُون نَاظرُ، ذَري پُرزي ظَاھر،**
اَندر توڙي ٻاھر، لِڪڻ ڪَھِڙا ڪَھِڙا.

3 - **مِنا مَن جا مُھٽا، ڏئي طَعنا مِھٽا،**
سَاڙي ساھہ سُھٽا، نَھڻ ڪَھِڙا ڪَھِڙا.

4 - **ڪَڍي ڪَجُ ڪمانا، ٻَتَر ڪَشِ پيڪانا،**
ھَٽي نِت نِشانا، ھَسَڻ ڪَھِڙا ڪَھِڙا.

5 - **چَوي اَعجاز ٻيوس، ڏِسڻ سان تون ڏِسُ،**
مُونکي مَاٿِ آ بَسُ، چُلڻ ڪَھِڙا ڪَھِڙا.

تلهہ : آهين ياد پِرين مُونکي تُون ،هَر پَل ۽ پَهر ۾،
هَر پَل ۽ پَهر ۾، هَر شام و سحر ۾.

1 - مُون جاني تُنهنجي ڪاڻ ،پنهنجي سِر تي جَفا ڪئي،
جا مُون ڪان پُڳي تي سا سَڄڻ مُون پي وفا ڪَئي،
هر حال ۾ هر خِيال ۾ هر موج لَهر ۾.

2 - تُنهنجي تہ پَئِي مُونکي اَجان تار تَڳائي،
مُنهنجي تي سُتل سَوز کي سا روز جاڳائي،
بَربَن ۾ هُجان توڙي هُجان بَحر شَهر ۾.

3 - تو پِيار پَئِي ڪونہ ڪَڏهن مُنهنجو پُڇايو،
مُنهنجو تہ اَندر سارو هي هو تولاءِ اُجايو،
تو قِياس ڪَڍي رُوح مان، پاتو مُنهن چو قَهر ۾.

4 - مُون توکي ڏِنو دِل سان،سو مُون توکي ڏِني دِل،
دِل مون سان ڳَنڍڻ جي تہ بجاءِ، وِئين تُون ڇني دِل،
اَهڙو نہ تِين ها ،حُسن جَوانيءَ جي ڳِهر ۾.

5 - آئون نِينهن جي لايان ها ، تہ ڪِٿ لائي بہ سَگھيس ٿي،
اَعجاز چَوي لائي نِيائي بہ سَگھيس ٿي،
پَر ڪونہ مِليمر تو پارين هِن سَاري دَهر ۾.

تلهہ : توڏي اَتم اُهو ئي خِيال سُهڻا - جيڪو اَڄ ڪان سَڄڻ ڪي سَال اڳي هو هَر وار.

1 - **جيئن جو تيئن اَڄان ياد آ دِل تي - لَب سان لائڻ لَبُ لال سُهڻا،**
جيڪو اَڄ ڪان سَڄڻ ڪي سَال اڳي هو هَر وار.

2 - **اَڪين آڏو روز ڦِري پيو - هُو جو هُتي وَارو حال سُهڻا،**
جيڪو اَڄ ڪان سَڄڻ ڪي سَال اڳي هو هَر وار.

3 - **ساڳِيءَ طرح سامهون تُنهنجي - مُنهنجو آ توڪي سُوال سُهڻا،**
جيڪو اَڄ ڪان سَڄڻ ڪي سَال اڳي هو هَر وار.

4 - **ڪونہ مَٽيو مُون ڏِسڻ قديمي - ڏِس تہ مُنهنجو هي ڪَمال سُهڻا،**
جيڪو اَڄ ڪان سَڄڻ ڪي سَال اڳي هو هَر وار.

5 - **اَعجاز چَوي آئون عَجب ۾ آهيان - ڪِيئن ٿو وِسارين سو وِصال سُهڻا،**
جيڪو اَڄ ڪان سَڄڻ ڪي سَال اڳي هو هَر وار.

ٿلھ : سِڪ جي هَٽن سان سَوزان - پِرين پاڻ وينو سورين،
ڪِيئن آگ سا اُجھي پوءِ - جنهن کي ٿُون سورين ڦورين.

1 - **پِرين لوڪ ڪان لِڪايو - مَچ کي اَچين مَچايو،**
پَهٽن کي تو پَچايو - رُڪ هَاڻ چو ٿو ڳورِين.

2 - **مَهِہ تابان هُو بَهُو تون - شَهِہ خُوبان هُو بَهُو تون،**
سِڪ سوزان هُو بَهُو تون - جَلدن جلائين جَهورين.

3 - **اچي سيڪ سِڪ جو جنهن کي - سُجھي سيڪ سِڪ جو تنهن کي،**
هيءَ ڪَل نہ پَئي بي ڪَنهن کي - ڪِيئن تو چُوانتي چورين.

4 - **سِڪ جِي اگن چوان هِيءَ - لَنئون کي لگن چوان هِيءَ،**
جِيءَ جي جَلن چوان هِيءَ - تون ئي ڏِين تہ تون سنڌورِين.

5 - **ڪَڏهن تہ مُنهن پَسائڻ - ڪَڏهن تہ مُنهن لِڪائڻ،**
ڪَڏهن ڳُجھو ڳالهائڻ - ڪَڏهن ڪُجھہ نہ اورين.

6 - سواءِ تو نہ هيءَ ڪو ٻاري - سواءِ تو نہ هيءَ ڪو ٺاري،
سواءِ تو نہ هيءَ ڪو ڏاري تہ سِر تون گھورين.

7 - هِن بِرھ جي ٻَيڙ سان - مَچ مَحبتي مَمَڙ سان،
العِشق جي اُمڙ سان - ڪوھ طُور تون ڪَڪورين.

8 - سِڪندن لاءِ سِڪ جون ٻاهيون - نئين سِر سَڄڻ سنباهيون،
ڇَپائين اسين تا چاهيون - اَعجاز ڇَپ نہ چورين.

ٿلهہ : ڪريان حَال ڇا احوال - جَر مون جال وھايا،

بي نِياز جي ناز - بِرھہ باز بَچايا.

1 - **ڪَري وَيس ڪو لِبيس هِن ديس تي آيو،**
بي حِجاب تي نِقاب مَاهتاب اُنايو،
ڪِلي ريب سان فريب بي عيب پُلايو،
تَنهن ڏِينهن لڳو نينهن ، اکين مينهن وسايا.

2 - **ڪُنڊِل وار خَمدار - ڇڏيا يار چوڙي،**
ڪَجل ڪيف واري سيف سان تو ضيف نِهوڙي،
سو مَحبوب ۽ مَرغوب خَنجر خُوب وِيو ڪوڙي،
ڏِيئي سُور منجهہ گهور نَوان سُور تَنهن لايا.

3 - **جِن يَار پَڳدارُ هِڪ وَار سُجاتو،**
تي هيچ سرويچ تني پيچ آ پاتو،
اُهي رِيهان ڪن ڪِيهان رُئن ڏِينهان راتو،
اتن تانگهہ سِپ وانگ ٿيندن سانگ سجايا.

4 - عِشق شاھ جي باھ پَتر پاھ ڪَيڙا،
جلي مِيرَ ڪئين امير، پچي وِير وِيڙا،
سندا شان ،چڏي مان، تي قُربان پِيَڙا،
اَعجازا ذوق، اِنهيءَ شَوق، لَکين لوڪ لُچايا.

تلھ : ديوانو دِلربا ڪيو دلبا ڏئي ڏئي - اَنجام آسرا ڪَئين عرصا ڏئي ڏئي.

1 - **مِلندو ھو اڳ تہ ھرھرۃ ھاڻي لِڪيو لِڪي - گُھونگھٽ نِقاب رُخ سِر پردا ڏئي ڏئي.**

2 - **شُعلا شرارا شَمع ڪان سُھڻي جا شوخ شوخ - جِند جان جِيۂ جَلايئين جھلڪا ڏئي ڏئي.**

3 - **مَحبوبُ مُونکي ڏرڏر تو اڌ ڪُنو ڪري - تَلوار حُسن جا گَلي گھڪا ڏئي ڏئي.**

4 - **دِيدن سَنديون دُناليون ڏيڪاري دَم بَدم - دِليون ڦُري تو اَڪثر دڙڪا ڏئي ڏئي.**

5 - **مِليو نہ پاڻ ۽ نکي ڪنھن سان مِلڻ ڏِنئِين -ڏادِي ڪَئي سِتمگر ڏَنڙا ڏئي ڏئي.**

6 - **جِنھن دم بہ آئون بِرھ کان بيزار تي پَيُس - تَنھن دم موتايو دِلبر چَٽڙا ڏئي ڏئي.**

7 - **مُون مَسجدون بہ پيشيون مَحبوب جي ڪري - پَر بي مُراد موٽيس سَجدا ڏَئي ڏَئي.**

8 - **مُنهن ۾ حَسين مهربان، ڪِردار ۾ قصاب - ڇُريون اکين جو واهي ٽو چِيرا ڏَئي ڏَئي.**

9 - **اَعجاز جو جُنون اڄِي ڪان بہ اَڳِيرو - تَسليٰ ڪَئي طَبيبن خَاڪا ڏَئي ڏَئي.**

ٿلهه : تُنهنجو سُنهن تہ سَڄڻ تُنهنجي سر لاءِ، سَڀ عُمر گُذاريم سِڪي سِڪي.

1 - وَرهين ڪان وَٺي سُهڻل سَائين وَڍيل تُنهنجو آهيان،
وَڍِ اهي وَڏي ڦَٽ نِپٽ ٿِيا ڇُٽڻ ٿو مُشڪل ڀَانيان،
سِڪ جي سهاري هلان چلان پِيو، نہ تہ مران هُوند ڇِڪي ڇِڪي.

2 - رَمز ۾ آهي رَتُ رُنو مُون، تُنهنجي دَرد هِجر جو،
لوڪ جي اَڳيان ڪِلي لِڪايم، جاني زخم جِگر جو،
ڳُجهڙي سُور کي ڳُجهہ ۾ ڳَايم، ٺاريءَ ٺاريءَ ٽِڪي ٽِڪي.

3 - لالڻ تو لاءَ لال وَهِيو ويهي ويهي وِڃايم،
ديسَ وارا دِل تان ڀُلائي، توکي پَنهنجو ڀانيم،
عُمر حَياتيءَ پَنهنجي سَڃي مُون، سمجهہ تہ تو وٽ وِڪِي وِڪِي.

4 - لوڪُ تہ سُهڻا لَک لهي، پَر تُنهنجي ٻَجا ڪو ٿِيندو،
تو جيئن مُنهنجي مَرض درد جي، چا دَوا ڪو ٿِيندو،
تڏهن توريءَ مُنهنجا مُحب مِنا، هر محفل آ مُون لاءِ ڦِڪي ڦِڪي.

5 - اَعجاز چَوي هَر حَال خِيال ۾ دِلبر دِل آ توڏي،
سَار سَچي ۾ ٿَار طَلب سان آهيون گڏ جڻ گوڏي،
پَر ظاهر ۾ بہ جي پِيارا مِلين، ٿَان عَجب ٿِئي پَنهنجي اِڪي اِڪي.

ٿلھ : موٽ مِنا دِل جاني وي - پِرت سَنديون سُٽي يار پُڪايون.

1 - **مُند بهار جي موٽي آئي - مَست هَوا مَستاني وي،**
موڙ وَصل جون مُحب مَهارُون.

2 - **هِينئڙي مُنهنجي تي حُزن تُنهنجي جي - هَر دم آ حيراني وي،**
حال جا حاذق ڏي ڪو دَارون.

3 - **پارس پِيارا يار پَسائج - پُونم ماھ پيشاني وي،**
پَر ۾ ڪيان پَئي تُنهنجون پَچارون.

4 - **جوش جُدائي جي آھ جَلائي - مُنهنجي جوت جَواني وي،**
جَهر جَهنگ ڪرايم عِشق جُهونگارون.

5 - **اَچ تہ تِين هي مُشڪ عَطر جِيئن - چَوڪا ماڳ مَڪاني وي،**
اَعجاز چَوي مَج اگلي آرون.

ٿلهه : اجان تُون نہ آئين الائي ڇو او پِيارا - تولئہ نيڻ هِي هِت آهن اِنتظارا.

1 - **اِنهيءَ مُونجهہ سودا پريشان ڪيڙو - هِنيو حال حَيرت ۾ حَيران ٿِيڙو،**
وَهم حول دِل تي آيم ڪَئين ڏُلارا.

2 - **تُنهنجا چارا راهون تَڪيندي تَڪيندي - ڏُکيا ڏِينهن راتيون ڪَٽيندي ڪَٽيندي،**
آيو دَمر لَبن تي اَچي مِل خُدارا.

3 - **هُيم جي اُميدون، اُهي سَڀ يسمر ٿِيون - رِٿون رُوح واريون خُوشيون سَڀ خَتم ٿِيون،**
زَهر زِندگي ٿي جِيءَ جا جِيارا.

4 - **ڪَجل سِينڌ سُرخي، ڪَيان ڪِيئن سِوا تو - وَڳا ويس پائي وِهان ڪِيئن سِوا تو،**
لَڳي تُنهنجي لاري، چِنا سَڱ مُون سارا.

5 - **اَچي سُهڻا هيڪر،صُورت وَج ڏيکاري - نَظر پِيار وارِي وَري ڪَر تُون واري،**

تو اَعجازا چَئي تِيَن، نوان ڪي نِظارا.

تلھ : ڪالھ بہ موھي ماري وئين، تُون اَڄ بہ موھي ماري وَڃ،

عِشق اَکين ۾ پائي پِيارا، ٻارڻ ٻِيھر ٻاري وَڃ.

1 - **پاڻ سينگاري گُھنڊ اُتاري مُنھڙو ڏِھاڙي ڏيکاري وڃ،**

نيڻ گُلابي نِيم نِنڊاکا، چَائي چِتائي نِھاري وڃ.

2 - **جان جُدائي منجھ جلي پئي، ڪا تہ گھڙي گڏ گھاري وڃ،**

پِيار مَنجھان جو پَنھنجي ھَٿن سان پَٽُ پِريم جو پِياري وڃ.

3 - **مُحب مِجاز جا مَچ مَچائي،دِلبر دِلڙي اُتاري وڃ،**

ٻَاز حَقيقت وَارو ٻَڄي پوءِ، عَرشين خِيال اُڏاري وڃ.

4 - **سِڪڻ جي مُونکي سُڌ نہ پُوري، سِڪڻ يَلا تُون سيکاري وڃ،**

ڪِيئن سِڪان تولاءِ ڪِيئن سَڙان آئون، پَھُہ اِھو تہ پَچاري وڃ.

5 - **اَکيون مِلائي پَنھنجو بَنائي،وَر ڏئي مُونکي وَالاري وڃ،**

آئون بہ سَڏجان تُنھنجو اَعجاز چَئي،نالو رکي ننگ پَاري وڃ.

ٿلهه : جِيئڻ ڪَهڙو آ جَانب ڏاران -وِرهه وِڇوڙو ٿو ماري، هَر هَر ڳاري.

1 - **ساريون راتيون سارا ڏِينهڙا - ساهه سَڄڻ کي ساري دَم نہ وِساري.**

2 - **سَوز پُراڻو سُورَ نَوان - اَڇي پاند پِيا مُون پَناري، سانوڻ سِياري.**

3 - **ڏوهه ٻئي جو ڪونهي يارو - لَڳا سون جَنهن جي لاري، سو پِيو رُئاري.**

4 - **اَعجاز علي شاهه مُرشد سائين - اڱڻ اَچي جي اوتاري، مُئي دِل جِياري.**

ٹلهه : آئون اِئين ڪِيئن چوان - جَانب تو ڪا ڪَئي آ جُدائي.

1 - **ٻولي ڪَئي مُون ٻانهپ واري - گولي آهيان سا عُمر ساري،**
پُوري ڪَڏهن نہ پَوان پَوان - پاڻ ڪري توسان جائي.

2 - **صُورت سُهڻي سُونهن اِلائي - لالي لَبن تي سُرمي سِياهي،**
نَاز وري نِت نَوان نَوان - ماڻن تُنهنجن دِلڙي چورائي.

3 - **حاڪم آهيون حُسن وارا - روءِ زمين جا روشن تارا،**
جِيئن هَلو تِيئن سَنوان سَنوان - ڪانهي اَوهان ۾ ڪابہ ڏِنگائي.

4 - **مُونکي ناهي ٻيو ڪو مُطالعو - نِينهن پَڙهايو تُنهنجو نالو،**
روز هِجي ۾ رَوان رَوان - وَات اَعجاز جي اِها ئي وائي.

ٿلھ : تو سواءِتُنھنجي سَجڻ تَصوير خِيالي ٿا ڪَندي،
بي حُضوري عَاشقي، نَخچير خِيالي ٿا ڪَندي.

1 - **سال سڪندي ٿيا اَٿم، پر مَن نٿو ٿئي مُطمئن،**
غائبانا دوستي دِل ڏِير خِيالي ٿا ڪَندي.

2 - **ڪانگ قاصد ٿا ڪندا، پيغام پانڌي ٿا ڪندا،**
خَط و ڪِتابت ٿا ڪندي، تَحرير خِيالي ٿا ڪَندي.

3 - **ميل مَحبت مَھر و مَروّت، ھر خِيالي جي بَجاءِ،**
بي رُخي جَلادگي بي پير خِيالي ٿا ڪَندي.

4 - **مُون وَڏا ئي وَس ڪيا، پَر نا اُميدي پَئي پَلئہ،**
تقدير ۾ ناھي وَصل،تَدبير خِيالي ٿا ڪَندي.

5 - **ھِن مُرغ دل داناء ۾، اَز خُود اَلف آزاد ڪي،**
زُلف ڌُتا وارو ڪَمند ،زَنجير خِيالي ٿا ڪَندي.

6 - تَوڙئون تَنازع ڪاڻ جو،تَڪرار ضِد تي آ بينو،
تَنهن بَدُوءَ بي ڏِيان ڪي شَمشير خِيالي چا ڪَندي.

7 - آءٌ اَچي اَعجاز چَئي، تُون تي مُلاقي رُوبرو،
توسان توريء گُفتگو، تَذڪير خِيالي چا ڪَندي.

ٿلھ : بي درد بي وفا جي - بَرتاء بي رُخيءَ ڪان،
رھڻو مُونکي پري پيو -پنھن جي غمي خُوشيءَ ڪان.

1 - بَھتر آ ھَاڻ ھُن گان - آئون بہ پاڻ پليان،
دَامن بَچي پَوي مَن -ھُن جي مُنھنجي بَديءَ ڪان.

2 - اي دِل ھَزار پيرا -دُوري وَڏيڪ آھي،
ڪَنھن بي قَدر سِتمگر -جِي پيچ لَنئون لَڳيءَ ڪان.

3 - تُنھنجو ڏِسڻ تَڪڻ رُخ -ميلو مِلڻ بہ گھوريو،
جَنھن وَٽ سُجاڻ دل جي - ناھي ڪَشمَڪَشي ڪان.

4 نڪريون وجن ڏڪاريون - سنگدل جي حق ۾ ھاٽي،
آھون ھي بعضي دانھون - درماندي دل جليءَ ڪان.

5 - ڪَنھن تي مَيار ڪَھڙي- ڪَنھن جي خطا نہ ڪائي،
مُنھن جي وَفا لُڙھي وَئي- مُنھن جي ئي سادگيءَ ڪان.

6 - ڪَھڙي طرح وَٽايان -دُنيا کي پاڻ پِنھنجو،
آھيان نِڪارُ جَڏھين- دُنيا جي ڪَم ڪَميءَ ڪان.

7 - جَنھن جو جَيئڻ وجي ٿيو- بَرزخ جي جِيئڻ وانگي،
تَنھنکي ڇا ھاڻ حاصِل -سِج جَھڙي صُورتيءَ ڪان.

8 - اَعجازَ جَنھن جي آئون- ٿِيس پِيار جي نہ قابل،
مَرڻو بہ دُور پَئي وِيم -تَنھن جي شَھر ڳِليءَ ڪان.

ٿلھ : دَم نہ سَھان تُنھنجي دُوري اَلا - ويجھو ويھي وري وِجھہ مَ وِٿيون.

1 - **تَرسي تولاءِ تُنھنجا نِھاريم - تَڙ تَڪيا سَپ تِٿيون اَلا،**
ذوق ۾ پَانيم ائين ضروري.

2 - **چُستيون چالاڪيون چَنچل چاليون، عِشق جي چوٽن چِٿيون اَلا،**
ساھ سدا ٽِيم مٿي سِر سوري.

3 - **جُڳ جُڳ جَنھن لاءِ تو در جاني، جُتيون جَڳن جُون ڪُٽيون اَلا،**
پِرت بَچايئي سا مُونکي پَڪ پُوري.

4 - **اَچ تہ اَعجاز چَئي پاڻ ۾ پَنھنجون، پُوريون ڪَيون اَڳ رِٿيون اَلا،**
جِن جي مِيثاقان آھي مَنظوري.

ٿلھ : آھيان آئون اَجان تائين مُنتظر - ڏِسان ڪَڏھن ٿو مُونسان وَفا ڪَرين،

مُون سان وَفا بہ مُنھنجي ئي دِل وَٽان، نہ تہ سمجھندس تہ ٿو دَغا ڪَرين.

1 - **تُنھن جي وَاعدن تي ڪُنم گھٽئي - تُنھنجي آسرن تہ مُنم گھٽئي،**
تُنھن جي ساڪپڻ ڪي ڏِنم گھٽئي - رکِو عاشقن سان ٿو انا ڪَرين.

2 - **تُنھن جي وَفا جو مُونکي ضرور آ - تُنھن وَفا ۾ مُنھنجو ظُھور آ،**
تِيسين ذَات مُنھنجي مَستور آ - جِيسين نٿو تُون جلووي نما ڪَرين.

3 - **جي وَفا نہ پُڄئي تہ جفا بہ ڪَر - جي نيڪي نہ پُڄئي تہ گلا بہ ڪَر،**
اَختيار راھ تون ڪابہ ڪَر - چو ٿو خَتم بئي رَستا ڪَرين.

4 - **ناھيون پاڻ اَڄ جا ڪي آشنا - جو نہ سَمجھون ھڪٻئي ڪي مِٺا،**
چَوان سَچ مگر اَعجاز چَئي - تُون چوندين تہ ٿو شِڪوا ڪَرين.

تلهه : مُون ڏِنا ها اَڳِ ۾ تُنهنجا مُحرمانه آر پِيار،
هاڻ ڪِيئن پردا سَهان، ۽ غير گانه آر پِيار.

1 - تُون بہ مُنهنجو آشنا - آئون بہ تُنهنجو آشنا،
پوءِ مُون سان ڪِيئن ڪَرين- جِيئن ڪَن بيگانه آر پِيار.

2 - تُنهنجي دِل جي تُنهن جي رُخ مان - پَئي خَبر مُونکي پَوي،
دِلربا لاشڪُ وِساريئِي - دوسِتانه آر پِيار.

3 - بادشاهن ۽ دَريائن جا - بُتم پَهه پُور جِيئن،
هُوبَهُو تُنهنجا ڏِنم تِيئن جانِ جانه آر پِيار.

4 - توڙي چريا مَست آهيون تہ بہ تُنهنجا سمجهيو وجون،
بي دلانہ آر پِيار ۽ بادِلانا آر پار.

5 - ڪِينَ ڪُوڙا سمجهه ڪڏهين - سڀ سچا ثابت اٿئي،
عاشقانہ راز نِياز ۽ عاشقانہ آر پِيار.

6 - **مُون لَئہ مَهنگا بِين لاءِ سستا - اي مِٺا محبوب چو،**

مَهربانہ پال پاڪر ۾ دِلبرانہ آر پِيار.

7 - **آئون وِساريان ڪِيئن اُهي - اَعجاز چَئي تُنهنجا عَجيب،**

لَب لَبن تي وَصل دَم بانهون سِرانہ آر پِيار.

ٿلهه : جي هُجئي فُرصت تہ پِيارا - پائي وڃ ڪا جهاتڙي،
تُنهن جي عاشق جي آ تو لئہ - دَل گهٽي اڄ آتڙي.

1 - **طَلب تي تڪرار تُنهنجي - ڪِيئن ڪريان آئون صَبر،**
مُنهن ڏِسان مَحبوب تُنهنجو - تِئيم تَن تَسلاتڙي.

2 - **ڇُورُ مُونکي ڪيو ڇُرڻ ڪان - تُنهنجي چِشمن هِت ڇُٽي،**
ڪانہ مُونکان هاڻ پُڄندي - تو سواءَ بِي باتڙي.

3 - **حال هاجون هَڙ وِساري - اَڇ مِنا مُنهن جي تَڏي،**
با خَبر تي با وَفا - پوءِ بِرهه جي سُڻ باتڙي.

4 - **جو مِلڻ جو ڏِينهن ڏِين - يا مِلڻ جي رات ڏِين،**
ڏِينهن سو سوغات پائيان - رات سا باراتڙي.

5 - **مُنتظر تي تِي اَڪيون - هي نيٺ پرجي آگميون،**
ڏِس مَتان ڪِٿ ڪَن نہ مُنيون - مُند بِنا برساتڙي.

6 - اَڳ نہ ڪَڏهين هيڏو ڪَنهن لاءِ - بي آرامون آئون ٿِيس،
تو اَلائي اَعجاز چَئي - ڪَئي ڪَهڙي گهائي گهاتڙي.

ٿلهہ : زندگي زَهر آ تو بنا، توڪان پل نہ پري مان ٿيان،
جلي جان جگر ٿو هنياءُ ،زندگي زَهر آ تو بنا.

1 - نڪي ننڊ نيٽيڻ ڦِتو آرام آ، سِڪ تُنهنجي تن ۾ تمام آ،
جيءُ ۾ جولان آ موت مهمان آ اهو ارمان آ،
توڪان ڌار نہ دِلبر جيان.

2 - لڳي آگ اندر ۾ باهہ ڀڙڪي پئي،دل درد اٿر ڪان دڙڪي پئي،
هي دل مدهوش آ خوشي خاموش آ برهہ بي هوش آ،
ڪنهن ڪي حال هي دل جو ڏِيان.

3 - رات انڌيري آ گهٽجي ٿو هيءَ دم، اهو اَعجاز اندر جو مِٽجي نہ غم،
چپ ڪِيئن رهان وينو سور سهان ڪٿي ڳولي لهان،
تنهن ڪان قاتل ملي تہ پيان.

ٿلهہ : مَاري مَاري نہ مَار سُهڻا - ڪَرِ ڪو قِياس ڪُنل جو.

1 - **ڪايا مايا ڪِينَ مَنگان آئون - تُنهنجي اَتم دَرِڪارِ سُهڻا.**

2 - **عِشق اَسان سِر آگم لايو - نِيڻين وهن پِيا نار سُهڻا.**

3 - **ڪَر مسيحاهي ماڻا چَڏي تون - جاني جنازا جِيار سُهڻا.**

4 - **مِهر مَنجهان ئي مُرڪي هيڪر - جام پِريمي پِيار سُهڻا.**

5 - **حُجت جي ڪا حاجت ناهي - حال ڪريان چا هَر وارِ سُهڻا.**

6 - **درد مُنهنجي جِي تُون دوا تِيندين - آهيان تُنهنجي آذار سُهڻا.**

7 - **هي ويل مِلڻ جي واجب آهي - وائي وَصُلَ جِي وارِ سُهڻا.**

8 - **ياقي اَچي تي يار اَعجاز سان - رَنج رُسا مان وِسارِ سُهڻا.**

تلهہ : تُنهنجي مِلڻ کان وڌيڪ، تُنهنجي جُدائي بَهتر پانيان.

1 - تُنهن جي وَفا کان تہ تُنهنجي بيوفائي - ڏاڍي لڳي تي مُونکي سَٺائي،
توڙي غَمن جا اَورِيڪ -تہ بہ سَرهائي سَر سَر پانيان.

2 - هِجر وِصال جو راز پَروڙيم - ۽ سِڪ نہ سِڪ جو سازُ پَروڙيم،
سَوز سَواءِ سَڀ تَاريڪ، ڪاڻ سَهائي ڪَنهن پَر پانيان.

3 - تُنهنجي ويجهائيءَ وَارا تورا - ڪِين تا سَمجهن ماڻهو پورا،
شَوق بِنا جي شَريڪ - طوق تُنهنجا تو تِن سِر پانيان.

4 - ڏُور جي تُوکان تُون تن لاءَ ماندو - ويجها جي توکي تُون تن لاءَ ويساندو،
توکي نہ جيڪي نزديڪ - تُنهنجي پَلائي تن سِر پانيان.

5 - تُنهنجا گهورا ٿِيندا ڪي پورا - سي بہ صَفا ڪي بِلڪل ٿورا،
تَن سان بہ تُنهنجي شِيڪ - ۽ مُنهن گُهنجائِي اڪثر پانيان.

6 - چِت ۾ اَٿم جا تُنهنجي چاهت - شَل سا اَعجاز چَئي رهي سلامت،

سَرس سَدا هڪ ساريڪ، نہ تہ عُمر اَجائي اَبتر پانيان.

ٿلهه : هُو ڏِسي مُونکان هُو وِيا - هَر دَم حُب هِڪ جِي رهي،
لَوڪان لِڪي جَنهن لينئڙو پاتو - رُڳو ياد سَنديِسَ لِڪ جي رهي.

1 - سُونهن جي ساراهه ۾ پَنهنجو پاڻ مَٽ هو ٻيو نہ ڪو،
جوڙ جڪ جو جنسار هو - بس لوڏ لَڪ لَڪ جِي رهي.

2 - پاڪ پَوشاڪ پائي پرين - ميم سان مُرڪيو پُئي،
جَواهري داٽا اَک ڏِسي - حَقيقت سچي حق جِي رهي.

3 - مُنهُن مسجد هو محراب مِثل - مُون ڪٽي ڪَعبو ڪيو،
سَامهون ڪيم سَجدو اُتي - اِها ڳالهہ ساري سِڪ جِي رهي.

4 - جو نہ مَجي مَحبوب ڪي - سو ڪافر چَوان ڪُفران مان،
اَعجاز جِيئن هو مُون ڏِنو - تِيئن ئي تَنهن جي چِڪَ جِي رهي.

ٿلهه : تو سَڄڻ سِڪڙي ڏِنِي - مُنهنجو تہ ڪو رايو نہ هو،

پَنهنجي پڌرائيءَ جي لاءَ - ڇا پيچ تو پايو نہ هو؟

1 - نَينهن جي نالي ۾ ناتي - جي پِيم توکان خَبر،

آئون تہ هُيس نا آشنا اڳ نِينهن مُون لايو نہ هو.

2 - ياد ڪَر اُن ڏِينهن کي - جَنهن ڏِينهن لَبُ لَبَ تي رَکي،

پِيار ڏَئي پَنهنجو مُونکي - تو ڪُجهہ کي فرمايو نہ هو.

3 - هُت تو موهيو هُونئن مِنا - ۽ هِت تو موهيو هِيئن وري،

مَهہ جَبِين مَحبوب ٿي - تو گهُور سان گهايو نہ هو.

4 - جي اَڇيئي پَت پِرين - "اَعجاز" چَئي هِن ڳالهہ تي،

تو سواءِ تُنهنجو قَسم - هِن دَل ۾ ڪو آ يو نہ هو.

تلهہ : هاڻ تہ جُدائي چَڏ او سِتمگر گهڻئي سَهايو سِڪايو اَٿئي،
نِينهن جو ڦٽُ بَدنَامُ نِپٽُ نَاسُور وَري بہ چِڪايو اَٿئي.

1 - سَال سَنيارِ تہ ڪيڏا ظَالِمَ تَسِيا ڏيئي تَسايو اَٿئي،
پَنهنجي چاهيندڙ عاشِق کان - ڪيڏو ڏُور ڏسايو اَٿئي.

2 - ڏُک ڏُکن تي ڏيئي اُلٽو ڏُکويَل ڏيل ڏُکايو اَٿئِي،
ڏَاڍُ ڪَمايَئِي چا هَٿ آيَئي - کِهڙو پَکڙُ پرايو اَٿئِي.

3 - ڪَيَئي گهٽا پَر هِڪ بہ مُون سان وَعداو ڪو نہ وَفايو اَٿئِي،
سَمجهي دِيوانُو پاڳل مُونکي - لَحظي لَحظي لُيايو اَٿئِي.

4 - پَري پَري کان جَلووا ڪري ڏِس، ڏَري ڏَري تَڙپايو اَٿئِي،
قَريب نہ ٿِين ٿو دِل نہ ڳَنڍين ٿو، يَار کي يَار نہ يَانيو اَٿئِي.

5 - ڏُورِي وَارا دنگ وِجهي، تَانگهن ۾ تَرِسايو اَٿئِي،
دَرشن کاڻ سِڪائِڻ ڪَنهن کي، سَانوڻ ڪِيئن سِيبايو اَٿئِي.

6 - جَرح ڪَرين ٿو جَرحَنِ تي، ٻِيو عِلاجُ نَظر نہ آيو اَٿئِي،
ويڄُ سَڏائِڻُ ڦَٿُ نہ ڇَڏائِڻُ، مُنهن تي ڪو نہ سُونهايو اَٿئِي.

7 - اَلست چَئي پوء وقت اَزل جي، پيچ اَعجاز سان پايو اَٿئِي،
يَاد اَٿئي يا وِسري وَيُئِي، يا ياد نہ ڪنهن ڪرايو اَٿئِي.

ٿلهہ : مُنهنجي توکان سِواءَ سُهڻا سَرندي پَئي،

تُنهنجي پيار بِنان دِل پَرندي پَئي.

1 - **هاڻي هِيئن وجي پَنهنجو هَوش ڪَندس - هَر ڳالهہ تُنهن جي فِراموش ڪَندس،**

توتان خِيال ڪٽي خاموش ڪَندس - توڙي جان جُدائي ۾ ڳرندي پَئي.

2 - **توکان پاڻ پَلڻ جي ڳولي ڳري - ڏِيندس دِل نہ وَري وِيندي پوءِ سَري،**

باقي باھ اَزل کان جا آهِ ٻَري - سَا ٻَاھ بَدن ۾ ٻَرندي پَئي.

3 - **تون ڪو نہ مُنهنجو رازدانُو هُئين - نَڪي دَرد مُنهنجي جو دَرمانُو هُئين،**

تون تہ مُون لاءِ هِڪ بَهانُو هُئين - ڪولي نيٺ اِها ڏِيَٺي وَرندي پَئي.

4 - **هَن دِيواني دل جا ڏوراپا سُڻي - تِيندِيَئِہ اَعجاز چَئي دِل گرم گهٽي،**

نَاهِيان آئون بہ نِڌڪو اَتم ڏٺي - ڪَندو مَوليٰ عَلي ٻيڙي تَرندي پَئي.

ٿلهہ : مُنهن نہ اَسان ڪان ٿُون مَوڙ - سُهڻا اَسين اَصل ڪان آهِيون غُلامر ٿُنهنجا.

1 - **عَرض توکي هي ڪَن ٿا عاشق - نِينهن نِماڻن سان وي نازِڪ،**
لائِيُي تان ڪَر تَوڙ.

2 - **پِهريان سَڏائي پيار ڏِيئي پيارا - سِڪ وَندين جي پوءِ سِيني سَچارا،**
خَنجر جُدائي جو نہ گوڙ.

3 - **مُنهن مَوڙڻ جو خِيال مَٿائي - عِشق ٿُنهنجو مِک ماس ٿو کائي،**
شِينهن وارو ڏِيو گوڙ.

4 - **اَعجاز چَوي اَچ حِجاب لاهي - تَو سِواءِ جِيءُ جاءِ ناهي،**
ٿِيءُ جَڏن سان جَوڙ.

تلھ : اُھي اِيندا مَوٽي مَلندا - وَٽان جي وَيم وَرھ ويھي.

1 - **اچي جي حال ھِڪ ٽيندا - ٻُڪيون ٻَھڳڻ ڏِسي ڏِيندا،**
ڪَري ٺَنگ نال ٺَٽر نِيندا - ڪاپاري ڪَرَ جلي جلندا،
ڪَيَئون جيھي ٽِيندَيَن تيھي.

2 **ڏنيون جِن ٽي وِرھ وٽيون، ڪولي جھڳ مڳ مئي مٽيون،**
اُنھن ريءَ پئي ويِيون گھٽيون، ھُئا ياڳين ٻختين ٻُلندا،
صفت تن جي ڪريان ڪيھي.

3 - **ڏاڍا ڏُک سُور ڏِنم ھَر دَم - سُھمان صَدمان سَنم ھَر دم،**
اَجان تہ بہ آس اَٽم ھَر دم - صحن ھِن تي سَڄڻ ٽِلندا،
سينگاري نيڻ ٺَنگي نيھي.

4 - **ڏِني آ فال واڌائي - آھي وڻ وڻ اِھا وائي،**
مُنھنجي لَئون لئون بہ ڳاڳھائي - مُون سان خُوش ٿي وَري کِلندا،
پِرين اَعجاز پَکي پيھي.

تلهه : گڏجي گُذار گُل عَذارا وي-لاهه مُنيء تان لوڪ جون ٽوڪون.

1 - **ڪِيئن وَٽن تا تو ريء دل ڪي - هار سينگار ويس سارا وي،**
طَعام تَراوتي طُول وِهاٽا وِهه ٿِيا - مُنگهٽ مُهارا وي.
اهڙيون وِڏيون مونکي ٿُنهنجي عِشق طوقون.

2 - **ترڪ ڪيا مون ٿُنهن جي خاطر - ماٽهو وطن جا موچارا وي،**
طَعنن ٿُنڪن سِينو ساڙيو - مَن تي چڙهيا ڪَئين مُونجهارا وي،
سَورن سَجيون سِر نَيون نَيون نوڪون.

3 - **سَيئي مُندون ٿُنهنجي سِڪڙي سانڍي - ووڙيم توکي هَر پارا وي،**
سَمندبِ درياء شهر باغيچا - رَوهه رُليس ريگڙ يارا وي،
سَوجهي سُجهيم سايون سوڪون.

4 - **ڪائڻ اَچن تا اَعجاز چَوي هي - آسڻ خالي اوتارا وي،**
سُور اَنهيءَ ڪان پائي مُنهن مُونين - نير وهايم نارا وي،
آءٌ وَساء اَچي اُجڙيون جهوڪون.

ٿلهه : سَڪندي سَڪندي يار پِيارا نيٺ وِياسون اڄ مِلي،

هڪٻئي جا حال وارا، خُوب ٿِياسون اَڄ مِلي.

1 - **آسرن عَرصن اُميدن انتظارن ۾ مري،**

جَڳ اَندر جاني وري،جيڪر جَياسون اَڄ مِلي.

2 - **تار تانگها تيز ڏارا، ترهي توڪل جي تري،**

لُڙ لَنگهي لَس ليٽ لارا،پار پِياسون اَڄ مِلي.

3 - **پِيار سان پنهنجو مِلڻ هِت آ عبادت جي بَجاءِ،**

دَر خُدا جي اَي دِلارا، چڙ نِياسون اَڄ مِلي.

4 - **مَن چيو چاهيو ٿي جِيئن، اَعجاز چَئي مَحبوب ٿَيئن،**

ٿِي نِيارا مَن قَرارا، قُرب ڪَياسون اَڄ مِلي.

تلهه : گُذري وِيا ڪَئين جُڳ مِنا، موٽي نہ مُنهن ڏيکاريُئي،
دِل جي ڦرهي تان پِرين، لاشڪ مُونکي مِيساريُئي.

1 - **ڏُک ڏنجها مُنهنجي بِلي ڪَري، پَاڻ تِئين وَجي سُک سَجڻ،**
ايڏي ڏاڍائي ڪرڻ جو، ڪَنهن سَبق سيکاريُئي.

2 - **ڦَبر جهڙا ڏِينهڙا ۽ قِيام جهڙيون رَاتيون،**
پَئي ڪَٽيان آئون صَبر سان، سَاجن سُخن نا پاريُئي.

3 - **جَل جَنجل ٿي هيءَ حياتيءَ تو پُڄاڻان جَانِ مَن،**
هُئين جِياپو جان جو، سو ڪِين گَڏجي گهاريُئي.

4 - **ڪَل هُئي توکي جَڏهن، هِن مست جي هَر حال جِي،**
پوءِ هِجر جي جاني جِيئڻ ڪان، چو نہ اڳ ۾ ماريُئي.

5 - **دَربَدر ٿِيس دِلربا، تُنهنجي ڏِسڻ دِيدار لاءِ،**
آءَ اَچي مِل ماهه رُو، اَعجاز کي ڇو وِساريُئي.

ٿلهه : سي ڀَلا ڪِيئن سُک سُمهن، جن کي نِيئُر پيو نِينهن جو.

1 - **عيش عِشرت دين دولت شوق شاهانا ڇَڏيئون،**
اَوچتو وِيڙَن لَڳِي، ڏَک عِشق واري شِينهن جو.

2 - **ناز نيڻن جي نگاهن،نِيم بِسمل جَن کي ڪيو،**
نيڻ تن جا تِيئن وَسن ٿا، جِيئن وَسڻ آ مِينهَن جو.

3 - **عَام سان اَعجاز عاشق، حال دِل جو ڪِين ڪَن،**
ڳُجهه اَندر ڳِرندا وَتن، اُهي رَات توڙي ڏِينهن جو.

ٿلهہ : سَڄڻ تُنهنجي جُدائي ۾ جلي پَئي جان جِند ساري،

ٻَين ڪان بس ڇِني ناتو، يَڪي توسان رکيم ياري.

1 - **سِڪڻ تُنهنجي نِيو سُڪڙو - رُئان رَاتو ڏِينهان رَتڙو.**
حَياتي تان گنيم هَتڙو - ڪَيان ڏَر ڏَر پِيو زاري.

2 - **ڪِٿان آئين تُون پَرڏيهي - هَٽي رَمزون تو دِل ريهي،**
گهڙي پَل گڏ پِرين ويهي - ڏِنِيَئِي پوءِ ڪَا نہ ڏيڪاري.

3 - **ڇَيو تو پِرت سان پَرجان - ڏُکن ڪان ڪِيم ڪي ڏَرجان،**
قُران تان هاڻ مان قُرجان - هَمت ڏي مُونکي هَر واري.

4 - **هَنيون دِيدون تُنهنجي دَر ۾ - پچان ڪامان پيو پَر ۾،**
رکي سودا کي هِن سِر ۾ - گنئي اَعجاز سِر خُواري.

ٿلهه : بي وَفا دِلبر وَفائيءَ جو قَدر ڪَڏهن ڪَندين،
صَبر مُنهنجي ۽ سَچائيءَ جو قَدر ڪَڏهن ڪَندين.

1 - **رَهه رقيبن سان پلي، رِلمل مَگر مَحبوب تُون،**
سَوز جي ساڙيل سَودائيءَ جو قَدر ڪَڏهن ڪَندين.

2 - **نام تُنهنجي تان اي دِلبر، ٿِيو وَتي جو نِت نِثار،**
اُن جي اُلفت آشنائيءَ جو قَدر ڪَڏهن ڪَندين.

3 - **مُنهن جُدائي ۾ وِجهي مَحروم مُونکي ڪِيم ڪَر،**
هَمنوائي هيڪڙائيءَ، جو قَدر ڪَڏهن ڪَندين.

4 - **دَم بَدم دِيدار لاءِ آهون پَري اَعجاز ٿو،**
شَاهِ خُوبان هِن شِيدائيءَ، جو قَدر ڪَڏهن ڪَندين.

ٿلهه : مَن ڏَانهن ڪا مُنهنجي سُڻي - مَحبوب ڪَن مُون تي ڪَرم.

1 - **اَديون اوهان ۾ آهي ڪا - ٺاٺاهه پِرين ڪي ٺاهي ڪا،**
بِي وَاهه مُنيءَ ڪي ٺاهي ڪا - چت ۾ رَڪيم جَن ڪي چُٽي،
شَل پيڙو ٿِئي تن جو پرم.

2 - **اِهي سُور اچي تہ انبوهه ٿِيا - ڏاڍا مُونکان هِت ڏوهه ٿِيا.**
سي ڪِيئن ٿِيا ۽ ڪوهُ ٿِيا - جِن جي سَزا پَوڳِيان پُٽي.
مَاري ٿو هِي جِيئري مَرم.

3 - **ريءِ تن جي ڪِيئن آرامجان - پَئي نالي جن جي نامجان،**
ڪاميون تني لاءِ ڪامجان - دِل سان ڳنيا سي مُون ڏٽي،
ڏُريان چَڏي پَنهنجو جَم جَرم.

4 - **اَعجاز چا آئون پانئيان - رَب جي رضا ڪي رانئيان،**
هِي ڪَم قَضا جو پانئيان - جَنهن ساهُ ساجن سان اُٽي،
وَرُ ڏِيئي وِڌو وَيچو ورم.

ٿلهه : وَهوا سَڄڻ مُون سان خُوب نِڀايُئي - جِيئن ٻه نِڀايُئي پاڻ پَلايَئي.

1 - **توسان ئي توسان نِينهن لاتم - توکي ئي توکي پَنهنجو ڄاتم،**
پَاڻ ڪڏهن مُونکي پَنهنجو نہ ڀَانيُئي - جِيئن ٻه ڀانيئي پاڻ پَلايَئي.

2 - **پيچ پُراڻو پيار پِيارا - قُرب وَفا اِقرار پيارا،**
ڀانيان ٿو بِلڪل دِل تان ڀُلايُئي - جِيئن ٻه ڀُلايئي پاڻ پَلايَئي.

3 - **تُنهنجي تہ سَانگي تُنهنجي تہ خاطر - بَڻيُس بيراگي مَست مُسافر،**
دِيد اَڙائي ديس ڇَڏايُئي - جِيئن ٻه ڇَڏايئي پاڻ پَلايَئي.

4 - **حَال پُڇين ها مون کان اَندر جو - رَايو ايراضو سَانگ سَفر جو،**
سَخت ڪشالو سُهٽا ڪَرايئي - جِيئن ٻه ڪَرايئي پاڻ پَلايَئي.

5 - **ڇا آئون ڇَوان ٻِيو ڇَئي نہ سَگهان ڪُجهہ- ڏُک جو ڏوراپو ڏِيئي نہ سَگهان ڪُجهہ،**
سُور سَلڻ کان دُور ٻہ رَهايئي - جِيئن ٻه رهايئي پاڻ پَلايَئي.

6 - اَڄ بہ اَعجاز جي آ توسان يَاري - سِتم جَفائون تُنهنجا بہ جَاري،
يَاري کي گُلزار بَنايئي - جِيئن بہ بَنايئي پاڻ پَلايَئي.

ٿلهه : مُون وِساريُئي ڪِين ڪُونڊر - تو وِساريو ڪِيئن هُوندو،
سِڪ لَڳي ٿي سِڪ ڪي دِلبر -تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

1 - **سَارڻ آهي سَارڻ وَٽان - سَارڻ سواءِ سَارڻ نہ ٿِئي،**
اِن مان ثابت آهي هَر هَر - تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

2 - **اَک مِلائڻ پَٽ پِلائڻ - رُخ رَلائڻ پِيار سان،**
پيچ پائڻ نَاز پَرور - تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

3 - **وِچ واهن وَيرِيُن جي چورڻ - ۽ پَچورڻ تي لَڳي،**
اي حُسن جا پِيرَ پيڪر - تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

4 - **دِل جي دڙڪن دِل جي تَڙپَن - دِل جي پَڙڪن ڪي ڏِسي،**
تو چَوان تَڏهين تہ مُنور - تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

5 - **جو وَچن ڏِيئي وَني - اَعجاز ڪي پَنهنجو ڪَيُئِي،**
سو يَگانا يَار يَاور - تو وِساريو ڪِيئن هُوندو.

ٿلهه : جَڏهن ياد پَوين ٿو پِيارا - وَهيو نيڻين پَون ٿا نارا.

1 - **اَڄ دانهون ڪري ٿي دِل تو لاءِ - سِواءِ تُنهنجي مَرڻ آ مُون لاءِ،**
تِي ڪائڻ پِيئڻ وِيا ڪارا.

2 - **لَڳو ڪَهڙو خِزان جو هي جُهوٽو - مِليو پَن نه پَن ڪي ڪو ٻوٽو،**
ٿي وِيران گُلشن پِيا سارا.

3 - **سُڻ شاهه اَعجاز جا سُهڻا- توکي آهي عَرض مَن مُهڻا،**
اَچي لاهه مُنهنجا غم غُبارا.

ٿلهه : ڏي ڪَا مُون يَار ڏِيکاري - ڪري سُهڻا قُربداري.

1 - **تُنهنجي دِيدار لاءِ دِلبر - ڏوريا مُون ڏُک ڪٽي ڏونگر،**
ڏِسڻ ۾ آءٌ ٿُون هيڪر - سَجائي تِئيم سِڪ ساري.

2 - **سَنم تو ڪاڻ ڪَئين طَعنا - بَديون ۽ بَار بُهتانا،**
ڪَيم تَڏهين بہ شُڪرانا - لَحظي لَحظي ۾ لَک وَارِي.

3 - **رَقيبن جي وِڏا رولا - تُنهنجي مُنهنجي وِچان اررولا،**
لاهي سي مِل نام مَوليٰ - جُدائي جَان جِند ڳَاري.

4 - **پَلئہ ۾ عَيب لَک پائي - آيو اَعجاز تو سائي،**
سَجڻ سِيني تَنهن کي لائي - وري وِجهہ ڪِين هَڏ گهارِي.

ٿلهہ : ٺاهي ڪا ٺاهيِ دَوا دوست اوهين ڏِيو ڪا صَلاح،

هيٺو حال ٿي ويو سَڄڻ سواءِ.

1 - **لَڳِي دِل جو دارون دِيدار آهي - حڪيمن طبيبن ڪي خبر چار چاهي،**
شفادار اِيندو ڏيندو شفا.

2 - **آڏو اکين جي آئي انڌاري - سَوين سُور سِرجيا مُونجهہ دَل آ ماري،**
وڏِي هِن وِڇوڙي وِڌو آ صَفا.

3 - **اُها پِياري صُورت ڪونہ ڏِسان ٿو - جَنهن لاءِ اَعجاز چَئي روز رُئان ٿو،**
ايندو نيٺ موٺي ماهِ لقا.

ٽلھ : مُنهنجي ريجھ واري ادا ٿي نہ توکان،

ڪَيم ڄَا سَا پُوري صدا ٿي نہ توکان.

1 - **عَجب آهي مُونکي اِهو يار تُنهنجو،**
ڪَري ڪِيئن وِساريو تو اِقرار پَنهنجو،
ڏِري جي بہ مُون لاءِ وَفا ٿي نہ توکان.

2 - **هِيڏي ڄَاڻ هُوندي نہ حِڪمت هَلايُئي،**
دِلاسن ۾ خالي مُنهنجو جِيءُ جَلايُئي،
مُنهنجي دِل ڏُکيءَ جي دَوا ٿي نہ توکان.

3 - **توسان نِينهن لايم ،اِها چُڪ ڪَئي مون،**
توکي پَنهنجو ڀَانيُم ،اِها چُڪ ڪَئي مون،
خَطا مُنهنجي آهي خَطا ٿي نہ توکان.

4 - **اَصُل بِرھ وارن تي سَڀ بار آهي،**
سُوريءَ سِڪ عُشاقن جو سِينگار آهي،
چئي اَعجاز چَڱُو جو دَيا ٿي نہ توکان.

سخن اعجاز



وَصل وصال

ٿلهه : يڪي سِر يار سان يَڪ جا - مِلڻ جو ڍَنگ مُشڪل آ،
وصل وارو چَئون پِيا جو وَرڻ سو وَنگ مُشڪل آ.

1 - **چِڏي واٽون اصل اڳ جون - الاهي عِشق جي دڳ جون،**
وني رسمون تہ هِن جڳ جون - ٽپڻ هُو دَنگ مُشڪل آ.

2 - **مَحُو بَنجي مَستاني جِيان - رهي دم دم ديواني جيان،**
ڪري دعويٰ پرواني جيان - پچڻ تي پتَنگ مُشڪل آ.

3 - **سچائيءَ سِڪ ۾ صُحبت سان - مردن جي تہ محبت سان،**
سواءِ رندن جي رغبت سان - ٽيڻ اڙٻَنگ مُشڪل آ.

4 - **پري پَنڌ آ عُشاقيءَ جو - فنا في الله فراقي جو،**
چَوي اَعجاز مُشتاقيءَ جو - پرڻ نت نَنگ مُشڪل آ.

ٿلھ : دِلبر پلي مِلياسون - ٿياسون نوان سوان،

رستو بہ پيار وارو، وري ٿيو روان دوان.

1 - **سُورن سلڻ جي موڪل جيڪر ملي تہ ڪَريان،**
سَاري سَنياري سُر سان چيتاري چوان لنوان.

2 - **توڙي هُجن ڪي تاءَ ۽ تڙڪا تِڪا تَبر،**
تہ بہ ٿُون نہ مُنهڙو موڙجان، ڪَنهن جي پوان ٿَوان.

3 - **سُهڻا تون ڪر سِينگار، آئون گهور گهور ٿِيان،**
آئينو بنجي ٿُنهنجو،تو اَڳيان پوان ڪِنوان.

4 - **وَرهن ڪان هِن اڪين ڪان، هو اِنتظار ٿُنهنجو،**
هَاٺي نہ وڃ وٺان مُون، غيرن جي پوان ٿَوان.

5 - **اَعجاز دم بَدم ٿو، ڪري توکي هيءَ دُعا،**
جَوپين اِنهي سَان جَاني، هُجين شَل اَوان جَوان.

ٿلهہ : دِلربا جو جن کي هِت دِيدار - ٿيو دم دم نصيب،
دم نہ آ دُوري جو تن کي - وصل آ پيهم نصيب.

1 - **دل جي بي تابيءَ ڪئي - ديوانگي جڏهن قبول،**
من کي تڏهن ٿيو برابر - من سندو محرم نصيب.

2 - **طب طبيبن جي کان جيڪو - درد ويو ٿي لاعلاج،**
تنهن کي ٿيو محبوب تنهنجي - ديد جو مرهم نصيب.

3 - **بس سوئي ڪافي ٿو ڀانيان - زندگيءَ ڀَرِ لاءِ يار،**
جو هٿان ساقيءَ جي ٿِيڙم - خُمر جو هڪ خُم نصيب.

4 - **سُخن سوزيده سَچو - ۽ پيچ پختو پائدار،**
سالمن کي ٿيو ۽ ٿيندو - سودو هي سالم نصيب.

5 - **عارفن ۽ عُشاقن کي - هر گهڙي هر جاءِ آهہ،**
دل جو دُر دل جي حضوري - دل وارو عالم نصيب.

6 - هيئن هجي شل هر هميشہ - هيئن هجي شل سوبسوءِ
عشق جي جيئن اڄ اٿم - دست در پرچم نصيب.

7 - هر دو عالم جو اعجازا - بي شبهہ حاڪم سو ڄاڻُ
عاشقيءَ سان جنهن کي آ ڳڏ - دلبريءَ جو دم نصيب.

ٿلهه تُون جو چمن ۾ آئين - تہ هي هُل مَچي ويو،

جَنهن جو هو اِنتظار سو - خُوبان اَچي ويو.

1 - **نِرمل جي نِيم خواب - اکين کي ڏِسي ڏسو،**

نَرگس ڪَنول گُلاب - نِيلوفر نَچي ويو.

2 - **گُل غُنچہ گِرفتار -تہ تو وَٽ ڏِنم اچِئي،**

پَر جو پَتنگ پهتو سو - تو وٽ پچي ويو.

3 - **تُنهنجي تہ ديد جي هِت - اچ هِيءَ بہ ڳالهہ آ،**

جَنهن ڏي ڪَنيَئِي سو وِيو ڪُسيِ، ڪَهڙو بچي ويو.

4 - **گُلشن ۾ گُهمندي گُهمندي - جِتي تو قدم ڌَريو،**

سَجدو ڪَرڻ تي فَرض - اُتي اَچ سَچي ويو.

5 - **سَڄڻن ۾ آ خُوشيءَ - ۽ رَقيبن ۾ غم اِهو،**

اَعجاز تُنهنجي عِشق ۾ - ڏِس ڪِيئن آ رَچي ويو.

ٿلهہ : پلي يار آئين تنهنجو لڪ پلايون - اَسان پاڻ تُنهنجون ڳالهيون ويٺي

ڳايون.

1 - پِرين تُنهنجي پَلپل پَچارن ۾ هُئاسون،
اُڪنديا اُڪيرن اُڻارن ۾ هُئاسون،
اَڃا هَوَڪا مس ٿي، مٿان تون بہ آيون.

2 - سڄڻ ٿي مُتوجهہ خُوش خوش ڪريون ڪا،
بيحد بندگين سان غُلامي پريون ڪا،
اَسين تُنهنجي بيلهپَ عِبادت ٿا پانيون.

3 - تو لاءِ هِن ڪَکن ۽ اکين ۾ بہ جايون،
تو لاءَ تَن ۽ مَن جي تَهن ۾ بہ جايون،
تو لاءِ هَنڌ هِيئن ۾ سيجون سَوَ وِڇايون.

4 - اَسانکي تو چَاهيو، اسان توکي چَاهيو،
اَسان سان اَعجاز چَئي رِيجهي رَس تو راهيو،
فَهُم فَاذكُرُونِي ڪَيُون سپ سَٽايون.

ٿلھ : طَبعيت روان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سان، حقيقت عَيان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سان.

1 - **ٿُون اَھڙو تہ آھين صُورت وَند سُھڻو - مَحبت جَوان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سان.**

2 - **گُلستان گُل ۽ عَجب مَنظرن جي - عَدم دَاستان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سان.**

3 - **حُورن ۽ پَرين ۾ حَسينن سَين ۾ - خِجالت نِھان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سان.**

4 - **اُجون آب ڪي جِيئن بِنا دَم پِيئي - تِيئن پِيان ۽ پِيانِ ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سان.**

5 - **نَظم جي نَموني سَجڻ يار تُنھن جي - حِڪايت بيان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سان.**

6 - **جَڏھن گُھندِ پائي گُھمي تو گُلن ۾ -تہ آھ و فغان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سان.**

7 - **بَيان حُسن تُنهنجو ڪَيان ڪِيئن سَمورو - گُونگن جِيان زَبان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سان.**

8 - **ٿِيو هِڪ وَجون تا حَقيقت جي پِڙ ۾ - خَتم تون ۽ مان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سان.**

9 - **ڪُلي ڪانہ اَعجاز جي هُونئن ڪَڏهن دِل - ڪَنول ڦُول جان ٿِئي ٿي توکي ڏِسڻ سان.**

ٿلهه : ڪليا ڳهندڙ ڪولي سڄڻ گُل اَندامي - پِرين مِلياسون پِريمي خُوش خِرامي.

1 - **مِلي پيچ پَاتئون ڪِلي نَيڻ لاتئون - پَنهنجو ننگ سُڄاتئون ٿيا هم ڪَلامي.**

2 - **نيڻا تِيا نَظارا نيهي نَين پِيارا - ڪَجل رَيهه وارا ٻِبِينه بادامي.**

3 - **عَجب رُوپ رُو سان، خُمر خُوب خُو سان - عطر مُشڪ بُو سان زُلف سِيُهه فامي.**

4 - **ڏاڍا ناز ٿا ڪن ڏِسي ڪَهڙا ڏِسجن - صَدق ساهه لاڪن، ڪيو مون مُدامي.**

5 - **رَقيبن جا رايا يَجي پاڻ آيا - اَعجازا اَجايا ڪَيم وَهم خَامي.**

ٿلهه : ويهه ته حالڙا وَنديون وَنديون - ڍوليا ڪَر نه وَجڻ جي،

ڪَر نه وَجڻ جي، ڪَر نه وَجڻ جي، ويهه ته حالڙا وَنديون.

1 - ٿِئي نه ٿئي وري مُحب مِلڻ هِيئن - ڏِسڻ پَسڻ ۾ رَمز رَلڻ هِيئن،
ڳوپُون ڏئي مَن ڳنديون ڳنديون - ڍوليا ڪَر نه وَجڻ جي.

2 - اهڙو اٿئي ڪو جادو نظر ۾ - لوچ لڳي وَئي قلب اندر ۾،
ڪاهي پيون تُنهنجو ڪُنديون ڪُنديون - ڍوليا ڪر نه وجڻ جي.

3 - مُند بهارَ جي مَست هَوائون - گُل ڦُل بَرسيل گهاٽيون ڇانئون،
مَينگهون مَلهارون مَنديون مَنديون - ڍوليا ڪَر نه وَجڻ جي.

4 - آئون نه اَعجاز ڇَئي هِڪڙو هِتي ئي - تُنهنجي مِلڻ ڪَيا مُشرف ڪَيئي،
لَڪين نوازيون تو لنديون لَنديون - ڍوليا ڪَر نه وَجڻ جي.

تلھ : پَاڻ مِلون ٿا تہ رنگ رچن ٿا - ازلي سچا ٽِين انگ وچن ٿا.

1 - **ريس ٽِئي ٿي راڃن ڪي - وصل جا پاڻ ڪي ڏِنگ اَچن ٿا.**

2 - **پَنھنجي حُسن جا جَلووا جھلڪا - پَايو پَلئہ ۾ پَتنگ پَچن ٿا.**

3 - **جِت آئون تون مِلون اُت ڏُوم مَچي ٿي - ارض سمآء تو مون سنگ نچن ٿا.**

4 - **مَئي جا پِياڪ جو پِيئندا مَئي - مَئي جا ڪِٽي پوءِ دُنگ بچن ٿا.**

5 - **جي ميلا ھُجن تہ اَعجاز ھِھڙا - عِشق جا جن ۾ آڙنگ مچن ٿا.**

ٽلهه : رَشڪِ نصيب آهيان ڪَمتر نصيب هوندي،

آغوش ۾ صنم آ رَهزن رقيب هوندي.

1 - **هِن مُرغ دل لاءِ دلبر، بِيا قيد ۽ ڪمند ڇو،**
دَلبا ڏُوال دامون ڦاندا فريب ڦندَ ڇو،
اَبروءِ خَنجر هُوندي زُلفِــ صَلِيب هُوندي.

2 - **جيڪي مِناڻ شِيرين جيڪي لَذيذ چِيزون،**
وِسريا سَواد تَن جا، طَرحون مَزا تَميزون،
هِن لالَ لالَ لَب ۽ لالڻ لَبيب هُوندي.

3 - **مُنهنجي نگاهه ۾ ٻيو نَقشو نَڪي نِظارو،**
مَشغل مُشاهدو آ بَس جَانِ جانان وارو،
ٻِيا سَي نِظارا گهوريم نِرمل نَجيب هُوندي.

4 - **هِي بَخت ڪِي سِتارو،ڪي آ ڪَمال مُنهنجو،**
مَحنت ڇَوان ڪي مَشقت ڪي حَال خِيال مُنهنجو،
ٿِيس غَيرتِ تَونگر مُفلس غَريب هُوندي.

5 - آئون ڏاغ پَنهنجي دِل جا،دِل ڪان بہ پِيو لڪايان،
ڪِيئن عام ڪي پوءِ تن جو، وَاقف سَڏي بنايان،
مَن جي طَبيب مَحرم ماھر مُجيب هُوندي.

6 - بَرسات بُوند جُهڙ ڦڙ بَن باغ نَو بَهارا،
مَئي جام مِينا ساقي خُمار من قَرارا،
قُربان جَان دِل هِن مَوسم عَجِيب هُوندي.

7 - اِجڪلهہ جا نِينهن نَاتا، اَعجاز بي نَوِيدا،
بَيجا رَواج رَسمون بيجا عمل عَقيدا،
ڪَن غائبانہ يَاريون حَاضر حَبيب هُوندي.

ٿلهہ : اگڙ مُنهن جي دِلبر - عَجب ٿي ٿُون آهين،

سَچڻ سائين سِڪ جو سَبب ٿي ٿُون آهين.

1 - **نِازڪ تَن بَدن سَان - حُسن مَن مَگن سَان،**
رَنگِي رُخ چَمن سَان - مني لَب لَحن سَان،
گُلابي چَمن سَان - غَضب ٿي ٿُون آهين.

2 – **مُلهہ نہ تو اَملهہ جو - پَارس پَٽ پُنهل جو،**
پَاريئي اَنگ اَصل جو - وَاريئي وَنگ وَصل جو،
قَتيل جِيءَ وَڍيل جو - تہ طِب ٿي ٿُون آهين.

3 - **مِنا مَن اَندر ۾ ، جاني جِيءَ جِگر ۾،**
فَهم ۾ فِڪر ۾ ، نَظر ۾ خَبر ۾،
مُنهن جي هَر لَهر ۾ - جَذب ٿي ٿُون آهين.

4 - **نَسنگ ٿي نِظاري - صُورت وَئين ڏيکاري،**
تنهن جِي سُونهن ساري - اَعجاز چا پَچاري،
اولي عَين وَاري - عَرب ٿي ٿُون آهين.

ٿلھ : مُحب مِليو وِيو مُونجھارو - کُليو چَمن اَڄ سَارو.

1 - **مُون ويني سَرتيون واٽون وَاجھايون - وَاھ ڍِريو اَٿم ڍارو.**

2 - **نِرمل نازئون نِقاب اُنايو - لڳو نوري نَين نِظارو.**

3 - **مِلي دِيد ديد سان عِيد ٿي پئي - دَرشن ٿِيو دِل وَارو.**

4 - **سوئي اَعجازا صورت سھڻو - سَجڻ ڏِٺوسون سَچارو.**

تلھ : ڏِسندي پَسندي پيار سان - ھِڪ ٻئي کي پِيارا ٿِياسون ٻَئي.

عِشق مَان ٿي عَاشقي، سو عِشق وارا ٿِياسون ٻَئي.

1 - **دِلربا دِيدون مليون ڏُوري دلين جي ڏُور تي،**

دَمِ قدم دَم دَم مليا هَمدم دِلارا ٿِياسون ٻَئي.

2 - **تو پِياري مُونکي، مُون توکي پِياري مَست مَئي،**

مَست مَئي جي مَستي ۾ سَرمست سارا ٿِياسون ٻَئي.

3 - **پَاڻ آھيون هِڪ مگر، هي لوڪ ڄاڻي ڪِين هڪ،**

ٻِن اکين ٻِيائي ڏني، ٻِيائي جا مَارا ٿِياسون ٻَئي.

4 - **جَڏ شَرم ۽ پَج پَرم، اَڄ ڪَلھ جا نَاھيون آشنا،**

هُت تہ هُونئن هُئا هُل هِتي هيئن آشڪارا ٿِياسون ٻَئي.

5 - **هيڪڙائي ۾ هُئي، حالات پنهنجي حَيرتي،**

پَھرين ٻُت، پوءِ جان جِيءُ، پوءِ سِر پُوڄارا ٿِياسون ٻَئي.

ٿلھ : آئون صَنم پَنھنجي سَان آهيان رُوبرو،

ڪِيئن چوان آئون ناهيان ئاهيان روُبرو.

1 - **چاھ ٻيءَ چِنتا ڪان آ مُنھنجو چڙهيل - چِت سَان دِلبر ڪي ٿو چاهيان رُوبرو.**

2 - **هُونئن تہ لاهي هِڪ ٻہ سَگهندس ڪِين مان - ڳائي ڳائي ٿورا لاهيان رُوبرو.**

3 - **شوق ۾ مَحبوب جي شعر ٻہ ٿي - شَاعر ٿو هِڪ روز ناهيان رُوبرو.**

4 - **ڏَانهن مُنھنجي ڪِيئن وجي پوءِ رائگان - دِلربا وٽ آئون ٿو ڏَانهيان روبرو.**

5 - **خِيال يا هي خواب ناهي خُوب ڏِس - چا مَنجهان اَعجاز چاهيان روبرو.**

ٿلهه : آيو يار اڱڻ اَڄ آر ڪَري، سُرمون سينڌ ڦٽي سِينگار ڪَري.

1 - **اکڙيون الست ڪيئين،ٻڇيون بان هٽي بي وس ڪيئين،**
دل درمندن جي دست ڪيئين، پنهنجو زور ظلم اختيار ڪَري.

2 - **ڏسو جوڀن جلوو جمال سندس، نئون ناز نيارو خيال سندس،**
ڪن پيا ابرو ڪهڻ سان ڪمال سندس، تن سان ڪير وري تَڪرار ڪَري.

3 - **پوشاڪ سراپا پشم ميان، هٿ پير حنائي هر دم ميان،**
ڪولي زلف سياهه خم خم ميان، پيو محبوب جلادي ڪار ڪَري.

4 - **لب لال چُريا لولاڪ لُڏِي ،حُورن پَرِيُن سُڌ سرت ڇڏِي،**
ڪوڙي ڪاڻ عشاقن ڪات اَڏِي ،پيو دوست سريون ڏڙ ڏار ڪَري.

5 - **جنگ نيڻن جي تہ نرالي لڳي، سر سيني ديد دنالي لڳي،**
جند جان جلڻ لاءِ يزالي لڳي، اهو ڄاڻ اَعجازا تون اعتبار ڪَري.

ٿلهہ : ڇا ڪريان قربان هِن دم - ڇا ڪريان ٻي حاضري،
جو اڱڻ منهن جي اَلائي ڪيئن - ڪئي تو تشريف آوري.

1 - قُرب جو پهريون قدم هي - هِن جي ڇا ڇئجي ٻَها،
هيءُ نوازش مهرباني - هن جي ڪهڙي ٿئي ثنا،
ڇا وفائي ڇا سچائي - ڇا سندءِ آ دلبري.

2 - حَمد تَسبيحون هزارين - لک دوگانہ اڄ ڪَيان،
گهور سڀ ارض سماء - وارا خزانہ اڄ ڪيان
سَر لَڳُون قربان ۾ - ڪَون و مَڪان ڪُل شيءِ وري.

3 - ٻَخت پَنهنجي جي ڪيان ڇو - بَرتري آئون بيان،
اڄ نہ ٿيندا ڇا ٿيو - فَردا ۾ ٿيندا ٻِل عَيان،
بخت مُنهنجي جا مَدح خَوان - مِهر ماهہ و مُشتري.

4 - جا نہ خَواب و خيال ۾ هُئي - سا وفا دلبر ڪَيَئِي،
دل وٺي ۽ دل ڏيئي - وعدو ادا دلبر ڪَيَئِي،
وهم منهنجو ڇا ۽ ڇا - تُنهن جِي عِنايت پَروَري.

5 - سُونهن ڏِسان صورت ڏسان - ڪِي سادگي سِيرت ڏسان،
ھَلُ ڏَرا ڪجهہ ھن اگھڻ تي - تان قد و قامت ڏسان،
آھين بيشڪ سَرَوُناَزو - غَيرتِ حُور و پَرِي.

6 - باغ بلبل باغبان - بادِصبا بَرڪا بھار،
۽ عَطار و عطر سڀ تنھنجي ھئا منجهہ انتظار،
وڻ ھي تِڻ واسيَئي اَچي - جاني ڪري جلوه گري.

7- روز ڪان اچ چو الاجي - چشمِ گِريان ھُئُس گھڻو،
دل پريشان حال حيران - وَيران وَيران ھُئس گھڻو،
شَاھِ خُوبان مُنهن ڏيکاري - حَج ڪَرائِئِي اڪبري.

8 - ذُوق پنھنجي مان ذري ڪا - ذُوق جي مونکي ڏِنئِي،
قُرھي آٽي ھٽ ۾ فَھم الفَوقُ - جي مُونکي ڏِنئِي،
پَرده پوشي تِنهن ڪيم - نہ تہ ھي دنيا دَس نمبري.

9 - ٿي تون ساقي ڏي تون ساغر - صبح تا اَعجاز ڪي،

پيچ پائي پنهنجو ڪر ھي - حسرت آ اَعجاز کي،
تُنهن جِي گھرجي دلربا - نِت ياوَري و دَاوري.

مَئي جَام ساقي

ٿلهه :اَڄ يَانـــــيان هي مئـيخان -بَــرابــر بيـــــت الله،

تُنهنجي دَم قَدم سان ساقي- تُنهنجي سُنگ سَنگم سان ساقي،
هِــن مَئـــيڪده جـــو شـــان، عجب سُبـــحـــان الله.

1 - **قَدم مُبارڪ تُنهنجو قائم- قائم دائم برسِرِ پانيم،**
هت غير جي جاءِ نہ جائي- هت باطل رتي نہ رائي،
وَاِذَا جَآءَ الحَقُّ سندو اعلان ڪيو جي ڪلامِ اللّٰه.

2 - **تون جِت آيون سي سڀ جايون- وحدت واريون ڏين واڌايون،**
مَئيخانا هُجن بُتخانا- صحرانا هُجن ويرانا،
سڀ تُنهنجو حمد ڏُگانُ پڙهن ٿا اللّٰه اللّٰه.

3 - **وهوا ساقي سُهڻا سانول، پيارِ پلاڪي پرتئون پيارل،**
پر پيالا مئي متوالا، بَرخيز ببر برحالا،
تنهن جي قدح تان ٿيون قربان- پري ڏي بسم اللّٰه.

4 - **تنهن جي پساري، سير سونهاري- نظر نظاري صورت واري،**
گس لايا سياڻا اَياڻا- ٿيا حال حقيقت هاڻان،

اعجاز چئي تن لاءِ جهان- سمورو وَجهُ اللہ.

ٿلهه :تُنهنجي جام جي تصرف ڪي ساقي الله الله ڇا چئجي

جنهن جي پيئڻ سان سَير ٿئي بُراقي الله الله ڇا چئجي.

1 - **هي بي پرواهِي بي باڪِي- هن ڇاتيءَ جي ڪليل ٽَاڪِي،**
هيءُ پرزا ٽيل دَرُ فيراقِي الله الله ڇا چئجي.

2 - **مئيخاني تُنهنجي ۾ صبح و مسا- مئي مد جي سخا مستي جي فضا،**
مستن جي صدا پر پر ساقي الله الله ڇا چئجي.

3 - **آئون آبِ خضر ڪي ساراهيان ڇو- آئون زم زم جي ڪيڏ ڪاهيان ڇو،**
طَهورا بہ پيئڻ ڪا آ مُشتاقي الله الله ڇا چئجي.

4 - **ڇا جلوو آ ڇا جلال سندوءِ- ڇا ڪيف ڪَده ڇا ڪمال سندوءِ،**
ڇا حُسن آ ڇا خوش اخلاقي الله الله ڇا چئجي.

5 - **تنهنجو مست ڪيل هوشيار بہ آ- هِن پار بہ آ هُن پار بہ آ،**
ائين ڪير ڪندو ٻيو الحاقي الله الله ڇا چئجي.

6 - جي اٿئي تہ ساقي آڻ اجان- پُر جام اعجاز جي ڪاڻ اجان،

آ مهل عجيب هي اشراقي اللّٰه چا چئجي.

ٿلھ :ٻُڌو اٿم ٽُنهنجي محفل ۾ -خُمر خوري بہ ٿيندي آ،

دليري سان صنم دل جي- چَٻي چوري بہ ٿيندي آ.

1 **خوشيءِ سان دل ڏني جي ڪنهن تہ بهتر آ ٻنهن تنهن لاءِ،**

نگاھ ناز سان ورنہ زوران زوري بہ ٿيندي آ.

2 - **گُلِ رخ کي ڏسي عاشق- اُمالڪ گهور سِر ڪن ٿا،**

دِل مشتاق بلبل جيئن- چري پوري بہ ٿيندي آ.

3 - **لُٽايون زر وڃايون سر- رهون بيزر ٿيون بيسر،**

مٿي ۾ عشق وارن کي- اها ڦوري بہ ٿيندي آ.

4 - **چون ٿا حُسن وارن وٽ- ماهيگيرن وانگي هر دم،**

ڪُڙهي چت عشق واري ۽- ڪُنڊي ڏوري بہ ٿيندي آ.

5 - **سدائين ڏاڍِ ڏاڍائي- ستم جورو نٿو سونهي،**

حَسينن جي تہ دل ڪڍهن- رحم گهوري بہ ٿيندي آ.

6 - **تنهنجي محفل جي شب ساقي- وڏي ڪنهن رنگ واري آ،**

مگر ٻيائي وارين اکين ۾- شب ڪوري ٻہ ٿيندي آ.

7 - **هِجر جي رات کان بلڪل- وصل جي رات اعجاز،**
بيحد پُر لُطف آهي پر- اها ٿوري ٻہ ٿيندي آ.

تلهه :اَڄ جام مَئي کي بيحد گهرو بناءِ ساقي،

دُک درد غم ۾ ٿيندو- نہ تہ جِيءَ نہ جاءِ ساقي.

1 - **گهاٽي ڪان گهاٽو گُهرجي- وِهه ڪان وِهاٽو گُهرجي،**
سُورن غَمن ۾ اڄڪلهہ- ٿو سَرسُ ساٽو گُهرجي،
هِت مَٽُ نہ ماٽو گُهرجي- درياءِ وهاءِ ساقي.

2 - **دُنيا جي دَور ڏي ڏِسُ- دُنيا جي دور آهر،**
دَم دَم فِراغ دل سان- پِياڪن کي پيار ساغر،
پنهنجو تون پاڻ آخر- نالو مَلهاءِ ساقي.

3 - **جامِ شراب سان هي- دلڪش شباب تُنهنجو،**
اکڙيون گُلاب ورنِيون- مُنهن ماهتاب تنهنجو،
ڪونهي جواب تُنهنجو- تُنهنجي بَجاءِ ساقي.

4 - **ڦِريو ڦِٽت جو ڦِرڪو- چِڙ وچِڙ وتي ٿو هر ڪو،**
ڪنهنجو نہ ڪير آهي- ايئن لڳي ٿو هر ڪو،
پِيالي ۾ اڄ اثر ڪو- اُلفت جو پاءِ ساقي.

5 - پَٽ ۾ نِگاھ پائي- چِڏ عام و خاص ڏِائي،
ڳُڻ ٿورا ھر ڪو تنھنجا- خُم خُم سان روز ڳائي،
لَٺُون لَٺُون ڪي رنگ لائي- لَٺُون لَٺُون رچاءِ ساقي.

6 - تُنھنجي سواءِ بہ ساقي- محفل مَڏم مَڏم آ،
ساغر صراحي مئي جو- قِصو ئي جڻ ختم آ،
جي آھين تون بہ حاضر- پوءِ تہ ھاءِ ھاءِ ساقي.

7 - ھر فصل گُل ۾ آھيون- خارن سان نِت مقابل،
مَغمُور ڪر نہ پوءِ تون- ساقي دِل عَنادل،
آ دور دُنيا نازُڪ- ھٿ ڪي وڌاءِ ساقي.

8 - ڪِن ڪي تہ شراب عشرت- مُھيا ڪرين ٿو ذر ذر،
ڪِن لاءِ شرابِ غم پيي- تو وٽ نہ آ مُيسّر،
اَعجاز چئي نہ ھيئن ٿو- توکي جُڳاءِ ساقي.

ٿلهہ :اَڄ تون ٿو سهڻا پِيارين -پِيئڻو شَراب پَئي ويو،

قاضي مُلان جو هاڻي- ڇَڏڻو حِجاب پَئي ويو.

1 - **بَس هٿ ڪنيم توبهہ تان- اڄ هن سونهاري سُنهن تان،**

توکي بہ هاڻي مُنهن تان- ڪڇڻو نِقاب پَئي ويو.

2 - **اکڙين جو ڪَيُئي اشارو- چليو نہ ٻيو ڪو چارو،**

شايد شرابي وارو- مون تي خطاب پَئي ويو.

3 - **هي پائي هٿڙا ٻيئي- پيتم تہ سُڌ پوءِ پيئي،**

مَحشر وارو هِتي ئي- ڏيئڻو حِساب پَئي ويو.

4 - **مَستاني حال هِن تي- خودگاني خِيال هِن تي،**

پَٽ باڪمال هِن تي- نالو خَراب پَئي ويو.

5 - **آئون چيلو تون گُرُوڄِي- صورت مون تُنهنجي پُوڄي،**

تُنهنجي عشق جو عُرُوڄِي- پير ۾ رِڪاب پَئي ويو.

6 - سُرڪي لايا سانوڻ- اعجاز رنگ هي راوڻ،
مُنهنجو عرض يار لالڻ- وٺ مُستجاب پَئي ويو.

ٿلهہ :وَج وَج اي واعظا -نہ تہ هِت غَار ٿي وِيندين،

اِيندين جي مَئيڪده ۾- تہ مَئيخار ٿي وِيندين.

1 - **مَئيخاني واري مَڌ جو- مَتان ٿين ٿُون آشنا،**
ٿِيندين جي آشنا- تہ سُوري سُوار ٿي وِيندين.

2 - **يا رَمز ۾ نِگاھ ۾- يا زُلفِ يار ۾،**
يا يار جي منجهہ ناز- گِرفتار ٿي وِيندين.

3 - **جَنهن دَم اچي جي گڏبَئي- اکيون مَست مُرڪٽيون،**
چوندين نہ پِيان نہ پِيان- پَر پِي تار ٿي وِيندين.

4 - **پِيتي ڪان پوءِ پاڻهي- ڳَندين پاڻ سپ سَچِيون،**
اِنڪار جي بَجاءِ- با اِقرار ٿي وِيندين.

5 - **پرهيزي پارسائي ڇڏي- شيخِي بُزرگي،**
پيرِ مُغان جي پِڙ جو- پَرستار ٿي وِيندين.

6 - دِل جان ڏيئي هيڪار- چَڪيو هِڪ چُئاڪو جَن،
تِن سان گَڏ نِڪار- ناحَق خُوار ٿي وِيندين.

7 - آيو هِتي آ جو بہ - سو ڪاپي ضرور ٿو،
ڪَنهن ڪَنهن گناھ لاءِ تہ - تون بہ تيار ٿي وِيندين.

8 - هِن جاءِ تي ٿو شَرم- شَريعت کي تَرڪ ٿئي،
هَيڏهن نہ پَير پاءِ جو- سَنگسار ٿي وِيندين.

9 - هِت شَراب هِت ڪَباب- هِت رَنگ چَنگ رَباب،
هِت حُسن هِت شَباب- هِت شِڪار ٿي وِيندين.

10- لَعنت ڪان چِرڪ ڪِيم- ٿي ڪافر سَچو پَچو،
اَعجاز چئي اسان جو- پوءِ تہ يار ٿي وِيندين.

ٿلهه :اَڄ پُور ۾ آ ساقي، اڄ دَور جَام ٿيندو،

مَستن جو مَئي مَٿي تي تَجمّل تَمام ٿِيندو.

1 - **پنهنجي هَٿن سان پِياري ساقي ثَواب ڪَندو،**
هَردو جهان وارو دِل تان حِجاب هَٽندو،
معراج مَئي ڪَشن جو، منجهه مخفي مَام ٿيندو.

2 - **گهري گهاٽي پيئڻ سان، مَستن جا مُکڙا کِڙندا،**
سُر تار ساڻ بَزمي، آواز ساز ڇِڙندا،
رَس راڳ رَقص رِندي ڪافي ڪَلام ٿيندو.

3 - **مَستي جي موج مَئي ۾، سَودا سِرن جا مَندبا،**
وَحدت واري وَٽِيءَ سان، وَند وَصل وارا وَندبا،
اَکڙيون اَکين سان مِلنديون، ڏَڄُ ڏُوم ڏَام ٿيندو.

4 - **مَئيخاني جا جي واقف، وِيرانا سي پُڇن چو،**
مَحبوب جَن ڏي مائِل، بُتخانا سي پُڇن چو،
صُورت ۾ ٿاب تَن جو، سَجدو سَلام ٿيندو.

5 - هر مَست رِند عاشق، هر دَرشَنِي دِيوانو،
هَر پَتنگ پازِي غازِي، هَر سُخن وَر سُهانو،
مُنهنجي پِيرِ مُغان وَٽ، سُرڪي لاءِ سام ٿيندو.

6 - پالوٽ مئي جي پَلپَل، ساغر صُبوحِي چَل چَل،
جَلوه حُسن جا هَل پَل،رَمزون نِگاهون رَل مَل،
اَعجاز اِهڙو مَنظر، با اِهتمام ٿيندو.

ٿلهہ :محفِل جانان ۾ اي او پارسا پيئڻو ٿو پئي،

پاڪ پاڪِيزي نہ پُڇ- هِت رِي پُڇا پِيئڻو ٿو پِئي.

1 - **پِيئندي پِيئندي جو ڪِريو- سو ٿِيو بَجا بِلڪل بَجا،**
مَئيڪَدهہ تِنهن تان فِدا- ساغَر فِدا ساقِي فِدا،
مَرتبا اهڙا ڏِسي- اُن مَست جان پِيئڻو ٿو پَئي.

2 - **هِن مَتي مَئيخان اندر- ڏوهہ آ اِنڪار مَئي،**
ڏوهہ آ اندوهہ آ- رَنج روهہ آ اِنڪار مَئي،
هِت نَفِي نفرت ڇڏي- سِڪ سان سدا پِيئڻو ٿو پَئي.

3 - **جي حلال آهي تہ هِت- هر شيءَ حَلال آهي هِتي،**
هوش وارو ڪم حرام- دم و بال آهي هِتي،
اِن تقابُل هوش لاءِ- ارشاد آ پِيئڻو ٿو پَئي.

4 - **ماسِويٰ ڪان ٿي جُدا- حِرص و هَوا ڪان ٿي جُدا،**
ڪَج ادا ڪان ٿي جُدا- شِڪوي گِلا ڪان ٿي جُدا،
هر خَطا ڪان ٿي جُدا- پوءِ بي خَطا پِيئڻو ٿو پَئي.

5 - بِرهہ جي بيباڪ دَم سان- بانوَرو هِڪ جام هِي،
موج مَستي اَوج ۾- آ ماوَرو هِڪ جام هِي،
عاشقن تي آ اَلستان- ٿِيو عَطا پِيئڻو تو پَئي.

6 - پِيءَ تہ تُنهنجو راز توتي- سَڀ سَمورو ٿَئي عَيان،
پِيءَ تہ دوزخ بِهشت جِي- آزاد ٿِين خَفقان کان،
رِندي مَشرب جي تَحت- جاڻي خُدا پِيئڻو تو پَئي.

7 - هِڪ خُمر جو بِيو خَبر جو- ٽِيون نَظر جو جام هِت،
چوٿون دَرد و غَم اَلم جي- درگُذر جو جام هِت،
تِنهن مَٿان پَنجون صَبر جو- جابَجا پِيئڻو تو پَئي.

8 - حُسن جلوي گر بہ آ هِت- عِشق جلوي گر بہ آ،
رُوح پَروَر راڳ رَس ۾- دِل ڪُشا ساغر بہ آ،
اُت اَوس اعجاز چئي- بس بارها پيئڻو تو پئي.

ٿلهه : تُنهنجي مَئي جي مَتي مَئيخاني تي - مَئي پِياڪ هَزاين مَان نہ رڳو،

تُنهنجي جودو ڪرم جي آيا سُٽي - نِت هاڪ هَزاين مَان نہ رڳو.

1 - **تُنهنجا جام ڪِمام دَمام ساقي - پَسي خُوب خِرام ڪِرام ساقي،**
ٿيا خان خِدام مُدام ساقي - پئہ خاڪ هَزاين مَان نہ رڳو.

2 - **تُنهنجي جُودِي جَرس تنهنجي توهي ترس رُخ واري عڪس رنگ روحي رس،**
هر وار نواز يا خارو خَس - خَاشاڪ هَزاين مَان نہ رڳو.

3 - **مَد مَاڪ تُنهنجي مَئيخان سَندي - پِڪ تِڪ بہ تُنهنجي پرين پان سندي،**
تا گھرن ڏيو دل جان سندي - اِملاڪ هَزاين مَان نہ رڳو.

4 - **هھڙا جن ڪي جُرَعَ امداد ٿيا - سي عقبيٰ دنيا کان آزاد ٿيا،**
تنهنجي شوق شغل ۾ شاد ٿيا - نَمناڪ هَزاين مَان نہ رڳو.

5 - **تُنهنجي مَست مَتي جو اَعجاز ڏنم - هر پيئندڙ کي ناز و نياز ڏنم،**
تن ۾ عِشق جو سوز و گُداز ڏنم - چِت چاڪ هَزاين مَان نہ رڳو.

ٿلهہ :مُحبت عِشق جِي مئي پي -عجب مَستان ٿي وَڃجي

هَمہ ڪي تُنهنجِي حيرت ٿئي- هَمہ حَيران ٿي وَڃجي.

1 - **تُنهنجي مستي ڏِسي مَنصُور- چوي صد مَرحبا توڪي،**
گھوري مجنون توتان گھورُون، لقاءَ لاٿان ٿي وڃجي.

2 - **تُنهنجا گُفتا هُجن گِياني- تُنهنجا نُقطا هُجن نيهي،**
تُنهنجون رَمزُون هُجن رِندي- اَهڙو دِيوان ٿي وَڃجي.

3 - **ستارا ڪن قدم بوسي- فلڪ تُنهنجا سَلامِي ٿين،**
ملائڪ ڪن توڪي سجدو- اُهو انسان ٿي وڃجي.

4 - **اَمُر ڪُن جو سدائين آ- جيڪو ٿِيڻو اَٿئي ٿِي پَئہ،**
يا خود ڪان بيخبر يا با خبر- بَا شان ٿي وڃجي.

5 - **سڏائي پاڻ ڪي عاشق- مُڙڻ موٽڻ يائنج مِهڻو،**
پسِي صُورت پِرين واري- پتنگ پَروان ٿي وَڃجي.

6 - اَعجازا عِلم وارن جو- چوڻ آ عَبد تي وججي،

عشاقن جو اِشارو آ، تہ سِرُ سُبحان تي وَججي.

ٿلهه : توکي ڏنم تہ بس، پر خمار تي ويس -ساغر جي چا ضرورت، سرشار ٿي ويس.

1 - تون ڇو ڪرين ٿو تعجب- توئي تہ هيئن ڪيم،
جو خاڪ و خس مان گوهر، شهوار ٿي ويس.

2 - وينجهار ڪو هجي- جو سجاڻي مونکي صحي،
شيشا گرن جو واڪ- ٻڌي چار ٿي ويس.

3 - تنهنجي نگاهہ ۾ نہ سهي- منهنجي عاشقي،
پر آئون تہ تنهجي عشق ۾ - اظهار ٿي ويس.


4 - هم جنس آ سندم- ۽ جو هم فعل پڻ چوان،
ان وٽ ڇو بيگناهہ- گنهگار ٿي ويس.

5 - توئي نگاهہ نيم سان- آ قيمتي ڪيو،
توتان ئي بار بار مان- بلهار ٿي ويس.

6 - **مونکي ٻہ چوڙ ماڻ- صنم گڏ شباب سان،**
آئون ٻہ تنهنجي پير جو- پيزار ٿي ويس.

7 - **افسوس آ مونکي- صد افسوس آ مونکي،**
تنهنجي ٻہ اڄ نظر ۾- تہ بيڪار ٿي ويس.

8 - **اعجاز منهنجو عالم- مستي نہ پڇ مونکان،**
دنيا و عقبيٰ کان- ڏس احرار ٿي ويس.



ٿلهه : صُراحي جام مئي مون وٽ -نيشاني يار منهنجي جي،
مون تي هيء تي هٿو هٿ- مهرباني يار منهنجي جي.

1 - پيئڻ پيارڻ محبت ۾- چيائين صد حلال آهي،
پياري وحدتي پيالا- ياراني يار منهنجي جي.

2 - ڪجئين نا ترڪ نا توبهه- ڪڏهن پيالي پريمي ڪان،
مونکي اهڙي هدايت آ- روزاني يار منهنجي جي.

3 - نيشاني آ عجب جهڙي- ڪتب جهڙي طلب جهڙي،
نيشاني ۾ لڪل مستي- لاثاني يار منهنجي جي.

4 - تڏهن هر ڳالهه منهنجي ۾- رڳو آ مست مئي جي بوء،
خمر هئي ڪا خودي واري- حقاني يار منهنجي جي.

5 - پيان ٿو پوء اعجازا- هئين حاضر ڪريان پهرين،
محقق ۽ مگن صورت- مغاني يار منهنجي جي.

ٿلھ: قدم قدم تي بزم بھاريون- باده خانہ مينگھہ ملھاريون، عشق حسن ھن جاءِ.

ساقيا ساقيا! ھت مستي گھرجي- ساغر مست ھلاءِ، عشق حسن ھن جاءِ.

1 - **ھت دم دم ڪئين ديدار- رخ انوار عجب جھلڪارا،**
ھت ساندھ سو سينگار- ھمہ ھٻڪار سنگم سپ سارا،
نين نين جا ناز نيارا- آر انوڪا عين اشارا،
پل پل پيار جي لاءِ.

2 - **ھت حورون ھت غلمان- چمن چوگان بندر بُستانا،**
ھت پرت وارا پيمان- پِڪون ۽ پان لب مَرجَانَا،
چندڱ چراغ شمع شھانا- ھيرا موتي گوھر گرانا،
گل ڦل جاءِ بجاءِ.

3 - **ھت ذاتي نور ظھور- تجلو طور ۽ ڪعبو ڪاشي،**
ھت سور سرور ضرور- قھر ڪلور تہ عيش عياشي،
ھت واعظ قاري رند قلاشي- تارڪ طامع طرزي تماشي،
فيض فھم فحشاءِ.

4 - **ھت قبر ھتيئي قيام- جنت جا جام ھتو ھٿ جَاري،**
ھت ڪات اڏيون قتلام- صنم گل فام ڪونتل ڪَلتاري،
عاشق عارف ھت اسراري- مجاز حقيقت جا اقراري،
اعجاز جي وٿ ھت راءِ.

ٿلهہ : ڪُسڻ قبولي آيا عُشاق - تُنهن جي مَٿي مئيخاني تي ساقي.

1 - اَزلِئُون هُئا جي توسان اَنجامي - عِشق سچي سان عاشق اِحرامي،
مَئي پِياڪ مَست مُدامي - تُنهن جي سَري ۾ سِر جا مُشتاق،
سِر ڏِيندا سَرِ مَيدان تي سَاقي.

2 - اَڄ مَٿ اُپَٽ اُهي عُشاقن آئي - جي تو سَنديا آهن سِڪون پَائي،
بِسم الله سان تن مان وَڏائي - پِيار تہ پَري ٿئي نَجس نفاق،
پُورا رَهون پَيمان تي سَاقي.

3 - مَئي ڪَشن جا قول ڪرارا - قَالُو بَلائِي بِرهہ وَارا،
خِيال تني جا نِهايت نِيارا - وِيا اورانگهي عَرش اَفلاڪ،
تُنهن جي حُڪم فرمان تي سَاقي.

4 - تُنهن جي مَٿيء مئيخان جَا پَازي - پَتنگن وَانگي آهن پَروازي،
مَوج تني سِر حَقيقي مِجازي - ڏِين وينا سي وَحدتي وَاڪ،
اَعجاز وَاري اَيوان تي سَاقي.

ٿلهه : مُون تہ پِيتو آ پِر جو جَام - مَاٺهو چَون ٿا آهي حرام.

1 - زَمر زَمر جو ناهي شَوق مُونکي - آ پَٽ پريمي جو شَوق مُونکي،
تَنهن تَرڪ ڪَرايا طرف تَمام - مَاٺهو چَون ٿا آهي حرام.

2 - سُرڪي سَچيءَ جو آهيان عادي - سَائي سَوائي ڏِيندو هَادي،
ڪِين هَٽان ٿو بِي ڪا هَامر - مَاٺهو چَون ٿا آهي حرام.

3 - مَئي مَد پيالو جوئي پِيئندو بَئي جَڳ جيڏيون سوئي جِيئندو،
ڪو گُرد اَعجاز پرِيندو گَام - مَاٺهو چَون ٿا آهي حرام.

ٿلهہ :نَدي پر جا پي پيمانہ - دم پرياسون دَوستانہ ،
اسان ساقي کي سجدا ڪري- ڪيا سِر ساھہ نَذرانہ.

1 - اَسين وَحدت جا وَڻجارا- اسين صُحبت جا اُجارا،
اسين صُورت پَر سِتارا- اسان جا سِينا صَنم خانہ .

2 - ڏِسو سَاقِيءَ جي عَجب سَخا- ڪري ساغر ۾ عشق عطا،
ڏِسي سَاقي جي دلڪش ادا-ٿين دانهہ بہ دِيوانہ .

3 - جِتي جام لبالب جُڙن- جتي نيڻ نيڻن کي مِڙن،
اُتي ساز وصل جا چِڙن- وڄن مِردنگ مُغرمانہ .

4 - آهيون بيشڪ موالا اسين- پريم پِيالي جِيالا اسين،
ملهايون منگل نِرالا اسين- اسان جا جشن جُداگانہ .

5 - پِرت پير مُغان جي پچي- نعرا نينهن جا هنياسون نَچي،
هَتان اعجاز عليءَ جي اَچي- مِليا پَهہ پور عاشقانہ.

تلهہ : اَسين مَئي پَرستا مَوالي مَوالي - پَرستِش اَسان جي نِرالي نِرالي.

1 - **سَدائون ۾ نعرا اَسان جا سدائين - قَدَح سَاڻ قائم ڪَمالي ڪَمالي.**

2 - **شيشي جام سَاقيءِ اَڳيان سِر نمائي - نِمازي بَنياسون اَوالي اَوالي.**

3 - **اَدائن ۾ مَستي صَدائن ۾ مَستي - وَفائن ۾ مَستي مِثالي مِثالي.**

4 - **ڊِهاڙي ڊِهاڙي اَڳياڙي پوجاڙي - ڪَيو ڪَات مَئي جي حَلالي حَلالي.**

5 - **ڪَلين ڪان وني جو ڪَليجو تو چِيري - ڪَڙو اَهڙو پِيون ٿا پِياليءِ تي پِيالي.**

6 - **مُقدر سان مِليو سَري جو ڏٽي سِر - سَڏي مَئي ڏني تَنهن سَنوالي سَنوالي.**

7 - **پِيون ۾ پِياريون جِيُون ۾ جِياريون - اِهي ڪم اِهي دم بَحالي بَحالي.**

8 - **شَرابي جَشن ۾ اَلھِوتي نَشن ۾ - ٿيون پاڻ سَان پَاڻ حَوالي حَوالي.**

9 - مَوالپ جي ڪارهَن مان ڳَارا اسين تِيئن - تِي ڪاري ٿئي جيئن ڏُنالي ڏُنالي.

10-عَلي پيو پِياري اَسين پِيا پِيون نِت - ٿِيڻ ڏي نہ ٻِئي دَر سَوالي سَوالي.

11 - مَئيخانہ پيمانہ موالين جي ميراث - مٿا ڏيئي موالين سنيالي سنيالي.

12 - صُورت حُسن وَاري ڏِسون جِت وَسون اُت - رَکون عَاشقانہ خِيالي خِيالي.

13. جَپي جام سان نام اَعجاز ٿِياسون - وَٿيءِ وَٽ جا وارث وِصالي وِصالي.

ٿلهہ : نَشو هٿ نينهن وارو ڪر - نَشا آهن بِيا فَاني،

جَهالت ۾ پئي جَاهل - وَٺيون چو پين ٿو وَحشاني.

1 - **اَندر واري مَٽِي اُپٽي - تِڪون ڏئي تَنهن مان مَئي پيءُ تون،**

تہ حاصل توکي هاڻي ٿئي - لاهوتي لاڳ لاثاني.

2 - **مَنيان توٽي لَڳي مُوڙهل - اَٿئي مصلت هي موچاري،**

رَبوبي رمز کي سمجهي - رَمي وٺ راهہ رِنداني.

3 - **سَارو سَامان سِري وَارو - سَدا موجود آ توسان،**

پَائي ڏِس پَاڻ ۾ جَهاتي - نِهوڙي خِيال نَفساني.

4 - **پِيالا پِرت جا پَلپل - پَري پِياسي جيڪي پِيئندا،**

مُوتُواقبلِل اُهي ٿِيندا - مَهيسي مَرد مَيدانِي.

5 - **وِرهہ وَيراڳ ۾ ويهي - وَحدانيت مان تون وَاقف ٿي،**

سَواءِ سِڪ سَوز جي اَوڳا - پلئہ پوندئہِ پَشيماني.

6 - پيرِ مُغان جي پَئي قَدمين - ڪَيل واعدي تي رَھ پُورو،
عَھد شِڪني ڪَرڻ اَعجاز - نسوري آه نَاداني.

تلھہ : ماري ڄِياريس ڄَن - پُر جام پَياريا تَن.

1 - خُوبان خُوب سَنيال لَڌي، خُوشنودي سَان سَڄڻن،
شَاهي شَفاعت شَان وَڏي سان،شُڪر ڪئي شافِن،
ڪوڏئون بِيهو قَبر مَٿان، سي قُم بِاذِنِي ڪَهن.

2 - گُونا گُوني غَمزا رَمزون، گُهورون گُهندِ سَندن،
نُوري نيڻ نِظارا لايو، نَاز نِيارا ڪَن،
دَم دَم ۾ هِن ڊِيدن ڪَيڙو، دُرس اِهو دَرشن.

3 - مَحبت مَجلس مَحبوبن جي ،موهي پئي تَنُ مَنُ،
سُخن سَچارا سَڄڻن جا، سُڻيو سِڪون سِرجن،
رُوح رِهاڻيون رَس رَچايو، رَاز رَضائون رَکن.

4 - ويجهو ويهي وَصل وَارا، وَنگ وڏا وِينگسن،
پلپل پِيار مَنجهاران پِياريون، پَان پَڪون پِرين،
اِيڏيون عِنايتون ڪَن، اَهڙا ڀاڄهارا آهن.

5 - ڪر ڪوٺا ھي خَبرون سُڻيو، ڪاميو ٿا ڪامن،
ڏنجھ مِڙئي ڏِس ڏُور ڪَيا، ڏئي مَعافيون ڏيھ ڏٽين،
آئون تہ آهيان ٻانهي، اَعجازا وٿ اُنهن.

ٿلهہ:دِلي دلبر زَهر قَاتل پِياريندو تہ بسم اللّٰه،

ڪِلي هن حلق تي خنجر گُذاريندو تہ بسم اللّٰه.

1 - **چڙهيم ٻيا طرف سڀ جنهن لاءِ-اهو محبوب ساقِي سَر**

سرِ ميدان سُوري لاءِ -هُوڪاريندو تہ بسم اللّٰه.

2 - **ڪُهي سو ماه رُو مونکي-ڪري صورت ڪَوابي جيان،**

بره جي باهہ سِيخن سر -ڏياريندو تہ بسم اللّٰه.

3 - **پرين جي پيار سان پرتئون- پائي ڪنڌ ۾ ڪمند بندڪي،**

پنهنجي زلفن جي قيدين سان- قطاريندو تہ بسم اللّٰه.

4 - **نہ جِيارڻ ڪنهن جي سان جيئندس- چوي ”اعجاز“ مُئي ڪان پوءِ،**

لَبن تي لَب رکي لالڻ- جِياريندو تہ بسم اللّٰه.

ٿلهه :پُڇ نہ مُونکان وَاري وَاري ،پِيار جو پيالو،
ڪِيئن چَوان ويو ڪير، پياري پِيار جو پيالو.

1 - نِت نئين خُمار سان آ نر نشو تنهنجو،
ڪالهہ پيتم اڄ بہ آهي پُر نشو تنهنجو،
پائداري ٿو سيکاري، پِيار جو پيالو.

2 - درد ڇا درمان ڇاهي ڇا دوا درمل،
پِرت جي پيمان ۾ آ هر شفا پلپل،
ڇو ويهان اهڙو وِساري پِيار جو پيالو.

3 - دم بہ ڏاري دم بہ ماري دم بہ جِياري سو،
سِڪ سنواري سِرُ بہ واري،قول پاري سو،
جنهن کي ٿئي چاڙهي نظاري پِيار جو پيالو.

4 - ٿئي نہ ٿئي هٽ ڪابہ هاٽي جي ڪڙي محفل،
مون سان منهنجي يار جي هرگهڙي محفل،
هي عجب ٿو رنگ ڏيکاري پِيار جو پيالو.

5 - نام آ اظهر اُنهي جو جام جلووي گر،
صِف شِڪن سو شير افگن ساقيءِ ڪوثر،
سالڪن کي ڏئي سنپاري پِيار جو پيالو.

6 - سُو بَسُو تو ساڻ پانيان آئون صنم پنهنجو،
ڪِيئن ٽِڙي ٽِڙڪي پوءِ يارو دم قَدم پنهنجو،
سُرت ٿو اَعجاز ڏياري پِيار جو پيالو.

ٿلھ : پيءُ ته پاسي ٿئي حِجاب، هُونئن نه ٿيندي هيڪڙائي.

1 - **هي حيا ۽ هي حِجاب - سِڪ وندي دِل لاءَ عَذاب،**
چو سِڪائين ٿو ڇُپايو - مُنهن منور ماهتاب،
ڪر ذرا جلووي نُمائي.

2 - **جام جن پيتو ڏنو تن - غير پِيائي ڪي جواب،**
ڪو ڏِسڻ ۾ ڪو نه آين - پوءِ ڪنهنجو ڏوھ ثواب،
ڏِس ته ساغر جي صفائي.

3 - **هيڪڙائي ريءَ نه ٿيندي - همنوائي اي جناب،**
تون ۽ مون ويندي نه وچ مان - هر گهڙي رهندو حساب،
ڇَڏ حسابن واري وائي.

4 - **آئون تُنهنجو آشنائي، رازُ آهيان هِڪ جناب،**
۽ ڪتابت قلب جي سان - قرب جو آهيان ڪتاب،
ڪَهت آ منهنجي اهائي.

5 - عِشق تُنهنجو آهي تِيئن - جِيئن آهہ بي پير و عُقاب،
مَاس مِڪ روڙي هَڏن تان - رت پيئي شوقئون شتاب،
تہ بہ اجان تنهنجي جُدائي.

6 - ڪن ڪروڙين عِشق پيا - پر ڪو وجي ٿو ڪامياب،
ڪي ٿڏي تي ئي ٿڪي پيا - ڪي هلي ٿيا مِهٽي هاب،
واٽ وچ تان موٽ ڪائي.

7 - ڪونہ بِيو ڪٿ هِڙو ڏِسندين - نيهي پِيالو ناب ناب،
پِيئڻ جنهن جي سان پَوي ٿي - سالڪن وٽ ثاب ثاب،
سالڪي ۽ سِر فِدائي.

8 - اي دِل پَندار آ - اَعجاز جو تو سان خطاب،
آڻ پنهنجي زندگيءَ ۾ - عِشق وارو انقلاب،
سَڀ اَٿئي بِي سَڏَ اَجائي.

تلهه : شام جي پيالي ۾ پيارا، تون بہ شامل ٿِيءُ شام،
ماهِ ڪامل وانگي اُيري،مِير محفل ٿِيءُ شام.

1 - **منهنجي اڄ مهماني هيءَ ۽ ،ميزباني ڪر قبول**
شام هڪڙي لاءَ منهنجو ،محرمِ دل ٿِيءُ شام.

2 - **نوش نوشان موسمِ گل،دوش دوشان انتظار،**
ڪاروانِ عشق سان اڄ ،اڄ بامنزل ٿِيءُ شام.

3 - **بِدهہ خارن جي بزم جي،تون شمع تون شغل شان،**
شاهِ خُوبان شوق پائي، مُنهن مقابل ٿِيءُ شام.

4 - **دام داٽي حُسن وارِي، دل موهيندڙ دل فريب،**
سا تون پَهہ در پَهہ مَندي مُسخِر دل ٿِيءُ شام.

5 - **سِير سائرِ جي برابر، سوز جو ساغر ڪو پيار،**
سو پياري سڄڻ ساقي، سانپ ساحِل ٿِيءُ شام.

6 - جَن نگاھن جن اَدائُن، سَاڻ پائين پيچ تو،
تن نگاھن تن اَدائُن، ساڻ مائِل تِيءُ شام.

7 - عرض آ اعجاز جو غور طَلب اي حسن مآب،
قرب جي تقريب دَوران،ڪيئن بہ داخل تِيءُ شام.

ٿلهہ : پِيالا پِريم جا پَٽ - عَاشق پِيَن پِيَن،

سڀ ڪنهن نٿا نصيب هي - ساغر ٿين ٿين.

1 - **دَرياء يَر لَبالَب - مَستيء جا جام پي،**
ڪيپن ۾ سِرّ خُدائي ڪي - کوليو گِين گِين.

2 - **سِيڪو نہ پي سگهي - نڪي سِيڪو ئي سَڌ ڪري،**
عشاق مئي پِيَن پِيو - جُڳ جُڳ جِيَن جِيَن.

3 - **ساقي جو هٿ مبارڪ - فَاتح سخي فَياض،**
پَازي پِياڪ ڪِيئن نہ پوءِ - سِرڙا ڏِين ڏِين.

4 - **هر جام ساڻ نام - جَپڻ ڪِرت مئي ڪَشن،**
مَدِهوشي ۾ بہ نام نہ - وِسري وِيُن وِيُن.

5 - **سَاقي ءِ مَد پياڪِي - پيئڻ سان ٿا هِڪ ٿين،**
تن هيڪڙائي گهرجي ٻِيائي ٻِيَن ٻِيَن.

6 - اَعجاز عاشقن ئي - ڪَيا نوش پيلا نيش،
غَالب نَشا انهن جا - مٿان سپ سِيَن سِيَن.

تلھ : سُھڻل آيم تي ساقي وي - صفت ثنا تنهنجي ڪهڙي سُڻايون.

1 - **مَحفل ۾ وينو مُحب مِنڙو - مَستن سان تي مُلاقي وي،**
مُيسّر ٿيو مَحبوبي مشاهدو - قول پريو مِيثاقي وي،
مرسل مرڪي اکڙيون چايون.

2 - **هِڪَ هٿ ساغر ٻي هٿ خَنجر - هي روش ڏِسو رَزاقي وي،**
سرڪي عيوض سر ساهه وٺي ٿو - بوتو چڙي ٿو باقي وي،
بَيعَت ڪري اهو ناتو ٿا نڀايون.

3 - **مَست پِيالو مَحبت وَارو - يار پِياريو تي ياقي وي،**
مَحو ٿياسون عَرش وِياسون - اَوج ڏٺاسون عُشاقي وي،
احديت ۾ ٿيون اسان جون جايون.

4 - **پڪ سان مليوسون پر ۾ اعجازا - پِرمل پاڪ پوشاڪي وي،**
وِرهه وَنڊيو سون تنهن سان - ويهي وَرق وَرائي وَفاقي وي،
وصل سنديون اڄ مليون سون وَاڌايون.

ٿلهه : اسان چاهِ ڏنخ مان پِيتو زَمزَم - وِسري وِيوسون بَيت حَرم.

1 - **چاهِ ڏنخ ۾ ماري غوطا - داغ اسان نِت دِل تان ڌوتا،**
ڏِيان ڏاريو سون اهو دَم دَم.

2 - **بِرهه وَاري هَٿ بات ڪَئي سون - جهاتيء سان ڏس جَهات ڪَئي سون،**
جَام جَلالي لَڳو جَم جَم.

3 - **يَل چَوي ڪو ڪَافر منڪر - عِشق حُسن جو دَم نه چَڏيون در،**
دين ڌرم اٿئون زلفِ خَم خَم.

4 - **اي ميان نَاصح نوئِي مُعلم - اٿئي اَعجاز جا ڏوهه ڪُلئي ڪم،**
رَاهه وَني تون پَنهنجي رَم رَم.

ٿلھ : پُر جام پيار سَاقي - پياڪن کي پيار سان،

پَلٽاءِ آب اَحمر - پَلپل پُڪار سان.

1 - **ميٺي مَٽڻي ميارون - سَيني جو لَهُ سَنيارون،**

رَبّ لک ڏيئي ڄمارون - بَرسِر بهار سان.

2 - **گُلفام وِجھ نہ گهاري - آهي دِل اَجان اُجاري،**

ويراڳ وِرھ واري - وَٺي ڦير وَار سان.

3 - **سِڪ سوز جنهن ۾ آهي - ساڪا پيار ٺاهي،**

نينهڙو وجون نِباهي - ٿُو نامدار سان.

4 - **در ڪِين تنهنجو ڇڏبو - اتيئي ئي اوتارو اڏبو،**

لالڻ هتان جي لڏبو - تہ بہ هِن پچار سان.

5 - **اَعجاز چئي ٿي راضي - مج ميڙ منٿ آزي،**

ڏي فيض ڪر فياضي - هن دل فگار سان.

تلھہ : **جام ھِي پيئندا رھون - ھيئن روزُ ھِت مِلندا رھون،**

پيار وارو وَاعدو - ھَر دم سَچو رَکندا رھون.

1 - **پيار پنھنجو ٿئي تہ ٿئي - دُنيا جي آڏو ھِڪ مِثال،**

سِر غمن جا ھَڙھ ٿُٽن- تہ بہ ھر گھڙي ھَسندا رھون.

2 - **ھِن زماني جي ھَنگامن کي رکي بالائي تَاڪ،**

پَاڻ پنھنجو لئون لڳيءِ جا پُور پھہ پَھندا رھون.

3 - **ھِي اُھو ئي جام آ - جو اِحتراماً اي صَنم،**

جام ھن جي ھر جُرَع تي بِسم اللہ پڙھندا رھون.

4 - **قُرب واري قاعدي - قانون سان ئي قُرب ۾،**

ايترو ويجھا ھُجون - جِيئن چِشم لَب چُمندا رھون.

5 - **چَا بہ چئي دُنيا مگر - دُنيا جي چئي ٿيندو بہ ڇا،**

ساڪ جي آھيون برابر - ساڪ سان چوندا رھون.

6 - **هت جا هي ميلا ملڻ ۽ هِت جُون هي هَم صُحبتون،**

سَر بَسر اَعجاز چئي سي - دل تي سَيِ لَڪندا رهون.

تلهہ : ڏاڍو تا پِيُون پِيُون، تَڏھن تا جِيُون جِيُون،

نَشيلا نيڻ گَڏيا ، نَشا ڏَئي تَن تہ چَڙيا.

1 - **اِنهي ديدار ۾، اِنهي خُمار ۾ - ڪِياسون تَن مَن فِدا اِنهي تات تار ۾،**
هَوائي هَوش لَڏيا، نَشيلا نيڻ گَڏيا - نَشا ڏَئي تَن تہ چَڙيا.

2 - **ڪَجل ڪاني ڪري اک مَستاني ڪري - مِلڻ واري سدا مِهرباني ڪري،**
سِڪايل ساقي سَڏيا، نَشيلا نيڻ گَڏيا -نَشا ڏَئي تَن تہ چَڙيا.

3 - **جام هلندو رهيو خِيال کُلندو رهيو - ساقي رازِ مَحبت سَلندو رهيو،**
اوتارا عِشق اَڏيا،نَشيلا نيڻ گَڏيا - نَشا ڏَئي تَن تہ چَڙيا.

4 - **اَسان جو مَرڪ آ پِيئڻ، اَعجاز مَست ٿِيڻ - گهوري گهوري پَئمان تي سِرڙو ڏِيڻ،**
تَڪبرّ هِت نہ پَڙيا، نَشيلا نيڻ گَڏيا - نَشا ڏَئي تَن تہ چَڙيا.

ٿلهه : ڏِس دور شور ساقي ساغر جو جُود ڪر،

ڏي پَٽ الاحِسابي اُجن آسود ڪر.

1 - **تون نيهي نام وارو ،تون ڪل ڪِمام وارو،**

تون جام نام وارو، نعرو نمود ڪر.

2 - **تُنهنجو هٿ آ ياڳ پريو ،پيو پِيار وَريو وَريو،**

پِياڪن جو توڪان گُهريو، سوئي موجود ڪر.

3 - **ٿئي حال اِستغنائِي، وجي هوش ماسِوائِي،**

وسري ٻي سيئي وائي، وِرهئون ورود ڪر.

4 - **ڪلي لائي نيڻ نِظارا، ڪجلا ڪَبودي ڪارا،**

شُعلا ٿي شم شرارا، شُعلا شعود ڪر.

5 - **هن سَن ۾ سارو عالم، بيدرد زور ظالم،**

اَعجاز چئي ٿي فالم ،دردن جو دُود ڪر.

ٿلهه :هِي نَشو هِن مئي ۾ آ ڪِي تنهنجي پِڪ پيالي ۾ آ،
عُمر پير لاءِ مَست ٿي ويس دِل عَجب چَالي ۾ آ.

1 - هَوش ۾ آهيان ڪِي ناهيان، پر چُپايان آئون نہ حَقّ،
هَر مزو هر لطف حاصل، حال لا اُبالي ۾ آ.

2 - خِيال منهنجي تي وري بِيو خِيال غالب ٿئي ڪِٿان،
خِيال منهنجو بند تنهنجي، خِيال جي تالي ۾ آ.

3 - تو هٿان هَر هَر ڪُسڻ جي، سَڌ عُشاقن کي ڏنيم،
ڪاتہ وڏندڙ ڳالهہ تنهنجي بِرهہ جي ڀالي ۾ آ.

4 - ناهہ سو اَعجاز چئي ڪِٿ، گهاٽَ ٽڙَ گُهمِيُس گهٽا،
جو تَصرّف ساقي تنهنجي دَم جَپڻ ٺالي ۾ آ.

ٿلهہ : پِياريو جام پِرين پِيان ٿو پِيان ٿو - پِيئڻ ساڻ جُڳ جُڳ جِيان ٿو جِيان ٿو.

1 - **بِرهہ سِر تي باسي،چارا سڀ چَڪاسي، نَفس نَانهہ پاسي نِيان ٿو نِيان ٿو.**

2 - **جَپي نام ذَاتي،پائي جِيءَ ۾ جهاتي - اَنا اَن اِثباتي ٽِيان ٿو ٽِيان ٿو.**

3 - **نہ چاڙان مَدي ڪي، نہ نيڪي بَدي ڪي - خُمر سان خُودي ڪي ڪِيان ٿو ڪِيان ٿو.**

4 - **اَعجاز ا اِظهارو، هَٽي نِينهن نَعرو - حَقي حال سارو ڏِيان ٿو ڏِيان ٿو.**

ٿلهہ : سَاقي الاصبوع - سِڪ جا سَاغر پِيارڻ آيو.

1 - **قُم بِاِذني اَمر ڪَيائين - مَاڻ مَئي جا مَئي ڏِنائين،**
پِيا مُئن ۾ رُوح - مُردا جَنازا جِيارڻ آيو.

2 - **سو صَنم ساقي سَراسر - بي بَها سُهڻو بَرابر،**
پِياري ڪَيف ڪَڪوهہ - قَلب ڪَارا اُجارڻ آيو.

3 - **در موڪيء جي ڪئين موالي - ڪَئين قوالي ڪَئين سُوالي،**
ڪئين ڏنم مجروح - نِپڙا اُنهن جا نَارڻ آيو.

4 - **پَڪ پَرو اَعجاز آ پاتو - چاڻ عجائب تنهن هي چاتو،**
هئا جي نَفس نصوح - تَن کي توبهہ ڪَارڻ آيو.

ٿلهه : پِيالو مَئي سَندو پِي مُون - ڪَئي فَرضِ اَدائي آ،

دُنيا عُقبيٰ کان تَارڪ ٿِي - رِنداني راھ پائي آ.

1 - **جڏهن کان جام جم پِياريو - مُونکي دِلبر پنهنجي دَستَئُون،**
تَڏهن کان ماٺ واري مُون - وجي وستي وسائي آ.

2 - **ڏيکاريم پِرت جي پيالي - نَوان نِجهرا نيهي نِت نِت،**
ڏني تنهن سير سربستي - اندر دِل کي صفائي آ.

3 - **چڙي ننگ نام نيڪي کي - وڃايم نِينهن جو نوبت،**
نہ اٿم اِنڪار دوزخ کان - مُون اِک اِک سان اَڙائي آ.

4 - **جاڳائي جوت مِيثاقي - هَٽي جَهاتي ڏِنم جِيء ۾،**
خُدا جي ذات جي مُونکان - نہ هِڪ پل کا جُدائي آ.

5 - **اِها اَعجاز سَرمستي - آئي آ عِشق جِي جَنهن سِر،**
انهي جِي هِن دُنيا وارن - سِري سُوري چَڙهائي آ.

ٿلهه : ساقيا تو لاءِ سِڪن ٿِيون تنهنجي پِياسن جُون اَکيون،
تو سواءِ تڙپن پَيون تو در اُداسين جُون اَکيون.

1 - فِي سَبِيلِ الله پَري ڏي، اڄ فقيرن کي سو جام،
جَنهن لاءَ آهن مُنتظر، نِت نِت نِراسن جُون اَکيون.

2 - ساهه آهي پر نه جهڙو، سوز اهڙو حال ڪيو،
سُور سورن تي ڏيئي، سَاڙين چو ساسين جُون اَکيون.

3 - گلندا وتن جي خُوامَخواهه، تنهنجي اسان جي عِشق تان،
شرمِنديُون ڪر ڌُون مِلي، تَن بي شناسن جُون اَکيون.

4 - هِي اکيون تنهنجي ڏِسڻ لاءِ، ائين آهن آتيون،
جِيئن آچارن لاءِ آهن ،حَيران غَواصن جُون اَکيون.

5 - اَڳ به تنهنجا پوءِ به تنهنجا ٿِيا ٿِيندا ٿورا مَتِن،
تو سواءِ اَعجاز چَئي، مُرڪن نه عاصين جُون اَکيون.

ٿلھ : ڪئي شيشي شراب جي ڳُٽ ڳُٽ ڳُٽ..

ساقي ھاڻ مونکي پيو لُٽ لُٽ لُٽ،

1 - **ٿي ساقي منھنجو سنيار مونکي**
دور جام دوران نہ وسار مونکي
پائي نيڻ نيٽن ۾ پِيار مونکي
چُٽي تير اکين جا چُٽ چُٽ چُٽ...

2 - **شيشي جام شراب جو پير چَوَئين**
مئيڪده قَدح جو مِير چَوَئين
وَندِ مئي جي وندڻ جو وِير چَوَئين
ٻُڏي ورتئي ديواني جي پُٽ پُٽ پُٽ...

3 **اج تنھنجي ھٿان پُرباش آھيان،**
ٿيو چڻ تہ وجي آڪاش آھيان،
آغوش سنڌءِ جو تلاش آھيان،
اچي جوڙ ٿي مون سان جُٽ جُٽ جُٽ.

4 **تنھنجي پيالي لايو ڏَج ڏَج ڏَج،**

پي مون بہ ڪيو آ رَج رَج رَج،
چيو عشق عقل کي اَج اَج اَج،
هتان ڦڙتي ڪاءِ هتان ڦُٽ ڦُٽ ڦُٽ.

5 - مُون لاءِ رات بہ هِي تہ برات بہ هِي
مُغان ساڻ ميلو مُلاقات بہ هِي
هُجي تات بہ هي تہ بات بہ هِي
ٻيون ڳالهيون مڙئي ڪٽي ٻُٽ ٻُٽ ٻُٽ..

7- ساقي جام اڳيان تہ هُجيئي هُجي
اُها پِيءُ پيئان تہ هُجيئي هُجي
جي مران جي جيئان تہ هُجيئي هُجي
نشو نينهن وارو اڻ کُٽ کُٽ کُٽ...

6 - لُٽ جيڪي لُٽين سو مُباح توکي
گهٽ ڪا بہ ڪندين تہ گُناهہ توکي
سِر ساهہ ڏنم سِر واهہ توکي
"اعجاز" چوي لٽي کُٽ کُٽ کُٽ...

تلهه : پُران پُر جام پي جَم جَم - پرينء سان پيچ مون پَاتا،

دُنيا عُقبيٰ مَٿي دَم دَم -پرينء سان پيچ مون پَاتا.

1 - **نِتان نِت جُهڙ ملهاري آ - نَشي ان نينهن واري جي،**

اٿم نيڻن ۾ سا نَم نَم - پرينء سان پيچ مون پَاتا.

2 - **منهنجو آب خضر ۾ چا - منهنجو شهد و شَڪر ۾ چا،**

پچايان چو پيلا زَم زَم - پرينء سان پيچ مون پَاتا.

3 - **وِڇائي وَهم ٻِيائي جا - وَڄائي وَحدتي واڄا،**

هِڪان هِڪ حال تي هَمدم - پرينء سان پيچ مون پَاتا.

4 - **لَڳا جيئن نيڻ نيڻن سان - هَنيم نعرو نظاري تي،**

ٻِيو ڄاڻان نَڪو دَم ڪم - پرينء سان پيچ مون پَاتا.

5 - **رهي سَگهيس نہ پَنهنجي وس - ڇڏائي هوش ويو مونکان،**

ڏِسي ڪَاڪُل ڪُنڍا خَم خَم - پرينء سان پيچ مون پَاتا.

6 - صورت مَحبوب جِيءَ ۾ آئون - چوي اَعجاز گم ٿي ويس،

ٻَڏي ڇيرون ڪيان ڇَم ڇَم - پرينء سان پيچ مون پَاتا.

ٽلھ : مُونکي ديرو مَندر نَڪي مَسجد جي ، مُونکي مام مِلي مئيخاني جي،

مُونکي پوڄا عِبادت ڪَرڻي آ، هِڪ ساقي بِيو پئيماني جي.

1 - **مُنهنجو دين ڌرم مئي پرستي آ،مُنهنجو مَنشو مَتو سَرمستي آ،**

سوا مئي جي سراسر پستي آ،اِنسان جي شان شاهاني جي.

2 - **مُونسان هوش عقل جي ڳالھ نہ ڪر، مُونکي سُونهون سِياڻو سمجھ نہ تون،**

رکي تَوقع مُون ۾ زماني جي، دَل ڏُڪاءِ نہ مُون دِيواني جي.

3 - **دانائي مُون لاءِ دَاغ بڻي، ديوانگي دُرس دِماغ بڻي**

هَر آتش مُون لاءِ باغ بڻي، هَر باغ صِفت وِيراني جي.

4 - **توکي سَودا طاعت تقويٰ جي، مونکي سودا سُرڪ سَوائي جي،**

توکي زاهد پِيارو زُهد تُنهنجو، مُونکي بَوتَل اَرغواني جي.

5 - **تُنهنجي راھ جُدا مُنهنجي راھ جُدا، تُنهنجي مَسيت مُدعا منهنجي پريت مُدعا،**

تُنهنجي زَبان فِدا مُنهنجي جان فِدا، توکي کَهڙي خَبر ياراني جي.

6 - **مُنهن ساقي جو مُصحافَ بجا، مَئيخانو سارو ئي بيت اللّٰه،**
مَئي نوشي خاموشي نِماز آ اُت، اَعجاز جهڙي عِصياني جي.

ٿلهه : سُرڪ سَاقي ڪان مِليم، سِر جي سَنياري سُرت لاءِ،
نِسنگ نيهي ٿي نِيائڻ، نِينهن نِظاري نِرت لاءِ.

1 - **چَند اَجان چَڪيم ڦُڙا،وِيو خِيال سَمجهي حَال ڪي،**
ڪير گهاري پيو گذاري هِن ڪِناري ڪِرت لاءِ.

2 - **پاڻ حيرت ۾ پِيس، هر ڪي سراپا حَقّ پسي،**
ٿي اُمڙ اُيريس پوءِ پَنهنجي، طلب نعري ترت لاءِ.

3 - **دَمُ جِيارڻ دِل اُجارڻ، لاءِ تا عاشق ٿين،**
ڏيهه ڪارڻ لاءِ نڪي، ڏيهه جي ڏنجهاري ڏُرت لاءِ.

4 - **مَد پيئن تان خُود ٿيڻ،نہ تہ مَد پيئڻ بيحد بُرو،**
رِند مئي ڪشُ غير بِيائي، چُر نہ ڏاري چُرت لاءِ.

5 - **دم بدم دامن رکيم، اَعجاز پنهنجي داغدار،**
پور الٿي پهه سيڪاريم،هيءُ پساري پِرت لاءِ.

تلھہ : اَجان ساغر نہ رک خالي - پري غُلفام ڏي ڏي ڏي،
پلي هِت صُبح ٽئي ٽئي ٽئي -پلي هِت شام ٽئي ٽئي ٽئي.

1 - **ٻِٽا سَانوڻ ٻِٽيون عِيدون - ٻِٽا پوءِ پاڳ پائيندس،**
ملائين پِيالي پِيارڻ سان - چَشم بَادام جي جي جي.

2 - **پنهنجي زُلفن جي سائي ۾ - پيئڻ ڏي ۽ جِيئڻ ڏي تون،**
مون سان پورا تہ ڪر پنهنجا - پرين اَنجام ڪي ڪي ڪي.

3 - **درس خانا ڇڏي ساقي - تُنهنجي مئيخاني ۾ آيس،**
پڙهائين تون بہ پيو مُونکي - تہ سَپ اَيام بي بي بي.

4 - **لَڳي مئي جي بہ لئہ اڄ اڄ - لڳي لب سان بہ لب اڄ اڄ،**
سڄڻ پوءِ سمجهنداسَون پيا - قاضي جي قِيام ڪي ڪي ڪي.

5 - **حُورون غِلمان جنت جا - طَهورا تون ڪان وڌ ناهن،**
اِهي اَعجاز ڇئي ڪنهن غير، وٽ اِنعام ني ني ني.

تلھ : پِيءُ تہ اھڙو پِيءُ جو پَنھنجو تَماشو پاڻ ٿِين،

حال وھوا ھِيءُ جو - پَنھنجو تَماشو پاڻ ٿِين.

1 - **جِيئن جِئي ھي جڳ ٿو تِيئن - جي تون جِيئن تان چا ٿِيو،**

جَڳ ڪان اُلٽو جِيءُ جو - پَنھنجو تَماشو پاڻ ٿِين.

2 - **حق ۽ باطل جو جي ڄاڻُو - تِئين تہ مِڙئي خير آ،**

پَنھنجو ڄاڻو ٿِيءُ جو - پَنھنجو تَماشو پاڻ ٿِين.

3 - **پاڻ ٿُوڪي تنھنجو ڄِت - تَعجب لڳي تَپرس لڳي،**

سو وَسائج وِيءُ جو - پَنھنجو تَماشو پاڻ ٿِين.

4 - **تَرڪ تَجويزون تَميزون - ڪر تَفاوت جون صفا،**

دِل جو ٿي تون قَويءُ جو - پَنھنجو تَماشو پاڻ ٿِين.

5 - **هِن جھان جي ھرڪا شيءَ - ھَر ڳالھ ٿي مَعنيٰ رکي،**

ٻُڌ ٻِيائي رِيءُ جو - پَنھنجو تَماشو پاڻ ٿِين.

6 - **جو گريبان ۾ وِجهائي - مُنهن ڇَڏئي پَلپل اندر -**
پوڄ سوئِي پِيءُ جو - پَنهنجو تَماشو پاڻ ٿِين.

7 - **آهين جي اَعجاز ڇئي - تون واقف رازِ رَبّي،**
پوءِ ڇا جو سِيءُ جو - پَنهنجو تَماشو پاڻ ٿِين.

ٽلهه : پِرين پِيار جي نَظر سان پِيارين جي، تہ شَراب جو پِيالو ڪير پُڇي،
منهنجو ساقي ٿي مُونکي سَنپارين جي، تہ دُڪان ڪَلالو ڪير پُڇي.

1 - **هڪ صورت اڳئي من مُهٽي اَٿئي، بِيو موليٰ اَکيون مخمور ڏِنئي،**
ٿورو ڪجل وَري تن ۾ ڏارين جي، پوءِ بٽيي پالو ڪير پُڇي.

2 - **ڪرين بحال نہ بحال مگر سُوال تہ بُڌ، هم خِيال تي هيڪر حال تہ بُڌ،**
لَبُ لَبَ سان لائي دِل نارين جي، تہ ڪوثر جو حوالو ڪير پُڇي.

3 - **مُونکي خبر آهي تُنهنجي نَظر آهي،پر جهان جي يَقين ۾ ڪتر آهي،**
تون ئي جهان جو يَقين سَنوارين جي، تہ مُونکان پَنڌ ڪَشالو ڪير پُڇي.

4 - **تُنهنجي دَر جي خاڪ بہ ڪَٽ جي مِثل، لَڪين لال پلنگ پانيان لَٽ جي مِثل،**
تُون ڪفني قُرب جي ڏِيارين جي، تہ پَٽ جو دُشالو ڪير پُڇي.

5 - **اَعجاز چَوي سُهٽا سَجڻ سَچي ،مُنهنجي مرضي تي مُنهنجي اَگڻ اَچي،**
مُونکي هَلڻ چلڻ ڏيکارين جي، تہ چنچل جو چالو ڪير پُڇي.

ٿلهہ : پَيئڻ سان جام مئي ڪَشن جي گُھمون ٿا بيرنگي رَستا،
اِها فِطرت اَسان جي آ ،هَٺون ٿا حَيدري مَستا.

1 - **مِڙُون مَئيخار مئيخاني،رِياضت لاءِ روزاني،**
نِهوڙيون نفس نيراني، بَرابر ٿي تہ بَرجُستا.

2 - **فهم فاقيو فِڪر ۽ غم،ڪرڻ آهي اسان جو ڪم،**
هَمہ ڪي حَقّ چئون هر دم،فَضول پانيون پيا فَستا.

3 - **محب پنهنجو پسي ماهي،ڦِٽي ڪئي سون شهنشاهي،**
ڪري هٿ حال فُقرائي، ڪنيون سين ڪُندريون ڪَستا.

4 - **ڪَفن سِر سان بَڌيو اَڻ هِي،اَجل ووڙيون چَڏيون وڻ هِي،**
ڪڙهون منجهہ قُرب جي ڪَٺهِي، اسين اَعجاز دِل خَسَتا.

ٿلهه : پَيتاسون پُران پُر پَيمانا پِرين سان - پائي پيچ پُختا ٺهانا پِرين سان.

1 - **اَڪنڊ ۾ اُمنگ ۾ مِلڻ واري مَنگ ۾،**
رضا راز رس ۽ رقص راڳ رنگ ۾،
چيڙياسون اُپنگ چنگ پيانا پرين سان.

2 - **ڏِيمُن ساڻ ڏُومن ٿا ڏمالي ڏُنن سان،**
سُرن سان گُرن سان گِياني گيتن سان،
هسيا ٿي وسيا ٿي مَئيخانہ پرين سان.

3 - **عَجب ڏِينهن هُئا سي عَجب نِينهن هُئا سي،**
مَئي خارن تي وسندا مَئي جا مِينهن هُئا سي،
عَجب جهڙا گُذريا زمانہ پرين سان.

4 - **پِياريو پِرين پئي سَوايو سَوايو،**
اڪين ساڻ اڪيون مِلايو مِلايو،
نَظارا هُئا مُحرمانہ پرين سان.

5 - نہ وَسرن نہ اُترن نہ اُسرن اَندر مان،
وينا ئي وينا هن صُورت سُونهن سُندر سان،
پَهون پُور پَهہ پِيا روزانہ پرين سان.

6 - پِيتاسون بہ اهڙا جو حيران آهيون،
پيئڻ جي سواءِ جڻ تہ ويران آهيون،
پِيو تا ٿيون ايڪ گانہ پرين سان.

7 - سدائين اهي گڏ سچا پيچ جن جا،
جُدايون پيون تن ڪَچا پيچ جَن جا،
جَٽا ڪن سَٽا ڪن دِيوانہ پرين سان.

8 - پِيتل آهيون پِيالا نَدي پَر نِرالا،
نَشا تَن جا نئين سِج نوان نَر نِرالا،
جِذب جِيءِ ڪيا سي پيمانہ پرين سان.

9 - شُڪر يار اَعجاز ياقي مِليوسون.
مُحقق مُغان پير ساقي مِليوسون،

ڪَياسون شُغل شادمانہ پرين سان.

ٿلهہ : مُحتسب تڪرار ڇڏ ، هي هڪ پيالو پيءَ تہ ڏِس،

بزم رندان ۾ اچي تون ،رندي مُشرب ٿي تہ ڏِس.

1 - **مام واري مام پاتي،جام هن ۾ عام ڪان،**

مام با اِسرار آ ،سا مام اڄ سمجهي تہ ڏِس.

2 - **مَئي مَٺي تي مئين مٺائڻ، مئيڪشن منصب مٺو،**

مَئي مَٺي پِي مَئين مَٺي جن،مَئي مَٺيءِ تن جي تہ ڏِس.

3 - **هَست رِيءَ هِت پَست هوندين، هست ٿي هستي ڏيکار،**

هَست سمجهي پاڻ کي تون پنهنجي هِت هستي تہ ڏِس.

4 - **جنهن چاڙهي سِر چڙهڻو ناهي، تنهن چاڙهي جي چوٽ تان،**

دل جهلي پنهنجي عمر ۾، هڪ دفعو ٽِڙڪِي تہ ڏِس.

5 - **خون خوري تنهنجو ڪَرتب، خُمر خوري منهنجو ڪَم،**

ڇا سزا هوندين بِنهي جي ، هل ڪتابين هي تہ ڏِس.

6 - ھڪ دنيا ھِي، ٻي دنيا ھُو، ٽي دنيا تنھنجي اندر،
جا دنيا تنھنجي اندر ،تنھن دُنيا ۾ جِي تہ ڏِس.

7 - جا نَفِي آ تنھنجو مَشغل، تنھن نفي جي تَھ بہ تَھ،
آلِڪل اِقرار حق، اعجاز چئي سو پِي تہ ڏِس.

ٿلهه :سَاغر سَواءِ نہ سَاقي - سَالم ٿي هَوش منهنجو،

نَاقص آهيان نَشو ئي - پَردو آ پوش منهنجو.

1 - **نَاٽو ناهي تہ ڇَاهي - سِر سَاقي وَٽ هي لاهي،**

قَاتل ڪَڪَوھ آهي - نيرانو نُوش مُنهنجو.

2 - **پِيالو نہ پيش هُوندو - طَبعيت ۾ تَيش هُوندو،**

جِگر ريش ريش هُوندو - مَجرُوح جَوش مُنهنجو.

3 - **تَن ۾ رکي ترس ڪي - برساءِ رَس بَرس ڪي،**

مِيثاق جي جرس ڪي - سُڻندو پوءَ گوش مُنهنجو.

4 - **اَعجاز چئي شُغل سان - مَئي جي وُضو غُسل سان،**

تَر تَازو ڪَر وَصل سان - هر هر آغوش مُنهنجو.

ٿلهه : مَنهنَ مَئي ڪَشن جي مَنگل آهي مَئي جو - مَزو موج ميلو مندل آهي مَئي جو.

1 - **مَندل مَينگهه مَلهاري ،بدل بوند بهاري- مگّر مڇ هزاري متل آهي مَئي جو.**

2 - **چَنچل چَاهه چالو،بِرهه حُسن پالو - پُران پُر بہ پِيالو پيتل آهي مَئي جو.**

3 - **شَمع رُخ شِتابي،اکيون نيم خوابي - شِيشو گُل گُلابي، کُليل آهي مَئي جو.**

4 - **سُبُو جام ساقي،اُتي ڏج عُشاقي - اڏي ڪات پاڪي، کُتل آهي مَئي جو.**

5 - **اَسان وٽ جو اِيندو،پيئڻ ري نہ وِيندو - اَصل اَهڙو ٿِيندو شُغل آهي مَئي جو.**

6 - **اَعجازا تو وارو، نَظم شعر نِيارو - غَضب جهڙو سارو، غزل آهي مَئي جو.**

ٿلهه :سِگهو ڪَر وي ساقي، پَيمان پَٽ جي -عَجب مَئي آ تُنهنجي مئيخان مَٽ جي.

1 - **تُنهنجي مَئي مَٽيء جي، ڪريون ڳالهه ڪهڙي،**
جهڙي هاڪ سُئِي سُون، آ تحقيق تهڙي،
ناهي ڏڙڪ دِل تي، ڪا سِرَ جان سَٽ جي.

2 - **سَندءِ وَٽ وَٽي ۾ آهي ڪا تہ قُدرت،**
جَني پيتِي تن جي، کُلِي اَک بَصيرت،
پِيَن سوجهه پنهنجي گِريبان گهٽ جي.

3 - **چوَن نِينهن وارو تا نَاسور جنهن کي،**
ڏيئي سُرڪ ساڳِي، ٿُون ئي چيٽ تنهن کي،
اِها آ دوا هِن تہ نَادان ڦَٽ جي.

4 - **نِهو نُور تُنهنجو قَدح جام وسندڙ،**
ڪَيفِي ڪات وَهندڙ، حُسن ساڻ هَسندڙ،
چِٽا پيٽي نيڻن جي نيشان نَٽ جي.

5 - مُغان موکي مَحبوب، تُون خُوب خُوبان،
عُشاقن جِي تو در، آھي ڌُوم ڌُومان،
نہ اتن ھير اَعجاز ٻي دُڪان ھَٽ جي.

ملهار

ٿلهه : **ڪَر سَجڻ سِينگار يَار ـ آ بَسنتي دَور آيو.**

1 - **گُونا گُوني رَنگ بَرنگي ـ ڪَئي گُلن گُلزار يَار،**
وَئي خِزان آئي بَهار آ ـ دِل گُهريا دِلدار يَار،
ويس هَر وَڻ ٽڻ مَٽايو.

2 - **هَلڪيون هَلڪيون مَست هِيرون ـ هَر طَرف هُبڪار يَار،**
مُعتدل خُوشبوءِ کُلي آ ـ مَن موهَن مَننار يَار،
بُوند شَبنم بَن بَنايو.

3 - **سَر بسر سِينگار سَان ـ پَائي ڪَجل جي ڏار يَار،**
دَرسني دَربارکولي ـ پِرت جَا پَٽ پِيار يَار،
بَزم رِندان جو آرايو.

4 - **پَونر ۽ بُلبل سَندي سُڻ ـ گوش ڏيئي گُفتار يَار،**
وصل جي "اَعجاز" ـ چئي اڄ ٿُون بہ وَائي وَار يَار،
عِشق ٿُنهن جي مَچ مچايو.

ٽلھہ : بَادل بَرسي ڇَانيو آ، ڳـٽي سَاز سمورا آيو آ.

1 - **طَبل تَنبُورا تَرنگي تَرنمر، سُرندا سَتارون سَاڻ بيا سَرگمر،**
ڇَيرين جو ٻُڌ ڇَمڪو ڇَمڇَمر، رِمر جِھمر رَنگڙو لايو آ.

2 - **بَـيندُون بَاجا بِينون بِگل ءِ، ناد نقارا نفـيلون وَٽَدَل،**
مُرلين مُـتن مُـوڪ ڏِيئي مُـوڪل، ٿر بَر شُور مَچايو آ.

3 - **پَنھنجا گـولا پَنھنجون بِجليون، پَنھنجا شُعلا پَنھنجون تَجليون،**
پَنھنجا مَنَھَن پَنھنجون مَندليون، ڪَري مينگھہ مَلھار بَنايو آ.

4 ـ **اَعجاز علي شَاھہ ڳَـڳَن ڳجي تـو، ٺَھـڪو وَڻ تِـڙ منجھہ وِجھي ٿو،**
رُوح سجڻ لاءِ خَاص ڪِجي تـو، مُحب مِلڻ جو سَعـيو آ.

ٿلهه : سَارنگ ڪَيڙا سِينگار ـ آئي مُند سَانوڻ جي،

تَاڙن لاَتي تَنوار ـ آئي مُند سَانوڻ جي.

1 - **مِرون مَاٺهو جِيت پَکيئڙا ـ پَڙهن حَمد هَزار.**

2 - **وَڻ ٽِڻ ٻُوٽا وِهسن وَلڙيون ـ لَڳي ٻُوند ٻَهار.**

3 - **پُورب ڪُليو پُور ٻه پَلٽيا ـ پَئي پَلر جي پَچار.**

4 - **مَڪي، مدينه مِينا پَاسي ـ ڏِنم مَينگهه مَلهار.**

5 - **سَرتيون سَرتا رُنلَ پَرتا ـ پَئي پَاڙي پَاڙي پَچار.**

6 - **اکين جو اَعجـازا لاَئي نِظارو ـ عَاشق ٿِيا اِظهار.**

ٽلهه : ڪَڪر ڪَارا ڪَيس ڪيَس ـ ڪَري وَسڻ جا وَيس وَيس،

دَيس اَسان جي تي آيا۔ آيا دَيس اَسان جي تي آيا.

1 - **سَار سَنيار لاءِ پَاڻ سِينگاري، سَارنگ ڪَيڙو سَعيو،**
گوڙيون ۽ گمسان مَچائي، گگن گهما گهم آيو،
ڪِنوٽين ڪَيا ڪيل ڪيل، رَحمت سَنداريل ريلَ،
وَاحد واهڙ وَاهيا ، وَاهيا دَيس اَسان جي تي آيا.

2 - **مَشڪون مَحبت مينگهه پَريون، چو هَئون ٿو چَٽڪاري،**
دَرد وَندن جي دِلين وَارا، دَاغ ڌُئاريو ڌُئاري،
بَرس بَاراني ٻيج ٻيج، پِپُون پَٽن سِر پَيج پَيج،
سَاوا گاهه سَمايا، سَمايا دَيس اَسان جي تي آيا.

3 - **سَارنگ سَانوڻ ڪَيا سَجايا ـ سَاجن ٿيو سون سَاٽي،**
هيج هِيئين سَان حَج ڪَيوسون ـ حَق ڏِنو سون هَاٽي،
چَم چَم چَمڪاءِ چِير چِير ـ ٿَانَ سُئاسون ٽَير بَٽير،
ڳُڻ "اَعجاز" بہ ڳَايا ـ ڳَايا دَيس اَسان جي تي آيا.

ٿلهه : **موڪَل ڪَئي مَالڪن ٿُوڪي، سَارنگ سِينگار ڪر وهوا،**

سُڪاري سانگ سان سانوڻ، سَراسر يار ڪر وهوا.

1 - **مُگهه مُوڙون ٻَڌي مُک سِر، وَڄائي سَر منڊل مُند جا،**

مُگهن مَستان تي ٻَنرو، مَلهي ملهار ڪر وهوا.

2 - **بَنائي بَرخيزا بَادل، پَلي بِجليون بہ پَڙڪائي،**

بَحر بَرساءَ بَرڪاتي، بَرين بَازار ڪر وهوا.

3 - **حُڪم هي آ هلي هر جاءِ، هَمہ هَرديس تي هَس وَس،**

هَرا هَاري هَراهَر گهر، هَرا هَر نارڪر وهوا.

4 - **الاهي آب اَمرت مان، اوتون ڏيئي اَڃ اَوهيرن سَان،**

اُڃل اَلماس اوڙڪ تي، اَوجون اِسرار ڪَر وهوا.

5 - **ڪَمانيون قوس ڪَج رَنگي، ڪَڪر ڪَجلا ڪَر ڪَوڏئون،**

ڪَڍي ڪَنهن ڪُنڊ ڪان ڪَلنگيون، ڪي ڪَارونيار ڪَر وَهوا.

6 - ڄنين ڄپرين هَٽي ڄاتون، ڄيڄن سان ڄانئجي وَج ٿُون،
ڄرون ٿين ڄڙهه وَهن ڄاڙهُون، ڄوها ڄڄڪار ڪَر وَهوا.

7 - گگن تون گهوٽ گهن گهوري، گهورُون گهوريان تَوتان گهاٽيون،
گهٽو گهٽ گاهه گُل ڦُل ڄٽ، گهاٽا گُلزار ڪَر وَهوا.

8 - ڇمن ڇوگان ڇمڪن تا، ٺُنهنجي ڇمڪيلي ڇهري سان،
ڇوي "اَعجاز" ڇڙهه ڇوٽئين، ڇڙهي ڇمڪار ڪَر وَهوا.

ٿلهه : اڄ ٿُون سَڄڻ وِي سَانولڙا، سَانوڻ جَا ڏِينهن آيا.

1 - **دل پئي ٿُنهن جي پيار لئہ تَانگهي، ڏِينهن لاَياتو ڪَهڙي سَانگي،**
وَرُ وَري ڪَري وِڄڙين وَانگي، او مَن موهن مَن پَايا.

2 - **سَارنگ وَاري سُهج سِينگارن، رَنگي قَوس ڪَمان نِظارن،**
چِيهن پَپِيهن جي پريمي پُڪارن، چوري هِي چَاڪ چِڪايا.

3 - **توريء مينگهہ مَلهار نہ سُونهن، توريء بُوند بَهار نہ سُونهن،**
توريء ڪَجلا ڏَار نہ سُونهن، سُرخيون مُساڳ اَجايا.

4 - **آءٌ تہ "اَعـجاز" چئي توسان اوريان، ڳَالهيون سَوين پَئي سانڍِيان سَنڌوريان،**
سَاهہ صَدق ڪَري گهر سِر گهورريان، ڪوري ڪَايامَايا.

ٿلهه : بَادل بَاد بَهاراوي ـ پَلٽيا پَٽن تي ٿِيا رَنگ رَيلا.

1 - **بَيشڪ آهن بَرڪت پَريا۔ ڪڪر ڪَارونيَارا وي،**
بَرسيا بَر ٿَر ٻَهڪيا ٻيلا.

2 - **سُرخ سَاوا گهِرا گُلابي ـ سَنهڙا جِهر مر وَارا وي،**
سَڄڻ ڪَيڙا سِر تي سَيلا.

3 - **بَرگ بَادامان موتيا نَرگس ـ اَرنا اَرگ اَنارا وي،**
بُوند پِڄايا چُنار چَنبيلا.

4 - **پُوريون ڪَاريون چَالون چَلهن سان ـ ڪُوهان ڪن ڪُڏ ڪارا وي،**
رَاوا رَتا ۽ تَنبَنِ تيلا.

5 - **ڪَڏهن ڪَڏهن ٿا ٿين هَهڙا ـ سانوڻ سانگ سُڪارا وي،**
"اَعـجاز" اچانڪ مَنگل ميلا.

کانگ قاصد

ٿلهه :پَکي پَنڌپَرواز تُنهنجو ڪَاڍارو ـ ڇَون سَير عَرشئون تا اَڳتي تو وَارو.

1 - اَڏو ٿاڪ تُنهنجو وَانهيرو ٻه اوڏهن ـ وَاسع وي؛ تُنهنجو نااليرو ٻه اوڏهن،

طَعامون قُوت تو لاءِ اُتي آ قـرارو.

2 - اُڏامڻ جي هِمت تـون آغاز ۾ ڪَر ـ پَيدا بَرق رَفـتار پَرواز ۾ ڪَر،

اُڏر چَڙهه آڪاسـين، هَٽي دَم هَاڪارو.

3 - تُون شَهـباز شَاهين، تَو وٽ بَس نه مَورهئون ـ بِرهه تُنهنجو بَاري تُون

بيوس نه مَورهئون،

مَقدر تي تُنهنجو مُقدم لامارو.

4 - اڳيان مَنزلون ڪَئين اَتئي مَاڳ مَنٽا ـ آنڌيون بَحر طُوفان آ جهاڳ مَنٽا،

ٻَڌي سَٽُ تُون بِيٺو نِيائج نِظارو.

5 - وَجودئون تي وَاندو، وَائي وَحدهُ سان ـ جَاڳي جُستجو سان اُمنگ آرزو

سَان،

ويهين جيئن نه وِچ تي تي وَهمئو وَيسارو.

6 - سَندءِ ذَوق آڌو، زِيلُون ڏُواليون ڇَا هن ـ ڏَامون لأڙڪيون لک جَهلا جَاليون ڇَا هن،

بَاقي هِڪ ڏي پَڙڪي، هَٽي دَم هَاڪارو.

7 - پِرت جَا ٻہ تَوڪي پَڪي ٻَال پَر ٻَئي ـ سِڪڻ سُوز سيني اِهي ٻِٽ ٿمر ٻئي،

توسان ٻِيو "اَعجازا" صُورت جو سَهارو.

ٽلهه :پَڪيئڙا هَڻ پَرڙا ـ آهي پَنڌ پَري.

1 - ويهه وِساري نہ وِچ تي ـ ويٺي ڪِين وَري.

2 - ڇئو تہ سُجي هِن سَرَ ۾ ـ تُنهنجي ڪيئن ٿي سَري.

3 - سَاٿي وِيا تُنهنجا سِپيئي ـ تو تي مَيار ڌَري.

4 - تُون تہ مَري وِيندين ـ تُنهنجي مَحبت ڪِين مَري.

5 - اَڇ تُون اُلوهيت ۾ ـ دوستي جو دَم ڀَري.

6 - اُڌَر هِتان "اعجاز" چوي ـ قُوت اَڏورو ڪَري.

ٹلھہ :اَڄ اَڄ سَنيھا آڻ ڪي ـ نئين سِڄ نَوان اي ڪِنياتڙا،
اَصلئون اِھا آ ھَاڄ ڳنئي ـ سِر تي اَوھان اي ڪِنياتڙا.

1 - ويلا وِيساھيون ويسريون، ۽ ڇَڏِليا لَھہَ لوڪ جا،
ڏي نِياپا نِينھن جا، ساري سوان اي ڪِنياتڙا.

2 - مٹ اوھان جي ذات جو، قاصد نہ پانڌي ڪو پِيو،
پلپل تڏھن ٿو آئون تو، پِيرين پوان اي ڪِنياتڙا.

3 - ھوش مُوڙھل پست دِليون، ماندا ماندا رُوحڙا،
دم دِلاسي تُنھن جي سان، ٽِيندا رَوان اي ڪِنياتڙا.

4 - اڄ سُڏيون آندئي عجب، صَد آفرين "اَعجاز" ڇَئي،
نامہ بَر نيھي سچو، توکي چوان اي ڪِنياتڙا.

ٿلهه :هُئِي ڪَا مُنهنجي مقال؟ او ڪَانگلڙا !ـ مُنهن جي يار دِلبر سُهڻي سَڄڻ وَٽ.

1 - **مَحبوب سَاڻ مَحفل ڪَئي ٿيم ڏِينهڙا، مُقدر لِکئي کان وِڇان پيم ڏِينهڙا،**
نہ تہ ڪِيئن سَهان سَال، او ڪَانگلڙا!، وَڃان هُوند اُڏري پَلَ ۾ ڍَولَڻ وٽ.

2 - **اُتان کان هٽي آ لامارو وري ڪو، سڄڻ کي ٿِئي مَن سنيارو وري ڪو،**
پانيان تُنهنجا پال او ڪانگلڙا!، اڏامي عجيب جي وڃي ويهہ اڱڻ وٽ.

3 - **سدائين آ مونکي وِرُونهَن سَنديَس، ساريو روزُ سَاريان آئون سُونهن سَنديس،**
چنچل موهڻي چال او ڪانگلڙا!، مُنهن جي نازڪ نِرمل لالڻ لُڏڻ وٽ.

4 - **وَصل لاءِ وني آ ڪِيانتا ڪو ڪُڻ تُون ـ چوي جيڪي سُهڻو ڪن ڏيئي سُڻ تون،**
شاد هُجين شال، او ڪانگلڙا!، سوپارو ٿي آءُ تون منهن جي آتڻ وٽ.

5 - **سِڪڻ نينهن لائڻ مُونکي سِيکاري ـ پِرين پاڻ وِهندو تَنهن کي ڪِيئن وِساري،**
هُوندي سِڪ سنيال، او ڪانگلڙا!، مُون کان "اَعـجاز" چئي بِيٺي بَهڳڻ وٺ.

تلھ :ڪِٿ ڏِنا؟ تو وي ڪانگ !۔ اڄ ڪلھ ڏي ڪا سُڌ سڄڻ جي.

1 - **کھڙي قِبلي کھڙِي ڏس تي ۔ سندن آھن سانگ ۔ اڄ ڪلھ ڏي ڪا سُڌ سڄڻ جي.**

2 - **اچي اچانڪ اُيري من ۾ ۔ طلب ڏاڍي تانگھ ۔ اڄ ڪلھ ڏي ڪا سُڌ سڄڻ جي.**

3 - **اُڏر ڪانگل چڙھ آڪاسين ۔ ڍُوندِ چارئي دانگ ۔ اڄ ڪلھ ڏي ڪا سُڌ سڄڻ جي.**

4 - **ڪو نہ سُٺي هِن ڏيھ ۾ تن ري ۔ بِرھ واري بانگ ۔ اڄ ڪلھ ڏي ڪا سُڌ سڄڻ جي.**

5 - **ڏِس "اَعجاز" چئي رِيءَ پِرين جي، لڳي لُڇن جي پئي لانگ ۔ اڄ ڪلھ ڏي ڪا سُڌ سڄڻ جي.**

ٿلهہ :ڪَنگَن جون جي ٻُڌم ڪُوڪُون، تہ مونکي هَنج ياد آيا،
انهي جي معنيٰ اي يارو، سُخن جا سَنج ياد آيا.

1 - وري جو ڪانئرن وارا، ڏِٺم چُنج روز چِلڙن ۾،
اَمُل موتين پريا مُعطر، هنجن جا چُنج ياد آيا.

2 - سُخن جا سنج سي آهن، سُخن شِيرين سدا جن جا،
سُڻڻ وارو سُڻي ڪو جي، تہ اَڄ سي گنج ياد آيا.

3 - مِلن اهڙا بہ ماڻهون ٿا، ڪَڏهن هن زندگيءَ ۾ جو،
جَڏهن سي يَاد آيا جي، تہ جهڙا تُرنج ياد آيا.

4 - ڏِٺم مَحبوب جي رُخ تي، جو ڪَارا ڪي بہ ٿي تِرهُو،
تہ نُهہ پَهہ دل منجهان، اُيري يمن جا زنج ياد آيا.

5 - تو سُهڻي جا تہ عاشق ڪئين، اُنهن مان تنهنجا اي سُهڻا،
ڪِني کي سهنج ياد آيا، ڪِني کي اهنج ياد آيا.

6 - هَنجَن وٽ حال جي هَئي هَئي، ڪَنگن وٽ قَال جي هَئي هئي،
هِنن کي قُرب ياد آيا ـ هُنن کي رَنـج ياد آيا.

7 - پَڪين جي پرک وارن ڪان ـ ٻُڌو "اَعـجاز" هيئن هر پَل،
هَزارين هَنـج هُونـدا پَر، اَسانکي پَـنج ياد آيا.

تلھہ : **اُڏر ڪانگل وِج اوڏاھين ـ جاڏي آ منھنجو جانب يار.**

1 - **ڏَس ڏِيَئِين تو آئون جِتي جا ـ ماڻھو مھانگا اتئي اُتي جا،**
سِڪ گھٽي ڪا ساڻ سَنباھِين.

2 - **ڪَشِ ڪَمر ڪر ترت تياري ـ پنڌ پري آ منزل ڪا ڀاري،**
لَڏَ مَتان ڪِٿ وِرچِي لاھين.

3 - **نَمي ڪمِي وِج زَاغ نِرتَئُون ـ پَائي ڳِچِيءِ ڳَل پَاند پِرتَئُون،**
در دلبر جي مون ڪاڻ دَانھِين.

4 - **آئون تو ٻُھاريان وَاٽ اڱڻ ڪي ـ آڻ سِڱھو تون مُنھنجي سڄڻ ڪي،**
سو ڏيندو سئِين جيڪي تون چاھين.

5 - **آھيان "اَعجاز" چئي اُڪنڊِو آئون ـ تَڏھن ڪَريان تو توڪي صَدائون،**
خَالي نہ ورَجان ائين ڪَجاھِين.

ٿلهه : **هِي عشق پَڪيئڙو هِت آندو ـ ڪِيئن سو وِهي وِرهه ڪان واندو.**

1 - **ڪَن نہ لائي ٻِي ڪا ڪَهاڻي ـ آهي راڳِ ويراڳ لاءِ مَاندو.**

2 - **جيڏهن تاڻيس تيڏهن تانگهي ـ اهڙو مِارِيءِ وِڏس ڪو ڦانڊو.**

3 - **مَن نہ گڏائي مَال مَايا سان ـ هِن ماڳِ ڪي ڄاتئين مَانجهاندو.**

4 - **وَتي وَڳر ڪان وِڇڙيو شَاهہ اَعجازا ـ ڪَو نہ ڄاڻان ڪَڏهن ٿئي هيڪاندو.**

ٿلهه : **ٻيلهه ٻَگهن سان ٻَهِي وويَار ـ پِرت پکيئڙو پاري هليو ويو.**

1 - **سَال سَاڪن هو هِن ئِي سَر ۾ ـ سُر نہ ڪَيُس ڪَنهن سَهي وويَار.**

2 - **لاَتيون سَباجِهُون لَنوَندو لَنوَندو ـ ڪالهه هِتان ويو ڪَهي وويَار.**

3 - **اَنا احمد بِلامِيمي ـ پَر ۾ وِيَڙو پَهي وويَار.**

4 - **آدم اولي سمجهه "اَعجازا" ـ رُوپ اِنهيءَ ۾ رهي وويَار.**

ٿلهه : پِرت جي پند پَساري جو۔ اَنت نہ آهي ڪَانئر ڪَنگن ڪي.

1 - **سَوز نہ سَانديئون سِيني ۾ ۔ هِن سَاٿ سَبِگر سُونهاري جو.**

2 - **ڪَپر مَٿي ڪَن ڪُوڪون ڪڙيون ۔ منجهہ نہ لهن منجڌاري جو.**

3 - **يَاد نہ ڪَيائون يَوم قِيامت ۔ وهہ وَرِين ويساري جو.**

4 - **اُڪنڍ اُڌو اَعجاز هنجهن ڪي ۔ اَصلي مَاڳ اوتَار ي جو.**

ٿلھ :پکيئڙا ڳالھ سل پوري ـ ڪِٿي ساري سَنگت تُنهنجي،
ويڳاڻو چو وَتين رُوح ۾ ـ ڪيڏهن وَئي لَئي لَنوت تُنهنجي.

1 - **توسان پُر پيچ هُئا جن جا، تو ڪي; نِت ناز هو جَن تي،**
ڪِٿي آهن اُهي اَڄ سي، ڪِٿي سا مَوج مَت تُنهنجي.

2 - **اُداسِيل دِل اڪيون صُورت، بِيراڳِيل حال ۾ حيرت،**
سَتوهِيل سَرس پَئي ڏِسجي، رَنجويَل رُوءِ رَنگت تُنهنجي.

3 - **ڪِٿان آئين ڪيڏهن وِيندين، اِها ڪا سُڌ سَچي ڏيندين،**
اَصل تُون ڪَهڙي ڪَم دَم سان، اَصل ڪَهڙي ڪِرت تُنهنجي.

4 - **وِساري وَطن وَٽڪارون، اَچي وينين وِيرانن ۾**
سَنيارج سَبز سَر ساڳيا، اُها آ جوءِ جَنت تُنهنجي.

5 - **سُهم سختيون سِتم هاجان، آهن اَنڌ ڌُنڌ "اَعجازا" هِت،**
نَظر ناهي سُجاپي ڪيئن، ذاتو ذاتي صِفت تُنهنجي.

تلهہ : چَئو تہ عَجيبن چَيَڙُئي ڪَانگل چَا چَا چَاء

مِلندا ڪَڏهن مَاڻن پَريا، مُونسان مُحب مِنا.

1 - **وَجِڻ اَچڻ ۾ دَير تہ توڪي-ڪَانہ لڳي تي ڪِيانتا،**
وَج وَجي هُتان وَر سگهو هِت-آڻ پيغام پَير ائتا،
وَاتان ٿُنهن جي جِيئن بُڏان-وَاڏايون وَهوا.

2 - **اُڪنڍِئي عَاشق جو اي ڪَانگل-عَرض نِيارو ٿِي سَلجان،**
نَياپو اُت هي نِياز اَدب سان-سمجهہ وارو ٿي سَلجان،
ڏَاڍا سِياڻا سَمجهو اَٿئي-هُو سَانول سُونهن وَندا.

3 - **ڪو ڪُڻ وَني اَچ پِرين ڪان-تہ پِياريئين مِصرين پاڻي،**
اَنصاف اِنهي ۾ ڪَانگ ڏيئين-هِيء سَاري حاڪماڻي،
بِيو جيڪي طلبين حَاضر ڪَريان-وَاعدو توسَان آ.

4 - **زَاغن ۾ تُون زَاغ نِرالو-تُنهن جي ذات اُتاهين،**
سَنيها سَنديسا ثَابت ڏِين تون-خِيانت ڪَانہ رَسائين،
جُو ڪجهہ چَيَڙُئي پاڻ پِرين-سو ڪجهہ چئي بُڏاءِ.

5 - **خَاصو خِبر ائيل تُون ڪِيانتا-تُنهنجون خَبرون خَيري،**
فُرقت وَارن جي بہ آ توکي-چِنتا اونَ جَجهيري،
عَاشقن جو "اَعجاز" چوي-تُون سَاٿي سَنگتي سَدا.

تلهه : آهي ڪِرت ڪَانگل تُنهنجي قاصداڻي، وِساري نہ ويهه سا پنهنجي پَر پُراڻي.

1 - **ٺامان نينهن جَا آهن، آڻڻ فَرض تو تِي،**
تَندا ٻِيا ڪِي ٺاهن، ٺَاڻڻ فَرض توتي،
جَاڻِي جَاڻ سَڀ تو، پورو تي نہ ڄاڻي.

2 - **هِتان جا هُتان جا، ڇتان ڇئو ڇيتاري،**
ڏرو ڪَر نہ ضايع، سَمورا ڏي سَاري،
سَنيها نِياپا، ڏوري ڏِيهه ڏِهاڻي.

3 - **اِهي يَال ٺورا، مون تي ڪَانگ ڪَر تون،**
سِڪاين جا سولا، سُوري سَانگ ڪَر تون،
مِلن مَحبتي مَن، رَچي رَس رهاڻي.

4 - **ڏُوريءَ جا "اَعجاز" چئي، وِچان ڏَنگ وِيڙا،**
پَورهيا پَند تنهنجا، پَڪي ٺاب پيڙا،
اَصل ڪان توڪي آ، دُعا عَاشقاڻي.

ٿلهه : ڪَنهن پَر پِرين اِيندا وَري ـ ڏي ڪَانگ قَاصد سُڌ صَحي.

1 - **موهي مُونکي جن مَست ڪَيو ـ وڇڙئي تَني کان وَقت ٿِيو،**
گُوندرن ۾ گهارڻ پَس پِيو ـ تَن ري سَڙي سِڪ ۾ ٻَري،
ويهي وِڃائي مُون وَهي.

2 - **اُڪنديو اَندر اَرواح آ ـ وِسريو وَطن وَڏراهه آ،**
شَاهد گواهه الله آ ـ سَاري سَڄڻ ويندس مَري،
پَهه سُور پَنهنجي پَر ۾ پَهي.

3 - ووءِ ووءِ **ڪَيم خَفقان کان ـ ڇَو ٿِيا خَفا نَاتوان کان،**
اِنهي وَڏي اَرمان کان ـ آيا اکين ڳوڙها ٽَري،
سي ڳَل ڳَڙي پِيا جهولي لَهي.

4 - **"اَعجاز" آئون جِيان نه جِيان ـ هُو خُوش هُجن صَدقي ٿِيان،**
شَل حُب سَندن ۾ دَم ڏِيان ـ ٻِي ڪَا نه ڀَانيان تو ڳَري،
مَنَ مُئي پُڄاڻان اَچن ڪَهي.



حق الهدایت

ٿلهه : **نَاسُوت جا پُوڄاري ـ ڪَر لاَهُوت جي تياري،**

اُها جُوءِ اصل آ تنهنجِي ـ ڪِيئن تو ويهي وساري.

1 - **هَڻ وَٺ ڪي هٿ لڳي وئين ـ هَيا حيف آهي توکي،**
تَڪ تور تَرازي چڙهتون ـ تنهنجو مرڪ ناهي مَراري.

2 - **جِيڏهن نظر تنهن جي ناهي ـ تيڏهن موليٰ پاڻ آهي،**
شڪ وهم شبها لاهي ـ ٿي پرت جو پاساري.

3 - **حِلمُ النائِم حديث آ ـ حَضرت سندي حقاني،**
منڪر نہ ٿي انهي ءَ جو ـ سُڻ سمجهہ بات ساري.

4 - **پيڙيو پروا هڏڙا ـ پَارين تو پيٽ پنهنجو،**
اُٿ پاڻ کي ايذائي ـ لَهہ هِيرا منجهہ هزاري.

5 - **ـ "اَعـجاز" سچ الايو ـ تون مَجين نہ مجين موڳا،**
دَارُ الفنا جو لارو ـ ڪَندَئي قيام ڪاري.

ٽلهہ : هِن مَست بِي لِحاظ تي، قاضي مَ ٽاب ڪر،

تون پاڻ لاءِ ڪو پهرين، مقرر عذاب ڪر.

1 - ٿُوتي اثر پيو نہ، تنهنجي پَند جو سو چو!

يا ڇڏ قِصا ڪتابي، يا خود کي ڪتاب ڪر.

2 - بيشڪ شَراب آهي تہ بيحد خراب شيء،

پر تون بہ ترڪ غير غُصي کي شتاب ڪر.

3 - اڇ ڪِيم ڪنهن جي عيب ۽ قول فعل تي،

فاعِل حقيقي ڪير آ، سمجهي جواب ڪر.

4 - مُون مَست جي صلاح مَرفُوعُ القلم صحي،

منهنجا بہ ڏوهہ ثواب مَرفُوعُ الحِساب ڪر.

5 - مَوليٰ وڏو آ منهنجو، مولائي تہ بنجي ڏِسُ،

معنيٰ وسيلو هادي، وجي بُوتُراب ڪر.

6 - مُلواڻي قيل وقال، مَڪَرُ ڦَند ڦٽو ڪري،
"اَعـجاز" چئي ڪا عشق سان، دل دَستياب ڪر.

ٿلهه : مُنافق مُنافق مَجوسي ، سُڄاڻو سُڄاڻو سُڄاڻو سي لُوسي.

1 - **پتا پَار تن جا سُٺو تان سُٺايان ـ سُٺي سي سَپيئي لِڪو تان لِڪيان،**
لِڪايا نہ قُرآن آئون ڪيئن لِڪايان ـ ڏِسو سُوره توبهہ ۾ تَن جي مَنحوسي.

2 - **رُڳو مُنهن زِبان ۾ رَکن تا صَفائي ـ اَٿن دِل اندر ۾ دُوئي ۽ دَغائي،**
ڇَڏي سِڪ سَچائي تڙيا تِيا تَوائي ـ ڪَيُن خُوار قادر قائم رَب قُدوسي.

3 - **قلب جِن جو حَق کان پَاسيرو آ هَر دم ـ ٺَٽا پَاڻ جهڙو ڄاڻن ڪَنهن کي ڪَنهن دم،**
مَٿان تَن جي مَولا جي لَعنت آ مُحڪم ـ جيڪي ميڙو مَال جا ڪَتا ڪُزا ڪَنجوسي.

4 - **لايو لئہ لباسي لِڪيو جيئن لِڪن ٿا ـ ڏِسڻ وارا تَن کي ڏِسيو تيئن ڏِسن ٿا،**
اجان تہ بہ "اَعـجازا" ڇَپيرا ڇَپن ٿا ـ پَلي بُغض رکن سي اَٿن حق مورُوثِي.

تلھ : مُلان ڪِيئن تو گُذارين عِشق سواء ـ ڪَڏھن عِشق جي بيڙي چڙھ تہ سَھي،

بِرھ وَارو سِر مَچ مَچائي ـ قُرب جي ڪَٺھي ڪَڙھ تہ سَھي.

1 - **شِدت شِتابي، اُڏَت عَتابي، حَدون حِسابي قِصا ڪِتابي،**
تَرڪ ڪَري سُڻُ رُون رُون ربابي، رَاھ وَني اِھا رِڙھ تہ سَھي.

2 - **پَنھنجا عَيب پَسِي پَنھنجي پَرِ ۾، وَج مُلان مَري مَرمين شرمين،**
هَادي ھِڪو آ ھَر جاءِ ھَر ۾، ويڙھي وَحدت جي وَڙ تہ سَھي.

3 - **جِتي حُسن جا تَجلا تاء ھُجن، گُھنڊ گُھورُون گَھرا گَھاء ھُجن،**
ھَر لَحظي عَجب لَقاء ھُجن، ڪو لَحظو اُتي ڪُپِي ڪَڙ تہ سَھي،

4 - **بِيون ڳَالھيون سَيئي بَن ڏيئي، بُڌ قَول عُشاقي ڪَنُ ڏِيئي،**
اَعـجاز عـلي ڪي مَن ڏيئي، پِرت وَارو پَنو پَڙھ تہ سَھي.

ٿلهہ :گُفتار جو پَلوڙ ٿُون، ڪِردار جو ڪَسو،

گويا ٿُون خابرو، پَر اَبصار جو ڪَسو.

1 - **بَحرِ عَميق عِشق جو، تَارُو تہ ٿِئين مَگر،**
اُونهي اوپاري آر ۽ پَاتار جو ڪَسو.

2 - **يَا مَست ٿِي سَراپا، يَامَستي جو دَم نہ هَڻ،**
نہ تہ مَست مُنهن تي چَوندءِ خُمار جو ڪَسو.

3 - **پَنهن جي ٿُون پر ۾ مُلڪ جو وَالي تہ ٿِيو وَجين،**
پَر آئي ويل آهين چو اَختيار جو ڪَسو.

4 - **ڪُليات ۽ دِيوان تہ تَصنيف تو ڪَيا،**
پَر عِشق جي مَٿاهين ٿُون مَعيار جو ڪَسو.

5 - **تو ڪي ڪَجي جي يَاد تہ هِن يَاد سان ڪَجي،**
وَعدي وَفا ڪان مُڪريل وَهنوار جو ڪَسو.

6 - تُنھنجي ڪَمال جو تہ پَتو ڳالھہ ھِن ۾ پِيو،
تَڪرار ۾ جَريد تون، اَدبار جو ڪَسو.

7 - "اَعجاز" ڪي مَھارت سُخنات جي ڪِتي،
آھي اَجان بہ سُخن جي سِينگار جو ڪَسو.

ٿلهه :لايو اچي اجان چور پچور ـ ڪين مُڙي ٿو مُدعي مَڪارو.

1 - **جِتان ڪِتان جُنبيو جهيڙو جوٽي، خُواه مَخواه پيو گڏون ڪوٽي،**
آهي اصلون اور اَنور، اَحمق اهڙو اَهَنڍ اَهنڪارو.

2 - **ڦند وڏي سان ڦيٽا وِجهي ٿو، وِچ وچور وِڇيٽا وِجهي ٿو،**
ڏينهَون ڏينهن آزور بہ زور، رَهزن رَقيب رَذِيل رِيسارو.

3 - **شُوم شَرير شِمر شَهپالي، دُز دُرنگو دَنگي دَجالي،**
هُل هَاڳامون هَور ۽ شَور، هَڏِ نہ جَڏي ٿو هَيو هَچارو.

4 - **"اَعجاز"چَوي اَچ ذُوالفقارا، جَنگ خيبر وَانگي وَني ڪي وَارا،**
ڪَاهي ڪُهي وجهہ ڪور ڪَنور، ليبِي لَعنتي بَدُو بُڇارو.

ٿلهه :پرت جي پَنڌ پيچري جو، پِيو نہ پڙهين ڪي پَتو،

پُڇ تَني کان جِن جي سِر تي، عِشق جو مچڙو مَتو.

1 - **وِيا پَڄي جي بِرهه کان، سي ڪِين ڏِينديءِ ڏَس اِهو،**

پَاڻ پَنهنجو ٿُون پَروڙي، وَڃ هِتان ٽُرتئون تَتو.

2 - **سَوز سِڪ غَم سُور ڏِي، سَيڪو سَنديندو ڪِينڪي،**

وِرهه وَحدت جو وَڪر، ڪَنهن ڪَنهن وِجي وِڙلي وَتو.

3 - **قُرب جي ڪَاٺاهه ۾، جَنهن قَلب ڪَاڙهي صَاف ڪيو،**

سو آهي عَاشق صَحي، سَپ رَاهه جو سُونهون سَتو.

4 - **بي پَروڙن ڪَل نہ پَئي، هِن اُلٽي اُبتي آرجي،**

عِشق جي رَنگ مان "اَعجازا"، رُوح عوشَاقن رَتو.

ٿلهه :زَماني کي وِساري ڇڏ ـ زَماني سَاز ڏي ڏِس تُون،

زَمانو سِر تي وَاري ڇڏ ـ زَماني سَاز ڏي ڏِس تُون.

1 - **زَمانو جيئن هُجي جهڙو ـ نہ ڪَر شِڪويٰ شِڪايت ڪا،**

کِلا جي گت گُذاري ڇڏ ـ زَماني سَاز ڏي ڏِس تُون.

2 - **حَقي فَاعل خُدا آهي ـ زَمانو فعل آ اُن جو،**

سَجڻ هي هَوش ڏاري ڇڏ ـ زَماني سَاز ڏي ڏِس تُون.

3 - **زَمانا ڪَئين آهن اَڇٽا ـ زَمانا ڪَئين آهن وَچِٽا،**

زَمانا ڪُل اُڪاري ڇڏ ـ زَماني سَاز ڏي ڏِس تُون.

4 - **زَمانو جي ڪَري ٿِڻ مِڻ ـ زَمانو جي ڪري هِڻ ڇِهڻ،**

ٿَاٽي جيئن سَيڪي ٿاري ڇڏ ـ زَماني سَاز ڏي ڏِس تُون.

5 - **زَماني حَال تي هَل تون ـ سَراپا حَال هِت بَنجي،**

قِبل مَاضي وِساري ڇڏ ـ زَماني سَاز ڏي ڏِس تُون.

6 - **مَاڻھون مَٽجن تہ پيا مَٽجن ۔ مَاڻھن جو غَم وَري ڪَھڙو،**
گھڙيون ٽَن سان بہ گھاري ڇَڏ ۔ زَمانـي سَاز ڏي ڏِس ٽُـون.

7 - **زَماني رَنگ ڪَيا بِلڪل ۔ ڪَڏھن ڪَھڙا ڪَڏھن ڪَھڙا،**
سي پَر ھِہ بَس پَچاري ڇَڏ ۔ زَمانـي سَاز ڏي ڏِس ٽُـون.

8 - **جيـڪـو ناساز آ "اَعـجاز" ۔ آخر سَاز ٽي پَونـدو،**
صبر جي سِٽ سنواري ڇڏ ۔ زمانـي ساز ڏي ڏِس ٽُـون.

ٿلهه : **ڪو نه قَضا تي پاڙِ ، تُنهنجِي قَضا ته تُنهنجي وَس آ.**

1 - **پاڻ تي قادِر پاڻ ئي تِي پئه ـ ڪاهلِ تِي نه ڪنهه ڪِياڙِ.**

2 - **لِکيا لَڪيرُون لوحَ تَحريرُون ـ پاڻ سُجاڻي پِوءِ پاڙِ.**

3 - **همتِ مرِدان يادِ نه اَٿئِي ڇا ـ پَهاڙا اَڳيان ٿِي پَهاڙ.**

4 - **قاضِيءِ ڪاتِب وارِي لِکتِ ڇا ـ ڦوڪي پَنا سَپِ ساڙِ.**

5 - **جيڪو بَرِي ٿيو قيدَ قَضا ڪان ـ مُنهنجي اُنهيءِ تي ماڙ.**

6 - **توڪي اِهو اختيارُ به آهي ـ پاڻ سَنوارِ ڪِ بِگاڙ.**

7 - **ڪَر مَن قائل رُئندي ڏِنا مُون ـ پَر تُون نه ڳوڙِها ڳاڙ.**

8 - **ـ "اَعـجاز" چوي چوءِ مَسيتِ مَندَرِ ۾ نَڪُ گسائين نِراڙ.**

ٿلهه : **سَڄڻ سِک يَار سَچ ٻولڻ ـ دُنيا جا خَوف ڏَپ لاهي،**

اوتاري مُنصفن جي اَڄ ـ ڏِٺا سَڀ ڪُوڙ جا ڏَاهي.

1 - **اُڏامڻ لاءِ تہ پَر آهن، پيارا ڪُوڙ ڪي هِت پَر،**
ٻِيهڻ لَئہ پير ڪونهي ڪي، ٻِهي جِن تي بَدن ساهي.

2 - **اصل چَانديءَ جي رُپئي جيئن، چِٽو چَنگ ڪان بہ ٿي وَڃُ ٿُون،**
ٻَاڙو ٻوڙو مَنو ٿين چو، مِنا تو ۾ تہ مَٺ نَاهي.

3 - **قِبل ءِ حَال مَاضي لاءِ، ڪَلام اللہ ۾ هَر هَر،**
سَچن جي سَاک جو شَاهد، خُدا خُود پَاڻ ٿِيو آهي.

4 - **قَلب آ ڪَسوٽي تُنهنجو، پرک تنهن سان ٿُون حق باطل،**
سَواءِ دِل جي نہ سُڌ پوندي، تہ حق ڇا هي باطل ڇا هي.

5 - **صُورت اثبات حق جي جيئن، ڪئي منصور سُوريءَ تي،**
سچائي ءِ ۾ ٿِي ثابت ٿِيئن سچي "اَعـجاز" سچ چاهي.

ٿلهه :هَاءِ ڙِي ظَالم زَمانا ـ تو ڪَري پُوريون چَڏيون،
نيڻ رئاڙيئي نِت نيرانا ـ تو ڪَري پُوريون چَڏيون.

1 - نِينهن جي نَاپيد نَاتي ـ ڪي نہ ڄَاتئي نَاحقي،
نِت رَنجايئي نَاتوانا ـ تو ڪَري پُوريون چَڏيون.

2 - قَافلن جا قَافلا تو ـ بي قياسي سَان ڪُنا،
ڊِيان ڏر اي بي ڏِيانا ـ تو ڪَري پُوريون چَڏيون.

3 - يَاد ڪريو اَڄ بہ لَرزن ـ ٿا زَمين و آسمان،
ڪَربلا وَارا فَسانا ـ تو ڪَري پُوريون چَڏيون.

4 - ڪي زَنجيرن ۾ بَڌايَئِي ـ ڪَي ڪرايَئِي دَر بَدر،
ڪئين ڪَيئي دَانهہَ ديوانا ـ تو ڪَري پُوريون چَڏيون.

5 - ڪو نہ ٿُون سَهندين ڪَڏهن ڪا ـ بِن دلين جي دوستي،
زور آهين ٿُون زَمانا ـ تو ڪَري پُوريون چَڏيون.

6 - **سمجهه وارن سمجهي تو کي ـ دُور کان ڪَيڙو سَلامُ،**
تو هَنيا تَن کي بہ طعنا ـ تو ڪري پُوريون چَڏيون.

7 - **چوٿَ تو جن کي ڏِني ـ در در سُٽائي وِيا اُهي،**
درد پريا داستانا ـ تو ڪَري پُوريون چَڏيون.

8 - **هَر گهڙي هر جاءِ تُنهنجا ـ ظُلمُ زَنگ ۾ ضِد ڏِسي،**
تو پري "اَعجاز" جَانا ـ تو ڪَري پُوريون چَڏيون.

ٿلهه :هن جهان جا هِي جَلوا، يار جيڪي پِيو پَسين،

سي اَٿئي ڦاندن مِثل، مَتان ٿَني ۾ ٿُون ڦَسِين.

1 - **هِي گُل گُلابي گونچڙا، هِي مَحل بَنگلا اُوچڙا،**

هِي خَاص ڪاڏا خُومچڙا، حَاضر پَسيو هَر هَر هَسين.

2 - **حِلمُ النَائم حَديث سُڻ، حِرص بَازي پَن ۾ هَڻ،**

دِل دنيا دُورنگي تَان ڳڻ، چو موهَ مَايا ۾ مُسين.

3 - **سِک سمجهه سَالڪ سُرت ڪر، تون نَين کولي نِرت ڪر،**

هِت ڪِين ڪوڙي ڪِرت ڪر، چو گند گاهڻ ۾ گسين.

4 - **"اَعجاز" تو آگاهه آ، سَاٿي نه تُنهن جو سَاهه آ،**

اڳ پوءِ بَس الله آ، ظَاهر بَاطن هَر هَنڌ وَسين.

ٿلهه : هِي خَفو جُوفو خَسارو، هِن دُنيا جو چَڏ ڪٽي،
ڪو نہ ٿو پَئي ٿُنهنجي مُنهن تي، هَڻ انهي کي گَڏ ڪٽي.

1 - **اَجل اِيندءُ اوچتو، سِر تي اَصل عَقاب جَان،**
سو لَڏائيندُءِ سَڏي، تَنهن کان اڳي ٿُون لَڏ ڪٽي.

2 - **جو مُنڊو مُوڙهو تون آهين، مَت مُسافر مَج مُنهنجي،**
اَچ عَدم جي ڪُن اندر، اَج ئِي اوتارو اَڏ ڪٽي.

3 - **بِي بَقا هيءِ آهي دُنيا، بَقا هِن جو آ ٿَل،**
ٿُون ڪٽي هِيئن ترڪ ڪَر، دِل کي نہ هِن سَان گَڏ ڪٽي.

4 - **پَاڻ پَنهنجو سِر سُجاڻج، ڇَڏ صفاتي سَڀ سَڏون،**
سِڪ ۾ سَڌ رڪ تَنهن سَندي، جَنهن ڪُن چئي ڪيو سَڏ ڪٽي.

5 - **عِجز سان "اَعـجاز" چَئي، الله کي اِثبات ڪَر،**
رَهہ فَنا جي فِڪَر ۾ تون، ڇَڏ فَخر ۾ وَڏ ڪٽي.

تلهہ : نُقط چِينن جي بَزم ۾ ـ نِينهن جو ٿالو نہ آهہ،

پِرت وَارن لاءِ تَن وَٽ ـ پِرت جو پِيالو نہ آهہ.

1 - **ڪُوڙيون آهون ڪوڙيون دَانهون ـ ڪُوڙيون دَعوائون تا ڪَن،**
اَشڪ بَاريء ساڻ دامن ـ تن جو ڏِس آلو نہ آهہ.

2 - **مَاٺ ڪَر ٽِيندو تَماشو ـ هُت هلي اي هَمسَفر،**
هِت تہ ڪنهنجي وات مُنهن تي ـ طاق يا تَالو نہ آهہ.

3 - **سُخن وارن جو سُخن ـ تلوار جي آهي بَجاءِ،**
ظَاهري تِن جي هٿن ۾ ـ تِير يا ڀَالو نہ آهہ.

4 - **ڪِين "اَعجازا" ايندا ـ طعني زَني ڪان بَاز هُو،**
چال مرداني جو جن ۾، چاهہ ۽ چَالو نہ آهہ.

ٿلهه : ڪُوڙ جو اڄ ڪلهه اگهه وڌي ويو، سچ جي بازر موڙي آ،

حَال زماني دور اِها، نُرخ بَازِي نَئين جوڙي آ.

1 - **ڪُوڙ جا ڪِر ا مان ڏِسو، دَلال واپاري دُوڪان ڏِسو،**
سَودا سَتا سَامان ڏِسو، عَجب پَسي دِل دَوڙي آ.

2 - **اَڄ وَقت زَمانو نَاهي سَچ جو، چَاهه چَلا مانو نَاهي سَچ جو،**
ڪَنهن وَات فَسانو نَاهي سَچ جو، ڪُوڙ جي ڳَالهه ڪِروڙي آ.

3 - **سَچ ويچارن وَانگي وَيچارو، ڪوڙ ڪَرارن وانگي ڪَرارو،**
سَمجهه اِهو تُون يار اِشارو، ڳَاٽن هَنئي اِها ڳوڙهي آ.

4 - **ڪير "اَعجازا" سَچ سَودائي، پَاڻ لاءِ پَاڙهي وير وِهائي،**
ڪَئين سَچا ويا ڪَنڌ ڪَپائي، دُنيا ٻُڌڻ ڪان ٻوڙي آ.

ٿلهہ : **اهڙو ڪو وريو واءُ ـ جو گُل خَار ٿِي پِيا،**

سِر ساھہ جا سِينگار ـ مِثل مَار ٿِي پِيا.

1 - **جَف القَلم ڪان پَانيان ـ ڪِ پانيان آئون پاڻ ڪان،**

پَنهنجا بہ ڏيئي پِيار ـ سِتمگار ٿِي پِيا.

2 - **بُلبل لاَچار ڪنهن ڪان ـ وَسايو آ بَرُ وَجي،**

بَاغن ۾ ويهي زَاغ ـ دِڳي دار ٿِي پِيا.

3 - **لالچ ۽ لَوڀ لَبَ جِي ـ هُئِي ڪانہ جن ۾ بوءِ،**

سي گهر سنياري پَنهنجو ـ طَمعدار ٿِي پِيا.

4 - **سَاري سَنگت ۽ دُنيا ـ چَڱو جو قِري وَئِي،**

پَنجتن پِيارا پَاڪ ـ مَدد گار ٿِي پِيا.

5 - **رَويو رُئن هي اکڙيون ـ ۽ جَليون جَلي جِگر،**

دَرشن جي هُئا آسان ـ سي دُشوار ٿِي پِيا.

6 - **سچ سَالڪن آ چيَڙو ـ اي "اَعـجاز" ڪر صبر،**

يارن وِساري يارِي ـ جو اَغيار تِي پِيا.

ٿلھ : عمر اناڙپ منجھ گذر تي ـ سمجھ ھُوشياري ڪئي نہ اسان،

دين ڏرم تان ھٿ ڪنيوسين ـ مڪر عياري ڪئي نہ اسان.

1 - **ڏھا پائي حُجرا وسائي ـ ڏاھپون ڏاھي ڏيھہُ پُلائي،**
عابد زاھد نيڪ سڏائي ـ عيش بھاري ڪئي نہ اسان.

2 - **دلق دولابي ڏاڳا ڏاري ـ پڙھين وارا تال پاتاري،**
ٽپڻا ٽوٽا رمل ماري ـ پيٽ گذاري ڪئي نہ اسان.

3 - **ڪعبو پيٽڻ جُھنڊ لپيٽڻ ـ ٺلون ٺيٺڻ لب تي ليٽڻ،**
ميم جو اڪر من تان ميٽڻ ـ اھڙي غداري ڪئي نہ اسان.

4 - **لولي ڪارڻ لاھي پاھي ـ در در ويھڻ سندرو ساھي،**
گھر ٻار ڪٽنب ڪان دوري چاھي ـ چال آواري ڪئي نہ اسان.

5 - **دين ڪفر ڪان دور رھون ٿا ـ عشق حسن جا گھاٽ گھمون ٿا،**
"اَعـجاز علي،، جا قدم چمون ٿا ـ جڳ جي جُھار ي ڪئي نہ اسان.

ٿلهہ : مُونکي دُوست آيا ـ ڪَتب ڪَھڙا ڪَھڙا،
بَنيا بي وَفا ـ بي سَبب ڪَھڙا ڪَھڙا.

1 - **ڳايو ڳڻ پِيو ڳڻ، اُٿيو ڳڻ وِيهو ڳڻ،**
ڳِلائون پِيا ڪَن، روز و شَب ڪَھڙا ڪَھڙا.

2 - **دَغا دُوئي دِل مان ڪَڍي ڪِين آيا،**
ڏِسو حَق جي ڪَن پِيا طَلب ڪَھڙا ڪھڙا.

3 - **پَڙهيو عِلم بيحد اَڪابر ٿي پِنهنجو،**
لِڪائن ٿا نَسل و نَسب ڪَھڙا ڪَھڙا.

4 - **سَچائي صَداقت سَان آل نبيءَ جو،**
ڏِسان پِيو رَکن پيا اَدب ڪَھڙا ڪَھڙا.

5 - **وَري هِيئن بہ ڇَانچي ڏِنو مون يَارن کي،**
ڏين ٿا اَچيو يَاد رَب ڪَھڙا ڪَھڙا.

6 - مُنهن جي دِل ۾ تَڏهن بہ اُلفت آ تن لاءِ
جي لائين تا پَر پُٺ لَقب ڪَهڙا ڪَهڙا.

7 - سُجهن پِيا مگر آئون ڪَندس ڪِين ظاهر
اَچا ڪَارا آهن قَلب ڪَهڙا ڪَهڙا.

8 - سُٺي دَرد وَاريون سَندم دَانهون دَم دَم
"اَعـجازا" وَنن پِيا عَجب ڪَهڙا ڪَهڙا.

تلهہ : اَڄوڪي دَور ۾ سَاٿي ـ وَفا وارو بہ ڪو هُوندو!!
سَچو ڪَامل ۽ سَالم دِل ـ صَفا وارو بہ ڪو هُوندو!!

1 - دَغا ڪان دُور پڃندڙ ۽ ـ ٺَڳي دولاپ جو قَاتل،
سُپت سَڀ سان ڪَري اَهڙو ـ خُدا وارو بہ ڪو هُوندو!!

2 - سَخي بَنجي تہ هُونئن سَيکو ـ چُٽل هَٿ جو ٿِئي ٿو پَر،
سَواءِ ڪنهن لوڀ لالچ جي ـ سَخا وارو بہ ڪو هُوندو!!

3 - ڇڏي فِردوس جون مَوجون ـ قَبولي دَرد اُلفت جو،
درِ دِلبر تي اچ اَهڙي ـ صَدا وارو بہ ڪو هُوندو!!

4 - اِلاهي عِشق ڏي مَائل ـ ڪَري جو سُهڻو دِل دَم دَم،
اِنهي غَمزي اِنهي نَازو ـ اَدا وارو بہ ڪو هُوندو!!

5 - چَوڻ سَوڪو ٿِيڻ اَوکو ـ سَراپا يَار تان صَدقي،
اَدا عَاشق گهٽا پَر سِر ـ نِدا وارو بہ ڪو هُوندو!!

6 - دُنيا عُقيٰ کان تَارڪ تي ـ نِھوڙي خيال نَفساني،
ربُوبِي رَاھ تي رَاضي ـ رَضا وارو بہ ڪو ھُوندو!!

7 - مِجازي مَوج ۾ ڦاسي ـ لڪين اَشعار تا ثَاھن،
حَقيقي يَار جي حُب ۾ ـ ثَنا وارو بہ ڪو ھُوندو!!

8 - ھِتي حَاذق گھڻئي آھن ـ "اَعــجـازا" دَرد ٻي سَي لاَءِ،
مَريضِ عِشق جي خَاطر ـ دَوا وارو بہ ڪو ھُوندو!!

ٿلهه : تِن وِڇايو وَصلُ هِت ـ جَن نيڻ نِنڊ تي هِيريا،

جُهوٽي غفلت جي جَهٽي ـ ڪئين گُهون ۾ نيئي گهيريا..

1 - **ڪِيئن ڪِٽان ڏِسندا اُهي ـ پوءِ جلوا جانب يار جا،**

ننڊ اگهوريءَ ۾ پئي، جِن سَهسين سِجڙا اُپيريا.

2 - **سيڪڙو خود کي سڏايو ـ جَڳُونڪ سان راتيون جيئن،**

عاشق الله جي نت ـ اَرٿ جاڳي پيريا.

3 - **سَخت سکيا ڏي اکين کي ـ گُهمنڊ آرس ڪر ڦٽو،**

ويا ائين چوندا هتان ڪان ـ جوڳي جُنگ جا ميريا.

4 - **هي اهوئي ماڳ آ ـ اَعـجاز چئي اي ويسرا،**

جنهن کي سپنو خواب سمجهي ـ سالڪن رخ ڦيريا.



باب چوٿون - متفرقات

سرائڪي سہ حرفي

اردو هندي

الف :آسان ڪڻ يَار پيارا ـآيا تي اِظهار ڪيتم نِظارا،
عَجب عَجائب روپ رڪيندا ـرُخ شمع انوارا ڪيتم نظارا،
نازڪ ناز سراپا ويڪيم ـنونهال نيارا ڪيتم نظارا،
سونهن صورت دا صاحب هي ـسيرت سهڻا سارا ڪيتم نظارا،
آڪے "آعجازا" ڏيڪ اُهين ڪون ـدل ڏتم چايارا ڪيتم نظارا.

ب: بنفشه سُنبل ڪيا هي ـزلف سجن دي چَلي چَلي بَر سِر هُو هُو بَلي بَلي،

بند ڪمند گهت قيد ڪريندي ـ مُرغ دليان دي گَلي گَلي بَر سَر هُو هُو بَلي بَلي،
اَگِّون اُنهان دي جاني پريندي ـ پير پيغمبر يَلي يَلي بَر سِر هُو هُو بَلي بَلي،
پيچ زُلفان دي اصل اَويڙي ـ وس نه ڪِنهندا چَلي چَلي بَر سِر هُو هُو بَلي بَلي،
آکے "اَعجازا" عشق تِنهان دا ـ پيا عُشاقان دي پَلي پَلي بَر سِر هُو هُو بَلي بَلي.

ت: تاري ستاري ڪيون وَت پوچان ـ پاڪ پيشاني ويکيم سرڙا ٽيڪيم،
بي تِلڪ تِلو ڪڙي تَرڪ ڪيتم ـ هڪ سِياهم ڪُون سِيتيم سرڙا ٽيڪيم،
جلوا سهڻي جَبين دا ويکڻ ـ بخت باري ڪر ليکيم سرڙا ٽيڪيم،
ول نه ڳڌاهين نَکت نواڙان ـ ٽيڙو ڳَتيان ٽيٽيم سرڙا ٽيڪيم،
آکے "اَعجازا" پڙهه شڪراني ـ پيچ پرين نال پيچيم سرڙا ٽيڪيم.

ث: ثَابت ول ڏُون پروان دا، جَلوا جُنبش جَهلڪار پي هي سر وار پي هي سَتڪار پي هي،
هوش تان هڪ ئي وار نِيتا، ول ڏُوجهي وار چمڪار پي هي سَتڪار پي هي،
سوچ ويچار دي وار نه ڏَيوَن، ڌڪ اُتي ڌڪ تيار پي هي سَتڪار پي هي،
تيغ خنجر دا وار نه ايوين، اينجها عجب اسرار پي هي سَتڪار پي هي، ،
آکے "اَعجازا" جيوين زخم وَڌ وَڌ، تيوين وَڌ وَڌ پيار پي هي سَتڪار پي هي.

ج: جَذباتي جَهاتي لڳي، پنبٽيان دي پيڪان چُٽي، نا جان چُٽي،
سورهه سپاهه مڙگان دا، نَال فَتان دي نيشان چُٽي، ناجان چُٽي،
چُپ چُپ چُپڪا چاڪ تِنهان دا، دَرَڪ عَقل مَت ڏيان لُٽي، ناجان چُٽي،
نوڪ نوڪ دي چوڪ نِرالي، نيزي اينجهي آڻ ٺُٽي، ناجان چُٽي،
آکے "اَعجازا" فوج حسن دا، سِلح نا سامان کُٽي، ناجان چُٽي.

ح: حَد ڳنون بيحد ڪيتا، گُهوران گهيرا گهايل تي، من مائل تي،
گهاٽي ماٽي آڻ گُهما يو ني، قلب ڪَليجي قَاتل تي، من مائل تي،
گُهور گُهور تي پُور سوايا، سُور نا سُور سَمايل تي، من مائل تي،
سُهٽي ايڏي سِتم ڪِتي ڪيون، دي سخت ستايل، من مائل تي،
اَڪي اَعجازا ترس نه ڪِيتس، ميڏي تَن تتَڙي تَايل تي، من مائل تي.

خ: خوبان خوب خُماري اکيان، خوشتر خوش نِگاهه ڏِنم، بيپرواهه ڏِنم،
شغل نظارا شوق تِنهان دا، هرهڪ ڪون هر گاهه ڏنم، بيپرواهه ڏنم،
سَهسين عشاقان دا ڪاڻ تِنهان دي، سُولي تي سر سَاهه ڏِنم بيپرواهه ڏِنم،
عشق دا اَوران اَور اُنهان وچ، ماڳ مُلڪ رَند رَاهه ڏنم بيپرواهه ڏنم،
آڪي اَعجاز ا نين پياري، روبرو بِالله ڏنم بيپرواهه ڏنم.

د: دُرس ديدار ڪيتم، چار اکيان چوتارِي تئي دُک پاري تئي،
قَول قَالو دي ساري پُني، جانِ قلب قَراري تئي، دُک پاري تئي،
قُنزم والي ڪُن اندر، غواصان وانگون گُذاري تئي، دُک پاري تئي،
ذاتي صِفاتي عِشق حسن دي، سَير سَيوئي ساري تئي، دُک پاري تئي،
آڪي اَعجازا نال محبوبان، عين عجيب اشاري تئي، دک پاري تئي.

ذ: ذر تان ڏيک وي طوطا، نڪ ڪُنديا ميڏي يار ڪُنديل دا، سُهٽي سُهٽل دا،
مَت نا تيسين تون ڪو هر گز، ميڏي عجيب املهه دا، سُهٽي سُهٽل دا،
نڪ اکيان خط خال چِتا ڪر، ول ول پنهل ڏيک دا، سُهٽي سُهٽل دا،
جي مَنين ته تيڪون ميان منو، ايهه نقش ڏڪايم روز ازل دا، سُهٽي سُهٽل دا،
آڪي اَعجازا اکيان اڳون هِم، نِت سدا سو نرمل دا، سُهٽي سُهٽل دا.

ر: راز پريان سي رمزان هن ـ جي مليم يار دي ڪولان، سرڙا گهولان،
چُپ چاپ چُپائي ٻيٺا هان ـ نال ٻنهان دي نه ڪولان، سرڙا گهولان،
هر دوجهان ڪنون پاري هن ـ جڏان جڏان تڪ تولان، سرڙا گهولان،
سبب ڪيتا چا مالڪ سائين ـ چوڙ چُڙايس پولان، سرڙا گهولان،
آکے اَعجازا يار تان من وچ ـ ڳوٺ ڳليان ڪيون ڳولان، سرڙا گهولان.

ز: زياده قَند ڳنون هن، مٺي لب سڄڻ دي ـ سي تان وٽندي،
مرڪ مرڪ دي نال تنهان وچون، مرجان موتي ٻڻ دي ـ سي تان وٽندي،
جَڏان ڏِکيوَن تڏاهن ٿيون، ڏٽي سموري ڏڻ دي ـ سي تان وٽندي،
ول جو چُسڪا ڏيوڻ ڏيوَن، ڪيپ چَڙهن مڻ مڻ دي، سي تان وٽندي،
آکے اَعجازا طرف لبان دي، تخت بخت پئي تَڻ دي ـ سي تان وٽندي.

س: سونهاري ڏند مبارڪ، سِين به سِين سبحان الله سبحان الله،
تجلي ڪر ڪر پاڪ ڪِتوني، طُور سينين سبحان الله سبحان الله،
گهولان اُنهان تون املهه عقيق، سِيم تي مِين سبحان الله سبحان الله،
ڪِل ڏيندي هِن خوشان دي، خوب خزين سبحان الله سبحان الله،
آکے اَعجازا يار ميڏا هي، اينجها حَسين سبحان الله سبحان الله،

ش: شَيدائي شَائق ڪُل تي، غَار ذَقن وچ غار ڳئي لنگهه پار ڳئي،
عشق والي اوڙاهه ڏهون، سَهجئون سرڙا وار ڳئي لنگهه پار ڳئي،
شوق اِهين ڪڙ ذوق اُتي، حال خيال سَنوار ڳئي لنگهه پار ڳئي،
گام و گام گمان گُم هوڪي، گياني ڪر گفتار ڳئي لنگهه پار ڳئي،

آکے "اَعجازا" ڏيان ذقن دا، دم دم دي وچ ڈار ڳئي لنگھه پار ڳئي.

ص: صفا دل سالڪ صوفيان، سِر سبحاني پايا ھي، سِر ڳايا ھي،
سر دي سُرت وچ رک ڪر، سِر دا سُر سمجھايا ھي، سِر ڳايا ھي،
سر مبارڪ سرخ جنھان دا، سِردا تنھان سِر سايا ھي، سِر ڳايا ھي،
سر دي نال عشاقان ڪون، پيار پريم سوايا ھي، سِر ڳايا ھي،
آکے "اَعجازا" سِر آپڻي ڪون، سائين آپ سجايا ھي، سِر ڳايا ھي.

ض: ضمانت عشق ڏتي ھي، توڙان توڑ نباوڻ دي ـرنگ لاوڻ دي،
مُوتُو اِقبلل اَنتموتو، ميچ ڏتس رچ جاوڻ دي ـرنگ لاوڻ دي،
ملي اجازت منصوران ڪون، اَناالحق الاوڻ دي ـرنگ لاوڻ دي،
مام ملايس مَئي پلايس، جذبي جوش جڳاوڻ دي ـرنگ لاوڻ دي،
آکے "اَعجازا" عشق بغيرون، جاء نھين اِتان آوڻ دي ـرنگ لاوڻ دي.

ط: طواف سجود ڪريسون اسان آپڻي سجن ڪون گلِ رخن ڪون،
بيت حرم دي بجا پائيسون، گُل گون گل بدن ڪون گلِ رخن ڪون،
حِجر اسود وانگون ڏيسون منڑيان، من موھن ڪون گلِ رخن ڪون،
ايوين ول ول پوچ پوچيسون، حضرت پاڪ حسن ڪون گلِ رخن ڪون،
آکے "اَعجازا" اسان نه چوڑون، عشق دي خاص رُڪن ڪون گلِ رخن ڪون.

ظ: ظاھر حال رندا دا، شيشا شوق شرابي ـ خُمر خرابي،
باطن دي وچ بلا واصل، نيڪ انيڪ نايابي ـنور نجابي،
مُليان والا قند نه تنھان ڪڻ، نڪا مت ڪتابي ـشور شتابي،

راهه ثوابي مول نه گهندي، گهندي راهه عذابي ـرقص ربابي،
آکے "اَعجازا" عاشق رهندي، هر دم بي حجابي ـنت بي خوابي.

ع: عشاقان كون عشق پڑهايا، ورقا هک وحدت دا، سِک صحبت دا،
دوئي ڈُتائي چوڑ تنهان وچ، هُل مچايا حُريت دا، سِک صحبت دا،
زرا نه ضايع پچي كتوني، دم كڈاهين مَحبت دا، سِک صحبت دا،
حق همہ وچ حاضر هي، هوكا سݨ حَقيقت دا، سِک صحبت دا،
آکے "اَعجازا" عام نه پائيسن ـانت عشاقي عقيدت دا، سِک صحبت دا.

غ: غلبا نِينهن نشي دا ـنيهي ناٹ پچاون كي ـمن پاون كي،
مئي پي مئي دي مستي كون ـمرد مٹير ملهاون كي ـمن پاون كي،
باز بحري دي پنجان وچ ـبانكي هوش ٹكاون كي ـمن پاون كي،
نه ته آپي كنون كئين نكل گئي ـآپي دي وچ آون كي ـمن پاون كي،
آکے "اَعجازا" نال برهه دي ـوِک وچالي چاون كي ـمن پاون كي.

ف: فهم عشق دا پاوٹا هَئي، هَت كر سُهٹا ساقي مغان ميثاقي،
هتئون پيالا تنهن دي پيوين، جو هووي پاک پوشاكي، ازلئون عُشاقي،
نال اُهين دي نظر ملا كر، يكدل ٿيوين پاكي، شک دا شاكي
، هستي كنون هوشيار رهين، نه ته عشق نه ٿيسئي اوطاقي، مور ملاقي،
آکے "اَعجازا" ساقي محقق مئي پِليسئي باقي، كُلسئي تاكي.

ق: قالو دي قول كيتي، كُسݨ كم مردانا ـمنصورانا،
كُڈ كُڈ آوݨ مئيكده وچ، كوڈ قلندرانا ـمنصورانا،

طبل وڄاوڻ توحيدي، مرڪ متا عارفانا ـ منصورانا،
موج مجازي حال حقيقي، شوق شيوا شائقانا ـ منصورانا،
آکے "اَعجازا" ساڪون پسند هي، راهه رسم رِندانا ـ منصورانا.

ڪ: ڪفر اسلام وچون تان، عشق ڳيا ڪٽ بازي ـ ٿي ڪر غازي،
علم عقل دا چيهه جتاهين، عشق اُتون آغازي ـ الٽ آوازي،
ڪل شڪاريان ڪنون تکي هي، عشق دي تير اندازي ـ نشانا بازي،
دين ڌرم نِت دام قفس وچ، عشق ڪُليا پروازي ـ دُور درازي،
آکے "اَعجازا" نال جهين دي، عشق ٿيوي هم رازي ـ پُرسو پازي.

ل: لقائي لاحد والي، اَوران اَور لياڪي، ڏاڪي ڏاڪي،
ڳيا جو اُتان سو آيا نهين، جو آيا سو حق پاڪي، ڏاڪي ڏاڪي،
بيحد والي بازي بيحد، ڪيڏن بي سر بانڪي، ڏاڪي ڏاڪي،
نام هجر دا مول نه اُتان، چکڻ وصل دي چُٽانڪي، ڏاڪي ڏاڪي،
آکے "اَعجازا" حامي اساڏا، حيدر پير ٿيا آڪي، ڏاڪي ڏاڪي.

م: مَساجد مندر دي وچ، ساڏي لا الله الیٰ، دم هو الله،
وچ مئيخاني وسدي ويراني، هرجا نور تجليٰ، دم هو الله،
ڪاشي تيرٿ سوئي سانول، سوئي ڪعبۃ الله، دم هو الله،
فرق مٽايا فهم بتايا، عشق فَثم وَجهُ الله، دم هو الله،
آکے "اَعجازا" مين نه منيسان، مُليان دا مسئلا، دم هو الله.

ن: نهايت نهين اساڏي، خيال ايوين پيا وڃي، هي ذات اساڏڙي اڳي،

ڪُنت ڪنز دي سانير هي، ايهه ڪُن دي قلم هڻ لڳي، هي ذات اساڏڙي اڳي،
سانگ صورت دا اسم جسم هِن، سبِ پڇي سَڱ سڳي، هي ذات اساڏڙي اڳي،
ڪَل نه اُنهان ڪون پوسي اِهائي، عهد اٿان جنهان پڳي، هي ذات اساڏڙي اڳي،
آکے "اَعجازا" يار دي تار وچ، جُڳ جُڳ پيا تن تڳي، هي ذات اساڏڙي اڳي.

و: وسيلا جُنگ جيلاني، فضل جنهن تي فرماسي، راز سو پاسي،
نَوکندِ جنهن ڪون نمن پئي، اڳٹ اُهو جنهن دي آسي، رنگڙا لاسي،
طور طريقا تنهن دا اعليٰ، راهه رسالت تاسي، جو ڪوئي جاسي،
علي نبي دا آل سيد سو، عرض اساڏي اگهاسي، پار پچاسي،
آکے "اَعجازا" مئين هان اُهين دا، گولا خاص ميراثي، واصف واسي.

ه: همه وچ هُو هُو ٻولِي، هُل نه ٻيا ڪو هُليجي حق ٻٽيجي،
سِردا صرفا سانگ ستيجي، طرف نه ٻي ڪو ٽٽيجي حق ٻٽيجي،
حال خيال اهين وچ، خواهه وٽيجي خواهه نه وٽيجي حق ٻٽيجي،
دم اهو هي چوٽي والا، دم اهوئي ڏٽيجي حق ٻٽيجي،
آکے "اَعجازا" اڳون عجيبان، آپ نه اپٹا ڳٽيجي حق ٻٽيجي.

ل: لڳي هي ناؤڪ نينهن دي، جيءَ جگر وچ ڪاري -نِيي شل ياري،
هادي مرشد همت ڏيوين، بار آيا سو ٻاري -نِيي شل ياري،
ڪامل ڪلنگي دار ڪلالي، سيد ڪرين ڪا ستاري -نِيي شل. ياري،
اوڙ عشق دي اوڙ وجان، ثابت قدم ساري -نِيي شل ياري،
آکے "اَعجازا" احمد جام دي، تيوان اڳون نه مياري -نِيي شل ياري.

ي : ياد اهوئي يار ميڪون، جنهن من ميڏا مستان ڪِتا ـ پيمان ڏِتا،
ڪجليان اکيان نال سدا ڪر، ناز ڀهون نيشان ڪِتا ـ پيمان ڏِتا،
زلف والي زنجير دي وچ، عمر پر دا زندان ڪِتا ـ پيمان ڏِتا،
دل دي اندر ديرا لاڪي، دائم دُرس دُڪان ڪِتاـ پيمان ڏِتا،
آکے "اَعجازا" ايهه مڪمل، آپ اُهين ديوان ڪِتا ـ پيمان ڏِتا.

ٹلھہ : ھر جاءِ تیڈا نور تجلا - ھر شيءَ ہَولي ٹُون ھین ٹُون،

شَھر بَحر وِچ مَاڑي بَنگلي - لال ھِندولي ٹُون ھین ٹُون.

1 - شَمس قَمر وچ تَاب تیڈا ۔تي بِجلي گوَلي ٹُون ھین تون،
آپڻا آپي جِسم جَلیندي ۔آگ دي شعلي ٹُون ھین ٹُون.

2 - ڪِتان سَیر ڪَریندین پَاڪي سَراپا ۔بشري چَولي ٹُون ھین تون،
مُشتاق مَریندي لُڪ چُپ ڳَي ۔عین دي اولي ٹُون ھین تون.

3 - مَوت ڪَنون وڌ وچڑڻ وَالي ۔گھتیندین رَولي ٹُون ھین ٹُون،
ڪِتان سودي ڪَریندین رَوز وصل دي ۔سَرس سَٹولي ٹُون ھین تون.

4 - دَرد مَندا ڪُون دَم دَم ڈِیندي ۔دَر د ڏنڈولي ٹُون ھین ٹُون،
اَعجاز ڪُون مَولي ھُڻ چا ملاوین ۔حَسنیني ٹَولي ٹُون ھین تون.

ٿلهہ : تَن مَن لائي ٿُون هين ٿُون ۔صورت ويک صنم دي يار.

1۔نظر نگاهه تئين نازڪ لائي ۔هوش رهيا نا حِرص هَوائي،
اُلٽي جهاتي پاوڻ آئي ۔ويکي سُون راهه عدم دي يار.

2۔ساقي جام صُراحي مئيخاني ۔پِيوَڻ پلاوڻ پاڪ پَيماني.
رسيلي راڳ ويراڳ رنداني - بيشڪ بهاري بَزم دي يار.

3۔مُرشد ساڏي نال مُلاقي ۔هردم شَاهه سڪندر ساقي،
حَجڙا اَعجاز دا اِهوئي ياقي ۔ڪيهي ڪاڻ حَرم دي يار.

تلھہ : وَنَحنَ اَقربُ درشن کِیتم ۔نُور اعليٰ نُور دا حُضور دا.

1 - گھرا گُلابي چَھرا ویکیُم ۔تاب تَجلا طُور دا حُضور دا.

2 - غَمزَه نازُ غُرور هي دل کش ۔مَستُ چِشم مَخمور دا حُضور دا.

3 - عِشق وِکایا جَلواه نظارا ۔باب بَیتُ المَعمورا دا حُضورا دا.

4 - جام اِنعام عُشاقا ن مِلیا ۔صاف شراباً طُهور دَا حُضور دا.

اَعجاز علي دي صُورت اِهائي ۔تي سَاجد تَنهن صُبُور دا حُضور دا.

ٹلهه : صُورت بيک سُبحاني وي ـ ظَاهر باطِن مَوليٰ مَوليٰ.

1 - حاضر هر جا هي همه وِچ ـ حق دي ذَات حَقاني وي،
هَٹ کَر حَال حُلاجي والا ـ هَستي چوڑ حيواني وي،
ين دُوئي دا يَولا يَولا.

2 - پيد بشر دا پاکي بلکل ـ دَوجڳ دا بن باني وي،
من رآني مام پروڑين ـ رمز اها هي رِنداني وي،
راهه اِهين وچ نا رولا رولا.

3 - آپڻا آپ وکاوي جَنهن نون ـ جت کِٹ ويکي سَو جاني وي،
رنگ بيرنگ وِچ يار هکوئي ـ سَمجهه ٿيا هي سَيلاني وي،
چُو رنگا پاکر چولا چولا.

4 - اَعجاز عَلي دا عشق اثباتي ـ نُور اعليٰ نُوراني وي،
محفي راز دا کاشف ماهر ـ مخزن گنج مُعاني وي،
تي تُون تَنهين دا ڳولا ڳولا.

ٿلهه :حق هي ظاهر حَق هي باطن ـ اول آخر حق وو يار، .

1 - اِٿان حق اُٿان حق ـ اَندر ٻاهر حق وو يار.

2 - مَسجد حَق مَندر حق ـ هِندو مومن حق وو يار.

3 - باغان حق بَحران حق، بَربن بَازر حق وو يار.

4 - مرشد حق هادي حق ـ "اَعجاز" والا سر حق وو يار.


تلهہ :لا اِللهُ الا هو، ” هُو “دي ٻَاجهون ٻيا حرف نه پڙهسون.

1 - هُودا هُل چاهر جا ـ هِردي آندر هُو.

2 - حال خيال هاهوتي ساڏا ـ هُو همه حق هو.

3 - دَم قَدم هو نال پَريسان .هو وچ گُم هي هُو.

4 - هو "آَعجازا" حاضر ناظر .هو مظاهر هو.



ٿلهه :يَار مَيڏا رَنگي رَنگي، نِت نَوان رَنگ لائي کڙا هي.

1 - آدم اولي بَازي پَکيڙيس، وِچوڙ اُنهان ڪون وَل چَاميڙيس،
آپ اِهو سِر اَنگي اَنگي، سَهسين پَوشاڪان پَائي کڙا هي.

2 - مصر ڪِنعان دا وَالي ٿياسو، سُونهن حُسن وچ عَالي ٿِياسو،
صُورت سُهڻا سو سَنگي سَنگي، تَنڙا عُشاقان دا تائي کڙا هي.

4 - قَيس لَيلان دي صُورت گِهن ڪي، هَوش عَقل ڳنون بَاغي بَن ڪي،
عَاشق ٿي اَڙٻنگي ٻَنگي، چشم اويڙي چائي کڙا هي.

4 - ڪَنهن ڪُون جَٽيا زُنار پَويندا، ڪَنهن ڪون ڪُڙهيان ڄَار چَويندا،
ڪول زُلف زور زَنگي زَنگي ،مُرغ دليان ڪُون ڦاسائي کڙا هي.

5 - آکي "اَعجازا" يَار رَنگينا، عَجب عَجائب بَازيگر بينا،
نَاز نَظر ڪَر نَنگي نَنگي، گُهوران نَال مَيڪون گهائي کڙا هي.

ٿلهه :جَلوا جَانب دا جَنات عَدني ـمُک پاڪ مُصحاف سَر تاج ڪُندني.

1 - جَلوا جَانب دا جَانيان جَليندا ـفَرض فَنا دا پُورا پَڙهيندا،
پِچي وَصل دا پيالا پِليندا ـلَک وَار لَلڪار ڏيندا لاَگِ لُدني.

2 - گُهندڙا گُهونگهٽڙا پَا يَار پَاوي ـگهاوي گهايل ڪُون سَهاوي سِڪاوي،
وَل مُرڪ جَڏهان مُکڙا وِڪاوي ـشَمع بَاهه شَرماوي شَب چاند چَاندني.

3 - نِت رَوز نيان چالِيان نِراليان ـعَجب عَجائب بَاتيان بَر حاليان،
ٿِيا مَست مُوسيٰ سُٽدي مَقاليان ـپر آهه آکيس رَب اَرني اَرني.

4 - جَهلڪار جَهلڪا بَس لاَجوابي ـصُورت صَنم دِي ويکڻ ثَوابي ،
"اَعجازا" اُنهان ٿُون مَعافي حِسابي ـمِليا جِنهان ڪُون مَهندار مَدني.

ٹلهہ :وَهوا عَربي رَبّي دَا جَلوا جَهلک ۔جَنهن دي کيتي تي ڳيا فَرش فَلک.

1 - جَڏان آدم وِچ اهو نُور آيا ۔تَڏان مَلکان تي سَجدا اُمور آيا،
پِچِي هر جاء گريندا ظَهور آيا ۔پَاکي بُرقعا بَشر دا پَوش دَلق.

2 - سِر ميم دَا شَملا شَاهه بَدا ۔لَولاک لَما دا لَقب لَدا،
کُل نبيان گنون دَم قَدم وَدا ۔مَعراج کيتس هَر پَلک پَلک.

3 - هي پَاک سو پيارا سَراپا حق ۔اَنوار اَپارا سَراپا حق،
تَنهن دا حُسن نَظارا سَراپا حق ۔قُربان اُهين تون حُور و مَلک.

4 - لَڳا عِشق جِنهان کُون عَربي دا ۔مِنِي مَدني مُحمّد مُربي دا،
لتا طعنا اُنهان تون بي قربي دا ۔آکان مُقرب "اَعجازا" تنهان قيام قلک.

ٿلهہ :اِسم پَاڪ عَلي دا اَعليٰ ـ ذَات صِفت بي اَنتو اَنت،

دَائم قَائم شان مُشرف ـ آن عِزت بي اَنتو اَنت.

1 - اَول آخر ظَاهر بَاطن ـ عِشق مِلت بي اَنتو اَنت،
جَاهه جَلال ڪمال حُسن ـ حَال هِمت بي اَنتو اَنت.

2 - سِر سَلُوني وَالي سَند ـ سُرت سَامت بي اَنتو انت،
رمز رَفعت رَوش رِندي ـ رَاز رُجت بي اَنتو اَنت.

3 - حُڪم حَقاني حيدر دا ـ جَبرُ جُراءت بي اَنتو جُراءت،
ڪُفر اُتي تيا قَادر موليٰ ـ وَقت به وَقت بي اَنتو اَنت.

4 - لَعنت دا ڏِيوو لَعينان ڪُون ـ پُڳر پِهت بي اَنتو اَنت،
حَاسد ڳريندي حُبداران تي ـ هَلان هَلت بي اَنتو اَنت.

5 - آپڻي عُشاقان نَال عَلي دي ـ خَاص خلت بي اَنتو اَنت،
قُرب ڪَرم "اَعجاز" اُهين دا ـ عَفو عِفت بي اَنتو اَنت.

ٿلهه :مَستو مَست مَلنگ اسان هُون ۔هادي حيدر پير دي،

ملڪان مُلڪ بيان ڪريسون ۔فضائل خيبر گير دي.

1 - اُحد بدر خندق دا ۔فاتح پڌرا يا علي،

ايجهي شجاعت والي لڪين هِن ۔قصي ازده چيز دي.

2 - تنهن ديان وصفان صفتان ڳائيسون ۔پيريان چيريان وڄاڪي،

نچ نچ نعري مار ماريسون ۔مولئ مرد اَمير دي.

3 - علي محمّد حسن حُسين ۔پنجوان تن بتول هي،

اُنهان اُتي هي چادر آئي ۔نال اَمُرتطهير دي.

4 - منڪران دي مارڻ ڪيتي ۔"اَعجاز" علي شَاهه آپ آيا،

ول ول ڳاوان ڳُڻ اُهين ۔والي وارث وير دي.

ٿلهہ :علي ھُڻ يي حاضر ھي هر جاء ۔ ٻينا آپ ڪري ڪُل دي پرجا،

نرتان ڪنون مستور نهين سو.

1 - هن تاري اڪيان دي گڏ جيوين ۔ حبداران ويکيا گڏ تيوين،

دل واليان ڪنون دم دور نهين سو.

2 - جنهن ڪون ڏيکڻ آپ سو ڏيندا ۔ اُھو ڏيک اُهين ڪون ويندا،

هر ڪنهن ڪون حاصل تنهن دا حضور نهين سو.

3 - جنهن پيالا علي هٿئون پيتا ۔ تنهن ساهه علي نال سيتا،

تنهن ساقي جيها ٻيا ساقي مور نهين سو.

4 - ميڏا آکڻ چاهڻ مَن ميان ۔ اينجها پير وسيلا ڳِهن ميان،

ڪُل مختيار ھي مجبور نهين سو.

5 - "اعجاز" علي والي در دا ۔ هي دلان بجانُئُون بردا،

مست و مست وتدا مهجور نهين سو.

ٿلهه :نا مئين شيعا سُني ـنا مئين وچ دي مُني،

مئين هان موليٰ پير علي دا ـمُطرب مست مُغني.

1 - ميڏا مرشد رند رندانا ـمحقق مطلق چند چندانا،
خُواجا خيبر گير خندانا ـگوهر گياني گُني.

2 - ساقي سُرڪي سچ دي پلائي ـاُلٽي اڪر دي رمز رلائي،
عشق دي اَلفي اُهين پوائي ـڪر پور ڪيني دي ڪُني.

3 - وِرد ميڏا هي وڃاوڻ واڄي ـچيريان ٽليان لاوڻ ٽاڄي،
ڏُڪڙ خنجريان ڏَڃاوڻ ڏاڄي ـڏُومي ڏَمامي ڏُني.

4 - پيٽڻ مَڪه تيرٿ ڪيا هي ـپندت مُلان دي ڪيرت ڪيا هي،
"اعجاز" علي دي سيرت ڪيا هي ـچوڙ دُوئي دشمني.

ٽلهہ :هشمت دراز هادي همارا حيدر صفدر حق وي حق،

برسربندا بانڪا بهادر شير ببر نر حق وي حق.

1 - حملا پاوي عرش هلاوي، سيف چلاوي ڪفر ڪنباوي،
ديو نساوي پوت پڇاوي، غازي غضنفر حق وي حق.

2 - پتنگ پياسي پيغمبر دا، مالڪ مصلي منبر دا،
قائم آقا قنبر دا,قاتل عنتر حق وي حق.

3 - لحمک لحمي جسمک جسمي، روحک روحي دمک دمي،
ايوين آکيا ها عربي اُمي، ساقيء ڪوثر حق وي حق.

4 - نبي دا پوش نقابا سوئي، حسن حسين دا بابا سوئي،
شاهه "اعجاز" دا ڪعبا سو ئي، عين اطهر حق وي حق.

ٿلهه :ڏاڍا فراق آيا، ندي فرات اُتي، وڙها خنجر وچوڙي دا سادات اُتي.

1 - هڪڙي عرب مصر ايران دي هن، ٻي شامي شومي شام دي هن،
ڪُل ڪلمي گو قاري قُرآن دي هن، ڪيتا حملا اُنهان حق دي ذات اُتي.

2 - جيوين ڪوس پووي تيوين شڪر ڪري، سَهه سختيان ساريان صبر ڪري،
ذوقئون ذات اِلاهي دا ذڪر ڪري، سيّد صابر نيزي سانگ اُتي.

3 - ٻي ديد پليد يزيد هويا ـ ساڏا شاهه حُسين شهيد هويا،
تَر تازا "اعجازا" توحيد هويا، جڏان عاشقان ڏِتا سِر صِراط اُتي.

ٿلهه :ويکو تماشا يار سُهڻي دا ـ ڪيوين چُپ چُپ آيا.

1 - مُک مُبرا مُنور ماهي ـ شان شرافت شاهنشاهي،
تاج لولاڪــي پايــا.

2 - - نرمل نُور نشيمن نيهي ـ ديد رلاڪي دلڙي ريهي،
هــس هــس هــوش گــنــوايــا.

3 - فوج حُسن سِپاهه مُجسّم ـ ناز خِرامان واهه تَبسّم،
تَــن مــن تابــان تايــا.

4 - آيا "اعجازا" يار اوتاري ـ لَتي اسان ٺُون پُل پُلڪاري،
مُربي دَســت ملايــا.

ٿلهه : نَنگي نَنگ پال تُون هَئِين ـ هَادي حَال مَيڏا حَال تُون هَئِين،

نَاتا نِينهن نِڀاوڻا، نَاتا نِينهن نِڀاوڻا.

1 - مَيڏي سِر دا مالڪ تُون هَئِين ـ آڪ ٻيا ڪيا آکان،

سَمجھو سُرتا سَالڪ تُون هَئِين ـ آڪ ٻيا ڪيا آکان،

قَدردار ڪلال تُون هئِين ـ سَاقي صُراحي وَال تُون هئِين،

پِيا لا پُرپِلاوڻا ـ پِيا پُرپِلاوڻا.

2 - اَندر تَيڏي نَال آوريسان ـ آوران نَال نه آوران،

چَرخا تَيڏي ڪَاڻ چَوريسا ـ چَوران ڪَاڻ نه چَوران،

ميڏا سُڌا سُوال تُون هئِين ميڏا غم ٽال تُون هئِين،

رولان دَر نه رُلاوڻا ـ رَولا ن دَر نه رُلاوڻا.

3 - سَختيان چايم سُور وِهايم ـ تيڏي خاطر تيڏي،

چيريان پايم دَر دَر ڳايم ـ تيڏي خاطر تيڏي،

لعلان دا ٻي لعل تون هئِين ـ لائق لايَزال تون هئِين،

آپڻا آپ يَلاوڻا ـ آپڻا آپ يلاوڻا.

4 - عمزي تيڏي وِچ سدا مين ـ گُم سُم هوڪي ڦِردا،

آڪي "اعجازا" عشقئون ڪيتم ـ سجدا تيڏي سِر دا،

جِت ڪِت ميڏي نال تون هئِين ـ باوفا بحال تون هئِين،

سينا سِيني لاوڻا ـ سينا سِيني لاوڻا.

ٿلهه : دِليان عُشاقان دِيان دَم دَم لُٽيان ـ لُٽيان اِهين نَينان دي ناز.

1 - چَاڪي چَنبان وِچ بَازان وَانگون ـ وِچ عَرشان عَرش تي سِٽيان وو سَٽيان.

2 - عِشق دي ڦَاندي وِچ ڦساڪي ـ نَال فِراق دي ڦٽيان وو ڦٽيان.

3 - ڳُجهڙيان ڳُجهڙيان جاهاتيان پَاڪي ـ ڳَل پَوايو ني ڳٽيان وو ڳٽيان.

3 - پِير جَهندي وِچ آڪي اَعجازا ـ پرت دِيان پَڙهايو ني پٽيان وو پٽيان.

تلھ : صِحن مَیڏا پِیا سونھي سُھڻا ـ تَیڏي قُرب ڪَرم دي نَال،

فَرش ھَویا ھَي عَرش دي مَانند ـ تَیڏي دَم قَدم دي نَال.

1 - قَاب قوسیني ڪَمال تَیڏا ـ مُحڪم عِشق عَزم دي نال،
رَاز عُرُوجي رفعت وَالا ـ رِندي رَمز رَسم دي نَال.

2 - حُسن ناز عَجائب تیڏا ـ جَلوي اِسم جِسم دي نَال،
مَلڪ فَلڪ تَسلیم ڪَریندي ـ تَیڪون سَدا سِرخَم دي نَال.

3 - مِلڻ ڪِلڻ تَیڏا ڏیکڻ ویکڻ ـ ٻولڻ فَیض فَھم دي نَال،
ھَر ڪو آکي مئین ڪُون ملیا ـ یَار اِھو دَم دَم دي نَال.

4 - اَعجاز آکي اُھن ڪُون غَم کیھا ـ جَنھن دي چَم لڳي تیڏي چَم دي نَال،
ھَر دوجھان دَا مَالڪ تُون ئي ـ دفتر لوح قلم دي نَال.

ٿلهہ :آيا نالي اسان ڏي خط يار دا وي ـ خط يار دا وي جيءِ جِيار دا وي.

1 - بند لِفافي اَندر خط ڪون ڏيک مَئين خُوش خُوش ٿيان،
کولڻ ڪنون اَڳ خط وِچون ڪيتم چَهر چُميان دِي سنيان،
هينئڙا نار دا وي.

2 - خاص الخاص خُلاصيان خبران يار دي خط وچ ڏيکيم،
پڙهڻ پُرجهڻ والي ساري، گُم حَيرت وِچ ڏيکيم
، هَوش اُڏار دا وي.
3 - سِتران خط ديان اِيوين جِوين بَحر عميق دِيان لَهريان،
غوطي بازان وانگو ماريم، تنهن وِچ ٽُبيان گهريان،
پرت پچار دا وي.

4 - فَثَم وَجهُ الله نِظارا، ميڏي محبوبان والا،
چَو طرف ڪعبه قِبلا، چَوطرف حق تعاليٰ،
حُڪم دِيدار دا وي.

5 - نُڪتا نُڪتا يار دي نامي دا، نُور نِسورا پايُم،
عَجب عَجائب رَمزان تنهن وِچ، پنت اَنوکا پايُم،
سِر اِسرار دا وي،

6 - رَاز رُقعي دا ڳول لَدم، پڙهه ڪي مُراسلا سارا،
خط کُون "اَعجازا" چَاتم پَاتم، روءِ بَروءِ دا رِيبارا،

يار دي پــار دا وي.

تلهہ : مُيرا سِر تيرا هَويا-اَزل سي غُلام،

اَزل سي غلام مَاهي-بي زَر بي دَام،

1 - اَلست بِريڪم سن ڪي ڪيتم-قالو بليٰ دا ڪلام،

2 - اَلانسان سِري وَاَنا سِره-آپي ڪِتوئي اَنجام.

3 - مَا سِوَالمَحبوب تيڏي هي-سَجدا مَيڏا حَرام.

4 - محبت نَيڏي مَن وچ نه مَاوي-مَر مَر جِيوان مئين مُدام.

5 - اَڪي "اَعجازا" تُون ئي مَيڏا-اِتان اُتان دَا اِمام.

ٿلھ :لَڳا خِيال ساڏا تيڏي نال صنم ـ ھڪ نظر پيار دي پال صنم.

1 - سپ حُسن واليان دي سَرڪار ھَين تُون ـ باغ عِشق دي ڪاڻ بھار ھين تون،
مجبور ھان مَين مُختيار ھين تون ـ اِھو دل دا ڪيتُم اَحوال صنم.

2 - جاتون رَاھه ڳِھني اُھا رَاھه تيوان ـ جا تُون آھه مَنِي اُھا آھه ٿِيوان،
تيڏي چاھه دي وِچ سارا چاھه ٿِيوان ـ ڪِل چاوين جو چِشم غَزال صنم.

3 - تُون جو نظر ڳَريسين پيار وِچون ـ ڳُھنڊ ڪول ڪي خُوش خُنڪار وِچون،
دِل بَھار تيسي ديدار وِچون ـ تيڏا ڏيک ڪي حُسن ڪمال صنم.

4 - تيڏي ڪاڻ ساڏا دل رَيشم پَٽ ـ ڏُنھان ڪاڻ ھي سَنگ خارا دا مَٽ،
مَٽ تيڏا نه ڪو سَپ تئين ڳَنون گھٽ ـ مِليا ڪو نه تيڏي ڪو مِثال صنم.

5 - تيڏي صُورت دا ڳَر نِظارا آَسان ـ تيڏي عشق دا ماريا نَعرا آَسان،
ڪِتا حُسن تيڏا آشڪارا اَسان ـ "اَعجاز" آکي ھَر حال صنم.

تلهہ : مَاهي مِليا نِي مَاهي ـ سَانولي صُورت وَالا.

1 - بَاد بَهارا حُسن مَاهي دَا ـ لاَ لا رُخ شَباهي،
اَكيان دِي وِچ ڈار ڪَجل دي ـ سُرخي سر مان سِياهي،
جَاهي جَلوا نِي جَاهي ـ سَنولي صورت وَالا.

2 - بِين بَانسري ڦُوڪ اَلستي ـ رَاز رَموز اِلاهي،
نَاني لاَوڻ تَوڙ نِياوڻ ـ وَالا پُشت پَناهي،
وَاهي وِلهي داني واهي ـ سَانولي صُورت وَالا.

3 - خُرقہ پَوش فَقيري پِهريس ـ قَلندر ي تَاج ڪُلاهي،
فَقر فاقيه شَيوا تَنهن دا ـ رَكدا بيپروَاهي،
شاهي چوڙني شَاهي ـ سَانولي صُورت وَالا.

4 - ڪَرڪي ڪِٿُون ول پَند ڪِشالا ـ پِهتا پَاڪ نِگَاني،
حَضرت عشق دي ڏيک ـ اَعجازا، ڏيوڻ سرت آگَاهي،
ڪَاهي آياني ڪاهي ـ سَانولي صورت وَالا.

ٿلهہ : ڪڏڻ ڪڏڻ ميڏي پي اڱڻ آيا ڪري وي يار،

آيا ڪروي يار، گلے لايا ڪروي يار.

1 - ڪر ياد اهين واري ڪون پهلے نظر دي پيار ڪون،
دل پسند ديدار ڪون، پل نه پلا يا ڪر وي يار.

2 - ڳُنديان اکيان ڪاليان، نيهن تي ناز واليان،
غمزه دار غزاليان ڪل ڪے چايا ڪر وي يار.

3 - پڪ پريمي پان دي، لاگ لب مرجان دي،
وٽي وصل وجدان دي، پي تے پلايا ڪر وي يار.

4 - اڱڻ ساڏي آوڻ جاوڻ، سينا سينے لاوڻ پاوڻ،
اعجاز آڪے پيچڑا پاوڻ، سک تے سکايا ڪر وي يار.

تلهہ :مِنڑا مَاهي پَاک نِگاهي ۔نُور اِلاهي نَسب نِيات،

نِينهن نِظارا لاَوڻ آيا ۔عشق کيتا هي هُڻ اِثبات.

1 - عشق وکايا ظاهر باطن ۔سِر سُبحاني وِچ صِفات،
اَنا اَنا آواز اُهين دا ۔بِلا ميمي ذَاتي ذات.

2 - جانب جوگِي جِيهانه کو ئي ۔صِفت سَامي دِي بيحد بَات،
لُنگ سُنگ صاف ثابوت اُهين دا ۔قُرب کما حق سچ سُخنات.

3 - رُخ دا وَرنا اَور اَنوکا ۔تَابش تاب حُسن تَجلات،
اَبرو پَيکان نين نِيرنگي ۔زُلف بَشيهر ذُوالظلمات.

4 - سَمجهه واليان دي کاڻ هي سَيان ۔عشق رانجهو دا آب حَيات،
عام دي لَيکي هِير "اَعجازا" ۔آئي اَجل دي وَات.

ٿلهه:جُنيان ڦنيان ڳانديان ـ ميڏي ماهي دا مَٽ نه پانديان،

لوڪ دي طَعني لَوڪ دي مَهڻي ـ ڇُم ڇُم چشمين چانديان.

1 - هِيڻا هجر حال ڪيتم ـ نال نه ڪنهن دي ڳالهه ڪيتم،
رَو رَو اکيان لاَل ڪيتم ـ وَيل نه هِڪ مئين وانديان.

2 - غمان دي وچ گُذار دي ـ گهڙي نه سُڪڙا سار دي،
پَلپل پَيئي پُوڪار دي ـ پَاند ڳِچي ڳل پَانديان.

3 - لاَيان جو عِشق اُماڙيان ـ جَنهن اَندر اَڳڙيان ساڙيان،
پِرت پَٽيان پَاڙهيان ـ بَيوس بِرهه بَانديان.

4 - "اَعجاز" الله ڄاڻدا ـ هم آسرا اُهين پار دا،
نينهڙا لَڳا جَنهن يَار دا ـ ڪاٽ تَنهين دي مَانديان.

ٿلهہ :تيڏي نَقش صُورت دا نِظارا ڪِتم ۔آپڻا ذَوق اَزل آشڪارا ڪِتُم.

1 - ميڏي مخفي راز دا مظهر تون ۔تَفتيش ورهيان دي دا تَصوّر تون،
ميڏي دل دي شَوق دا دِلبر تون ۔تيڏي سَانگي سَانگ گوارا ڪِتُم.

2 - تيڏي حُسن دا نِت حِساب نهين ۔تيڏا جوڙ تي تيڏا جَواب نَهين،
تيڏي شَباب دا بَدل شَراب نَهين ۔سُهڻا سَير اِهو پي سارا ڪِتُم.

3 - تيڏي نَين وَيکان اَبرو عَين وَيکان ۔يا شام و سِحر شَفتين وَيکان،
يا زُلفان وَالي رَين وَيکان ۔تيڏي مُکڙي هوش آوارا ڪِتُم.

4 - هِڪ پَل دِي جَهلڪ صَد بهار بَجا ۔دَم هِجر دا دوزخ في النار بجا،
تيڏي نيم نظر حج هزار بجا ۔مَن پريم نَنگر دَا پُوڄارا ڪِتُم.

5 - جِتان آپ پَلاڪي جَلوا ڪِتُئي ۔اُتان جَلوي ويکڻ دِي نِگاهه ڏِتُئي،
دُوئي وَالاوَهم دِليئُون دُور نِيتُئي ۔وِچ وَحدت خُوب پَسارا ڪِتُم.

6 - تيڏي صُورت رَهبر رَاهه پي هي ۔سِر مَستان دا سَجدي گَاهه پي هي،
فِي الوقت فَثم وَجهُ الله پي هي ۔تَڏان آنا الحَق سے پُڪارا ڪِتُم.

7 - "اَعجاز" آکي دلجائي والا ۔اِهين سيني اَندر دي صَفائي والا،
تيڏي ياد ڪِتي يَڪتائي والا ۔هَت حَال پَريا يَڪتارا ڪِتُم.

تلهہ : مَستا عِشق دَا مَاريم مِيثاق ڳنون ـ آيا خَاڪ اُتي هَان اَفلاڪ ڳنون.

1 - جَڏان آپ ڪون آپ سجاتا مَين ـ تڏان خِيمان عَدم وچون چَاتامين،
آڪي موجود وچ رَنگ لاتا مئين ـ چوڙيم ڳنت ڪُنزا اِشتياق ڳنون.

2 - آپٽي خُوشيئون دَاٽا ڪاڪي گندم ـ ڪِتم پورا دِل دا ارادا عَزم،
ڳر بِسم الله يَريم بِهشتئون قَدم ـ پاريم فَرض پِريت دا فِراق ڳنون.

3 - مَيڏا ذَاتي صِفاتي سَير هويا ـ مَيڏ ا بَيرنگ رنگ وچ پير هَويا،
مَيڏا يَاتئون يَاتي پير هويا ـ نهين لوڪ منيندا نِفاق ڪنون.

4 - ازلئون عَاشق اَعجاز علي دا هان ـ شَاعر شائق شير جَلي دا هان،
پياسا ساقي سڪندر علي دا هان ـ مُڙسان ڪونه ڳنهين دي مذاق ڪنون.

ٹلھہ : مَین اَپ ۾ آوڻ وَالا۔۔مَیکون ڄاٹي کو نه پَڇاٹي.

1 مَین خیال ھان خیال ۾ مِلٹا ۔ھَر حَال تي ڳالھه ۾ ملٹا،
بَد نَیک اَعمال ۾ ملٹا ۔کوئي پَاوي پَاوڻ والا.

2 میڏي ڳل دا کل قَلیلان ۔کنھان خَاص اِلخاص خَلیلان،
میکون ویکیا مست علیلان ۔مین مَن وچ ماوڻ والا.

3 میڏي ھَر گت عالي پولي ۔مَیڏي چکڻ الفي چولي،
مَیڏي لاحد والي بولي ۔مین رَمز رَلاوڻ والا.

4 مین پاکي پلیدي اَندر ۔مین مَسجد گِرجا مَندر،
مین کُوپ کَلال قلندر ۔جَم جام پِلاوڻ والا.

5 میڏا مسلک عین شرابي ۔میڏا پَردا پوش خرابي،
نَامین منٹان رَاھه ثوابي ۔مین عشق اُناوڻ والا.

6 میڏي اُلٹي چاري چالي ۔میڏي رند نشان نِرالي،
مَیڏا حال اَعجاز دي نالي ۔مین نام جپاَوڻ وَالا.

تلهہ : جَاني پُل نه پوين ڈیک خاکي جُهل ۔حق پاوین اساڈا الاوڻ کل.

1 ساڈا هلڻ چلڻ ساڈا اٹڻ ٻهڻ ۔ساڈا ملڻ کلڻ ساڈا رهڻ سهڻ،
سَاڈا قَول کَلام دَا گَهڻ نا گَهڻ ۔هي ازلي اشاري نال اٹل.

2 تیڈي نال کیها مک کولان مئین ۔اڳون تیڈي کیا ٻهه ٻولان مئین،
هَمراز هووین تان ڳُجهہ قولان مئین ۔وما یَنطق والاسُڻ تان هُل.

3 - اسان عشق کِتي جهپ جَهانئون کِتا۔ لاَمکانئون کِتا تي مَکانئون کتا،
هر ظاهر والي زمانئون کِتا ۔ساڈا دم هي سُجاٹڻ ڈادِا مُشکل.

4 - شاید خبران دا هئین شیدائي تُون۔۔نهین راز رموز دا شنا سائي تون،
بَڻ اَهل نظر تَماشائي تُون ۔کڈي گُفتي رِندي کڈي گُلابي گُل.

5 - کِیوین ول ول قول کي ویکیندائین ۔کیا آکان اسان کُون کیا لیکیندا ئین،
کَائي کل نه اسان ڈي رکیندائین ۔ساڈي حقیقت دانهین مِنڑا مُل.

6 - ایهه جو اِسم جسم دا اَولاهي ۔اِهین اولي گَهتیاتئین وچ پَولا هي،
پولا لاهین تان مَحض مولاهي ۔نهین غیر دا اَعجازا شَور و غُل.

تلھہ :اَسان رَمز رِندي دي قَائل ھُون ـ اَصلون طرف حُسن دي مائل ھون.

1 - آپڻا آپي ڪيتا ھَٽ حال اَسان ـ خاصُ الخاص خُدائي خِيال اَسان،
مولٰي نَال ڏِتا دَم جَال اَسان ـ اَسان تَھدل توحيدي تَائل ھون.

2 - ڏِتا عِشق سبق سَرمستي دا ـ شَيوا شَوق حُسن پَرستي دا،
لڳا تير چالاڪ نَظر چُستي دا ـ گُھونا گُھوني گُھوران دي گھائل ھون.

3 - اَسان ڪُون عِشق دا پيشا ڪَافي ھي ـ سودا سُود اھو صَافن صَافي ھي،
ڏُوجھي ڪَار ڪِرت ڪَنون مَعافي ھي ـ سَدا دِيد دِيدار دي سَائل ھون.

4 - آکي "اَعجاز" اَسا ڏا ھي حَقي ھُل ـ جَاني پُل نه پووين ڏيک خَاڪي جُھل،
نَھين راز اھين دِي ڪنھن ڪُون ڪل ـ ھر سَير دي سُونھين سُلجھائل ھون.

ٿلهہ :ڪَلمان ميڏا قُرآن مَيڏا ـ قُدرت ڪُل دا مَاهر مَئِين.

1 - يَزيد ڪُون بي دِيد بَنايم ـ ڪَربل دي وِچ ڪِيس ڪَرايم،
سَجدي دي وِچ سِيس ڪَٽايم ـ بَن ڪي حُسينڻ صَابر مَئِين.

2 - مَڪــه مَدينه جِده جوڙايم ـ عَرفات اُتي دوڙا دَوڙايم،
اِبراهيم هَٿئون اَسماعيل ڪُهايم ـ ڪِيتا پَاڻي زَم زَم ظَاهر مَئِين.

3 - ڪِتان مُهران تي وَج سِر جو مَٿيُم ـ ڪِتان مَار ڪي نَعري بَر بَر ڐِڪيم،
ڪِتان هَوڪي حَيدر خيبر گَٽيم ـ نَال نَبي دي جَاڪر مَئِين.

4 - "اَعجاز" علي شاهه شَعر سُڻايا ـ ڪَهه ڪي قَصيدا قُرب ڪَمايا،
دِل وچ جَنهن دي دَرد سَمايا ـ تَنهن دا وَالي وَارث وَاهر مَئِين.

ٿلهه :الله ڏيکڻ وَالي الله ڏيک ويندي ، الله نَال اُهي تي ايک ويندي

1 - اِها نِرت نَظر هي عُشاقان کون ـ اِها خُوب خَبر هي عُشاقان کُون،
اينجها عِشق اَندر هي عُشاقان کُون ـ جَهل کي تَاب رَبّي تجلي تيک وَيندي.

2 - وَجَهِ الله والا ويساهه صَحي ـ اِهو ذيان دُرس رَند رَاهه صَحي،
آيا آدم اولي الله صَحي ـ عَاشق ايوين لَيکا لَيک وَيندي.

3 - وَنحن اَقرب آکڻ ڪِيا هي مُلان ـ وَما يَنطِق واکڻ ڪِيا هي مُلان،
تيڏا ڏيکڻ ڏَاکڻ ڪِيا هي مُلان ـ لاَشک تَيکون يُلا بَشري بَيک ويندي.

4 - جِنهان دا عِشق "اَعجازا" هَادي هي ـ اَنا الحق اُنهان دي مَنادي هي،
اُنهان ڳَاڻ سُولي شُغل شادي هي ـ عَاشق ازل کُون سَيک ويندين.

ٿلهه :بَار و بَار اَجل دي لُٽ پَئي پَوندي هي،

هَلدِي چَلدِي سارِي ڪُٽ پَئي پَوندي هي.

1 - اِذا جَآءَ اَجَلُهُم ڪُون ڳون پَلي، ڳَڏهن ڳنهن تون ٿَليا نَڪو ٿَالئي ٿَلي،
جِتان آوي اُتان خَالي وَل نه وَلي، اِها رَوز خَبر پَٽ پَئي پَوندي هي.

2 - هَر ڳَنهن ڪُون هَميشه هَر دم گهڙي، پَيغام اَجل دا هي مِلدا پَڙي،
ويڪو لاَئي ڪَڙا هي سو ڏُوم ڏَڙي، ٿُساڏي اَجان ٻَٽ پَئي پَوندي هي.

3 - اِها رَاهه اَصل ڳَنون جَاري هي، سَڀ ڳنهن دي مَرڻ دَي وَاري هي،
ٿِيوي خُوش نه ڪوئي اِهو وَقت زَاري هي، پُڇو اُنهان جِنهان گَهٽ پَئي پَوندي هي.

4 - جِيڏهن ويڪ "اَعجازا" تِيڏهن خَام خَلل، نَڪو خَوف خُدائي نَڪو قِياس ڳهل،
ڳَئي ڳَالهه مَحبت وَالي نِڪل، جِت ڪِٽ ڪُلفت وِچون ڦُٽ پَئي پَوندي هي.

ٿلهه :سِڪ رِيت پِريت نِڀاوڻ دي ـ سَڀ نَال تُون قُرب ڪماوڻ دِي.

1 - جي تُون طَالب هَئين توحيد مَندا، جَي تُون صَاحب هَئين دِل دِيد مَندا،
ڏَندا ڇوڙ گندا، تَنقيد مَندا، ڪَر صُحبت سَوز پِراوڻ دِي.

2 - اِيوين وَاصل ٿيا نَا ٿِيسي ڪو، پِيالا وَصل پِريم دا پِيسي سو،
وِچ وَحدت دي مرجِيسي جو، جَس جَس هي اُهين لَئون لاوڻ دِي.

3 - به اَڪيائي نَال نه ڏيک مِيان، به ڇِتائي نَال نه لَيک مِيان،
جِنهان مَحبت دِي مَن ميک مِيان، تِنهان رَاءِ ڏِتي رَس رَهاوڻ دِي.

4 - هَي حَق ئي حَق موجود اِٿان، ڏَس باطل دا هي وجود ڪٿان،
وِچ صفات دي ذات نَمود ڇِتان، اُٿان جاءِ نه باطل آوڻ دِي.

5 - وَچ ڪشف قبوران دَا قَائل ٿِيون ـ تَسبيح تَال مَڪر دا قَابل ٿيون،
آپي آپ اَڳون آپ حائل ٿِيون ـ اِها تَميز نَهين حَق پَاون دِي.

6 - مَت ڇَوڙ فَقيهان وَالي تُون، بَڻ عَاشق هِمت عَالي تُون،
رَک آپڻي رَمز نِرالي تُون، ڳِهن مَستي هَر مَن مَاوڻ دِي.

7 - اَوتان هَر جاء هِڪ هِڪائي هي، پِيا آکڻ تَنهن ڪُون بِيائي هي،
اِها عَين اِشارت آئي هي، يَن دُوئي ڏُون ڏُون يَاوڻ دِي.

8 - ڪو وَڏ چَاهو وي ڪو گهٽ چَاهو وي، ڪو شَان تيڏي دا مَٽ چَاهو وي،
ڪو چَاٹو هَو وي ڪو جَٽ چَاهو وي، ڪَر نَال نه ڪَنهن دي قَتاوڻ دِي.

9 - جَنهن دَا حَال هَووي جَهڑا جِيوين، تَنهن دي نَال نِيا تَهڑا تِيوين،
رَک مِزاج طَبع اَهڑا اِيوين، سَٽ اُوچ تي نِيچ بَناوڻ دي.

10 "اَعجاز" آکي اِصراف نه بَک، صُوفي صَاف تي ڪُوڑ ڪثاف نه بَک،
فَثَم وَجہ اللہ دي خِلاف نه بَک، هَر صُورت هَي سَرهاوڻ دِي.

ٿلهہ : اُڏ خِيال ڳِيا ته اَوڏاهين، نَهين مَوت تي فوت جَيڏاهين.

1 - مَوت فَوت دا مُلڪ اَوراهان، خيال اُهين ڪَنُون ڳيا اڳاهان،
آنندهي هَر هڪ ڪون اُتاهان، دُک سُک دا سُجهي نا دانهِين.

2 - نَڪو مَندر مسجد جامي، نَڪو مَيَت مَسڻ سامي،
نڪو خَائف هي نَڪا خامي، نڪو دَوزخ بِهشت به نَاهين.

3 - اُتان خَبر نه شام و سحر دي، نَڪا قَبر قيام قهردي،
اُتان بَارش بُوند مهر دي، سدا بَهار مَلهار متانهِين.

4 - هي عِشق اَعجازا عَظيمي، هي قول تي فَعل ڪَريمي،
هي وصل قُرب قَديمي، هن نگاهين وچ نگاهين.

تلھہ : چَل ویک سَیوھڻ دَا میلا ۔وَي یَار سجن اَلبیلا،

خُوب نِظارا درشن دارا ۔شاھه دَریاھ دارَیلا.

1 - کِیا بابل بَلخ بُخارا ۔کِیا قَابل چین تَاتارا،
کِیا دَکن دِلي دِلارا ۔کِیا مري تي مَاٽیلا.

2 - اُٺان لُطف لَقائي لَھري ۔اُٺان چَاند بَدر مُک چھري،
اُٺان نَین گُلابي گھري ۔لَکّ ناز ٻھون گُھنبڊ سیلا.

3 - ھَر عالي مَوالي سَوالي ۔ھَر ڏاچي ڏُن ڏَمالي،
ھَر حاضر شَيء برحالي ۔ھَر مست مَلنگ گُرچیلا.

4 - عَلي نبي دا پَال سیوھڻ تي ۔حال خُدائي خِیال سَیوھڻ،
شَھباز قَلندر لَعل سیوھڻ تي ۔صُوفیان دا سَرخیلا.

5 - آمل سَانول یار پیاري ۔کَر نه آسان کَنون دور گُذاري،
اعجاز آکِي ھک واري ۔تي سَاڏي نال سُنگیلا.

ٿلهه : جَنهن ڳون آپڻا نه آتا پَتا ـ تَنهن ڳُون ڪيوين آکيجي رَتا.

1 - وَفِي اَنفُسُڪُم والا ـ وَيسهه نَا جنهن وَتا ـ تَنهن ڳُون ڪِيوين آکيجي رَتا.

2 - مَني نَاجو مَنصوري ـ مَنصب مُول متا ـ تَنهن ڳُون ڪِيوين آکيجي رتا.

3 - هِڪ وِچون جَنهن ڏُون ڪِتي ـ سو ڳَپ بِيائي وِچ ڳتا ـ تنهن ڪون ڪِيون آکيجي رَتا.

4 - اُهو بَچاهي اجان ڳچاهي . جَنهن ڪون پَالن مَاتا پِتا ـ تَنهن ڪُون ڪِيوين آکيجي رَتا.

5 - حسد والي دا حال اِهو ـ جو ڪام ڪام ڪر ڳتا ـ تَنهن ڪون ڪِيوين آکيجي رتا.

6 - اَعجاز دي حق سَچ آکڻ تي ـ تَڪڙا تي جو تتا ـ تَنهن ڪُون ڪيوين آکيجي رتا.

تلهہ : زَماني کُون چوڑ، زماني کُون چوڑ، پچي نَاتا اَسان نال جوڑ.

1 - عَیاري مَکاري دا گھر هي زَمانه ـزَمانه اسان کنُون کَریسَئي بیگانه،
اِهو نِیاوڻ نه ڈیئي تَوڑ.

2 - دَردان غمان وچ نَا گھبراوِین ـڈِیک ڈُکان کُون چُم سِر چاوین،
آپڑا قَدم اِتان پُختا گَوڑ.

3 - عِشق اَساڈا اَرڈا اڻا نگا .جو لاوي سو چَاوي سِر دا سَانگا،
سِر تي سُولي دا ہَت چیرا مَوڑ.

4 - حَال اَعجاز دا خیال اِهو ئي ـاَور نه کَوئي هي سُوال اِهوئي،
دَعويٰ دِین کُفر دي تُوڑ.

ٹلھہ :هُن چُوڙ حَيواني هَستي کُون ـ کِهن مَوج اَلستي مَستي کُون.

1 - کَوڈ قُرب کُل نال کَماوين ـ دَم قَدم ڈُن ڈِيان سي چون چاوين،
قُم قُم دا کَن کَلام لاَوين ـ پَارين قَول اَلستي کُون.

2 - سَير صِفاتي دَا سَايا چَوڙين ـ مَقصد کَايا مَايا چَوڙين،
پَاند پَلاند پَايا چَوڙين ـ حِرص حَيواني هَستي کُون.

3 - شَک دَليلان کَر دُور گُذارا ـ حُسن حَقاني وَيک هَزارا،
نَاز نينان نَال لاَکي نَظارا ـ مَاڻ بَاغ بَقائي بَستي کُون.

4 - نَقش نَقاشا نور به نوري ـ تَجلا تَابش طُور به طُوري،
هَويا حاصل "اَعجازا" حَج حُضوري ـ دَم دَم وِچ دِل خَستي کُون.

ٽلهه: ڪُهه تون آپڻا آپا آپي، لادِي لاڪي ڳاتي چُپ چِپاتي.

1 - وَدِ ٽُڪ آپا ڳهت ڪُتيان نُون، مَج اِها مَصلحاتي چُپ چپاتي.

2 - پِيرِ مُغان دي صُورت ڪُون ڪر، سَجدا سَاري حَياتي چُپ چُپاتي.

3 - سمر سمورا چوڙ صفاتي، ذوق هِڪو ڳِهن ذاتي چُپ چپاتي.

4 - يار دِي نِشاني عشق اَمانت، رَڪ چُپا وچ چاتي چُپ چُپاتي.

5 - اَعجاز علي دي حُب وچ رهه ڪي، هٿ ڪر ويل وَصلاتي چُپ چُپاتي.

ٹلهہ : ايهه دنيا ساري كنبا الله دا ۔الله ہچڑيوال وي لوگو,

اپڻي كنبے كون آپ هي پاک آپ هي هے جگپال وي لوگو.

1 - آدم اولي الله دا جيوڻ ۔آدم اولے الله دا ٿيوڻ،

آدم اولے مركے جيوڻ ۔ويكو الله دي چال وي لوگو.

2 - ارض و سماء دا خالق ويكو ۔هر دوجهان دا مالک ويكو،

سپ سطح دا سالک ويكو ۔سولي تے هسوال وي لوگو.

3 - كتان آدم هوكے آيا هي ۔كتان عيسيٰ بن كے چايا هے،

كتان موسيٰ تي فرمايا هے۔ارني تراني مقال وي لوگو.

4 - كوئي الله نون دا دا آكے۔كوئي الله نون بابا آكے،

كوئي الله نون چاچا آكے۔الله نانا ماما بحال وي لوگو.

5 - كون الله كون جاٹي پچاٹي ۔كون الله كون گهاٹے گهماٹے،

كون الله دا ماٹا ماٹے۔ويكو الله دا بيک بتال وي لوگو.

6 - لوكي الله نون كيا كيا اهدي .لوكي الله نون جيا جيا اهدي،

لوكي الله نون پيا پيا اهدي ۔ "اَعجاز" آكے هر حال وي لوگو.

ٺلهہ : غَم نَال جَوڳِيان دَا گُذران مِيان ـ فَاقيہ فَقَر اُنهان دَا شان ميان.

1 - جَوڳِي جوڳ گهتن جَڳ ڇَوڙ ڏُونهن ـ دَر ماندي رهن دُکا دَرد دُونهين،
سِڪ نَال تيون سَامي گُردي سُونهين . ٻيا ٿمر نه چاون سامان مِيان.

2 - جَوڳِي جَوڳ وَانگون تي بَيراڳِي رهن ـ سُوران نال سَدا تي سُهاڳِي رهن،
ساري رات سُجاڳ ويراڳِي رَهن ـ ڀَانوُن آپ ڪون پل دا مَهمان ميان.

3 - جَوڳِي ڏيهه نَوان نت ڏُوريندي ـ اِسم ذاتي اُٿان ٻَهه اَوريندي،
اونڌي ڪَنڌ سَمرڙيان سَوريندي ـ هَر نام هَري ڪُون مَان ميان.

4 - اِحرام آديسيان جِيوين جو ٻِڌا ـ تِيوين صُورت دا وچ سَير ڳِڌا،
اَکيان پُور اَوڏاهن وِڪڙيان وَڏا ـ آئي وَل نه اَعجازا سي لاَٿان ميان.

ٿلهه : مَين هُون بَنده بَيڪار بِدعتي ـ مُجهه مين ڳهان سي آيا الله،

1 - ڪُوڙ بَدُوڙ دا اولاڳِهن ڪي ـ سَاري سَڱ سِياپي چِن ڪي،
پيٽ ڪي خاطر پَڱلا بن ڪي ـ جَهر جَهنگ ڳيتم جهيڙا جَنگاهه.

2 - محَض فقيري فَندُ پَڪيڙيم ـ لَنبي لَنبي قصي چيڙيم،
صَبر سچائي ڪون نه سَهيڙيم ـ ڪُوڙ داپاتم سِر ڪُلاهه.

3 - پرين پَسڻ دا مَاڳ پَراهان ـ اوکيان اَويڙيان مَنزلان رَاهان،
نانُ اُتي هِن مِيڏيان نِگاهان ـ بِرهه نهين ڪو ميڪون باالله.

4 - عشق والي سر اَور ڪي هوسن ـ مُوتو قِبلل مورسي هوسن،
بُلند بَقائي دَور تي هوسن ـ مرد اَعجاز نيڪ نِگاهه.

ٹلھ : دِل دَاهي ڈاڍا دِلدار میڈا ۔نه حَال سُٹدا کَنهين وَار مَيڈا.

1 - آيا هَا پَل وچ اکيان چار کر ڳيا ۔لايس عشق اوکا لاچار کر ڳيا،
بَي دَاغ دِل کُون دَاغدار کر ڳيا ۔اِهين ڈُک ڈُکويا وَار وار ميڈا.

2 - نَال پَتر دي نَاتا لايم ڑِي ۔اهو عشق اُهين دا چُم چُم چايم ڑي،
اِهو هوش پَهلئون کِيون نه آيم ڑي ۔لُچڻ کُچڻ تيا بَيکار ميڈا.

3 - صَبر وَالي دَامن هَتئون ڇٽ ڳئي هي ۔دانهان کَرڻ دل دَم دَم پئي هي،
اِها بات کَر کر بيزار تئي هي ۔اَهدِي ته آوي آوي يار ميڈا.

4 - اُچل مَکُون آڙهه وچ تماشا وِکيندا ۔ميڈي آهه زاري کُون نه کَڌهان ليکيندا،
آکي اَعجازا سڑ سَاهه ويندا ۔هَلدا نه وس کو اَختيار ميڈا.

تلھ : سُھڻا آوين، دِلبر آوين، تَيڪون آوٽا هي،

تَيڪُون آوٽا هي، نِينهن نِپاوٽا هي.

1 - آئيان مَينگهه مَلهاران ـ بَاغ و بَاغ بَهاران،
چڙيان سَاز سَتاران ـ مِل ڪي ڳاوٽا هي.

2 - تَن مَن مَيڈا تَانگهه وِچ ـ تَيڈي سَانگي سَانگ وِچ،
حَال بِرهه دي بَانگ وچ ـ سُڻاوٽا هي.

3 - لوڪ دا عِشق سهانگا ـ تَيڈا عِشق مَهانگا،
اَوکا بار اَٺانگا ـ کِل ڪي چاوٽا هي.

4 - نَين ڈُونهين تيڈي ڈِيئي ـ وَل مَستو مَست کِيئي،
مَئي دي بِن بِن پِيئي ـ هَوش اُڙاوٽا هي.

5 - "اَعجاز" آکي هُڻ آوين ـ مَاهي مک وکاوين،
اَولا گُهندبَ اُٺاوين ـ دَرشن پَاوٽا هي.

ٿلهه : مُرڪ آلاوڻ دِلڙي چَوراوڻ ـ مَحبوبان دي چالي،

خُوش دِل هوڪي خُون ڪرڻ دا۔ خَاصُ اِرادا خِيالي.

1 - جوبن جوت حُسن تان ويڪو ـ شمع ڱنون رُخ لالي،
اَبرو ڪَالي نَين پي ڪَالي ـ زُلف پي ڪَالي ڪَالي.

2 - مُشتاقان دي مَارڻ دا ـ سَامان سُهٽيان دي نَالي،
ديد دُناليان دَام دُواليان ـ تيز تَمنچا ڍَالي.

3 - چُپ چُپ آوڻ جَهاتيان پَاوڻ ـ گُهونگهٽ مَارڻ پالي،
نَاز غماز دي نال نِهارڻ ـ عَاشقان ڪَاڻ جَنجالي.

4 - دل پي دي نيون اَپڙي نه ڏِيون ـ ڏِيک اِهو تان ڪمالي،
آڪي اَعجازا اهائي هلدي ـ مُلڪان مُلڪ مقالي.

ٿلهہ : ڏَاڍا حُسن ڪِيتَئي گُهنڊڙي پَاوڻ نَال،

گُهنڊڙي پَاوڻ نَال، نَاز وِڪاوڻ نَال.

1 - قُربان تَيڏي گُهنڊ گُهور تُون مَئين ـ رُخ لاَل دي تَجلي نُور تون مَئين،
وَل گُهول ٿيوان تَئين حُضور تون مَئين ـ اُلٽا مَست ڪِيتئي شَوخ اَلاوڻ نَال.

2 - ڪَر تاب عتاب بَيتاب ڪِيتئي ـ خُوشي خُواب چُڙا بَيخواب ڪِيتئي،
لاَشڪ عشق مَيڏا ڪامياب ڪِيتئي ـ بي رُخي دي اَنداز بَناوڻ نَال.

3 - ڪِڏي عشق تَيڏي دي آتش ڪران ـ ڪِتان بِرهه دِي وِچ مئين بارش ڳران،
اڳون ڪنهن دي بيان تيڏي نازش ڪران ـ دل وچ پيار ڏاريُئي اَلجاوڻ نَال.

4 - اِها خُوءِ سُهڻا تيڏي خاصي هي ـ "اَعجاز" اُهين دا پياسي هي،
ڪچي عاشق ڪاڻ تان قاسي هي ـ بِن سُولي دي لَٽڪاوڻ نَال.

ٿلهہ: تَيڏا سُهڻا سُهڻا مُکڙا صَنم ـتيڏي نين سَراپا نَاز ڏُوهين،

تَيڏي نَين سَراپا نَاز ڏُوهين.

1 - پَن پي سَتيوئي، پُلا پي ڏِتوئي، سَاڏا رَوزا نِماز ڏُوهين.

2 - حَقيقي مِجازي هَٿ وچ تَيڏي، بَانڪي بانوري بَاز ڏُوهين.

3 - ڏِنگڙي ڏِنگڙي اَبرو تيڏي، قَتل ڪرن بي انداز ڏوهين.

4 - شُمشاد طُوبيٰ تَئين اڳون ساجد، تَوڙي قَد وچ هن جو دَراز ڏوهين.

5 - اَرني ارني تَراني تراني، عِشق دي هن آواز ڏوهين.

6 - حُسن تيڏا تي جوبن تيڏا، جَوش جُنون دي جَواز ڏُوهين.

7 - اَساڏا تُساڏا ناتا اِيوين، جِيوين مَحمود اَياز ڏُوهين.

8 - لَبڙ تَيڏي حوضِ ڪوثر، لَبڙي اَعجاز دي پاز ڏُوهين.

ٽلهہ :ڏَاڍا حُسُن ڪِٽُئي ـآپ سَجاوَڻ نَال،

وَهوا وَل وَل ـوَيسُ مَٽاوڻ نَال.

1 - جيها سُهڻا هُئين ٽُون تيها سينگار ڪِٽُئي ـجَامان جَوڙُ عَجَبُ جِنسار ڪِٽُئي،

اِيوين آپ ڪُون آپ پروار ڪِٽُئي ـرَنگي رُوپ سروپ بَناوڻ نَال.

2 - اَيجها ڏيک حُسن مُنهن مَهتاب مِٺا ـتيوان ڪيوين نه مين بي تاب مِٺا،

مَنڙا مَوهه موهيا تين هَر بَاب مِٺا ـسُرخي لاوڻ تي ڪَجل پاوڻ نَال.

3 - سَج سَج ڪي سيلا سِر تے ڍاريندَئين ـڏَج ڏَج ڪي دماغ دِلبر ڏاريندئين،

ڪيڪے گُهونگَٽُ وَل ميڪون مَاريندئين ـڏَڙيان ڏَاوڻ سِينڌ چَٽاوڻ نَال.

4 - نَخري ناز نَٽک وِچ سُهڻا ٽُون ئي سُبَک ـتَيڏي چَال چَلت هے رشڪِ ڪَبک،

تِيڏي قَدمان ڪُون چُمندي چَوڏهن طَبق ـپيرڙي چَاوڻ چير چَمڪاوڻ نَال.

5 - آڪے "اَعجاز" تيوان بَلهارا مين ـتيڏي نظاري تون سو سو وَارامين،

تيڏا دَرشن ڪِتا سُهڻا سَارا مين ـدِل دي آئينے وِچ نَظر آوڻ نَال.

ٹلهہ : دِيدار دَاريني پَايا، نَظر آيا ـ دِلدار کے نَينن مين.

1 - وَاهه نَقاش تيڏي نقاشي ـ تَصوير عجب تَراشي،
کِيوين جوڙ جِسم کُون بنايا رَنگ رچايا ـ دِلدار کے نَينن مين.

2 - رُخ دلبر دَاهے دَرپن ـ گرو اُهين وچ اپنا دَرشن،
دُوجا ذَوق سَيوهي ضَايع سَچ بَتايا ـ دَلدار کے نَينن مين.

3 - اِيون رَنگ اَگيان دَا لالے ـ جيوين سُرخ شَرابي پيالے،
خُوبان خُوب خُمار پرايا، نُور ڈرايا ـ دِلدار کے نينن مين.

4 - شک چوڙ شَکي، گر شور نَهين ـ اِهين نينان وِچ کوئي اَور نهين،
رب سَائين آپ سَمايا، ديرا دَمايا ـ دِلدار کے نينن مين.

5 - پُر جام پريم داپي کر، گُر گِياني وِچ گُم تي کر،
پِچے سَوز اَعجاز پِريا، مَن پَرپايا ـ دِلدار کے نَينن مين.

ٿلهہ : دِيد اَڙاوڻ وِچون وي سيان ۔برهه لڳا مئين نُون بَاري اَلا،

نَوبت نِينهن نَقارا سِر تي ۔وَڄدا وَارو وَاري اَلا.

1۔نَونهالي نَقش صُورت وِچ ۔نَين وَيکيم نَت دَاري اَلا،
خمر خُماري حُسن هَزاري ۔جَوت جَهلڪ جهلڪاري اَلا.

2 - اِهين موج لَهر مَن مَست ڪِيتا ۔مَيڪون هوش نَڪا هُوشياري اَلا،
سمجهه سَمجهاوڻ واليان ڳالهيان ۔وِسريان يار وِساري اَلا.

3 - مَحبت والي ڪَرڪي مَلاري ۔وِرهه لائي وَسڪاري اَلا،
سِڪ دا سيني وڻ سمايا ۔ڪيتس گُل گُلزاري اَلا.

4 - لُڪي لُڪائي ڪَنهن دي نه رهسي ۔لَئون لڳِي دِل ياري اَلا،
آکي اَعجازا ضرور ڪريندا ۔عِشق آکي اِظهاري اَلا.

ٿلهه : ڦَهري نَيڻ ڍَولڻ دي ڪالي ۔هِن مَست سَدا مَتوالي.

1 - ڪَر نَاز جَڏاهين نَهارن، مَت هوش عَقل اُڏارن،
لڪين عَاشق مُفت آزارن، وهه چِشمان دي اهي چَالي.

2 - بِن مارِئي مُول نه چوڙن، وت خُوني خَنجر ڪوڙن،
نِت نِت اسان ڪُون نِهوڙن، وهه پريان دي اهي پالي.

3 - ڪَر ڏيل ڏهوٹا ڏَراوَن، گُهنڊ مَار تي گهوٹ پَئي گهاون،
سو سَاهه پرئي ڦتڪاون، بس ڪُهندي مُرغ مِثالي.

4 - هي عشق اَڪيان دا اَويڑا، پَن اَعجاز گُهتيس ٺڪ ٺَيڑا،
جِيء نال لڳا وچ جَهيڙا، دل دَردان دي وچ جالي.

ٿلهه : نَينان مَاريا تير برهه دا ـ جِگر ڳِيا اوجهور ميان،

وَيچان والا وَيج نه لڳڙا ـ زَخم هي زوران زَور ميان.

1 - نِيند نه آندي سَيج نه ڀاندي ـ دل هي مَاندي مَاندي،
جَل ڳئي ميڏي جَان لڪان دي ـ چاڪ نه ميڏي چور ميان.

2 - حُسن جَمالئون سُرت سَنڀالئون ـ نِڪل ڳئي هان حَالئون حَوالئون،
سِر تي سَانوڻ مِينهن مثالئون ـ دردان لائي هي جَهڪورميان.

3 - لَوڪ آکيندا چَري چَري ـ ڪم ڪار ڪنون هي ڪري ڪري،
مَئين عِشقون ٿئي هان هَري ڀَري ـ ميڪون اَهنج نه ڪوئي اَور ميان.

4 - مَاهي آوي ڪِل اَلاوي ـ دَرد اَندا دا جَاوي جاوي،
آکي اَعجازا اَگڻ سُهاوي ـ ٿَور ٿِلي شَهه زَور مريان.

ٿلهہ ڄُم اکيان سِر ڇَاوين، سيني لأوين ـعِشق جِيهي سَوغات نون.

1 - عِلمان واليان اِڙتيان ڦِڙتيان، ڇوڙڪي عشق اُناوي، سيني لاوين.

2 - عشق ڪِتيان هِن نال جو تيڏي، ڳالهيان ڳُڻ سي ڳاوين، سيني لاوين.

3 - عِشق بَشير عشق نَظير، عشق بَصير يَاوين، سيني لأوين.

4 - ذَات سَوغات آفات پِي عشق، عشق اڳون سر نَاوين، سيني لأوين.

5 - صُوفيان والا مَسلڪ اَعليٰ، سَمجهه پِڇي سَمجهاوين، سيني لأوين.

6 - رُومي رَازي، شمس شِيرازي، عشق سَراپا ياوين، سيني لأوين.

7 - اَعجاز آکي جِتان عشق ڏيکين، ٻک پاڪول ٻلهاوين، سيني لاوين.

ٿلهه : ڳڏاهان ته اکيان مِلاوين، ملاوين ڪِل آلاوين،

اِيوين چا آپ پَلاوين، پَلاوين ڪِل آلاوين.

1 - طَرف اَساڏي جو تون آوين ـ آوين پَر رُوح رلاوين رلاوين، ڪِل آلاوين.

2 - سَامهان ڏيکڻ چوڙ ڏِٿُئي ڪيون ـ ترِچي پيا تير چَلاوين چلاوين، ڪِل آلاوين.

3 - ڏُوران ڏِکاليان رُخ دِيان ڏي ڪر ـ جِيءَ پِيا مُفت جَلاوين جَلاوين، ڪِل آلاوين.

4 - شَرم حِجاب دَا وقت نَهين هُڻ ـ شرم حجاب پُلاوين پُلاوين، ڪِل الاوين.

5 مِل گُهل سانول نَال اَساڏي ـ عَهدي شباب مَلهاوين ملهاوين، ڪل الاوين.

6 - لال هَتڙي نَال اَعجاز ڪون ـ پِيالا مست پِلاوين پلاوين، ڪِل آلاوين.

ٿلهه : مَيڏاڏيکڻ پَلپل تَئين ڏَهن، تَيڏا ڏَيکڻ چِبا چِبا.

1 - اڳڻ مَيڏي تُون اونداهين ـ پَر مَيڏا ڍَولڻ چِبا چِبا.

2 - گُهوران نَال تون گهاتا گهاتا ـ يَاوين مُرڪڻ چِبا چِبا.

3 - آپڻي عاشق نال نه ڪر تون ـ ٻولڻ چولڻ چِبا چِبا.

4 - چَنچل اکيان شَوخ اَدائين ـ قياس ڳماوڻ چِبا چِبا.

5 - مَين تان تَيڪون ڏيک نه رَجدا ـ تُون ڪِيون مَئين ڳڻ چِبا چِبا.

6 - يَاد اَعجاز ڪون يار ڳريندئين ـ اڳي ڳنون هُڻ چِبا چِبا.

ٿلهه : يَر يَر پِلايا ساقي جو پيالا ـ اُهين پِيالي وچ ها نَشا نِينهن وَالا.

1 - نشا نِينهن والا ناميل نِرالا ـ نَال پِيوڻ دي گِيا نَفسي نالا،
نا هوش رَهيا نا خَوف خِيالا ـ تَن دا تَڏا هان ڪون کُليا تَاڪ تَالا.

2 - موڪِي مِيثاقي مِليا مَتي تي ـ حق والي حاضر هَسدي هتي تي،
سِرڙا گِڏا تِنهن ورهه وتي تي ـ ڪَر آر اُلٽا اِظهار اَعليٰ.

3 - چوڙيم مَذاهب ڪِتاب چارئي ـ مُلپي مَشائخي خِطاب چارئي،
وِسرئي اِهي هُڻ اَسباب چارئي ـ عصيٰ تي ڪُوزا مُصليٰ تي مالها.

4.صُورت ساقي دي سَاهه ڪُون سِيبائي ـ اکيان اڳُون هي اَعجازا اِهائي،
لالي تنهن لاَئي لَئُون لَئون رَچائي ـ بيشڪ اساڏا ٿيا بَخت بَالا.

ٿلهه : پيالا شام دا پِي پُر ـ ڪرون پر يار دي پوڄا.

1 - ڳائون سنگيتي ساري سُر ـ رهون گمنام تي وچ گُر،
اهين توري ترازي تر ـ ڪرون پر يار دي پوڄا.

2 - محبت وچ سدا مَر جُهر ـ ٽورون ناتا ناجي ٿُر ڦِر،
پيون گهاتي گهري مئي گُهر ـ ڪرون پر يار دي پوڄا.

3 - ويڪون دلدار دَاور دَر ـ بِرهه وچ پر پائون پَاڪُر،
ڪيون ڪاهي لچائون ڪُر ـ ڪرون پر يار دي پوڄا.

4 - هَميشه ٻَڻ حسيني حُر ـ آکون اَعجاز حق حاضر،
سيت سبحان ٿيا صادر ـ ڪرون پر يار دي پوڄا.

ٹلھہ :پیالا وَحدت وَالا پُر پیتاسي ۔چَڱا کِیتاسي چَڱا کِیتاسي.

1 - سُورهه سَوز لَڳا چِرکڻ چَوڙ ڳیا ۔نهین لَوک ڪَنون هُڻ کو ئي لِیا،
پیوند پِرت وَالا هُڻ پُختا پِیا ۔سِر سَاهه سَجڻ دي سَنگ سِیتاسي.

2 - نَشا نینهن وَالا هي نَاپید مِیان ۔کِیا ڄَاڻن قَاضي مُلڙي وید میان،
اِهو برهه بَتایا بَاطوني پید مِیان ۔قِرکا پِیائي وَالا چوڙ ڏیتاسي.

3 - پَرکي دَم قَدم سِرفروشي وِچ ۔گِهن کي خِیال خُدائي خَموشي وِچ،
مَئي نُوشي دِي مَدهوشي وِچ ۔نِت نَفس نَابودي ڏانهن نِیتاسي.

4 - پِیر مغان پلایا اِهو جَام اَسان ۔مَخمور وَدَي هُون مدام اسان،
ڪَر کي عِشق "اَعجازا" اِمام اَسان ۔مَیدان مَحبت وَالا جِیتیاسي، چَڱا کِیتاسي.

ٺلھہ :يَار سُڻائي بَانگ اَلستي ـ عِشق پَڙھائي لَبيڪ مِيان.

1 - ھَر جاءِ ڪَعبه ھَر جا قِبلا ـ ھَر جَاءِ سِرڙا ٽيڪ مِيان.

2 - جِتان ڪِتان وِچ جَھاتي پَايم ـ اُھو ئي وَيکيم ايڪ مِيان.

3 - جَنھن نُون لَوڪ سَڏيندا چَاڪي ـ اُھيندا نَظارا نيڪ مِيان.

4 - آپڻي "اَعجازا" آڻين چَاڙھين ـ آپڻي اُتي ھَٿ سيڪ مِيان.

ٿلهه :لڳي رَمز رَبي اَنا اَلاوڻ دي، ڇُم عِشق اَمانت چَاوڻ دي.

1 - اِتان بُزدلان دِي بَات نَهين، اِتان دَرڪ وَاليان ڪون دَرجات نَهين،
اِتان ڪَات آڏي بِن پِي تَات نهين، اِتان رَوَش رِندي ڪِل ڪِل ڳَل ڳَلاوڻ دي.

2 - بيچون بِرهه دا هي بيچوني بَحر، تَار تار طُغياني مَوج لَهر،
ڪيوين ظَاهر ڪَران مئين حَقيقت سِر، نهين اِجازت سَلڻ سَمجهاوڻ دي.

3 - عِشق والي اَمانت چَائي جِنهان، سُڌ ذَات صِفت دي پَائي تِنهان،
حَاصل حَال ڪِتا اَثباتي اُنهان، ڪيهي ڳَل ڀِنهان ڪُون لڱُون لاَوڻ دي.

4 - جَهڳِڙا ڇوڙ اِسم جِسم پوستي دا، تي قَائل "اَعجازا" هَمہ اوستي دا،
ڏي سِرڙا نِيا حَق دوستي دَا، نَوبت مَار نِسنگ نِينهن نِياوڻ دي.

ٿلهہ :عشق دي چاڙهي عَاشق چَڙهسن، اَوران دِي نَهين بَات مِيان،

اَوڪا آڻاوا هي پُندَ اِهو جو، ڏورٽا هي ڏِينهن رَات مِيان.

1 - عَالي هِمت عِشق ڪمائيندي، سِڪ دا دَرياء سيني سَمائيندي،

اُلٽيان خَبران آڻ سُڻائيندي، اُلٽي پَاڪي جَهات مِيان.

2 - عِشق عُشاقان دا مَذهب مِلت، حَال حُلاجي هَلت چَلت،

هِڪ ڪر چاڻن عِزت ذِلت، فَرق نه پَاون ذات مِيان.

3 - بُز دل ڪَرڪي عُذر بَهانا، آپي ويندي نِڪل اِيمانا،

مَرد هَووي ڪو رِند رِندانا، مَرجي مَاٽي ڏات مِيان.

4 - عِشقئون "اعجازا" رَاهه ويکيوسي، فَثَم وَجَهُ الله وَيکيوسي،

اِٿان اُٿان الله وَيکيوسي، ڪَرڪي نَفي اِثبات مِيان.

ٿلهه :عشق ڪيتا اِرشاد ـ اَنا الحق آلايوسي،

شَادرَهو نَاشاد ـ سَچا سُخن سُٹايوسي.

1 - آکيان وَالي اُلٹ اشاري ـ وَيک نِرالي نَاز نِظاري،
نِسنگ نقارا نَاد ـ بيسر بين بَجايو سي.

2 - پَٹ پريمي پُر پيتوسي ـ خُون خُودي دا کَر کِتوسي،
فِتنا چوڑ فَساد ـ مُحبت مَچ مَچايوسي.

3 - آپي آوٹ آپي جَاوٹ ـ رَنگ عُروجي نُزولي رَچاوٹ،
آپي آپ جَلاد ـ آپي سِر ڪٹايوسي.

4 - مُشتاقان دا مَرڪ مَلامت ـ سِڪ سَچائي سَوز صَداقت،
يَارڪون ڪَرڪي يَاد ـ نَاتا نِينهن نِڀايوسي.

5 - پير مُغان دَست مِلايا ـ پير ڪُپيري وِچ پَرايا،
"اَعجاز" عَلي اُستاد ـ ڪَرڪي قُرب ڪَمايوسي.

ٿلهه: عِشق اِثباتي آيا اَندر وِچ ـ ٻولي اَناالحق دي ٻول.

1 - تَسبيح مُصليٰ تَرڪ ڪَرايس ـ طَرف حُسن دي سُجود ڪَرايس،
عَجب عَجائب مَام مِلايس ـ مَعنيٰ جَنهن دي سِرڙا گهول.

2 - قِبل مَاضي حَال واليان ـ جَذبي جَوش جَلال وَاليان،
خَبران خُدائي خِيال وَاليان ـ خِلوت وِچ سُٽَيندا ڪول.

3 - هَر جاء حَق سماوڻ ڪِيتي ـ بَاطل بَات مِٽاوڻ ڪِيتي،
جِيتي ئي مَرجاوڻ ڪِيتي ـ قَالوبَليٰ داپَاريس قَول.

4 - پَير ڪُپيري وِچ پَريندا ـ سِري خفي دا سَير ڪَريندا،
ڏِيان وَحدانيت ڏانهن ڏَرئيندا ـ پَن سَٽ دُوئي والا پول.

5 - "اعجاز علي" هي رَهبر اڳ دا ـ وِرهه اُهين دا دل وچ وَڳدا،
تَن مَن تَنهن دي تَاري تَڳدا ـ مُلٽا قَاضي چوڙ مَخول.

ٿلهہ :عِشق پَوشاڪ حُسن دي پَاڪي ۔دِليان لُٽاوڻ آيا ھي.

1 - سُهڻيان اَڪيان سُهڻيان صُورتان ۔وَيڪڻ وِڪاوڻ آيا ھي.

2 - ڪِتان اميري ڪِتان فقيري ۔طَبل وَڄاوڻ آيا ھي.

3 - سَاقي بَن ڪي مَئيڪده وِچ ۔پِيوڻ پِلاوڻ آيا ھي.

4 - جَٽيان ڪُفر دا پَاڪي ظَاھر ۔اِسلام جَڳاوڻ آيا ھي.

5 - مَوج مَنصوري وِچ مُدامي ۔اَنا اَلاوڻ آيا ھي.

6 - عَاشقي مَعشوقي وَالا "اعجازا" ۔ڪيل ڪِلاوڻ آيا ھي.

ٿلهہ : عِشق ذاتي دي جَوش ڱنون ۔ پَٽر پيان لِڪ وَليان ۔سِڪ وَاليان.

1 - نَعري نَقاري مارن نينهن دي .اَزلي اَمُر چِڪ وَاليان ۔سڪ واليان.

2 - صَبر سَتُر وِچ جال نه سگهديان ۔حَال حقي حَق وَاليان ۔سڪ وَاليان.

3 - پُور اکيان لَنگهه پَار پَنديان ۔پِياڪ پِريمي پِڪ واليان ۔سِڪ وَاليان.

4 - سَڄڻ ويکڻ نَال صَاف تِي وَينديان ۔ميل چِڪڻ چِڪ واليان ۔سڪ واليان.

5 - ڳالهيان اُنهان دي وَاتون اعجازا ۔سُٽسين هِن پَڪ واليان ۔سڪ واليان.

تلهہ : اَصل عَاشقان دِي عَجائب هي چَالي ـ مُلان قَاضيان نُون نه سُدَ بِر هان وَالي.

1 - عَاشق وَچ اُٿانهين اکيان نِينهن لَئندي ـ جِتان جِن ملائڪ پڪي پير نه پَئندي،
اُهين مُلڪ دي نت سُٽئندي مَقالي.

2 - شَريعت دي شائق طَريقت دي طَاهر ـ حَقيقت دي هَادي مَعرفت دي ماهر،
صَبر وَالي مَصاحب وِلايت دي وَالي.

3 - مَحبت ڪماون محبت جتاون ـ محبت دي سَانگي بَديان سِر تي چاون،
عُمر سَاري ايوين عُشاقان هي جالي.

4 - اَصل ڪم عُشاقان مُتابِعَت شَبيري ـ قَتل وچ ڪمئندي دُولهه دَاد گيري،
اَڏي تي اعجازا وَتيندي وِصالي.

ٿلهہ :مَحبوب عَاشق ته بَهم تي وَيندي ـهِڪ ٻئي دي حَال مُحرم تي وِيندي.

1 - هِڪ جِسم ٿيندي هِڪ جَان ٿيندي ـهِڪ ڳالهه تي هڪ زُبان ٿيندي،
هِڪ دِيد تي هڪ ڏِيان ٿيندي ـايوين عَاشق ذَوقئون ضم تي وِيندي.

2 - مَحبوب عَاشق دا رَاز خَفي ـتي نَاز نِياز انداز خَفي،
عَينان عَيني عجب اغماز خَفي ـاِٿان عَقل فِرشتان دي گُم تي وِيندي.

3 - هِن عشق واليان دي آر عَجب ـپَهه پُور نِرالي پَار عَجب،
تي هجر وصل دي وَهنوار عَجب ـڪڏهان قَطره ڪڏاهن قُلزم تي وِيندي.

4 - جِيوين رَنگ تي بُوء گُل نال ڪَني ـجيوين مَوج لَهر جَل نال ڪَني،
جِيوين بِجلي بَادل نَال ڪَني ـاَيوين عِشق والي هَمدم تي وِيندي.

5 - جِنهان پيرا آپٹا پاتا صَحي ـتِنهان آپ کون آپ سُڃاتا صَحي،
اَسان ايوين "اعجازا" ڄاتا صَحي ـاُهي آپي ڪَعبه حَرم تي وِيندي.

ٹلهہ :بِرهه دِيان بَاهيان لَڳيان لَڳيان ـسَيان حُسن حَضرت شَاهه ويکيوسي.

1 - مُک مَحبوبان ظَاهر ڪِيتا ـپِتيان پَرم ديان پَکيان پَکيان.

2 - نين نِظاري لاَڪي ڪَڙيوسي ـنِينهن دِيان نَوبتان وَڳيان وَڳيان.

3 - حُسن عَجائب چَال چَليندا ـڪَر ڪي مَستيان مَڳيان مَڳيان.

4 - اِهين آڙهه وِچ دِليان عَاشقان دِيان ـدُونهين ڪَر ڪَر ڏَڳيان ڏَڳيان.

5 - اَکي "اعجازا" اَج ته مَيڏيان ـاَسان اُميدان پُڳيان پُڳيان.

تلهہ :عَاشق سَیر حُسن گنون نَس نَهین ۔اِها رَاهه حقیقت گنهن کون ڈَس نَهین.

1 - لاَکي نَین نِظارا گُمان گُم تي رَهین ۔خَادم خُوبرویان دَا دمان دَم تي رَهین،
پَتنگان وَانگون سَدا شَما شَم تي رَهین .گڈهان تیکون جَلڻ وِچ گس نَهین.

2 - فَنا فِي المَعشوقي دَا فَرض پَڑهین ۔تَجلي تَاب طَبل وِچ کُپ کَڑین،
چِشمان والي چَاڑهي نَال چَڑهین ۔بِیا کو پیچرا چَارا پَس نَهین.

3 - بَیشک بَاغ حُسن دا بُلبُل تي ۔پِیالا جَام وَصل دا پَلپل پي،
هَرجا ڈُوم مَچا هُودي هُل غُل دي ۔هُودي پَاجهئون کِتان رَچدا رَس نَهین.

4 - عَاشق عِشق حُسن وِچ تي مُستغرق، تَرک و تَرک کَریندي دِین دَرک،
سَودن دَرد "اعجازا" دَرد مَندان دا دَرک ۔بَیدر دان کُون جائي جَس نَهین.

ٿلهه : ڏُکيا عِشق دا ڪورا حُسنات وچون ۔لڳي مَوج لَهر جَهاتي جَهات وِچون.

1 - ڪِيتي حُسن چڙهائي چَوڌار ميان ۔سَاڪون وِسرئي ڪُل اَذڪار ميان،
هويا دم دم وِچ دِيدار ميان ۔اَکيان اَڙيان عجب اَثبات وچون.

2 - ڪِيوين تَجلا وچ ڪَنعان ڪِيتس ۔ڪِيوين مُوسيٰ دا هَس هوش نِيتس،
ڪِيوين ڪربل وچ ڪپ سِيس ڏِتس ۔آپي ظَاهر ٿيا هر بات وچون.

3 - جَنهن طُور اُتي تَجلات ڪِتي ۔اُهين بِرهه اِٿان بَرسات ڪتي،
ڪَالي رات وِچون پرِيات ڪِتي ۔ڳج ڳيا نَفس دا خيمان جِسمات وچون.

4 - اِهو حُسن هَر ڪنهن ڪون موهه وَيندا ۔وَس لُون لُون وچ لَوهه ويندا،
مَار عَاشقان دا ته اَنبوهه ويندا ۔جَهاتي پَاڪي اعجازا ذات صِفات وچون.

ٹلهہ : جَنهن کُون عِشق دي مِلي ڈات ۔تِنهن کون تَات نَکا ہي بَات.

1 - چَولڻ تي چَپ چَوليندا ۔ہَولڻ تي وَل ہوليندا،
گھولڻ تي سِر گھوليندا ۔پَاکي جَهاتي نَال جَهات.

2 - مَئي پي مَچ مَچيندا هي ۔نَچ کي نِينهن نَچيندا هي،
رَنگ وِچ رنگ رچينداهي ۔جَان جَلا جِسمات.

3 - عِشقي قَول ڪَلام سُٹاوي ۔عِشقي بَاب بَياض بَناوي،
عِشقي ميلا موج مَناوي ۔عشق دي وَائي وات.

4 - اعجاز عَلي دا مَني رايا ۔قُربئون چوڑيس کايا مايا،
دَر اُهين دي بردا دَايا ۔سَچي سُٹو سُخنات.

ٿلهہ : رَڪ طَور طَريقا رِندي ـ بَن بيخود بيخود بيخود.

1 - ڪَر تَرڪ ڪِتابان آڪران ـ اِهي پيش تي زيران زَبران،
سُڻ عِشق دِيان وَل ول خَبران ـ ڇَوڙ شَد مَد شَد مد شد مد.

2 - ٿِيوين مَحو تون وچ مَحبوبان ـ پيوين خُوب خُمر سَنگ خُوبان،
پَئُو پيش آڳون مَطلوبان ـ ست رَدقَدرَد قَدردقد.

3 - اِها هَستي خُودي جَنهن کوئي ـ سَردار دَوجڳ دَاسوئي،
تنهن دا سُخن سچا هي سَيوئي ـ آَن آَشهد آَشهد آَشهد.

4 - پَڙهه عشق دا ڪَلمان سَارا ـ وڄا نَوبت نِينهن نقارا،
اعجاز علي دا نعرا ـ مَار بَيحد بَيحد بَيحد.

ٿلهه : ڪيها عشق دا پچدئين شان،

عشق دا بالا هي بيان.

1- عشق اساڏا عاليشان، عشق اساڏا دين ايمان،
عشق اساڏا آخر زمان، عشق دا عرش آشيان.

2- عشق حبيب حقاني، عشق بتاوي راز نهاني،
عشق الاهي عين نشاني، عشق اناوي جوان.

3- عشق چڙاوي سوالون جوابون، عشق چڙاوي قائدون ڪتابون،
عشق چڙاوي ڏوهون ثوابون، عشق دا اور ڏيان.

4- عشق شريعت شوق وڏاوي، عشق طريقت طور سڪاوي،
عشق حقيقت معرفت پاوي، عشق ڪري انسان.

5- عشق اڳون نم نياز ڳري جي، عشق همون همراز ڪري جي،
عشق سدا اعجاز ڪري جي، فرضي هي فرمان.

ٿلهہ : پڇون خان پُنهل دي لڳ ڙي ـ ڳِهن ڪيچ شهر دا ڏَڳ ڙي.

1 - بَي خَوف اِتون ڄُل پوري ـ بَڻ گهوٽ پُنهل دي گهوري،
جَو چَوران نِتڙا چوري ـ سو آپي مِلسئي سَڳ ڙي.

2 - سَٽ مَرڻ جِيوڻ دي سانگي ـ لَنگهه لَحظي وچون لَڪ لاَنگهي،
گَلي پَاوين ڳِلا دي گهانگهي ـ پل جُنيان ڪري پِيا جڳ ڙي.

3 - چامال خَزاني شُڪران دي ـ ڪَر بَرسِر ڏڪڙي بَران دي،
سَهه لَوڏي لمي سَفران دي ـ وَڄ ويندا وَلاوين وَڳ ڙي.

4 - اَعجاز آکي مَاشاءالله ـ اِهو ڪونه مريسئي ڪشالا،
تِيسئي رَهبر ڪَلمي وَالا ـ تون تاري تَنهين دي تڳ ڙي.

تلھہ :اَکيان يَاد پُنھل گر روندیان نِي،

رو رو دَاغ جِگر دي ڌونديان ني.

1 - رَاتيان ڏِينهان جَاڳ گُذارن ـسَوز سَڙيان نَهين سونديان ني.

2 - آپ ڪُون آپي اَزلئون اَڙاکي ـپَڇتاوڻ هُڻ پَونديان ني.

3 - ڏُکڙي ڏُونگر دي پلڙي پَاکي ـکيچ رَوانيان هونديان ني.

4 - ڳِهن کي "اعجازا" عِشق آري دا ـبَڻيان غَم دِيان گُونديان ني.

ٿلهه: جندڙي جتان مين جيندي تک گهولسان

وٹ وٹ وڙولسان.

1 - آون نه آونَ پانون نه پانونَ،

ٻاڙا مين نه ٻولسان.

2 - صبح سانجهي نُرقر آدي مانجهي مَرجُهر،

سڄٹان ڪُون ڳولسان.

3 - وقت ازل دي ڪاٹ پُنهل دي،

چپڙي پئي چولسان.

4 - آري دا "اعجازا" دک پا درازا،

سيني سک سندولسان.

ٿلهہ : رَانجها جَوڳي رَمزان لاونداهي ـ رَمزان لاونداهي من پَاوندا هي.

1 - مَاهي مُزمل مِٺڙا مٺڙا ـ نال مئين دِل دي ڏِٺڙا ڏٺڙا،
چولا چور نگ چِٽڙا ـ آنگ سِر پَاونداهي.

2 - ڏُوهين نَين تَنهين دي ڏيئي ـ مَست و مَست کِل مُک ڪيئي،
نَال تِنهان ول پَاڪي ليئي ـ لئون ڙي لاونداهي.

3 - رَانجهان جوڳي راز والا ـ عَجب عِشق اَعجاز وَالا،
حَيرت حُسن ناز والا ـ مَيڏي وَيڙهي آونداهي.

ٹلھہ : رَانجھا جوگِي دِلبر جوگِي ۔رَمزان لاونداھي،

رَمزان لاونداھي ۔مَن پاونداھي.

1 - هَولي جَنهن دي جَام دي ۔مَین گَولي تَنهن دي نام دي،
اَک اُلٹ کي عام دي ۔اِهو آونداھي.

2 - رَنگ پُوردي وِچ آیا ۔وه مُرلي شَور مَچایا،
گھول کي کایا مَایا ۔لَنُنڑي لاونداھي.

3 - مَاھي مُزمل مِنڑا ۔نَال مین دِل دي ڈِنڑا،
چَولا چَورنگ چِنڑا ۔اَنگ سِر پَاونداھي.

4 - رَانجھا جوگِي راز والا ۔رَاشدي اَعجاز والا،
سُرکا سوز گُداز وَالا ۔پِلاونداھي.

ٿلهہ :اَسان دِيدان رَانجهو نَال رَليان ۔اِها ڳَالهه هي ڳَليان ڳَليان.

1 - اَسان لآَيا نَظارا نِسنگ هي ۔اِهو پَريا اَزلي اَنگ هي،
ڪِيون لَوڪ پِيا تِيندا تَنگ هي ۔دِليان لَڳِيان نه هر گز پَليان.

2 - اَسان آپڻا آپ ڪُهيسون ۔هُڻ پير نه پُٺ تي پَيسون،
اِهو نَاتا نِينهن نِپِيسون ۔چا چُوچڪ چَاڙهي گهليان.

3 - اَسان نُور مُنوّر ڏِٺڙا ۔لَڳا تَن مَن ڪون سو مِٺڙا،
رَهيا دَائم قَائم ڪَٺڙا ۔هر جاء ڪِتيان تَنهن تَجليان.

4 - اَسان عشق "اعجازا" چَاتا ۔ڳَل ڳَهانگها ڳِلا دا پَاتا،
رَنگ لآَحد وَالا لآَتا ۔سِر سَيفان حُسن دِيان چَليان.

تلهہ :پَير بَپُوتي ڪر رانجهن ـبَسني بيراڳي بَٽيا،

رَنگڙا رَنگي دا ويکو، يَنگڙا يَنگي دا ويکو ـڏوڙ مِتي ڪون ڏُٽيا.

1 - بٽيا بيراڳي برهي، پي پيالا پُر پرهي،
حال ونديندا وِرهي، وَصف انهين وچ وٽيا.

2 - ڏوڙ متي ڏُڻ ماهي، سائين وچون ٿيا سپاهي،
ڇوڙڪي شوقئون شاهي، پاتس جامان جٽيا.

3 - جهنگ پُڇيئندا آيا، چَاڪ سَڏيئندا آيا،
راز ڇپيئندا آيا، جو مَن اندر وچ اُٽيا.

4 - بخت سيالين دا کُليا، چَٽُ هزاري دا جُهليا،
هِير دي نالے هُليا، ساري سيالين سٽيا.

5 - وچن "اَعجاز" پاريندا، مالڪ منجهيان چاريندا،
مست خيال ذاريندا، هِس مَڻ والا سِر مٽيا.

ٹلهہ : سِک وَنديان دي سَانگي آيا ـ سِک وَنديان دي سانگي،

حَاکم مُلک هَزاري دا ـ صَاحب تَخت هزاري دا.

1 - بَخت سِتارا آڻ کُليا هي ـ رَنگپور راوي کِناري دا.

2 - هُل هُليا هي وچ سيالين ـ پِرت پريم پوڄاري دا.

3 - چلوني وَل ول ويکڻ چَلين ـ مُکڑا يار پياري دا.

4 - مَيڏي من وچ شاد مانا هي .تَنهن دي دَرس دُواري دا.

5 - آکي اَعجاز عَجائب هي ـ عِشق وَکر وَٹجاري دا.

ٿلهه : رَانجها ڇُوڙ ڪي تَخت هَزاري نُون ۔آيا لاَوڻ نينهن نَظاري نَون.

1 - اَکيان نَال اَکيان مَاهي لاَڪي گَڙا ۔پَڪا پيچ پِريت وَالا پَاڪي گَڙا،
جَهنگ سِياليان دي جهڙي سِر چاڪي گَڙا ۔پَاليس روز اَالستي، اِشاري نَون.

2 - رانجها چَاڪ سَڏاڪي مَنجهيان چاريندا۔گَڏان فَخر وَڏائي نه ڏَاريندا،
ويکو فاقيه فَڪر تي گذاريندا ۔اِهو سَبق سِکيندا جڳ ساري نون.

3 - ڪنهين ڪَاڻ دي ڪَاڻ فَقير بڻيا ۔جوڳي ڦوڳي ڪُنڊيل ڪَن چير بَڻيا،
بي بَصيران اڳون هي حقير بَڻيا ۔پاوي نرت والا ڪو تنهن دي پَساري نون.

4 - ڪَر عِجز اَعجازا سِر نَذر ڏِيوان ۔چَاسون چاندي زَرزَيور ڏيوان،
هرجاءِ اِها خُوش خبر ڏِيوان ۔اَسان وِيکيا دِلبر پِياري نون.

ٿلهه :رَنگپور دي وِچ رَانجهن سَائين، رَمز ڳُجهي رَک آيا،

مُک وچ مُرلي ڪَنڌ وچ ڪِستا، بيک فَقيري بَنايا.

1 - جَوڳِيان وَالا جَٽيا مَٽيا پَاتس مَحبت سَانگي،
تَرڪ ڪرايس تَخت هَزارا، اَوکي عِشق اَٽانگي،
نَوڪر چَاڪر چوڙ اُٿاهين جَهنگ سِيال وَسايا.

2 - اَلفراق دي اَلفي پَاڪر، ڪَنڙي قُربئون سِيتس،
چَتڙان دي وِچ گهت ڪي چَائي، حَال اَپالڙي ڪِيتس،
نِينهن نِياوڻ ڪِيتي مَاهي، بَار بِرهه دا چَايا.

3 - سَين مَريندا بِين وَڄيندا، دَر دَر ڪَڙا وَاجهائي،
لَحظي لَحظي آهِين پَردا، لُڪ لُڪ نِير وَهائي،
اَکيان آليان اَندر اُداسي، رَاز نه کولي رَايا.

4 - مَال نه مَايا عَاشق مَنگدا، دَرشن دَاهي سُوالي،
سِرڙا ڏي ڪر سِرڙا نيسي، ويسي مُول نه خَالي،
آخر شَاهه "اَعجازا" رانجهن نَاز شَهيد ڪرايا.

ٿلهہ :آئي مَست سَکي مُند سَانوڻ دي ـ مَن موهڻي يار مَناوڻ دي،

رَاڳ رَقص رَس رَاوڻ دِي.

1 - ڳُت ڳُنداوَڻ سينڌ چِٽاوڻ، مُشڪ عطر مِلاوڻ دي،
سُرخي لاَوڻ ڪَجلي پَاوڻ، وَل وَل ويس مَٽاوڻ دي.

2 - هَسڻ هَساوڻ بَات بَتاوڻ، غَم اَلم ڀُلاوڻ دي،
نَام جَپاوڻ رَاهه وِڪاوڻ، يَاڳ سُهاڳ جَڳاوڻ دِي.

3 - پيوَڻ پِلاوڻ سُرت سَماوڻ، بَزم نَظم بَناوڻ دي،
ساز اُٺاوڻ ڌُوم مَچاوڻ، بُوند بَدل بَرساوڻ دي.

4 - طَبل وَڄاوڻ سَمجهه پِراوڻ، سُر گُر تَال مُڪاوڻ دي،
سَارنگ ديس مَلهار سُٹاوڻ، سَرگم تان جُهومَاوڻ دي.

5 - سَانوڻ سَدا مُند سَانوڻ اُتان، جِتان جاءِ بِرهه دي مَاوڻ دي،
"اعجاز" اَسان ڪَڻ يَار سَڄڻ، هُڻ آپي ڪَريسي آوڻ دي.

ٿلهه : ٿي بلبل گُل گُلزاري دَا حُسن بَسنت بَهاري دَا.

1 - رَنگ بَرنگي هِن قول ڦُلاري ـ ڪِل ڪِل موهن ڪَنٽهاري،
سُڳند سُواسي سَرو سُونهاري ـ هيڪار هڳاءِ هَزاري دا.

2 - پَن پَن دي پَس جوت جَواني ـ هَر هڪ وِچ هي جَهلڪ نُوراني،
آ ويک نطارا عين سُبحاني ـ گِهن واس چَمن ڦُلواري دا.

3 - مُڪڙيان دي مُک سُونهي شَبنم ـ بُوند بُوندار ي ساوڪ سَوڪم،
ڪَشش ڪَرن اِهي دَرُوشي دَم دَم ـ ڪوئي مُل نهين خُشبوداري دا.

4 - يَار رَنگي بيک بنايا ـ گُل ڦُل دا ڪَر اَولا آيا،
بُلبل پَوَنري نُون بِرهه بچايا۔عَجب اَعجاز اِسراري دا.

ٿلهہ : رُت بَدلا مينگهه مَلارُ بَسنت بَهار ـ نظارا اَب اَب كا وهوا،

هر طرف حُسن هُہڪار گُل و گُلزار ـ هرا رنگ سَب سَب كا وهوا.

1 - رخ رُوپ اَنو كا اَناري سُهٽي صُورت سَرو سُونهاري ـ نَينان نَرگس خوب خُماري،

كِهل كهلئے كنٽهار هويا چمڪار ـ هَسڻ مُک لَب لَب كا وهوا.

2 - لَٽ لَيلي كالے كالے سر خَم خم خُوشبوء والي ـ بَهوين مُژكان خَنجر بهالے،

بلهار جائون بلهار سدا صَدبار ـ غوطا چاهِه غب غب كا وهوا.

3 - كِيا بُلبل هولي كهيلے كيا بهونرا گُل قُل بهيلے ـ كيا چاند چكور كے ميلے،

كيا عاشق پَتنگ كا پيار شمع شُعليدار ـ وَصل وَنگ شَب شَب كا وهوا.

4 - سَر مَستان جَلوه پايا سب گُهٽ ۾ يار سَمايا ـ گُونان گوني رنگ رچايا،

اَعجاز ويكهو اِسرار كر دِيدار ـ بِلا عيني رَب رَب كا وهوا.

ٿلهہ :رُت بهار دي آئي وي ـ آ مِلُ سانول سائين سگهيرا.

1 - رُت بَسنتي هَر جاءِ آئي ـ هَر جاءِ ويک هَرائي وي،
بُوءِ بَاغان دي باد صَباتے ـ بُوند بَهاري پائي وي،
ياد پِيا هِين جاني ججهيرا.

2 - قُمري ڪوئل پونئري بُلبل ـ چُڻ پُڻ چَمن وِچ لائي وي،
چِيهے پپيهے مُور چَڪُوري ـ مِل مِل ڪے مُند ڳَائي وي،
طوطا تنواري سدا نام تيرا.

3 - سَينيئان ڪُون اَپڻا سَاجن مليا ـ سَينيان بَهار مَلهائي وي،
مَين هان اَڪيلي مَين هان نَويلي ـ مَيڏي ڪَر ڪا دوائي وي،
اڪيان اَڳون هے تئين بِن اَنڌيرا.

4 - جِيء دا جِيارا جَانب پيارا ـ جِگر جلئيندي جُدائي وي،
روندي ڪڙي آن راهه گُذر تي ـ دَردان ڌُوم مَچائي وي،
اَڪے "اَعجاز" ڪر پُورل پيرا.

متفرکات اردو، هندي

نام علی اظهار، پڑهنا مومن بندے۔

1- حمایت تیری حیدر ہوگا، ہوگا حشر کے وار.

2 - میرا مالک ہے وہ مولا، ساقی سچا سردار.

3 - اُس دل سے دل کو تار ملا، جس میں علی کی جهنکار.

4 - عجز سے اعجازا پنجتن کا، پاؤ پریم و پیار۔

مسلک صوفی کا سارا، راسخ رندانه بَرحق۔
جس نے نه جَانا یارا، اُس نے نه مَانه بَرحق۔

1 - لا قید لا تُحرک، لا اُبالی لا سے لا شک،
لا فانی لا خساره، لا مکانه برحق ۰

2 - صوفی کا من سرمستا، صوفی کا بن برجستا،

صوفی کا کھیل نیارا، یکتا یگانه بَرحق ۰

3 - صوفی الاہی مقرب، مجذوب مغنی مطرب،
ارنی آلاپ کارا، عاشق عیانه برحق ۰

4 - حق الیقین حاضر، محبوب ساقی ماہر،
انا الحق نقارا، سر صوفیانه برحق ۰

5 - "اعجاز" صوفی اعلی، پینے پلانے والا،
اس کا نہاں نظارا، ناتا یارانه برحق ۰

جپودم نام ذاتی کا، کرو اثبات هُو الله ،
ہوا ارشاد ہادی کا، ہمہ اوقات هُو الله ۰

1 - دما دم دم سنبھارا کر، خودی کو آشکارا کر،
درونی سیر سارا کر، لگا شش جهات هُو الله.

2 - کرو دم دهیان میثاقی، نظر مین صورتِ ساقی،
بنو شہہ سوار براقی، کہو کلمات هُو الله.

3 - نظارا نور عینا عینی، کماحق قاب قوسینی،
دیکھو دیدار دارینی، ہمہ حسنات هُو الله.

4 - کھیلو تم کھیل منصوری، سَر میدان سر سوری،
نهین "اعجاز" دم دُوری، تُو ہوجا ذات هُو الله.

ہمہ ہو حق ہمہ هو حق، ہمہ اسرار سُبحان الله،
ہمہ کا دم ہمہ کا غم، ہمہ ہموار سبحان الله ۰

1 - ہمہ ہم سے، ہمہ سے ہم، ہمہ ہردم ہمہ مین گم،
ہمہ بادم ہمہ بیدم، ہمہ دیدار سبحان الله ۔

2 - ہمہ حق حق حقیقت ہے، ہمہ معرفت بصیرت ہے،
ہمہ شریعت طریقت ہے، ہمہ انوار سبحان الله ۰

3 - ہمہ جلوے ہمہ جھلکے، ہمہ حسنات حُکم ہلکے،
ہمہ چمکار چمک چلتے، ہمہ بازار سبحان الله ۰

4 - ہمہ سے ناز ہمہ سے نیاز، ہمه کا راز متا ممتاز،
ہمہ آواز ہمہ سُرساز، ہمہ گرتار سبحان الله ۰

5 - ہمہ اوستی میں گئی ہستی، ہمہ اوستی بنی بستی،
ہمہ "اعجاز" عجب مستی، ہمہ هر بار سبحان الله.

انھین دیکھتے ہین خدا دیکھتے ہیں ،
خدا کو نہ اُن سے جدا دیکھتے ہیں ۰

1 - کسی اور جانب نہ دیکھا کرین گے ،
کہ رَشکہِ ارم دلربا دیکھتے ہیں ۰

2 - برستی گھٹائیں مہکتی بھاریں ،
وہان ہیں جہاں مَہ لقا دیکھتے ہیں ۰

3 - زمین آسماں اور تاروں کی گردش ،
تصرف میں ان کے سدا دیکھتے ہیں ۰

4 - جدھر کو وہ کرتے ہیں اپنا توجہ ،
اُدھر کعبتہ اللّٰہ کھڑا دیکھتے ہیں ۰

5 - قبل از وہ عیسیٰ ، قبل از وہ موسیٰ ،
قبل از وہ آدم ، حوا دیکھتے ہیں ۰

6 - وہ احد وہ احمد ، وہ نور و بشر بھی ،
وہ شقِ القمر بھی بجا دیکھتے ہیں ۰

7 - ہے ان کی اداؤں میں "اعجاز" ہردم ،

سراپا انھیں معجزہ دیکھتے ہیں ۔

مین سارا رنگ برنگی، میرا عشق عجب آڑنگی ۔

1 - میں نیاز نماز نہ جانوں، ناتوبہ تسبیح مانوں،
نادین کفر پہچانوں، میرا نعرہ نادنسنگی ۔

2 - مین گلشن گلشن گھوموں، میں ہر کلی کو چوموں،
میں شعلہ شمع پر جھوموں، میری ریت پریت پتنگی ۔

3 - میرا سخن یگانا پکا، میرا طبل ترانہ پکا،
میرا گانا بجانا پکا، میرا جگر ہے جلترنگی ۔

4 - میں حُسن شبابان عاشق، شب روز شراباں شائق،
میں لکھ نواباں لائق، جاگیر میری ہے دنگی ۔

5 - میرا حال خیال پیچیدا، میرا وصل فراق پوشیدا،
میرا رستا چارا چیدا، میرا رہبر نیھی ننگی ۔

6 - میں آدم سے پہلے آدم، میرا آدم کہنا کالم،
میں عشق کا ہر جاء آچم، میرا بھگڑ اعجاز بنگی ۔

الاہی عشق سے اظہر، اویسی ہوں اویسی ہوں،
مگن مخمور متوالا، مهیسی هوں مهیسی هوں ۰

1 - حسن ذاتی صفاتی کا، شیدائی شیفتا بن کر،
اسی کے سامنے هر پل، اُمیسی هوں امیسی هوں ۰

2 - نہ رکھتا هوں میں کچھ پرواه، کسی تعزیر و تہمت کی،
اناالحق کیوں نہ میں کہہ دوں، آدیسی هوں آدیسی هوں ۰

3 - کسی کے خیال نظروں میں، موحد هوں مدامی میں،
کسی کے شک وگماں میں اب، لِبیسی هوں لبیسی هوں ۰

4 - علی "اعجاز" آپس میں، هوئے ہیں دائمی ہم دم،
صراط الذّین کا سمجھو، سندیسی هوں سندیسی هوں ۰

غزل

صبا! اُس گُل بداماں سے، کلام آہستہ آہستہ
انهیں دینا مگر میرا، پیام آہستہ آہستہ ۰

1 - وہ میرے جان و دِل بھی ہیں، وہ میرے دلربا بھی ہیں،
سلام اس جانِ جاناں کو، سلام آہستہ آہستہ ۰

2 - بہت بیٹھے وہاں ہوں گے، عدو ہم عندلیپوں کے،
وہاں جو نام لو میرا تو، نام آہستہ آہستہ ۰

3 - جہاں وہ بے حجابانہ، اداؤں سے لپٹتے ہیں،
کبھی ایسا بھی آئے گا، مقام آہستہ آہستہ ۰

4 - نہ جانے گفتگو ہو کب، گل و بلبل کی آپس میں،
خزاں کرتی ھے اپنا، اختتام آہستہ آہستہ ۰

5 - کبھی تو بوئی مۓ سے وہ، ملا منہ ڈھانپ لیتا تھا،
مگر اب چوم کر پیتا، ھے جام آہستہ آہستہ ۰

6 - میرے محبوب نے اکثر، بنا رکھا جو زلفوں کا،
پکڑنا دل رہا میرا، وہ دام آہستہ آہستہ ۰

7 - ہزاروں سرد تھے ساجد، ہزاروں پھول تھے حیراں،
چلا سج کے وہ جب، سوئی بام آہستہ آہستہ ۰

8 – خرامِ ناز جو بھی ہیں، انھیں "اعجاز" یوں سمجھو،
کہ دل دیتے ہیں لیکن دل کو، تھام آہستہ آہستہ ۰

غزل

بیتاب کرو تم، اور بیخواب کرو تم،

للّٰہ اِدھر بھی رخ٭ مہتاب کرو تم۔

1 - میں سوکھے ہوئے پیڑ کے، مانند کھڑا ہوں،

پَت جھڑ کی ہواؤں سے، تو ہر چُند لڑا ہوں،

سیراب کرو تم، اور شاداب کرو تم۔

2 - اپنوں میں نہیں مجھ کو، تو بیگانوں میں گِن لو،

بیگانوں کو بھی تو کبھی، انسانوں مین گِن لو،

یہ پاپ ھے تو پاپ، یہ ھر باب کرو تم۔

3 - اِن مَد بھری آنکھوں کا، ذرا بھر دو نظارا،

ھوجائیگا یہ میرے، لیئے کافی سہارا،

اب رسمِ زَمانے کو، تھه آب کرو تم۔

4 - تو ساقی ھے میرا تو، میں ھوں تیرا ہی پازی،

پھر پازی نہیں تیرا، یہ اک گھونٹ پہ راضی،

پُر جام دینے کا کوئی، اسباب کرو تم۔

5 - دیوانا ھوں دیوانا، بے آرام کرونگا،

تیرے عشق کی باتین، تو سر عام کرونگا،

دیوانگی میری کا، صَد باب کرو تم۔

6 - خیالوں میں سجایا تجھے ، خوابوں میں سجایا ،
آنکھوں میں بٹھایا تجھے ، ساسوں میں بسایا ،
اب کچھ تو بجا پیار کے ، آداب کرو تم.

7 - تم سب سے دل آویز ہو، تم سب سے صبیحا ،
تم رشک فلاطوں ہو، تم رشک مسیحا ،
اکسیر نظر سے مجھے ، نایاب کرو تم.

8 - تم لوہے کو سونا ، جو بناؤ تو بنے گا ،
اس خاک کے ذرے کو ، پُھلاؤ تو پھلے گا ،
"اعجاز" کو بھی سخن کا ، اَرباب کرو تم.

"کلام"

ملتا نہیں کوئی بھی مجھے میرے حال پر ،
ہر ایک نے لبھایا ہے اپنے خیال پر.

1 - روزِ ازل سے جو کچھ دیکھا ہے آج تک ،
ہر آدمی ہے نازاں اپنے جمال پر.

2 - جتنا ہی جسکو چاہا وہ اتنا ہی عدو ہوا ،
اب اپنا کس کو سمجھیں چلیں کس کی چال پر.

3 - اتنی شدید ضربیں لگیں دل کو میرے جو،
جو شاید نہ آئے پھر یہ اوج کمال پر.

4 - حاضر کے حال میں جب، موجود وہ نہیں،
توجان کیوں جلائیں، وعدہ وصال پر.

5 - ہر سمت قراتوں سے اذانیں تو ہیں مگر،
سوز اذاں ختم ہوا حبشی بلال پر.

6 - اعجاز کیا بتائیں حقیقت کو کھول کر،
معنیٰ کہ جب فدا ہو، کوئی قیل وقال پر.

وَہ اَبرو کَان کَمان کَجل کَابان، کَٹارا برہن کا وَہوا،
مَدست چشم مُژگان نظر نیشان نظارا نینن کا وَہوا۔

1 - وَہ کَلنگی تاج شہانی، وَہ جاماں زَر اَفشانی، وَہ پُونم ماہ پیشانی،
وَہ رُوپ تجلا شان تہ جَلوا مان تُمہارا دِن دِن کا وہوا۔

2 - وَہ ابرو سیف اُٹھائی وہ چِشماں چَوٹ چَلائی، وَہ خُوباں مَام مِلائی،
وَہ جان و دل قُربان صنم ہر آن اِشارا اَن اَن کا وھوا۔

3- وَہ سرخ لباں سِر لاَلی وَہ دَند دَہن دُرعالی، وَہ چَالی خُوب نِرالی،
وَہ مَن ہو یا مَستان تیرا اَحسان دُوبارا درشن کا وَھوا۔

4- وَہ تیرا نَقش نِگارا وہ تیرا حُسن نظارا، وَہ تیرا تخیل سَارا،
وَہ عاشق کا دَم دِھیان، سخن گُن گِیان، سنوارا ہَر فن کا وَہوا۔

5- وَہ پیرِمُغاں حق ہادی وَہ عشق وَالی امدادی، وَہ من عَرف مَنادی،
وَہ بھید "اعجازا" بَیان، شاہی فرمان، نَقارا وَنحن کا وَہوا۔

وَحدت کا جام پی کر، دیکھو نظارا حق کا
آدم کو اللہ جانو، شملا اتارو شک کا۔

1- اے قاضیا خلیفا، اے ناصحا حریفا
سب سے سچا صحیفا ہے صوفی کے سبق کا۔

2- مۓ خار کی بات مانو، جھوٹا اسے نہ جانو،
اپنی صورت پہچانو، فتنا چھوڑو فرق کا۔

3- کہتے ہو جس کو خاکی، وہ سارا ہے نور ساقی،
کرتے ہو کیوں قُزاقی، خانہ خراب خلق کا۔

4- "اعجاز" دھیان دھرنا، سچ کہنے سے نہ ڈرنا،

پھر دم حُلاجی بھرنا، دیا بجھا کے دَرک کا ۰

وہ شاہِ خوباں ساقی، جِسکو بھی مۓ پلائے،
النفس آفاق کے صد، اسرار وہ ہی پائے ۔

1 - کُھل جائے گی حقیقت، اس پر ربوبیت کی،
پیمانہ جس کو دیکر، مستان وہ بنائے ۔

2 - منصور کو ملا جب، دُہ جام وہی ساقی،
سرمست بن کے تب تو، سولی کے سمت آئے ۔

3 - قبضے میں ہیں انھیں کے، قونین کے مئیخانے،
مۓ خار کوئی پینے، چاہے جہاں بھی جائے ۔

4 - پیر مغان ہمارا، اعجاز کی نظر سے،
تحریر لوح مٹائے، تقدیر کو سجائے ۔

ساغر میں تیرے ساقی، دل کا سکون دیکھا،
لا خوف آج خود کو، لا یحزنون دیکھا ۔

1 - حیران رہ گیا میں، یہ نظارا کرتے کرتے،

رخِ جامِ جم میں تیرا، جب گونا گون دیکھا۔

2 - تونے پلایا جن کو، دَستِ حنا سے ہنس کر،
اوروں سے اور ان کا، دشتِ جنون دیکھا۔

3 - ہنرِ مسیح میں تھا، مُردوں کو جان دینا،
پر جاں کو جان دینا، تیرا فنون دیکھا۔

4 - من عرف کا اشارا، برحق ھے ساقی تیرا،
رب جلیل کا گھر، دل کے درون دیکھا۔

5 - جس کو ملا نہ تیرے، اک قطرہ مئیکدہ سے،
"اعجاز" نے تو اس کو، زیرِ و زبون دیکھا۔

مئے ناب ناب پی کر، مستی میں آگیا ھوں،
دونوں جہاں کا دَرشن، اس دل میں پا گیا ھوں۔

1 - عرشِ بریں سے آگے، میرا ھے آشیانہ،
دنیا نہ جانے لیکن، میں سچ بتا گیا ھوں۔

2 - آنکھیں ملا کے ساقی، جم جام جو پلایا،
بارانِ عشق بن کر، ھر من پہ چھا گیا ھوں۔

3 - عُشاق هوں میں جن کا، عُشاق ہیں وه میرے،
وه مجھ کو پاگئے ہیں، میں ان کو پا گیا هوں۔

4 - دل آنکھ کھول دیکھو، "اعجاز" هوں علی کا،
هر رمز رنگ ڈھنگ میں، سکا جما گیا هوں.

تاب تپش کوه طور تجلیئے،
ظاهر ظہور کلور کجلیئے۔

1 - چاند بدر سے موہنی مکھ کا،
جلوا شعلا جوت جلیئے۔

2 - خوب خرام گرام خوباں کا،
باغِ ارم کے پھول خجلیئے۔

3 - کار قتل کج دهار کٹارا،
عین عجب مخمور اجلیئے.

4 - ارنی ترانی شاه "اعجازا"،
میم مغان کی خوب ونجھلیئے۔

ٿلهہ : هم گر گرنات، نانڪ نام همارا رے،

نانڪ نام همارا رے، هر گهٽ گام همارا رے.

1 - ڪان ڱنيا ڪر مڻ مين، سيتل سيتا لڇمڻ مين،
ڪرو نه ميري ڪات، اڪتا ڪام گمارا رے.

2 - ڪاشي تيرت تَڪيا ميرا ، گنگا جَمنا ڪُتيا ميرا،
ساڪي پتي سومنات ، ميل مدام همارا رے.

3 - سنو سناؤں شبد نرالے ، اصل اٿاهي انحد والے،
ساز آواز ڪي سات ، پاڪ پيام همارا رے.

4 - آدم حويٰ ڪي صورت هون ـ ميم عين ڪي مورت هون،
عرب عجم عرفات ذوم ذمام همارا رے.

5 - آپ ۾ آپ سمايا هون ـ اولي "اعجاز" ڪي آيا هون،
سپ ڪو بانڌون هات ـ سپ ڪو سلام همارا رے.

اروپ ننگر کے پنچھی تم کیوں، روپ ننگر میں آیا رے،
کس کس خواہش کارن تونے، کایا کو اپنایا رے ـ

1 - پنچھی نکلا بهت پگلا، پاپی پنجرا بسایا رے،

پھسنے والا نھیں تھا اس میں، عشق کے دام پھسایا رے ۔

2 - تیں حصوں میں جیون تیرا، کہاں کہاں وہ گنوایا رے ،
جیون جیسی غنیمت کو، کیا کیا تو نے بھایا رے ۔

3 - کایا کے اس قید قفس میں، سو سو برس کمایا رے ،
کیا کچھ کھویا کیا کچھ پایا، کیا کچھ بھید پرایا رے ۔

4 - کہاں لڑائے نین کہاں تم، عشق کا کھیل کھلایا رے ،
کون پریتم تیرا رے ، اور کس نے پریم سکھایا رے ۔

5 - روپ سروپ تمہارا رنگی، سب گھٹ تو ہی سمایا رے ،
"اعجاز" کے روپ میں آکر کا ہے اپنا آپ چھپایا رے ۔

کاہے کو پھیروں تسبیح مالہا، من کا منکا پھرنے لگا.

1 - جب پریم ننگر کا واسی ہون، تب بے حد میں دم بھر نے لگا.

2 - سب کو مائی باپ سمجھ کر، پیار سبھوں سے کرنے لگا.

3 - پوجا پاٹھ نه دو جی کروں میں، اوم الکھ دل دھرنے لگا.

4 - واہ گرو ہر نام گرو، قدم قدم پہ کرنے لگا.

5 - اعجاز علی کا چیلا ھوں، اور کسی سے نہ ڈرنے لگا.

ستگر ایسا بھید بتایا، مرنا جینا یاد نہیں۔

1 - ہنسنا رونا جاگنا سونا، کھانا پینا یاد نہیں۔

2 - پڑھنا پڑھانا لڑنا لڑانا، کرودھ کینا یاد نہیں۔

3 - مڑھی ٹکانا دیر کلیسا، مکہ مدینہ یاد نہیں۔

4 - "اعجاز علی" کے بیڑے چڑھیا، نوح سفینہ یاد نہیں۔

مورا یار لے گیا من مورا،
میں حیران پھروں حیرت میں.

1 - آؤ ری سکھیاں ڈھونڈھین اس کو،
عرض مانو یہ مورا.

2 - دل مورا ہوا پاگل ایسے،

جیسے پاگل بھونرا.

3 - ایک جھلک دکھلا کے وہ،
چھپ گیا رے شہہ زورا.

4 - یار ہمارا شاہ اعجازا،
نور نبار نسورا.

سانچ کہورے سانچ کہو، سادھو بنو تو سانچ کہو۔

1 - ذرا سی ٹھوکر پر جو ٹوٹے، کچا اسی کو کانچ کہو۔

2 - کوئی بھی اپنے عشق کے اوپر، آنے نہ دو گے آنچ کہو۔

3 - رنگ ربوبی والا راسخ، سانچ اسی میں رانچ کہو۔

4 - عشق نہ پیر و رہبر جس کا، آدمی وہ کھر کھانچ کہو۔

5 - "اعجاز" کا کہنا مانو تم، جھوٹے کو جھوٹا نانچ کہو۔

آنکھ سے آنکھ ملا مورے بالم، دل ہے پیاسا تیرے درشن کا۔

1 - آؤ کھیلیں اب آنکھ مچولی، پلکیں نہ نیچے جھکا۔

2 - اپنوں سے یوں شرمانا، نہیں تجھ کو روا۔

3 - خوف نہ کھا میرے مَرنے کا، خُوب سے تیر چلا۔

4 - ایسے نہ چھوڑوں دامن تیرا، وعدا اپنا نبھا۔

5 - ناتا "اعجاز" سے جوڑ پریتم، ساتھ رہ کے سدا۔

جب عشق میرے گھٹ آتا ھے، شدا بہت شور مچاتا ھے۔

1 - گھٹ میں بیٹھ کے گونگھٹ کھولے، باری باری انا بولے،
مستی خودی میں جھومے ڈولے، تھاں تھاں کر کے نچاتا ھے۔


2 - عشق نہ کوئی اور کام کرے، شام و صبح بدنام کرے،
نیند آرام حرام کرے، ہوش حواس اڑاتا ھے۔

3 - بے شرم بیمانہ عشق، ایمان سے ھے انجانہ عشق،
ھر دو جہاں سے بیگانہ عشق، دین دھرم بھلاتا ھے۔

4 - کبھی کہے میئخانے چلو، کبھی کہے بتخانے چلو،
کبھی کہے ھرخانے چلو، ھرخانے مکھ اپنا دکھاتا ھے۔

5 - عشق میرا پرستار حسن کا، روز ازل سے یار حسن کا،
مانگے چاہے پیار حسن کا، حسن اسے تڑپاتا ھے۔

6 - اتنا سارا جہاں پڑا ھے، عشق گلے میرے آن پڑا ھے،
مہنگا "اعجازا" جان پڑا ھے، دیکھو کتنا ستانا ھے۔



سائين محي الدين شاھ عرف اعجاز جي وڏي فرزند جا ڪلام

نالو: امان الله شاھ راشدي

تخلص: بيخود، غازي، امان علي

ٿلهه : محفل محبوب جي آ، شوق شراب ٿيندو،

جلندا جگر جانيون، روشن مهتاب ٿيندو.

1 - **واه موسم مند مستي آ،هر نظر ۾ ڪا هستي آ،**
رخسار گل گلابي، ڪومل ڪنول هي لبڙا،
اکيون عجب سان اڙيون، ڇا جو حجاب ٿيندو.

2 - **پيمانہ ٽڪرجي ويا،لب جام سان ٽڪرايو،**
خاموش نگاهون تڙپيون، مدهوش مسڪراهٽ ٿي،
محبن ڇيو اڄ مرڪي، توسان حساب ٿيندو.

3 - **مخمور آهي ساقي اڄ، مجبور آهي عاشق اڄ،**
سامهون ٿي وينو سهڻل اڄ، ڪو ڪلام چوندو،
خادم ٿيا سون تنهنجا، حاصل ثواب ٿيندو.

4 - **بيخوديءَ جي عالم ۾، ”بيخود“ ڏنو خدا کي،**
ظاهر ۾ هو صنم آ، اصل ۾ تہ آهي خدا،
ناصح جي نصاب ۾، هي منطق خراب ٿيندو.

ٿلهہ:ملڻ ۽ جلڻ ۾، ڪنبڻ نا نهي ٿو،

جفا ۽ جدا ۾، رهڻ نا نهي ٿو.

1 - **چپن جي چمڻ سان چاهت وڌي ٿي،**
لبن لئابن سان لنئہ لنئہ رچي ٿي،
پِڪن جي پيئڻ ۾ رڪڻ نا نهي ٿو.

2 - **اکين جي اشارن ڪئي دل ديواني،**
ڏسڻ سان اچانڪ وڌي آ حيراني،
وجهي گهور گهائي وڃڻ نا نهي ٿو.

3 - **ويجهو ٿي ويهڻ سان محبت وڌي ٿي،**
دلي راز رنگ سان تہ فرحت ملي ٿي،
گهڙي عشق آڙهہ هٽڻ نا نهي ٿو.

4 - **ڪري پيار ڏس تون امان عليءِ سان،**
رکي رمز روحي دل جي لڳيءِ سان،
رڳو دور دلبر سڪڻ نا نهي ٿو.

ٿلهه : ياد آهين تون صنم تنهنجو قسم،

تو سوا تو لئہ رنم تنهنجو قسم.

1 - **ياد تنهنجي ۾ وئي جند جان سڙي،**

سختيون تو لاءِ سنم تنهنجو قسم.

2 - **راضپو تنهنجو ڪپي ٻيو چا ڪپي،**

آرزو بس هي اٿم تنهنجو قسم.

3 - **تنهنجي لاءِ اي دلارا دلربا،**

سوَ ستم سر تي ڪنيم تنهنجو قسم.

4 - **تات تنهنجي ۾ آهي ”غازي“ عدم،**

ويو وڏي دل جو زخم تنهنجو قسم.

ٿلهہ : رات تنهنجي ياد ۾ تنهنجو فسانو ياد هو،

دير سان تنهنجي اچڻ وارو بهانو ياد هو.

1 - **ڪاريون هي راتيون سڀ ڪٽيم تو يار لاءِ،**

روز راهن ۾ تڪڻ وارو بهانو ياد هو.

2 – **آر انگڙايون دوست سي وسرن نٿيون،**

ناز نخري سان هلڻ وارو چلانو ياد هو.

3 - **حال تنهنجي ۾ ڏنم بيحد لقا آباد هو،**

ڳاڙهن ڳلڙن تي سو تر جو نشانو ياد هو.

4 - **دل تہ قاسائي وئين، تون يار هڪ ئي وَار ۾،**

اڄ بہ "بيخود" کي سو ٺهڪن جو ترانو ياد هو.

ٿلهه :مِنا منهنجا سوا تنهنجي حياتيءَ هي اجائي آ،

سنم تولاءِ سوين صدمہ ڪئي قسمت جدائي آ.

1 - **خفا ٿي ويو زمانو آ فنا ٿي ويو فسانو آ،**
رڳو تنهنجي خيالن ۾ ڏکن سان دل لڳائي آ.

2 - **نٿي اُسري ادا تنهنجي، نٿي وسري وفا تنهنجي،**
ويو بنجي ڏچو مون لاءِ اها ڪهڙي خدائي آ.

3 - **خطا ڪهڙي پلا مون ڪئي، نہ اهڙي ڪا خبر مون پئي،**
پلا جي بي خبر بنيس، سزا مون چو ڪمائي آ.

4 - **زخم بنجي پيا دل ۾، بنا دلبر جيئڻ ڪهڙو،**
ڪري ڪيئن صبر ”غازي“، واڪن دل هي وڌائي آ.

ٽلهه : ڏنو تو ٻه مونکي جواب آ - ٿي زندگي مون لاءِ عذاب آ.

1 - **تون ٻڌين ڪٿي نه ٻڌين - تون ڪڇين ڪٿي نه ڪڇين،**
منهنجو توسان ئي خطاب آ.

2 - **منهنجو توسان اهڙو پيار آ - ساري عمر جو اعتبار آ،**
تنهنجي اکين ۾ مون لاءِ شراب آ.

3 - **آئين اڱڻ تي عجيب تون - ڪولي وئين ڪئين نصيب تون،**
اڃان ٻه توکي مون کان حجاب آ.

4 - **”غازي“ ڪي آهي اهو غم - هاڻ ڪري پيو ڪهڙو ڪم،**
ايندو تري اکين ۾ آب آ.

تلهہ : درد ڏئي جو دل ڦري ٿو ڪير آ - خار ڏئي جو گل گھري ٿو ڪير آ.

1 - **وصال فڪر ۾ ڪئين ٿئي پلا منھنجو گذر - جو ساھ سان گڏجي سُري ٿو ڪير آ.**

2 - **صورت سندس پسڻ لاءِ ٿيس دربدر - سو جانِ من جيء ۾ جھري ٿو ڪير آ.**

3 - **ڇا مسجد ڇا مندر ڇا مڪتبِ فڪر - هَر هَنڌ تي حاضر هُري ٿو ڪير آ.**

4 - **بزم بيخود جو سٽي ڪو سوال - چو طرف چوڏاري چري ٿو ڪير آ.**

باب پَنجون - بيت

وحدانيت

همہ اوستي حال

1 - **اسـم جن اللهﷻ اوريو ويـهـي اول ۾،**
سڀ سٺائي تِنهنجي ڪري، والي سو والله،
پالڻهار جهانن جو، هو بَاري بيپرواهه،
ناقص ڪامل تنهنجي نظر ۾، راهي ۽ بيراهه،
تصرف هر تدبير تي، تنهن واحد سندو واهه،
رزق بہ تيئن ٿو ڏي وني، جيئن ڏي وني ٿو ساهه،
انسانن تي "اَعجاز" چئي، تِنهنجو توهه اَٿاهه،
تڏهن واجب آهه، ساراهه تنهن سبحان جي.

2 - **ساراهه تنهن سبحان ڪي، جنهنجو هي سڀ فام،**
باري بِن بنايو، چئي قادر ڪُن ڪلام،
لَولاڪَ لَمّا خَلَقتُ الاَفلاَڪَ، سيد لاءِ سر انجام،
هر دو جهان "اَعـجاز" چئي، آگي ڪيس انعام،
سو تارن ساڻ تمام، چٽو چوڏهين چندُ جيان.

3 - **وجي ويڙهي وَحده جي، نمي ٿي نزديڪ**
، ڪلمون چئي ڪريم تي، چئو لاحد لاشريڪ،
تون سين جو تحريڪ، تنهنجو تحريڪ ناهه ڪو.

4 - وجي ويڙهي وَحده جي، ٿي سلميت سان ساجد،
مج محمد مير کي، مَجيد ۽ ماجد،
وهاب ۽ واجد، ساڳيو اٿئي سو ڏٽي.

5 - وجي ويڙهي وَحده جي، چٺو چتئون چئہ،
تون احد احمد تون، لات اهائي لئہ،
پيش پرين جي پئہ، عاشق ٿي "اَعجاز" چئي.

6 - وجي ويڙهي وَحده جي، سينو ساهڻ سَٿ،
هنئون هيٺ لهي ڪري، ڪينو ڪروڌ ڪَٿ،
اِني اَنا اَن اَن جي، وائي پرين وٿ،
تون ٿي گهٽ ۾ گهٽ، تہ لڳئي رنگ "راشدي" چوي.

7 - وجي ويڙهي وَحده جي، احدي ڪلمون پر،
لاالہ الاالله محمّد چئي، چُپ چپاتي ڪر،
ڏڙئون ڏار ڏر، اُتي سر "اَعجاز" چئي.

8 - وجي ويڙهي وحده جي، ڏنم ڪو نه ٻيو،
الله ئي الله "اَعجاز" چئي تنهن ري ڪو نه ٻيو،
وهم گمان ويو، نفي ۽ اثبات سان.

9 - ويــنـا اتـم وَت ۾، ووڙيان ڪِٿ وجي،
وَنَحنُ اَقرَب امر ڪي، سگهندس ڪين پـجي،
ويـو مـن مَـجي، تہ هو آهن هر جاءِ "اَعجاز" چئي.

10- پري ٻہ ٿيان نہ پِرينء ڪان، ويجهو ٻہ ڪين وَجان،
ڏسانس نہ سَئين اک سان، اُلٽي ساڻ سَجان،
پَرِ ۾ سِڪان پـوجيان، ظاهر ذرو نہ مَجان،
اظهاري جي "اعجاز" چئي، دَعويٰ پيري پجان،
جي وَسُ پُڄيم تہ اجان، پَليان پَاڻ ٻِين کي.

11 - پَري ٻہ ٿيان نہ پِرينء گان، ويجهو وَڃڻ نہ پانيان،
آهيان انهي خيال جو، تہ سِڪ نہ لَڪايان،
نِيـنهڙو نِيايان، ٻِنا اَنت "اَعجاز" چَئي.

12 - پَري ٻہ ٽِيان نہ پرينءَ ڪان، ويجهو ٻہ وَڃان نہ مُور،
ٻِيــهـــان ٽي ٻِرهہ ۾، اَهڙو اڪين پُور،
جو سڄڻ ٻہ سَمجهي مَسَ ڪي، مُنهنجو سِڪڻ سُور،
مُرڪان ٻَهڪان مُنهن ۾، چِت ۾ رَهان چُور،
ظَاهر هوش ضرور، گهايل هُجان گهٽ ۾.

13 - اَول آخر هُوءِ مــالــڪ آهہ مِڙن جو،
وحدت واري واٽ سان، بندا ٽي وَهُو،
اتـئي جيسين "اَعجاز" چئي، جِسم جان لَهُو،
تہ ويل نہ وسار هڪڙي، تون واسع وحده،
ٽـي سالم ۽ سَهُو، حق ۾ هڪ الله جي.

14 - حق ۾ هڪ الله جي، جائي ٻي سڀ جوڙ،
تِنهن جي هيڪڙائي ۾، اوڙ نہ ٻي ڪا اوڙ،
لَهواري وَهندڙي جيان، ڪر وحده ڏي ڊوڙ،
سونهين ڪا نہ صَراط ۾، ڏَليلاٽي دَوڙ،
تون ڪر تيڏهن موڙ، آهي موڙ محمد صہ جنهنجي.

15 - موڙ محمد ﷺ جنهن جي، محمد جو سو سِر،
لا الـٰہ ۾ لڪو وَهي، الا الله جو جَر،
محمد رسول چئي، هيڪڙائي تي هِرُ،
ڪونهي تفاوت تِرُ، عبد ۽ معبود ۾.

16 - سوئي بَصير پاڻ تون، سوئي سر سَميع،
سوئي عين تَعين آ، سو ئي عين وَسيع،
سوئي قانع قنيع آ، سوئي صانع صنيع،
سوئي محيّ مميت آ، سوئي متعالي مطيع،
سوئي جامع جميع، سوئي جوڙ جهان سان.

17 - سوئي جو جوڙ جهان سان، سوئي سو ڳاءِ،
رکي طلب توحيدي، تندُ هَڻ تنهين لاءِ،
توڪل تو شو توڻ ڪر، مَچي مچ مَچاءِ،
اِلا الله جي اقرار سان، ويچا سپ وڃاء،
جيء ۾ هڪ جي جاءِ، گهٽي گهورو ڪيم ٿي.

18 - گهٽن گهورو ڪيم ٿيء، گهٽن گهورو هَول،

ڏُئي واري دائري ۾، اهو فعل قول،
آهين جنهن الله جو، تون تنهين کي ڳول،
انهي لاءِ "اَعجاز" چئي، ڏس ٻُڌ ۽ ٻول،
ڪن اکيون دل ڪول، تہ ماٽي کو مشاهدو.

19 - جي ماٽي ڪو مشاهدو، تہ ٻيائي ڪڍ ٻاهر،
بحث بازي بند ڪري، هينئون ڪر حاضر،
باطن ۽ ظاهر، پوءِ ايندء هڪ نظر ۾.

20- جي ماٽين ڪو مشاهدو، تہ ٻيائي ڏي ٻَن،
سَڏُون سڀ نفس جون، پيري هڻ تون پَن،
هير هيڪڙائيء جي، وجهہ هينئين ۽ اکين،
مَديء کان موشو ڪري، چڱي رکج من،
تہ ظاهر ۽ باطن، پوءِ ايندءِ هڪ نظر ۾.

21 - اندر ٻاهر هِڪڙو، ٻيائي ٻولي وَئي،
جاني جيء اکين ۾، جُڙي جاءِ ڪَئي،
ڏسڻ پسڻ پرينء جي مان، پڪي سُڌ پئي،

چوان چا چئي، چٽو چوڻ نا ٺئي.

22 - اندر ٻاهر هڪڙو، جانب جلوي دار،
عاشقن "اَعجاز" چئي، ڏٺو نِت نروار،
ڪري اناالحق اقرار، تن سوريءَ سر سنباهيا.

23 - اندر ٻاهر هڪڙو، حاضر ناظر نُور،
هو ڏَس جنهين جو ڏُور، سو ڏوري ڏٺئون ڏيل ۾.

24 - اندر ٻاهر آهه هُو، ٻيائي ٻولي وَئي،
عَاشقن "اَعجاز" چئي، پڪي سُڌ پَئي،
اناالحق چئي، تن سوريءَ سر سنباهيا.

25 - پن پن منجهه پرين، تن من ۾ سو نُور،
پلپل پسڻ تِنهنجو، پلپل تنهنجو پُور،
هنڌ هنڌ حُسن حبيب جو، هَنڌ هَنڌ ظهور حضور،
دلبر ناهي دُور، دائم ڪِن ديدن ڪان.

26 - پن پن منجهه پرين، هنڌ هنڌ هوت حضور،
ڏنڌيارن ڏُور، پاٽان ڄاتو پرين کي.

27 - پن پن منجهه پرين، هنڌ هنڌ ياقي يار،
سڀ جاءِ جانب جلوو، سڀ جاءِ جانب جنسار،
هر رنگ ۾ هر هر وسي، هر رنگ وَسٽهار،
عشق پَسايو "اَعجاز" چئي، نظارو نروار،
دلبر جو ديدار، دمدم آهي دائمي.

28 - وحدت جي واڪاڻ ۾، تَڪڻ طمع ڇڏ،
سُر گُر سان گڏ، ڪري ڪينر ڪلهي ۾.

29 - وحدت جي واڪاڻ ۾، وجهه مَ وِتي وار،
گڏ سدائين گهار، سُر گُر سان سمجهه تون.

30- وَحدت جي وَاڪاڻ ۾ تَوڏ، تڪبر تَرڪ،
ايءِ محبتن مَرڪ، اصل آهه "اَعجاز" چئي.

31 - وَحدت جي وَاڪاڻ ۾، اوڳو تي مَ اُجھہ،
ڪر سَوايو ڪُجھہ، سيني منجھان سُر ڪي.

32 - وَحدت جي وَاڪاڻ ۾، ڪيو جنين پاڻ،
سچڻ تنين ساڻ، هَڏ نہ هيڪاندو ٿئي.

33 - وَحدت جي وَاڪاڻ ۾، ڪيو جنين ڪينو،
صاف تنين سينو، اصل نہ هوندو اعجاز چئي.

34 - وَحدت جي وَاڪاڻ ۾، وڏ ڦُڙي جِيئن وَس،
تهان پوءِ تسڪين سان، لاهہ قَلب جي ڪس،
گُروءِ سَندو گس، اِهو اٿئي "اَعجاز" چئي.

35 - جيڏهن ڪيڏهن تون، جاني آهين جڳ ۾،
وَهُوَاللّٰہ فِي السَمٰوٰتِ وَالاَرضِ، پَئي معلوميت مون،
سڀ ۾ تنهنجون سپرين، سهسين ٿيون صفتون،
آئون نہ چوان ڏون، آهين تون "اَعجاز" چئي.

36 - تيڏ چڏين جي تيڏي، تہ هيءَ هُو اٿئي هيڪ،
الانسان سِري وأنا سِره، نِرت نظر ڪر نيڪ،
آهي اهو ئي ايڪ، اَحديت ۾ "اَعجاز" چئي.

37 - احديت ۾ "اَعجاز" چئي، هر جاء ڄاڻج حق،
رندي ريت رسم جو، ساري سک سبق،
اندر مان احمق، تڙي ڪيِ تحليل سان.

38 - تڙي ڪيِ تحليل سان، آذر عزازيل،
تہ نيڻن ڪان نيڙو پَسين، جت ڪٿ رب جليل،
قلب منجھہ قنديل، ڪر روشن ربوبيت جو.

39 - حقيقت ۾ هيڪ ٿيو، مرشد ۽ مريد،
معنيٰ آھہ مزيد، التي هن اسرار جي.

40- ڪر روشن ربوبيت جو، ڏيئو راتو ڏينهن،
هٽج نعرو حق جو، نرتئون منجهان نينهن،
گڏڙ ۽ شينهن، حقيقت ۾ هيڪ ٿيا.

41 - **حقيقت ۾ هيڪ ٿيو صياد ۽ صيد،**
بي رنگ جي بازي جو، باطن آهي ڀيد،
وَرُ نہ لهي ويد، اٿي هن اسرار جو.

42 - **حقيقت ۾ هيڪ ٿيو، محيّ ۽ مُميت،**
عَليٰ ڪُلِ شَيءٍ مُحِيطٌ، هادي آهي حق جو.

43 - **حقيقت ۾ هيڪ ٿيو، آدم ۽ الله،**
اَنا احمد بلا ميمي، آهي پاڻ گواهہ،
وِيچو وِٿي ناهہ، پورا پُلج ڪيم ڪي.

44 - **قُلَ هُوَالله اَحَدُ، الله الصَّمَدُ سو ئي،**
لَمْ يَلِدْوَلَمْ يُوْلَد، ڪونهي تنهن ري ڪو ئي،
وَلَمْ يَكُنْ لَّہ كُفُوًا اَحَد، هادي هر دوئي،
دليئون دل جوئي، انهي ڪئي "اَعجاز" چئي.


45 - **جڏهن تڏهن اسين، ڪو سمجهي جيڪڏهن،**

جڏهن ڪم نہ هو ڪُن جو، تہ بہ هئاسون تڏهن،
تہ بہ هونداسين اسين، جڳ نہ هوندو جڏهن،
الحقيقت "اَعجاز" چئي، ٻڌايون چا ٻَڌهن،
هجڻ اسانجوهڏهن، ڪونهي جدا ڪنهن وقت ڪان.

46 - **ڪَيوسون بيک بشر جو، ٿي سيلاني سَير،**
ڪونهي ٻيو ڪير، اَسان ريءِ "اَعجاز" چئي.

47 - **اَسان رِيءِ "اَعجاز" چئي، نَاهي هَڏهن هُو،**
اسين بہ سُو بَسُو، هُن ري نہ آهيون هَڏهين.

48 - **هُو سان ٿياسون هُو وجي، هي هُو ڄاڻج هڪ،**
ڪنهن ڳالهہ ڪري لڪ، ڪيوسون بيک بشر جو.



همہ اوست

1 - هَمه اوستي حال کي، ڪو ڪُوپو هٿ ڪري،
انهي موج مَحويت جو، آهي پنڌ پري،
ريءِ اثباتي عشق جي، قدم ڪو نہ پري،
جو اول سر "اَعجاز" چئي، ڏڙان ڏار ڏري،
مٿي تنهن ڍري، لاشڪ حال همه جو.

2 - همه اوستي حال کي، حاصل حق حضور،
آهہ اِتاهين شرطاً، ذاتي جو ظهور،
منجهان منجهه پيدا ٿئي، تاب تجلو طور،

ائين اٿئي "اَعجاز" چئي، مچ اهو مذڪور،
آنورُ عليٰ نور، لاشڪ حال همہ جو.

3 - همه اوستي حال ڪي، ڪو هاتڪ وجهي هٿ،
وڏي آهي وَٿ، لاشڪ حال همه جو.

4 - همه اوستي حال ۾، هستي نہ حيواني،
شرڪ نڪي شڪ ڪو، نڪا شورش شيطاني،
هتي هر جاء حق ٿيو، عين العياني،
اثباتي "اَعجاز" چئي، بر سر باراني،
مخزن گنج معاني، لاشڪ حال همہ جو.

5 - همہ اوستي حال۾، جن وڃايو وجود،
اُوچ نيچ جو "اَعجاز" چئي، تن فرق ڄاتو فر سود،
جي اياز جي محمود چئو، جي ساجد جي مسجود،
مڙئي آ معبود، پڳي اوٿ عبديت جي.

6 - همه اوستي حال ۾، مَستي منَصوري،

چوڻ اَنَا الحَق جو، آهتي ضروري،
محو ڀانئج محويت ۾، وصل ۽ ڏُوري،
سوريءَ ري پوري، بات نہ بقا جي بنجي.

7 - **هــمــه اوســتــي حال جي، شاهد مستي منصوري،**
آهي انهيءَ سِر "اَعجاز" چئي ڪوس قتل سوري،
پئي سون سڌ پوري، حالت مان حلاج جي.

8 - **هــمــه اوســتــي حال ۾، چيو حلاجي حق،**
ڪري دوئي کي شِق، لنگهي لڪ لاجو ويو.

9 - **لنگهي لڪ لاجو ويو، نسنگ حلاجي نعرو،**
غوغاء تنهن غازي جو، هل حقيقت وارو،
عرشن ڪان اڳتي ڪيو، نيهي نظارو،
منصب موچارو متو شاهه منصور جو.

10- **لاجو لڪ لنگهي ويو، عاشق اوپارو،**
نيهي ۽ نيارو، نعرو شاهه منصور جو.

11 - **نعرو شاھ منصور جو، آزارن اوتار،**
پھريائين سروار، پوءِ پس تماشو تِنھنجو.

12 - **نعرو شاھ منصور جو، سالڪن سبق،**
جو پورو رھي پڙتي ڪاٺي سر حلق،
تنھن ڪي چوڏھن طبق، آجيان ڪن "اعجاز" چئي.

13 - **نعرو شاھ منصور جو، ھوبھو حُسيني**
درشن عيناعيني، احديت ساڻ "اَعجاز" چئي.

14 - **نعرو شاھ منصور جو، ناھي لَڪيو لوڪ،**
جن جي منجھس جھوڪ، عيان ٿيو انھن تي.

15 - **عيان ٿيو انھن تي، عجب راز انائي،**
ساري حالت حلاج جي آھي استغنائي،
وحداني وائي، مرڪ منصور ن جو.

16 - مــرڪ منصورن جو، دار مٿي ديدار،
انـــا وارو آر، واجب آهـــي ان جو.

17 - واجب آهـــي ان ڪي، چوڻ اَنا اَنا،
ويا جي فنافي الله تي، پڙهي پريمي پنا،
تني جي مَنان، پيو اڪر اُڀجهي ڪينڪي.

18 - لاشڪ حال هـمـه ۾، اثباتي عروج،
بقائي بُروج، ٿيو امر ۾ "اَعجاز" چئي.

19 - لاشڪ حال هـمـه ۾، گم اسين آهيون
ڪيئن ڪعبي ڏي ڪاهيون، ڪئي ڪعبي ڪاهه اسان.

20- لاشڪ حال هـمـه ۾، آهيون گم اسين،
ڏسڻ جي ڏسين، تہ عبديت ناهه "اَعجاز" چئي.

21 - الله الله ڪن جي، سي اجان اورئين پار،
آهي ملڪ اپار، اسان جو "اَعجاز" چئي.

22 - **الله الله ڪن جي، سي اجان اورا هون،**
اسين آڳاهون، هُوسان ٿياسون هو وجي.

23 - **هُو سان ٿياسون هُو وجي، هي هُو ڄاڻج هڪ،**
ڪنهن ڳالهہ ڪري لِڪ، ڪيو سون بيک بشر جو.

24 - **ڪيو سون بيک بشر ۾، تي سيلاني سير،**
ڪونهي ٻيو ڪير، اسان رِيءَ "اعجاز" چئي.

25 - **اسان رِيءَ "اعجاز" چئي، ناهي هڏهن هُو،**
اسين بہ سُو بَسُو، هُن ريء ناهيون هڏهين.

همہ حقيقت

1 - حاضر حال وصال جي، سمجهہ روح رِهاڻ،
جاري آهہ ميثاق ڪان، جي ءجي جيءِ ساڻ،
مَازَاغَ البَصَر سان، معنيٰ صورت ماڻ،
فَڪَانَ قَاب قَوسَين، جاءِ ملڻ جي جاڻ،
اتي سونهن سُرهاڻ، اثباتي، اَعـجاز چئي.

2 - حاضر حال وصال جي، ميثاقئون مقال،
اَلَست بِربّکُم تي، وائي لاءِ وصال،
قَالُو ا بَليٰ قلبئون چئي، بندي هن بحال،

بيشڪ ٿي بحال، بازي بات برھ جي.

3 - حاضر حال وصال جو، خوبان خوبي ڪيل،
نيڻن واري ناز سان، محبوباڻو ميل،
قتل ويل ڪُويل، سر سدائين سَٿ ۾.

4 - حاضر حال وصال جا، آشنا عارف،
تنين جا تعارف، تن جي قول ڪلام ۾.

5 - حاضر حال وصال جا، سِر عاشقن اِلهام،
عَلامُ الغُيُوب جا، پهچائن پيغام،
مخفي سندين مام، آهي عجائب اَعـجاز چئي.

6 - حاضر حال وصال جا، متي عاشقن مچ،
سَڙِي پَچِي سوز ۾، سچن چيا سچ،
ڪڍيا تنين ڪچ، ڪوڙن جي قلب مان.

7 - حاضر حال وصال جا، عاشق آگاهي،

آهن نازل انهن تي، احوال الواحي،
جن جو الله اصلاحي، سي ڪاڻ نہ ڪڍن ڪنهنجي.

8 - **حاضر حال وصال جو، سِر عاشقن ڪُلاهہ،**
اَمرونَهي جو اُن تي، ڪونهي گوڙ گُناهہ،
سڀ عِشق ۾ اَعـجاز چئي، ٿين معاف مُباح،
جن جو اصلاح الله، سي ڪا ڪاڻ نہ ڪڍن ڪنهنجي.

9 - **حاضر حال وصال جا، عاشق پاڻ ڪتاب،**
اَمرونَهي جو انهن تي، ڪونهي حق حساب،
سبق سبوري تن جي، صورت سوال جواب،
الف لام ميم جو مَتن خود خطاب،
عشق جو اَرڪاب، اَسپ اَعـجازا ان ڪي.

10- **حاضر حال وصال جا، سِر عاشقن آرا،**
پاڻ چيرائي پانهنجو، بار ڪنيئون بارا،
تن نيهِين جا نعرا، عالم ۾ اظهار ٿيا.

11 - **حاضر حال وصال سان، عاشق ٿيا اَمر،**
آين هٿ اَعجاز چئي، دمن وارو دُر،
سُر سان سَليئون سِر، ڪو سمجهي سِر انهن جو.

12 - **ڪو سمجهي سِر انهن جو، آٽي سِر اَڏي،**
ڪنڌ ڪَپائي قريب ٿئي، دمدم دل وڏي،
ڪنا مال مڏي، پالهو ڪري پاڻ ڪي.

13 - **ڪو سمجهي سِر انهن جو، اَڏي ۽ سِرُ رکي،**
ڪنڌ ڪپائي قريب ٿئي، بنجي لعل لکي،
ڳجهان ڳجهه پريم جي، ڏسي چاس چکي،
نہ تہ سمجهن ناه سُکي، اها رمز اَعجاز چئي.

14 - **ڪو سمجهي سِر انهن جو، بي سِر و بيباڪ،**
سالڪ الٽي سلوڪ جو، واچين الٽو واڪ،
اُلٽو اٽن ٽاڪ، اُلٽي گام اَعـجاز چئي.

15 - **اُلٽي گام اَعجاز چئي، اُلٽي رمز هنن،**

اُلٽي رمت انهن جي، اُلٽي ڪَهت ڪَهن،
اُلٽي ريت پريت سان، الٽي جهات وجهن،
الٽا دم ڇپن، الٽي چوٽ انهن جي.

16 - الٽي چوٽ انهن جي، الٽي چاٽي چاش،
الٽي راھ تلاش، الٽو آهين آئيو.

17 - اُلٽو آهين آئيو، الٽو وري ويندين،
اُلٽ بنا اي اُلٽا، ٽانء نہ ڪِٿ ٽيندين،
الٽو دم ڏيندين، اُلٽو وڻندين اَعـجاز چئي.

18 - الٽو آئين اَعـجاز چئي، اُلٽ ڪمائي ڏس،
الٽو وجي وس، الٽو پس پسڻ کي.

19 - الٽو پس پسڻ کي، الٽو پسڻ آھ،
الٽ ريءاونداھ، اٽئي الٽي عالم ۾.

20- اچي الٽي عالم ۾، الٽان الٽ الاء،

الثي مام ملاءِ الث سماء اندر ۾.

21 - الث سماء اندر ۾ ، اُلٽو ڄاڻ سُڄاڻ،
الٽو هيءاهڃاڻ، سمجهه صوفيءَ جي سر جو.

22 - سمجهه صوفيءَ جي سِر کي، سِر الاهي صاف،
ناهي لاف گذاف، صوفي سمايو سڀ ۾.

23 - صوفي سمايو سڀ ۾ ، صوفيءَ جي پس پريت،
ڪل شيء محيط، ٿيو توحيدي تصرف سان.

24 - صوفي سمايو سڀ ۾ ، پَسُ صوفي جي پرت،
نينهن بنا ناهيس ٻي، سُرت نڪا نِرت،
قرب واري ڪِرت، اُتاهون ڪيس اَعـجاز چئي.

25 - صوفي سمايو سڀ ۾ ، پس صوفي جي حڪمت،
پاڻهي پنهنجو پاڻ ٿيو، قلم قضا قسمت،
اعليٰ اتس عظمت، عجب ذات صفات سان.

26 - صوفي سمايو سڀ ۾، پَسُ صوفيءَ جو پِرياڻ،
پسڻ پسي پانهنجو، پُورو لڌئين پاڻ،
مٿاهون اٿس ماڻ، بَصيرت ۽ بينائي سان.

27 - صوفي سمايو سڀ ۾، پَسُ صوفيءَ جو سُپاءُ،
پاڻ ئي ڪعبو قبلو آ، پاڻ ئي قِبلي نُماءُ،
پاڻ ئي آهه هُماءُ، پاڻ ئي پاڇو تِنهنجو.

29 - صوفي سمايو سڀ ۾، هِي صوفيءَ جو تصرف،
اناالحق حرف، پڙهي پڙهايئين عام کي.

30 - صوفي سمايو سڀ ۾، صوفيءَ ۾ ڪونه سمايو،
ريءَ اسم ذاتيءَ جي، ٻيو نه منجهس مايو،
صوفي سوايو، هر جاءِ هر ڪنهن کيل ۾.

31- صوفي سمايو سڀ ۾، ٻنجي سُور سُرور،
قدم ڏريئين قونين تي، دم انهي کان دور،

پرڪي ڪو پهه پور، صوفيءَ سندي سِر جو.

32 - **صُوفي سمايو سڀ ۾، سُور سُرور جيئن،**
انهيءَ ڪري اَعجاز چَئي، ڪو ڪيئن ڀانئيس ڪو ڪيئن،
بي مثل سيئن، ڀَاڻ وَهيٺو ڀَاڻ ٿيو.

33 - **صوفي سڀ طرح ٿئي، صوفي طرح نہ ڪوءِ،**
اُهڃاڻ اهوئي هوءِ، صوفيءَ سندي سِر جو.

34 - **صوفيءَ سندي سِر جو، بيحد آهہ بيان،**
صوفي سر سبحان،اسم واري اوٺ ۾.

35 - **صوفيءَ سندي سِر ڪي، صوفي سڃاڻي،**
آئون جو نہ آڻي، اڳيان ڪڏهن ان جي.

36 - **صوفيءَ سندي سِر جو، سمجهڻ سُر دقيق،**
صوفي بحر عميق، گمنامي گرداب سان.

37 - صوفيءِ واري سُنگ ۾، اهل اٽڪل ناهہ،
رَوَش رِندي آهہ، ڪُپر واري ڪار سان.

38 - صوفيءِ واري سُنگ ۾، اهو ڪين اچي،
جو رواجي رسمون، روحئون ڪين رچي،
هت پچي پوءِ نچي، سو اچي پل "اَعجاز" چئي.

39 - صوفيءِ واري سُنگ ۾، جيڪو پاڻ پچائي،
يارانو يَڪتائي سان، لائي نيائي،
سو پلي سڏائي، صوفي مرتصوف سان.

40 - صوفيءِ واري سُنگ ۾، قائم هيءُ قانون،
لامقصود في الدارين الاهو، ظاهر ڪي باطون،
مايا مال متاع جو، اوسيئڙو نہ اُون،
مُحبتي مضمون، فهم سيڪاري فَذڪُر جو.

41- صوفيءِ واري سُنگ ۾، لُنگ بَند بنجي آءٌ،
تہ چکين سوريءِ ساءِ، پسين مشاهدو پرينءِ جو.

42 - **صوفي سوئي چئجي، جنهن جو پيءُ نہ ماءُ،**
لَم يَلِد وَلَم يُولَد، تِنهن جي صفت ثناءُ،
تَنهنکي ڪَانهي ڪاءِ، اِحتياجي جوڙ جُفت جي.

43 - **صوفي سوئي چئجي، جنهن جو ماءُ نہ پيءُ،**
لَمْ يَلِد وَلَم يُولَد، پاڻهي جيئرو جِيءُ،
تنهن سِر ڪونهي سيءُ، اَجل جو اَعـجاز چئي.

44 - **صوفي سوئي آھ، اَمان ابو نہ جنهن جو،**
لَم يَلد وَلَم يُولد جي، تنهن سِر سَرو پاھ،
ننگ ناموس جي ناھ، احتياجي تنهن اَعـجاز چئي.

45 - **سو صوفي ناهي سچو، جنهن ڪئي نہ صفائي قلب جي،**
ڪيني ساڻ ڪچو، ناقص آھ اَعـجاز چئي.

46 - **صوفي صرفو سِر جو، ڪڏهن ڪو نہ ڪري،**
اڏي ڪات ڪلال ڪان، واسي ٿئي نہ پري،

سُرڪي سوز گُداز جي، پِيو سُرت سَري،
مُورهئون سو نہ مَري، جنهن کي جام جياريو.

47 - **جنهن کي جام جياريو، جُڳ جُڳ سو جيئي،**
وَر وَر ڏيو وِرهہ جون، وٺيون پُر پيئي،
پاسي ڪيم ٿئي، سري ڪان سيد چئي.

48 - **سَروپي سَيّد چئي، صوفي ٿيو صحي،**
عَجب رَمز رَهي، اُنهي جي اَلقاء جي.

49 - **صوفيء واري سُنگ جو، عَلي پِير امام،**
هادي حيدر شاهہ جو، گودڙيو ڪل غلام،
مَن عَرَف نَفسَهہ فَقَد عَرَفَ رَبّهہ، قائم قول ڪلام،
تَسليم ڪيو طالبن، تنهن کي تَرتَمام،
سجدو ۽ سَلام، سُونهي دَر سيّد جي.

50- **صوفين واري سُنگ جو، علي پير اڳواڻ**

سِلسلي صوفين جو، سيّد آ سرواڻ،
پياريئين پرت وندن ڪي، مَئي سَندو مهراڻ،
سلي سِر سلوني جو، پڌر ڪيائين پاڻ،
خاص اهو اُهجاڻ، امامت جو اَعجاز چئي.

51- صوفين واري سُنگ جو، آقا علي پير،
لائق سِتائش سو، لائقِ توقير،
ڏُنگ پياريو ڏُرس ڪري، دليون دستگير،
فائز تنهن جي فياضي سان، فالم هي فقير،
من طلب شيءُ جَد وجَد، سخن سندس سڌير،
سيد سندو سِيرُ، مدد محتاجن جي.

52 - صوفين واري سُنگ جو، عَلي پير آقا،
عشق جا "اَعجاز" چئي، ڏيڪاريئين ڏاڪا،
فرض ڪيائين فقيرن تي، فقر ۽ فاقا،
اَنامَدينَۃ العِلمُ وَعَلِي بَابُها، چيو عربي پاڪا،
نانگا ملنگ نوازيئين، عارف عشاقا،
نينهن سِر ناڪا، تڏهن واجب ٿيا تنهن وير جا.

53 - صوفين واري سُنگ جو، آ سَر گروھ عَلي،
رهبر سو رحمٰن جي، راسخ راھ ڳلي،
تصوفيت جي تنهن وٽان، هردم واٽ هلي،
لُدني جي لقاء جو، واقف وير ولي،
ڪو نہ رهيو ڪو تنهن ڪان، راز خفي جلي،
انهي در اَعـجاز چئي، جهولي جنهن جهلي،
پُران پُر مِلي، تنهنکي ساترت ٿي.

54 - اڄ اڄوڪين صوفين ۾، ڏُوئي دَجالي،
پِنهن جي پاڻ سچاڻ ريء وينا سڌائن والي،
اِها چوراٽي چالي، هُوندين ٿورا ڏينهڙا.

55 - اڄ اڄوڪن صوفين جا، آهن دَجالي دم،
پنهن جي پاڻ پوڄائڻ لاءِ، ڪئين ڪريو ڏيکارين ڪم،
چڏيو مسلڪ محمدي، روڳي هٽن رم،
خامن سندا خم، هوندا ٿورا ڏينهڙا.

56 - **اڄ اڄوڪن صوفين ۾، وڏو ڏوهه نماز،**
ايڏي اِنهي ڏوهه ڪي، تون مَ ڇَڏج اَعـجاز،
هُو مَر هُجن شهباز، تون جهرڪي ئي سهي.

57 - **اڄ اڄوڪن صوفين ڪي، رنگ گيڙوءِ تي زور،**
سي اندر ڪارا اهنڪار سان شاهي ڪريو شور،
اڇيو چون اَعـجاز ڪي، اسين اَوران اَور،
تو وٽ ناهي طَور، تَجويزي تصوُف جو.

58 - **اڄ اڄوڪن صوفين جي، هن ڳالهه ڏنيم حيرت،**
جنهن وڃائي غيرت، سو سڏجي هيڪاندو حق سان.

59 - **اڄ اڄوڪن صوفين ۾، وڏو گوڙ گِنوار،**
انڌي عقل اَهنڪار ۾، آهن غرق غار،
عِلت غفلت آرس ۾، آهن تار و تار،
نڪا نرت نام جي، نڪي نام متان نثار،
وڃايو وتن وقار، اڳين وارو "اَعجاز" چئي.

60 - اڄ اڄوڪن صوفين ڪي، رنگ گيڙوء تي ذوق
نڪا تار طريقت جي، نڪي شريعت شوق،
نڪا سُڌ حقيقت جي، نہ معرفت ڏي منهن موڪ،
وتن ڀُلايو لوڪ، تجويزي تصوف سان.

61- پاڻهي وڍڻ پاڻ ڪي، صوفي سڪيا جي،
آهي انهن ڪي، پورو پٽُڻ پريت جو.

62 - پاڻهي وڍڻ پاڻ ڪي، سندو سچن ڪم،
ناهي دعويٰ دم، اِتي ڪنهنجو "اَعجاز" چئي.

63 - پاڻهي وڍڻ پاڻ ڪي، مشتاقن مرڪ،
تنهنڪي ڪن ترڪ، جا سُکيو رکي ساھ ڪي.

64 - حاضر حال وصال جا، عاشق آشنا،
انهن آمنا، مجي ڪانہ مرڻ جي.

65 - مجي ڪانہ مرڻ جي، تن ڳالھ ڪڏهن ڪائي،

هم مري تہ گرو مري، اٿن خُوءِ اهائي،
جهليئون جوءِ جائي، اَڪالي اَعـجاز چئي.

66 **مجين ڪونہ مرڻ ڪي، ڪيئون سر صَحي،**
تيا گم گُروءَ ۾، ڪاپڙي ڪَهي،
رَمزُن منجهہ رَهي، مارا تيا موت جا.

67 - **مجين ڪونہ مرڻ ڪي، مردن اِيءَ مَٽيا،**
سُبحَان الذي اَسريٰ، باقي ذات بڻيا،
واحد ڪي وڻيا، ڪونهي ڪالُ انهن تي.

68 - **مارا تيا موت جا، حال وَندا هر جاءِ،**
ڪال نہ اچي ڪڏهين، تن جُنگن سندي جاء،
اُهي قائم پانءِ، دائم دُر اَعـجاز چئي.

69 - **دائم دُر اَعـجاز چئي، ڪَل جُڳ ۾ ڪَامل،**
شَفقتون ڪن سڀ تي، سڀ سان تي شامل،
سيناميارا نامِل، هادي هر دوجهان ۾

.

70 - هادي هر دوجهان ۾، هيڻن سان حامي،
ٻاجهون ٻاجهارن جون، محڪم مدامي،
غم جي غمامي، لاهيو وجن لِڪ ۾.

71- هادي هر دوجهان ۾، هيڻن جا همراهه،
ناقص نوازڻ، پَستن پُشت پناهه،
بي واهن جا واههُ آڌر اَڙين "اَعجاز" چئي.

72 - هادي هر دوجهان ۾، حامي هيڻن ساڻ،
آهن اهي "اَعجاز" چئي، هر مُندا مهراڻ،
تني ڪنان ڄاڻ، آبادي ڪل عالم جي.

73 - هادي هر دوجهان ۾، آمون ۾ اڪسير،
آهن خود "اَعجاز" چئي، قدرت ۾ تقدير،
تن اڳيان تدبير، هلائج ڪانهَ هڏهين.

74 - هادي هر دوجهان ۾، پار وڏي سان پرَ،

سبحان سِر انهن جو، هو سبحاني سِر،
ڪن عطائون ڪُل تي، ڪُل متي قادر،
محبتي ماهر، معرفت واري ملڪ جا.

75 - **ڪشف ڪرامت ڪانيءِ جي، اها اوراهين حد،**
حد ڇڏي هاديءِ ڪي، لوچج مَنجهہ لاحد،
آڻ اُتان "اَعجاز" چئي، ڪا سچي سُڌسَند،
اَزلي پاري عهد، تي مَحَض گم محبوب ۾.

76 - **ڪَشف ڪرامت ڪانيءَ لاءِ، مورک ڪڙهيو ڪڙهن،**
ڪوڙي فن ڪردار ۾، ابليس جيئن اَڙن،
عاشق تي الله جا، چو نہ چوٽن سر چڙهن،
اڪر اڏائي نہ پڙهن، عشق وارا "اَعجاز" چئي.

77 - **ڪَشف ڪرامت ڪانيءَ ڪي، ويجهو ڪيم وجيج،**
اِهي ٿول اَعجازچي، پورا ٿيئي پجيج،
سِر فدائي سالڪيءِ ڪي، محبت ساڻ مجيج،
تي ساجد سر سجيج، اوڳا اڳيان عشق جي.

78 - **ڪَشف ڪَرامت ڪانيءَ تي، بانور ڪوهه ڪرين،**
تنهن واحد کي نہ گُهرين، اِهي وَٽون جنهن واحد جون.

79 - **ڪَشف ڪرامت ڪانيءَ تي، ڪيئن ٿا بانور ڪن،**
اهي وَٽون جنهن واحد جون، تنهن کي چو نہ گُهرن،
فَاذڪُرُونِي اَذڪُرڪُم جو، وساريو فهم وتن،
ڪير چوي سچ تن، جن جو ناهي عشق الله سان.

80 - **ڪَشف ڪرامت ڪانيءَ ڪان، پنهنجو پلج پاڻ،**
اهي صفتون آريتيون، سپ سائين ء سنديون ڄاڻ،
عاشق تي اَعـجاز چئي، سچو سر سڃاڻ،
ڄِني ڏاهپ ڏاڻ، ماڻ مشاهدو حق جو.

81- **اِهو نہ حال حقيقي، جِيئن پراوا پرکين عيب،**
پنهنجو پاڻ پروڙ تون، ڇڏ ٻيا ڦند فريب،
جي گم ٿيا منجهہ غيب، تن ڄاتو سپ ڪنهن ڄاڻ کي.

82 - ٻَن ڪَشف ڪرامت ڪي، ٻَن پاراتو پٽ،
عاشقن اَعجاز چئي، ڳنئي نہ ڪوٽي ڪِٽ،
پڙهيئون سِڪڻ سِٽ، ٻيو حرف نہ ڄاڻن هيڪڙو.

83 - اِهو نہ حال حقيقي، اهو نہ خيال خدائي،
ڪرين جُفارن جو تشين جان، ڪوڙي ڪمائي،
عشاقن واري "اعجاز" چئي، توکي موج نہ آئي،
ڇڏيو سڪ سچائي، ٿو پاڻ پوڄائين پانهنجو.

84 - اِهو نہ حال حقيقي، اهو نہ خدائي خيال،
ڪرڻ ڪرامت ڪانيءِ جو، هڏهن ناهہ حَلال،
اِهو ابليساڻو حال، آهي مخالف عشق جي.

85 - اِهو نہ حال حقيقي، اهو نہ عشاقن آثار،
جيئن وينو پاڻ پوڄائين، ڪوڻايو ڪرامت دار،
اهو ابليساڻو پار، آهي مخالف عشق جي.

86- اِهو حال نہ حقيقي، اهو نہ عاشقن مَرڪ،

ابجدواري اسرار تي، هاريا ڪيم هِرڪ،
موحدن وانگي "اَعجاز" چئي، ڪر ڪوڙي ڪٽ ترڪ،
اهو انڌو ڏَرڪ، آهي مخالف عشق جي.

87 -نقش ڪنهن نيهيءَ جو، شوقئون ڪر شامل،
بَندو بَردو برهه جو،ٿي عابد ۽ عامل،
عشق جني ڪامل، سي ڪنهن ڪان ڪنبن ڪينڪي.

88 - مورت پير محقق جي، صورت سيني سماءِ،
ڪري تسليم تنهن کي، حاضر رُوءِ رهاءِ،
انهي سان "اَعجاز" چئي، روح رهاڻي لاءِ،
پرت ساڻ پچاءِ، نقش نظارو حق جو.

89 - هو جوڳيئڙا جامع، هئا هيراڪ حق جا،
رهيا شامل شريعت سان، طريقت تابع،
هينئڙا تن جا حقيقت تي، روح رب ڏي راجع،
من اُنهن جا واسع، ڪيا مام معرفت جي.

90 - نہ مون جمال نہ ڪمال ڪو، نہ مون حال نہ خيال،
ڪهڙي پَر سان پاڻ کي، آئون سڏايان لال،
جي پلو ڪري پال، تہ آچارو ٿيان "اَعجاز" چئي.

91- نہ مون جمال نہ ڪمال ڪو، نہ مون حال نہ هوش،
ڪهڙي پَر سان پاڻ کي، آئون سڏايان سُبڪدوش،
تنهن ڪري آهيان خاموش، اڳيان هر ڪنهن اَعجاز چئي.

92 - نہ مون جمال نہ ڪمال ڪو، نہ مون حال نہ حَريفائي،
آهيان نِسورو "اَعجاز" چئي، جاهل غافل جائي،
اصل مت نہ آئي، مونکي ماڻ ڪرڻ جي.

93 - نہ مون جمال نہ ڪمال ڪو، نہ مون خوف نہ خوشي،
اچيو خوشامدڙيا "اَعجاز" چئي، هر هر ڏين هُشي،
تن جي ڏَونس ڏُسي، مونکي ڪندي ڪا نہ ڪا.

94 - نہ مون جمال نہ ڪمال ڪو، نہ مون حال نہ هيچ،
تون ڏاتر ٿي کي ڏيج، تہ مرڪايان مُنهن "اَعجاز" چئي.

95 - **جڏهن هيڪائي هيڪ هئي، نہ هو ويچو وار،**
اهو تڏهن "اَعجاز" چئي، ڪٿي هو تڪرار،
جيڪو هاڻي بار بار، واريو وجهين وچ ۾.

96 - **جڏهن هيڪائي هيڪ هئي، نہ هو ويڇو وِڇور،**
اهو تڏهن "اَعجاز" چئي، فتنو نہ هو فتور،
جيڪو هاڻي ضرور، آڻيو وجهين وچ ۾.

97 - **جڏهن هيڪائي هيڪ هئي، نہ هُئي وار جُدائي،**
اِها تڏهن "اَعجاز" چئي، هُئي ڪٿي ٻيائي،
جو هاڻ مڃايو وائي، ٿو وَڏين اندر ويٺن سان.

98 - **دل جي رمز رفتار ڪي، حاصل ڪل ڪمال،**
جتي پير نہ پچڻا، اُت ماڻي دل وصال،
بيشڪ آهه بحال، ميلو معراج دل سان.

99 - **دل جي رمز رفتار ڪي، سمجهه بُراق بجاءِ،**
ذرو گهٽ نہ ياڻءِ، دل جي وجڻ ورڻ ڪي.

100 - **دل جي رمز رفتار ڪي، ريلون ڪين رسن،**
ڪوهہ ڪروڙين پَل ۾، دليون ڪن ملن،
ڳالهہ عجب "اَعجاز" چئي، پوءِ جيڪي جيئن سمجهن،
حضور بہ حاصل تن، جن دل هلائي دلبر ڏي.

101- **جي دل نہ هلي دلبر ڏي، تہ پيرن ڪهڙو وس،**
وِڪ نہ ڪڇندي هڪڙي، توڙي گهاڙو هجي گس،
عضوا سپ اَوس، آهن بردا دل جا.

102 - **دل جي حال خيال جي، دل وارن آگاهہ،**
دل بہ مانند ماڻهو جي، ٿي رکي شڪل شباهہ،
ڪَن اکيون "اَعجاز" تنهن ڪي، سر منهن ساهہ پساهہ،
اسم جسم لهو لحم، ۽ رنگ سفيد سياهہ،
دل سان ملي دل ڪي ٿو، علم عشق اٿاهہ،

آهيان آئون به گواهه، دل جي دم درجات جو.

103 - تجلو تاريڪي ۾، احــمــدي اهجاڻ،
سونهن سهائو سوجهرو، سالڪ سمجهه سڃاڻ،
آهي پاڻ "اَعجاز" چئي، ٻيو مور نه ڄاڻ،
ماٺ صبر سان ماڻ، پَر ۾ مشاهدو پرين جو.

104 - قلب قنديل جن جو، چت چراغ مثل،
نور عليٰ نور جو، تن ۾ تيل تجل،
انهن ڪان "اَعجاز" چئي، پرين نه پري پلُ،
تني مٿي تِلُ، حرف نه هو تاڻن جو.

105 - قلب قنديل جن جو، ڏيئي مثل ڏيل،
اندر ٻاهر اُن جي، جملي نور جميل،
آٽيو ڪِيمَ "اَعجاز" چئي، تن ۾ شڪ دليل،
ڪوهياري ڪيچ ڏٽيءَ جو، سوجهيو وطن سبيل،
آرياڻي اصيل، لڪو نه لوچيندن ڪان.

106 - هيئون هلي جن جو، سي پيرين پنڌ نہ ڪن،
بي پا هليو برهہ سان، پل ۾ ڪيچ پڄن،
ڪوهہ ڪشالا ڪرڻ جي، ناهي مهم مٿن،
سي جيڏهن اک ڪٽن تيڏهن پسن پُنهون کي.

107 - هيئون هلي جن جو، سي پيرين ڪن نہ پنڌ،
هلي ڳارڻ هوت، جي ڪو نہ پڇن ڪو هنڌ،
جيڏهن ڦيرين ڪنڌ، تيڏهن پسن پنهونءَ کي.

108 - هيئون هلي جن جو، تن جي پيرين تان پنڌ معاف،
اصل ناهہ انهن تي، ڪوهہ ڪشالو ڪاف،
ائين "اَعجاز" ٿو چوي، صاف صفا مصحاف،
آهي سڀ انصاف، دل جي رمز رفتار کي.

109 - هيئون هلي جن جو، تن وڪان ويجهو ڪيچ،
پير نہ پڄن پنڌ کي، نڪي ٻيو پهہ پيچ،
اشارو هي "اَعجاز" چئي، سمجهي ٿي سر ويچ،
منجهئون وجي ميچ، هينئڙو هوت پنهونءَ سان.

110 - هيئون هلي جن جو، تن وِڪان ويجهو هوت،
هاڙهي حَب هلڻ جو، ان تي ڏمر نہ ڏوت،
نڪي مٿن موت، نڪي قيد قبر جو.

111- هيئون هلي جن جو، تن وڪان ويجهو وَرُ،
بي پالنگهي بر، پسن سي پرينءَ ڪي.

112 - هيئون هلي جن جو، سي سدا حضوري،
ناهي دم دوري، آرياڻيءِ جي اُن ڪان.

113 - هلڻ هئين سان هوت ڏي، هاريون حق ٿيو،
جڏهن هينڙو هلي پيو، تڏهن لٿو پنڌ پيرن تان.

114 - ڏوريو ڏوريو ڏونگر ڪي، جيئن وريو ڏوريان،
تہ بہ اُهائي ڳالهہ "اَعجاز" چئي، آئون نہ ٿي اوريان،
ڪهڙي منهن چوريان، ڳجهي ڳوڙهي ڳجهہ ڪي.

115 - ڏوريو ڏوريو ڏونگر ڪي، وريو ڏوريان جيئن،
تہ بہ ڳالهہ اُهائي "اَعجاز" چئي، تهڙي آهي تيئن،
ڪهڙي منهن سان ڪيئن، ڪريان پڌري پاڻ لاءِ.

116 - ڏوريو ڏوريو ڏونگر ڪي، ڏوريان وريو وريو،
تہ بہ ڳالهہ اُهائي "اَعجاز" چئي، نڪري سيني مان سُريو،
جيڪي مون مَن گهريو، سو مون ئي من مون ڪي گهري.

117 مُنيءِ ماٺ نہ اچڻي، ڪنيءِ قرار نہ ڪرڻو،
ڏيهان رات ڏکن جو، ڏونگر پيس ڏرڻو،
ڪيچان اوري "اَعجاز" چئي، نا ويچاريءَ ورڻو،
ٿيس نالي ماتر پرڻو، سڄو سهاڳ نہ سنيري.

118 - هت نہ جانب مئيءِ جو، هت نہ جياپو،
نڪي سيڻ سڄڻ ڪو، سڱ نہ سياپو،
پنهنجا اوري پاڻ سان، سور پرينءِ ڪان پوءِ،
ڪتڻ چڏيئين ڪاپو، آتڻ ارت "اَعجاز" چئي.

119 - نڪي اٿم ست ڪو، نڪي اٿم ات،
ته به چون پيا ڪت، صبحاڻڪي صبوح لاءِ.

120 - نڪي اٿم ست ڪو، نڪي اٿم عقل،
ته به چون پيا ڪت ڙي، پوري هَڏُم پل،
اج اتي ڪر ٻَل، صبحاڻڪي صبوح لاءِ.

121- نڪي اٿم ست ڪو، نڪي اٿم سُٽ،
نڪي آتڻ ارٿ، نڪوات "اَعجاز" چئي.

122 - هينئون هلي جن جو، سي پير نه پٽ پائين،
نڪي ڏورن ڏونگر ڪي، ڪيچ نه پڇائين،
وِڪان ويجهو پائئين، وصل وراڪو پنهونءَ سان.

123 - جنهن جو مثل نه مثال ڪو، نڪو آر نه پار،
اتي جو "اَعجاز" چئي، ديکيندي ديدار،
پيا وير وِماس ۾، پائي حيرت هار،
تن ڪان ڪال قهار، ڏوران ئي ڏور پجي.

124 - **جنهن جو مثل نہ مثال ڪو، صفت نا صفات،**
اسم جسم ٿيو اور تي، تون اڳتي ڪر اثبات،
پاءِ حقاني حق ۾، جهاتيء منجهان جهات،
تہ بقا واري بات، اچئي هٿ "اَعجاز" چئي.

125 - **جنهن جو مثل نہ مثال ڪو، نڪاموت مقال،**
اتان جا "اَعجاز" چئي، پيا جني ڪي جال،
تني جيءَ سنيال، حاصل مونکي حال ٿيو.

126 - **جنهن جو مثل نہ مثال ڪو، تنهنجو مزو ماڻ،**
عقل ۽ دليل ڪان، اڳتي چاڻ اُماڻ،
اُتان هين ڪا آڻ، اونهي خبر "اَعجاز" چئي.

127 - **جنهن جو مثل نہ مثال ڪو، تنهنجا ماڻ مزا،**
سزا ۽ جزا، اُتي آهي ڪا نہ ڪا.

128 - **جنهن جو مثل نہ مثال ڪو، نڪي روپ نہ رنگ،**

آديسي ويا اوڏھين، منجھئُون ڪري مَنگھہ،
ھتي پَرُ نہ ڦنگھہ، لڳي لاھوتين جو.

129 - **جنھن جو مثل نہ مثال ڪو، نڪو رنگ نہ روپ،**
نڪا چَانو نہ چِت ڪا، نڪا اس نہ ڏوپ،
ڪو قلندر ڪُوپ، ويندو اُت "اَعجاز" چئي.

130 - **جتي آھہ نہ ناھہ ڪا، اتي لَڏَمَ لاھہ،**
اڳيرو "اَعجاز" چئي، نام ھلي ڪو ناھہ،
رک اھا ساڃاھہ، جنھن سان پسين پرينء کي.

131- **انڌن ليکي آدم، سڄن ليکي سائين،**
آھي ڳالھہ سڀ ڪنھن جي، پنھنجي سمجھہ تائين،
سائينء کي جيئن ڀانئين، آھي تيئن "اَعجاز". چئي.

132 - **انڌن ليکي آدمي، سڄن ليکي اللہ،**
جنھنجو ڏسڻ جيترو، تيترو تنھن ويساھہ،
انڌن سڄن ۾ "اَعجاز" چئي، فرق اھو ئي آھہ،

هِن منو ڪيو ساهہ، هُن لاٿو سانگو ساهہ جو.

133 - **اکين سچا ڪوڙئين، قلب سچا قليل،**
اها جوڙ "اَعجاز" چئي، جوڙي رب جليل،
ڪجي ڪِٿ اپيل، قلب سچن جي قحط جي.

134 - **هَڙ حقيقي حال جي، ڪنهن ڏني ڪٿان آئي،**
جا پاڙهي پيدا ٿي پئي، سا ڪنهن جي جاڻان جائي،
ڪانهي پرائي، آهي پنهنجي "اَعجاز" چئي.

135 - **هڙ حقيقي حال جي، جن پاڻ منجهان پاتي،**
انهن سِر "اَعجاز" چئي، ڪُزن ڪُر ڪُر لاتي،
ڪو آهي پڙياتي، جو چوي سچ سڙين ڪي.

136 - **هڙ حقيقي حال جي، جنهن منجهئون منجهہ لڌي،**
اچي تنهن تي "اَعجاز" چئي، گُر گن گهوپي بڌي،
سچي ڳالهہ سِڌي، چئي ڪير ڪُزن ڪي.

137 - ھڙ حقيقي حال جي، جڏھن لڌي جن،
تڏھن منجھان تن، ملي بشارت حق جي.

138 - ھڙ حقيقي حال جي، جن جڏھن لڌي جيئن،
تن تڏھن ڏني تيئن، ھر ڪا گواھي حق جي.

139 - اللّٰه وڏو طامع، جنھن بئي جڳ جوڙيا پاڻ لئہ،
اتس سدائين اڪ ۾ ، جھان جملي جامع،
متس ڪو مانع، اسان نہ ڏنو "اَعجاز" چئي.

140 - اللّٰه وڏو آڱو، جنھن بئي جڳ جوڙيا پاڻ لئہ،
ڪو نہ ٿئي ڪو تہ جيترو، تنھن منجھہ طامائو،
جو ٿيندو تا ڪائو، تنھنکي سائين سَھندو ڪين ڪي.

141- مڱڻي دران نہ مڱ، مڱ دران ڏاتارجي،
اھڙو ئي آھہ "اَعجاز" چئي، لائي ڏسي نہ لنگُ،
راول دران رڱ، جن لڱو سي لعل ٿيا.

142 - روضي ڏٽيءَ رڱيا، ڪوڙئين ڪئين ڪا ڍوڙ،
لکين لعل اَبدال ڪيا، جانب سندي جوڙ،
ڪاهوڙي اُتان ڪوڙ، عاشق ٿيا "اَعجاز" چئي.

143 - روضي ڏٽيءَ رڄائيا، تاسيارا ڪئين توجه سان،
اندر جا"اَعجاز" چئي، پولا پوت پڄايا،
پيرل پُڄايا، اڻ لکيا انگڙا.

144 - روضي ڏٽيءَ جي رنگ، رتو رول رلين ڪي،
حسن واري حڪام سان، ڀهگڻ هنيا ٻَنگ،
وارث وِڏا وَنگ، عشق سندا "اَعجاز" چئي.

145 - محبت رکي من ۾، رَم روضي ڏٽيءَ ڏانهن،
اُتي عشق الاهي جو، اکٿ آهي آنهن،
تنهن داتا در دانهن، ته اونايئي دانهن "اَعجاز" چئي.

146 - محبت رکي من ۾، روضي ڏٽيءَ ڏي رَمُ،
اي در حسيني در آ، حُر سندو هردم،

عجز عجيب "اَعجاز" چئي، اُتي ني ۾ نَم،
آڻ نہ غير وھم، پير مُغان جي پڙ ۾.

147 - پرين اُھي پڌرا، جي ڊِلايون ڍَڪين،
بِنَھ ڪين بھلول چئي، عيب بديون اُپٽين،
ظاھر باطن ڪنھنکي، مُنھن ۾ مور نہ ڏين،
لِلّٰهِ ڪارڻ ٿين، اَجھو اَوِ ڳِٽين جو.

148 - اوڏو وڃ مَ الله کي، نالو ڪوم ونينس،
ذاتي صفاتي سگڙا، چني سڀ چڏيندس،
سلسلو سلام ڪلام جو، قطع تمام ڪرينس،
جڏھن رضا رکي تنھن جي، تڏھن رضاتون بہ رکينس،
تھان پوءِ ڳِنديينس، موتي من محي الدين چئي.

149 - نڪو شِر شيطان کو، نڪو سحر وري،
نڪو جِن پوت کو، نڪو ديو پَري،
ھري رام ھري، ھمه آ "اَعجاز" چئي.

150 - **ڪنڌ ڏيئي ڪات کي، ڪنڌ تي پيو ڪات،**
سچي آهہ "اَعجاز" چئي، بيشڪ اها بات،
سمجهي اي سخنات، ڪو صاحب سورهہ دل جو.

151- **جيئن هرڻ هلاڪ ٿئي، برپٽ سمجهي آب،**
تيئن بندي بي بصيرت جو، آهي هوش حساب،
جو منجهس سر سيراب، سر مور نہ پسي محيّ الدين چئي.

152 - **ڪڏهن دل درياء جان، ڪڏهن ڪسيء ڪان بہ ڪَسي،**
ڪڏهن تارو تار وَهي ڪڏهن آهہ تَسي،
ڪڏهن رهي رَسي، ڪڏهن اَرسي "اَعجاز" چئي.

153 - **ڪڏهن مُنهن پون، ڪڏهن پرداڪن پريت لاءِ،**
اڪر ٻئي "اَعجاز" چئي، وٽيا مونکي سندن،
جيڪا چال چلن، سا مُباح محبوبن کي.

154 - **دلــبــر واري دل لاءِ، تي پَئہ ســجو دِل،**
تہ دلبر توتان دل، اصل نہ لاهي "اَعجاز" چئي.

155 - جيڏھن گھٽي گُھر، وجڻ واجب اوڏھين،
اڻ گُھريا "اَعجاز" چئي، ڪا نہ لَھندا ڪر،
ڪري پڪيءَ جا پَر، اڏر اُنھي پار ڏي.

156 - پارس ۾ پوتر، پر ڪڻ ناھن سُترا،
آھن لڪل "اَعجاز" چئي، املھ سچا گوھر،
ڪي در سچاڻن دُر، ڪانھي جاڻ ٻين کي.

157 - عجب خودي عشق جي، عجب خُوءِ خيال،
عجب حال چال سان، عجب بات بحال،
عجب جوش جلال، عجب عجز "اَعجاز" چئي.

158 - پيتيون جن پُر ڪري، وتيون ڪيف ڪڪوھ جون،
اندر آڳ عشق جي، تن ٻارھيوئي ٻري،
سوريءَ ري نہ سري، انھن جي "اَعجاز" چئي.

159 - اَجھي علي شاھ جي، عاجز جي آيا،

پَڙَ پوتا انهن جا، ڊول پرين ڊايا،
پارس پهرايا، تنڪي پوت پريت جا.

160 - **اَجهي علي شاهه جي، آءٌ تہ لهين مانُ،**
جوئي مڱندين سوئي ملندُئي، دران تنهن جي دان،
عَينُ اليَقِينُ "اَعجاز" چئي، سيد سر سبحان،
اتئي جي ايمان، تہ ديڪ نہ ٻيا در مڱڻا.

161- **جي نہ سُڪائئي ساهه کي، جيت ڪوريئڙي جيئن،**
تہ اونهي مان "اَعجاز" چئي، مڇُ مارينديں ڪيئن،
سُرت سالڪيءِ سينءِ، پيهي وڃ پاتار ۾.

162 - **ڪاهه ڪلاچي ڪُن تي، گهاتو ڪري گهور،**
ڪپر تي تون ڪيترا، پيو پچائيندي پور،
اول ماري مڇ کي، پوءِ ڪج ٻيا مذڪور،
نہ تہ سندا وين سور، پيا چٽڪندئي چت ۾.

163 - **ڪاهه ڪلاچي ڪُن تي، مانجهي ڪر نہ موٽ،**

مَئي مَتي مڇ تي، چريو ٿي ڪر چوٽ،
عقل وارن اوٽ، ايندئي ڪم نہ "اَعجاز" چئي.

164 - جيئن تارن ۾ چنڊ، تيئن لاکو چام لکن ۾،
سندس سخا جو گهنڊ، ٿو وڄي ويل هر ڪنهين.

165 - جيئن سو پڊرو سج، تيئن لاکو چام لکن ۾،
ڪوڙئين ڪُر نشون ڪِج، اڳيان تنهن "اَعجاز" چئي.

166 - لاکا تنهن جي لاڳ، لکين لوڪ نوازيا،
جاني پنهنجي سخا جي، وار اسان ڏي واڳ
تنهن جي آهي آڳ، هزارن حاتمن تي.

167 - نينهن جنهين جو نام، سو نفعو پڇي ڪينڪي،
التي چال عشق جي، الٽو سندس ڪام،
گهانگهي گلا گوڙ سان، تنهنجو سير تمام،
عجب آهه "اَعجاز" چئي، مونکي هي مدام،
نہ صبح توڙي شام، نينهن چڪي پيو نانهہ ڏي.

168 - جو لائق ڪَيئي لائق ڏٽي، تنهن لائق نہ آئون لائق،
ادنيٰ آئون "اَعجاز" چئي، تون فيض پريو فائق،
شاها هي شائق، تنهن جي ڳُڻن ڳڻائيو.

169 - هُو آ منهنجو حال، آئون پڻ حال ان جو،
هو خود خيال هن جو، هي آ هُن جو خيال،
خيال ملي ويو خيال ۾، ميسر ٿيو وصال،
ڪندو ڇا مون ڪال، اڃي هاڻ "اَعجاز" چئي.

170 - محبت جي ميدان ۾، نہ ساهمي نہ سير،
سودو صفا سر جو، ٻيو ڦند نہ ڪو ئي ڦير،
پاءِ ايڏاهين پير، ڇڏي حد حِساب جي.

171- محبت جي ميدان ۾، سڌڙيا سر نہ ڏين،
اجل سامهون "اَعجاز" چئي، ڪي ڪي ڪُڏي ٿين،
نايو نايو نين، عاشق سر اڏيءَ تي.

172 - ڪارھن پائي ڪنڌ ۾، ڪِل خواري ڪڻ،
عشق سان "اَعجاز" چئي، حقي نعرو ھڻ،
وھمن سندو وڻ، وڍي ڪڍ وجود مان.

173 - ڪارنهن پائي ڪنڌ ۾، ڪُڏي قرب ڪماءِ،
ملھي مَرڪي پڙ ۾، محبت ڪي ملھاءِ،
ارڏو ٿي "اَعجاز" چئي، پيرُ نہ پنتي پاءِ،
لِڇڪي تون نہ لڳاءِ، داغ پنھنجي پشت کي.

174 - جي سگهو اٿئي تہ سِگهُ، نہ تہ سک نہ پوءِ سنبر ندين،
عشق سان "اَعجاز" چئي، ٿاريءَ ٿاريءَ ٿڪ،
لائي لنئون نہ لڪ، اھو مرڪ نہ مشتاقن جو.

175 - مجازي موھيا ڪيترا، حقيقي موھيو ڪو،
ھيءَ چڏي ھُن کي، جاڳي رسيو جو،
سچو آھي سو، آديسي "اَعجاز" چئي.

176 - جيئن چھائي، چاپر بير جي تيئن مرض مجازي،

اِتاهين "اَعجاز" چئي، ڪو ڳوءِ ڪٽي غازي،
نہ تہ هزارين بازي، هاري ويا ان حرص ۾.

177 - پَروڙج پچار، اُلٽي هيءِ "اَعجاز" چئي،
جن نہ سڃاتو حق کي، مٿي تن نہ ميار،
مُنا سي مڪار، جي ڄاڻي ڄاڻوئي نہ ٿيا.

178 - محبت مشڪ عطر، جو لائي سو سُر هو لڳي،
هن جو هڪڙو ترُ، هوڏهن ڪوڙ ڪستورين جا.

179 - محبت مشڪ عطر کي، لائين تان اڄ لاءِ،
نہ تہ صبحاڻي سيڌچئي، ڪندين هاءِ هاءِ،
گهاٽو هڏ نہ پانءِ، ان قطري ۾ سيڪي اٿئي.

180 - محبت آهي پاڪ، ناپاڪ آهين تون،
ٿيندين پاڪن پاڪ، انهيءَ جي اوصاف سان.

181- محبت پاڪ ڪري، ڏويو دل وجود کي،

اٿئي ائين "اَعجاز" چئي، سُٺج ڏيان ڏري،
جيڪو محبت ريءِ مري، سو مسلمان نہ مُورهين.

182 - جو دم جيئين جڳ ۾، سو دم محبت ڪر،
محبت ڏاران ڪيڏهين، دم قدم نا ڀر،
پَلي لائين سان پر، پيو گهڙولا پرت جا.

183 - محبت مشڪ عطر جي، ڪهڙي ڪنورن ڪل،
جي ڊريا سدائين ڊوندي تي، ور ور پائي ول،
اُن تي آچ اُچل، ڪر نہ "اَعجازا" عشق جي.

184 - محبت ڪي مذاق، جي ڄاڻن تا اڻ ڄاڻ تي،
آهن سي "اَعجاز" چئي، ڪوڙا ڪُز قزاق،
اُنهن جي اوطاق، وڃڻ واجب ناهه ڪي.

185 - محبت جهڙي ميٺ مان، ڄاتو ڪين چٽن،
لاشڪ شاهہ "اَعجاز" چئي، نصيب ئي نہ هين،
جو مُنجهي منجهہ چٽن، ماڪيءِ ڪان محروم ٿيا.

186 - جو دم جيئين جڳ ۾، سو دم محبت وندہ
ماندا ٿا مندل ٻيا، ماڳهين ڪيم منڊ،
خالي پندي پنڊ، ايندئي نہ ڪم "اَعجاز" چئي.

187 - مُعجزو محبت جو، مردا جياري،
قم جو اکر "اَعجاز" چئي، تو اُتڻ سيکاري،
پُر تو پياري، ڪاسا ڪيف ڪکوہ جا.

188 - محبت جن جي من ۾، سي طالب توڙان توڙ،
اُلوهيت ۾ "اَعجاز" چئي، ڏني انهن اوڙ،
تن سر سونهن موڙ، وحدت جي ونهاءُ جا

189 - محبت ريءِ نہ ڪو، مليو محبوبن کي،
پِيُم اهو "اَعجاز" چئي، پرو هاڻ پڪو،
حُب کي هَڪو تَڪو، آ واصل حال وصال جو.

190 - محبت مرندي ڪانہ ڪا، ماڻهو مري ويندو،

ائين ٿيو آ ٿيندو، اڳي پوءِ "اَعجاز" چئي.

191- محشر ڏينهن ميزان ۾، توريندا سڀ تول،
ياري محبت ٿيندي اُتي، منجهه ترازي تول،
پوءِ ريزالا رول، هٿندا هٿ افسوس جا.

.

192 - حضرت حسن جناب، پاڙي پيچ قلب جو،
قُوت سُڪوت تنهنجو، رُون رُون راڳ رباب،
شهرت لاءِ شراب، اٿس مُفيد "اَعجاز" چئي.

193 - اڪ اڪ سان لاءِ، لوٽان مار مَ لوڪ ڏي،
مچ مچائي من ۾، پيهي پاڻ پچاءِ،
عشق سان "اَعجاز" چئي، رِندي رمز رچاءِ،
عڪس پرينءَ جو پاءِ، عاشق دل اڪين ۾.

194 - محبت مشڪ عطر، جيڪو لائي سو سرهو لڳي،
اهڙي ذات سو غات مان ڪافي آهي تر،
پر ڪونهي يار قدر، اناسن "اَعجاز" چئي.

نامون نيهي يار جو

1- ٺامون نيهي يار جو، بسم الله سان آيو،
اَلحَمدُ لِلّٰه اظاهر ڪري، هيئن سڄڻ سمجهايو،
اِياڪَ نَعبُدُ وَاِياڪَ نَستَعِينُ، چئي ويچو وڃايو،
ڏيئي ٻَن ٻيائي کي، حق هيڪڙائي پايو،
ٿي سونهون سونهايو، سِر صِرَاطَ الّذين جو.

2 - ٺامون نيهي يار جو، ڀَنو سو پُرنور،
سُبحَانَ الذِي اَسريٰ بِعَبدِہ منجهس سير سُرُور،
اِنّ قُرآنَ الفَجر ڳان مَشهُوداً، سچو سندس مذڪور،
ٿئي پڙهندي تنهن منجهان، حاصل حال حضور،
پسڻ تنهنجو پور، ڪُنجي آهي قلب جي.

3 - ٺامون نيهي يار جو، پنو پاڪن پاڪ،
بسم الله جي بيان سان، آهي عبرت ناڪ،
دڙڪو دلاسو تنهن ۾، وحدانيت جو واڪ،
ٿو پڙهندي ڪري چاڪ، پردا جي ظلمات جا.

4 - ٺامون نيھي يار جو، پنو پُر اسرار،
ريءِ ڏيان دل جي، سمجھڻ سو دشوار،
مجھس ھر مفھوم جي، معنيٰ مام بسيار،
جن جو ساڻس پيار، تن تي پاڻ عيان ٿئي.

5 - ٺامون نيھي يار جو، پنو آ پُر سوز،
تنھن جي رمزن روز، منھنجو من مستان ڪيو

6 - ٺامون نيھي يار جو، قدرت عين ڪمال،
ماضي حال قبل جو، منجھس جواب سوال،
عجب تنھن ۾ اَعـجاز چئي، خبر خوب خيال،
محبت ريءِ محال، پڙھڻ پروڙڻ تنھنجو.

7 - ٺامون نيھي يار جو، لاثاني لاريب،
بليغ فصيح بديع سو، بسيط وسيع بي عيب،
الواحي احوالن سان، آھي علم الغيب.
توحيدي تلقين سان، تنھن جي سڀ تاديب،

عالم شاعر اديب، خط پريان جي خُماريا.

8 - جتي اکر الف جو، اُتي اکر ميم،
انهي معنيٰ مام کي، ڪو سمجهي قلب سليم،
آهي راز عظيم، اولي ۾ "اَعـجاز" چئي.

9 - بي انت بي پايان، دائرو آهي دل جو،
ٻن ترن جيئن تنهن ۾، ڏنم ٻئي جهان،
ڪونهي ملڪ مڪان، ايڏو ٻيو "اَعـجاز" چئي.

10- تڙي ڪڍي تحليل سان، منجهان خر خناس،
يوسوس في صدور الناس جي، بُوءِ نہ رهي بانس،
اندر کي "اَعـجاز" چئي، چڱي ريت چڪاس،
تہ وحدتي واس، پيهي وننديں پاڻ ۾.

1 - جيئن ڪپر ڪڻ تي چِنڙا، حُسن وند هزار،
تيئن زيب دنيا کي، ظاهري آهي "اَعـجازا" يار،
پلجي متان آر، اتي لائن اکين جا.

2 - **جيئن ڪا ڇٽيل ڪنوار، هجي شادي ۽ رات جي،**
آهي تيئن اَعجاز چئي، دنيا دلبيدار،
متان ڪو آڏي يار، انهي نپٽيءَ ڪي نڪاح ۾.

3 - **نسبت هن جهان جي فاني ڙي فاني،**
آهي باقي اَعجاز چئي، رغبت رحماني،
ڪري من ماني، متان رنجائين رب ڪي.

4 - **جلوو هن جهان جو، حُباب جيئن همہ،**
آهي سو اَعجاز چئي، لحظو ڪي لمحہ،
تنهن منجهہ تون طمع، رکين هميشہ رهڻ جي.

5 - **جلوو هن جهان جو، حُباب آيا خواب،**
اهو ڪر اعتبار تون، ننڊ ۾ آهين نواب،
جاڳڻ بعد ساڳيو، پسندين آب نہ تاب،
شرم منجهہ شتاب، پوندين پوءِ اَعجاز چئي.

6 - **جلوو ھن جھان جو، حلم النائم ڄاڻ،**
فائق جي فرمان تي، عين اليقين آڻ،
متان پوءِ صبحاڻ، ھَٽي ھٿ اَعجاز چئي.

7 - **جلوو ھن جھان جو، آھي پھر ڪي پل،**
جوفي ڪاڻ نہ جل، ڪر انديشو اَعجاز چئي.

8 - **جڏھن پيم پچاڻ، پوري پنھنجي پنڌ جي،**
تہ ويم ڇڏائي آڻ، عبديت جي اَعجاز چئي.

9 - **نفل ۽ نماز ڪي، پڙھان ڪنھنجي ڪاڻ،**
ھُتي ڪانھي ڪاڻ، عبادت جي اَعجاز چئي.

10- **نفل ۽ نماز ڪي ڪريان ڪجاڙو،**
پرين سين پاڙو، مون تہ چنوئي ڪينڪي.

11 - **نماز آھي نينھن سان، نينھن ري نہ نماز،**
اگھي ڪونہ اَعجاز، سڪڻ ري ڪو سجدو.

12 - پت چت جي چانو ۾، نيتي جن نماز،
سي عورت جي آچار ٿيا، ڏاران راز نياز،
جيڪي مرد اَعـجاز، سي پاڇا پڇن ڪينڪي.

13 - پِت چِت جي چانو ۾، نماز نيتي جن،
کهڙي خبر تن، قوسيني ڪواز جي.

14 - جنهن ۾ عدد نہ انداز ڪو، وهم نہ ويسارو،
نيت اهائي نماز تون، نر هٽي نعرو،
ادا ڪر اَعـجاز چئي، فرض فنا وارو،
تہ اَبدي اوتارو، آ چينئي انعام ۾.

15 - جنهن ۾ عدد نہ انداز ڪو، نڪو قيام قعود،
نڪو سُور سَهو جو، نڪو بيک نہ بُود،
سِڪيو سو سجود، عاشقن اَعجاز چئي.

16 - جنهن ۾ عدد نہ انداز ڪو، نڪوريائي رياض،

نيت اهائي نماز تون، ڇڏي لوڪ لحاظ،
قوسيني ڪواز، مرڪ مانجهيئڙن جو.

17 - **جنهن ۾ عدد نہ انداز ڪو، وهم نہ ويساهين،**
نيت اُهائي نماز تون، پاڻ ڇڏي پاهين،
لائق پوءِ آهين، جنات عدني سندو.

18 - **جنهن ۾ عدد نہ انداز ڪو، نڪو ساهہ سلام،**
نيت اهائي نماز تون، ڪري عشق امام،
نہ سدائين ناث ڪي، طمع ريءِ تمام،
تہ محمودي مقام، ماڻين محّي الدين چئي.

19 - **ڪي پنجاهہ وقت جا نماز جا، ڪي پورا پنج پڙهن،**
ڪي عدد ۽ انداز ريءِ، رُڪوع منجهہ رهن،
عجز سان اَعـجاز چئي، عاشق ائين ڪن،
عَليٰ صلاتهم دائمون، ويساهين نہ وجهن،
نميو ٿا نمن، سنياسي سبحان ڪي.

20- جيئن ٿو ڏوئين جسم کي، تيئن جي ڏوئين دل،
تہ هر جاءِ تو حاصل، حضوري حال ٿئي.

(سُرت ڏيڻ)

1 - جا ڏئين سُرت پوءِ تون، سا پھرين ڏيج ڪٿان،
تہ ھادي مون ھٿان، ڪو نہ ڏکوئجي ڪڏھين.

2 - جا ڏئين سُرت پوءِ تون، سا پھرين مونکي ڏي،
تہ ھادي ھٿان منھنجي، ٿئي ڪچي ڪام اَعجاز چئي.

3 - جا ڏئين سُرت پوءِ تون، سا پھرين مونکي ڏَس،
انھي سان اَوس، ويھان آئون واڳجي.

4 - **جاڏئين سُرت پوءِ تون، سا پهرين مونکي ڏيج،**
سائين تون سڻيج، ستت منجهان سڏڙا.

5 - **جا ڏئين سُرت پوءِ تون، سا ڏي مونکي هاڻ،**
تہ هادي مون هٿان، نہ پئي خطا اچ سياڻ،
قادر اها ڪاڻ، اچي لاهہ "اَعجاز" چئي.

6 - **جا نہ سَهين تُون سِر، سا نہ ڪر ٻين سان،**
گُروءَ جي اِن گس تي، آءٌ تہ پهچين ڏُر،
نہ تہ تون ڪنهن پَر، ڪو نہ رسندين ڪنهن حال ڪي.

7 - **جا نہ سهين تون پاڻ، سا نہ ڪر ٻين سان،**
گروءِ جي ان گس تي، آءٌ تون هاڻ جو هاڻ،
تہ ڪاٿي چڙئي ڪاڻ، هوند رسين پوءِ حال ڪي.

8 - **جا نہ سهين تون جند، سا نہ ڪر ٻين سان،**
آڪيو آديسين جو، اٿئي پوري پنڌ،
ويهہ انهي سان واڳچي، تنڌ نہ ٽينديئہ بند،

ناتان فقيري ڦند، اوڪو آ "اَعجاز" چئي.

9 - جا نہ سهين تون يار، سا نہ ڪر ٻين سان،
گروء سندي گفتار، هنيائج هِئين سان.

10- ماڻڪ موتي لعل جي، سجاڻ سُترا هجن،
تہ هوند چو ٻڌن، هاريا وجي حِمار ڪي.

11 - جواهر سندي جوت ڪي، جواهري ڄاڻن،
املهہ سي "اَعجاز" چئي، مٽا ڏيو ماڻن،
جي مور نہ سڃاڻن، پُڇ قيمت قدر نہ تن ڪان

12 - مَنا جيئن موتيئڙا، جڄهو تيئن جرڪن،
ماڻڪ ميرا مُنهن ۾، مَٿ نہ تني من،
انهن ڪي "اَعجاز" چئي، ڪي پارکو پَرکن،
سيئي نہ سڃاڻن، جواهر سندي جوت ڪي.

13 - سيني سڏايو صراف، سونُ سڃاتئون ڪينڪي،

سمجهه اها تون ڳالهڙي، انهيءَ مان ٿئي صاف،
تہ وڏي قيمت ڪميني جي، گهٽجي ويو اشراف،
حيف "اَعجازا" اُن ڪي، انڌن ڇڏيو انصاف،
ڪٽي سر مصحاف، ڪوڙ ڪمائي هليا.

14 - **سڀ نہ سچا صراف، ڪي سڀ نہ سچا موتي،**
ڪنهن ڪنهن ۾ جوتي، آ اصليت جي "اَعجاز" چئي.

15 - **جي نہ سُڃاڻِ سگهِين، تہ اڇي سڃاڻ سڪ،**
ڪَسوٽي جا قلب جي، سا ماڃي مَلي رڪُ،
پوءِ وينو پرک، سچي ڪوڙي سڀ ڪي.

16 - **وڏا پَسار وڏن جا، وڏا وکر تنين تي،**
ڪچن ڦڪن ڪوهرن جا، مون وٽ ڪٽا ڪي،
سي قبوليو جي، تہ آهن حاضر "اَعجاز" چئي.

17 - **وڏا پَسار وڏن جا، وکر اُتي خاص،**
ڪچن ڦڪن ڪوهرن جي، مون اڳيئي ڪئي ارداس،

سي ڪريو جي پاس، تہ آهن حاضر "اَعجاز" چئي.

18 - سوجهي سوديو جن، وڪر وحدانيت جو،
آڳهہ واري اُن، دور انديشي دور ڪئي.

1- جو سِينن ۾ سمايل، سو ڪونهي ڪتابن ۾،
دَرس خانن کي دَر ڏيئي، ٿي محبتن مائل،
اونهون راز اَعجاز چئي، آ دليئون دل ۾ آيل،
جو ڇاتي ڇپايل، سو ڇاتيءِ ريءِ نہ ڇپجي.

2 - جو سيني بہ سيني آيو، سو ڪونهي ڪتابن ۾،
علم ادب عشق جو صحي سرمايو،
اَتو ائين اَعجاز چئي، سچ پانيو نہ پانيو،
جو ڇاتين ڇپايو، سو وسيع آهي ورق کان.

3 - جو سيني بہ سيني ملي، سو ڪونهي ڪتابن ۾،
ڳوڙهو ڳجهو ڳجهاندرو، ٿو پرت وندن وٽ پلي،

پالين سي پلي، جي واچن ٿا ڪنهن ور سان.

4 - **جو سيني ۾ سيني پڇي، سو ڪونهي ڪتابن ۾،**
امانت طور اَعجاز چئي، ٿو منجهان منجهه ڪڇي،
سو ڪنهن ڪامل وٽ سڇي، پڇ نه اڏوري مرد ڪان.

5 - **جو سيني ۾ سيني ڏين، سو ڪونهي ڪتابن ۾،**
محقق ڪامل مرشد ٿا، ڳوڙها ڳُجهه ٽين،
تنڱُون طالبن کي، نظر پايو نِين،
پيروڪار انهن جا، جيئري مريو جِين،
سي پَٽ حضورئون پِين، هٿو هٿ اَعجاز چئي.

6 - **جو سيني ۾ سيني سَلئيون، سو ڪونهي ڪتابن ۾،**
عجب پيد اَعجاز چئي، پائي پيچ رَليئون،
رَلي پوءِ جهليئون، اورڻ تنهنجو عام سان.

1 - **مُلان جي محبت ۾ پائين هڪ پير،**

تہ ڏارين ڪونہ دل ۾، غافل تون ڪو غير،
سوئي ڪرين سَير، جو عاشقن ڪيو اَعـجاز چئي.

2 - مُلان جي محبت جي توکي پئي پروڙ،
تہ هٽي ڪوڙ بَدوڙ، مالڪ نہ ٿين منبر جو.

3 - مُلان جي محبت ۾ انت مُوتُو ٿين،
هٿان حيدر شاهہ جي، پيالو ڪوثر پين،
ڏَس ڏيهن کي ڏين، هُوند عشق سندا اَعـجاز چئي.

4 - مُلان جي محبت جي، ڪا تو ۾ هجي هَوَ،
تہ ڊونڊين ڪونہ ڍَوَ، هوند فنا ٿين فڪر ۾.

5 - مُلان جي محبت جي، ڪا تو ۾ هجي رَتي،
تہ رَت واري رَتي، هوند نہ هجئي جان تي.

6 - مُلان جي محبت ۾، موٺي ٿين مَحو،
تہ صرف ۽ نَحو، هوند وجيئي وسري.

7 - ملون مجاور مڪ، ٽيئي پياسي پيٽ جا،
اُپٽيئون ڪانہ اڪ، اندر واري اَعـجاز چئي.

8 - ملون موذي مڪ، ٽيئي گهٽي گهورا،
اٿن هورا ڪورا، محض پرائي مال جي.

9 - ملن جي محبت ڏي، اير نہ ڪوئي پير،
هئڻ واري حد ۾، پائي وينا پير،
اعجاز علي جي نام سان، اٿن وڏو وير،
سچ نہ لڌائون سير، محمد صہ جي مذڪور جو.

10- ملن ڪي محبت جو، هٿ نہ آيو سير،
پاء نہ سڌائين پاڻ ڪي، سدا سڏائين سير،
ڪيو نہ سَڙين سير، احديت جو اَعـجاز چئي.

11 - ملن ڪي محبت سان، مور نہ ڪو مقصد،
وحدتي وَجد، چڙهين ڪو نہ چِت تي.

12 - ملن ڪي محبت سان، ڪھڙو آھي ڪم،
عشق ۾ اَعجاز چئي، رکو گوندر غم،
اتي دم قدم، ڪي نيھي پرين نيست ٿي.

13 - ملن جو محبت ڏي، مڙھ نڪي مقام،
مڪر ۽ فريب ۾، وڃئون منھن مدام،
معنيٰ نہ ڄاڻن ميم جي، ڪن تشريحون تمام،
ھُئڻ ھوڏ ھَٺ جو، جوڙي پيتئون جام،
اتن اندر ۾ اَعجاز چئي، گُبت جو گُدام،
آھي جو امام، سو ڪوڙھيا قبولن ڪينڪي.

14 - ويدن سر ويڳ، ويدائي جو آھي،
عشق ذرو اَعجاز چئي، ناصحن ۾ نہ آھي،
نوڳي ھليا ناھي، بيحد حديثون باطلي.

15 - ويدن سر ويڳ، آھي ويدائيء جو،
دميئون ڪا نہ ديڳ، اندر ۾ ڪا عشق جي.

16 - ويدن سر واءِ، آهي عزازيل جو،
نوڙت نياز جو، سڙين چکيو نہ ساءُ،
ڏوٽي رکيئون دل ۾، گيرب ۽ گاءُ،
ڪري ريب رياءُ، ڇڏيئون باب بره جو.

17 - ويدن وٺ مَ وچ، ورهُہ وندبيندا ڪينڪي،
پاڻهي پڇج پاڻ کان، عارفاڻو اُهج،
پسي اُپ اکين سان، آڳَر ڪيم سَچ،
هيٺ مٿي آ هيڪڙو، ميم محمدصہ مچ،
پيد اهو تون پيج، ابتي پور اَعجاز چئي.

18 - ويد پڙهيو وڌِيا وجهن وچ وچور،
وين چڙهي چت تي، باطلي بهور،
ڏيندا وتن ڏيهہ کي، شيطاني شعور،
ڪڍيو فتويٰ ڪفر جي، تا ڪُهن بي قصور،
عاشقن جا اَعـجاز چئي، مُور نہ مجن مذڪور،
انڌا اکين پُور، ناهن اوڏا عشق کي.

1 - سامي ٿيا هر سَن ۾، هڪڙا آهي ٻيا ناهي،
جن ڪين ڏي ڪاهي، ڏِسڻ سي مون ڏيئي ويا.

2 - سامي ٿيا هر سن ۾، هڪڙا قالي ٻيا حالي،
قالين مان ڪين ٿئي، حالين مت عالي،
قالي گهر گفتار جو، حالي سمجھ وصالي،
قالي خالي خيال کان، حالي پرتو پالي،
قالين جاڙ جالي، عمر سڀ "اَعجاز" چئي.

3 - سامي ٿيا هر سن ۾، هڪڙا حاجي ٻيا ناجي،
حاجين زور ظاهر تي، ناجين لڪ "لا" جي،
حاجي بصر بيناري، ناجي نور حجاجي،
حاجي مثل آزواجُن جي، ناجي مثل حلاجي،
حاجي بردا بُخل سندا، ناجي سخي سڀاجهي،
حاجي رواجي سماجي ٿيڙا، ناجي سُراغي سِراجي،
حاجين جي دل هٿڻ پري، ناجين جي دل آجي،

حاجين هر محتاجي، ناجين احتياجي ناھ ڪا.

4 - **سامي ٿيا هر سن ۾، هڪڙا قوتي ٻيا ٻيوتي،**
قوتي گهرن قوت ڪي، ٻيوتي صبر سُڪوتي،
قوتي سر حيواني چئجي، ٻيوتي سِر ملڪوتي،
قوتي لاهوتي نہ ٿئي، ٻيوتي تان لاهوتي،
قوتي شڪار ڪال جو، ٻيوتي لايموتي،
قوتن هٿ چيوتي، ٻيوتن جاءِ جبروت ۾.

5 - **سامي ٿيا هر سن ۾، هڪڙا ڪُونهان ٻيا سُونهان،**
ڪُونهَن مَچ ماچ جا، سونهن مچ وِرُونهان،
ڪونهن لُوهان، سونهن ساجهہ لُنگ سُنگ جي.

6 - **نڪي ڏين نڪي وٺن، ٻنهي پريئون پري ٿيا،**
آديسي "اَعجاز" چئي، ڇڏي دنيا ڏن،
صوم صلوٰة زڪوٰة جي، مور نہ ميار مٿن،
سيرت آهہ سندين، بصيرت جي ٻاب سان.

7 - سچ ويچارو سچ تي، بيٺو جهلي برزخ،
مٿي نہ اصلي رنگ ڪي، ٿئي نہ سفيد سرخ،
تڏهن وٺيو نئون رُخ، ڪوڙ ڪُهي ٿو سچ ڪي.

فقيراڻو فھم

1- فقيرن فنا ڪيو ڪُل ئي نفس پانھنجو،
تھان پوءِ تحقيق سان چيائون اَنا،
تني جي ثنا ڪريان ڪھڙ مُک سان.

2 - فقيرن فدا، ڪيون ٻہ ٽي ڳالھڙيون،
ھڪ سر ٻيو گھر، ٽيون ذر زنب سدا،
اناالحق نِدا، پوءِ سڻايئون سڀ کي.

3 - فقيرن فتور، کل ئي ڄاتو پاڻ کي،
اگر نہ سجئون اَعجاز چئي ٻئي ڪنھن ڏي مور،
تجلو ۽ طُور ،پوءِ منجھن پيدا ٿيو.

4 - **فقيرن فرياد ،ڪٿي ڪيو ڪينڪي،**
پهري پوش صبر جو، شڪر سان ٿيا شاد،
عِشق ٿين اُستاد، هڻي مهر ماٺ جي.

5 - **فقيرن فراق، وصل وٺ وساريو،**
جانب جي جُدائي جو، اورڻ نہ پين اوراق،
اڄ بہ ڏينهن مِيثاق، آهي اَعجاز انهن لاءِ.

6 - **فقيرن فلڪ، هڪ جُز نہ ڪيو جڳ ۾،**
توحيدي تلڪ، لائي وجي لال ٿيا.

7 - **فقيرن فشق ،ڪڏهن ڪمايو ڪينڪي،**
عمر ساري عشق، سيني تن سمايو.

8 - **فقيراڻو فياض، آهي عام خاص لاءِ،**
ڪلي دل سان ڪاهوڙين جو ريءَ طمع جي رياض،
غصو غير غماز، فرق نہ فقيرن ۾.

9 - فقيراڻو فام، آهي عام خاص لاءِ،
تہ تهن کي رنگ تمام، لايو ڪن لال سي.

10- فقيرن فڪر، هڪ جُز نہ ڪيو جڳ ۾،
اهڙي خام خيال کي، نينهن ڇيو نڪر،
ذاتي ذوق ذڪر، رهيُن روح رڳن ۾.

11 - فقيراڻو فيض، آهي عام خاص لاءِ،
اخفائي ۽ ابيض، معنيٰ فڪر فقير جو.

12 - فقيراڻو فقر، آهي عام خاص لاءِ،
نصيب ٿيو انهن کي، سڪ جو جن سمر،
ٿلهو ٿاننو نڪر، هڏ نہ رسي ڪنهن حال کي.

13 - فقيراڻا فرض جنهن پاريا سي پار پيا،
اورين پر جا اورتي،ڇڏي غرض،
وجي رسيا راز کي، ڪري ادا ڪل قرض،
عجز ادب اَعجاز چئي، اگهائن عرض.

14 - فقيراڻو فهم، آهي عام خاص لاءِ،
سبق سِکيا تِن جي همه ڪي هر دم،
سٽي سمجهي جو رهي مٿي تنهن محڪم،
تہ پنهنجو هوند جنم، پسي ساھ پساھ ۾.

15 - فقيراڻو فن، آهي عام خاص لاءِ،
سکيا انهن جي سڀ ڪي، پر سکي ٿو ڪو تن،
جنهن پرايو تنهن سندو من ٿيو اَيمن،
انهي لڌو اَعجاز چئي، دم مان دم جو ڏن،
چمان تن جو چرن، جن اهڙو فن ايجاد ڪيو.

16 - فقيراڻو فلاح، آهي عام خاص لاءِ،
اچي جيڪو اَعجاز چئي، ونئي تن صلاح،
سو معرفتي مهراڻ جو، مچي ٿئي ملاح،
ڏسي ڏيکاري الله، هوند ڏهاڙي ڏيهہ ڪي.

1 - **عجب راز الله جا، عجب رضائون،**
پنهن جي تي ڪاڙها ڪري، پراون تي چانئون،
قادر قضائون، ڪري ڪرڻ نہ جهڙيون.

2 - **عهداً امر الله جو، مڃيو امامن،**
وعدو وساريو ڪين ڪي، وهوا وريا من،
آيا اجل سامهان، ساهي صمصامُن،
مخفي ڪن مامن، خون مٿي خوشنود ڪيا.

3 - **شوقئون شهادت جو، پيتو پيالو پيا ڪن،**
اول آخر اَعجاز چئي، سَٿي سيا ڪن،
ڪڏي قتل گاھ ۾، ڪئي عيد عشاقن.
لئون سندي ليا ڪن، خون مٿي خوشنود ڪيا.

4 - **پڙهيو مٿن پڙهہ، درود قصيدا دل سان،**
ڳوهيرن جي ڳالهين ۾، ڪين اَعجازا اَڙ،
وِلهن وجايو وڙ، هو مڙئي، شير شهيد ٿيا.

5 - **جي ڪُنا هلي حق تي، سي مُئل مور نہ ڀانءِ،**
اُپٽ اکيون اَعجاز چئي، جِي ۽ پنهنجو ڪر جاءِ،
في سبيل الله اموات،فائق ٿو فرماءِ،
وهم سڀ وڃاءِ، هو ٻئي جڳ آهن جيئرا.

6 - **هَيَن نہ ڀانيو حق، علي جي اولاد کي،**
ناحقن ناحق، ڪيڏو نہ ڪيو اَعـجاز چئي.

7 - **هر ماهہ محرمر جاڻ تون، هر ڏينهن ڏهينءِ جو ڀانءِ،**
ماتم غم حسين جو، ڪندو ڪر هر جاءِ،
اندر جَل اَعـجاز چئي، واتان نہ ڪر واءِ واءِ،
سيني منجهہ سماءِ، سڪ سدائين سيّد جي.

8 - **مڪي مديني شهر جو، شهزادو شاهن شاهہ،**
با اَهل اَعـجاز چئي، نڪتو وقت بيگاهہ،
انڌن حق جي امام کي، رنجايوريءِ گناهہ،

ڪاهي پهتا ڪربلا ۾، رهزن رُوءِ سياهه،
ڏيئي سُنهُن ويساهه، سامهون ٿيا سيّد سان.

9 - **بيعت ڪارڻ بي ضمير، آيا ڦِري اهلبيت ڪي،**
تڏهن تپي تاء مان، شاهه ڪنئي شمشير،
ڪاهي پيو ڪٽڪ ۾، سيّد ڪري سير،
صفون چيري صاف ڪيو، ميدان سچو مهمير،
پر ٿري ڪيئن تقدير جا لکي لوح قلم ۾.

10- **جني ڪيون جي، عالم جي امام سان،**
هِت هُت موٽي مُنهن ٿي، تنکي ايندون سي،
لعنت ليبن تي، آهي نت اَعـجاز چئي.

(عشق ذٖات اللّٰه جي)

1- عشق ذٖات اللّٰه جي، پئي محبتين پلئہ،
ماضيء وارن منصفن جا، دفتر ڏس پلي،
تہ ابراهيم آذر جا، ٿو کھڙا سور سَلي،
۽ نوح پنهنجي پٽ لاءِ، ويو جِھڻڪون کيڏيون جهلي،
مالڪ پنهن جي مرضيء تي، ٿو هادي رب هلي،
جنهن جي دل آ جهڙي، تنهن سان رمز تَهڙي رَلي،
اها ڳالھ ٿلي، ڪجي ماٺ محيّ الدين چئي.

2 - عشق ذٖات اللّٰه جي، جنهن کي جڏهن ڏي،

وندڻ انهي وَٽ جو، آ اُن جي مرضيءَ تي،
ورثي واري بانور تي، ڪو ڪلي خوش نہ ٿئي،
مڇر ۾ نمرود جو، دم تہ ڪو ديکي،
اَيرن هٿان سَيرن کي، هو ماريو جياريو ني،
اهڙا مثال "اَعجاز" چئي، ٿورا ناهن ڪي،
قدرت قادر جي، نوازيا ڪئين نبرا.

3 - عشق ذات الله جي، تي ملي ڪَر مين ڪُٽي،
رکي حق واسطا، تنهن تي ڪو نہ پٽي،
بي بها هن چيز لاءِ، ڏٽي جنهن کي ڏُٽي،
سو اوڳاري ۾ چُٽي، موتي پلي محبت جا

4 - عشق ذات الله جي، آ اَمر خزانو،
نڪا تنهن لاءِ حد ڪا، نڪو ميزانو،
نڪو مٿس سُود ڪو، نڪو ويمون وديانو،
هلندو اچي صدين کان، هي هوڪو حقانو،
تہ بہ مورک هٽن تنهن تي، ٿا دم دعوانو،
گُهرن گونگين ميچن سان، تنهنجو نذرانو،

رِندن روزانو، برھہ وندبيو ريءِ بُخل جي.

5 - **عشق ذّات اللّٰه جي، ميراث نہ ميراڻي،**
نڪا پَڙهين پندتن جي، نڪا پِيراڻي،
نہ وزيرن وِيرن جي، نڪا شَاهاڻي،
نڪا مُلن مشائخن جي، نڪا مخدوماڻي،
نہ ڪا فارسين تُرڪن جي، نڪا مُغلاڻي،
متس دعويٰ ڪو نہ ڪري، پيءُ ڪي ڏاڏاڻي،
ملت محبت مولٰي جي، آ وَٽ غريباڻي،
چئي ويو آرياڻي، ائين پاڻ "اَعجاز" چئي.

6 - **عشق الاهي باھہ، ساڙي ڳُجهان ڳُجهہ ۾،**
جِيي جيرو تنهنجو، چڙهي نہ ڪنهن جي نگاھہ،
سوزش خلش ساھہ کي، سا پوهيو ڪري پاھہ،
لڳي جن کي آھہ، سُڌ سموري تن کي.

7 - **عشق الاهي جر، ساڙي ڳجهان ڳجهہ ۾**
، پَيڙ پيڙڪا تنهن جا، ڪا نِرتي پسي نظر،
ڪين اُجهائي سگهيا، تنهن کي سي ساغر،

جي اندر ٻـڙڪا ٻَرِ، لوڪ نہ لَکي تن کي.

8 - عشق الاهي اگن، ساڙي ڳجهان ڳجهہ ۾،
جي جلن پچن تنهن ۾، سي مَستو مَست مگن،
ڳُڙي جيئن ڳگن، تيئن ڳڙن اهي "اَعجاز" چئي.

9 - عشق الاهي ڄيرو، ساڙي ڳُجهان ڳُجهہ ۾،
لائي ڪير ڪيئن ويو، پچ نہ پتو پيرو،
منهن جي مُنهن زبان تي، تنهنجو پهرو گهيرو،
التو اٿئي ڦيرو، سَمجهہ وجائي سَمجهہ تون.

10- عاشق سدا عشق ۾، باطوني ڪن بات،
جي مرڻئون اڳي مري ٿيا، هر دوجڳ حيات،
انهن کي "اَعجاز" چئي، موڳا چون ممات
، پورا اها بات، آڇ تون اعتبار ۾.

11 - عاشق سدا عشق ۾، ٿا ڳجهو ڳالهائين،
پَر ۾ سندي پرينء کي، ٿا سيڪي سڻائين،

عام اڳيان "اَعجاز" چئي، لُڇي نہ لَڪائين،
سراپا پائين، سورھ پوش صبر جو.

12 - عاشق سدا عشق ۾، تا اُبتي پور وَڳن،
محبت سندي مچ ۾، تا دوڳن جيئن ڏڳن،
ٻڌيو سندرا سچ جا، توڪل تي تڳن،
اندر جا "اَعجاز" چئي، پولا پوت پڳن،
قدم اُت لڳن، جت ناھ سواءِ ٻيو ناھ ڪي.

13 - عاشق سدا عشق ۾، تا جهورن جُسو جان،
وحدت سندي ويڙھ ۾، ويا سي سُرت سُبحان،
آئي بُوءِ "اَعجاز" چئي، محبت جي مَنجهان،
گم ٿيا گياني گر ۾، اهڙا ٻول ٻڌان،
ٻئي جي ٻُڌن ڪا نہ، مَاسِوي المَحبوب جي.

14 - عاشق سدا عشق ۾، آهن باغ بهار،
محبت سندي مهراڻ ۾، تا لهن ليل و نهار،
اَنحد ۾ "اَعجاز" چئي، تا پسن ياڪي يار،

ٻي نہ ڪن پچار، ما سِوَي المَحبوب جي.

15 - عاشق سدا عشق ۾، ماڻن ٿا معراج،
دنيا عُقبيٰ دين جو، ناهي تن احتياج،
احديت ۾ "اَعجاز" چئي، ڪاهي ڪَيَئون ڪاج،
پائي سِر تي تاج، طالب ٿيا توحيد جا.

16 - طالب ٿيا توحيد جا، سي ميثاقان مانجهي،
سڙن پچن سوز ۾، صبح ۽ سانجهي،
پسي اهنج "اَعجاز" چئي، لاڻ نہ وِڌئون لانجهي،
ڪڙا ۽ ڪانجهي، پيتا تن پريت سان.

17 - عاشق الٽي جهات، پايو پسن پرينء کي،
جدا ٿي جسمات کان، ذات سان ٿين ذات،
اِن اولياءَالله لايَمُوتُونَ، وري نہ ڪن وفات،
سدا منجهہ صفات، سانگي رهن سير جي.

18 - عاشقن الله جو، پاچو پاند نہ ڇڏيو،

اولي اوٺ الک جي، آڏاٽو اڏيو،
عشق ۾ "اَعجاز" چئي، سر ڏِين ڪُڏيو،
صاحب تو سڏيو، ڏي انعام انهن کي.

19 - عاشق آ جهاپو، ڪهڙي ريت ڪندا،
سڙيا سوز فراق ۾، سينا جن سندا،
اهي درد مندا، ناهن اوڏا ننڊ کي.

20- عاشق آ جهاپو، ڪندا ڪهڙي ريت،
اچي پيئي اوچتي، پلئہ جن پريت،
سي نہ سمهن سک ڏي، اچيء نينهن سندي نانيت،
جاڳڻ منجهان جِيت، ڪئي عاشقن "اَعجاز" چئي.

21 - پسو جيئن پروان، شيدا آهن شمع تي،
عاشق تيئن "اَعجاز" چئي، حسن لاءِ حيران،
ڪڏيو ڪن قربان، سر سيڪڙو سونهن جا.

22 - عاشق چئجي ان کي، جو پير ڪُپيري پائي،

اولهہ ڪان عاري ٿي، اوپر سر نائي،
ڏيئي باهہ بهشت کي، دوزخ اُجهائي،
الٽي پور "اَعجاز" چئي، سُڌيون سڻائي،
سو پلي سڌائي، پاڻهي عاشق پاڻ کي.

23 - عاشق آهہ علي، پيا مڙئي ملول،
رمز انهي جي رنگ کي، ڄاتو پاڪ رسول،
عروج ۽ نزول، عجب "اَعجاز" علي جا.

24 - عشق عشق اسان ڪيو، عشق نہ ڪيو ڪنهن ٻئي،
اسين اهي آهيون، جن تڪڙ تورڻ ري،
امانت سمجهي "اَعجاز" چئي، اناپس اکين تي،
عشق نہ آڪرو ٿئي، اڳيان اسان جي ڪڏهين.

25 - عشق عشق اسان ڪيو، عشق اڳي ڪٿ هو،
اسان ريءِ عشق کي، ڪو نہ سڃاڻي ڪو،
اَسان پرکيو "اَعجاز" چئي، اسان ئي سُڃاتو،
هي عشق اهو آ جو، جنهن جبل ٽر ٽرائيا.

26 - عشق عشق اسان ڪيو، اول آخر تاءِ
انائڻ وقت عشق جي، ڪئيسون ڪا نہ پچاءِ
اسان ئي ڏنس "اَعجاز" چئي، مٿو ريءِ چُون چراءِ
نہ تہ هيءِ اهائي بلاءِ جنهن فرشتا فرار ڪيا.

27 - عشق عشق اسان ڪيو، نالو عشق رکي،
ريءِ عشق جي، ڪنهن نہ ذات لَکي،
اسان پرکي "اَعجاز" چئي، اسان ئي چکي،
هونئن تلخ آهہ تکي، مِٺي آ پر ماٺ سان.

28 - عشق عشق اسان ڪيو، عشق اسان جي ڏات،
اسين ذات عشق جي، عشق اسان جي ذات،
اسان ڪي تات عشق جي، عشق ڪي اسان جي تات،
اسان جي تنهن سان بات، آ ٻئي جي بات نہ "اَعجاز" چئي.

29 - عشق عشق اسان ڪيو، اسين عشق لائق،
اسين شائق عشق جا، عشق اسان تي شائق،

عشق اسان جو فائق، اسين فائق عشق جا.

30- عشق عشق اسان ڪيو، عشق اسان جي خلقت،
اسين مالڪ عشق جا، عشق اسان جي ملڪيت،
ائين سمجهه "اَعجاز" چئي، هيءَ آ حقيقت،
عشق اسان جي رعيت، اسين راجا عشق جا.

31 - عشق نہ ڄاڻي اٽڪل، اٽڪل سيکاريس اسان،
اڳيان ڪيو ڪيوسون حُسن کي، عشق پنيان ڪونتل،
پڇي اوتارو عاشق جو، اچي پهتاسون تنهن پل،
چيوسون اسلام عليڪم سيڪڙو، چيائين وعليڪم سلام سهڻل،
خبرن چارن ڪان اڳيئي، ويا تير چٽي اڻ جهل،
چِت عاشق جو چٽجي ويو، هو چشم هئا چنچل،
ماريس منهن ملوڪڙي، چرڪ چڏايس چَل،
ونگي وڏوسون ويچاري کي، وڏي ويڙهائي ٿل،
جيءَ اندر ۾ جَل، پوءِ ٻاريس عشق اَعجاز چئي.

32 - عشق نہ ڄاڻي عقل، عقل سيکاريس اسان،

باز ڪيوسون حسن ڪي، عشق عقاب اجل،
چُڳندي ڦڳندي عاشق ڪي، حسن هنيو چنگل،
عشق پري ڪان تاڙيو، اهو شوق شغل،
حسن ماريو عشق ماٽيو ،عاشق ڏنو بُل،
پوءِ اَعجاز اڪل، ٿيو عاشق طعامون عشق جو.

33 - **عشق نہ هو داناء، دانائي سيڪاريس اسان،**
ڪتاب ڪيوسون حسن ڪي، عشق نقطي نماء،
مڪتب ڪيوسون جهان ڪي، عاشق تنهن ۾ طُلباء،
سو پڙهندي ڪتاب حسن جو، عجب ڏنائين لقاء،
تہ جهڙو نون نقطي سان، تهڙو ئي نين بناء،
ڪاري لڳس قلب ۾، اَعـجاز اتانهين گهاء،
پَيس پوءِ سماء، استاد سڏيائين عشق ڪي.

34 - **عشق اصل پَر مار، ڪائي مار حسن جو،**
حسن باز شڪاري ء جان، عاشق ان جو شڪار،
عشق تني جي تاڙ ۾، حارص ۽ هوشيار،
جتي بہ ڏنائين حسن ڪي، تنهن مار متي هسوار،

اُت ڪري امالڪ وار، هٿ ڪيئين مار حسن ڪان.

35 - عشق نہ ماريو عاشق کي، ماريو حسن هٽي،
عشق جي اَعـجاز چئي، اتي بات بٽي،
ٿي وينو پوءِ ڏٽي، عشق عاشق جي دل ۾.

36 - عشق عاشق جي دل ۾، عاشق ٿيو مستان،
حاضر جلوي حسن جي، هٽي ڪيس حيران،
ويو وسري ويچاري کي، هي هو سڀ جهان،
پڇي نہ دين ايمان، هيج پڇي ٿو حسن جو.

37 - عشق عاشق جي دل ۾، عاشق سُمهي ڪيئن،
نيٽين نند حرام ٿيس، جاڳي چرين جيئن،
تکي راهون حسن جون، حال سدائين هيئن،
صورت جا سونهن پري، سا سانڍي ساهه سين،
جيئن جڳ سمجهائي تيئن، عاشق الٽو جڳ ڪان.

38 - عشق عاشق جي دل ۾، عاشق ڪيئن مُڙي،

جنهن کي حسن پسڻ سان، ٿو جاذب جام جُڙي،
ڪيئن نہ پوءِ ڳُڙي، عاشق مست ڳگن جان.

39 - **عشق عاشق جي دل ۾، عاشق پئي پيالو شينهن،**
وجي اڪيلو دار تي، جهڙو اصل شينهن،
شينهن بہ تيئن نہ شينهن، جيئن عاشق اڄ شمار ۾.

40- **عشق عاشق جي دل ۾، عاشق شينهن پيالو پيئي،**
شينهن جان جالي جڳ ۾، شينهن جان ئي تو ٿئي،
شينهن جان گهمي شورسان، شينهن جان چانگ ڏئي،
شينهن جان وارد ويڙهہ ۾، شينهن جان نيهڙ ني،
شينهن جان ڪائي ماس کي، شينهن جان ڪل نہ ڪِئي،
شينهن جان شاھ ٿئي، عاشق ڪُل ئي انس ۾.

41 - **ڳل ڳراهو عشق جو، اچي پيو جن،**
سڪ وندا سنسار ۾، سيئي ٿا سڏجن،
انهن سر آهن، باري بار اَعجاز چئي.

42 - ڳل ڳراھو عشق جو، اڇي جن پيو،
ڌنڌو دين دنيا جو، وسري تن ويو،
جتان وريوئي ڪو نہ ڪو، لڳن اُت ليو،
الاهي آڙاھہ ۾، اڌن تاڪ ٿيو،
ٻاري سڀ ٻيو، ٿيا هيڪاندا حق سان.

43 - ڳل ڳراھو عشق جو، پيو جن اڇي،
سي هر هر پنهن جي حال جي، ڪن ٿا ڳالھہ سچي،
بدناميءَ جي ٻار ڪان، سگهيا ڪين بچي،
ويڙا سونهن حسن تي، پتنگ جيئن پچي،
ٿيڙا راس رچي، محبتي محي الدين چئي.

ساقــي جــام

1- دارُون آهہ دارون، سدا درد مندن جو،
وڃي وٽ ڪلال ڪان، ڪري عرض آرون،
ڪيفي قطارون، جن پيتون سي پرسن ٿيا.

2 - دارون دارون آهہ، سدا درد مندن جو،
نينهن سندي ناسور جي، ٻي ڪا دوا ناهہ،
سَنباهي سر اَعـجاز چئي، هَٿ ڪلالڪي ڪاھہ،
عاشق اهڙي آگاهہ، ڪئين ڪندا ويا ڪيترا.

3 - صبح شام شراب، پيءُ تہ پاڪيزو رهين،

پَٽي پاڙ پليتيءَ جي، ڪَنڌئي گُل گُلاب،
عجب آهه اَعـجاز چئي، اهو آب ناب،
خرابن لڳي خراب، عاشقن اَمرت ٿيو.

4 - شائق جام شراب جا عاشق المناڪ،
اهي پيئن اَعـجاز چئي، روز چکن جن چاڪ،
انهي پيالي پَٽ جي، ڪئي عُشاقن هاڪ،
جيڪي ڊوڪ پياڪ، تن قدر نہ انهي ڪيف جو.

5 - ساقي سيّد آهہ، ٻيو ساقي سجهي ڪو نہ ڪو،
تنهنجي مٿ مئخان ڏي ڪسڻ، قبولي ڪاهہ،
سر جو سانگو لاهہ، سرڪيءَ ڪاڻ اعجاز چئي.

6 - پري پري پيار، ساقي پيالو سڪ جو،
مر تہ مران موت کان آئون اڳي هن پار،
کهڙو آهي يار، جيئڻ باده جام ريءَ.

7 - پي جن پياري، پاڻ پلائي پنهنجو،

مستي تنهن مئي سندي نئين سج نياري،
ساغول ۽ غنود ڪان پاڪ صفا ساري،
خوشدل خماري، آهي تنهن جي اعجاز چئي.

8 - **پي جن پياريو، پيالو پرت پريم جو،**
من اندر اعجاز چئي، ناري تنهن ناريو،
ڪلي خمارن تنهنجي، اُڏري ڏيکايو،
سلي سيڪاريو، چالو عروج نزول جو.

9 - **پي جن پياريوم، پيالو مست پريم جو،**
انهن ڪي اعجاز چئي، سدانت ساريوم،
پل پل پچاريومِ، ويهي تن جي وصال ڪي.

10- **پري پري آڻ ساقي پيالو سڪ جو،**
صدائون سڪايل جون، ڄاڻوئي ٿي ڄاڻ،
صورت مان سڃاڻ، اجايل اعجاز چئي.

11 - **عليءَ سندي آنهه تان، پيتا جني پٽ،**

پٽر قلب تني جا، ٽي پيا مثل پٽ،
اکين تا اعجاز چئي، لهي ويڙن پٽ،
پڙ ۾ ڏنائون پٽ، اندر منجهه اللہ جا.

12 - **علي سندي اَنهه، تان پُنڙا پيالو پيءُ،**
الولاين سان "اعجاز" چئي، جُڳ جُڳ پيو جيءُ،
ڪو نه لڳندُئي سيءُ، ڪڏهن قبر قيام جو.

(مـجاز)

1- صورت منهنجي سڄڻ جي، سمجهہ سراپا سونهن،
لاهيو ڇڏي لحظي ۾، ڏُک دلين جا ڏُونهن،
سونهان ٿين تنهن صورت وٽان، اصل ڪان اَ سونهن،
اتم، وِندر وِرو نهن، سا اڪين لاءِ اَعـجاز ڇئي.

2 - پيچي واري پرين جا، شب رنگا شاهوڙ،
جوڙ نہ جِيس تَني سان، تَليهرن سان توڙ،
ڏاڍا آهن ڏنگڙا، ڪائي وِڏا تن ڪوڙ،
ڪيائون قيد ڪِروڙ، آئون نہ هڪ اَعـجاز ڇئي.

3 - پيشانيءِ سان پرينءِ جي، پونم ماهہ نہ پُڄي،
شمع بہ شعاع جَهڪو ڪيو، لالڻ آڏو لڄي،

راتِ منجهان ڏينهن ڪيائين، ڏنو ڏيهه سڄي،
ٿو عجب اَعـجاز ڪجَي، تنهن جي ڏسي تجلات کي.

4 - پِرون منهن جي يارجا، ڏنا جي پَونرن،
تہ پيلا ٿي وِين مُنهڙا، سياهي مور نہ ڪن،
۽ تيغون مُڏيون ٿَن ڪيون ابرن جي جَلون،
سِپَرون سَٽ نہ سهن، جي اولرون ڪن اَعـجاز چئي.

5 - عجب اکيو عجب جون، عجب اٿن خمار،
مَئي ڪَشن ميخانن ۾، پلپل تن پچار،
جيڪي ڏسن جِي ۽ ڏيئي، سي سدا منجهہ ملهار.
ماڻن ڪيف قرار، عاشق سي اَعـجاز چئي.

6 - نڪ تہ نرمل نجيب جو، آ بيشڪ بي مثال،
سُهٽائيءِ سان دنگ ڪَيئين، ڪُنڊڙائيءَ سان بہ ڪمال،
تنهن کي طوطي سان تشبيهہ ڏيئي، ٿيان چو بيتال،
اٿم خبردار خيال، ڪندس اهڙي پل نہ اعجاز چئي.

7 - **لالڻ جي لبن جي، جڏهن لعلن کي پَئي باک،**
تڏهن سڀ هنڌ ڪنيئون تن جي سُرخيءَ سندي ساک،
پٽن پهري اَعـجاز چئي، ڪئي وَساڙن بہ واک،
پوءِ ڪيئن نہ ٿيندي لاک، شيداتن شَفتينن جي.

8 - **مُهٽا ڏند محبوب جا، سهٽا سنهڙا سر،**
مُڪي چاندي مين جي، تن سان پيٽ نہ ڪر،
املهہ عقيق اَعـجاز چئي، ڏوڙ ۾ نيئي ڏر،
تنهنجون مرجانيون بہ مرن گهر، تہ گهوريا هن دَڇنن تان.

9 - **مکڻ چاٽا نہ تهڙا، جهڙا نازڪ ڳل نرم،**
چُمن ڪان اڳ پسڻ سان، ٿو گريبان ٿئي گرم،
چڏٽو پيم اَعـجاز چئي، لاشڪ دين ڌرم،
شوق پَچايو شرم، خَدَ چُمان بئي خوبان جا.

10- **ڳچيءَ ڳهہ پرينءِ جي، ڳهن جي چا مجال،**
ڪچهريءِ ۾ ڪونجن جي، هُئي هردم هيءِ مقال،
سڀ صُراحيون ڪَني ڪجن، تہ بہ سِسي هُوءَ سال،

وِڏا وَجُد حال، تنهن جي ڪَر ڪِروڙن ڪي.

11 - هٿڙا هوت حبيب جا، آهن چورن لاءِ چائون،
ٻانهون ٻئي ٻاجهه پريون، تو ڏسان هردم آئون،
پري پاڪر پال جا، پلپل پاتائون،
دل سان دعائون، ڪريان اَعـجاز انهن ڪي.

1 - منهن جي اکين رات، پياريو اَب ابرين،
رَعد رمز پسي ڪري، برسيو لئہ برسات،
ڪنوڻيون ڪنوڻ لڳيون، ڪُل متي ڪائنات،
عام تہ اها اَعجاز چئي، ڪين وسهندو بات،
ڪُل ئي ذات صفات، مون ۾ ئي موجود آ.

2 - منهن جي اکين پس، پياريو آب ابرين،
اوتي جَر جگر مان، ڪَيَئون وسڻ ڪارڻ وس،
هن اکين کي جس، عالم آ سو دو رکيئون.

3 - منهن جي اکين مج، پياريو آب ابرين،

ٻئي ڪنهن وهم گمان ڪي، هڏ نہ ويجهو وڄ،
ڀڄڻ ڪندا ٻاجهہ سان، جن اڪين ڏي سَجَ،
سي چو نہ لاهينديون اُڄ، عالم سندي اَعجاز چئي.

4 - **عشق ڏنو سبق عجب منهنجي اڪين کي،**
پورئي بہ پسو حق کي، پٽئي بہ پسو حق،
طور اهو تعلق، قائم رهندو قيام سينءَ.

5 - **عشق ڏنو ڏس، عجب منجنهي اڪين کي،**
اندر ٻاهر هڪڙو، اتوَ عين عڪس،
پسو تنهنکي پسڻ سان، ور ور ڪري وس،
جي پورجن پٽجن پرينءَ لاءِ جُڙي تن کي جس،
گهاڙو اهو گس، قائم رهندو قيام سين.

6 - **عِشق ڏني هي مَت، عجب منهنجي اڪين کي،**
کُلي کُلي هر جاءِ تي، حق پسيو هر گهٽ،
ڇپر نہ ڇهي ڇپر کي ،اهو چوڻ رکو چت،
رِندي آهي رمت، مَازَاغَ البَصَر سان.

7 - عِشق ڏِنو هي اَٿُ، عجب منهنجي اکين کي،
پورجو پَنجو پرينءِ لاءِ اهڙو بَڌو سَٽُ،
ڪونهي مانع ڪٽ ،حد بنديءَ جي حب جو.

8 - عِشق ڏيکايو ڏيهه،عجب منهنجي اکين کي،
پورئي پَنئي ساڻيهه، اهوئي پسن اَعجاز چئي.

9 - نازڪ نيڻ سجڻ جا، نازڪ مَتن نقاب،
جي گُلڻ خُوءِ خُماريا،تہ نرگس نہ سهن تاب،
جي نهارين ناز ڪري، تہ نِميو پون نواب،
جي چڙهن قوس قهر تي تہ جڳن کي جواب،
جي اچن مِهر معافيءَ تي، تہ چا جا ڏوهہ ثواب،
اهڙو حُسن حساب، آهي مَنجهن اَعجاز چَوي.

10-ڪري عِشق دلال ،اکيون مِليون مَحبوبن سان،
اکيون عاشقن جون، مُڙڻ هاڻ محال،
ميسر آهہ اَعجاز چئي،وَر وَر جن کي وصال،

هلي سي هر حال سَڌ پريندي‌ون سُوريءَ جا.

11 - **اڪيون اڙيون اڪين سان ،عِشق ڪري اڳواڻ،**
ڪير تيرن جي تاءُ ڪان، مَٿو موڙي هاڻ،
پُرزا ٿي پِڙ مٿي ، ملهائيندي‌ون پاڻ،
ڪانہ ڪڍنديون ڪاڻ، اجل جي اَعجاز چوي.

12 - **اڪيون اڙيون اڪين سان، لاهي لوڪ حجاب،**
شرم ۽ شَرع جو .وسرين باب عتاب،
قاضي ڪرين تن سان،ڪهڙي حد حساب،
ڳڻ ڪو خير ثواب،پَل نہ مَنين ڪي پَسڻ ڪان.

13 - **لڳي لال گلاب،ٿيون اڪيون عاشقن جون،**
پسن پيون پرين جو ،صبح شام شباب،
اچي سک سِکڻ جو ،انهن ڪان آداب،
جن نظاري جو تاب، آهي هَر هَر سَنو اَعجاز چئي.

14 - **اڪين ملي اڪين سان ،خوب رچايو رنگ،**

نعرو هڻي نيهن جو، نِسري ٿيون نسنگ،
عِشق سندو اَعجاز چئي، سِر سَنئون آڙنگ،
پڇي اتان پارس ٿيون، جت مس پُڳو ڪو پتنگ،
ٻاڻ تني جو ٻنگ، ڪڏهن ڳُسي ٿو ڪونہ ڪو.

15 _ اڪين ملي اڪين، سان ڳجهو ڳالهايو،
الست فرمايو هُنن، تہ قالو هِنن ورجايو ،
اهڙي پت اعجاز چئي، رکئيون راز رايو ،
ملڻ تن ملهايو، جت ڪٿ آهن جوڙ سي ،

16 - اڪين ساڻ اڪين جي، ازل ڪان آهي،
دل واري دوستي ،محبت گاهي گاهي،
اڄڪلهہ جي ناهي، جو چئن گهڙين لاءِ چِت چڙهي.

17 - عجيب تنهنجي اڪين ۾ ،ڪو تہ آهي اسرار،
ڪئين وجائي ڪيترا، وينا قلب قرار،
جن ڏِٺيون تن ڪيون، سِريون سُوريءَ سوار،
آئون چوان چا اَعجاز چئي، ڪونهيم چوڻ جو اختيار،

لالڻ ليل نهار ، آهن اکيون تنهنجون عبرتي.

18- عجيب تنهنجي اکين ۾ ، جادو ڪي ڪيڏ ڀيو،
جن جي پسڻ سان پرين ،منهنجو عقل هوش ويو،
اچي روح اَعجاز چئي، ٺيان ٺيان ۾ پيو،
ٿميو ڪو نہ ٿيو، عجب راز اکين جو.

19 - عجيب تنهنجي اکين ڪي ، ڏيئا چوڻ ڏوھ،
جن جي پسڻ سان ٿو، سون ٿئي پِتل توڙي لوھ،
مونکي تن جو موھ ،ٿو ادب سيڪاري اَعجاز چَئي.

20- عجيب تنهنجي اکين ڪي ، گلاب چوڻ گناھ،
جن جي پسڻ ساڻ پرين ٿو، ساھ ۾ پئي ساھ،
تشبيهن ساڻ اداھ ،ڳالھ نہ ڪندس اکين جي.

21- عجيب تنهنجي اکين ڪي، چقمق چوان تہ ٿيان چور،
آئون انهن تان گهور، ڪيان مُلڪ مقناطيس جو.

مارئي

1 - اُڄ ٻُک اباڻن سان، عمر پانيان عيد،
آڇ مَ مون اَعجاز چَئي ،موتي مرواريد،
نڪي طعام تراوتي، نڪي ميوا مزيد،
شغل شادي ديد، مون لئہ مارو ڄام جي.

2 - صورت سانگي سنگهار جي،مورت آ مون من،
آهي سا اَعجاز چئي، آسا بند اکين،
منجهہ تڳان تاري تن جي، قيد الماء ڪڙن،
ويندس ويڙهہ وطن، ڪري مهندان مارو ڄام کي.

3 - **جو گوندر ريءِ گذاريو،مون وقت ويڙهيچن سان،**
سوئي سنڀاريو، پئي ڏکيا ڪاٽيان ڏينهڙا.

4 - **جو گذاريو گوندر ريءِ ،مون وقت ويڙهيچن سان،**
اهو سنڀاريو اَعجاز چئي، هَت قيد ڪَٽي پئي هيءِ،
پسڻ ڪارڻ پيءِ، اذيتون سَنم عمر جون.

5 - **جا رَوَش ريبڙ يارن جي، سا عمر تو وٽ ناهه،**
الله لڳ اَعجاز چئي،لوهه مُنيءِ تان لاهه،
سومرا ساڄاهه، ڪر تہ دعاڳڻ تو ٿيان.

6 - **جي جُسو جَڙين سومرا، سنگهرن سان سارو،**
تہ بہ اکين دل ارواح، اباڻن آرو،
هرگز نہ هنڻ وارو، ڪاڏو قرب انهن جو.

7 - **جُسو جَڙيُئي سومرا، سارو سنگهرن ساڻ،**
تہ بہ منهنجو من مارن سان ،ڪري روح رهاڻ،
ڪيئن پوءِ ڪيان ڪاڻ، عمر قيد ڪڙن جي.

8 - جُسو جَڙيُئي سومرا، زيل زنجير هَٿي،
تہ بہ دل جي آئون تہ دري مان، پئي پسان ملير ڏٽي،
انهن جي اشارتن ۾، ويم قيد وٽي،
ائين يانئِہ ڪٽي ،تہ آهن گڏ اَعجاز چئي.


9 - جي جهلين جهٽڪين سومرا ،تہ بہ ور ويڙهيچو ويءُ،
بت تو وٽ بند ۾، جڙيل ماروءِ سان جِيءُ،
مون ڪي پوءِ محي الدين چوي،قيد ڪندو چا هيءُ،
پَسي پَنوَهارو پيءُ،ڪنديس روح رچنديون.

10-جي جهلين جهٽڪين سومرا ، لوھ هٽي هزار،
تہ بہ منهنجي ماروءَ چام سان آهي لنئون لغار،
توسان تنهنجي قيد جي ڪنديس ڪونہ ڪُوار،
اباڻن جي اَعجاز چئي،مارينذم ميار،
تن ڪي تار تنوار پيئي ڪنديس پر ۾.

11 - اُتئي ويني اباڻن سان،اتم روح رُذل،

لاهيندا سي لک ۾ ،قيد مني تان ڪُل،
ڪندا تنهنجي طلسم کي، عمر اهي اُجل،
ويندئي بانور بَل، بلا شڪ بهلول چئي.

12 - **نڪا اڄ نہ ڪالهہ ميان، ازلان اڳي ڄاڻ،**
سُيَم بانگ برهہ جي، قبلئون ڪنن ساڻ،
پڙهيم ڪلمو پريم جو، پرزا ٿي ويو پاڻ،
مليو صبر سَنباڻ، برسِرو بهلول چئي.



سارنگ

1 - آگم ڪري آيو، سانوڻ سُڪاري،
حمد دُگانا هاديءَ جا ،هر هر پڙهو هاري،
پيو ساهه سُڪن ۾، سُونهن مِلين ساري،
سنڌڙي سُونهاري، رحمت جنهن تي رب جي.

2 - آگم ڪري آيو، سانوڻ سُهاڳي،
حمد پڙهن حميد جا، ماڻهو مڙئي ماڳي،
واحد ڏني وس سان، سونهن سين ساڳي،
سنڌڙي سياڳي،رحمت جنهن تي رب جي.

3 - آگم ڪري آيو، سانوڻ سونهارو،

واڻو واءُ پورب جو،ساھ سيباڻو سارو،
گگن گجو ڪنوڻ ڪنوي، وسيو وسڻ وارو،
المجيب اَعجاز چئي، آھي ٻاجھارو،
ڪوتڙ تا سيارو، قادر ڪيو ڪينڪي.

4 - **سارنگ آيو سائن سان، آڙنگ آھي اڄ،**
جيئن سھڻي ڪنھنجو سيج تي،حُسن ڪري ڏَڄ،
تيئن ول چِل وجھيو وسڻ لاءِ،مُرڪيو موھي وِڄ،
روح ڪندا ڪئين رَڄ، آسائتا اَعجاز چئي.

5 - **ساونڻ آھ سجڻ سان، سجڻ ئي آ ساونڻ،**
اڇي جڏھن اَعجاز چئي، ڏکن پئي ڏاوڻ،
رنگ لڳي رانوڻ ،ٿئي اَوس وس وصال جي.

6 -**ساونڻ آھ سجڻ سان، سجڻ ئي ساونڻ آھ،**
ساونڻ جو سپرين ريءَ، رنگ رچڻ جو ناھ،
نڪا مينگھ ملھار سونھين، نہ بوند بھار باﷲ،

سپ نهي ٿو ناھ، اچڻ سان عجيب جي.

7 - **امر ساڻ الله جي، وريو وِجڻ سان آهي،**
ڪڪرن ڪارونيار ڪئي، بس بادل وٺ ناهي،
اَزغيبي آب اَعجاز چئي، ٿو سهجئون سنباهي،
اُجين اُج لاهي، اچيو عرب پار ڪان.

8 - -**اچ مينگهہ پي مست ٿيو، آئون بہ چو نہ پيان،**
پي پيالا پريم جا ،لنئون لئنون ڳگّ ٿيان،
بادل جيئن برخيز ٿي،ڏيھَن رنگ ڏِيان،
دلربا جي ديس تي، تہ نِجا بَحر نيان،
جانب پسي جيئان، امر ٿيان اَعجاز چئي.

9 - **اچ مينگُهہ پي مست ٿيو، آئون بہ پيان چو نہ،**
اشاري سان عَجيب جي ترُ بہ تَر سان ڪونہ،
پي هٿان پرين جي، برسان وسان بي اَون،
هيرا موتي پلٽ ڪيان، سپ هنڌ سيمون سون،
پالھو پسان پوءِنہ ،اويڙ ڪو اَعجاز چئي.

10-ڪي بگا ڪي بيوتڙا،ڪي ڪارا ڪارونياري،
بادل باد بحر سان،آيا ڏومي ۽ ڏجداري،
سونھن سٽا سانوڻ جي ،من موھڻ واري،
سعيو سُڪاري، آگم ساڻ اَعجاز چئي.

11 - ڪي بگا ڪي بيوتڙا، ڪي ڪارا جھڙا ڪيس،
ڪڪرن ڪيا قسمين قسمين، وسڻ ڪارڻ ويس،
سارنگ سارون لڏيون، سرھا ٿيا سڀ ديس،
ٻھڪن ٻيلا سنڌ جا، باغن حسن ھُبيس،
جھڙا نصرپوري ڪيس، تھڙا پٽ سونھاري سنڌ جا.

12 - ڪي بگا ڪي بيوتڙا، ڪي ابلق جي آچار،
منڊائتي مينھن جا، ڪڪر ڪلادار،
اُڀ وڪوڙي وڃن سان ،چڙھي آيا چوڏار،
ھلي وڻا ھر پار،ٽيڙا اوج اَعجاز چئي.

13 - ڪي بگا ڪي بيوتڙا،ڪي ڪوپا ڪلنگھيارا،

بادل باد بحر سان، آيا مينگھي ملھارا،
برسي بينا پيچ ڪري، ڏس باغبن بھارا،
جھوليئين جھالارا،اٿن جر جوھر اَعجاز چئي.

14 - **اترئون ٿي اٿيو ،تو گگن اچ گجي،**
سو آيو واءُ وچن سان، ڪري جھاٽ ججھي،
پير جھنڊي جي پڙ پٽن تي، ڪيئن نظر نجي،
اِرد و گرد اَعجاز چئي، ويا ريگ جَبل رِجي،
ھئي جا دل منجھي، سا کُلي باغ بھار تي.

15 - **ڪي بگا ڪي بيوتڙا، ڪي ريٽا ڪي رنگين،**
ڪي بلوڪي باصري، ڪي زردا ڪي زرين،
ڪي سرمائي ڪي سونھري، ڪي فيروزي فرحين،
مينھن ڪڪر مند سانوڻ جا، طرحين طرحين ٿين،
رم جھم راتو ڏِينھن ڪريو، ڪن بوندن ڪان بس ڪين،
جنھن جوڙي جوڙ اھڙي،ھجي تنھن آفرين،
جھڙا قابل جا قالين ،تھڙا پَٽ سونھاري سنڌ جا.

16 - ڪي بگا ڪي ٻيوتڙا، ڪي نيلا ڪکر نِج،

ڪڏي ڪمانيون ڪنڍيون،قبضي ۾ ڪيئون سج،

رزق اتن رسائڻو، ان پاڻي ۽ ٻج،

هاري حمدالله چئي، هر هٿ ۾ ڪِج،

مرد مردانو ٿِج، محنت جي ميدان ۾.

ليلان چنيسر

1 - پَلئہ پائي پيهہ، دليئون در داسڙي،
چري چنيسر جام سين،چُلي ڪَر مَ چيهہ،
عجز ساڻ اَعجاز چئي،راءِ سندي دل ريهہ،
تون ورچڻ ڇڏي ويهہ، پرچڻ آهہ پرينء تي.

2 - ڪائين چو ڪورا، پائين نہ پلئہ پرينء کي،
سي وسري وِيَئي ويسري، جي ٿورائتي ڪيئي ٿورا،
آيئي سِر اَعجاز چئي، سر جفائون جورا،
پيجي ڪر پورا،دعويٰ سڪٽي دم جي.

3 - تو پاڻهي ڪئي پاڻ سان، ليلان اُتي لوڙ،
وَر نہ توسان وچائيو، تو نہ ڪيوڙي توڙ،

هُوڙهي مُوڙهي هاڻ تون،مَنُ مَٽئي ڪان موڙ،
چني سڀڱو چوڙ، اٿئي مهل اَعجاز چئي.

4 - پاٿهي ڪيئي پاڻ سان، ڏوهه ٻين تي ڏين،
ليلان هاٽي لوڪ ۾،جيڪر دم نہ جين،
پيالو زهر پين ،انهي هوند هُئڻ ڪان.

5 - پاٿهي ڪيئي پاڻ سان، جاٽي واٽي چٽ،
پوري اڪيون اَعجاز چئي،ڪيئي مٽيون چنيسر مٽ،
هُوڙهي پاسي حق جي، گهٽو ويئينءَ گهٽ،
ڪري انڌ الهٽ، ڪانڌ مٿايئي ڪچ تي.

6 - چا لهي وَر وَلهو، چا لهي مُوتين مُٺ،
ويهي ڪر ويچار تون، اِهو اوائي اُٺ،
ان ڪري اَعجاز چئي، ٿي جوڳي توسان جُٺ،
جو پِر ڪي ڏيو پٺ، ٿي منشا پاريئي مَن جي.

7 - جو مون هار پانيو ،سو مون لئہ هو ڪو مار،

ڏنو تنهن آزار، هٽي ڏنگ ڏُهاڳ جو.

8 - جو مون هار پانيو ،سو مون لئہ هو موت،
فاني ٿينديس فوت، ڦتڪي هن فِڪر ۾.

9 - جو مون هار پانيو ،سو هو اندر ساڙ،
پسي چلڪو چاڙهہ، منهنجو چت چريو ٿيو.

10-جو مون هار پانيو ،سو مون لئہ هو ڪو سور،
پائڻ سان پري ٿيم، نيڻن سندو نور،
ههڙي ڪاٽي هار جو کهڙو هوم ضرور،
ڪيم هي ڪلور،پوري اکيون اَعجاز چئي.

11 - جو مون هار پانيو ،سو هو ڏک ڏهاڳ،
پوءِ پروڙيم پُرجهي، جڏهن ويو سک سهاڳ،
مليان کهڙي مُنهن سان، هاڻي مِسي مساڳ،
جي پري اچيم پاڳ،تہ آٽيان ڪانڌ اَعجاز چئي.

12 - **تو چگو چوندو ڪير، جيئن پاڻمرادو پسرين،**
اِيءَ نہ پلائي پير، ڪي مج تہ ماڻُ لهين.

13 - **سرتيون ٿيو سچ، چوڻ نيٺ چگن جو،**
آيم ڪين اَعجاز چئي،ڪم ڪَهين ۾ ڪچ،
مٺئين منجهان مچ،متو مون مُنيءَ لاءِ.

14 - **سُرت ڏيوم سرتيون، ڪاند ورايان ڪيئن،**
جيئن ٿي پاڻ پتوڙيان، تڙجان پئي تيئن،
عهد ڪيم اَعجاز چئي،هاڻي جيڏيون هيئن،
تہ صبر موت سينءِ، ڪنديس ڪونہ قريب رِيءَ.

15 - **سُرت ڏيوم سرتيون، مون ڪُڏائي ڪئي،**
ڪَونرُوءَ جي ڪُپت جي، مونکي ڪل نہ پئي،
مون پانيو ٿي مُٺ ۾ ،ڪريان گدرا ٻئي،
پوءِ پروڙيم پُرجهي تہ وهي سير وَئي،
اديون ائين اَعجاز چئي،مون ڪان ڳالھ ڳئي،
چوءِ تہ ڪيئن چئي، آئون ريجهايان راءِ کي.

16 - سرت ڏيوم سرتيون، وانديي ڪيس واپار،
اَوَڳُڻين اَعجاز چئي، ڏڪجي ٿيس ڏار،
هن هچاري هار، مون ڪان راءُ رُسائيو.

17 - مُني ڪانڌمَ مٿ چڙيم پاند پرينءَ جو،
عجز جو اَعجاز چئي، ڳچي پائج ڳٿ،
سڀڳو مٺيون سَٿ، تہ ساڀيو تو سهاڳ ملي.

18 -تو ڏوهياٽي تو ڪيو ڏوهہ، ڏِس مُني تون پاڻ ڏي،
ڏنيون اڪيون ڏسڻ لاءِ،قادر توکي ڪوهہ،
پرنيديئي پرکين ها، ڊوهيءَ سندو ڊوهہ،
تہ مور نہ توکي موهي ها، مٺئين سندو موهہ،
عبث هاڻ اَعجاز چئي، چَندين وَرَ تي چوهہ،
ليلان ٿي وئين لوهہ،پاڻهي پنهنجي پاڻ مان.

19 -پرم پُلاياس،نہ تہ آئون نہ پلجڻ جهڙي،
عجز جي اَعجاز چئي،ويڙهي اڳ نہ وياس،

هوندي منجهه هياس، حيف منهنجي حال تي.

20 -**پرم پلايس، نہ تہ آئون نہ پلجڻ جهڙي،**
عجز جي اَعجاز چئي،ويڙهي اڳ نہ ويس،
هوندي منجهه هُيس، حيف منهنجي حال تي.

21 - **پلايم پرم ، نہ تہ آئون نہ پلجڻ جهڙي،**
عجز تي اَعجاز چئي، پروسو نہ پانيم،
هئڻ هلايم،حيف منهنجي حال تي.

22 - **پرم پلايم، نہ تہ آئون نہ پلجڻ جهڙي،**
آهيان هاڻ اَعجاز چئي، شاهي منجهه شرم،
مَاريم ٿا مام ۾، مداين جا مَرم،
ڪَيَم ڪوجها ڪم،حيف منهنجي حال تي.

23 - **ليلان چتان لاهه، اکر آئونءَ جو،**
آئون ڪي اَعجاز چئي، ڪتي اهميت ناهه،
ڏي آئون کي باهه، تہ آئون ڪان آجي رهين.

24 - **ليلان ليڪو ڪوھ، ڪرين پنجنجي ڪانڌ سين،**
جي تو وٺ ترسي ڪينڪي، تہ بہ توتي ھن جو توھ،
اوڳڻ ڇڏ اندوھ، ڏس نہ ڪٿر ڪس ڏي.

25 - **من ۾ پايو مير، پوءِ ٿي پرچاٽيون ڪرين،**
اوڳي توڪي اَعجاز چئي، ڪونہ چوي سچ ڪير،
سڄڻ جي سرچاڻ جو، ائين نہ لھندينءَ سير،
جيئن غلط اڪر ميٽجي، تيئن من تان ميٽج غير،
تہ پري اڄ ئي پير، پرين توڏي پرچڻ جو.

26 - **ڪنھنجو مٽيون ڪنھن جي ڪونرو، ڪير ڏوھياٽي ڪنھنجو ڏِنگ،**
جو لِکيائون لوح ۾، اھو ئي پريو انگ،
اصل ڪان اَعجاز چئي، رِتيل ھو ائين رنگ،
دوريءِ سندو دنگ، وِڌو تڏھين ولَھي.

مومل راڻو

1 - ڪاڪ شِڪستو ڪاپڙي، آيو ڪاڪ ڪاڪ ڪندو،
گھايل ڏنو ٿي گھٽ ۾، ساڙيل سونھن سندو،
ماندو دردمندو، ھو آديسي اَعجاز چئي.

2 - ڪاڪ شِڪستو ڪاپڙي، ڪاڪ نہ وساري،
پاڻ مرادو پر ۾، جھڄي جھونگاري،
ڦٽيو ڦٽ فراق جا، وڏو مزاڦن ماري،
ھنجھون لڪيو ھاري، آديسي اَعجاز چئي.

3 - ڪاڪ شِڪستو ڪاپڙي، سامي سڙيل سارو،

سونهن وڄائي سوز ۾، ڪڙهي ٿيو ڪارو،
مومل جي مذاقن جو ،مٽس مونجهارو،
اندوهيل اُجارو، آديسي اَعجاز چئي.

4 - **ڪاڪ شِڪستا ڪاپڙي، ڪاڪ سندي ڪر ڳالهه،**
ڪهڙي چَليون چال، تون سان ڪُنواريون ڪاڪ جون.

5 - **ڪاڪ شِڪستا ڪاپڙي، لَلنگهه لاڪيٽا لال،**
اوري اور اَعجاز چئي،اتي جا احوال،
ڪهڙي طرح تال،ڪيا ڪنوارين ڪاڪ جي.

6 - **ڪاڪ شِڪستا ڪاپڙي، ڪاڪ سندي ڏي سُڌِ،**
ڪيئن ٿيون وڏي وڌ، توڪان ڪنواريون ڪاڪ جون.

7 - **ڪاڪ شِڪستا ڪاپڙي، ڪي ڪاڪ مقالون ڪر،**
اَلفان بي اَعجاز چئي، ڏي سُڌيون سَر بَسر،
پيش ڪهڙي پَر، آيَئي ڪنواريون ڪاڪ جون.

8 - مومل واري ماڳ تي، آهي ريبي رَڪ،
هارايو مارايو لڪ، موتيون اچان مينڊرا.

9 - ڪجا ڪاڪ سندي، ڪئي ڪاپڙي ڪهاڻي،
لڳي ماڻ مردن کي، دل تن ڏوراڻي،
هو مينڌرو مڙن سوڍو سڄاڻي،
آديسي جي اَعجاز چئي، ويو سمجهي سمجهاڻي،
گُجر سان گڏجاڻي، ڪاهي ڪيائين ڪاڪ تي.

10-ڪا جا ڪاڪ سَندي، ڪئي ڪاپڙي هاڪ،
سڻي ساري ڳالهڙي، بَنبوليا بيباڪ،
چڙهيو ڪيف چئني تي چڪي پِيڙن چاڪ،
تن من جا تاڪ، ڦيرائين ڦوڪ فقير جي.

11 - ڪا جا ڪاڪ سَندي، سامي ڪئي ساراهه،
سا سڻي چئني سنگتين، رمي ورتي راهه،
آهه متي آهه، ويا پريندا ڪاڪ ڏي.

12 - **سا جا ڪاڪ سَندي، سُڌ سامي سڻائي،**
عاشقن اَعجاز چئي، ٻي نہ وٽي وائي،
سِڪ سِر جائي،قصي ڪاپڙيءَ جي.

13 - **ڪا جا ڪاڪ سَندي، سُڌ سامي سڻاين،**
شائق شڪاري شوق ڪان، پير نہ پٽ پائن،
ڪاڪ سندي ڪيتڪن جي بوءِ آديسان آين،
سڪ سرجاين، قصي ڪاپڙيءَ جي.

14 - **شڪل شبيھ ساميءَ جي، شمس جيئن شعاعي،**
تڙپ تپش تنھن ۾، جنبش جوش جائي،
پسي ڪنواريون ڪاڪ جون،جوڳي جان جلائي،
تنھن آديسان آئي، بانڪن بُوءِ برھ جي.

15 - **شڪل شبيھ ساميءَ جي، مورت مٺياري،**
واسي ديس ويڳاڻيل سان، ھو بابو بيڪاري،
اھڙي لڳيس اَعجاز چئي، ناوڪ نياري،
جو خوءِ خماري، ڪڏھن نہ لٽيس ڪاڪ جي.

16 - شڪل شبيھ ساميءَ جي، هئي جميل جسماني،
پُر نوراني نور سان. پوربي پيشاني،
حيرت پرئي حال جي، ڪَيَئين ڪهاني،
هو جوڳي جولاني، سرس ستايل ڪاڪ جو.

17 - ساميءَ سَليا سُر، مومل جي محلات جا،
ڪوڙئين ويا ڪيترا ، سڻي خان خبر،
ڪنهن جا هليا ڪينڪي،اُت حيلا هوش هنر،
دَر دَريچا چاڙهيون، ڪنگرا ڪوٺ قصر،
سرنگھ سير سنگينا، چوڪٺ چونڪ چڪر،
هيبت هُل هاگامان، مار مِرون مانگر،
ڪنول ڪيتڪ ڪيوڙا، سهسين صنوبر،
پانن پڪون پيگن سان، پُرس پريءَ پيڪر،
نَهريءَ نَتڪيءَ ناتر جي، وائي ۾ ڪئين ور،
اسرارن اَعجاز چئي، منجهايا ماهر،
بنا گياني گُر، مومل ماڻيندو ڪونہ ڪو.

18 - **شڪل شبيھہ ساميءَ جي، ساري سونهن پري،**
آديسي اَعجاز چئي، لائي ذوق ذري،
وريو ڪين وري، هلو تہ هلون ڪاڪ تي.

19 - **شڪل شبيھہ ساميءَ جي، ڏنيسون ڏکويل،**
مينهن وسايا اکين مان، مومل جي موهيل،
هو سرس ستوهيل، ڪاڪ شِڪستو ڪاپڙي.

20-**ڪوڙ وِڪاڻو ڪاڪ جو، ڪوڙو طلسم تاءُ،**
ڪوڙي بَن بَناء سان، ڪوڙو جوڙ جڙاء،
ڪوڙو هُل حرڪت جو، ڪوڙو غُل غوغاء،
ڪوڙو ڪل اَعجاز چئي، عقل ۽ اُناءُ،
راڻو ڏَنگ ڏَاناء، جنهن سارو راز سهي ڪيو.

21 - **راڻي راز سهي ڪيو، سوڍو مرد متير،**
وِير وَسيلي سو پاريءَ جي، سوجهي لڏو سَير،
ٺنهن نچائڻي ناتر ڪي، دبائي ويو دلير،
پسي ڦير پلنگن ۾، پرجهي پاتئين پير،

اهڙو انگي اَعجاز چئي، ڪونهه ڏنوسون ڪير،
شائق ٿيو شير ،مومل ماڻي مينڌري.

22 - **هليو هيمر ساڻ ڪري، دانهه درس وزير،**
ڪدي ڪشالا ڪاڪ تي، وجي سهڙيا وير،
سڻي سوال ناتر جا، سمجهي ويا سڌير،
عاشق چارئي اَعجاز چئي، عاقل هئا اڪسير،
پر توڙئون منجهه تقدير، سوپ لکيل هئي سوڍي کي.

23 - **ڪهڙو ويڌن ڪاڪ تي، جي ويا سي ڪين ورن،**
لکيسري لاڏلا ،مُنجهيو اُت مرن،
ڏڙ هزارين ڏوڙ ۾، ۽ سِريون سَر ڌَرن،
ڏسيو ڏاڍايون اهڙيون، ڏورئون ڏيل ڏرن،
عاشق ڪئين اَعجاز چئي، ٻارڻ جيئن ٻرن،
بنا نيش ٺرن، ڪانهي جاءِ ڪچن جي.

24 - **سوڍي جهڙي سرت، ڪنهن کي آئي ڪانهه ڪا،**

هڻي ڏونڪو پير تي، ڪشيائين ڪمر ترت،
پيئي نيهيءَ کي نِرت، اُلٽي انگ اکر جي.

25 - سوڍي جهڙي سياڻپ ،ڪنهن کي آئي ڪانهه ڪا،
عاشق کي اَعجاز چئي، هُئي ڄاڻ وڏي ڄاڻپ،
پُرزا پُرزا پاڻپ، مومل جي ڪئي مينڌري.

26 - نڳن جا نڪاءِ، ڪجھ نہ ڪندا تن کي،
ڏنا جن ڏسڻ سان، لاريبي لقاءِ،
ڏوڏٽ ۽ ڏڪاءِ، آهن ڪُوڙن ڪاڻ اَعجاز چئي.

27 - سوڍي جهڙي سِڻا، ڪنهن کي آئي ڪانهه ڪا،
رس رهاڻن راڻي جي، چاڙهين رنگ چِٽا،
ڪيا ڪنورين ڪاڪ جي، قند فريب ڦِٽا،
لڳن ٻاڻ ٻِٽا، جو تِيُن مقابل مينڌرو.

28 - سوڍي جهڙي سمجھہ، ڪنهن کي آئي ڪا نہ ڪا،
مَن اندر جا مُنجهہ، ميٽي ڇڏي مينڌري.

29 - سوڍي جهڙي سوجهه، ڪنهن کي آئي ڪا نه ڪا،
ڪيڏاريءَ جي ڪوچ، تي سوياري سين ڪان.

30-جنهن ڪڍيا سر سين جا،تنهنجي سوڍي ڪڍيا سر،
ساوتي راٺو ڪندي، هول مَنجهان هَر هَر،
ويس نڪري وَر ،ارڙاين جا اَعجاز چئي.

31 - جنهن موهي ماريا جُنگ، سا موهي ماري مينڌري،
ويا واري وينگسن کي، پنهنجا ڍارا ڍنگ،
راٺي واري رنگ، وِڌس حيرت حال ۾.

32 - پِڪون چت پانن جون، ڪده ڪيف قرار،
مگر مچ مجاز جا، گهور گهُمنڊ گينوار،
نيڻ نندڙاڪا نرگسي، خوبان خوب خمار،
عشق سندا اَعجاز چئي، بَدل بوند بهار،
اُتي اچ ٻه پچار، آ راٺي جي رهاڻ جي.

33 - پِڪون چت پانن جون، ڪيف ڪيفيتون ڪُل،
ڪُلئي ڪُلائي نينهن سان، ميلو موج متل،
اُتي اج بہ هُل ، آ راڻي جي رهاڻ ۾.

34 - پِڪون چت پانن جون،ڪيف ڪده ڪونين ،
مگر مچ مجاز جا، جهرڪن ماه جبين،
مُشڪ جِنا هبڪار سان، حلقا هٽن حَسين،
ڪَنول قنديل ڪوڙئين، لعلون ۾ لمعين،
اُتي اج بہ طلبين،راڻي جي رهاڻ ڪي.

35 - پِڪون جِت پانن جون، مِسي ۾ مرجان،
مگر مچ مجاز جا، موڪي مد مئيخان،
اُتي اج بہ مانُ،آ راڻي جي رهاڻ جو.

36 - پِڪون جي پانن جون، رَچن پريمي رنگ،
وڳا ويس وصل، وڃن چنگ اُپنگ،
اُتي اج بہ آڙنگ، راڻي جي رهاڻ جا.

37 - جَهڙا سَر وَ صنوبر، تهڙا قد ڪاڪ وندين جا،
ڪمرون ڪيهر شينهن جيان، ڪونجن وانگر ڪر،
رنگ برنگي ويس تن ڪي، پَرين مثل پر،
جلوا ۽ جوهر، جوڀن جوت جمال سين.

38 - جهڙا وَرن عُناب جا، تهڙا احمر لب،
جوڀن جوت جمال سان، ماڻهو مڙئي محب،
شمع مثل حُسن جا، شعلا هڻن شب،
مرڪي اُت مرڪب، ڪئين ڪُڏايا مينڌري.

39 - جهڙا نرم ڪنول، تهڙا بدن ڪاڪ وندين جا،
هٿين پيرين پدمڙيون، مَن موهن هرپل،
ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾، ڦهري ڪوڏ ڪجل،
چرخ هوش عقل، اُتي ڪئين اَعجاز چئي.

40-جنهن گُجر تي گهايا، گُهورون هڻي گهوٽ،
چاڙهي تنهنکي چوٽ، منهن مقابل مينڌري.

41 - جنهن گُجر تي گهايا،گُهور هٽي گرناري،
آئي آخر اَعجاز چئي، وار تنهنجي واري،
هَنيُس بان باري، منهن مقابل مينڌري.

42 -جنهن گُجر تي گهايا، هٽي گُهور هزار،
آئي آخر اَعجاز چئي، واري تنهنجي وار،
لُنيس کُل قرار، منهن مقابل مينڌري.

43 -راڻو ڄاڻڻ راڻي کي، عين وڏي هيء چڪ،
ارض و سماء اوڙڪ، ڪونهي مٽ مينڌري.

44 -راڻو ڄاڻڻ راڻي کي، نسوري ناداني،
اڻ ڄاڻن اَعجاز چئي، مورکن من ماني،
سوڍي جو ثاني، ڪونهي ڪاڪ ڪونين ۾.

45 - راڻو ڄاڻڻ راڻي کي، بيحد بي عقلائي،
اڻ ڄاڻن اَعجاز چئي، اجان سمجهه نہ آئي،

سوڍو سوائي،ڪونهي جهڙس جهان ۾.

46 - راڻو جاڻڻ راڻي ڪي، وڏو انڌ انڌير،
اصل نہ هو اَعجاز چئي، عيب منجهيس ڪو اير،
الٽي اک جو ڦير، آيو نظر نہ عام ڪي.

47 - جي واقف وير وحدت جا، هيڪڙائي هاڻا،
سي ڏسي ڏيهہ ڏسڻ جو، ٿيا راڻا ۽ ڪاڻا،
سمجهي وچ سياڻا، انهي منزل مام ڪي.

48 - انهي منزل مام ڪي، وهجائن وينجهار،
الٽي اک ايڪائي جي، الٽي نظر نهار،
پڌرا اُهي پار، عاشقن جا اَعجاز چئي.

49 - گُنن پريو گُجريون، چست چتر چالاڪ،
نئين سج نئين نينهن سان، پائين نئين پوشاڪ،
حسن حڪومت هٿ ۾، ڪَن روز قتل منجهہ ڪاڪ،
اڳيان تن اَعجاز چئي، هوش وين هُشناڪ.

ڪامي ٽيڙا خاڪ، پتنگ ڪئين پرڏيھ جا.

50-منھنجو توريءِ مينڌرا، سڪي ساھ پساھ،
سوڍا تنھن جي سور ۾، سڙي ٽيس سياھ،
عاجزيءِ سان اَعجاز چئي، گوليءِ بخش گناھ،
لالڻ لڳ الله، پيرو پَج مَ ڪاڪ تان.

51 -منھنجو توريءِ مينڌرا، سڱ نہ سياپو،
آھين تون اَعجاز چئي، جيءَ جو جياپو،
لاھ مَ لاڳاپو، پَج م پيرو ڪاڪ تان.

52 -منھنجو توريءِ مينڌرا، مُنھن نہ مرڪي مور،
انئي پھر اَعجاز چئي، ساڙيس انھي سور،
حاذق پرين حضور، پَج م پيرو ڪاڪ تان.

53 -منھنجو توريءِ مينڌرا، جيئڙو ناھي جاءِ،
ڪرھو آٽج ڪاڪ تي، داور دير مَ لاءِ،
ايڏي جدائي اَعجاز چئي، جانب تو مَ جڳاءِ،

راڻا رس رهاءِ ،يَج مَ پيرو ڪاڪ تان.

54 -**يَج مَ پيرو ڪاڪ تان، ڊوليا ڏيٺ ڏٺي،**
ايڏي جدائي اَعجاز چئي، ڪيئن ولهاتو وَٽي،
جا منهنجي باب بڻي، سا معلوم اٿئي مينڌرا.

55 - **يَج م پيرو ڪاڪ تان، سوڊا پاڻ سجاڻ،**
توريءِ بلو بچڻ جو، حاذق ٿئي نہ هاڻ،
اِجهو اڄ سياڻ، مُئي سڻندين مينڌرا.

56 - **مُئي سڻندين مينڌرا، ڏاگهہ مٿي ڪنهن ڏينهن،**
نِهوڙيس تنهنجي نينهن، ناهي جاءِ جيئڻ جي.

57 - **ناهي جاءِ جيئڻ جي، جلڻ پانيم جج،**
اڳي پوءِ اَعجاز چئي، اٿم تنهنجي اُڄ،
سوڊا ڪيئي سڄ، مون سان رُسي مينڌرا.

58 - **راڻا ڪر نہ ماڻا، واڳ ورائي آءٌ تون،**

ڪنول قنديل ڪاڪ جا، توريءَ ڪوماڻا،
پاڻ سجاڻي پاڻان، نوازيج نِڌر کي.

59 - **راڻا ڪر نہ ماڻا، مُيون ٿو مارين،**
عاجزيءَ سان اَعجاز چئي، گڏجي نہ گهارين،
واڳ وصل وارين، مانَ اسان ڏي ميندرا.

60-**راڻا ڪر نہ ماڻا، مُيون ڪِين مار،**
ڏُور مَ ڏينهن گُذار، گڏج تہ گوندر لاهيون.

61 - **گڏج تہ گوندر لاهيون، گل ڦل تين گلزار،**
وجي جيئري جار، مسرت ماڻيون ميندرا.

62 - **ڍِٽ وسئي ڍولِيا، ڪاڪ مَ سُجي ڪر،**
ڪاهي آءُ ڪرهو، اي داور دلاور،
تہ آئون اُتي هر هر، ٻيلهپو ڏيان ٻنهين جو.

63 - **ميڙ مجين جي ميندرا، غير ڪري اچ گنئون،**

ڪلنڪ مَ ڏي ڪاڪ کي، ڪوڙهيو چَئہ مَ مون،
مون من تون هين تون، تو من کي ٻيو مينڌرا.

64 - **مان گڏ ميان مينڌرا، ماڙيون ماڳ رئن،**
ڪنول ڪيتڪ ڪاڪ جا، سوسن ڏار سڙن،
نرمل تنهنجي نينهن ۾، ٽيون نماڻيون نجهرن،
تون ڪيئن وٺان تن، راڻا رات رُسي وئين.

65 - **ڏٺ وسئي ڏوليا، پيرو پيچ مَ پتار،**
آئون جيان تو آسري، ڪامل ڪلنگي دار،
وَرُ وِلهيءِ جا وَلهار، پِريمَ سٽي پوڪار،
عاجزيءِ سان اَعجاز چئي، گهاري وجهي مَ گهار،
اندر منجهہ آزار، آهن تُنهنجي عشق جا.

66 - **جو ڏَٺ وَسي تو ڏوليو، ڪاڪ ڏٺي پڻ سوءِ،**
تنهن ريءِ روح اَعجاز چئي، ٿو راتيان ڏينهان روءِ،
پجاڻا تنهن پرينءِ جي، ڪلڻ خوشي ڪڏ پوءِ،
سوڍي گهٽو سمجهائيو، مور نہ سمڌيس توءِ،

آئون اناسي جوءِ، جو ڪريو جاڙ جيان پئي.

67 - مومل وني ميڙ، آئي در مينڌري،
تہ مون سان تون منھنجا پرين، ھيئن نہ نينھن نڪيڙ،
مونسان ويھي ڇيڙ، ساڳيا قصا سور جا.

68 - راڻي ساڻ رھاڻ، ڪَئي ڏينھن ٽِيام
سارينڌي ساجن ڪي، لنگھي وَرھ ويام،
سُھمان سور اَعجاز چئي، سَھٽا سِر پيام،
ڪوڙيئن عرض ڪيام، مور نہ پرچي مينڌرو.

69 - مور نہ پرچي مينڌرو، ھاڻِ ڪريان ڪيئن،
ڏسيو اوھين اَعجاز چئي، جيڏيون مونکي جيئن،
آئون اٿي تيئن، سوڍي کي سرچائيان.

70-سوڍي کي سرچايان، ڪھڙي آئون دستور،
جنھن مان راڻو راضي ٿئي، سا مَت نہ اچيم مور،
ڪيڏھن وجان ڪنھن کي چوان، ڪُنيس بيقصور،

سرتيون اهو سور، سهي سگهنديس ڪانه ڪا.

71 - راڻا تنهنجي رهاڻ لاءِ،ٿيون هتي سڀ سڪن،
جي تون موهيون مينڌرا، سي ڪَن نه ٻي ڪا ڪن،
انئي پهر اَعجاز چئي، ويڳاڻيون وتن،
گهوٽ تُنهنجي گُفتن، گهائي گهايون گُجريون.

72 - سوڍي رِيءَ نه ڪريان،سرمون سينڌ ڦٽي،
سرتيون هن سينگار ڪي. پوريو ڪڍ ڪٽي،
ميندي مشڪ مساڳڙو،هلنديس ڪانه هٽي،
جڏهن ايندو ڪاڪ ڏٽي، تڏهن اچا اوڍينديس اَعجاز چئي.

73 - ساريو ساري رات، سرتيون ڪريان صبوح،
راڻي ڏاران روح، روئي ڀريهون ڪري.

74 - رئندي گذري راتڙي، سڪندي لهي سجُ،
اکين مان اَعجاز چئي نير وهايم نج
قاصد اها ڪج خبر ڊاڻي ڍول سان.

75 - رئندي گذاريم راتڙي، سڪندي سجُ لهيم،
سوڍا سور فراق جو، ساهه نہ هاڻ سهيم،
اکين مان اَعجاز چئي، وَر وَر نير وهيم،
روڪيان تان نہ رهيم، وجي دل وَهلور پئي.

76 - راڻي جيئن رنگ، ڪونہ ڏنو ڪنهن ڪاڪ کي،
آيو نہ اهڙو اَعجاز چئي، ڪنهن کي اکر انگ،
سرتيون سوڍي سنگ راز آهي ڪو رَبّ جو.

77 - سوڍي جهڙي سياڻپ، ڪنهنکي آئي ڪانہ ڪا،
لِڪائي پنهنجي لقاء سان، راڻي پنهنجي راڻپ،
مومل واري ماڻپ، ماڻي وڏي مينڌري.

78 - تن من تو لاءِ مينڌرا، سڪي ساهه پساهه،
سوڍا تنهنجي سور ۾، سڙي ٿيس سياهه،
عجز ساڻ اَعجاز چئي، گولي بخش گناهه،
لالڻ لڳ اللهٰ، پيرو پيچ مَ ڪاڪ تان.

79 - من تن تولاءَ ميندرا، هينئڙو جَم نہ جاءِ،
ڇُلي هيئن ڇيھ ڪرڻ، جانب تو نہ جڳاءِ،
راڻا رس رهاءِ، وائي وار وصال جي.

80-من تن تولاءَ ميندرا،جلي جان جگر،
اڇي ڪونہ اَعجاز ڇئي، توريءِ سُک صبر،
بِرھ تنھنجي بِرُ، ڪيس ڪاڪ وٽن ڪان.

81 - پيرو پيچ مَ ڪاڪ تان، ڊوليا ڍٽ ڏٺي،
آڪاڻي اَعجاز ڇئي، ڪوليان ڇا ڪٺي،
جا منھنجي باب ٻٽي، سا معلوم اٿئي ميندرا.

82 - پيرو پيچ مَ ڪاڪ تان، ڪامل ڪرھو آڻ،
نہ تہ هيءُ مُني هِت هاڻ، مُئي سٽندين ميندرا.

83 - پيرو پيچ مَ ڪاڪ تان، راڻا عرض اوناءِ،
ريٿي رنج رسامن ڪي، ويچا وچ وجاءِ،

ريجھي رنگ رچاءِ، سوڍا ساڳي ريت سان.

84 - آءٌ راٺا ڪرهو آڻ،پيرو پيچ مَ ڪاڪ تان،
مشڪ چندن موٺي تون ، مونسان ملي ماڻ،
هيءُ مُني نہ تہ هاڻ، مُئي سڻندين مينڌرا.

85 - هيءُ بہ روئي رات، مون گذاري مينڌرا،
توکي وسري سپ وئي، اسان اها ئي تات،
فَاذكُرُونِي بات، آيئي نہ ياد اَعجاز چئي.

86 - هيءُ بہ روئي رَين،مون گذاري مينڌرا،
آهن الاهي عين،شاهد انهيءَ ڳالھ جا.

87 - شمع جلي شب جلي، جلي باتي جوت،
مُيس بنا موت، راٺي رُسا مون ڪيو.

88 - شمع جلي شب جلي، جلي منهن جي جان،
اَلفِراقُ اَشَد مِنَ المَوتِ واءِ ٿيس ويران،

ڪئي ورڻ جي ڪانھ، اجان مير منڊري.

89 - شمع جلي شب جلي، جلي سندم سونهن،
ڪَلَنڪ لڳو ڪاڪ کي، دلين چڙهيا دونهن،
راڻي جي وِرُونهن، قلعي ڪاڪ وَندين جي.

90-شمع جلي شب جلي، جليو چندن مشڪ،
جو ميٺ ملايم ميندڙا، سو بہ سڙي ٿيو خشڪ،
هي اگني کي عشق، جنهن سوڍا ساڙيو سڀ کي.

91 - شمع جلي شب جلي، جليو جيءُ جڳٽ،
آتڻ سواءِ اُودو ٿيو، رُليو راج منگهٽ،
راڻي رخ مٿي ڪيو،اديون مونسان اَلهٽ،
ننڍيو وڏو نڪٽ،آهي اندوهيل اَعجاز چئي.

92 - ڇِن م ڇنڻ گهوريو نينهن ورائي ڳنڍ،
سي سڙيون ٿين سنڌ، جي وجهن وچ اَعجاز چئي.

93 - چِن م چنڊ گهوريو نينهن ورائي ڳنڍيج،
لاهه نہ مون تان مينڌرا، هو جو پهريون هيج،
اول آخر اَعجاز چئي، توڙ نيائج نيج،
چني ڪيم چڏيج، طعنن جي تنور کي.

94 - چِن م چنڊ گهوريو، ڳنڍ ورائي نينهن،
تنهن جي فلڪ فراق جو، شال نہ ڏسان ڏينهن،
ميڙائي جو مينهن،مِل تہ وسايون مينڌرا.

95 - چِن م چنڊ گهوريو، چڏ چنڊ جي ريت،
پرچ راڻا پنهنجي ٿئي وري نئين پريت،
راڻا نَسڻ نِيت، ڪٿان سکئين ميان مينڌرا.

96 - چِن م چنڊ گهوريو، ريت چنڊ جي چڏ،
نازڪ ناتو نينهن جو هيئن مَر هلي هڏ،
مِنٿ مَجي مَن گڏ، آڏون ڏي اَعجاز چئي.

97 - مومل ميڙ وني، آئي در مينڌري،

تہ منصف تي ڪر ميل ميان، آئون ناهيان مور مَني،
تو جهڙي ڪالهہ ڏني، آهيان اڄ بہ اهڙي اَعجاز چئي.

98 - ميڙ وني مومل، آئي در مينڌري،
تہ فاضل تي فرمان پنهنجي سان، ڪر ڪو قياس ڪهل،
وڃائج نہ وهم ۾، ههڙي ويل مهل،
تو جهڙي ڏني ڪلهہ، آهيان اڄ بہ اهڙي اَعجاز چئي.

99 - ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌي گل بوءِ،
پر راڻي واري روءِ، اوران اور اَعجاز چئي.

100-ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌيءِ ڪُونڌ،
پر راڻي واري هوند، اَوران اور اَعجاز چئي.

101 - ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌي ڪَلنگي دار،
پر ڍول راڻي جي ڍار،اَوران اور اَعجاز چئي.

102 -ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌيءِ ماهہ،

پر راڻي جي نگاھ، اَوران اور اَعجاز چئي.

103 -ڪوڙين آيا ڪيترا، ڪري ڪاڪ وَڏاءُ،
ڪنهن جو هليو ڪينڪي، تاب طبل ۾ تاءُ،
سوڍي جو سُپاء،آهي اَوران اور اَعجاز چئي.

104 -جي اڱڻ اچن تو، پائي پانڌ مينڌرا،
ڍڪ ٿي ڍڪج پو، عيب انهن اَعجاز چئي.

105 -جي اڱڻ تو اچن ،پائي پانڌ مينڌرا،
تن موٽائي نہ ڏجن، منهن ۾ عيب اَعجاز چئي.

106 -جي اچن تو اڱڻ ،پائي پانڌ مينڌرا،
ڪيم اوٽايون ڳڻ، انهن جون اَعجاز چئي.

107 -جي تو در اچن تو لاءِ، پائي پاند مينڌرا،
ڏيئي مُهت محي الدين چئي، تن جو منهن مرڪاءِ،
مانُ ڏيئي موٽاءِ، جو وَڙ وڙائتن جو.

108 -جي اچن تو در، پائي پاند مينڌرا،
انهن سان اَعجاز چئي، پرچڻ واري ڪر،
پار ڪريمي پَر، مديون مَ ڏس مدن جون.

109 - جي تون نہ ايندين مينڌرا،تہ آئون توڏي ايندس،
راڻا تنهنجي راڄ جي ،گولي ٻانهين تيندس،
تو در دم ڏيندس، اتم آس اَعجاز چئي.

110-جي تون نہ آئين مينڌرا،تہ آئون ٿي توڏي اچان،
جيسين اتم اَعجاز چئي، تيسين وچ نہ وِڃهنديس وچان،
آهيان سچان پچان، فنا تنهن جي فراق جي.

111 - جي ڍِٺ تنهنجو ڍِٺ ڏٺي، تہ ڪاڪ ٻہ تنهنجي آهي،
تنهن جي هن تڙن تي، ٻيو نالو ئي ناهي،
ڪرهو اچ ڪاهي، اُڪنڌي اڱڻ اَعجاز چئي.

112 - جي ڍِٺ تنهنجو ڍِٺ ڏٺي، تہ ڪاڪ لُڏوٽو ڪنهنجو،

تون مالڪ سڀ تڙن جو، سڀ ڪجهه توڪي پنهنجو،
تون موٺي ٿي منهنجو، آئون آهيان تنهنجي اَعجاز چئي.

113 - **ڏٺ وسئي ڏوليا، وسئي محلو ويڙهو،**
لاڙي آء ليڙو، موٺي ڪاڪ ڪنڌين تي.

114 - **ڏٺ وسئي ڏوليا، وسئي ويڙهو محلو،**
ڪهڙو بانور دم تي، ايڏو ٿئي مَ ڳهيلو،
وَرُ سگهو وَلهو، ڪر ڪو ڪاڪ ڪنڌين تي.

115 - **ڏٺ وسئي ڏوليا، وسئي اوڙو پاڙو،**
عاجزاٽين ڪان اَعجاز چئي، وٺ نہ پاڙو جهاڙو،
لله لڳ لاڙو ،ڪرڪو ڪاڪ ڪنڌين تي.

116 - **مُئِي سٽندين مينڌرا، ڏاگهہ متي ڪنهن ڏينهن،**
اصل تنهنجو اَعجاز چئي، ويهڻ نہ ڏي ڏينهن،
مرگ سندو مينهن، اچي سر آگميو.

117 - ڪوڙئين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌيءَ خان،
ڪنهنجي چلي ڪانه ،رِيءَ راڻي هيڪڙي.

118 - ڪوڙئين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌي ڪلا داري،
اچڻ ساڻ اَعجاز چئي، هَڙني بازي هاري،
سوڍي پسو ساري، جنهن سڀ تڙ سورانگهيا.

119 - ڪوڙئين آيا ڪيترا، ڪاڪ ڪنڌيءَ ڪلنگي دار،
ويا چڙهي تن جا ڪُنگرين سر ڪاپار،
ڍولڻ پسيو ڍار، جنهن سڀ تڙ سورانگهيا.

120-ڪوڙئين آيا ڪيترا، ڪري ڪاڪ ڪنڌي وڏاءِ،
ڪنهنجو نَهريو ڪينڪي، دم دعويٰ داءُ،
سوڍي پسو سياءُ، جنهن سڀ تڙ سورانگهيا.

121 - لڳتا ماڻهو لَبوٽي جا، عشق سدائين وٽن،
تنهن ڪان منهن نہ مٽن، جنهن سان لائين نينهڙو.

122 - لڳَا ماڙهو لَڏوٽي جا، ماڪيئون منا مَليح،
عجب عين انهن جا، ابرو قيس قزيح،
سي عشق وندا اَعجاز چئي، فهميده فصيح،
جيڪي منجهن قبيح، سي به آهن سهڻا عام ڪان.

123 - لڳَا ماڙهو لَڏوٽي جا، سڪڻ سيڪارين،
مري جي اَعجاز چئي، پرت پنهنجي پارين،
نڪٽ نهارين، نسنگ لائين نيهڙو.

124 - لڳَا ماڙهو لَڏوٽي جا، پوڄن ڪَليون ڪونئر،
اُت عشق جا اَعجاز چئي، پرن پنيوريون پونئر،
هل ته اوڏهين پارايئين، ڳَل ڳانيون مُنهن ٿونئر،
گهُم چڏي ڏي گونر، مهل وڃئي ٿي ملڻ جي.

نوري ، ڄام ، تماچي

-1 نوري اصل نور، سيرت واريءِ سونهن سان،
ڪئي ناتي نينهن جي، نور اعليٰ نور،
عشق ساڻ اَعجاز چئي، تي بنهي ڪنڏئين مشهور،
سمون مٿس مخمور هوءِ پاڻ مٿس مخمور،
ماڻيائين مقدور، هٽي ڄار حُسن جي.

2 - هٽي ڄار حُسن جو، اوج ماڻيائين آنند،
پاتائين بند ڪمند، عشق واري عجز سان.

3 - هٽي ڄار حُسن جو، پاڻ پر نيائِين ڄام،

تماچيءَ پاتا تڏهين، ڪينجهر پاس قدام،
چَتر چشم بادام، آوءِڙيس مَن اَعجاز چئي.

4 - **هٽي ڄار حُسن جو ڪَيَئين ناز نياز،**
راضي رکيائين راءَ کي، هردم ٿي همراز،
برهه وارو باز، هو مهاڻيءَ هٿ ۾.

5 - **هو مهاڻيءَ هٿ ۾، جادو جوبن وارو،**
وصالي نور وَنين ۾، ڪيف ڪجل ڪارو،
نسنگ نظارو، من موهينڙ مُرڪ سان.

6 - **جهجهو جَر ڪينجهر جو، جهجهي جوءِ جهنگور،**
پَڪا ڪڙ ڪنار سان، گهاٽي ڪل ڪنگور،
اِردو گرد اَعجاز چئي، آجهاپن اَجهور،
منجهيس ڪاج مڙيوئي، بيحد مڇي مور،
مَڏ مياڻيون مڪڙيون، جهونا جهوڪ جهڪور،
اتي اوج اَتور، چام تماچيءَ ڪيڙا.

7 - جهجهو جَر ڪينجهر جو، جهجها جهمٽ وٽن،
ڪوڙئين ڪونئر ڪليون، ڪوڙئين پونر پرن،
هُڙهيا ڪَڙهيا هزارين، ڻونرن جيئن ٽلن،
ڪُم ڪوڏا سپيون، پبڻ سائي پن،
عبرتي اکين، هي نقش نظارو چٽيو.

8 - ڪيڏهن شان سندوءِ، ڪيڏهن عيبن اگلي،
توسان تخت بخت جو، تنهنجو جوڙ نہ ڪوءِ،
يار تماچي ياريءِ جو، ڪيئن هن سان پير پريوءِ،
عجب آهہ اَعجاز چئي، ڪيڏو پال ڪيوءِ،
اڱي پوءِ پرتوءِ، ميرو راڄ مَلاحِڪو.

9 - ڪيڏهن شان ڪبريائي،ڪيڏهن عيبن اگلي،
تون صاحب پاڪ پريت جو ،مون ۾ غير بيائي،
ڪيئن ڄام تماچي، توکي پسند ابالڙي آئي،
تو تنهن سان لئون لائي، جا جوڙ نہ تنهنجي ذات جي.

10-ڪيڏهن شان شاهي، ڪيڏهن عيبن اگلي،

تلون صاحب سخا وفا جو، ڪلنگي دار ڪُلاهي،
سمان تنهنجي سهاڳ ڪي، پانيم راز اِلاهي،
ڇا هي زُمرد جاهي، ڇاهيء جهبيرڻ جهنگ ۾.

11 - **تون تماچي تخت ڏٽي، تون سپني جو سلطان،**
لَولاڪَلَما اَظهَرتُ رَبوبيت، ايڏو سنڌءِ شان،
وَاَنا اَطلبُ رِضائِکَ يا مُحمدٌ، راضي تو رحمان،
فَڪَان قَاب قَوسَين اَو اَدنيٰ ميسّر ٿيُئي مڪان،
آئون ڪريان اَعجاز ڇئي، باقي ڇا بيان،
ناهي ڪوبہ نِڌان، تنهن جي ذات صفات جو.

12 - **تون تماچي تڙ ڏٽي، تون سين سرتاج،**
سمان تنهن جي سهاڳ جو، آهي مون احتياج،
هيء مني محتاج، ڪر ڀاڄهہ سڀاڄها سپرين.

13 - **تون تماچي تڙ ڏٽي، جوڙ نہ تنهنجو جواب،**
انا احمد بلا ميمي جو، توتي خاص خطاب،
آئون مڇي مار اَعجاز ڇئي، مون ۾ عيب ثواب،

ناهي حد حساب، تنهنجي ذات صفات جو.

14 - آئون ابوجهہ اوڳڙي، تنهن جو سين تي توهہ،
بخش ڪجان بدڪا ڪي، جيڪو ڏسين ڏوهہ،
مون ۾ عيب انبوهہ، ٿجان ڍڪ ڍولئ جو.

15 -تون سمون تون سلطان، تون سردار سونهارو،
شاهي تنهنجي شان تان، سنسار صَدق سارو،
ڪونهي ڪنارو، تنهنجي ذات صفات جو.

16 -تون سمون تون سلطان، تون سردار سبحاني،
شاها تنهنجي شان تان، ڪل شيء قرباني،
ڪونهي ڪو ثاني،تنهنجي ذات صفات جو.

17 -تون سمون تون سلطان، تون سردار وَر وثيق،
ڪونهي ڪوبہ شريڪ، تنهنجي ذات صفات جو.

18 -تون سمون تون سلطان، تون سردارن سردار،

آئون آهيان اَعجاز چئي، مي مچيء مار،
آر نہ ڪوئي پار،تنهنجي ذات صفات جو.

19 - تون سمون تون سلطان، تون سردار ساڪي پَتي،
آئون عيبن ڪان اَعجاز چئي، ناهيان ڏار رتي،
تون نوازي نظر سان، ڪرينمر لال بتي،
مون تڏهن آهہ وتي، دامن تنهنجي داورا.

20 -تون تماچي تڙ ڏٽي، هي سڀ تنهنجا تڙ،
لڳيس تنهنجي لڙ، آروڪڻ مَ اَعجاز چئي.

21 - تون تماچي تڙ ڏٽي، تون ڪر تُسي توهہ،
بخش ڪجان بدڪار ڪي، جيڪو ڏسين ڏوهہ،
اتمر ايءُ اندوهہ، آروڪڻ مَ اَعجاز چئي.

22 - تون تماچي تڙ ڏٽي، تو وٽ پلجي جڳُ،
وني وينيس تڏهين، آئون دارو تنهنجو دَڳُ،
مون تان للهِ لڳ، آروڪڻ مَ اَعجاز چئي.

23 -نوريءَ من تماچي، تماچي من نوري،
پرت ٻنهي جي پاڻ ۾، سُرهي سموري،
مشڪ ڪٿوري،ٿيو ڪينجهر ڪُل اَعجاز چئي.

24 - ڪينجهر ڪناطون ڪُتيون، نوري ناتي ڪاڻ،
آئي ويل وصل جي، سڀ جاءِ ٿي سرهاڻ،
مي سمي پاڻ ۾، ڪئي روح رهاڻ،
وينا ڪن واڪاڻ، مهاڻا مجليس جي.

25 -ڪينجهر ڪناطون ڪُتيون،خستوري ٻُوءِ ڪُلي،
تماچيءَ جي تنبو ۾، حسن هوءِ هُلي،
سمي جام ڄُلي، ڳِلي لاتي گندري.

26 - ڪينجهر ڪناطون ڪُتيون، ڪيون ملاحن موجون،
هٿي وييون هيٺن تان، فڪرات جون فوجون،
ٿيون آل جال اَعجاز چئي، آنند ۽ اوجون،
گندٽيون ۽ گوجون، ماڇِين وڃين وسري.

27 -ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، ڳڻ سمي جا ڳائين،
وَري وار وِلهن جي ،پلايون پائين،
جي راء ڪي رائين، راء بہ رانئي تن ڪي.

28 -ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، ڪن سمي جي ساراھ،
تُسي آيو تخت ڏٿي، پَڪِڻ پيا پساھ،
وائي هر ڪنهن وات ۾، تہ واھ تماچي واھ،
آندو توکي الله، اڙين ڪاڻ اَعجاز چئي.

29 - ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، ڪن سمي جو سلام،
وينا وٺن اَعجاز چئي، نِلو سندس نام،
تن تماچي ڄام، ڪين وساري ڪڏهين.

30 -ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين،ڪن سمي کي سڏ،
مَرسي مرڪن مَڏ، جِت گهوٽ گهمي آ گهاريو.

31 -ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، سَمي لڏي سار،

مهاڻن پاتا مرڪي، هيرن سندا هار،
لاهي لاڄُورن کي، اوڏيائون پَٽ اپار،
ڄاريون ۽ ڄار، ڪُلهي ڪنيائون نہ ڪڏهين.

32 -ڪينجهر قناطون کُتيون، لٿين لوڙهن واري لوڙ،
سمي آئي سوڙهہ، اُڪري ويئي اَعجاز چئي.

33 -سميون سومريون من ۾، ڪيو ريس ڪڙهن،
نکي پُڄن ڄام سان، نکي لاهيء پاس لڙن،
سڙيو ٿيو سڙن، نوريء سندي نام سان.

34 -سميون سومريون من ۾، گُهمن رکيو غير،
پاسي ٿي پريت کان، وجهي وينيون وير،
سونہ ونن سير، سمون جيئن سرچي پوي.

35 - نوريء ڪٿيو نياز مان، هو سميون هوڏ منيون،
پاڻهي سڏائن پاڻ کي، جيڪي سُهڻيون ۽ سُنيون،
سي کهڙي ريت ڪُنيون، ريجهائينديون راڄ کي.

36 -نوريءَ ڪٿيو نياز مان، تاج تماچي تخت،
سمين سومرين ڪان ٿيو، پوءِ پُنيرو بخت،
سمون تن لاءِ سخت، جي پاڙهي پڏائن پاڻ کي.

37 - نوريءَ وٺان نياز، سميون سکڻ آئيون،
ايءُ الاهي راز، عجب آهه اَعجاز چئي.

38 -هٽي چار حسن جو، جَتيءَ ماڻيو جام،
ڪينجهر مٿي قيام، تماچيءَ ڪيو تڏهين.

39 - نه هُڏي نه هوڏڪا، نڪي حجت هلائي،
نوريءَ نهنائيءَ سان پئي ڳالهيون ڳڻ ڳائي،
تڏهن سڏائي، سمي وهاري سيج تي.

40 -نه هُڏي نه هوڏڪا، نڪي تَوَڏ نه ڪا تَڏ،
نوريءَ نهنائيءَ تي، هيري چڙيا هَڏ،
تڏهن ڪري سڏ، سمي وهاري سيج تي.

41 -نہ ھُڏي نہ ھوڏڪا، نڪي طمع رکي تن،
نوريءَ نهنائيءَ سان، موهي وڏس من،
تڏهن ڏيئي سَمن، سمي وهاري سيج تي.

42 -نہ ھُڏي نہ ھوڏڪا، نڪي حجت پائي هٿ،
نوريءَ نهنائيءَ سان، ماٺي وڏي وَٿ،
اهڙيءَ ڪي اَعجاز چئي، ڪير چوي تون اُٿ،
مورُهين ڪجيس منٿ، تہ ويهہ اسان وٽ ھِر.

43 -جي مار ميڃيءَ ڌاران، ڪار نہ ڪائي ڪن،
آڏي مانجهي اَعجاز چئي، پُٽيون پَن هٽن،
تماچي لاءِ تن، ٿو لاهي تارا عرش جا.

44 -ڪائن چائن ڪڪيون، ذات مهاٺي مي،
بيهڻ ويهڻ نہ پانئجي، پر ھِر جني جي،
تماچي تن ڪي، ٿو پياري پَٽ هٿن سان.

45 -ڪائن چائن ڪڪيون، ذات گنديري گهٽ،
بيهڻ ويهڻ نہ يانئجي، وجي جني وٽ،
تماچي تِنهن هٽ، ٿو اچي وجي اَعجاز چئي.

46 -ڪائن چائن ڪڪيون، ذات گنديري گند،
پَسو تماچي تن تان، اُيو گهوري جِند،
اي شڪر الحمد، جو ناتي ۾ ٿيو نوريءِ جي.

47 -ماٺا رَچ مٺن تي، چچِيءِ چنگا هٺ،
سمون تن سَٺ، وتي ڄار ڪلهي ڪيو.

48 -ماٺا رَچ مٺن تي، چچِيءِ چنگا هاٺ،
سمون تن سَاٺ، وتي ڄار ڪلهي ڪيو.

49 - ماٺا رَچ مٺن تي، چچي چنگا ڪول،
سمون تن ۾ ڳول، وتي ڄار ڪلهي ڪيو.

50-ماٺا رَچ مٺن تي، جهاڳين وجيو جهاڳ،

جي گھمن ڦرن اَٽيھي، ڇَرن ۾ ڇڙواڳ،
سمون تني ماڳ، وتي ڄار ڪلھي ڪيو.

51 -**ماٿا رَڇ مٿن تي، ميرا منهن جني،**
جتي جر جو ڪائتو، پِرن اُت پَني،
سمون منجھ تني، وتي ڄار ڪُلھي ڪيو.

سسئي جا سُور

1 - پنهل پُري آءٌ تون، سُڻي پَرٿ سندي پُڪار،
هاڙهي ڏٽي حَب ۾، حامي ٿي هڪوار،
اڇي لَهه اَعجاز چئي، مون سڪايل جي سار،
داور توکان ڏار، ناهيان هوش حواس ۾.

2 - پنهل آءٌ پُري، محب منهنجي مَنهين،
ٻانهي تنهنجي تي ٻاروچيا، ڪري تون وَرُ وَري،
اڇي مل اَعجاز چئي، تان ٻانيڻ وجي ٻُري،
تو لاءِ دست دري، ڪوليو ڪڙي آهيان.

3 - **جيئن جيئن ڳولھيان سپرين، تيئن تيئن لِڪ ڪري،**
منھنجي تنھن محب ريء، ساعت ڪيم سري،
آيس آئون اَعجاز چئي، اوکي عشق اري،
پنڌ اٽانگو پر پيادي،اندر آڳ ٻري،
ڏکيء ڏيل ڏري، جھانڪا پسيو جبل جا.

4 - **جيئن جيئن ڳولھيان سپرين، تيئن تيئن ڪري لِڪ،**
سڙان پئي ان سور ۾، سمھڻ ڏي نہ سڪ،
آندم ھِت اَعجاز چئي، چپر ڏٽيء چڪ،
ھيڪر ثيان ھڪ، مر پوءِ موت اچيج تون.

5 - **اوڳي ھيس اديون، مون نہ پروڙي مام،**
دغا رکي دل ۾ ،ناھئيون نڳي ثام،
کولي صرائي سور جي، جام پيارئيون جام،
ھيئن نہ ڀانيم ھيڏا ڪندا، آريچا اظلام،
آئون تہ ھيس اَعجاز چئي، داسي ڏاران ڏام،
ساٿ لڏي ھو ساجھري، بر لنگھي ويا بام،
ڪانيس انھي ڪام، جاڙون جت ڪري ويا.

6 - اُنن ڏوھ نہ اديون، نڪي ڏيرن ڏوھ،
نڪا جبل جاڙ ڪئي، نڪي ڏوھن ڏوھ،
ڇا جو ھاڙھو حب ۾ ،ڇا جو رائو روھ،
الزام ڌريان اَعجاز چئي، ڪيچئيڙن تي ڪوھ،
لِڪئي ڪيم لوھ، ھٽي ٻانڻ ٻاروچ جي.

7 - مون تان وس وڏو ڪيو، پر ھوت نہ منھجي وس،
پينر پاڳ نہ پڙائيو، ننڊ نھوڙي نِيَس،
اويرو اُتيَس، ھٺان ويني ھتڙا.

8 - ڪڙھيس جني ڪاڻ ڙي، مون ڪاڻ نہ ڪڙھيا سي،
آئون سٺايان اَعجاز چئي ھي سور وجي ڪنھنکي،
جتن ڪيون جي، سي جاڙون نہ جاڙن جھڙيون.

9 - ڪڙھيس جني ڪاڻ ، ڪين ڪڙھيا سي ڪاڻ مون ،
ڏونگر ڏاڍن ساڻ، ناحق لايم نينھڙو.

10-سور پسي سسئي، هيٺي ٿي مَ هٿيج،
پڪيءِ پختيءِ پرت سين، پُنيءِ هوت پُريج،
هُن چِنو تون ڳنڍيج، عجز سان اَعجاز چئي.

11 -اوڳيءِ عشق اَعجاز چئي، نرمل سان نياءِ،
جيسين پُڄئي وَسڙو، تيسين وِڪ وڌاءِ،
پوئٽي پير مَ پاءِ، مرڻ پلو اٿئي مارڳين.

12 -اجان پئي اوڳي، سانگو رکين ساهه جو،
سودي بنان سر محب نہ ملئي موڳي،
جيءِ ڪر جوڳي، پيرو ڪٽج پنهونءِ جو.

13 -پيرو ڪٽج پنهونءِ جو، خيما هت نہ ڪوڙ،
منهن پنيورنئون موڙ ،تہ پسين هوت حبيب کي.

14 -توڏن پنيءِ توڙ، سيڪا ڪندي ڪانہ ڪا،
جا ڪامي ٿيندي ڪوڙ، سائي سڌبي سسئي.

15 -توڏن پنيءَ پنڌڙو، جيڏيون ڪيو جن،
انهن کي اَعجاز چئي، سڪ ملايو ساجن،
جي نہ وسهو جيڏيون، هلي تڪيا پسو تن،
مرڪيو پيا مرڪن، اڄ بہ ماڳ انهن جا.

16 - جي سڄڻ ناهي ساڻ مون،تہ سور سڄڻ جا هون،
پري شل مَ پُون، انهن ٻنهي کان ڏينهڙا.

17 - سڪن کان سو وار، سور پانيان تي سڦڙا،
دم جني کان ڏار، اصل نہ ٿيان اَعجاز چئي.

18 - جس سورن کي جيڏيون، جن ثابت ساٿ ڏنو،
پرينءَ ريءَ پرديس ۾، تن ناتو ڪين ڇنو،
ويچارن واڪا ڪري، مون سنگ رت رنو،
جي وريم وَرُ ونو، تہ پڻ رهايان روح ۾.

19 - سسئي کي سفر جي، صلاح ڏني سڪ،
ڇپر ڏٽيءَ جي ڇڪ ،بيزار ڪئي پنيور کان.

20-بيزار ڪئي ڀنڀور ڪان. بيگاھ وقت برھمڻ،
اتي ھلي اَعجاز چئي، ڪَرُ ڪڍي ڪامڻ،
ھٻڪي ھَٿي ڪينڪي، درد پسي ڏوٻڻ،
لحظي منجھ لُڏڻ، پھتي پنھل ڄام ڪي.

21 - سسئي ڪي سفر جي، صلاح ڏني سورن،
سڪ ٻڌايس سندرو، پنڌ ڪرايس پورن،
آندس روح اَعجاز چئي، برھ ٻهورن،
تن ماري مذڪورن، جي پنھون ڪيس پَر ۾.

22 - وڃي پھتي پنھل ڄام ڪي،سھسين وريس سڪ،
جيئن شڪرانا شڪور جا، ڏور مڙئي ٽيس ڏک،
اندر واري اَعجاز چئي، جھڪي ٽيڙس جُک،
مصحافي مُک، اولا لاٿس اکين جا.

23 - سڪ ڦٽو صبر ويو، سڪ ڀڳوم سَتُر،
رَندن تي ريھون ڪريو، ڄام وھايان جر،

ڏير بہ ڏاڍايون ڪري، وني ويڙا ور،
ڪيو ڪونہ قدر، اونيئڙن اَعجاز چئي.

24 - سک ڦٽو صبر ويو، لڳي سک سرس،
مني موں معذور جو، توکي نہ پيو ترس،
رهبر اچي رس، اوکيءَ ۾ اَعجاز چئي.

25 - سک ڦٽو صبر ويو، سک نہ سمهڻ ڏي،
اُتان تہ اچن آنڌيون، وِهان تہ جيءَ جُکي،
آئون پيادي اَعجاز چئي، هو اوني انن تي،
ڪُپر ڪيچين جي، منڌ مارائي مارڳين.

26 - جيڏي آئون جيڏيون، تيڏا ڪيم وس،
هو رهيا نہ هک راتڙي، هئا بي ترس،
گونرا ڪاهي گس، ٿيا راهي رات اَعجاز چئي.

27 - جيڏي آئون جيڏيون، تيڏا ڪيم سَڌ،
هلندي پنيان هوت جي، هيٺا ٿيڙم هڏ،

مون ۾ ڪائي وڏ، جو نال نہ ڪيچي نين مون.

28 - **جيڏي آئون جيڏيون، تيڏا ڪيم واڪا،**
ٻڌا ڪين ٻانيڙ جا، ٻاروچل ٻاڪا،
دانهون ڪندي درد مان، ٿُتا اندر ٿاڪا،
جبل جا جهانڪا، تا آزارين اَعجاز چئي.

29 - **جيڏي آئون جيڏيون، تيڏا ڪيم پنڌ،**
پڄڻ پيٽي ناهه مون، ساٽا تي پيم سنڌ،
پسي تازا پيرڙا، آيم آنڌيون انڌ،
هي مڙئي هنڌ ڪيچي مَٿي ڪيچ ويا.

30 -**هلي پنيان هوت جي، ڏوريندس ڏونگر،**
اٿم پڪ اَعجاز چئي، ووڙي لهنديس ور،
ياڳ وڏي پينر، ڪانڌ ماٽيينديس ڪيچ جو.

31 - **ڏيئي ڏير ڏهاڳ مون، ويا ساڙي ڙي ساڙي،**
چوريءَ محب چانگن تي، ويا چاڙهي ڙي چاڙهي،

ڪين سگهيس ڪيچين کي، آئون تاڙي ڙي تاڙي،
پره پڪارون ڪريان، آئون پاڙي ڙي پاڙي،
ريهون ڪرايم رندن تي، اُن ڏاڙي ڙي ڏاڙي،
ڦِڦڙ هن فراق وِڏا ،اڄ ڦاڙي ڙي ڦاڙي،
هاڻ وجان تي هيڪلي، آئون هاڙهي ڙي هاڙهي،
لاڙي ڙي لاڙي، ايند يس هوت اَعجاز چئي.

32 - هلي پنيان هوت جي، وڏا ڪنديس وس،
پٽيون پڌي پيرن کي، رِڙهيو پئي رڙهنديس،
جي مُئس آئون جبل ۾، ته گهوٽ مٽان گهوريس،
سچي پوءِ سڏبس، آريءِ در اَعجاز چئي.

33 - چڏي خام خيال کي، لٽڪا هٽيج گڏ،
آڏاٽو عاجزيءِ جو آريءِ اڳيان اَڏ،
سٽي سانگو ساهه جو، سوريءِ کي تون سڏ،
ته رهبر ٿيئي رَڏ، اڄ ئي تو اَعجاز چئي.

34 - سور سورائتن جا، چا سُکيليون سٽنديون،

جني لڳي جيءِ سان، سي طرف تني تڻنديون،
عشق ڌاران اَعجاز چئي، مور نہ سي مڙنديون،
خواري ملامت خلق جي، ڪلي سر ڪڻنديون،
جي عشق ۾ اڙنديون، پاڻ ئي اوريندديون پاڻ ۾.

35 - **سُوريتن سان سُور، ڪا سُوريتي اوري،**
اسوريتي اَعجاز چئي، هن قولهي نا قوري،
جا گهر سسي گهوري، سا پچي مر پريتڻو.

36 - **سُوريتن سان سُور، ڪيهي اَسُوريتين ڪَل،**
جي نہ ڄاڻن هن حال کي، سي ڪوٺيون ڪن چو ڪِل،
عشق جني اڻ جهل، سي پچن پل پرينءِ جو.

37 - **سوريتين ڏي سڪجو، اير نَڪو ئي پير،**
سوريتين جو بہ سک سان، آهي وڏو وير،
دائم اهڙو دلير،ڪري عشق تنين اَعجاز چئي.

38 - **اڇو سورن واريون، ڪي ويهي سور ونڊيون،**

اوري حال اندر جو، سپئي چوھ چنديون،
جي مُڪا سور محبوبن، سي ڳوپيون ۽ ڳنڍيون،
لوڪ تہ ھُونھين لَنديون،تو ڪوني اسان اَعجاز چئي.

39 - **اڇو سورن واريون، ڪريون سورن پيٺ،**
آن وٽ پھر پلڪڙو، مون وٽ ڪَتي چيٺ،
آن وٽ لَپ چُرون ڪا، مُون وٽ ڳرا ڪيٺ،
آن ڪالھ ڏٺا اڄ ڪي، مون ڏٺا مادر پيٺ،
لَڳيوَ ڪا لپيٺ، اديون اھڙي اَعجاز چئي.

40-**اڇو سورن واريون، پوئي سور ڳچيءَ پايون،**
جي مُڪا محبوبن سي ڳوٺ ڳلي ڳايون،
جنبش جاڳايون، اوڙي پاڙي اَعجاز چئي.

41 - **اڇو سورن واريون، سورن ۾ ڏيون ساھ،**
مونکي پرت پنھونء جي، پِڄي ڪيو پاھ،
اوڳيء جو اَعجاز چئي، اَجھو آھ اللهؐ،
رھبر ٿي سو راھ، پسائيندم پرينء جي.

42 - **اڇو سورن واريون، سورَ ڪريون ڪي ساڻ،**
سواءِ سورن سرتيون، پنھنجو وجي نہ پاڻ،
اھو عارفن اھڃاڻ، اَعجاز ڏنو اصل ڪان.

43 - **اڇو سورن واريون، سور سھيڙيون سي،**
جانب ڏاران جي، ساڻي ٿيندا سچ ۾.

44 - **سورن مونکي سرتيون، ماري ڪيڙو مچ،**
ھڪ اوڪا چارا چاڙھڪا، ٻيو رائو ۽ رچ،
ٿيون ڪاري رات قھر جي، چوٽون سو ڪھيءِ ۾ سڄ،
پنجون پھتس پنھل ڄام ڪي،تہ جيئري اٿم جُڄ،
نہ تہ اٽيھي ھونديم اُڄ، اَعجاز آري ڄام جي.

45 - **ھلو سرتيون ھوت ڏي جيڪي سَت سَرو،**
السفر قطعة من النار، ڏسي ڪيم ڏرو،
من طلب شيء جَدوَجد، پاڙھي پوندم پَرو،
وِرچي ڪيم وَرو، اجھو ڪيچ اَعجاز چئي.

46 - **ٿورو گهٽو سرتيون ، لالڻ لاءِ لُڇبو،**
نڪري شهر پنيور مان، پوءِ پنڌ ڪيئن پڇبو،
مُڙي نا مُڇبو، عشق وڻ اَعجاز چئي.

47 - **ٿورو گهٽو هوت ڪي، اوهين سرتيون ڙي ساريو،**
پرت پچار پنهل جي، ويل مَ وساريو،
اندر اُجاريو، اهڙي پَر اَعجاز چئي.

48 - **هڪ هٿان مون هوت ويو، ٻيو سرتيون سهائين،**
ڪهل نہ ڪُنيءِ تي، اُلٽو ايذائين،
مُنهن چڙهيو مهٽا ڏيو، جگر جلائين،
تازا ڦٽ فراق جا، چوريو چِڪائين،
نڪي هلن پاڻ ڪي، نڪي هِمٿائين،
نہ ٿيون نيائين ،اوڪيءِ ويل اَعجاز چئي.

49 - **هڪ هٿان مون هوت ويو، ٻيو سرتين ساٿ ڇِنو،**
اوڪيءِ ويل اَعجاز چئي، ڏڍ نہ تن ڏنو،

چُنيءَ پاند پنو، هاريندي آب اکين مان.

50-**هڪ هٿان مون هوت ويو، ٻيو مون چري چُون،**
هيٺيءِ سندي حال تي، رحم ڪائي نہ رُون،
ڦٽيا ڦٽ فراق جا، ڏک نہ مُئي جا ڏُون،
هتي جي اڄ هُون، تہ پَتو پَئينِ ها پريت جو.

51 - **جڏهن جاڳي سسئي، تڏهن پنهون پڇائين،**
اوڙي پاڙي اَعجاز چئي، ووڙون وِڏائين،
هَيهات هَيهات لما توعدون، جوڻون ڪُٽيائين،
پوتي هٽي پَٽ سين، ڏونگر ڏوريائين،
لَٿا وار لڪن ۾، چڪي چنائين،
چڙهي جبل چوٽئين، ساٿي سڏيائين،
رائو رڳيائين، روئي رت اکين مان.

52 - **جڏهن جاڳي سسئي، تڏهن تِل نہ هِڪ ترسي،**
هلي پنيان هوت جي، وندر ۾ ورسي،
بيسر تي برهه ۾، سا برهمڻ برسي،

سوپ ٽيس سرسي، آيس آري اَعجاز چئي.

53 - پوري شهر پنپور جا، سک سپيئي ڇڏ،
جانب ڪارڻ جندڙو، نيئي گوندر گڏ،
آجر ٿي تون اَڏ، پونگو پر پرينءَ جي.

54 - پيچ مَ پنڌ پهاڙ جا، پَئہ تون سُجهندي پَنڌ،
وَڃ وڃڻ کي وَرَ لئہ، هي نہ تنهنجو هنڌ،
سودو اي سپِنڌ، ويهي جيئن مَ وڃايين.

55 - پيچ مَ پنڌ پهاڙ جا، پار پرينءَ جي پُرُ،
عاجزي سان اَعجاز چئي، آري ڏانهن اُسر،
ڪِيم لڄائج ڪُر، ڪُٽڪي تون هن ڪوهہ ۾.

56 - پيچ مَ پنڌ پهاڙ جا، ناتو نينهن نپاءِ
سسئي سانگو ساهہ جو، لاسر ٿي تون لاهہ،
سوريءَ سر سنباهہ، تہ اوڏي ٿئين اَعجاز چئي.

57 - توڏن موڏن تاڙ، ڪنهن پر پايان پهچي،
جبل ٿيو جيڏيون، آڏو وڏي آڙ،
آئون وجي اَعجاز چئي، وجهان ڪٿ ولاڙ،
آهيان اَسُونهين اَواڙ، ڪيڏهن ڪاهي ڪاهيان.

58 - توڏن موڏن تنگ، ترت ڪشي ٿيا تڪڙا،
ٻَڏي ٻوٽ مَيَن جا، ٻُٽي چڙا چنگ،
اهڙا اٿيا اَعجاز چئي، ڪري ريبي رنگ،
آريچا اڙٻنگ، مونکي ماري هليا.

59 - توڏن موڏن مون، مادر ماري ڇڏيو،
سُري هليا سَپ، جيئن هيءَ ڇڏي هن پون،
ٻيو تان جتن جون، ٿيون جاڙون مارين جڏيءَ کي.

60-توڏن موڏن تي، منهنجي ناھ ميار،
نڪا جتن جاڙ ڪئي، نڪي جانب يار،
آيا اَعجاز اَلستئون، هن برهمڻ متي بار،
لڪئي ڪيم لاچار، ناتہ نينهن نہ لايان جيڏيون.

61 - رکيو رکيو روءِ، ھي نماڻي ھوت لاءِ،
انن اونيئڙن کي، رحم نہ رتي پوءِ،
اَسُونھين لاءِ اَعجاز چئي، ڪو آريءَ کي چوءِ،
تہ ھيءَ جَڏي ھت جوءِ، آھي تُنھن جي آسري.

62 - رکيو رکيو ريھہ، سسئي ڪري سج ۾،
لڇي پڇي لڪن ۾، لالڻ پئي نہ لِيھہ،
اوني ڏيئي ويس اَعجاز چئي، ڇھڪ اندر ۾ ڇِيھہ،
ھن پيرن جي پيھہ، ڪڏھن پوندي ڪيچن تي.

63 - رکيو رکيو ڪُوڪ، سسئي ڪري سج ۾،
چوري وڏي چيرين، سيڻن واري سلوڪ،
سڪايل جي سڪ جي، ھر ھنڌ ھُلي ھوڪ،
تہ مري ٿي ملوڪ، ٻانيڻ ٻاروچن لاءِ.

64 - رکيو رکيو روئي، ٻانيڻ ٻاروچن لاءِ،
پريو آھون انھن لاءِ، پَر ۾ سور پوئي،

آريءِ ڪاڻ اَعجاز چئي، لحم لڳن لوئي،
ويني داغ ڏوئي، اوتيو نير اکين مان.

65 - رکيو رکيو آهه، سسئي ڪري سڄ ۾،
ڪيڏانهن وڃي ڪيئن ڪري، ناهه ويچاريءِ واهه،
ڪري جيڏهن ڪاهه، سور تڏاهين سامهان.

66 - رکيو رکيو ريهاڙ، سسئي ڪري سڄ ۾،
پسي نه پير پنهونءَ جو، اٿيو ڏي اوهاڙ،
اوڪا پنڌ پهاڙ، آيس سِر اَعجاز چئي.

67 - رکيو رکيو پار، سسئي ڪري سڄ ۾،
جوٿون ڪُٽيو جوش مان، چِني لَتا وار،
وائي اها ئي وات ۾، ته موٽ مسافر يار،
بانيڻ ڪي ٻروچ ريءَ، تات نه ٻي ڪا تار،
سائين ڪارڻ سار،اچي لهه اَعجاز چئي.

68 - رکيو رکيو پارڙا، ڪيچن ڪاڻ ڪڍي،

ويچاريءَ وڏي، جتن جيءَ جڏو ڪيو.

69 - رکيو رکيو حال، ڏکي ڏونگر سان ڪري،
تہ جتن مون جڏيءَ کي، نِيو نہ سڏي نال،
ڪين رهايو ڪمينيءَ سان، ڪيچن ڪيو ڪمال،
انهي فڪر اَعجاز چئي، فنا ڪيس في الحال،
مونکي رنج ملال، هيءَ مارڻندو موت تون.

70-رکيو رکيو حالڙو، ڏکي ڏونگر سان ڪري،
هتئون جو هوت ويو، سو ڪيئن هاڻ وري،
اهي ڳالهيون اَعجاز چئي، پئي ڪري ۽ ڳري،
ڏکي ڏک پري، ڪيچي هليا ڪيچ ڏي.

71 - رکيو رکيو سڏ، ڏکي ڏونگر سان ڪري،
چُڪي ويئي چلڻ کان، هيٺا ٿي پيس هڏ،
عمر ويئي اَعجاز چئي، وڏپڻ آيم وَڏ،
هي اپري لَڏ، ڪيمِ وساريو ڪيچيا.

72 - ڪيم وساريو ڪيچيا، هيءَ نماڻي هاڻ،

اڇي ڪريو اَعجاز چئي، رائي منجهه رهاڻ،
ڪانهه اٿم ٻي ڪاڻ، جا آهيم سا اوهان جي.

73 - **ڪيم وساريو ڪيچيا، هيءَ نماڻي هت،**
الله لڳ اَعجاز چئي، منهنجي رکو پَت،
سورن ڪئي آ سچ ۾، هيڻيءَ سان هلت،
سَنيران آئون صحت، مِلو جي مونسان وري.

74 - **ڪين وساريو ڪيچيا، ڪامڻ هيءَ ڪمزور،**
اوهان ريءَ اَعجاز چئي، ڏيان ٻاهه پنيور،
گهر سر ڪريان گهور، مِلو جي مونسان وري.

75 - **ڪين وساريو ڪيچيا، هيءَ نماڻي نار،**
ساريو ساٿ سيد چئي، پئي رُئان زار و زار،
موڙي اچو مَين ڪي، هاديءَ لڳ هيڪار،
مونڏي سپ ميار، آن ڏي حرف نهه هڪڙو.

76 - **ڪين وساريو ڪيچيا، هيءَ نماڻي ناحق،**
لڪين پانيان لائق، ملو جي مون سان وري.

77 - ڪين وساريو ڪيچيا، هتي هيءَ اگهي،
سڄڻ ٿيان سَگهي، ملو جي مون سان وري.

78 - ڪين وساريو ڪيچيا، ڪهڙو ڏوهه ڪيوم،
پاڻ سجاڻي پانهنجو،نالي نال نيوم،
اوهان آسري اَعجاز چئي، پنيور پن هنيوم،
جُڳ جُڳ شال جيوم، ملو جي مون سان وري.

79 - ڏاڍي ذات جتن جي، ڏاڍو ڪين چيوم،
تہ موٽي لڳو مون ڳري، چني ڪين ڇڏيوم،
پر نہ موٽيا پوئتي، پينر پاڳ ڦٽوم،
ڪٽيءَ ڪو ڪنيوم، جو پاتم پيچ پنهونءَ سان.

80-پلي ڏير ڏنگا ٿيا، پلي نِيائونم پتار،
جو پريو قول قرار، آريءَ سان اَعجاز چئي.

81 - مونکي منهنجي ماءُ، جهلي جهلدينديءَ ڪيترو،

ڇڏ تہ وڃان ڇپرين، چاهہ مُنيء تان چاڙ،
وجهي وڏا واسطيٰ، ولهيء ڪي مَ وراڙ،
آريء ري اَعجاز چئي، جيئڻ مون نہ جڳاڙ
لُڇي لالڻ لاڙ، مُيس تان مون ڪٿيو.

82 - **مونڪي منهنجي ماء، دليئون دعا ڪريج،**
تہ هوتاڻي هيج، هر دم هوڙ هئين ۾.

83 - **مونڪي منهنجي ماء، چئج مَ وري ويهہ،**
ڇڏ تہ وڃي ڇپرين، ڇُلي ڪريان ڇيهہ،
مَر ڏي مهڻا ڏيهہ، وَر رِيء ورنديس ڪينڪي.

84 - **ٿڪيس منجهہ ٿرن، ور وسيلا واهرو،**
لڪيا انگ اَعجاز چئي، تا مون پَرٽ سين پرن،
هاڙهي ڪاڙهي حب ۾، بَڏاهين هَڏ ٻرن،
توريء لڳ تتيء جا، نپ نہ هت نرن،
اَلفِراقُ اَشَد مِنَ المَوت، تا منهنجا ڏوهہ ڏرن،
شل وصل ڏينهن ورن، وڃي وڇوڙن وچ مان.

85 - وجي ويچاري ورڙا، ڪنيو وارث لاءِ،
واڪيندي واء جان، ووڙي وندر ورڙا،
وجي وصل ورڙا، آريءِ وڏائين اَعجاز چئي.

86 - نڪو وس نہ گس ڪو، نڪو ڏس صحي،
ڪنهن پر ڪيچ ڪهي، پسان پنهونءِ چام ڪي.

87 - نڪو وس نہ گس ڪو، نڪو ڏس ملي،
ور وسيلا واهرو، تو چپر پير چلي،
اک منهنجي اَعجاز چئي، هڪ روئي بي ڪلي،
برهہ مون بِلي، ڪيچي ڪري ڪيچ ويا.

88 - نڪو وس نہ گس ڪو، نہ ڪوئي ملي ڏس،
آرياڻي اَعجاز چئي، تون نام ڏٽيءِ جي تس،
عشق جواُڪس، تو ساڙي ساهہ سرير تو.

89 - نڪو وس نہ گس ڪو، نڪو پنڌ پڇي،

نڪو سمر سُڄي، نڪو آٽت اَعجاز چئي.

90-**نڪو وس نہ گس ڪو، نڪو پڄي پنڌ،**
ڪنل ڪٽي ڪنڌ، ڪيڏهن ڪاهي ڪاهيان.

91 - **الله تنهنجي آسري، ڏوريان ٿي ڏونگر،**
قادر مون ڪمزور کي توريءِ پر نہ پر،
ائين ڪر اَعجاز چئي، جيئن واري اچان ور،
پوي ثاب سفر، منيءِ مون معزور جو.

متفرقات

1 - گڏن سان مَ گهار، تون آهين وياء واسينگن جو،
سڪٽيون ڦوڪون ڏيھ ڪي، ڏيئي ڪيم ڏيڪار،
ڪُل شيءِ يرجع اِليٰ اَصلِہِ واڳ ايڏاهين وار،
ادب سين اَعجاز چئي، پت چگّي ڪا پار،
سا ڪا آهہ أثار، جا جڳائي تنهن جي ذات ڪي.

2 - پڪي روح جسم پيجرو، راڪو مٿانئس رب،
سو پالي سو والي، سوئي ڪر پيو سپ،
سوئي ڪندو سبب، آزاديءِ جو اَعجاز چئي.

3 - درد ئي داروں ٿيا، گهرجي ٻيو نہ علاج،
اندر ڪيم آج، آهون ڇپائي اَعجاز چئي.

4 - اسين ڳوليون يار کي، يار اسان کي ڳولي،
اصل آهي اَعجاز چئي، ٻول ٻڌاسون ٻولي،
گهر سر ڇڏبو گهولي، ان لڪ لڪوٽي راند ۾.

5 - سرتين کهڙي سُڌ، منهنجي سور ڪلور جي،
جي ٿي اندر اوريان، تہ ٿيان ٿي اڌ و اڌ،
پَلي پانيم وڌ، تنهن کان ماٺ اَعجاز چئي.

6 - هتي گهر نہ داد، حاضر پنهنجي حال جو،
ابديء جو اَعجاز چئي، ٿئي نہ ائين امداد،
نفس نامراد، ڏار تہ ماڻين مراد کي.

1 - ڪُتا ڇگّو جو آئين، موٽي در ڏٽيءَ جي،
ڳڻ تہ ڏينهن ڪائين، سنپاريئي پنهنجي سائين کي.

2 - ڪُتا چڱو جو ڪيئي ور، موتي در ڏٽيءَ جي،
نڪي ڏڪ نڪي ڏر، اسين نہ آرها اَعجاز چئي.

3 - ڪُتا چڱو جو سارِيُئي، موتي در ڏٽيءَ جو،
ڪيڏا نہ وجي گهاريئي، پر گهر ڏکيا ڏينهڙا.

4 - ڪتا اوهان جي ذات، سياٽي آهہ اصل ڪان،
نِمڪ نانءِ ملهائڻ جي، ڏاتر ڏنيو ڏات،
ڪَهڙي ڪريان بات، اوهان جي اَعجاز چئي.

5 - ڪتا اوهان جو ڪمر، رهڻ بَهڻ در ڏٽيءَ جي،
چُهڙي چور چڪار جو، تا چيريو چَمر لَحمر،
بيشڪ سچو دمر، اوهان جو اَعجاز چئي.

6 - ڪتا ٻانهپ اوهان جي، ڏُر ڏٽيءِ سيباٽي،
ڪريم پاڻ قرآن ۾، ڪئي ڪهف ڪهاٽي،
مون تڏهن ڪان ياٽي، اوهان جي ذات اَعجاز چئي.

7 - سالڪ سڪ سبق ڪتي سندي ذات ڪان،
جيڪو پاليس پيار مان، ڪري تنهن حق حق،
انڌو ڪو احمق، ڇاڻي پاڻان گهٽ ڪتي کي.

8 - سالڪ سڪ لچڻ، ڪتي سندي ذات ڪان،
رُڪي سُڪي ٽڪر تي، در ڏٽيءَ جي ٻهڻ،
ڏَسي دُشمن دُرَ کي، ڪڍي ڇيچاڙون ڇڏڻ،
گُهرجي ائين رهڻ، آدمين اَعجاز چئي.

9 - سالڪ سڪ سچائي، ڪتي سندي ذات ڪان،
پنهن جي پالڻهار سان، ڪا نہ ڪري ٻيائي،
جي چتو ٿئي تہ بہ ڏٽي سڄاڻي، ڳڻ تون ڳالهہ اهائي،
اهڙي صفائي، آدمين گهرجي اَعجاز چئي.

10-سالڪ سڪ حياء، ڪتي سندي ذات ڪان،
روا ناهہ نِزاء، پنهن جي پالڻهار سان.

11 - سالڪ سک ادب، ڪتي سندي ذات کان،
آھي اعليٰ سَگ ڪَنان، تنھنجو شان نَسَب،
اچ ڪتي جيئن ڪتب، پنھنجي پالڻھار ڪي.

12 - سالڪ سک ھدايت، ڪتي سندي ذات کان،
اتم آھ اَعجاز چئي، ان جي عبادت،
جاڳَڻ بھڻ چوڪي ڏيڻ، ريت اھا رياضت،
ٿوري گھٽي ٽڪر تي، ڪري قناعت،
لوڏڻ مارڻ مالڪ جي تي، در نہ ڇڏي ساعت،
ويھڻ سمھڻ پٽ تي، فقيري عادت،
شڪوه شڪايت، مُورھئون نہ ڪري مالڪ جي.

ڪنيار

1 - جيئن آوين جا اُلان، ڪيميا ڪَن نہ ڪُنير ڪي،
تيئن مُصحف مان مُلان، مور نہ ٿيا معرفتي.

2 - جيئن آوين جا آڙاھ، ڪيميا ڪَن نہ ڪُنير ڪي،
تيئن مُصحف مَن ماھَ، مُور نہ ڪيا مُلن جا.

3 - جيئن آوين جي آڳ، ڪيميا ڪَن نہ ڪُنير ڪي،
تِيئن لاريبي لاڳ، ڪري نہ معرفتي مُلن ڪي.

4 - جي آويءَ جي اِسرار ڪان، ڪُنير ھجي آگاھ،
تہ پَنھنجي نِڪر جيئن پاڻ، پَچي ٿئي بيپرواھ،
پَر اھڙو عِشق اَٿاھ، آٽي ڪٿان اَعجاز چئي.

5 - جي آويءَ جي اِسرار ڪان، واقف ڪُنير هوءِ،
تہ پَنهنجي رَڇَن جِيئن پَاڻ، ٿئي پچي پَڪو پوءِ،
رَاڄن اَڳيان نہ روءِ، هُوندا هت ڪاڻ اَعجاز چئي.

6 - جِتي ڪَچو پَچي پَڪو ٿئي، اُتي ڪُنير ڪَچو ئي ڪَچو،
سُخن تڏهن سالڪن، هِي سُڻايو سَچو،
تہ سِڪو نينهن نِهائينءَ ڪان، بَڪڻ ڪان بَچو،
بيلي ٿِجي نہ پَچو، رِزق ڪارڻ رَاڄ جو.

7 - جَنهن پاڻ پچايو ڪينڪي، رڳو پچايا رَڇ،
ڪَندو ڪَنهن جي انت جي، سَو ڪَهڙي ڪَڇ،
جو ٿُڙ ڪي چڏيو لامُن ۾، لَڙ ڪيو ڪري لُڇ،
حَال حُلاجي حُج جاڻي، بَات سچيءَ ڪي بَڇ،
ڏاڙهي وينو ڏيهہ ڪي، ڪَڍيو دجالي ڏَڇ،
ڪَري ڦَتيل سُوَرَ جيئن هَر ڪَنهن تي هُرڇ،
نَڪا مِجازي موج وَتِس، نڪا حقيقي وِرڇ،
بِنان عِشق اَعجاز چئي، چولي پُٽون ڇَڇ،

مُڇون مُوري مُڇ، ڦُندي ڦُوسي پُڇ تي.


8 - رَڇن پڇي رنگ جَهليو، نوڪِئي نِيڪ وَڇن،
جِيئن روڪ روپيہ چانديءَ جا، تيئن ٺاڄاڪن ٺڄن،
پَر ٻيلي اُنهي پَنڌ ڪي، ٺا ٻِرت وارا پُڄن،
تَڏهن اڳِيان تَن جي، پِيا نيڻ ڪُلالي لَڄن،
سَالڪ دِل سَڄن، پڪا پُڇي هَٿ ڪيا.

9 - رَڇن پَڇي رَنگ جَهليو، پَر پَڪو ڇو نہ ڪلالُ،
پَانيان ڪِرت ڪُنيارڪي جو، ڪَهڙي ليکي ڪَمال،
نيڻن اڳِيان نِهائينءَ جو، آ ڪارڻ نينهن مِثال،
تنهن مان سَمجهي سُڄاڻ تي، هَئي نہ پَرايئين حَال،
لاشڪ ٿيڻ لال، اَوکو آھ اَعجاز چئي.

10-اَڳِي بہ ڪُلالڪِي ڏات، سَنو نہ سِڪ وَندن کي،
آهي تَو اريخن ۾، اَهڙي حوالات،
اَڄ ڪلھ جي بات، آهي نہ هي اعجاز چئي.

11 - نِڪر ٿانگر نَپٽيون، مَرڪ جنهن جو مِٽي،
تنهن ميهار جي مَهِي ۾، ڏِني مِير مِٽي،
سُهٽي ۾ ساهڙ جي، مِيثاقان تہ مِٽي،
ڪيئن پوءِ بصيرت مَٽي، اَعجاز ڪُنپارڪي اَڪ سان.

12 - نِڪر ٿانگر نَپٽيون، جَن جا چَڪراوان چڪ،
ٿَن سُهٽي ساهڙ ڪي، هنيا چور ڪُتن جيئن چَڪ،
تڏهن ڪُنپارڪا چَڪ، ڪِٿ نِلا نالوريا ڪونہ ٿيا.



ڪنگل نامون

1 - ڪانگل تون ڪارائتو، نِڪارو چَوئي ڪير،
سوپارو تون سُلڪڻو، ساھيٺو سُخير،
قاصد پانڌيءَ ڪُل جو، تون حال پائي ھر وير،
واقف ھر ڪنھن واٽ جو، تون پائين سڀ جاءِ پير،
سڻائين سنيھڙا، تازا تير بتير،
تون اندر اڇو اَعجاز چئي، تون ۾ ڦند نہ ڦير،
توسان جنھنجو وير، سو سالڪ سڏجي ڪينڪي.

2 - آءٌ ڪانگل آءٌ تون، سونھون آھين سرس،
عمر تنھنجي اَعجاز چئي، چون سَو برس،
اُڏامي وڃ عجيب ڏي، مون تي ڪر ترس،

جيئن ٿو وڄي جرس، تيئن وڄج ويڙهي عجيب جي.

3 - **آءٌ ڪانگل آءٌ تون، سانديان سيني سيئن،**
چئو ڪيئن چيئي سڄڻين، ۽ سڄڻ چيئي ڪيئن،
جيئن چيائون تيئن، اورج حال اَعجاز چئي.

4 - **گانگل ڪهي آيو، ڪري ڇهنب ڇٺيءِ،**
ڇمي رڪيم چشمين، سا ادب ساڻ وٺيءِ،
پڙهيو تنهن کي پيار سان، ڏيان مٺيءَ تي مٺي،
جو منجهيس مون ڏٺي، صحي سپرين جي.

5 - **گانگل ڪهي آيو، پارئون پرين اڄ،**
ڪونيم چويم ڪَن ۾، ته اٿي ڪر تون ڏَڄ،
سياڻي وڏي سڄ، ايندئي پرين اڱڻ تي.

6 - **گانگل ڪهي آيو، پارئون پرين هير،**
ڪونيو چويم ڪَن ۾، سُڻ تون خبر سندي خير،
سياڻي سوير،ايندئي پرين اڱڻ تي.

7 - **گانگل کهي آيو، پارئون پرين وَر،**
ڪونيو چويم ڪَن ۾، تہ سنبهي سعيو ڪَر،
سپاڻي ساجهر،ايندئي پرين اڱڻ تي.

8 - **ايندا پرين اڱڻ تي، کهڙو منهن ڪڻندياس،**
سڙئي سندن سور ۾، سجاپڻ ڪان وياس،
پچندا پرين چا ٿئي، تہ آئون چا چونديا‌س،
ائين عرض ڪندياس، تہ سڪ اوهان جي ساڙيو.

9 - **سڪ اوهان جي ساڙيو. وچڙي وَرهہ ٿيا،**
انهيءَ ڪري اَعجاز چئي، ٿي ههڙا حال ويا،
جي اوهان قول ڪيا، سي سگها نہ پاريو سپرين.

10-**ڪانگل کَهي آيو، پارئون پرينءَ پَسُ،**
ڪونيو چويم ڪَن ۾، اٿي هاڻي هَس،
صبحاڻي اَوس، ايندئي پرين اڱڻ تي.

11 - ڪانگل ڪَهي آيو، پارئون پرينءَ هُوءِ،
اچي پسيو اَعجاز چئي سرتين روبروءِ،
سا پيو سُٽائي جوءِ، جتي صَحي منهنجا سپرين.

12 - آءٌ ڪانگل آءٌ تون وج اُڏامي ڏِسُ،
ڪانهي ڪابہ اَعجاز چئي، توکان ڳُجهي ڏِسُ،
ڏِسي مُونکي ڏَسُ، تہ ڪٿي سندم سپرين.

جوڀن پيري

1 - جيئن ڪي سج سياري جو، تيئن جوڀن ڪيو جهٽ،
اُڀري لهي ويو لحظي ۾، ڪري انڌا الهٽ،
سمر سونهن سوڀيا وارو، چئن ڏينهن ۾ چٽ،
ڪارن مڏي ڪوچ ڪئي، اڇي اچڻ ڪڍيو هٽ،
اوڙي پاڙي اٿبٺت تي، وقت ڪاڏو وٽ،
شرم حياء حَذر جو، پيو ڳچيءَ ۾ ڳٽ،
نڪو پان سوپاري سونهي، نڪو پهرڻ پٽ،
نڪي نياز نئڙت وٽي، نڪو ناز نزاڪت نَٽ،
حرص اَعجاز ساڳيو اکين، پر سو ست نہ سلهٽ،
موت بنا هي مور نہ ويندو، پيريءَ وارو ڦٽ،
تنهن کان مورهن ماٺ ڪجي، ٿئي جهور نہ جوانن مَٽ،
سڀ سيوئي هلٽ، ٿيو هٿ حوالي ٻين جي.

2 - **جي اچا آيئي وارِ، سي موتي پانئج منهن ۾،**
ڏاتر سندي ڏات جي، ڪرين متان ڪُوارِ،
ڪيس لائڻ سان ڪينڪي، ٿياسي سپ سوارِ،
اها مامِ اَعجاز چئي، سمجهي ڪر سنيارِ،
ڏي اچن ڪي وارِ، وار نہ وڃائجي ڪنهن جي.

3 - **جي اچا آيئي اور ڪري، سي موتي پانئج منهن ۾،**
ڏاتر سندي ڏات ڪي، ڏِس تون ڏيان ڏري،
تہ ڪيئن ٿو رنگ وري، اچو ڪاري تي وري.

4 - **ويو جَر جوڀن جو، هٽي ڪڏهون ڪَر ڪَرون،**
پار پڌرا ٿيا، پيريءَ جا سهسين منهن ۾ سَرون،
وڪر وهايو لعل جهڙو، ڳچ ڳريو پيا ڳرون،
اُتي ويني آنڌيون، ڏَکر ۽ ڏِرُون،
رنگ سيو هو جوت حُسن سان، هاڻ رهيون رڳو ڄَرون،
انهي افعالين اَعجاز چئي، ڪٿي ڪونہ ٺَرُون،
ڪا ڪري چڱائي مرون،نہ تہ مٿو مداين ناهہ ڪو.

ڪَرهو ڪَرهو

1 - تنهنجو ڪُر نہ تپڻو، تون ڪيئن تپين ڪرها،
تو مان ڏٽي تنهنجا آهن اَرها،
سُوريا پَر سرها، قدم قريبن ڏي.

2 - تنهنجو ڪُر نہ تپڻو، تون ڪرها تپين ڪيئن،
تيئن تو هلڻ گهرجي، جَت چَوئي ٿو جيئن،
تہ هَڏ نہ توکي هيئن، پَوي رات پڌر ۾.

3 - تنهنجو ڪُر نہ تپڻو، تون ڪرها تپين ڪوهہ،
آپي ڪان اَعجاز چئي، ٿيء ڏور تہ لهئي ڏوهہ،

مَيا توکي موھہ، اجان اورئين پار جو.

4 - تنهنجو ڪُر نہ تپٽو، تون ڪرھا ڪوھہ تپين،
اجايو اَعجاز چئي، پِيو ٺهين ۽ ٺپين،
ڇيڏڪ ڇڏي ڇوٽ ٿي، ڇو ڇرڪين ۽ ڇپين،
جي هٿين جي هپين، تہ بہ نِبو توکي نانھہ ڏي.

ڪرن جون ڪوتايون

1- ڪري گر گرايون، ڪامي ٿيا ڪوتا،
آهن تيئن اَعجاز چئي، جيئن پاٽيءَ تي ڦوٽا،
ٻڙا ۽ ڇوٽا، لوڙهيا لهر عشق جي.

2 - ڪري گر گرايون، ڪامي ڪوتا ٿيا،
اسان پاڻ پرين جا پُختا پيچ پيا،
وڇوڙا ويا، پُني آس اَعجاز چئي.

3 - ڪري گر گرايون، پُڳا ڪين پليت،
اسانکي اَعجاز چئي، مليا مَن جا مِيت،
ڳاياسون وصل گيت، پُني آس اَعجاز چئي.

4 - **جِيءَ ساريو ٿي جن ڪي، سي آيم جيءَ جيار،**

اڪيون ڪاشيانہ ڪريان، بندگيون باربار،

هينئڙي جايون هزار، انهن لاءِ اَعجاز چئي.

شاھ عبداللطيف بابت خيالات

1- سَڏڙيا سَڏ ڪري، ٿيا شاعر لکين لوڪ ۾،
پر اجان شاھ لطيف جو، آھي پنڌ پري،
تنهن سان ڪونہ پري، برڪش ٿي وِڪ برھ جي.

2 - سَڏڙيا سَڏ پئي، ٿيا لکين شاعر لوڪ ۾،
پيا پوڄائن پاڻ کي ،ڇا جو ڇا ڇئي.

3 - عاشق عارف الله جو، سالڪ صوفي صاف،
لائق شاھ لطيف جو، اَعجاز ڏس انصاف،
حق پرست ٿيو حق جو، ويو ڪين خلاف،

سچ پارکُن سچ چيو، جيئن پرکي سون صراف،
آيو جتان مصحاف، اُتان آيو رسالو شاهه جو.

4 - **عاشق عارف اللهٰ جو، سالڪ صوفين سچ،**
اعليٰ مقام لطيف جو، اعليٰ نسب نچ،
آڳاهون هر ڳالهه جو، مٿ نه تِنهنجو ڪچ،
احديت جو اَعجاز چئي، ٻاجهئون ڇَٽيئين ٻچ،
پڙهي پروڙج، روحئون رسالو شاهه جو.

بيت مرشد

1 - ھڪ ڏينھن ميڪون مرشد آکيا، ھے قرب دا ڏاگا ڪچا، آکيم سچا ھين سائين سچا
تون مون والا طور طريقہ، بڑا ھوئے توڑي بچہ، آکيم سچا ھين سائين سچا،
نال نياز دي ناتا تورين، سخن اھوئے سچہ، آکيم سچا ھين سائين سچا،
حق سڃاڻ ٻاجھون آعجازا، عشق نہ ملسئي اونچا، آکيم سچا ھين سائين سچا.

2 - دلبر ميڏي دعوت ھئے، آميڏي اگڻ تےتلين- تے مين نال ملين،
موہ جواني والا ماڻين خوب سدا وت کلين -تے مين نال ملين،
مين بھي تيڏا عاشق ھان ھن دست تيڏي لک دلين -تے مين نال ملين،
پچھے واعدا ڪر ڪے نال آعجازا دي واعدي تون ناھِلين -تے مين نال ملين.

3 - پرديس ڪنون پرديسي آيا، آکيس اساڏڑا تي - آکيم جي سھڻا جي،
فخر چوڙين تان فقير ٿيوين، حال ڪرين پيا ھي - آکيم جي سھڻا جي،

سچي سڪ ڪون سدائين، پارا نه لڳي سي - آڪيم جي سهڻا جي،
پڇے پَرِ ڏتس پيالا محبت والا آڪيس ايهه اَعجازا پي - آڪيم جي سهڻا جي.

4 - پرديس ڪنون پرديسي آيا، جان جان پاتس جهاتي - چڻ مار گهتيس ڪاتي،
هڪ اقابيل اکيان ٻيا قهري ڪجل آيا پاتي - چڻ مار گهتيس ڪاتي،
چوڙ ڏتس نين ڏونهين آ چوٽ لڳے ميڏي چاتي - چڻ مار گهتيس ڪاتي،
پڇے رحم نه پيس رتي دا اَعجازا ضدي هويا ڪوئي ذاتي - چڻ مار گهتيس ڪاتي.

5 - وهوا سهڻا صورت تيڏي، مين ڏيک ڏيک پيا ٺران -تے ڳالهه ڪيهي مين ڪران،
سونهن صورت دا چيهه اٿاهين ٿيا، اڳتي وک نه پران -تے ڳالهه ڪيهي مين ڪران،
ٹور ايجهے ول ٹردا هين، قدم قدم سر ڏران - تے ڳالهه ڪيهي مين ڪران،
آکے اَعجازا لڳي عشق دي آتش دلبر تيڏي دران - تے ڳالهه ڪيهي مين ڪران.

...ختم ٿيو...